# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ
# جي شاعريءَ ۾
# اسلامي قدر



محقق
ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

# شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ
# جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر

محقق
ڊاڪٽر عبدالرحمٰن جسڪاڻي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
١٤٣١هه/2010ع

www.sindhsalamat.com

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر
محقق: ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي
نگراني: ڊاڪٽر نوازعلي شوق
ايڊيٽنگ ۽ پروف ريڊنگ: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو
پهريون ڇاپو: ١٤٣١هه/ ٢٠١٠ع
ڪمپوزنگ: عبيد ميمڻ
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: شمس جعفراڻي
سيڪريٽري ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

قيمت: =/600 رپيا

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
**ثقافت کاتو بوڪ شاپ**
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 021_99206063

**www.sindhsalamat.com**

# فهرست


پبلشر نوٽ: شمس جعفراڻي ..... 9

ٻه اکر: ڊاڪٽر نوازعلي شوق ..... 11

پيش لفظ: ڊاڪٽر عبدالرحمٰن جسڪاڻي ..... 17

**شاهه لطيف ؒ جي سوانح عمري ..... 23**

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ؒ جي ولادت با سعادت ..... 26

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ؒ جي تعليم ۽ تربيت ..... 27

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ؒ جا دوست ۽ همعصر ..... 28

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ جي عبادت ۽ رياضت ..... 29

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ جي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ..... 30

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ؒ جي زندگيءَ جو آخري ڪلام ..... 31

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ؒ جو شجرو مبارڪ ..... 32

حضور ﷺ تائين ..... 32

**تصوف جو تعارف ۽ تاريخ ..... 33**

لفظ "تصوف" جي لغوي معنيٰ ..... 34

قرآن ڪريم ۾ اُن جو ذڪر ..... 37

حضور ﷺ ۽ اُن جو لباس ..... 38

اوني لباس بابت تاريخي روايت ..... 38

اسلامي تصوف ..... 40

تصوف جو مقصد ..... 42

تصوف ۽ قرآن ..... 44

تصوف ۽ حديث جبرائيل ؑ ..... 45

احاديث نبويه، تصوف ۽ صوفيا ڪرام ..... 46

عهد رسالت ۾ صُفه وارا صوفي ..... 48




www.sindhsalamat.com

قرآن ڪريم ۾ (صوفي صفت) اصحاب صفه جي باري ۾ آيل........ 50
فرمان خداوندي........ 50
تصوف اولياء الله ۽ صوفيا ڪرام جي نظر ۾........ 52
تصوف جا روحاني عمل........ 53
تصوف جا روحاني سلسلا........ 56
اولياءَ الله جو مقام ۽ مرتبو........ 57
سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي ابتدا........ 59

**شاھ عبداللطيف ڀٽائي ۽ تصوف**........ 69
شاھ جي ڪلام ۾ تصوف جي جهلڪ........ 73
شاھ لطيف ۽ وحدت الوجود........ 78
شاھ جي ڪلام ۾ تصوف جو مقصد........ 83
شاھ جي ڪلام ۾ صوفياڻو فڪر........ 90
شاھ جي ڪلام ۾ شريعت........ 96

**شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي دور ۾ سنڌ جي حالت**........ 105
سنڌ جي سماجي حالت........ 105
سنڌ جي سياسي حالت........ 108
سنڌ جي اقتصادي حالت........ 113
سنڌ جي علمي ۽ ادبي حالت........ 117
سنڌ جي مذهبي حالت........ 121
سنڌ ۾ مذهبي تعليم........ 123
سنڌ جي مذهبي حالت جو هڪ اهم ثبوت........ 125

**سنڌ باب الاسلام**........ 131
سنڌ عرب تعلقات (قديم شهادت)........ 131
نور محمديءَ جو ظهور ۽ سنڌ........ 132
جنت جي خوشبو (هوا)........ 132
سنڌ ۾ اسلام جي آمد........ 132
فاروقي خلافت جي دور ۾ سنڌ ۽ هند تي جهاد متعلق روايت........ 133
حضرت عثمان ﷛ جي دور ۾ سنڌ تي حملو........ 134




www.sindhsalamat.com

حضرت علي ﷺ جي دور ۾ سنڌ تي ڪاهہ ........ 135
حضرت امير معاويہ جي دور ۾ سنڌ تي ڪاهہ ........ 135
سنڌ باب الاسلام ........ 136
اسلامي قدر ........ 137
صحابہ ڪرام سنڌ ۾ ........ 139
علمِ حديث ۽ سنڌ ........ 139
سنڌ ۾ اسلام جي اشاعت ۽ مدرسا ........ 141
سنڌ جي تهذيب تي اسلامي اثر ........ 145
**سنڌي ٻولي** ........ 151
سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ ........ 151
ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو ........ 151
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو ........ 152
سراج الحق ميمڻ جو نظريو ........ 153
ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو ........ 155
سنڌي ٻوليءَ تي اسلامي اثر ........ 156
سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ صورتخطي تي عربي زبان جو اثر ........ 158
**شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ جي ڪلام ۾ ذات باري تعاليٰ** ........ 163
الله جو ڪلام ........ 163
توحيد ۽ اسماءُ الحسنيٰ ........ 171
شرڪ جي نفي ........ 180
الله تعاليٰ تي ايمان ........ 186
الست وارو واعدو ........ 193
مشڪلڪشائي ڪندڙ ۽ حاجت روا ........ 195
قادر ۽ قدير ........ 201
خالق ۽ مالڪ ........ 207
رزق ڏيندڙ (رزّاق) ........ 211
رهبر ۽ رهنما ........ 216
تقدير ........ 220


www.sindhsalamat.com

مڪمل علم رکندڙ........................................................ 223
الله جي حاڪميت........................................................ 227
الله تعاليٰ جو ذڪر........................................................ 230
الله جي محبت........................................................ 237
الله قريب آهي........................................................ 247
الله جي رحمت........................................................ 250
الله جي نعمت........................................................ 253
پردي پوشي ڪندڙ........................................................ 257
شفا ڏيندڙ........................................................ 261
شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ حضور اڪرم ﷺ جي ذات............ 283
رسول الله ﷺ جي اطاعت........................................................ 283
رسول الله ﷺ جي محبت........................................................ 290
رسول الله ﷺ جي هجرت........................................................ 300
رسول الله ﷺ جو شان مبارڪ........................................................ 302
رسول الله ﷺ جو معراج........................................................ 312
رسول الله ﷺ جي شفاعت........................................................ 319
رسول الله ﷺ جا اصحاب........................................................ 323
رحمت اللعالمين........................................................ 327
خاتِمُ النبين........................................................ 330
اهلبيت........................................................ 333
شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ عبادت ۽ بندگي............ 351
الله جي عبادت ۽ بندگي........................................................ 351
پرهيزگاري (تقويٰ)........................................................ 356
نماز........................................................ 358
روزو........................................................ 362
ننڊ جي نفي ۽ تهجد........................................................ 364
توبهه........................................................ 372
حمد ۽ ثنا........................................................ 377



www.sindhsalamat.com

دُعا ........................................ 380
قرباني ۽ عشق........................................ 390
صدقو ۽ خيرات ........................................ 395
خدمتِ خلق........................................ 397
**شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار ........................................ 411**
حُسنِ خُلق........................................ 411
سچائي........................................ 414
همدردي ۽ صلہ رحمي ........................................ 417
اتحاد ۽ اتفاق........................................ 419
درگذر........................................ 421
نيڪي........................................ 423
وطن جي محبت........................................ 426
آئي جو آدرياءُ ........................................ 430
رحم ۽ ڪرم........................................ 432
ڀائيچارو........................................ 435
عاجزي ۽ انڪساري........................................ 438
جدوجهد........................................ 441
صبر ۽ شڪر ........................................ 444
قناعت ۽ ڪفايت ........................................ 448
توڪل........................................ 450
**شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ انساني معاملات........................................ 461**
حلال روزي ۽ مزدور جي عظمت........................................ 461
خودشناسي........................................ 464
چڱيءَ ۽ بُري سنگت........................................ 467
سيرت ۽ صورت ۾ فرق........................................ 470
ساموندي سفر ۽ تجارت........................................ 473
موسمي حالت........................................ 478
**شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ انساني اخلاق جي خامين جو ذڪر .. 487**



www.sindhsalamat.com

حسد ۽ ڪينو.......... 487
تڪبر.......... 489
لالچ .......... 492
ظلم .......... 495
گلا ۽ غيبت.......... 497
ڪوڙ.......... 498
ذخيري اندوزي.......... 501
گناهه.......... 503
شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷺ جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت.......... 511
دنيا جي زندگيءَ جو مقصد.......... 511
دنيا فاني.......... 514
ڪراماً ڪاتبين.......... 516
دنيا مؤمن لاءِ قيدخانو.......... 517
دنيا واري زندگيءَ جو خاتمو (موت) .......... 519
قبر .......... 524
قيامت.......... 526
حشر جو ميدان.......... 528
عملن جي تور ۽ اعمال نامون.......... 531
حشر جي ميدان ۾ عضون جي شاهدي.......... 535
بخشش ۽ مغفرت.......... 537
جنت ۽ دوزخ.......... 540



www.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

سنڌ جي ثقافت کاتي جي اها ڪوشش رهي آهي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫ جي عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ ادبي مذاڪرن ڪرڻ سان گڏوگڏ شاهہ سائينءَ جي ڪلام، پيغام ۽ فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ اديبن، عالمن ۽ محققن جو تخليقي ۽ تحقيقي مواد ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ شاهہ سائينءَ جي سوانح، ان دؤر جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي حالت، شاهہ جي رسالي جي مختلف نسخن ۽ شاهہ جي فڪري سرچشمن ۽ شاهہ جي راڳ جي موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيا ويا آهن. گذريل سال شاهہ سائينءَ جي 265 هين عرس جي موقعي تي ثقافت کاتي طرفان ڇهہ ڪتاب ڇپرايا ويا هئا، جن ۾ ارنيسٽ ٽرمپ واري رسالي جو ٻيهر ڇاپو، شاهہ سائين جي چونڊ بيتن جو عربيءَ ۾ ترجمو ۽ ناليواري محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو ترتيب ڏنل شاهہ جو رسالو شامل آهن.

هن سال عرس جي موقعي تي کاتي طرفان ڇهہ ڪتاب شايع ڪيا پيا وڃن، جيڪي سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ آهن. ”شاهہ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر“ بہ انهن ڇهن ڪتابن ۾ شامل آهي. هيءُ ڪتاب ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻيءَ جو پي. ايڇ. ڊي لاءِ لکيل مقالو آهي، جنهن کي ڊاڪٽر نواز علي شوق طرفان نظرثاني ڪرڻ بعد ڪتابي شڪل ڏني وئي آهي. هن ڪتاب ۾ شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر، روحانيت ۽ ”جي توبيت ڀانئيا، سي آيتون آهين“ واري فڪر کي قرآني آيتن ۽ حضور اڪرم ﷺ جي حديثن جي روشنيءَ ۾ پيٽي تفصيلي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. شاهہ سائينءَ جو ڪلام، هڪ اهڙي سمنڊ وانگر آهي، جنهن جو



www.sindhsalamat.com

ڪوبہ ڪنارو نظر نٿو اچي، ان مان عالمن ۽ اديبن ماڻڪ موتي ميڙي چونڊي منظر عام تي آڻيندا آهن. ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻيءَ جي هيءَ ڪوشش بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

آئون ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر ڪمال جامڙي ۽ ڊائريڪٽر ڪلچر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جو شڪر گذار آهيان، جو انهن هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سمورن مرحلن ۾ مدد ڪئي.

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت ۽ سياحت کاتو
حڪومت سنڌ



www.sindhsalamat.com

# ٻه اکر

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا سمورا سوانح نگار هن ڳالهه تي متفق آهن ته حضرت شاهه صاحب سان ٽي ڪتاب هر وقت ساڻ هوندا هئا:

1۔ قرآن مجيد، 2۔ مثنوي معنوي، 3۔ بيان العارفين (شاهه ڪريم ٻلڙي واري جي ملفوظات) جيڪي ڪتاب هر وقت ساڻ هوندا ته انهن جو مطالعو به گهڻو ڪيو ويندو. تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب قرآن پاڪ، مثنوي معنوي ۽ شاهه ڪريم جي ملفوظات جو گهرو مطالعو ڪيو هو.

الله تعاليٰ جي پاڪ ڪتاب جو وڏو مانُ ۽ مرتبو آهي. اهڙو ڪتاب جيڪو الله تعاليٰ پاران وحيءَ جي ذريعي پنهنجي پياري پيغمبر، نبين جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي نازل ٿيو. ان جي مان ۽ شان جي ڪٿ ڪري نه ٿي سگهجي. مولانا روم جي مثنوي معنوي لاءِ فارسي زبان جي عظيم شاعر مولانا جاميءَ فرمايو آهي:

مثنوي معنوي مولوي
هست قرآن در زبانِ پهلوي

يعني مثنوي معنوي پهلوي (فارسي) زبان ۾ قرآن آهي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي بابت سنڌ جي هڪ وڏي عالم ۽ شاعر عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي راءِ آهي.

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان
پڙهيائين پرت مان، باريءَ جو بيان
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو

شاهه لطيف جي رسالي تي نظر ڊوڙائڻ سان ڪيترائي اهم عنوان نظر ايندا، جن ۾ انسان دوستي، امن، ايڪو وطن دوستي، تصوف ۽ اسلام ۽ ڪي



www.sindhsalamat.com

ٻيا اڇي وچن ٿا. جيئن تہ شاهہ صاحب سان قرآن پاڪ، مثنوي معنوي ۽ بيان العارفين سدائين ساڻ هوندا هئا، جيڪي عين اسلام آهن. تنهن ڪري سندن رسالي ۾ اسلامي قدر کي اهميت حاصل آهي، اهوئي سبب آهي جو سن 1966ع ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ٻہ سو چوڏهين ورسيءَ جي موقعي تي "شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اسلامي قدر" جي عنوان تي ڀٽ شاهہ ۾ هڪ مذاڪرو ڪيو ويو جنهن ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، جناب رئيس ضياءُ الدين "بلبل"، پروفيسر محبوب علي چنہ، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر مدد علي قادري، شيخ عبدالرزاق راز، شيخ محمد ابراهيم خليل، ڊاڪٽر هاليپوٽي ۽ ڪن ٻين عالمن اديبن شريڪ ٿي پنهنجا مقالا پڙهيا. جيڪي 1967ع ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا.

ان کان پوءِ مختلف موقعن تي مختلف عالمن ۽ اديبن هن موضوع تي مضمون ۽ مقالا لکيا پر هن اهم موضوع تي اڃا وڌيڪ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت هئي.

ڊاڪٽر عبدالرحمٰن جسڪاڻي پهريون عالم آهي، جنهن هن اهم عنوان تي منهنجي نگرانيءَ ۾ Ph.D جو مقالو لکيو ۽ شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري حاصل ڪئي. هن موضوع تي هيءُ پهريون ضخيم ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران شايع ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ توحيد، رسالت، عبادت، انسانيت، دنيا ۽ آخرت ۽ اسلامي تصوف ۽ ڪن ٻين اهم عنوانن تي روشني وڌي وئي آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ آدم عليہ السلام کان وٺي، آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم تائين سڀني پيغمبرن توحيد جو درس ڏنو. اهڙي طرح انسانن جي ڪردار ۽ اخلاق کي بلند ڪرڻ جو فڪر پيش ڪيو. ساڳيءَ طرح شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جيئن الله پاڪ جي وحدانيت جو گهڻن ئي هنڌن تي ذڪر نظر ايندو تيئن انسانن جي اخلاق ۽ ڪردار کي بلند ڪري انهن جي شخصيت کي سنوارڻ جو ذڪر پڻ ملندو. جنهن جي اپٽار هن ڪتاب ۾ جابجا ملي ٿي. شاهہ جي رسالي جي شارحن شاهہ سائينءَ جي ڪلام



www.sindhsalamat.com

جي شروعات ئي هن بيت سان ڪئي آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجيءَ قدرت سين، قائم آهه قديم
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمدُ حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي

بيشڪ هن جڳ ۾ انسان جو سڀ کان مٿانهون مانُ آهي. انسان مسجود ملائڪ ۽ احسنِ تقويم جو تفسير آهي.

جيئن ته انسان ساريءَ مخلوق ۾ اهم آهي، تنهن ڪري ان کي سيني کان وڏيڪ تعليم ۽ تربيت جي ضرورت آهي. اهوئي سبب آهي جو مختلف قومن لاءِ پيغمبر موڪليا ويا، جن انهن کي سيکاريو ۽ سمجهيو. ان تعليم جو اهوئي مقصد هو ته انسان صحيح معنيٰ ۾ انسان بڻجي. آخري نبي جي اچڻ سان دين مڪمل ٿيو. ان کان پوءِ اهو ضروري ٿيو ته انسان کي گمراهيءَ واري غار مان ڪڍي، ان کي حق ۽ سچ واري روشن راهه تي وٺي اچجي. شاهه صاحب هڪ معلم بڻجي انسان ذات جي رهنمائي ڪرائي، ان تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهه جي ڪلام تي غور سان نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته هن تقريباً سمورا اسلامي قدر مختصر نموني سُر ڪلياڻ ۾ بيان ڪيا آهن، باقي ٻين سُرن ۾ وڌيڪ مثال ڏيئي انهن کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪيو آهي.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته شاهه صاحب شريعت جو پورو پابند هو، تنهن ڪري هن پنهنجي ڪلام ذريعي اسلام قدر چٽيءَ ريت بيان ڪيا. جو ته پاڻ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جا عالم هئا.

دين جو اهم جزو عقيدو آهي. جيستائين عقيدو درست نه هوندو تيستائين انسان گمراهه رهندو. ان گمراهيءَ کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته پهريائين توحيد، ان کان پوءِ رسالت جو نه فقط زبان، بلڪ دل سان اقرار ڪرڻو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهه صاحب فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

وحده لاشريڪ له، جان تو چئين ايئن
تان مڃ محمد ڪارڻي، نِرتون منجهان نينهن
تان تون وڃئو ڪيئن، نايين سِرُ ڀئن ڪي

*

وحده لاشريڪ له، جن اتوسين ايمان
تن مڃئو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نہ اولئا

توحيد ۽ رسالت جو مجموعي لوازمات سان اقرار ڪرڻ تمام اهم اسلامي قدر آهن، جن کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ اسلامي نظريي يا قدر جي نشوونما ٿيڻ ممڪن نہ آهي.

شاهہ صاحب هڪ وڏو موحد ۽ سچو عاشقِ رسول ﷺ هو. سندن ڪلام ۾ الله تعاليٰ جون صفتون ۽ ڏٺيءَ سڳوري جا بي شمار احسان بيان ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه شاه صاحب جي ڪلام ۾ عشقِ رسول ﷺ جي عنوان تي تمام گهڻا بيت موجود آهن، جيڪي اوهان کي ڊاڪٽر جسڪاڻي جي هن ڪتاب ۾ نظر ايندا.

اسلام کان اڳ عربن ۾ جيڪي بُرايون موجود هيون، تن جو ذڪر تاريخ جي ڪتابن ۾ موجود آهي. انسان جا نورن کان بہ بدتر ٿي چڪو هو. سڄو معاشرو داغدار بڻجي ويو هو. انسانيت هڪ اونداهيءَ ۾ غرق هئي. انسان، انسان جو دشمن بڻجي چڪو هو. اخلاق جا سڀ قدر ميسارجي ويا هئا ۽ هر طرف ظلم، جبر ۽ ناانصافيءَ جي بازار گرم هئي، تڏهن الله تعاليٰ انسان ذات جي رهنمائيءَ لاءِ مِٺي مُرسل ﷺ کي بشير ۽ نظير، هادي ۽ رهبر ڪري موڪليو:

خاوند خاص خلقي، محمد مُڪائين
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چٽو چايائين
انا مولاڪ وانت محبوبي، ائين اُتائين
ذِڪي ذنائين، ٻئي سرائون سيد ڪي

شاهہ صاحب انسان دوست هو. هن انسان ذات جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ



www.sindhsalamat.com

اسلامي قدر وضاحت سان بيان ڪندي، انهن تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي. مختصر طور ايئن چئجي ته شاه صاحب اهائي تعليم ڏني ته:

الله پاڪ کي وحده لاشريڪ له ڪري مڃو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي ايمان آڻيو ۽ ان جي ارشادات تي عمل ڪريو. شريعت جا جيڪي فرض، واجب ۽ سنتون آهن. انهن تي عمل ڪريو. الله پاڪ جو گهٽي کان گهڻو ذڪر ڪيو. ماڻهن سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪيو ۽ الله پاڪ جي رحمت کان نااميد نه ٿيو.

جي ڀلائي نه لهين، ته پڻ ڀلائيج
آسرمَ لاهيج، سڄڻ سباجهو گهڻو

شاهه صاحب اها به نصيحت ڪئي ته ڪوڙ ۽ ڪُچُ نه ڪمايو الله کي ياد ڪيو دل مان دغا ڪڍي، ان کي سراسر سچ ٻڌايو. جو ته مِٺي مالڪ کي سچ وڻندو آهي. نفرتن کي نهوڙي من ۾ محبتن جا مچ مچايو. اي انسان! جيڪڏهن تون ان نموني زندگي گذاريندين ته تنهنجو سودو سڦرو ٿيندو ۽ ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿيندين:

ڪُوڙ ڪماءِ م ڪچ، اتي اور الله سين
ڪڍ تون دغا دل مان، صاحب وڻي سچ
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ
اِن پر اُتي اچ، ته سودو ٿيئي سڦرو

**ڊاڪٽر نواز علي شوق**



www.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سونهاريءَ سنڌ جو سداحيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيﷺ کنهن به تعارف جو محتاج نه آهي. شاهه سائينءَ جو شمار دنيا جي انهن شاعرن ۾ ٿئي ٿو جن لاءِ ارشاد آهي ته (الشُعرَاءَ تَلاَمِيذُ الرّحمٰن) شاعر الله تعاليٰ جي شاگردي جي درجي تي فائز آهن.

شاهه سائين نه رڳو هڪ شاعر، عالم، مدبر ۽ مفڪر هو پر هڪ اهل دل ولي الله پڻ هو. سندس ڪلام فڪر ۽ فن، زبان ۽ ادب جي ڪيترن ئي خوبين سان مالامال آهي.

دنيا جي مختلف علائقن ۾ اهڙا نامور شاعر، عالم، مفڪر، مصلح ۽ ڏاها پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجي پيغام ذريعي انسان ذات کي محبت، ڀائيچاري، امن، ايڪي، سڪ، پريت، محنت، جدوجهد، ديانتداري، اعليٰ انساني ۽ اخلاقي قدرن جو پيغام ڏنو ۽ ڏاڍ، ڏهڪاءَ، ظلم، ناانصافي، ڪوڙ ڪپٽ، دغا، دوکي، مڪر ۽ فريب جي نفي ڪئي آهي.

لطيف سائينءَ انسان ذات کي اعليٰ اخلاقي قدرن جو درس ڏنو ۽ ڪين اصلي مقصد ڏانهن متوجه ڪندي محبوب حقيقيءَ جو قرب ۽ رضا حاصل ڪري ان ۾ مشاهدي ماڻڻ جي تلقين ڪئي آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷺ سنڌ جي هر هڪ موضوع کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي، سنڌي ماڻهن جي مزاج، مذهب، تهذيب ۽ ڪِرت وغيره جي عڪاسي ڪئي آهي. ڏٺو وڃي ته سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ تي اسلام جو وڏو اثر ملندو. ٻوليءَ کان وٺي اُٿڻي ويهڻيءَ تي اسلامي اثر چٽو نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷺ جي زندگي اسلامي اصولن سان پُريل ملي ٿي. هُن سان هر وقت گڏ رهڻ وارن ڪتابن منجهان قرآن شريف، مولانا روميءَ جي مثنوي ۽ بيان العارفين به ان



www.sindhsalamat.com

سلسلي جي وڏي ثابتي آهن. انهن ڪتابن جا اثر شاهہ جي ڪلام ۾ وڏي پيماني تي ملن ٿا.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫ جو ڪلام نہ رڳو سنڌ پر سڄيءَ انسانيت جي قيمتي مُوڙي آهي. سنڌ واسين ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي ڀٽائيءَ تي ناز آهي. ڀٽائي سنڌ جي عظمت جو اهو روشن مينار آهي جنهن جي روشنيءَ مان رهنديءَ دنيا تائين بيشمار انسان رهنمائي حاصل ڪري ڪاميابيءَ جون منزلون ماڻيندا رهندا.

سندس ڪلام جهر جهنگ، جهوپڙين ڪان وينديڇ ماڙين، محلن ۽ ايوانن ۾ ڳايو پڙهو ۽ سمجهيو وڃي ٿو. ڪارلائيل (Carlyle) جي قول مطابق جيڪڏهن ڪو ڪلام ڳائڻ جي لائق نہ آهي تہ اهو شعر هرگز نٿو ٿي سگهي، ڀٽائيءَ جو سچو ڪلام ان اصول تي پورو لهي ٿو.

ايران جي عارف ۽ صوفي درويش مولانا جلال الدين رومي ﷫ جي مثنويءَ متعلق مولانا جاميءَ فرمايو آهي:

مَثنوی و مُولوی و مَعنوی
هَست قُرآن دَر زبان پَهلوی

يعني مولانا جلال الدين رومي ﷫ جي مثنوي فارسي زبان ۾ قرآن آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن لطيف سائينءَ جي ڪلام متعلق بہ ائين چئجي تہ ”رِسَالَہ لَطِيفي هَست قُرآن دَر زِبان سنڌي“ تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. هُن اهڙو اعلان خود وڏي واڪي فرمايو تہ:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نِئو مَن لائين، پريان سندي پار ڏي

(سهڻي د 10/12)

ڀٽائيءَ جو ڪلام سندس ان دعويٰ تي سو سيڪڙو پورو لهي ٿو جنهن جي شاهدي سنڌ جي هڪ وڏي عالم مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ هن ريت ڏني آهي:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.



www.sindhsalamat.com

مون شاهہ سائينءَ جي ان اشاري ”جي تو بيت ڀانئيا“ ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙيءَ جي تصديق ڪي سامهون رکندي سندس ڪلام ۾ پيش ڪيل قرآني ۽ اسلامي قدرن جي سداحيات سڳنڌ وارن، نازڪ نفيس، خوشبودار گلن ڪي ميڙي چونڊي گلدستي جي صورت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر“ جي عنوان تي تحقيقي ڪم هٿ ۾ ڪنيو جنهن جو سيپ ڪان ڀهريان خاڪو مون ڪي سنڌي زبان جي استاد ۽ اديب ڊاڪٽر اياز حسين قادريءَ مرحوم ڏنو هو ان بعد مشفق ۽ مهربان اديب ۽ علم دوست استاد جناب پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي ”شوق“ صلاحڪار شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، جن هن تحقيقي ڪم جي لاءِ سرپرستي ۽ نگراني ڪرڻ قبول فرمائي. مون ان موضوع تي پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ رجسٽريشن ڪرائي، جتان مون ڪي سيپٽمبر 2008ع ۾ پي ايڇ. ڊي ڊگري ڏني وئي. منهنجو ڪيل پورهيو ڪتابي صورت ۾ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

لطيف سائينءَ جهڙي هستيءَ تي قلم کڻڻ مون جهڙي ڪم علم ۽ اڻڄاڻ جي وس جي ڳالهہ تہ ڪانہ هئي ليڪن الله تعاليٰ جي ذات تي توڪل ڪري هن عنوان تي تحقيقي ڪم جي اٿاٽ محسوس ڪندي ۽ محترم استاد شوق صاحب جي همٿ افزائيءَ سبب ڪم هٿ ۾ ڪنيو. مون بہ مصر جي ان ٻيڏڙيءَ عورت وانگر جنهن سُٽ جو ڦورو کڻي حضرت يوسف عليہ السلام جي خريدارن جي لسٽ ۾ پنهنجو نالو لکرايو هو ان وانگر شاهہ سائين ﷫ جي شاگردن ۽ عاشقن جي لسٽ ۾ پنهنجي نالي لکرائڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪا اميد تہ اگهامندي

تحقيقي ڪم جيڪو شروع ۾ تہ تمام سولو پئي لڳو سو جڏهن شاهہ سائينءَ جي بي پايان بحر مان ماڻڪ موتي ڳولڻ شروع ڪيم تہ لهرن ۽ لوڏن منجهائي وڌو. هر هڪ عنوان لاءِ بيت ان بعد آيت يا حديث جي تلاش ڪرڻ هڪ وڏو مسئلو هو ان سان گڏ نوڪري سا بہ ڪيڊٽ ڪاليج جهڙي اداري ۾ جتي نہ ڏينهن پنهنجو نہ رات پنهنجي، ليڪن ان باوجود محبت پائي مَن ۾ هي رنديا روڙيا آهن، جيڪي اميد تہ صرافن وٽ اڻ تورئا اگهائجي ويندا.



www.sindhsalamat.com

جيئن تہ تحقيقي ميدان ۾ ڪابہ ڳالهہ حرفِ آخر نہ هوندي آهي ان ڪري منهنجي هن تحقيقي ڪم ۾ منهنجي ڪم علمي ۽ اڻڄاڻائيءَ سبب ڪيترين ئي ڪوتاهيون ۽ ڪچايون رهجي ويون هونديون جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ جاري رهندي. ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪو مهربان، علم دوست رهنمائي ڪندو تہ ان جو شڪرگذار رهندس.

تحقيق دوران هر عنوان جي مناسبت سان شاهہ سائينءَ ﷫ جي ڪلام ۾ پيش ڪيل فڪر کي قرآني آيتن ۽ احاديث نبويہ ﷺ سان ڀيٽيو ويو آهي. ڪيترن ئي بيتن ۾ خود شاهہ سائينءَ ﷫ قرآني آيتون هوبهو آنديون آهن تہ ڪٿي انهن جو مفهوم بيان فرمايو آهي تہ ڪٿي وري نبي ڪريم ﷺ جون حديثون ۽ الله جي پيارن ۽ ولين جي ڪلام مان اشارا ۽ هدايتون نقل فرمايون آهن.

هن مقالي دوران شاهہ سائينءَ جي ڪلام لاءِ سنڌي زبان جي محسن، عالم، اديب ۽ شاهہ جي پارکو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ٽيهن سالن جي جاکوڙ جي نتيجي ۾ تيار ٿيل "شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام، جلد 8_9" منتخب ڪيو ويو آهي. سمورا بيت ان مان ورتل آهن.

جڏهن تہ سنڌي زبان ۾ قرآن شريف جا بيشمار ترجما موجود آهن، انهن مان مولانا تاج محمود امروٽي ﷫ جو ترجمو "رفيع الشان قرآن عظيم" منتخب ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ حديثن ۽ ٻين ڪتابن جا حوالا هر باب جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن. جڏهن تہ مهربانن جا نالا پڻ مقالي جي آخر ۾ ڏنل آهن.

آءٌ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جهڙي اهم شخصيت جي هن اهم عنوان تي تحقيقي ڪم جي توفيق عطا فرمائڻ لاءِ الله رب العزت جي ذات بابرڪات جو شڪرگذار آهيان. سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي وزير محترمہ مسئي پليجو سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي، ڊي جي محترم مونس اياز ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن ڪيل ڪم کي اوهان جي هٿن تائين پهچايو. ساڳي وقت جيجل امڙ، والد محترم جي دعائن سائين شوق صاحب، شاهہ لطيف يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر ادل سومري صاحب



www.sindhsalamat.com

جي هر موڙ تي رهنمائي، گهرواري، نياڻي ۽ فرزند توفيق الرحمان جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن ڪمپيوٽر تي مواد ڪمپوز ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي. جڏهن تہ محترم ڊاڪٽر ڪمال الدين ڄامڙي جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن پروف ريڊنگ ۽ مواد جي ڇنڊڇاڻ (ايڊيٽنگ) ڪري ڇپرائڻ ۾ ڀرپور فراخدليءَ سان رهنمائي فرمائي.

آخر ۾ دعا آهي تہ الله تعاليٰ منهنجي هن ننڍڙيءَ محنت کي قبول فرمائي. آمين

**ڊاڪٽر عبدالرحمٰن حسن بخش جسڪاڻي**



www.sindhsalamat.com

# شاهه لطيف رحمة الله عليه جي سوانح عمري

سنڌ جي سداحيات شاعر مفڪر ۽ ولي الله حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو نسبي سلسلو سيد گهراڻي سان تعلق هئڻ ڪري ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد صلي الله عليه وسلم سان ملي ٿو. سندس وڏا هرات ۾ رهندا هئا. سال 1398ع ڌاري جڏهن امير تيمور هرات تي ڪاهه ڪئي، تڏهن سيد مير علي شاهه امير تيمور وٽ حاضر ٿيو ۽ ڪيس لشڪر لاءِ مهمانيءَ طور ڪجهه رقم پيش ڪئي. سيد مير علي شاهه جي مهمانيءَ جي ان شاندار انداز کان امير تيمور تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ سيد علي شاهه ۽ سندن خاندان سان مهربانين جو سلسلو شروع ڪيائين.

امير تيمور جڏهن هندستان فتح ڪيو ان دوران ساڻس سيد علي شاهه ۽ سندس فرزند سيد حيدر به گڏ هئا. ڪجهه عرصي بعد سيد حيدر پنهنجي پيءُ سيد عليءَ کان موڪلائي، سير ۽ سفر ڪندو سنڌ جي شهر هالاڪنڊي جيڪو اصل ۾ اڳيون هالا شهر هو. ان ۾ پهتو ۽ شهر جي معتبر شخصيت شاهه محمد پٽ دريا خان وٽ مهمان ٿيو. ان دور ۾ سنڌ تي سمن جي حڪومت هئي. سمن پاران هالاڪنڊيءَ تي ميران محمد نالي هڪ حاڪم مقرر هو ان حاڪم هالن جي خاندان تي ڪنهن سبب جي ڪري ڳريءَ رقم جو ڏنڊ رکيو. هالا جا باشندا ڏنڊ جي رقم پرڻ کان قاصر هئا. اها خبر جڏهن سيد حيدر کي پئي ته هن سخاوت جو مظاهرو ڪندي ڏنڊ جي رقم پنهنجي هڙان ادا ڪري پوري هالاڪنڊيءَ جي پرڳڻي ۽ هتي جي عوام کي نجات ڏياري. سيد حيدر جي ان سخاوت ۽ همدرديءَ جي جذبي کي ڏسندي شاهه محمد هالي سيد حيدر کي پنهنجي هڪ نياڻيءَ جي رشتي ڏيڻ جي آڇ



www.sindhsalamat.com

ڪئي، جنهن کي سيد حيدر قبول فرمايو ۽ شاهہ محمد هالي جي فاطمہ نالي نياڻيءَ سان سيد حيدر جو نڪاح ٿيو. جيئن تہ سيد حيدر جي والده جو نالو بہ فاطمہ هو ان ڪري پنهنجي گهرواريءَ جو نالو متائي بيبي سلطان رکيائين. سيد حيدر کي هڪ سال کان بہ وڌيڪ عرصو هالاڪنڊيءَ ۾ پنهنجن نون مائٽن سان گذارڻ جو موقعو مليو. ليڪن ان دوران کيس سندس والد جي وفات جي خبر ملي. جنهن ڪري هرات وڃڻ جي تياري ڪيائين ۽ پنهنجي گهرواريءَ بيبي سلطان صاحبہ کي اميدواريءَ جي ڪري مائٽن ۾ ڇڏيندي کيس ٽي شيون نشانيءَ طور ڏنائين جن ۾ هڪ مُنڊي، هڪ جڙادار خنجر ۽ هڪ هرات مان آندل ٻانهي هئي. سيد حيدر بيبي صاحبہ کي اها بہ هدايت ڪئي تہ اگر پٽ ڄمي تہ سندس نالو مير علي رکجو جيڪو سندس پيءُ جو نالو هو ۽ جڏهن وڏو ٿئي تہ پوءِ کيس اهي ٽيئي سوکڙيون پهچائي ڏجو ۽ جي ڌيءَ ڄمي تہ ان جو نالو فاطمہ رکجو! جيڪو سندس ماءُ جو نالو هو.

سيد حيدر هرات وڃڻ بعد چند سالن کانپوءِ بيماريءَ سبب وفات ڪري ويو. سنڌ ۾ بيبي سلطانہ صاحبہ چند مهينن بعد پٽ ڄڻيو جنهن جو نالو مير علي رکيائين. جڏهن هيءُ نينگر نوجوانيءَ واريءَ عمر کي پهتو تڏهن سندس پيءُ جي وصيت موجب کيس مُنڊي ۽ خنجر بہ ڏنائون ۽ هراتڻ ٻانهي تہ انهن وٽ ئي رهندي هئي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ نوجوان سيد ميرعلي هراتڻ ٻانهيءَ جي صلاح سان هرات روانو ٿيو ۽ اتي پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو گهريائين جنهن تي سندس ڀائرن سيد محمد ۽ سيد حسين جيڪي سيد حيدر جي هراتڻ گهرواريءَ مان پٽ هئا انهن اصل ۽ نسل جي ثابتي گهريس، جنهن تي هن پيءُ جي مُنڊي ۽ خنجر ڏيکاريا ۽ هراتڻ ٻانهي بہ شاهد طور پيش ڪيائين، جنهن تي ڪجهہ عرصي بعد کيس پيءُ جي ملڪيت مان ڪجهہ حصو مليو ان بعد سُتت ئي سنڌ موٽي آيو.[1]

هرات مان موٽي اچڻ بعد سندن ناناڻن کيس پرڻايو. هن هالاڪنڊيءَ ۾ هڪ ٻيو نڪاح ترڪن جي قبيلي مان بہ ڪيو ڪيس ٽي پٽ احمد شرف الدين ۽ مرتضيٰ عرف پرئو ٿيا. سيد ميرعلي جڏهن اولاد وارو ٿيو تہ هالاڪنڊيءَ مان لڏي اچي پيينگهاري پرڳڻي سان لاڳو پرڳڻي جي مُتعلہ يا متعالہ يعني متهلو متهالو مٽ هالو شهر ۾ وينو. سيد صاحب ۽ سندس اڪثر اولاد نائين صديءَ



www.sindhsalamat.com

وارو گهڻو عرصو متهلي ۾ رهيا ۽ سيد علي متهلي ۾ ئي وفات ڪئي.

نائين صدي هجريءَ جي پوين ڏهاڪن ۾ جڏهن متهلي ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ ٿي تہ سجو خاندان موجوده شهر مٽياريءَ لڏي آيو جتي هو متهلوي سڏجڻ لڳا. مٽيارين وارو ماڳ اصل ۾ چانگ بلوچن جو شهر هو. جيڪو مٽ آري هو ليڪن سيد گهراڻي جي وڏندڙ اثر رسوخ سببان سندن نالي پويان متعلوي بہ سڏجڻ لڳو ۽ ساڳي وقت عوام ۾ اصل نالي مٽ آري پويان مٽياري وڌيڪ مشهور رهيو.

مٽياريءَ لڏي اچڻ کان پوءِ چاليهن پنجاهن سالن اندر سن 944هجري ۾ سيد علي جي پٽ شرف الدين جي اولاد (شرف پوٽن) جي جراڙ يا جراڙ پوٽا پاڙي مان لال محمد شاهہ عرف للي شاهہ جي گهر عبدالڪريم شاهہ جائو جيڪو پنهنجي دوريشي ۽ دينداري فڪر ۽ فهم تصوف ۽ توڪل جي ڪري مشهور ٿيو. لال محمد شاهہ وڏو عابد زاهد ۽ سهروردي طريقي جو سالڪ هو. سندس گذر سفر اڪثر لاڙ طرف ٿيندو هو ۽ وفات پڻ اتي ڪيائين ۽ سهروردي سلسلي جي بزرگ شهاب الدين قريشيءَ جي قبرستان ۾ مدفون ٿيو. هيءَ قبرستان بدين شهر کان ڏيڍ ميل کن اتر اولهہ طرف آهي ۽ عوامي زبان ۾ شاهہ بديءِ شهاب الدين جو مقام سڏجي ٿو.

جيئن لال محمد شاهہ هڪ وڏو درويش هو. سندس معتقد ۽ مريد گهڻين جاين تي هئا. جن مان ڪي بلڙيءَ واري علائقي ۾ بہ هئا. جن جي محبت ۽ عقيدي جي ڪري عبدالڪريم شاهہ پنهنجي تعليم ۽ شادي بعد مٽياريءَ مان لڏي بلڙيءَ ۾ اچي ويٺو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا آخري ڏينهن بلڙيءَ ۾ گذاريائين. سنہ 1032 هجري مطابق 1623ع ۾ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جي نالي سان مشهور ٿيو. عبدالڪريم شاهہ کي اٺ پٽ ٿيا، جن مان ڇئن کي اولاد ٿيو جيڪو وڏيو ويجهيو ۽ ڏاڏي جي نالي سندن پاڙو ڪريم پوٽا ٿيو. سندس ٽئين نمبر فرزند جلال شاهہ يا جمال شاهہ جي اولاد مان شاهہ لطيف جو والد شاهہ حبيب ٿيو.

شاهہ حبيب عبدالڪريم شاهہ جو پڙ پوٽو هو. سندس ڏاڏو جلال (جمال) شاهہ پنهنجي والد عبدالڪريم شاهہ جي وقت ۾ مٽياري ۽ هالن طرف گهڻو گذارڻ لڳو. هو هالن طرف هو تہ ڦورن ڪنهن مائيءَ جو مال ڦريو



www.sindhsalamat.com

۽ جڏهن شاھ ڦورن پويان واھر تي ويو، تڏهن ڦورن کيس شهيد ڪيو ۽ هو گولي پير جي مقام ۾ مدفون ٿيو. سندس شهادت بعد سندس ٻار ٻچا جيڪي مٽياريءَ ۾ هئا سي موٽي وڃي ٻلڙيءَ ۾ رهڻ لڳا. جلال (جمال) شاھ جو فرزند عبدالقدوس شاھ به عابد ۽ درويش ٿيو. جنهن اتي وفات ڪئي ۽ پنهنجي ڏاڏي شاھ ڪريم جي مزار جي ويجهو ڏکڻ اوير طرف دفن ٿيو. ڪيس حبيب الله شاھ (شاھ حبيب) ۽ عبدالرشد شاھ نالي ٻه فرزند به هئا، جن ٻنهي کي اولاد به ٿيو. دينداري ۽ درويشيءَ جي ورڇ شاھ حبيب کي ملي. شاھ عبدالڪريم بعد جملي ڪريم پوٽن ۾ شاھ حبيب ئي زهد ۽ عبادت فقر ۽ فضيلت جو صاحب ٿيو. سندس اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار فيض ۽ فقيريءَ جو خاص طرح سندس فرزند شاھ عبداللطيف تي وڏو اثر پيو.

ساڳي وقت ڪريم پوٽن ۾ شاھ حبيب ئي شاعر ٿيو جنهن بيت چيا، سندس شاعريءَ جو شاھ لطيف تي پڻ اثر پيو.

## شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫ جي ولادت با سعادت

عام روايتن موجب شاھ حبيب کي اولاد ڪونه ٿيندو هو. هڪ درويش هاشم شاھ کان دعا گهرايائين، جنهن چيس ته توکي پٽ ڄمندو پر سندس نالو عبداللطيف رکجانءِ. پوءِ سندس گهر پٽ ڄائو جنهن جو نالو عبداللطيف رکيائين، پر ٿوري عرصي بعد اهو ٻارڙو گذاري ويو. ساڳئي گهر مان ٻيو پٽ ڄائس، ان جو نالو به عبداللطيف رکيائين پر اهو به گذاري ويو. وري به ساڳئي گهر مان کيس ٽيون پٽ ڄائو جنهن جو وري نالو عبداللطيف رکيائين، جيڪو بچيو ۽ اهوئي شاھ عبداللطيف ڀٽائي ٿيو. شاھ حبيب کي اهي ٽيئي ٻارڙا جنهن بيبي صاحبه مان ٿيا، اها عرس فقير ڏيري جي نياڻي هئي. عرس فقير ڏيرو غوث بهاؤالدين ذڪريا ملتانيءَ جي خليفي قندر فقير ڏيري جي اولاد مان هو. شاديءَ بعد شاھ حبيب پنهنجن ساهرن جي پاڙي ۾ ئي ويٺو. جتي سندس گهر سٽي قندر واري تاريخي مقام کي بلڪل ويجهو اولهه طرف هو. اها گهرواري جاءِ روينيو رڪارڊ موجب سروي نمبر 134 ديهه



www.sindhsalamat.com

سُئي قندر جاگير تعلقي شهدادپور ۾ آهي. شاھ لطيف جي ولادت باسعادت بہ سُئي قندر واري علائقي ۾ 1102 هجري ۾ ٿي.

## شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫ جي تعليم ۽ تربيت

شاھ صاحب جي وقت ۾ مڪتبي تعليم جو دور هو جنهن موجب قرآن شريف، سنڌي ۽ ابتدائي فارسيءَ جي تعليم معياري سطح تي ڏني ويندي هئي. والدين ننڍڙي لطيف کي پاڻ کان پري ڪري فوري طورتي ڪنهن مڪتب ۾ ڪونہ ويهاريو. سندس تربيت گهر ۾ ئي ٿيندي رهي. شاھ لطيف جڏهن ڪجهہ وڏو ٿيو تہ روايتن موجب شاھ حبيب کيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ ويهاريو جيڪي وڏا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. انهن کي اهڙي تہ توجهہ سان پڙهايو جو قرآن شريف لطيف جي دل تي نقش ٿي ويو. انهن مان خاص استاد ميون نور محمد ڀٽي بہ هو جنهن پوءِ شاھ لطيف کي مڪتبي تعليم بہ ڏني. مڪتبي تعليم متعلق مختلف روايتون ملن ٿيون ليڪن شاھ حبيب پنهنجي فرزند جي تعليم لاءِ فڪرمند هو ان ڪري هن ميين نورمحمد کي سندس ڳوٺ وانئين مان گهرائي لطيف جي پڙهائيءَ لاءِ پاڻ وٽ رهايو. هن شفيق استاد پنهنجي سعادتمند شاگرد کي مڪتبي تعليم پوري ڪرائي. ان بعد وڌيڪ تعليم جو سلسلو جاري نہ رهي سگهيو پر جيئن تہ ميون نورمحمد شاھ حبيب جو محبتي ۽ معتقد هو سو اڪثر ڪري شاھ حبيب وٽ ايندو رهندو هو ۽ لطيف جيئن تہ وڌيڪ جاڻ ڏانهن مائل هو سو ساڻس ملندو رهيو ۽ ڪانئس سکندو بہ رهيو. آخر ۾ جڏهن شاھ عبداللطيف اچي ڀٽ کي وسايو تہ ميين نورمحمد کي سڏي کيس اتي پاڻ وٽ رهاياائين. اهڙيءَ طرح نوجوانيءَ واري دور ۾ توڙي پوءِ شاھ لطيف جو پنهنجي مشفق استاد سان ملڻ، وٽس ويهڻ ۽ ساڻس صحبت ڪرڻ جو سلسلو جاري رهيو. جيڪو شاھ لطيف جي علم دوستيءَ جو واضح ثبوت آهي.

شاھ لطيف جي تربيت جا سمورا مرحلا سندس والد شاھ حبيب جي نظر هيٺ مڪمل ٿيا، جيڪو عالمن عارفن جو صحبتي ۽ پنهنجي وقت جو



www.sindhsalamat.com

وڏو فيض وارو عابد ۽ زاهد هو. شاهہ حبيب جڏهن سُٺي قندر واري ڳوٺ مان لڏي اچي ڪوٽڙي مغل ۾ وينو تہ نوجوان لطيف جي ڏسڻ وائسڻ جو دائرو اتر طرفان هالن ڪان وٺي هيٺ لاڙ ۾ بلڙيءَ تائين ۽ اولهہ طرفان ڪوٽڙيءَ واري علائقي ڪان وٺي اوڀر ڏانهن پٽ ۽ گنبات تائين ۽ اتان ڏکڻ ڏانهن نصرپور تائين وسيع ٿيو.

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷺ جا دوست ۽ همعصر

شاهہ عبداللطيف پاڻ پروڙڻ ۽ پرجهڻ خاطر سنڌ جي ولين ۽ درويشن جي ماڳن مقامن تي ويو ۽ پڻ ان وقت جي ڪن سالڪن ۽ عالمن سان بہ مليو. جن مان ڪم از ڪم ٻن وڏن حال ۽ چاڻ وارن بزرگن جا نالا تصديق سان معلوم ٿيا آهن. هڪ ميون شاهہ عنايت رضوي ۽ ٻيو ميون صابر ولهاري. شاهہ عنايت الله عرف ميون شاهہ عنايت نصرپور جي رضوي ساداتن مان هو. سلوڪ ۽ طريقت ۾ هو سکر جي شاهہ خيرالدين قادريءَ جي سلسلي سان وابستہ هو ۽ پنهنجي وقت ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شاعر هو. سن 1120هہ ڪان ويندي سن 1133هجريءَ تائين ميين شاه عنايت رضوي جي وفات تائين شاهہ لطيف جون بزرگ سان رهاڻيون ٿينديون رهيون.

ميون صابر ولهاري وقت جو وڏو عالم عارف ۽ تقويٰ جو صاحب هو. هن بزرگ ولهار پرڳڻي (ٽنڊي الهيار ڪان ڏکڻ اوڀر طرف) هڪ درسگاهہ قائم ڪئي هئي، جيڪا اڳتي هلي ٽالپر اميرن جي دور ۾ وڏي اوج کي پهتي. ميون صابر قرآن شريف جي تعليم ۽ تدريس جو عالم ۽ وڏي فقيري حال وارو بزرگ هو. هن الله واري بزرگ سان بہ شاهہ لطيف جي رهاڻين جو پتو پوي ٿو. جڏهن تہ نوجوانيءَ جي دور ۾ شاهہ لطيف کي جن دوستن ساٿين سان خوش گذارڻ جو موقعو مليو اهي اڳتي هلي سندس پيارا فقير ۽ معتقد پڻ ٿيا. انهن مان اجن فقير ڏيرو ۽ سُک فقير ڏيرو ٻئي شاهہ صاحب جي حاضرات جا فقير هئا. جاني فقير ڏيرو بہ شاهہ سائينءَ جو ننڍڙي هوندي جو ساٿي هو جنهن جو پٽ عنايت پڻ ڏانهس گهڻو مائل ٿيو. شاهہ لطيف جو



www.sindhsalamat.com

سڀ کان وڏيڪ ويجهو ۽ پيارو ساٿي سندس سڳو ماسات رب رکي فقير جو پٽ محمد عالم ڏيرو هو جيڪو پٽ تي سماع ۽ ذڪر جو اڳواڻ مقرر فرمايل هو ۽ کيس "محمد عالم سچو سالم" جو لقب پڻ ڏنائون پر عام طرح هو خليفو محمد عالم ذاڪر سڏجڻ لڳو. شاهہ سائينءَ جي وفات بعد فقراء جي سڄي نظام کي بہ هن درويش سنڀاليو[3]

پٽ کي وسائڻ کان پوءِ چاليهن سالن جي عمر بعد زندگيءَ جي ٻئي دور ۾ شاهہ صاحب جون ڪيترن ئي عالمن ۽ عارفن سان صحبتون ٿيون انهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو، سيد محمد بقا لڪياري، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ ٻيا شامل آهن.

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائي﷫ جي عبادت ۽ رياضت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫ نوجوانيءَ جي عمر ۾ قدم رکڻ وارو هو تہ شاهہ حبيب سئي قندر مان لڏي اچي ڪوٽڙيءَ مغل ۾ ويٺو. شاهہ حبيب بذات خود معرفت جا راز پروڙيندڙ هڪ ڪامل ولي هو ان ڪري کيس پنهنجي سڪيلڌي فرزند شاهہ عبداللطيف جي روحاني تربيت جو وڏو فڪر هو هن شاهہ لطيف کي گهر، سير ۽ سفر ۾ هر وقت پاڻ سان گڏ رکيو. سندس اخلاق ۽ ڪردار کي اجارڻ سان گڏ نفساني خواهشن تي ضابطي آڻڻ، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جا جذبا پيدا ڪرڻ، عبادت ۽ رياضت کي اختيار ڪري معرفت واريءَ منزل ماڻڻ جو رستو پڻ ڏيکاريو.

شاهہ حبيب جي روحانيت جي اثر هيٺ شاهہ لطيف ماڻهن کان پاسيرو ٿي جهنگ ۾ ويجي، پنهنجي رب ڪريم جي عبادت ۽ رياضت جو عمل شروع ڪيو. سندس عبادت ۽ رياضت جي ماڳن مان تحقيق بعد جيڪي اهم ماڳ ۽ مڪان مليا آهن، تن مان لال لئو ڀٽ جو دڙو ۽ شاهہ جو ڪنڊو وڏيڪ مشهور آهن.

شاهہ حبيب پنهنجي فرزند کي الله وارن درويشن سان ميل ملاقات لاءِ بہ وٺي ويندو رهندو هو انهن بزرگن مان شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جا فقير ميون شاهہ عنايت ۽ هاشم شاهہ وڏيڪ مشهور آهن. هاشم شاهہ ﷫ ۽ شاهہ



www.sindhsalamat.com

لطيف لاءِ لطيف جي بوءِ اچڻ، حبيب جو پٽ اجان ٻچي راس نہ ٿيو آهي ۽ لطيف جو چراغ روشن ٿيندو جهڙيون دعائون پڻ ڪندو رهيو.

شاهہ لطيف، پنهنجي والد جي تربيت، الله وارن بزرگن ۽ درويشن جي دعائن ۽پنهنجي عبادت ۽ رياضت جي بدولت، معرفت واري منزل ماڻي منزل مقصود تي پهتو. سندس عبادت ۽ رياضت واريءَ ڪيفيت جو هڪ واقعو تمام گهڻو مشهور آهي. جنهن ۾ ڪنڌي واري ماڳ تي شاهہ لطيف ڀن ڏينهن ڪان محبوبِ حقيقيءَ جي ياد واري حالت ۾ ايترو تہ محو ٿي ويو هو جو واءُ لڳڻ سبب سندس جسم تي بہ لَٽ چڙهي وئي هئي. سندس والد شاهہ حبيب کي شاهہ لطيف جي عبادت ۽ رياضت وارن ماڳن ۽ مڪانن جي خبر هوندي هئي، سو جڏهن هن پنهنجي نور نظر کي ياد الاهيءَ ۾ لَٽ چڙهيل ڏٺو تہ محبت ڀريي انداز مان ڪيس مخاطب ٿيندي فرمايو تہ:

لَڳي لَڳي واءُ، وَيا اَنگڙا لَتجي

شاهہ حبيب جو پيار ڀريو آواز ٻڌندي ئي شاهہ لطيف ساڳئي انداز ۾ جواب ڏنو تہ:

پئي ڪٽي پَساهہ، پَسڻ ڪارڻ پِرينءَ جي.[4]

شاهہ لطيف جو اهو جواب، شاهہ حبيب لاءِ اطمينان جو باعث ثابت ٿيو. جو تہ ان جواب مان لطيف جي روحاني منزل، مرتبي ۽ عشق الاهيءَ جو پتو پئجي رهيو هو.

## شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي زندگيءَ جا آخري ڏينهن

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ پنهنجي والد شاهہ حبيب جي وفات بعد سگهوئي لڏي اچي ڀٽ تي وينو ۽ پنهنجي حياتيءَ جا پويان پساهہ اتي ئي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريائين. شاهہ صاحب جو ڀٽ تي مقيم ٿيڻ وارو آخري دور سن 1161هجري کان 1165هجري وارو دور هو. جيئن تہ سندس خاص دوست مخدوم محمد معين ٺٽويءَ سن 1161 هجريءَ ۾ شاهہ جو راڳ ٻڌندي سندس موجودگيءَ ۾ دم ڏني حوالي ڪيو تہ سندس جنازي ۾ شموليت بعد ڀٽ ڏانهن موٽندي شاهہ صاحب فرمايو تہ:



www.sindhsalamat.com

نٿي ۾ اچڻ مخدوم صاحب ڪري ئي ٿيندو ھو
ھاڻي نٿي ڏي اسان جو ھيءُ آخري سفر آھي.

شاھ صاحب ڀٽ تي آباد ٿيڻ بعد ڪنھن ٻئي سفر تي ڪونہ نڪتو ۽ اتي پراڻيءَ مسجد جي جاءِ تي نئين وڏي مسجد جوڙائڻ شروع ڪيائين. جيڪا ٻکر جي ويٺل عيدن نالي رازي سن 1162ھجري ۾ جوڙي راس ڪئي. اھا ساڳي ٽن گنبذن واري مسجد اڄا تائين موجود آھي.

ڀٽ واريءَ جامع مسجد ۾ روازنو پنجئي وقت باجماعت نماز جو انتظام ڪيو ويندو ھو. شاھ لطيف امامت ڪرڻ بجاءِ مقتديءَ جي حيثيت ۾ نماز ادا ڪندو ھو.

شاھ ڪريم بلڙيءَ واري جي طريقي موجب صبح جي نماز ۽ ٻين نمازن بعد ذڪر جون ٽي تسبيحون (الله ھو الله ۽ ھو) پابنديءَ سان پڙھيون وينديون ھيون. شاھ لطيف اڪثر روزي جي حالت ۾ رھندو ھو ۽ فرمائيندو ھو تہ حقيقي روزيدار اھو آھي، جيڪو عيد جو محتاج نہ ھجي، حقيقي عابد اھو آھي، جنھن ۾ انانيت (آءٌ) نہ ھجي ۽ مسجد بہ ماڻھن جي انھيءَ ڪري سجدي گاھ بڻي آھي جو ان ۾ خودنمائي ڪانھي ۽ پاڻ پنيري تي ٻين جو منھن ڪعبي ڏانھن ڪيو اٿس.

ڀٽ تي مقيم ٿيڻ بعد شاھ لطيف ھر جمعي جي رات باقاعدگيءَ سان راڳ جو سلسلو بہ شروع ڪرايو جنھن ۾ راڳائي فقير وڏي سوز سان شاھ جا بيت ۽ وايون ڳائيندا ھئا ۽ سيد تقي فقير، ھاشم فقير ۽ ٻيا سندن اڳواڻيءَ ۾ راڳ ڪندا ھئا.

## شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷬ جي زندگيءَ جو آخري ڪلام

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عشق ۽ عرفان ڪائنات جي خالق جي وحدانيت تائين تہ اڳ ۾ ئي پھتل ھو. ليڪن ھاڻي شاھ پنھنجي محبوب حقيقيءَ جي وصال ڪان سواءِ ھن دنيا جي عارضي زندگيءَ واري وجود کي بي سود سمجھندي، ان حقيقت جو اظھار پنھنجي زندگيءَ جي آخري ڪلام سُر سھڻي جي وائيءَ ۾ ھن ريت فرمايو آھي:



www.sindhsalamat.com

ڪهڙي منجهہ حساب، هئڻ منهنجو هوت ريا
ڳولي ڀڄ ڳناھ ڪان، ڪونهي سَول ثواب.

اهڙيءَ طرح سنڌ ڌرتيءَ جو هيءُ روشن مينار، ولين ۾ شاعرن جو سرتاج ڀلارو ڀٽ ڌڻي، چوڏهين صفر سن 1165هجريءَ ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي هوت سان وڃي مليو. ڪين سنڌن استاد ميين نورمحمد ڀٽيءَ جي فرزند ميين ولي محمد غسل ڏنو ۽ جنازي نماز بعد سنڌن وصيت موجب مقرر جاءِ تي دفن ڪيو ويو.[5]

## حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ جو شجرو مبارڪ
## حضور ﷺ تائين

شاھ حبيب۔ سيد عبدالقدوس۔ سيد جمال۔ شاھ ڪريم۔ سيد لعل محمد۔ سيد عبدالمؤمن۔ سيد هاشم۔ سيد حاجي۔ سيد جلال۔ سيد حاجي شرف الدين۔ سيد مير علي شاھ۔ سيد حيدر سيد علي۔ سيد محمد شاھ۔ سيد حسين۔ سيد علي۔ سيد يوسف — سيد حسين۔ سيد ابراهيم شاھ سيد علي جواري۔ سيد حسين الاڪبري۔ سيد جعفر عراقي۔ امام موسيٰ ڪاظم۔ امام جعفر صادق۔ امام محمد باقر۔ امام زين العابدين۔ امام حسن۔ حضرت علي ڪرم الله وجهہ۔ ابوطالب۔ عبدالمطلب۔ هاشم۔ عبدالله۔ حضرت محمد ﷺ

### حوالا

(1) احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي۔ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ۔ صفحو 12 شاھ لطيف ثقافتي مرڪز 1987ع

(2) شاھ عبداللطيف جي سوانح۔ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحو 11 مهراڻ اڪيڊمي سن 1990ع

(3) شاھ جو رسالو۔ شاھ جو ڪلام۔ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ مقدمو سوانح حيات صفحو 9 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(4) شاھ جو رسالو ۔مقدمو سوانح حيات۔ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ صفحو 11 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(5) احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي۔ مرزا قليچ بيگ۔ صفحو 177 شاھ لطيف ثقافتي مرڪز 1987ع



www.sindhsalamat.com

# تصوف جو تعارف ۽ تاريخ

تصوف جو لفظ عربي زبان جي لفظ "صوف" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ اُن آهي، انهيءَ نسبت سان جيڪو پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري جنهن جي ذات، اخلاق، ڪردار ۽ اعمال ۾ اُن وانگر نرمي، عاجزي، انڪساري ۽ پاڪيزگي هجي اهو صوفي تي سگهي ٿو.

صوفي لفظ جي اشتقاق جون ڪيتريون ئي سمجهاڻيون ڏنل آهن، ڪن جو رايو آهي تہ اهو يوناني زبان جي لفظ "سُوفاس" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ سچائپ آهي ۽ صوفي پنهنجو پاڻ سچائڻ جي ڪوشش پڻ ڪندو آهي. ڪن جو خيال آهي صَفا صفائي مان ورتل آهي.

جڏهن تہ لفظ "صفہ" صوفيءَ جي مبدا اشتقاق پڻ آهي، ان نسبت سان "اَصحاب صُفہ" صحابہ ڪرام جي ان جماعت کي چيو ويندو آهي جيڪي دنيا کي ترڪ ڪري مسجد نبويءَ ۾ هڪ چبوتري "صفہ" تي اچي ويهي رهيا هئا. اهي صحابي سڳورا عاجزي، انڪساري ۽ پاڪيزگيءَ ۾ متاهين درجي تي فائز هئا. جيڪي نہ رڳو هر وقت الله تعاليٰ جي در تي ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول رهندا هئا بلڪ نبي ڪريم ﷺ جن جي صحبت مان پنهنجو ظاهر ۽ باطن بہ اُجاريندا رهندا هئا.

اڪثر محقق ۽ ماهر ان خيال جا حامي آهن تہ صوفي لفظ صوف مان ئي نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اُن يا پَشم آهي. فارسي زبان ۾ صوفي کي "پشمينہ پوش" يعني اوني لباس پهريندڙ سڏيندا آهن ۽ ان دور ۾ اوني لباس پهرڻ کي سادگيءَ، عاجزي ۽ انڪساريءَ جي علامت تصور ڪيو ويندو هو.[1]

تصوف ۽ صوفيءَ جي باري ۾ صوفياءِ ڪرام پنهنجن پنهنجن خيالن جو اظهار هن ريت فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

محمد بن علي القصاب فرمايو تہ:

تصوف اهڙي ڪريمانہ اخلاق جو نالو آهي، جيڪو ڪريم (مبارڪ) زماني ۾ ڪريم شخص کان شريف ماڻهن جي سامهون ظاهر ٿئي.

حضرت رويم ﷫ کان روايت آهي تہ:

تصوف اهو آهي تہ پنهنجي نفس کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏجي، پوءِ الله جي مرضي ان سان جيڪو بہ سلوڪ ڪري.

حضرت ذوالنون مصريءَ کان صوفيءَ جي باري ۾ سوال ڪيو ويو تہ جواب ڏيندي فرمايائين تہ:

صوفي اهو آهي جنهن کي جستجو ٿڪائي نہ سگهي ۽ هو محروميت سبب ڪڏهن بي چين بہ نہ ٿئي ۽ انهن صوفين الله کي هر شيءِ تي ترجيح ڏني آهي.

حضرت جنيد بغدادي ﷫ فرمايو تہ:

صوفي الله جي مخلوق ۾ خاص ٻانها هوندا آهن، جن کي الله جڏهن چاهيندو آهي تہ ظاهر يا مخفي رکندو آهي.[2]

## لفظ "تصوف" جي لغوي معنيٰ

لسانيات جي ماهرن پاران صوف لفظ جي لغوي معنيٰ متعلق جيڪي حوالا ڏنل آهن، انهن مان چند هن ريت آهن.

(1) لغت المنجد:

- صُوف= اُن
- اَلصوفيہ= عبادتگذارن جي جماعت.
- الصوفي= جيڪو پاڻ کي فنا في الله ڪري.
- تصوف= صوفين جهڙا اخلاق اختيار ڪرڻ.



www.sindhsalamat.com

- الصوفان= اهڙي ڪاٺي جنهن کي باهه جلد لڳندي آهي.[3]

(2) پروفيسر معن. ز. عربي. انگريزي لغت:

صُوفي (واحد) آصواف (جمع) صوفي (Wool)

صُوفي (Woolen, Islamic Mystic, Sufi)

صُوفيہ (Sufi Way of life)

اَلصُوفيہ (Islamic Mysticism, Sufism)

صوفان صوفانہ (Tinder, touch Wood,)

صَوّاف (Wool Merchant,)

تصوف (To become a Sufi)

التصوف (Sufism, Sufi way of life)[4]

جڏهن تہ يوناني زبان ۾ سُوف حڪمت کي بہ چئبو آهي ۽ ان مان فليسوف يعني حڪمت جو عاشق لفظ نڪتو. يونان ۾ هيءُ سلسلو طبيب رازيءَ کان ابن سينا تائين هلندو رهيو. ليڪن حق وارن صوفين کي ان فلسفياڻي تصوف سان اختلاف رهيو آهي. فلسفياڻي تصوف جي باري ۾ علامہ سيد سليمان ندويءَ جي راءِ آهي تہ:

”فلسفياڻي تصوف جو مقصد الاهيات متعلق حڪيمانہ خيال رکي فلاسفر وانگر خشڪ زندگي اختيار ڪري انهن جي اخلاقي تعليم تي عمل ڪرڻ آهي. هن فلسفياڻي تصوف جو تعلق يونان جي اشراقي ۽ اسڪندريہ جي افلاطوني سلسلي سان هو“ (تصوف اور شيخين ص 96)

علامہ ابن تيميہ ﷫ يوناني فلسفي جي باري ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي تہ اهو فلسفو ابن سينا پيدا ڪيو هو جيڪو مختلف خيالن جو مجموعو هو ۽ سندن مذهب جو تعلق اخوان الصفا وارن سان هو. هڪ ٻئي هنڌ علامہ ابن تيميہ فلسفياڻي تصوف جي باري ۾ لکيو تہ انهن تصوف جي باري ۾ مسلمانن جي طريقي تي نہ بلڪ فلسفياڻي طريقي تي گفتگو ڪئي آهي.

يوناني فلسفي جي باري ۾ حاجي خليفہ ”ڪشف الظنون“ ۾ لکيو آهي تہ:

”الاهيات جي سلسلي ۾ اشراقي اصطلاح رائج هو ليڪن فرق صرف اهو هيو تہ اشراقيہ جو مذهب دينِ اسلام جي خلاف هو.“[5]



www.sindhsalamat.com

اڳتي هلي اسان کي هڪ ٻي روايت ملي ٿي جنهن ۾ اهو بيان ڪيل آهي تہ اُهي صوفي پيغمبر ﷺ جي پيرويءَ کي ضروري نہ سمجهندا هئا. مدارج السالڪين ۾ حافظ ابن قيم رحمة الله عليه کان روايت آهي تہ:

”مُلاحده ۽ زنادقہ صوفيہ اهي آهن، جيڪي پيغمبر ﷺ جي پيرويءَ کي پنهنجي طريقي ۾ ضروري نہ سمجهندا آهن.“ (مدارج السالڪين ص 98)

فلسفي ۾ ڪيترائي فڪر شامل ٿي ويا هئا. ليڪن اسلامي فڪر کي ڪابہ جاءِ نہ ڏني وئي هئي، جڏهن تہ حقيقت ۾ تصوف جون پاڙون دينِ اسلام يعني قرآن، نبي ڪريم ﷺ جي سنت ۽ سيرت ۾ کُتل آهن. حضرت سيد علي بن عثمان الهجويري جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

”صحابہ ڪرام ۽ سلف الصالحين جي دور ۾ (تصوف) جو نالو موجود نہ هو ليڪن ان جي حقيقت هر (مومن) جي دل ۾ موجزن هئي“

ان ئي سلسلي ۾ پروفيسر نڪلسن ابوالحسن الفوشنجيءَ جو هڪ قول نقل ڪندي لکيو آهي تہ:

اڄڪلهہ تصوف جو صرف نالو رهجي ويو آهي، ليڪن حقيقت ۾ تصوف موجود نہ آهي، ليڪن گذريل دور ۾ تصوف حقيقت ۾ موجود هيو ليڪن ان جو نالو موجود نہ هيو.[6]

يعني دين اسلام جي ابتدائي دور ۾ ئي ايمان وارن جي دلين ۾ روحاني رجحان ايتريقدر تہ موجود هو جو انهن پنهنجون زندگيون، جان، مال، آل، اولاد سڀ اسلام ۽ قُربِ الاهي حاصل ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون.

بارگاهہ الاهيءَ مان (فَفِرو الي الله)[7] بس پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙو (وَاسْجُدُوْا اقْتَرِبْ)[8] بارگاهہ ايزدي ۾ سجدا ڪريو يعني نماز پڙهو ۽ قرب خداوندي حاصل ڪريو. (وَسبحهُ لَيلاً طَوِيْلاً) ۽ رات جي وڏي حصي ۾ (الله) جي تسبيح حمد ۽ ثنا ڪندا رهو[9] ۽ (وَاذْ کُرِسْمَ رَبِكَ وَتَبَتَّلِ اِلَيهِ تَبْتِيْلاً) ۽ پنهنجي پرودگار جو نالو (ذڪر) ڪندا رهو سيني کان پاسيرو ٿي ڪري[10] جهڙن



www.sindhsalamat.com

قرآني حڪمن ايمان وارن ۾ روحانيت جي منزل ماڻڻ لاءِ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو. ان دور ۾ مسلمانن جي جماعت ۾ انتهائي جدوجهد جو مقصد خالصتاً صوفياڻي مسلڪ وارا اعمال هئا. ليڪن ان دور ۾ تصوف جو نالو نه هو. پر اصحاب صفه نالي هڪ جماعت موجود هئي، جيڪي هر وقت عبادت ۽ رياضت ۾ مصروف رهندا هئا.

اسلامي تاريخ ۾ مخلوق کان پاسيرو ٿي ڪري غور ۽ فڪر يا الله رب العزت جي ذڪر جهڙي صوفيانه عمل ڪندڙ هستيءَ جي ڳولا ڪبي ته اسان کي سيني کان بابرڪت ۽ پلارو نالو حضرت محمد بن عبدالله جو ملي ٿو جيڪو مڪي کان ٻاهر ٽن ميلن جي مفاصلي تي جَبل حِرا جنهن جو موجوده نالو جبَل نُور آهي، ان غارِ حرا ۾ وڃي الله رب العزت جي ذڪر ۽ فڪر بعد نبي ڪريم ﷺ جي ذات گراميءَ تي بارگاهه الاهيءَ مان آخري الهامي ڪتاب قرآن مجيد، فرقان حميد جي نازل ٿيڻ جو مبارڪ سلسلو حضرت جبرائيل ؑ معرفت سورت علق جي ابتدائي آيتن اِقْرَءْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِیْ خَلَقَ--- سان شروع ٿيو.

هن تاريخي حقيقت مان ثابت ٿيو ته تصوف جو بنياد توحيد ۽ رسول الله جي سنت، سيرت ۽ ڪتاب الله تي آهي. صوفياء ڪرام حضور ۽ سندن صحابن سڳورن حضرت ابوبڪر (رضي الله عنه)، حضرت عمر (رضي الله عنه)، حضرت عثمان (رضي الله عنه)، ۽ حضرت علي رضي الله عنه ۽ انهن کان سواءِ ٻين اهم صحابين کي پنهنجو روحاني رهبر مڃيندا آهن.

## قرآن ڪريم ۾ اُن جو ذڪر

قرآن ڪريم ۾ به صُوف (اُن) جو ذڪر فرمايل آهي. جنهن ۾ الله رب العزت پاران جانورن جي نعمت ۽ انهن مان حاصل ٿيندڙ سهولتن ۽ شين کي هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

وَمِنْ اَصْوَافِهَا وَاَوْبَارِهَا وَاَشْعَارِهَا اَثَاثًا وَّمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٨٠﴾ [11]

ترجمو: ۽ سندين اُنن ۽ سندين مَسلن ۽ سندين ڏاسن مان (گهر جو



www.sindhsalamat.com

اسباب ۽ فائدي جو سامان بڻايو ٿا (جو ڪجھ) مدت تائين (ڪم ڏئي ٿو) هتي جانورن جي ان مان لباس ۽ ٻين شين ڏانهن اشارو ڏنل آهي.

## حضور ﷺ ۽ اُن جو لباس

حديث جي ڪتابن مان اسان کي حضور ﷺ جن جي لباس مبارڪ متعلق جيڪي روايتون مليون آهن، انهن ۾ اوني لباس استعمال ڪرڻ جو ذڪر بہ موجود آهي:

حَدَثَنَا يَحْيٰ بِنْ عُثْمَان بِنْ سَعِيْد ابن كَثِيْرِبن دِيْنار۔ عَنْ اَنسٍ قَالَ لَبِسَ رَسول الله ﷺ الصُوف وَاحْتَذِی الْمَخْصُوْف وَلَبِس ثَوباً خِشْنَا خِشْنَا (12)

ترجمو: حضرت انس ؓ بيان فرمايو آهي تہ حضور ﷺ اوني لباس پھريندا هئا. ڦاٽل جُتي خود سبندا هئا ۽ ٿلهي ۾ ٿلهو (لباس) ڪپڙو پائيندا هئا.

## اوني لباس بابت تاريخي روايت

اوني لباس پهرڻ جي باري ۾ اسان کي مشهور تاريخدان ابن خلدون کان هڪ روايت ملي ٿي. هو لکي ٿو تہ:

”اسلام جي شروعات ۾ اوني پوشاڪ سادگيءَ جي نشاني هئي، بني اميہ خليفن جي ڏينهن ۾ جڏهن عيش ۽ عشرت وڌي ويو تڏهن سچن مؤمنن دنيوي ڳالهين کان ڪراهت ڏيکارڻ لاءِ اها سادي پوشاڪ اختيار ڪئي.“

تصوف متعلق عربيءَ يوناني ۽ ايراني مفڪرن ۽ عالمن جي راءِ ۾ اتفاق نہ بہ هجي، ليڪن تمام مفڪر ان ڳالھ تي متفق آهن تہ صوفي اهو شخص ٿي سگهي ٿو جيڪو دنيا کان پاسيرو ٿي پنهنجو پاڻ فنا ڪري عبادت ۽ رياضت. غور ۽ فڪر ۾ مصروف رهي پنهنجي پاڻ سڃاڻڻ ۽ اندر اجارڻ جي عمل ۾ مصروف هجي. ساڳي وقت اهو انسانيت لاءِ هدايت ۽



www.sindhsalamat.com

خيرخواهيءَ جو ذريعو به ٿي سگهي ٿو.

تصوف جي تاريخ تي غور ڪبو ته اها خبر پوي ٿي ته تصوف جي ابتدا هن ڪائنات جي پهرين انسان حضرت آدم ﷺ سان ٿي، جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجو خليفو بنائي تمام نالا سيکاريا ۽ ملائڪن کي سندس سامهون جهڪائي محترم بنايو. ان بعد حضرت آدم ﷺ کان هڪ خطا سرزد ٿي جنهن تي ڪيترائي سال عاجزي ۽ انڪساريءَ سان روئيندو ۽ توبه زاري ڪندو رهيو. آخرڪار بارگاهِ الاهيءَ ۾ سندس توبه قبول ٿي، اهڙيءَ طرح گناهن ۽ خطائن تي عاجزيءَ سان ندامت ڪري اندر اُجارڻ حضرت آدم ﷺ جي سنت آهي. حضرت آدم ﷺ پاران خطا سرزد ٿيڻ تي بارگاهہ الاهيءَ ۾ جيڪا دعا گهري وئي ان دعا کي الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن ڪريم ۾ قيامت تائين محفوظ فرمائي ڇڏيو. اها دعا هن ريت آهي:

رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۫ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْلَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ (13)

ترجمو: چيائون ته اي اسان جا پالڻهار اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن (تون) اسان کي نه بخشيندين ۽ اسان تي ٻاجهه نه ڪندين ته ضرور ڇيئي وارن مان ٿينداسين.

هن دعا ۾ آدم ﷺ جي اولاد لاءِ گناهن ۽ خطائن تي ندامت، اعتراف ۽ بخشش لاءِ هڪ سبق سمايل آهي. ڇو ته ندامت ۽ خطائن جي اعتراف سان انسان الله جي رحمت جو حقدار ٿي سگهي ٿو. ساڳي وقت گناهن ۽ خطائن تي توبهه ڪرائي بيعت وٺڻ بنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ جي سنت آهي.

تصوف جي تعارف جي باري ۾ اسان کي هڪ روايت وڏيڪ وضاحت سان ملي ٿي جيڪا هن ريت آهي:

هُوَعِلْمٍ تَعْرِبِهٖ اَحْوَالِ تَزْكِيَةِ النُّفُوْسِ وَتَصْفِيَةِ الْاَخْلَاقِ وَتَعْمِيْرُ الْبَاطِنْ وَالظَّاهِرِلِنَيْلِ السَّعَادتِ الْاَبَدِيَةِ وَيَحْصِلُ بِهٖ اِصْلَاحُ النَّفس وَالْمَعْرِفَتهٖ وَرِضَاءَ الرَّبِّ وَمَوْضُوْعَةِ التَزْكِيَةِ وَالتَّصفِيَةِ وَالتَعْمِيْرِ الْمَذْكُوْرَاتِ وَغَايَةُ نِيْلِ السَّعَادَتُه الْاَبَدِيَةِ۔ (14)

ترجمو: تصوف اهو علم آهي جنهن سان نفس جي پاڪيزگي اخلاقي صفات ظاهر ۽ باطن جي ڪيفيت کي سجاڻي سگهجي ٿو. تصوف ذريعي سعادت ۽ فضيلت حاصل ٿيڻ سان گڏ نفس جي اصلاح الله تعاليٰ جي رضا قرب ۽ معرفت پڻ نصيب ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com

# اسلامي تصوف

اسلامي تصوف مان مراد دين اسلام ۾ تصوف جو اثر ۽ ان جي اهميت آهي. جيئن تہ قرآن ڪريم ۽ رسول الله ﷺ جي سنت ۽ سيرت مبارڪ کي دينِ اسلام جي بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي، ان ڪري هن باب ۾ اسان قرآن ڪريم ۽ رسول الله ﷺ جي سنت ۽ سيرت مبارڪ جي روشنيءَ ۾ تصوف متعلق چند حوالا پيش ڪنداسين. جن مان اسان کي دين اسلام ۾ تصوف جي اثر ۽ ان جي اهميت جو اندازو ٿي سگهندو.

قرآن ڪريم ۾ تصوف لاءِ جيڪو اصطلاح استعمال ٿيو آهي. اهو نفس جي پاڪيزگي احسان ۽ الله جو خوف آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ پاران قرآن ڪريم ۾ نبي ڪريم ﷺ کي نبوت جي منصب عطا ڪرڻ جا جيڪي بہ اهم مقصد بيان فرمايا ويا آهن. انهن ۾ تعليم ۽ تربيت سان گڏ نفس جي پاڪيزگي (تزڪيہ نفس) بہ شامل آهي. ان سلسلي ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد رباني آهي تہ:

هُوَ الَّذِىْ بَعَثَ فِى الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿۲﴾ (15)

ترجمو: (الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هئا.

قرآن ڪريم جي هن مبارڪ آيت مان نبوت جو جيڪو ظاهر پهلو معلوم ٿيو آهي، اهو آيتن جي تلاوت تعليم ۽ تربيت آهي، جڏهن تہ باطني پهلوءَ جو تعلق نفس جي پاڪيزگيءَ سان آهي ۽ نفس جي پاڪيزگيءَ ۾ ئي تصوف جو راز سمايل آهي.

نبوت جي ظاهري پهلن تلاوت، تعليم ۽ تربيت مان جن فيض حاصل ڪيو اهي مفسر، محدث ۽ مبلغ بنجي ويا ۽ جن باطني پهلو نفس جي پاڪيزگي مان اندر اجاريو اهي ابدال، قطب، غوث، ولي ۽ صوفي باصفا ٿي ويا.

اهڙيءَ طرح تصوف جي عقيدي موجب انهن منصبن تي فائز ٿيڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com

الله جي ڪتاب ۽ رسول الله ﷺ جي سنت ۽ شريعت جو عالم ۽ عامل هجڻ ضروري آهي. اهو ان ڪري جو الله تبارڪ وتعاليٰ سان محبت ۽ تعلق لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي سنت جي پيروي بنيادي شرط قرار ڏنل آهي. ان سلسلي ۾ ارشاد مبارڪ آهي ته:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾ (16)

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو ته اوهين الله کي دوست رکندا آهيو ته منهنجي تابعداري ڪريو ته الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهه اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

هن قرآني اعلان مان ثابت ٿيو ته تصوف جو اصل سرمايو الله تعاليٰ جي محبت ۽ الله جي رسول الله ﷺ جي سنت ۽ شريعت آهي.

ساڳي وقت اها ڳالهه به ثابت ٿئي ٿي ته تصوف کي دين ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. ان سلسلي ۾ شاهه ولي الله محدث دهلويءَ هن ريت وضاحت فرمائي آهي:

وَقَدْ تَكَفَّلَ بِفَنِّ الْاَوَّلِ اَهْلَ الْاَصُوْلِ مِنَ الْعُلَمَاءِ الْاُمَّةِ وَقَدْ تَكَفَّلَ بِفَنِّ الثَّانِيْ فُقَهَاءُ الْاُمَّةِ فَهَدَى اللّٰهُ بِهِمَا اَكْثَرِيْنَ وَقَدْ تَكَفَّلَ بِفَنِّ الثَّالِثُ الصُّوْفِيَةُ رِضْوَانَ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ (17)

ترجمو: عقائد جي فن جا ڪفيل امت جا عالم سڳورا هوندا آهن، امت جي عملن جي درستگيءَ جا ذميدار فقهاءَ هوندا آهن ۽ خلوص ۽ احسان جا نگهبان صوفيا ڪرام هوندا آهن.

شاهه ولي الله موجب تصوف کان سواءِ دين مڪمل ٿي نٿو ٿي سگهي جو ته خلوص ۽ احسان دين جا اهم شعبا آهن. اڳتي هلي هڪ ٻئي هنڌ شاهه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه تصوف کي دين ۾ "روح في الجَسد" قرار ڏيندي فرمايو آهي ته:

وَالَّذِیْ نَفْسِیْ بِيَدِهٖ هٰذِهِ الثَّالِثُ اِدُقَّ الْمَقَاصِدُ الشَّرِيْعَةَ مَاخَذًا وَاعِمَقُهَا مُهْتَدَ وَهُوَ بِالنِّسْبَهِ سَائِرِ الشَّرَائِعِ بِمَنْزِلَةِ الرُّوْحِ مِنَ الْجَسَدِ وَبِمَنْزِلَةَ الْمَعْنِیْ مِنَ اللَّفْظُ (18)

ترجمو: قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي ته ٽيون فن تصوف شريعت جي ماخذ جي لحاظ کان تمام باريڪ ۽ گهرو آهي ۽ شريعت (دين) لاءِ ان جي اها حيثيت آهي جيڪا جسم لاءِ روح جي آهي ۽ لفظ لاءِ معنيٰ جي حيثيت آهي. يعني جهڙيءَ طرح جسم لاءِ روح ضروري آهي اهڙيءَ طرح دين لاءِ تصوف به ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com

## تصوف جو مقصد

دين اسلام ۾ تصوف جو مقصد نفس جي پاڪيزگي بيان ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي اها پاڪيزگي يعني (تزڪيہ نفس) حاصل ٿي تہ اهو ڪامياب ٿي ويو:

قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ تَزَكّٰىۙ (19)

ترجمو: بيشڪ اهو ڇٽو (ڪامياب ٿيو) جيڪو سڌريو (نفس کي پاڪ ڪيائين.)

قرآن ڪريم ۾ هڪ ٻي آيت ۾ وڌيڪ وضاحت سان اعلان فرمايو ويو تہ نفس کي پاڪ رکندڙ ڪامياب ۽ نفس کي خواهشن ۽ گناهن ۾ غرق ڪندڙ ناڪام ٿيو:

قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَكّٰٮهَا ۙ‏ وَقَدۡ خَابَ مَنۡ دَسّٰٮهَا ؕ (20)

ترجمو: جنهن (نفس) کي بدڪاريءَ کان پاڪ ڪيو سو بيشڪ ڇٽو ۽ جنهن ان کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو سو بيشڪ ٽوٽي وارو ٿيو.

يعني ڪاميابيءَ جو دارومدار نفس جي پاڪيزگيءَ تي آهي ۽ اهوئي تصوف جو مقصد آهي تہ انسان پنهنجي اندر کي اُجاري ۽ صاف سترو رکي ان ڪيفيت کي قرآني اصطلاح ۾ "تزڪيہ نفس" جو نالو پڻ ڏنل آهي. ساڳي وقت تزڪيہ (پاڪيزگي) رسالت محمديءَ جي مقصدن ۾ پڻ شامل آهي. قرآن ڪريم ۾ پاڪيزگي (تزڪيہ نفس) جي باري ۾ اها بہ وضاحت فرمائي وئي آهي تہ ڪوبہ شخص نفس کي اجاريندو ۽ صاف سترو رکندو تہ اهو سندس فائدي ۾ آهي. ان جو فائدو ڪنهن ٻئي شخص کي نہ پهچندو:

وَمَنۡ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفۡسِهٖ (21)

ترجمو: ۽ جيڪو پاڪ ٿيو (نفس جو تزڪيو ڪيائين) تہ پاڻ لاءِ پاڪ ٿئي ٿو.

نفس جي پاڪيزگي ۽ صفائيءَ جو تعلق انسان جي دل سان آهي، جنهن جي دل جي دنيا درست ٿي وئي تہ ان کي وڏي نعمت ملي وئي:

وَمَنۡ يُّؤۡمِنۡۢ بِاللّٰهِ يَهۡدِ قَلۡبَهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَىۡءٍ عَلِيۡمٌ (22)

ترجمو: ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو (آهي) تنهن جيءَ دل کي (اهو)



www.sindhsalamat.com

هدايت ڪندو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

هن آيت مبارڪ مان اها وضاحت ملي ٿي تہ الله تعاليٰ ان دل کي هدايت عطا فرمائيندو جيڪا دل الله تعاليٰ تي ايمان آڻيندي يعني هدايت لاءِ ايمان ضروري آهي ۽ جڏهن انسان جي دل ۾ ايمان ۽ هدايت ٻئي نعمتون داخل ٿي وڃن تہ پوءِ ان دل ۾ الله رب العزت جي محبت پيدا ٿيندي آهي:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ (23)

ترجمو: ۽ جن ايمان آندو سي الله جي محبت ۾ ڏاڍا زور آهن.

جڏهن هڪ دل ۾ ايمان، هدايت ۽ الله جي محبت موجود هوندي آهي تہ ان دل ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جو خوف بہ پيدا ٿيندو آهي، ڇو تہ الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ خوفِ خدا بہ ضروري آهي. قرآن ڪريم ۾ مومنن جون جيڪي نشانيون بيان ٿيون آهن، انهن ۾ خوف خدا بہ شامل آهي:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ (24)

ترجمو: مؤمن اهي ئي آهن جن جون دليون جڏهن الله کي ياد ڪيو ويندو آهي تہ ڊڄنديون آهن ۽ سندس آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائيبيون آهن تڏهن اهي سندن ايمان کي وڌائينديون آهن ۽ (اهي) پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن.

هنن قرآني آيتن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ تصوف جي مقصد يعني نفس جي پاڪيزگي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان جي دل ۾ ايمان ۽ هدايت جي نور سان گڏ الله تعاليٰ جي محبت ۽ خوف بہ ضروري آهي ڇو تہ انهن نعمتن ذريعي انسان پنهنجي نفس کي پاڪ ۽ صاف ڪري تصوف جي منزل ۽ مقصد ماڻي سگهي ٿو.

ساڳي وقت حضور ﷺ جن فرمايو آهي تہ انسان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار سندس دل تي آهي. جيڪڏهن سندس دل درست آهي تہ پوءِ هو ڪامياب ٿيندو ۽ جيڪڏهن سندس دل ۾ ڪو ڦير آهي تہ پوءِ ناڪام ٿيندو. اهو ان ڪري جو تصوف جو تعلق اندر اجارڻ سان آهي.

اَلَا وَاِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدَ



www.sindhsalamat.com

كُلُّهُ اِلَّا وَهِيَ الْقَلْبُ۔ (25)

ترجمو: انساني جسم ۾ گوشت جو هڪ ٽڪرو آهي جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ پورو جسم صحيح آهي ۽ جيڪڏهن اهو خراب آهي تہ پورو جسم خراب آهي ۽ اهو گوشت جو ٽڪرو آهي انسان جي دل.

## تصوف ۽ قرآن

تصوف جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي وضاحتون ۽ اشارا بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي اولياءَ الله ۽ صوفياڪرام لاءِ روحاني راز جي حيثيت رکن ٿا. جن جو تفصيل هن ريت آهي:

هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿۳﴾ (26)

ترجمو: اهو (سڀ کان) پهريون ۽ (سڀ کان) پويون ۽ پڌرو ۽ ڳجهو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (27)

ترجمو: الله آسمانن ۽ زمين کي روشن ڪندڙ آهي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۘ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ۭ (28)

ترجمو: اُن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي، سندس ذات کان سواءِ سڀ ڪا شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي.

وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ (29)

ترجمو: ۽ ان ۾ پنهنجو روح مان ڦوڪيان.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهٖ نَفْسُهٗ ښ وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿۱۶﴾ (30)

ترجمو: ۽ بيشڪ ماڻهو کي پيدا ڪيوسون ۽ سندس نفس کي جيڪو وسوسو وجهندو آهي سو ڄاڻيندا آهيون ۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهہ جي رڳ کان (بہ) وڌيڪ ويجها آهيون.

فَفِرُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ ۭ (31)

ترجمو: پوءِ الله ڏانهن ڊوڙو.

لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۡ وَهُوَ يُدْرِكُ الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۰۳﴾ (32)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: (دنيا ۾) اڪيون ڪيس ڏسي نہ سگهنديون ۽ اهو اکين کي ڏسندو آهي ۽ اهو باريڪ بين ۽ خبر رکندڙ آهي.

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ [33]

ترجمو: جيڪو بہ زمين تي آهي سو سڀ ناس ٿيندو ۽ (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻهار جي ذات باقي رهندي جو عزت وارو ۽ نعمتن وارو آهي.

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ [34]

ترجمو: پوءِ جا ڏي پنهنجي مهاڙ کي ڦيرايو تاڏي الله جي سامهان ٿي آهي.

وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ [35]

ترجمو: ۽ جتي اوهين هجو اُتي اهو اوهان سان گڏ آهي.

وَاَحْسِنُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٩٥﴾ [36]

ترجمو: ۽ احسان ڪريو ڇو تہ الله احسان ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.

اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ [37]

ترجمو: بيشڪ الله جي ٻاجهہ (احسان ڪندڙ) ڀلارن کي ويجهي آهي.

هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ اِلَّا الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ [38]

ترجمو: احسان (چڱائي) جو بدلو احسان (چڱائي) کان سواءِ ٻيو ڪونہ آهي.

## تصوف ۽ حديث جبرائيل عليه السلام

حديث جي ڪتابن ۾ حضرت جبرائيل عليہ السلام واريءَ حديث کي دين جي باري ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، جنهن ۾ عبادت ۽ احسان جي وضاحت فرمايل آهي ڇو تہ احسان ۾ ئي تصوف جو روح سمايل آهي، حديث جبرائيل عليہ السلام هن ريت بيان فرمائي وئي آهي:

---قَالَ فَاَخْبِرْنِيْ عَنِ الْاِحْسَانِ قَالَ اَنْ تَعْبُدَ اللّٰهَ كَاَنَّكَ تَرَاهُ فَاِنْ لَّمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَاِنَّهٗ يَرَاكَ قَالَ يَا عمر اَتَدْرِىْ مَنِ السَّائِلُ- قُلْتُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم، قَالَ فَاِنَّهٗ جِبْرِيْلُ اَتَاكُمْ يُعَلِّمُكُمْ اَمْرَ دِيْنِكُمْ [39]

ترجمو: --- جبرائيل عليه السلام چيو تہ مون کي احسان متعلق ٻڌايو رسول ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ جي عبادت اهڙيءَ طرح ڪر ڄڻ تہ تون ان کي ڏسي رهيو آهين ۽ جيڪڏهن تون ان کي نہ ڏسي رهيو آهين تہ الله تعاليٰ توکي ڏسي رهيو آهي. ان بعد حضور ﷺ جن فرمايو تہ اي عمر ڇا توکي خبر



www.sindhsalamat.com

آهي تہ سوال ڪندڙ ڪير هو؟ مون عرض ڪيو تہ الله ۽ ان جا رسول بهتر ڄاڻن ٿا، تہ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ جبرائيل عليه السلام جيڪو اوهان کي اوهان جو دين سيکارڻ آيو هو.

هن حديث مبارڪ ۾ احسان کي دين جو بنياد قرار ڏنل آهي ڇو تہ احسان جو انسان جي دل سان تعلق بيان ڪيو ويو آهي، يعني عبادت ۽ بندگيءَ دوران انسان جي اندر جي ڪيفيت اهڙي هجي تہ هو خود الله کي ڏسي رهيو هجي ۽ جيڪڏهن سندس دل ۾ اها ڪيفيت پيدا نٿي ٿي سگهي تہ اهو تصور ضرور ڪري تہ کيس الله تعاليٰ ڏسي رهيو آهي ۽ ان اندر واريءَ ڪيفيت ۽ الله رب العزت ڏانهن توجهہ کي احسان جو نالو ڏنل آهي ۽ اهو احسان ئي تصوف آهي.

## احاديث نبويہ، تصوف ۽ صوفيا ڪرام

حضور ﷺ جن الله وارن يعني صوفياء ڪرام جي عبادت جي عظمت ۽ سندن مقام ۽ مرتبي جي باري ۾ ڪيترائي مبارڪ ارشاد فرمايا آهن، جن مان تصوف ۽ صوفياء ڪرام جي مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ، قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اِنَّ اللهَ تَعَالٰى قَالَ مَنْ عَادٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ اٰذَنْتُهٗ بِالْحَرْبِ وَمَا تَقَرَّبَ اِلَىَّ عَبْدِيْ بِشَيْءٍ اَحَبَّ اِلَىَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ وَمَا يَزَالُ عَبْدِيْ يَتَقَرَّبُ اِلَىَّ بِالنَّوَافِلِ حَتّٰى اُحِبَّهٗ فَاِذَا اَحْبَبْتُهٗ كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِيْ يَسْمَعُ بِهٖ وَبَصَرَهُ الَّذِيْ يُبْصِرُ بِهٖ وَيَدَهُ الَّتِيْ يَبْطِشُ بِهَا وَرِجْلَهُ الَّتِيْ يَمْشِيْ بِهَا وَاِنْ سَاَلَنِيْ اَعْطَيْتُهٗ وَلَئِنِ اسْتَعَاذَنِيْ لَاُعِيْذَنَّهٗ (40)

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو تہ جناب رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ جيڪو منهنجي ولي ۽ دوست کي تڪليف پهچائيندو آهي، تہ منهنجي طرفان ان لاءِ جنگ جو اعلان ڪيو ويندو آهي ۽ منهنجي ٻانهي لاءِ منهنجي محبت حاصل ڪرڻ لاءِ فرض عبادتن کان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ پسند نہ آهي، جيڪي مون ان تي فرض ڪيا آهن، منهنجو ٻانهو فرض جي ادائگيءَ سان گڏ نفلي عبادت ذريعي بہ منهنجو قرب



www.sindhsalamat.com

حاصل ڪرڻ لاءِ لڳو پيو هوندو آهي. ايتريقدر جو آءٌ ڪيس پنهنجو محبوب بنائيندو آهيان ۽ جڏهن ٻانهو منهنجو محبوب بنجي ويندو آهي، تہ آءٌ اُن جو ڪن بنجي ويندو آهيان، جنهن سان هو ٻڌندو آهي، ان جي نظر بنجي ويندو آهيان، جنهن سان هو ڏسندو آهي ۽ ان جا هٿ بنجي ويندو آهيان جن سان هو جهليندو آهي، ان جا پير ٿي ويندو آهيان، جن سان هو هلندو آهي ۽ جڏهن هو مون کان ڪجهہ گهرندو آهي تہ آءٌ ان کي عطا ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو منهنجي پناهہ ۾ اچڻ چاهيندو آهي تہ ان کي پنهنجيءَ پناهہ ۾ وٺندو آهيان.

هن حديث مبارڪ ۾ الله جي وليءُ ۽ دوست يعني صوفي باصفا سان الله تعاليٰ جي محبت ۽ ناراضگيءَ جو بيان فرمايو ويو آهي، ولي الله کي ايذائڻ الله پاران جنگ جو اعلان ۽ فرض عبادتن بعد نفلي عبادتن ذڪر ۽ فڪر ذريعي الله جي محبت جي آخري حد تائين پهچي الله تعاليٰ جو محبوب ترين ٻانهو بنجي ويندو آهي نہ رڳو ايترو بلڪ الله رب العزت اهڙي ٻانهي جا عضوا هٿ، ڪن، اکيون ۽ پير بنجي ويندو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ حضور ﷺ جن ٻانهي طرفان رب ڪريم ڏانهن لاڙو ۽ رجحان ڪرڻ تي موٽ ۾ جنهن شفقت ۽ ٻاجهہ جو ورتاءُ ڪيو ويجي ٿو ان جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

عَنْ اَنَسٍ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عَنِ النَّبِیِ ﷺ فِيْمَا يَرْوِيهِ عَنْ رَبِّهِ عَزَّوَ عَجَل قَال، اِذَا تَقَرَّبُ الْعَبدِ اِلَی شِبْرًا تَقَرَّبتُ اِلَيْهِ ذِرَاعًا وَاِذا تَقَرَّب اِلَیَّ ذِرَاعًا تَقَرَّبْتُ مِنْهُ بَاعًا وَاِذَا اَتَانِیَ يَمْشِی اَتيتُهُ هَرْوَلَة [41]

ترجمو: حضرت انس رضي الله کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ٻانهو مون ڏانهن هڪ گراٺ ويجهو ايندو آهي تہ آءٌ هڪ هٿ ان جي ويجهو ٿي ويندو آهيان ۽ جڏهن هو هڪ هٿ مون ڏانهن وڌندو آهي تہ آءٌ ٻئي ٻانهون کولي ان جي ويجهو ٿيندو آهيان ۽ جڏهن هو مون ڏانهن آهستي آهستي ايندو آهي تہ آءٌ تيز ڊوڙي ان ڏانهن وڌندو آهيان.

هن مبارڪ حديث مان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ جي رحمت هڪ عام ٻانهي لاءِ بہ ڪيتري نہ وسيع آهي، ليڪن اگر ڪو خاص مقرب ٻانهو ولي الله درويش يا صوفي پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪندو تہ ان جو مان ۽ مرتبو ڪيترو نہ مٿاهون هوندو.



www.sindhsalamat.com

# عهد رسالت ۾ صُفہ وارا صوفي

حضور ﷺ جي زماني ۾ مسجد نبويءَ جي چبوتري ”صفہ“ تي رهندڙ صحابہ ڪرام جي جيڪا جماعت نظر اچي ٿي حقيقت ۾ اها صوفي صِفت هئي، اسلامي تاريخ ۾ حضور ﷺ جي غارِ حرا ۾ عبادت ۽ رياضت بعد اگر ڪو صوفياڻي عمل جو نمونو ملي ٿو تہ اهو اصحاب صفہ ۾ ئي ملي ٿو.

شيخ ابو علي روذباري رحمة الله عليه، صوفين جو جيڪو تعارف ڪرايو آهي ان ۾ بيان ڪيل تمام خوبيون صفہ وارن صحابين ۾ موجود هيون.

شيخ ابو علي روذباري رحمة الله عليه صوفين جي تعارف ۾ لکي ٿو تہ:

اَلصُّوْفِيْ مَنْ لَبِسَ الصُّوْفِ عَلَى الصَفَا وَاَذَاقَ الْهَوَىٰ طَعِمَ الْجَفَا وَلَزَمَ طَرِيْقُ الْمُصْطَفَىٰ وَكَانَتِ الدُّنْيَا عَلَى الْقِفَا [42]

ترجمو: صوفي اهو آهي جيڪو قلب جي صفائيءَ سان اوني لباس پهري، نفساني خواهشن کي سختيءَ جو مزو چکائي، نبي ﷺ جي رستي کي لازمي طورتي اختيار ڪري ۽ دنيا کان پاسيرو ٿي وڃي.

ابو علي روذباري رحمة الله عليه، پاران بيان ڪيل تمام خوبيون بدرجہ ڪمال صفہ وارن صحاب ڪرام ۾ موجود هيون، علامہ نووي رحمة الله عليه صفہ واري جماعت جو جيڪو تعارف ڪرايو آهي ان ۾ لکي ٿو تہ:

وَاَصْحَابَ صُفَّہ زُهَادَ مِنَ الصَّحَابَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ وَهُمَ الْفُقَرَاء الْغُرَبَاءَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يَاوُوْنَ اِلَى الْمَسْجِدَ النَّبِيْ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَكَانَتْ لَهُمْ فِيْ اٰخِرَهٖ صُفَّهٗ [43]

ترجمو: ۽ اصحاب صفہ اهي پرديسي بي سرو سامان صحابہ هئا، جيڪي دنيا کان بي رغبت هئا، مسجد نبوي کي انهن پنهنجي رهڻ جو هنڌ بڻايو هو ۽ مسجد جي آخر ۾ انهن لاءِ هڪ چبوترو ٺهيل هو.

هڪ ٻيءَ روايت ۾ صفہ واريءَ جماعت جون جيڪي خوبيون معلوم ٿيون آهن، اهي اڄ بہ صوفياءِ ڪرام جو شان سمجهيون وڃن ٿيون، جڏهن ان دور ۾ اهي مبارڪ صفتون ٻنهي جهانن جي سردار حضرت ﷺ معرفت صفہ واريءَ جماعت ۾ منتقل ٿيون.

حضرت حاڪم رحمة الله عليه کان مستدرڪ ۾ روايت آهي تہ:

تَامَلْتُ هٰذِهِ الْاَخْبَارِ الْوَارِدَهِ فِيْ اَهْلِ الصُّفَهَ تَوَجَدَتُهُمْ مِنْ اَكَابِرِ الصَّحَابه رَضِيَ الله عَنْه عَنْهُمْ وَرَعَا



www.sindhsalamat.com

وَتَوَكَّلاً عَلَىٰ اللهِ عَزَّوَجَلَّ وَمُلاَزَمَةً لِخِدْمَةِ اللهِ وَرَسُولِ ﷺ اَخْتَارَ اللهُ تَعَالىٰ لَهُمْ مَا اَخْتَارَهُ لِنَبِيِّهِ ﷺ عَزَّوَجَلَّ وَتَرَكَ الدُّنْيَا لِاَهْلِهَا (44)

ترجمو: اُهي روايتون جيڪي اصحابہ صُفہ جي باري ۾ آيون آهن آءٌ انهن تي غور بعد ان راءِ تي پهتس تہ صفہ وارا صحابي سڀئي پرهيزگاري، الله تي توڪل ڪرڻ، الله جي دين ۽ ان جي رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ رهڻ لاءِ وڏي مرتبي وارا آهن. الله رب العزت انهن صفہ وارن صحابن لاءِ بہ اهي نعمتون پسند فرمايون جيڪي پنهنجي نبي ڪريم ﷺ لاءِ پسند فرمايون هيون يعني فقر، فاقو غربت ۽ الله رب العزت جي بارگاهہ ۾ ڀوڙها ڳاڙي عبادت ڪرڻ ۽ دنيا کي دنيادارن جي حوالي ڪرڻ.

حاڪم ﷫ جي هن روايت مان ثابت ٿيو تہ آقاءِ نامدار ﷺ جي معرفت صفہ وارن صوفياءِ ڪرام جي جماعت ۾ ايمان، روحانيت، پرهيزگاري خوف خدا، توڪل، فقر، عبادت، رياضت، مسڪيني ۽ دنيا کان بي رغبتيءَ جهڙيون ڪيتريون ئي نوراني صفتون سندن مبارڪ زندگيءَ ۾ شامل ٿي ويون ۽ صفہ واري جماعت ۽ بين جليل القدر صحابہ ڪرام معرفت انهن روحاني عملن جي منتقليءَ جو سلسلو صوفيا، اوليا ۽ درويشن ۽ فقراء ڏانهن جاري آهي.

انهن روايتن مان ثابت ٿيو تہ اصحابِ صفہ واري جماعت حقيقت ۾ صوفيا ڪرام جي سڀ کان پهرين جماعت هئي، جنهن جي تربيت روحاني رهبر حضرت محمد ﷺ جن خود فرمائي هئي، ليڪن ان دور ۾ ان جماعت جو نالو "صوفي" طور مشهور نہ ٿيو جنهن جو سبب تصوف جي هڪ وڏي رهبر ۽ صوفي بزرگ امام قشيري رحمة الله عليہ هن ريت بيان فرمايو آهي تہ:

رسول الله ﷺ جي وصال بعد ان دور جي سڀ کان افضل ترين جماعت صحابہ ڪرام رضوان الله عليہ اجمعين جي جماعت هئي، جن کي ٻئي ڪنهن لقب جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. ان ڪري جو "صحابيت" کان بهتر ڪابہ فضيلت نہ هئي، جن بزرگن صحابہ ڪرام جي صحبت اختيار ڪئي، انهن کي پنهنجي دور ۾ "تابعين" جو لقب مليو ۽ جن تابعين کان فيض حاصل ڪيو انهن کي تبع تابعين جي نالي سان ياد ڪيو ويو. ان بعد زماني جي حالتن ۾ تبديلي آئي. ماڻهن جي مقام ۽ مرتبي ۾ فرق اچڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com

جن ڀلارن جو توجهہ ديني عبادتن ڏانهن هو انهن کي عابد ۽ زاهد سڏيو ويو. ڪجهہ عرصي بعد دين ۾ نيون ڳالهيون "بدعات" داخل ٿيڻ شروع ٿيون تہ وقت جي حالتن کي ڏسندي اهل سنت جي خاص ٻانهن جيڪي پنهنجي دلين کي الله رب العزت جي ياد کان غافل ٿيڻ نہ ڏيندا هئا ۽ سندن نفس خوفِ خدا کان مغلوب رهندا هئا تن ان دور جي انهن ماڻهن کان جدا ٿي ڪري زندگي گذارڻ شروع ڪئي، تڏهن کان ان طبقي کي صوفي يا صوفيہ جي لقب سان پڪارڻ شروع ڪيائون.[45]

## قرآن ڪريم ۾ (صوفي صفت) اصحاب صفہ جي باري ۾ آيل فرمان خداوندي

قرآن ڪريم ۾ الله رب العزت پاران حضور جن کي اصحابِ صُفہ واري جماعت کي سندن ذڪر ۽ بندگيءَ جي خوبين سبب پري نہ ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو آهي، جنهن مان صفہ وارن صحابہ ڪرام جي عزت مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَ الْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ [46]

ترجمو: ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار کي صبح ۽ سانجهيءَ جو سندس رضامندي گهرندڙ ٿي سڏيندا آهن تن کي نہ تڙ، تو تي سندن ڪجهہ بہ حساب نہ آهي ۽ نڪي مٿن تنهنجو ڪجهہ بہ حساب آهي، جو انهن کي تڙيندين تہ نامناسب ڪم ڪندڙن مان ٿيندين.

هن آيت مبارڪ جي نازل ٿيڻ جي شان ۾ حضرت خباب بن الارت ﷛ کان روايت آهي تہ حضور ﷺ حضرت بلال، حضرت عمار ۽ حضرت صهيب سان ويٺا هئا. (سندن شمار اصحاب صفہ واريءَ جماعت ۾ ٿيندو آهي) تہ ان دوران اقرع بن حابس ۽ عنيتيہ بن حصن جيڪي مالدار ۽ دنيادار هئا، حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. هنن جڏهن ڏٺو تہ حضور ﷺ جن انهن غريب صحابہ سان ويٺا آهن تہ هنن خدا جي خاص ٻانهن جي



www.sindhsalamat.com

موجودگيءَ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن سان ويهڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهيو ۽ حضور ﷺ جن کي اڪيلائيءَ ۾ عرض ڪيائون ته جڏهن اسان اچون ته پوءِ انهن (صفه وارن) صحابه کي اسان سان گڏ نه ويهاريو ڇو جو اسان کي غلامن سان گڏ ويهندي شرم ايندو آهي. حضور ﷺ جن عرب جي انهن مالدار رئيسن کي دينِ اسلام کان مانوس ڪرڻ لاءِ سندن اها درخواست قبول فرمائي ته ان دوران بارگاهه الاهيءَ مان حضرت جبرائيل عليه السلام حاضر ٿيو ته اصحابه صفه جي شان واري آيت ولا تطردالذين...... حضور جن وٽ پيش ڪيائين ان آيت نازل ٿيڻ بعد پاڻ سڳورن ﷺ پنهنجي مجلس مان صفه وارن صحابه ڪرام کي اٺاري عرب جي مالدارن کي ويهارڻ جو فيصلو ملتوي فرمايو.

هن مبارڪ آيت جي نازل ٿيڻ جو مقصد اصحاب صفه جي صبح شام واري عبادت ۽ سندن مان ۽ مرتبي کي مٿاهون ڪرڻ هو. ان آيت بعد ٻيءَ آيت ۾ انهن ايمان وارن ٻانهن لاءِ الله رب العزت پاران سلامتي ۽ رحمت جو اعلان هن ريت فرمايو ويو:

وَ إِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ (47)

ترجمو: ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي مڃيندا آهن سي جڏهن تو وٽ اچن ته (انهن کي) چئو ته اسلام عليڪم. اوهان جي پالڻهار پاڻ تي ٻاجهه لازمي ڪئي آهي.

هن آيت جي نازل ٿيڻ بعد پاڻ سڳورن اصحاب صفه واريءَ جماعت سان گڏ وينا ۽ کين اسلام عليڪم جي سلامتيءَ واري دعا ڏني.

صفه واري جماعت جو بارگاهه الاهيءَ ۾ ايترو ته شان بلند ٿيو جو نبي ڪريم ﷺ جن کي ان جماعت سان گڏ ويهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ساڳي وقت عرب سردارن ڏانهن اشارو ڪندي حڪم ڏنو ويو ته انهن جون دليون الله جي ياد کان غافل آهن، ان ڪري سندن مطالبا مڃڻ کان منع فرمايو ويو:

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَهٗ وَلَا تَعْدُ عَيْنٰكَ عَنْهُمْ تُرِيْدُ زِيْنَةَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا (48)

ترجمو: ۽ پاڻ کي انهن سان صبر ۾ رک جيڪي پنهنجي پالڻهار کي



www.sindhsalamat.com

صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪندا آهن (۽) سندس رضامندي گهرندا آهن ۽ (گهرجي ته) تنهنجيون اکيون دنيا جي حياتيءَ جي سينگار جو ارادو رکي انهن (ياد ڪندڙن) کان (هٽي پاسي) نه واجهائين ۽ انهيءَ جي فرمانبرداري نه ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد ڪرڻ کان غافل ڪئي ۽ پنهنجي خواهش جي پٺيان لڳو ۽ سندس ڪم حد کان وڌيل آهي.

حضرت سلمان فارسي ﷛ کان روايت آهي ته جڏهن هيءَ ڀلاري آيت نازل ٿي ته پاڻ سڳورا ﷺ هن جماعت جي ڳولا لاءِ اٿيا ته ڪين مسجد جي آخري حصي ۾ صحابي سڳورا ذڪر ۾ مشغول نظر آيا ته پاڻ سڳورن ﷺ جن ارشاد فرمايو ته:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ لَمْ یُمِتْنِیْ حَتّٰی اَمَرَنِیْ اَنْ اَصْبِرَ نَفْسِیْ مَعَ قَوْمٍ مِنْ اُمَّتِیْ [49]

ترجمو: سڀ ساراهہ الله لاءِ آهي جنهن مون کي ان کان اڳ ۾ موت نہ ڏنو جيستر مون کي اهو حڪم نہ ڏنائين تہ آءٌ پنهنجي امت مان هڪ جماعت سان پاڻ کي روڪي رکان.

الله رب العزت پاران نبي ڪريم ﷺ کي اصحابہ صفہ سان ويهڻ جي حڪم ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي ان حڪم تي خوشيءَ جي اظهار مان ان صوفي صفت صفہ وارن سرفروشن جي مقام ۽ مرتبي عزت ۽ عظمت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

## تصوف اولياء الله ۽ صوفيا ڪرام جي نظر ۾

تصوف جي باري ۾ اولياءَ الله ۽ صوفيا ڪرام جا ڪيترائي اقوال زرين موجود آهن، جن مان تصوف جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهن مان چند اقوال هيٺ ڏجن ٿا:

حضرت جنيد بغدادي ﷬ تصوف جي تعريف هن ريت فرمائي آهي:

مخلوق جي موافقت کان دل کي صاف ڪرڻ، طبعي ۽ نفساني صفتن کان جدا ٿيڻ، بشري صفتن کي فنا ڪرڻ، نفساني خواهشن کان منهن موڙڻ، روحاني صفتن جو طلبگار هجڻ،



www.sindhsalamat.com

حقيقي علم سان تعلق رکڻ، هميشہ نيڪ ڪم ڪرڻ، پوريءَ امت لاءِ خيرخواهي، الله تعاليٰ سان وفاداري ۽ شريعت ۾ رسول الله جي پيروڪاري ڪرڻ.[50]

امام مالڪ رحمة الله عليہ جو فرمان مبارڪ آهي تہ:

جنهن فقهہ جو علم حاصل ڪرڻ کان سواءِ تصوف جي واٽ ورتي تہ اهو زنديق ٿيو جنهن فقہ جو علم حاصل ڪيو ۽ اهو تصوف جي رستي تي نہ هليو تہ اهو فاسق ٿيو جنهن ٻنهي فقہ ۽ تصوف کي جمع ڪيو تہ اهو صحيح مومن آهي.

شيخ شهاب الدين سهرورديءَ جو قول آهي:

جنهن حقيقت کي شريعت رد ڪري اها حقيقت نہ بلڪہ بي ديني آهي.[51]

امام غزالي ﷫ جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

جنهن پهريان حديث ۽ علم حاصل ڪري تصوف ۾ قدم رکيو تہ اهو فلاح کي پهتو ۽ جنهن پهريان صوفي بنجڻ چاهيو تہ ان پنهنجو پاڻ کي هلاڪت ۾ وڌو.[52]

يعني تصوف جو حقيقي راز حديث، سنت ۽ سيرت ۾ سمايل آهي.

## تصوف جا روحاني عمل

صوفياءِ ڪرام جي نزديڪ تصوف جا جيڪي روحاني اعمال آهن، انهن جو بنيادي مقصد الله رب العزت جي بندگي ۽ ان جو قرب حاصل ڪرڻ آهي، جو تہ قرآني فڪر موجب انسانن جي پيدائش جو مقصد صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي عبادت ۽ بندگي آهي:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿٥٦﴾[53]

ترجمو: ۽ جنن ۽ انسانن کي رڳو پنهنجيءَ عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيوسون.

جڏهن انسان پنهنجي پيدائش واري مقصد کي سامهون رکندي بارگاهہ



www.sindhsalamat.com

الاهيءَ ۾ عبادت ۽ رياضت لاءِ ٻيهندو تہ ان کي الله رب العزت وٽ مرتبو عطا ٿيندو جنهن جو اعلان هن ريت فرمايو ويو تہ:

ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ وَعِيْدِ ﴿١٤﴾

ترجمو: اهو انجام انهيءَ لاءِ آهي جيڪو منهنجي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ۽ منهنجي ڌڙڪي کان ڊڄي.

يعني الله تعاليٰ جو خوف رکندڙ ۽ الله رب العزت جي وعيد (ڌڙڪي) کان ڊڄندڙ ٻانهو ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿو. تصوف جي روحاني اعمال ۾ بہ صوفياءِ ڪرام وٽ سڀ کان پهريان فرض عبادتون نماز روزو زڪوات ۽ حج آهن. ان کان بعد ۾ ذڪر، اذڪار، غور ۽ فڪر، توبه، توڪل، صبر، شڪر، زهد، رضا، فنا، بقا، مراقبو مشاهدو اطمينان ۽ يقين جهڙا اعمالِ آهن، جن ذريعي هو تصوف جو حقيقي مقصد نفس جي ظاهري ۽ باطني صفائي ۽ پاڪيزگيءَ واري منزل ماڻيندا آهن. جڏهن تہ قُدسي حديث شريف ۾ بہ اهو بيان اڳ ۾ ئي اچي چڪو آهي، تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ فرض عبادتن بعد نفلي اعمال ۽ عبادتون آهن. جن ذريعي ٻانهو پنهنجي مالڪ ۽ خالق جي قرب ۽ محبت حاصل ڪرڻ لاءِ لڳو پيو هوندو آهي ۽ ايتريقدر جو الله تعاليٰ حتيٰ اُحبه جو اعلان فرمائي، ڪيس پنهنجو محبوب ٻانهو بڻائيندو آهي.[54]

ساڳي وقت تصوف جي روح جي باري ۾ امام غزاليءَ جو جيڪو قول ملي ٿو اهو هن ريت آهي:

وَكَانَ حَاصِلُ عِلْمُهُمْ قَطَعَ عَقْبَاتُ النَّفْسِ وَالنَّزَّةِ عَنْ اَخْلَاقِهَا الْمَذْمُوْمَةِ وَصِفَاتِهَا الْخَبِيْثَةِ حَتّٰى يَتَوَصَّلَ بِهَا اِلٰى تَخْلِيَةِ الْقَلْبِ عَنْ غَيْرِ اللهِ تَعَالٰى وَتَحْلِيَةِ بِذِكْرِ اللهِ[55]

ترجمو: صوفين جي علم جو مقصد نفس جي گمراهين کي ختم ڪرڻ، ڪريل اخلاق ۽ ناپاڪ صفتن کان پاڪ ۽ صاف ٿي دل کي غيرالله کان خالي ڪري الله جي ذڪر سان آراستہ ڪرڻ آهي.

صوفين جي روحاني اعمال ۾ ذڪر ۽ فڪر واريءَ ڪيفيت کي الله رب العزت هن ريت بيان فرمايو آهي:

الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ[56]

ترجمو: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمان ۽ زمين جي بناوت ۾ (غور) فڪر ڪندا آهن.



www.sindhsalamat.com

هي اُهي اعمال آهن جيڪي متينءَ حديث قدسيءَ ۾ الله رب العزت جي قرب ۽ محبت حاصل ڪرڻ لاءِ پانهو سرانجام ڏيندو رهندو آهي. اڳتي هلي اسان کي اولياءَ الله صوفياءِ ڪرام جي توبه، استغفار عبادت ۽ رياضت، حمد ۽ ثنا، روزا، رڪوع ۽ سجدن پلائيءَ جي حڪم ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ ۽ الله جي مقرر ڪيل حدن جي حفاظت ڪرڻ جهڙن روحاني عملن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ (57)

ترجمو: اهي توبا ڪندڙ عبادت ڪندڙ ساراهه (حمد ثنا) ڪندڙ (خدا جي واٽ ۾) مسافري ڪندڙ رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ چڱائيءَ جو حڪم ڪندڙ ۽ مدائيءَ کان جهليندڙ ۽ الله جي حدن ۾ نگاهه رکندڙ آهن ۽ (اهڙن) مؤمنن کي خوشخبري ڏي.

انهن روحاني ۽ ايماني اعمال ڪندڙ پانهن لاءِ الله رب العزت جي پار کان هيءَ خوشخبري سندن ڪاميابيءَ جو دليل آهي ۽ ساڳي وقت ايمان وارن لاءِ هدايت ۽ رهنمائيءَ جو ذريعو پڻ آهي.

صوفياءِ ڪرام جي روحاني اعمال جي باري ۾ قرآني احڪام حديثن ۽ اولياءَ الله جي اقوال مان اها ڳالهه ثابت ٿي ته الله رب العزت جي قرب، محبت ۽ رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي به اعمال ڪيا ويندا انهن جو اجر ۽ ثواب الله تعاليٰ وٽ بهتر ملندو. ان باري ۾ ارشاد رباني آهي ته:

وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّ اَعْظَمَ اَجْرًا ؕ (58)

ترجمو: ۽ پاڻ لاءِ جيڪي چڱائيءَ مان اڳي موڪليندو تنهن کي الله وٽ وڏيڪ چڱو ۽ اَجر ڪري تمام وڏو لهندو.

قرآن ڪريم ۾ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد مبارڪ آهي ته انسان جيڪا به هڪ ذري جيتري نيڪي ڪندو ته اها اڳتي موجود هوندي يعني انسان جو هر عمل بارگاهه الاهيءَ ۾ پهچندو ۽ ان کي ان عمل جو بهتر اجر به ملندو ليڪن شرط اهو آهي ته عمل سنت، سيرت ۽ شريعت مصطفويءَ جي مطابق هئڻ گهرجي.

الله رب العزت پاران ان روحانيت ۽ ايمان واري رستي لاءِ جدوجهد ڪندڙ پانهي لاءِ رهنمائيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:



www.sindhsalamat.com

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ (59)

ترجمو: ۽ جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سون ۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ آهي.

هن مبارڪ آيت ۽ اڳ ۾ بيان ڪيل حوالن مان اها ڳالهہ واضح طورتي ثابت ٿي تہ انسان جو ذري جيترو عمل بہ ضايع نہ ٿيندو ۽ ان عمل جو اجر بهتر ۽ وڌيڪ پڻ ملندو. ساڳي وقت بارگاهہ الاهيءَ مان عبادت ۽ رياضت ڪندڙ ٻانهن لاءِ پنهنجي رضا ۽ رحمت جي نوراني واٽن ڏيکارڻ جو پڻ اعلان فرمايو ويو.

## تصوف جا روحاني سلسلا

صوفياءِ ڪرام جي اها دعويٰ آهي تہ تصوف جي تمام سلسلن جو روحاني رهبر حضرت محمد ﷺ آهي، ان دعويٰ لاءِ اصحابِ صفہ خلفاءِ راشدين ۽ (عشره مبشره) يعني اهي ڏهہ اصحاب ڪرام جن کي حضور ﷺ جن زندگي ۾ ئي جنت جي خوشخبري ڏني هئي، سندن رهنمائي ڪندڙ آهن. صوفيا موجب اسلامي تاريخ ۾ صوفين وارا اعمال ۽ افعال اصحاب صفہ، خلفاءِ راشدين، عشره مبشره ۽ ٻين جليل القدر صحابين ۾ موجود هئا. جن جي تعليم ۽ تربيت جا مرحلا سرور ڪونين جي نگرانيءَ ۾ مڪمل ٿيا. اهي صحابي سڳورا سڀ ڪجهہ ڇڏي فنا في الله ٿي الله جي گهر ۾ سندس در تي محمد عربي ﷺ جهڙي مرشد ڪامل جي نظر هيٺ معرفت جون منزلون طئي ڪرڻ لڳا. ٻنهي جهانن جي سردار بعد صوفين لاءِ خلفاءِ راشدين، صحابہ ڪرام، تابعين، عابد، زاهد ۽ ولي الله روحاني رهبر هئا. تاريخ شاهد آهي تہ هر دور ۾ صوفياءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام جون جماعتون موجود رهيون آهن. حجاز، عراق، فارس، ننڍي کنڊ (پاڪ و هند) ۽ دنيا جي هر حصي ۾ صوفياءِ ڪرام جون جماعتون پنهنجن مريدن سان دينِ اسلام ۽ روحانيت جي سربلنديءَ لاءِ سرگرم رهيون. جنهن ڪري دينِ اسلام جي پيروڪارن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهيو.



www.sindhsalamat.com

تصوف جي انهن روحاني سلسلن ۾ نقشبنديه، قادريه، چشتيه ۽ سهروورديه اهم آهن انهن سلسلن مان بيشمار انسان فيضياب ٿي چڪا آهن ۽ قيامت تائين فيض حاصل ڪندا رهندا.

## اولياءَ الله جو مقام ۽ مرتبو

صوفياءِ ڪرام جي تعارف بعد اولياءَ الله، درويش، قطب، ابدال ۽ غوثن متعلق مختصر تعارف هن ريت آهي:

اولياءَ الله مان مراد رب العزت جا دوست ۽ پيارا ٻانها آهن، جن کي الله تعاليٰ سان محبت، عقيدت ۽ اطاعت سبب موت ۾ الله جي محبت ۽ ولايت نصيب ٿيندي آهي. سندن مقام ۽ مرتبي متعلق قرآن ڪريم ۾ ارشاد رباني هن ريت آهي:

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾ (60)

ترجمو: خبردار الله جي پيارن کي نڪي ڀؤ آهي ۽ نڪي اهي غمگين رهندا.

يعني جن کي الله رب العزت جي محبت نصيب ٿي انهن کي ڪوبه خوف خطرو نه هوندو ۽ نه ئي وري اهي غمگين ٿيندا.

الله جي پيارن ٻانهن جي ايمان ۽ تقويٰ بابت هڪ ٻي آيت ۾ وڏيڪ وضاحت سان هن ريت ارشاد فرمايل آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ ۚ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۚ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ (61)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪئي اٿن تن لاءِ دنيا جي حياتي ۽ آخر ۾ خوشخبري آهي. الله جي حڪمن ۾ ڪا ڦيرگهير ڪانهي اهائي وڏي مراد ماڻڻ آهي.

الله جي پيارن (اولياءَ الله) لاءِ پهرين آيت ۾ خوف ۽ غم کان نجات جو اعلان فرمايو ويو ٻيءَ آيت ۾ انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت جي خوشخبري ۽ وڏي مراد ماڻڻ جي خبر ڏيئي سندن مقام ۽ مرتبي کي بلند ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com

الله وارن جي مقام ۽ مرتبي جا ڪجهه خاص درجا ۽ مقام بہ آهن جن ۾ ابدال، قطب ۽ غوث اچي وڃن ٿا. جن جي موجودگي اُمت ۽ انسانيت لاءِ الله رب العزت جي رحمت ۽ ٻاجهہ جو ذريعو هوندي آهي. الله وارن جي موجودگيءَ جي ڪري جيڪي نعمتون عطا ڪيون وڃن ٿيون انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

عَنْ اَنَسٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ لَنْ تَخْلُوَا الْاَرْضَ مِنْ اَرْبَعِيْنَ رَجُلًا مِثْلَ خَلِيْلِ الرَّحْمٰنِ فِيْهِمْ تَسْقُوْنَ وَبِهِمْ تَنْصُرُوْنَ وَبِهِمْ تَرْزُقُوْنَ (62)

ترجمو: حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ چاليهن ماڻهن کان زمين خالي نہ رهندي جيڪي خليل الله ؑ جهڙا هوندا جن ڪري توهان تي بارش ٿيندي، انهن جي ڪري اوهان جي مدد ڪئي ويندي ۽ انهن جي ئي ڪري اوهان کي رزق ڏنو ويندو.

هڪ ٻيءَ روايت ۾ انهن هستين جي تعداد جي باري ۾ ارشاد فرمايل آهي تہ:

اَخْرَجَ الْخَطِيْبَ مِنْ طَرِيْقِ عَبْدِاللهِ بِنْ مُحَمَّدٍ الْعَبْسِي وَهُوَالْحَافِظْ اَبُوبَكرٍ ابِنْ اَبِيْ شَيبه قَالَ سَمِعْتُ الْكَنَانِيَ يَقُوْلُ النُقَبَاءَ ثَلَاثَ مِئَةٍ وَالنَّجْبَاءَ سَبْعُوْنَ وَالْبَدَلَا اَرْبَعُوْنَ وَلَاَخْيَارِ سِتَّةُ وَالْعَمَدَ اَرْبَعْ وَالْغَوثُ وَاحِدٌ (63)

ترجمو: خطيب کان ابوبڪر ابن ابي شيبہ حديث روايت ڪئي آهي تہ مون ڪناني کان ٻڌو آهي تہ نقبا ٽي سؤ نجبا ستر، ابدال چاليهہ، اخيار ست، قطب چار ۽ هڪ غوث هر وقت موجود رهندا آهن.

ان مان ثابت ٿيو قطب، غوث ۽ ابدال جو تعلق ڪائنات جي وجود سان آهي ۽ سندن وجود مبارڪ جي بدولت الله تعاليٰ جون نعمتون نازل ٿينديون رهن ٿيون.

امام رباني ؒ کان روايت آهي تہ:

> قطب ۽ ابدال جو تعلق هن جهان جي وجود سان آهي ۽ ان جي بقا سان تعلق رکندڙ معاملن ۾ فيض وصول ڪرڻ جو ذريعو آهن. پيدائش، رزق، مشڪلاتن جي دور ٿيڻ صحت ۽ آرام جي حاصل ٿيڻ جو تعلق قطب ۽ ابدال جي فيض سان منسوب ڪيل آهي. جڏهن تہ ايمان هدايت، نيڪي ۽ توبهہ جو تعلق قطب جي فيض



www.sindhsalamat.com

سان آهي.[64]

الله وارن جو وجود امت لاءِ سراپا رحمت ۽ ٻاجهه جو سبب آهي ان سلسلي ۾ علامہ سيوطي ﷫ کان روايت آهي تہ:

فَمَسْكَنَ النَّقَبَاءَ اَلْمَغْرِبْ وَمَسْكَنَ النَّجَباءَ مِصْرِ وَمَسْكَنْ اَبْدَال اَلشَّام وَالْاَخْيَار سَيَاحُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَلْعَمَدِ فِي زَوَايا الْاَرْض وَمَسْكَنَ الْغَوث مَكَّةَ فَاذَا عَرَضْتَ الْحَاجَه فِي الْاَمْرِ الْعَامَه اَبْتَهَل فِيْهَا النَّقَبا ثم النَّجَبا ثمَّ الْاَبْدَال ثُما لْاَخْيَار ثُم الْعَمْدَ فَاِنْ اَجِيْبُوا وَاِلَا اَبْتَهَل الْغَوثَ حَتّٰى تَجَابَ دَعَوَةُ [65]

ترجمو: نقبا جي رهائش مغرب (اولهہ) ۾ آهي، نجباءَ مصر ۾ ۽ ابدال شام ۾ رهندا آهن، اخيار سير ۽ فڪر ڪندا رهندا آهن، قطب زمين ۾ ڦهليل هوندا آهن. جڏهن تہ غوث جو مسڪن مڪي مڪرمہ ۾ هوندو آهي، جڏهن مخلوق تي ڪا مصيبت ايندي آهي تہ دعا لاءِ نقبا، نجبا، اخيار ۽ قطب هٿ کڻندا آهن ۽ اگر اجا بہ دعا قبول نہ ٿيندي آهي تہ پوءِ غوث دعا گهرندو آهي، تان جو اها دعا قبول ٿي ويندي آهي.

انهن روايتن ۽ احاديث مبارڪہ مان ثابت ٿيو تہ صوفيا، اولياءِ، ابدال، غوث ۽ اقطاب جو وجود هن ڪائنات لاءِ الله تعاليٰ جي رحم ۽ ڪرم جو ذريعو آهي.

## سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي ابتدا

سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي ابتدا پهرين صدي هجري کان ٿي، ڇو تہ ان دور ۾ سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جو اثر پهچڻ شروع ٿي ويو هو. سرزمين سنڌ ۾ صوفي درويش پيدا ٿيا. جن جا تڪيا، آستانا ۽ درگاهون چپي چپي تي موجود آهن.

”گرمي، خاڪ، فقير ۽ مقبرا“ اهي چار شيون آهن جن سان سنڌ سجاتي وڃي ٿي.[66]

اسلامي تصوف جي ابتدا انهن بزرگن، درويشن ۽ الله وارن ڪئي جيڪي الله ۽ رسول ﷺ جا شيدائي ۽ فدائي هئا. علامہ اقبال پنهنجي تصنيف فلسفہ عجم ۾ لکيو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com

”تصوف جي ابتدا ان ڪابر امت کان ٿي جن جو عمل علم کان جدا نہ هو“

حضور ﷺ جن کان روايت آهي تہ:

علم بہ آهن هڪ علم عَلي اللسان هيءُ علم آدم عليہ السلام جي اولاد تي الله تعاليٰ جي حجت آهي ۽ ٻيو علم في القلب آهي ۽ هيءُ علم نفعو ڏيندڙ آهي.(67)

هن حديث مبارڪ جي روشنيءَ ۾ حضرت عمر رضي الله عنہ جو قول آهي تہ:

مون کي اسلامي امت ۾ گهڻو خوف منافق علم واري کان آهي، منافق علم وارو اهو آهي جيڪو زباني طور علم ڄاڻندڙ هجي پر دل ۽ عمل جي لحاظ کان جاهل هجي.

هنن روايتن مان اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ تصوف جو تعلق دينِ اسلام سان آهي ۽ مستشرقين جي ان راءِ ۾ ڪو وزن نہ آهي تہ تصوف جو تعلق يونان ۽ هندستان جي نيو افلاطوني، سوفسطائي يا گوتم فڪر سان آهي.

پهرين صدي هجريءَ واري دور ۾ سنڌ ۾ سيپيئي تحريڪون اينديون رهيون تصوف جي تحريڪ بہ اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ پهتي.

ابوعلي سنڌي، اهو پهريون سنڌي صوفي هو جنهن جو ذڪر اسان کي تاريخ جي ڪتابن مان ملي ٿو نفحات الانس جو مصنف سندس باري ۾ لکي ٿو تہ:

شرح شطحيات شيخ روز بهقان بقلي ۾ ذڪر آهي تہ پاڻ (ابوعلي سنڌي قدس الله سره) بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جي استادن مان آهي. بايزيد بسطامي فرمايو تہ: ”مون ابوعلي کان توحيد ۾ فنا ٿيڻ جو علم سکيو ۽ ابوعلي رحمة الله عليه مون کان الحمد ۽ قل هو الله سکيو هو.(68)

خواجہ بايزيد بسطامي عباسي دور جو وڏو ناليوارو عابد ۽ زاهد ٿي گذريو آهي، سندس وفات سنہ 261هہ ۾ ٿي. مٿس وحدت الوجودي فڪر جو غلبو هو. ايڏي وڏي مرتبي واري شخصيت ۽ شيخ طريقت بايزيد بسطاميءَ جي استاد ابوعلي سنڌيءَ تي ڏرتي هميشہ فخر ڪندي رهندي.



www.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ تصوف جي ابتدائي داعين مان سيد صدرالدين لڪوي ﷺ، (لڪعلوي) جو نالو ملي ٿو. تحفته الڪرام ۾ ٻين تاريخي ڪتابن کان سواءِ خواجہ معين الدين چشتي اجميري جي ملفوظات عاليہ ۾ سندن ذڪر اچي ٿو. خواجہ معين الدين چشتي اجميري جڏهن سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو تڏهن سندس ملاقات سيد صدرالدين سان لڪيءَ جي ڀهاڙن ۾ ٿي، جتي هو عبادت الاهي ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف هو. سندس ڪيفيت ڪي ڏسندي خواجہ معين الدين سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: ”مون کي نصيحت ڪريو“ جواب ۾ سيد صدرالدين فرمايو تہ ”ہي ڪهڙي نصيحت ڪريان جڏهن مرڻوآئيون“ روايت آهي تہ بزرگ ايئن چوڻ بعد بيهوش ٿي ويو.

تاريخي روايتن مان معلوم ٿيو آهي تہ سيد صدرالدين شاهہ، حضرت شهباز قلندر کان گهڻو اڳ سيوهڻ ۽ ان جي پسگردائيءَ واري علائقن ۾ فيض پهچائيندو رهيو هو. سيوهڻ ۾ تمام پراڻي مسجد بہ موجود هئي جا سيد صدرالدين جي نالي سان منسوب هئي. سندس گنبذ نادر شاهہ جي اهتمام سان ٺهيو جنهن جو ذڪر لطف الله سورتيءَ پنهنجي سنڌ واري سفرنامي ۾ پڻ ڪيو آهي.

سونهاريءَ سنڌ ۾ باقاعدي تصوف جي ابتدائي تبليغ سهروردي طريقي کان ٿي جنهن جو پهريون مبلغ شيخ نوح بکري ﷺ آهي. مسعود حسن شهاب هڪ هنڌ لکيو آهي تہ:

> شيخ بهاءُ الدين کان پهريان شيخ شهاب الدين خلافت حاصل ڪئي هئي.(69)

جڏهن تہ شيخ نوح ؒ، شيخ شهاب الدين جي اهم مريدن مان آهي، هو اصل سنڌ جو رهنڌڙ هو. حضرت شيخ شهاب الدين جي حڪم سان بکر ۾ اچي رهيو. جنهن کي ان وقت ”فرستہ“ سڏيندا هئا. روايت آهي تہ جڏهن شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني، حضرت شهاب الدين سهرورديءَ کان خلافت حاصل ڪري موٽيو ٿي تہ کيس شيخ فرمايو تہ:

منهنجو هڪ مريد ”فرستہ“ سنڌ ۾ رهي ٿو ان سان ملجو.(70) هو ڏيئو وَٽ ۽ تيل تہ پاڻ سان ڪٺي آيو هو فقط روشنيءَ جي جاڳائڻ جو محتاج هو.(71)



www.sindhsalamat.com

مگر افسوس جو جڏهن شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني سنڌ پهتو تہ حضرت نوح بکري هن دنيا مان موڪلائي چڪو هو.

هيءَ حقيقت آهي تہ جن سهروردي بزرگن جو فيض سنڌ ۾ گهڻو پکڙيو انهن مان حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جو سڀ کان وڌيڪ سڀ ۾ سڀ کان وڏو نالو گهڻو شرف رکي ٿو. هن بزرگ سنڌ جو گهڻو سير ۽ سفر ڪيو. حديقہ الاوليا جي روايت موجب حضرت بهاءُ الدين ديبل بہ ويو هو جتي هن شيخ پٺي ديوليءَ کي پنهنجي ارادتمندن ۾ داخل ڪيو.

پيرپٺي ديوليءَ کان سواءِ محمد طور جو رهندڙ مُلا خليفو سنڌي ﷺ بہ شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني ﷺ جي اهم مريدن ۾ شامل آهي.

سيد جلال الدين مير سرخ بخاري ﷺ، شيخ زڪريا ملتانيءَ جي خليفن ۾ اهم رتبو رکي ٿو بکر ۾ گهڻو وقت مقيم رهيو ۽ سيد بدرالدين بکريءَ جي نياڻيءَ سان سندس نڪاح ٿيو ۽ سندس فرزند سيد احمد ڪبير انهيءَ بيبيءَ صاحبہ مان ٿيو.

سيد احمد ڪبير بہ اهل الله مان آهي بکر ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ سندس فيض جو سلسلو جاري رهيو. سيد احمد جي فرزند مخدوم جلال جهانيان بخاريءَ جو تعلق بہ سنڌ سان رهيو سندس وطن اُچ شهر هو ليڪن ان وقت اُچ شهر سنڌ جو هڪ حصو ٿي چڪو هو ۽ مٿس سومرن جو تسلط هو.

شيخ محمود قطب شڪر گنج جو شمار مخدوم جلال جهانيان بخاريءَ جي اهم مريدن ۾ ٿئي ٿو. هن بزرگ سکر لڳ اروڙ کي پنهنجو مسڪن بنايو ۽ پنهنجي فيض جو سلسلو جاري رکيو. سندس وفات اروڙ (الور) ۾ ٿي ۽ قلعي جي ٻاهران سندس مزار آهي. روهڙيءَ جو مشهور صوفي شاعر ۽ درويش قادر بخش بيدل سندس تعريف ۾ لکي ٿو:

شاهہ محمود شڪر گنج حسيني نسل خيبر شڪن
ونورشهي بدرحنين من بيڪس بدرچون توڪريم الاخلاق
ملتجي آمده امر فامدني في الدارين جلوه روءِ تو دل تيره مرانورد
هد. خاڪ کوئي تو بود لاشڪ قره عينين "بيدل افتاده زياالمداي
غوثِ ڪريم دست گيرويبر سانش ازره ايمان بعين. (72)



www.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ سهروردي سلسلي جي هڪ بزرگ سيد محمد مڪيءَ جو نالو بہ وڏي احترام سان ورتو ويجي ٿو. سندس والد جو نالو سيد محمد شجاع هو. سندس اصلي وطن مشهد (ايران) هو. سندس ولادت باسعادت مڪي مڪرمہ ۾ ٿي هئي. ان ڪري محمد مڪيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. والد جي وفات بعد بکر سنڌ ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ هتي دين اسلام ۽ روحانيت جي دعوت جو سلسلو عام ڪيائين. روايت آهي تہ بکر تي اهو نالو بہ سندس اشاري سان پيو. هن بزرگ بکر ۾ ئي وفات فرمائي. سندس مزار ڪمشنر سکر جي آفيس لڳ آهي.

سنڌ تي چشتي سلسلي جي بزرگن جو بہ اثر رهيو آهي ان سلسلي جو پير طريقت حضرت شيخ فرالدين شڪر گنج ؒ، سنڌ ۾ ڪيترائي ڀيرا آيو هو. شيخ عبدالحق دهلوي "آخبار الاخيار" ۾ لکيو آهي تہ:

> "خواجہ فريدالدين شڪرگنج رحمتہ الله پنهنجي هڪ ارادتمند "شيخ عارف" کي چشتي طريقي جي ترويج لاءِ سيوهڻ موڪليو هو."

سهروردي ۽ چشتي سلسلي جي بزرگن کان سواءِ سنڌ جي سرزمين تي نقشبندي ۽ قادري سلسلي جي ڪيترن ئي بزرگن، ولين ۽ درويشن پنهنجي فيض جا جوهر ڏيکاريا ۽ ڪيترن ئي مردين دلين کي ايمان جي نور سان منور ڪيو ۽ هزارن ڀٽڪيلن کي صراط مستقيم واري واٽ ورائي. اهوئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ نہ رڳو انهن الله وارن جاگنبذ، مزارون ۽ مقبرا نظر اچن ٿا بلڪ هر سلسلي جا هزارين مريد انهن روحاني رهبرن کان رهنمائي حاصل ڪندا رهن ٿا. اهي الله وارا جن تي سنڌ واسين ۽ سنڌ ڌرتيءَ کي ناز آهي سي الله جي رحمت ۽ رضا جا ذريعا پڻ آهن جن ذريعي مخلوق تان مصيبتون ٽرنديون رهنديون آهن ۽ الله جي رحم ۽ ڪرم جي پالوٽ ٿيندي رهندي آهي.

سنڌ جي سرزمين کي اها فضيلت بہ حاصل رهي آهي تہ ملتان ۽ اُچ کان وٺي ڪڇ جي رڻ ۽ گجرات تائين سنڌ جي صوفين ۽ الله وارن بزرگن کي روحانيت جي تبليغ جي سعادت حاصل رهي آهي.

حسني ۽ حسيني طريقي جو پهريون بزرگ امير ڪبير سيد قطب



www.sindhsalamat.com

مدني ﷺ، حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جو پاڙيچو هو جيڪو ڇهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ بعد ۾ هتان دهليءَ ۽ ڪڙهہ مانڪپور پهتو. ان طرح حسني ۽ حسيني طريقي جي ابتدا بہ سنڌ مان ٿي هند ۾ پهتي ۽ سنڌ ۾ حسني، حسيني، جيلاني سلسلي جا هزارين مريد موجود آهن.

رضويہ سلسلي جو جدِ امجد سيد محمد مڪي بہ بکر ۾ رهڻ لڳو سندس اولاد مان ڪجهہ بزرگ بنگال تائين وڃي پهتا.

راشدي پيرن جون بہ گاديون پير سيد صبغت الله شاهہ راشدي ۽ سندن بزرگن جي نسبت سان سنڌ ۾ قائم ۽ دائم آهن. جتان ڪنگريءَ مان پير صاحب پاڳاري ۽ پير جهنڊي جي درگاهن تان فيض جو سلسلو صدين کان جاري آهي.

سيد علي لڪي ضلعي دادو ۾ رهڻ لڳو. جنهن کي سندس نالي پٺيان (لڪ علوي) ڪري سڏيائون. ان مان لڪياري سادات سڏجڻ لڳا سندن فيض جو سلسلو بہ اڄ تائين جاري آهي.

سيد عثمان مروندي المعروف لعل شهباز قلندر جي اچڻ ڪري سنڌين فيض پاتو ان کان سواءِ مخدوم محمد هاشم، مخدوم معين، شاهہ عنايت، شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف، سچل سرمست، بيدل بيڪس جهڙا هزارين صوفي باصفا ۽ ڪامل ولي سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي چمن جا اهڙا تہ سدا بهار سڳنڌ وارا گل آهن، جن بيشمار من مهڪائي ڇڏيا آهن.

## حوالا


(1) اسلامي تصوف۔سيد مظفر احمد ضياء۔ صفحو 87، ايجوڪيشنل پريس 1992ع

(2) ڪتاب اللمع في التصوف۔ ابونصر سراج طوسي۔ ترجمہ ڊاڪٽر پير محمد حسن، صفحو 59۔60 اداره تحقيقات اسلامي اسلام آباد 1996ع

(3) المنجد اردو لغت۔ صفحو نمبر 576، فيروز سنز ڪراچي 1975ع

(4) پروفيسر معن۔ز۔ عربي انگريزي لغت، صفحو 382، يو۔ اي۔ اي 1973ع

(5) تصوف ڪياهي۔ مولانا منظور احمد نعماني۔ صفحو 96۔98 ادراه اسلاميات لاهور 1981ع

(6) اسلامي تصوف اهل مغرب ڪي نظر مين۔ سيد مظفر احمد ضياء صفحو 104 ايجوڪيشنل پريس 1992ع

(7) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الذاريات آيت 50 پاره 30




www.sindhsalamat.com

صفحو 629 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(8) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العلق 19 پاره 30، صفحو 725 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(9) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الدهر، آيت 26 پاره 29 صفحو 695 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(10) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المزمل آيت 8 پاره 29 صفحو 695، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(11) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 80 پاره 14 صفحو 333، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(12) سنن ابن ماجه- محمد بن يزيد ابن ماجه- جلد ٽيون، ڪتاب الباس النبي ﷺ صفحو 154، متڪيبه العلوم لاهور 2000ع
(13) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 23 پاره 8 صفحو 185 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(14) دلائل السلوڪ- علامه الله يار خان- صفحو 26 تاليفات اويسيه ميانوالي 1999ع
(15) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجمعه آيت 2 پاره 28 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(16) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 31 پاره 3 صفحو 66 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(17) دلائل السلوڪ- علامه الله يار خان- صفحو 38 تاليفات اويسيه ميانوالي 1992ع
(18) دلائل السلوڪ- علامه الله يار خان- صفحو 38 تاليفات اويسيه ميانوالي 1992ع
(19) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعلي آيت 14 پاره 30 صفحو 717 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(20) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشمس آيت 9-10 پاره 30 صفحو 721 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(21) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 17 پاره 22 صفحو 826، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(22) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التغابن آيت 11 پاره 28، صفحو 672، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(23) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 165، پاره 2 صفحو 32 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 2، پاره 9 صفحو 214، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(25) صحيح بخاري شريف- محمد بن اسماعيل البخاري، ڪتاب الايمان، صفحو 13 حامد اينڊڪو لاهور 1982ع



www.sindhsalamat.com

(26) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحديد. آيت 3 پاره 27،
صفحو 647 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(27) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور. آيت 35 پاره 18 صفحو
427 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(28) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت القصص آيت 88 پاره 20
صفحو 477 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(29) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحجر آيت 29، پاره 14
صفحو 317 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق. آيت 16 پاره 26 صفحو
264 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(31) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الذاريات آيت 16 پاره 7،
صفحو 71 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(32) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 104، پاره 7
صفحو 171 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 27، پاره 27
صفحو 640 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 115، پاره 1
صفحو 23 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(35) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحديد آيت 4، پاره 27
صفحو 647 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 195، پاره 2
صفحو 38 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(37) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 56، پاره 8
صفحو 191 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 60، پاره 27
صفحو 641 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(39) رياض الصالحين۔ امام محي الدين ابي ذڪريا بن شرف نووي، باب المراقبہ
صفحو 52 دارالاشاعت ڪراچي 2002ع
(40) صحيح بخاري۔ محمد بن اسماعيل البخاري۔ باب في المجاهده. صفحو 71
(41) رياض الصالحين۔ امام محي الدين ابي زڪريا شرف نووي۔ صفحو 72_71
دارالاشاعت ڪراچي 1999ع
(42) قرآن اور تصوف۔ ڊاڪٽر مير ولي الدين. صفحو 11 سٽي بوڪ پوائنٽ ڪراچي
2000ع
(43) اصحاب صفہ۔ مفتي محمد عاشق۔ صفحو 5 مڪتبہ دارالعلوم ڪراچي



www.sindhsalamat.com

(44) اصحاب صفہ۔ مفتي محمد عاشق۔ صفحو 47 مڪتبہ دارالعلوم ڪراچي
(45) قرآن اور تصوف۔ ڊاڪٽر مير ولي الدين۔ صفحو 12 ستي بود پوائنٽ ڪراچي 2000ع
(46) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 52، پاره 8 صفحو تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(47) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 54، پاره 7 صفحو 162 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(48) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ڪهف آيت 27، پاره 15 صفحو 162 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(49) اصحابہ صفہ۔ مفتي محمد عاشق۔ صفحو 33 مڪتبہ دارالعلوم ڪراچي
(50) روح اسلام۔ پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد صفحو 21 اداره مسعوديہ ڪراچي 1996ع
(51) روح اسلام۔ پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد۔ صفحو 22 اداره مسعوديہ ڪراچي 1996ع
(52) روح اسلام۔ پروفيسر ڊاڪٽر محمد مسعود احمد۔ صفحو 23 اداره مسعوديہ ڪراچي 1996ع
(53) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الذاريات آيت 56، پاره 26 صفحو 629 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(54) رياض الصالحين۔ امام محي الدين زڪريا. صفحو 71 دارالاشاعت ڪراچي 2002ع
(55) تصوف اور قرآن۔ ڊاڪٽر مير ولي الدين – صفحو 13 ستي بوڪ ڊپو ڪراچي
(56) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 191، پاره 4 صفحو 92 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(57) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبہ آيت 112، پاره 10 صفحو 247 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(58) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المزمل، آيت 30، پاره 29 صفحو 646 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(59) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت عنڪوب آيت 29، پاره 21 صفحو 486 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(60) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 26، پاره 11 صفحو 260 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(61) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 63، پاره 11 صفحو 260 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(62) دلائل السلوڪ۔ مولانا الله يار خان۔ صفحو 144 اداره تاليفات اويسيہ ميانوالي




www.sindhsalamat.com

(مرشد آباد) 1992ع
(63) دلائل السلوڪ۔ مولانا الله يار خان۔ صفحو 143 اداره تاليفات اويسيہ ميانوالي (مرشد آباد) 1992ع
(64) دلائل السلوڪ۔ مولانا الله يار خان۔ صفحو 145 اداره تاليفات اويسيہ ميانوالي (مرشد آباد) 1992ع
(65) دلائل السلوڪ۔ مولانا الله يار خان۔ صفحو 146 اداره تاليفات اويسيہ ميانوالي (مرشد آباد) 1992ع
(66) جنت السنڌ۔ رحيمداد مولائي شيدائي صفحو 207 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
(67) جامع ترمذي۔ امام ابو عيسي ترمذي۔ باب العلم حوالہ صفحو 37. 1966ع
(68) مهراڻ۔ مقالو لطف الله بدوي۔ صفحو 37 سنڌي ادبي بورڊ 1966ع
(69) تاريخ سهرورديہ۔ ڊاڪٽر محمد سعيد۔ صفحو 137 انجمن سهرورديہ ڪراچي 2000ع
(70) تاريخ سهرورديہ۔ ڊاڪٽر محمد سعيد صفحو 140 انجمن سهرورديہ ڪراچي 2000ع
(71) مهراڻ۔ ايڊيٽر غلام محمد گرامي۔ مقالو لطف الله بدوي صفحو 30 سنڌي ادبي بورڊ 1966ع
(72) مهراڻ۔ ايڊيٽر غلام محمد گرامي۔ مقالو لطف الله بدوي صفحو 42_41 سنڌي ادبي بورڊ 1966ع



www.sindhsalamat.com

باب ٽيون

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ تصوف

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جي ذات گرامي تصوف جي رنگ ۾ رڱيل هئي. سندس قول فعل ۽ ڪردار مان تصوف جي جهلڪ ۽ سندس ڪلام مان مَن کي معطر ڪندڙ مهڪ محسوس ٿيندي آهي.

ڀلاري ڀٽ ڌڻي ﷫، جي ذات ۽ ڪلام ۾ نظر ايندڙ تصوف جي جهلڪ جو جيڪڏهن مختصر تعارف ڪرائجي تہ آءٌ ان لاءِ شيخ سعدي شيرازي ﷫، جي تشريح پيش ڪرڻ مناسب سمجهندس، جنهن ۾ تصوف جي اصلي حقيقت کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي:

سعدي حجاب نيست تو آئينہ صاف دار،
زنگار خورده کي بنمايد جمال يار.[1]

مطلب تہ جيڪڏهن تون سچو عاشق آهين ۽ تو ۾ محبوب جي ديدار جي تڙپ ۽ تمنا آهي تہ پوءِ ٻڌ، محبوب تو کان پري نہ آهي. تون وڃي دل واري آئيني کي صاف ڪر ڇا ڪاڻ تہ ڪٽيل (زنگ لڳل) آئيني ۾ محبوب جو جمال ڪيئن نظر ايندو؟

ان مان ثابت ٿيو تہ تصوف مان مراد اندر اجارڻ آهي ۽ اها ساڳي ڪيفيت اسان کي شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ هن ريت نظر اچي ٿي:

اندر آئينو ڪري، پرين سو پسيج،
انهيءَ راه رميج، تہ مشاهدو ماڻين.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اهو اندر وارو آئينو ڪيئن صاف، سٿرو ۽ اجو اجرو ڪجي؟ جو ان ۾ پرينءَ جو مشاهدو ماڻي سگهجي. ان لاءِ شاهہ صاحب انسان کي خبردار ڪندي ٻڌايو تہ اي غافل انسان تون اصل ۾ عالم


www.sindhsalamat.com

الاهيات جو هڪ جز آهين، تنهنجو اصلي وطن عالم ارواح آهي. جتي توکي پنهنجي سچي محبوب جو ديدار ۽ قرب هر وقت حاصل ٿي سگهي ٿو. هيءَ دنيا جنهن کي تو پنهنجو ساٿيهہ سمجهيو آهي ۽ ان جي رنگينين ۽ دلچسپين ۾ محو ۽ حيران ٿي ويو آهين، اهو صرف مانجهاندي جو ماڳ آهي ۽ ساڳي وقت امتحان گاهہ پڻ آهي. جنهن ۾ توکي ڪامياب ٿي هميشہ واري ابديءَ زندگيءَ جو آرام ۽ سڪون حاصل ڪرڻو آهي. تنهنجا ٻہ ازلي دوست نما دشمن نفس ۽ شيطان توکي هن دنيا ۾ لوڀ ۽ لالچ جو سبق ڏيئي اصلي ماڳ ۽ مالڪ حقيقي سان "الست بربکم جي جواب ۾ قالو بليٰ شهدنا" واري وچن کي وسارڻ لاءِ وڏا جتن ڪري رهيا آهن. ليڪن توکي دشمن جي انهن ڏوڪن، مڪر ۽ فريب کان پاڻ کي بچائڻو آهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر انهيءَ عنوان تي پنهنجي رسالي جو هڪ سچو سر مارئي وقف ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ شاهہ سائينءَ انساني روح کي مارئيءَ سان تشبيهہ ڏني آهي، جنهن جو اصلي وطن ملير يعني روحاني دنيا آهي، جتي هوءَ مبارڪ روحن سان گڏ خوشحال زندگي گذاري رهي هئي تہ اتان اوچتو ڪجي آئي ۽ عمر (نفس) جي ڪوٽ (دنيا) ۾ قيد ٿئي ٿي پوءِ ڪيس عمر پنهنجي وس ۾ آڻڻ لاءِ وڏا وس ٿو ڪري، طرحين طرحين لالچون ڏيئي لالچائي ٿو ليڪن مارئي اهو سچو روح جنهن کي پنهنجي ماروءَ سان ڪيل الست وارو ازل کان ڪيل وچن ياد آهي، ان ڪري هوءَ عمر جي ڪوٽ ۾ قيد ٿيڻ سبب حيران ۽ پريشان آهي. سندس ننڊ آرام قتل آهي ۽ ڪيس الست وارو وچن ياد آهي:

الســت بــربڪم، جــڏهن ڪــن پيــومَ،
قــالو بلــيٰ قلــب ۾، تــڏهن تــت چيــومِ،
تهــين ويــر ڪيــومِ، وَچــنُ ويــڙيچن ســين.[2]

شاهہ سائينءَ جي مارئي عمر جي هن ڪوٽ ۾ مرڻ بہ نٿي چاهي:

الله ائــين مَ هــوءِ جيــئن آنءُ مــران بنـــد ۾،
جيـــڙو جنجيـــرن ۾ راتيـــان ڏينهـــان روءِ،
پهــرين وجــان لــوءِ، پــوءِ مــر پڇــنم ڏينهــڙا.[3]



www.sindhsalamat.com

مارئيءَ جي اصلي ماڳ سان محبت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن هوءَ عمر جي ڪوٽ مان جيئري ٻاهر نڪري آزاد ٿيڻ کان نااميد ٿئي ٿي تہ عمر کي وصيت ڪندي چوي ٿي تہ:

واجهائي وطن کي، آءُ جي هت مُياسِ،
گور منهنجي سومرا، ڪج پهنوارن پاس،
ساري ڏين سرتيون، منجهان ولين واس،
ميائي جياس،جي وڃي مڙهہ مليرِ ڏي. (4)

جڏهن انساني روح پنهنجي پاڪ وطن کان وڇڙي هن دنيا جي جهان ۾ نفساني خواهشن ۾ اچي ڦاسي ٿو تہ انهن کان آزاد ٿي روحاني دنيا سان تعلق جوڙڻ لاءِ ڪيس چئن ڳالهين کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويجي ٿو. جن ۾ ايمان، توبهہ، عبادت ۽ زهد (تقويٰ) شامل آهن. اهي چارئي عمل تصوف جو بنياد آهن. ايمان مان مراد الله رب العزت جي ذات ۽ صفات تي ويساهہ رکڻ سان گڏ نبي ڪريم ﷺ جي رسالت کي مڃڻ آهي، جنهن جو اعلان شاهہ سائينءَ هن ريت فرمايو آهي:

وحده لاشريڪ لہ، جن اُتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ، ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، اَوَتَڙَ ڪنہ نہ اولٿا. (5)

شاهہ لطيف تصوف جي ان حد کي پهتل هو جتي واحد جي وحدت ۾ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪرڻ فرض سمجهي ٿو:

سِر ڏونڊيان ڌڙ نہ لهان، ڌڙ ڏونڊيان سِر ناهہ،
هٿ ڪرايون آڱريون، ويا ڪپجي ڪانہ،
وحدت جي وهانہ، جي وٺاسي وڍٿا. (6)

سنڌ جي صوفين جو سردار هر هنڌ هوت پسي ٿو ڪيس هر طرف جانب جو جمال نظر اچي ٿو:



www.sindhsalamat.com

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ مَ ڀُل،
هُو هلاچو هُل، ٻالله سندو سڄڻين. (7)

نہ رڳو ايترو بلڪ شاهہ لطيف ﷬ هڪ قدم اڳتي وڌندي اعلان فرمائي ٿو تہ:

سو هيءُ سوهُو، سو اَجَلُ، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو. (8)

شاهہ سائينءَ جي صوفياڻي فڪر ۾ انسان دوستيءَ جو اهو ڪمال هو جو مسلمانن ڪان سواءِ غيرمسلم بہ سندن عقيدت ۾ محبت جي رنگ ۾ رڱجي ويا ۽ انهن جي دلين ۾ صوفين، درويشن الله وارن ۾ اسلام جي محبت جاءِ والارڻ لڳي، جنهن جو وڏو اثر اهو ٿيو جو سنڌ مان مذهبي ڪٽرپڻي جي پاڙ پٽجي وئي.

ايمان کان پوءِ توبهہ يعني پنهنجن گناهن ۽ خطائن تي ندامت ۽ شرمندگيءَ جو احساس ۽ اظهار آهي ان بعد زُهد يعني تقويٰ ۽ عبادت جو درجو آهي. ڀلاري ڀٽ ڌڻي پنهنجي ڪلام ۾ جابجا انهن اعليٰ ايماني قدرن کي بيان فرمايو آهي. ليڪن سر يمن ڪلياڻ جي هڪ بيت ۾ بيان فرمايو آهي:

وحده لاشريڪ لہ، چو چوندو آءُ،
فرض، واجب، سنتون، تنئون تون ترڪ مَ پاءِ،
توبہ سندي تسبيح، پڙهي سا پُڄاءِ،
ننگا پنهنجي نفس کي، ڪا سنئين راهہ سونهاءِ،
سُپريان جي ڳالهڙي، هي هيئن سِين لاءِ،
تہ سندي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي.

صوفيءَ جي عبادت ۾ شرط آهي تہ ان ۾ ڪا لوڀ لالچ نہ هجي محبوب حقيقيءَ جي رضا کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد نہ هئڻ گهرجي. شاهہ جي ڪلام ۽ فڪر ۾ جيڪا تصوف جي جهلڪ نظر اچي ٿي ان ۾ صوفي باصفا کي عبادت ۽ رياضت تي ناز ڪرڻو نہ آهي.



www.sindhsalamat.com

ڪيس ڪتڻ سان گڏ ڪنبڻ بہ گهرجي ۽ هر حال ۾ عاجزي ۽ انڪساريءَ کي اختيار ڪرڻو آهي، ڇو تہ نابودي ئي عبد کي اعليٰ ڪندي آهي ۽ ان بعد ئي انسان پنهنجي محبوبِ حقيقيءَ جو وصال ماڻي سگهي ٿو.

## شاهہ جي ڪلام ۾ تصوف جي جهلڪ

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي﷫، هڪ ڪامل ولي ۽ صوفي باصفا هو سندس ذات ۽ ڪردار مان تصوف ۽ روحانيت جو نور ٽمندڙ هو جنهن جي هڪ جهلڪ سان ڪيترين ئي مرده دليون ايمانيت ۽ انسانيت جي نور سان منور ٿي ويون ۽ ڪيترائي ڀٽڪيل صراط مستقيم واري سنئين واٽ تي اچي ويا.

شاهہ صاحب سڀ کان پهريان انسان کي پنهنجيءَ نيت ۽ دل کي پاڪ ۽ صاف رکڻ لاءِ تاڪيد فرمائن ٿا. ڇو تہ تصوف مان مراد ئي دل ۽ من جي دنيا کي آباد ڪرڻ آهي ۽ اها دنيا تڏهن آباد ٿيندي جڏهن اها پاڪ ۽ صاف هوندي يعني اندر جي پاڪيزگي تصوف جو روح آهي.

شاهہ بہ انسان کي دل کي صاف ڪري ان ۾ محبت جي مچ ٻارڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:

اُٿي اور الله سين، ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ،
ڪڏ تون دغا دل مان، صاحب وٽي سچ،
محبت سندو مَن ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
انهين پر تون اچ، تہ سودو ٿيئي سقرو. (9)

شاهہ سائينءَ موجب دل مان دغا، ڌوڪي، مڪر ۽ فريب کي ڪڍي سچ ۽ محبت کي جاءِ ڏيڻ سان انسان جو سودو سقرو يعني نفعي وارو ٿي سگهي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن انسان شاهہ جي صلاح موجب "اُٿي اور الله سين" الله جو ذڪر ۽ فڪر ڪندو تہ سندس اندر (دل) واري دنيا آباد ٿيندي.



www.sindhsalamat.com

شاهه صاحب اڳتي هلي من ۾ محبت جي مچ ٻاريندڙ انسان جي ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

محبـــت پـــائي مـــن ۾، رانـــديا روڙيـــا جـــن،
تـــن جـــو صـــرافن، اٽڪورئـــو اگهـــائيو. (10)

يعني من ۾ محبت پائي رنديا روڙيندڙن لاءِ ڪابه تور ڪڙي ڪانه ٿيندي. سندن عمل بنا تور قبول پوندا ۽ انهن جي محبت جي عيوض ڪين الله تعاليٰ جي بخشش ۽ مغفرت حاصل ٿيندي انسان جي دل ۾ جڏهن محبت پيدا ٿيندي آهي ته پوءِ ان مان اطاعت الاهي ۽ اطاعت رسول الله ﷺ جنم وٺندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سندس بخشش ۽ ڪاميابي يقيني آهي. جنهن لاءِ شاهه سائين "اٽڪورئو اگهائيو" جو اشارو فرمايو آهي.

جڏهن ته قرآن ڪريم ۾ به الله ۽ رسول الله ﷺ جي پيروي ڪندڙن لاءِ جنت جي خوشخبري ڏنل آهي، جنهن جو اشارو شاهه سائين "محبت پائي من ۾ رنديا روڙيا جن" جو اعلان ڪري ڏنو آهي:

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا
وَذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۳﴾ (11)

ترجمو: ۽ جيڪو الله ۽ سندس رسول جي فرمانبرداري ڪندو تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن. ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن ۽ اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

شاهه سائين ﷫، انسان جي عملن متعلق وضاحت ڪندي ارشاد فرمايو آهي ته عمل ڇوٽڪاري جو ذريعو ضرور آهن. ليڪن صرف عملن جي بنياد تي ڪوبه ڇٽي نه سگهندو.

جيڪين منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لُطف جي لطيف چئي، تـو وٽ ڪمي ڪانـه،
عَدُلِ ڇٽان آن نه، ڪو قيرو ڪج فضل جو. (12)

هڪ صوفي اندروني طورتي پنهنجي نفس کي ماري سنئين راهه آڻڻ سان گڏ بيروني طورتي به دنيا جي مڪر فريب ۽ دوکي کي منهن ڏيندو آهي،



www.sindhsalamat.com

جهڙيءَ طرح سهڻيءَ لاءِ درياءُ، موجون ۽ ڪارا ڪُن رڪاوٽون هيون اهڙيءَ طرح هڪ صوفي ۽ سالڪ لاءِ دنياوي خطرا، اندروني ۽ ٻيروني رڪاوٽون آهن. جيئن سهڻيءَ لاءِ ڏمر جا ڏک ۽ ڏولاوا هئا، تئين هڪ سالڪ لاءِ نفس نفساني خواهشون ۽ وسوسا آهن. هڪ سالڪ کي انهن ٻنهي قسمن جي آفتن کي منهن ڏيڻو آهي، اهي ڪيس سنئين راهہ تان هٽائڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هونديون آهن. جڏهن سالڪ انهن رڪاوٽن کي ٽوڙي اڳتي وڌندو آهي تہ ڪيس صراط مستقيم واري سڌي واٽ نظر ايندي آهي، مگر اُن واٽ تي هلڻ ۽ منزل مقصود ماڻڻ لاءِ بارگاهہ الاهيءَ مان توفيق ۽ تائيد بہ ضروري آهي، ڇو جو ان کان سواءِ هيءُ سفر طئي نٿي سگهندو. شاهہ سائين سهڻيءَ کي پيش آيل ٻيروني خطرن ۽ سِير مان پار اُڪارڻ لاءِ ٻاڏائڻ واري منظر کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

دهشت دمر درياهہ ۾، جت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سير جو مَپُ نہ ملاحن،
درندا درياهہ ۾ وَاڪا ڪئو ورن،
سڄا پيڙا پار ۾، هلڻا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو ڦهر ڪنن ۾، وئا ڪين ورن،
اتي اٽڪارن، ساهڙ سير لنگهائيين. (13)

انهن سمورن خطرن باوجود اٽڪارن کي ساهڙ ئي سير مان پار ڪرائي سگهي ٿو. هڪ صوفيءَ جي نظر ٻاهرئين خوف ۽ خطرن تي نہ بلڪ پنهنجي محبوب ۽ مالڪ حقيقي (ساهڙ) تي هوندي آهي.

شاهہ لطيف تصوف جي سلسلي جو اهڙو تہ سرواڻ هو جو ان جو مٽ يا ثاني اڄ ڏينهن تائين پيدا نہ ٿي سگهيو آهي، سندس نظر دنيا ۽ ان جي اسباب تي نہ بلڪ خالقِ ڪائنات تي هئي. هڪ هنڌ ڪاريءَ رات جي اونداهيءَ ۽ ڪچي گهڙي کي امر الاهيءَ سان منسوب ڪندي فرمائن ٿا:

ڪاري رات، ڪچو گهڙو اٽريهين اونداهي،
چنبر نالو ناهہ ڪو درياهہ ڏڙ لائي،



www.sindhsalamat.com

ساهڙ ڪارڻ سنهٽي، آڏيءَ تي آئي،
ايءُ آمر الاهي، نہ تہ ڪُنن ۾ ڪير گهڙي (14)

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سسئيءَ پاران عيش، آرام متن ماڻتن ۽ وطن کي ڇڏي جهر جهنگ ۽ جبلن کي جهاڳي پُنهونءَ جي ڳولا جاري رکڻ واري عمل کي هڪ سچي سالڪ ۽ طالب لاءِ هڪ مثال طور بيان فرمائي سبق ڏنو آهي تہ محبوب حقيقي ماڻڻ لاءِ جڏهن ڏک، ڏاکڙا ۽ مصيبتون برداشت ڪبيون تڏهن ئي محبوب ماڻي سگهبو:

پچي جان پنيور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رسيس ڪيچ کي، جتي پاڻ پُنهون،
سيت آهين تون، قضا ڪندين ڪن سِين. (15)

ڀلاري ڀٽ ڌڻي ؒ، هڪ صوفي ۽ سالڪ لاءِ معراج واري منزل پنهنجي ذات ۽ وجود ۾ غور ۽ فڪر کي قرار ڏنو آهي ۽ اها منزل تڏهن حاصل ٿي سگهي ٿي جڏهن انسان پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو:

پنهون تيس پاڻهين، وئو سسئيءَ جو سينگار،
”مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ“ اهوئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سئودو سرئس هتهين. (16)

سنڌ جي سداحيات شاعر پنهنجي ڪلام جي مختلف سُرن ۾ تصوف جي حقيقت ۽ مقصد کي واضح طورتي بيان فرمائڻ سان گڏ هڪ سالڪ ۽ سچي صوفيءَ جو تعارف بہ ڪرايو آهي.

صوفيءَ جي صفت ۽ ان جي ڪيفيت متعلق سندن ارشاد آهي:

صوفيءَ سِير سين ۾، جنئن رڱن ۾ ساه،
سانہ ڪري ڳالهڙي، جا پروڙي پساه،
آهس اي گناه، جنئن ڪا ڪري پڌري.

صوفين جي هڪ الله سان محبت ۽ ڪاميابيءَ سان وڃي پنهنجي محبوب سان قرب ۽ رضا واريءَ منزل مقصود تي پهچي حال اورڻ واري بلند



www.sindhsalamat.com

مقام ۽ مرتبي کي شاهہ هن ريت بيان ڪيو آهي:

صوفي سالم سي وئا، جي اڪثر سين اڏيار،
بـــازي بازنـــدن ڪـــي، آهـــي اويســـار،
پريان سين پهڪار، رندي رساڻي ڪئا. [17]

ڀلاري ڀٽ ڌڻي ﷫، صوفيءَ جو تعارف ڪرائيندي اها بہ وضاحت فرمائي آهي تہ صوفيءَ کي نفساني خواهشون جاهہ جلال نالو ۽ نمود نہ جڳائي:

صوفي چائين سڌ ڪرين، صوفيءَ اي نہ صلاح
ڪاتي وجهہ ڳلاهہ، هڻ اچلي آڳ ۾. [18]

شاهہ صاحب ﷫، سچي صوفيءَ جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ واري منزل ۽ حال واري سهڻيءَ صفت ۽ ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڳلاهَ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿيءُ،
وِهہ وٺي هٿ ڪري، پُرپيالو پيءُ،
هنڌ تني جو هيءُ، حاصل ڪِئو حال کي. [19]

شاهہ سائين ﷫، صوفيءَ ڀاران پنهنجي ذات سان (آنا) پاڻپي واري جنگ جوٹڻ ۽ وري واهر ڪرڻ واريءَ ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

صـوفي لا ڪـوفي، ڪونہ پـانئيس ڪيـر،
منجهـائين منجهہ وڙهـي، پـڌرناهيس پير،
جنـي سـاڻس ويـر، تيـي تنـي جـو واهـرو. [20]

لطيفي فڪر موجب سچي صوفيءَ جي نشاني اها آهي تہ هو هرحال ۾ رب جي رضا تي راضي رهندو آهي:

ڏنـي ڏکويـا، آڻ ڏنـي راضـي رهيـا،
ڪـونهي تنـي ڦـال، وٺـون جـن وڃـائيون. [21]

اڳتي هلي ڀلارو ڀٽ ڌڻي اهڙن سچن صوفين کي اٽليپ قرار ڏيندي



www.sindhsalamat.com

فرمائي ٿو تہ اهڙا سالڪ ڳولڻ سان بہ نٿا لڀن:

وَٽــون ڄَــڻِ وڃــائيون، صــوفي ســالمُ ســي،
هــاڻِ ٿنــي ڪــي، ڏوريــان ڏوريــي نــہ لهــان. (22)

شاهہ لطيف جي ڪلام مان تصوف جي انهن چند روحاني رازن ۽ صوفياءِ ڪرام جي شان ۾ سندن ايماني ڪيفيت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڀٽائي ﷫، تصوف جي ڪيڏي نہ وڏي مقام ۽ مرتبي تي فائز هو.

## شاهہ لطيف ۽ وحدت الوجود

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي ڀلاريءَ سرزمين جو اهو الهامي شاعر ۽ مفڪر ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجيءَ شاعريءَ ذريعي سنڌي عوام جي سادي سلوڻي زبان ۾ روحاني راز اهڙي تہ محبت ڀريي ۽ سباجهي انداز ۾ سمجهايا آهن جو انهن ذريعي مئل دلين ۾ نئين زندگيءَ جي لهر پيدا ٿيندي رهي آهي، ڀلاري ڀٽ ڌڻي جي ڪلام مان انسان ذات جي رهنمائيءَ جو اهو سلسلو قيامت تائين جاري رهندو.

شاهہ لطيف صوفي باصفا، ڪامل ولي، مؤحد، وحدت الوجود جو قائل ۽ اعليٰ درجي جو فيلسوف پڻ هو. سندس ڪلام عام، خاص، عالم، جاهل ۽ جهنگ جي جهانگيءَ کان وٺندي بلند پايہ فاضل تائين سمجهيو وڃي ٿو. شاهہ سائين پنهنجي ڪلام ۾ پيچيدن مسئلن کي اهڙي تہ آسان ۽ سادي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ شاعر يا مفڪر اهڙو عام فهم انداز پيش نہ ڪري سگهيو آهي.

شاهہ صاحب شريعت جو پابند ۽ انسان ذات سان محبت ڪندڙ سچو عارف هو. سچا عارف ۽ سالڪ انسانيت جا علمبردار هوندا آهن، سندن دل ۾ انسان ذات لاءِ عزت احترام ۽ محبت جو سمنڊ موجزن هوندو آهي.

حضرت مولانا جلال الدين روميءَ جو شمار اهڙن سچن سالڪن ۾ ٿئي ٿو پاڻ هڪ هنڌ انسان جي عظمت کي بيان ڪندي فرمائن ٿا:



www.sindhsalamat.com

دل گـــذر گاھـــ جليـــل اڪبـــر اســـت،
ڪعبـــ بنگـــاه خليـــل آذر اســـت،
دل بدســـت آور کـــ حـــج اڪبـــر اســـت،
صـــد ھـــزاران ڪعبــ يـڪ دل بھتـر اســت. [23]

انسان جي دل الله رب العزت جي رھڻ جي جاءِ آھي، ڪعبتہ الله شريف ابراھيم خليل الله جو ٺاھيل آھي، ھڪ دل کي راضي ڪرڻ حج اڪبري آھي ۽ ھڪ دل کي راضي ڪرڻ جو اجر ۽ ثواب سو ھزار ڪعبن کان بھتر آھي.

مولانا روميءَ جي نزديڪ انساني دل جي عظمت ڪعبتہ الله شريف کان بہ وڌيڪ آھي، ڇو تہ ڪعبتہ الله خليل الله جو ٺاھيل آھي ۽ انسان جو خالق الله تعاليٰ آھي.

شاھ لطيف وحدت الوجود جي فڪر جو بہ وڏو علمبردار ھو. سندن ڪلام ۾ جابجا خالق ڪائنات جي وحدت ۽ ڪثرت جو ذڪر ملي ٿو:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحـدت ڪُـل،
حــق حقيقــي هيڪــڙو ٻــولي ٻــيءَ مَ ڀَــل،
ھُـــو ھُـــلا ڇـــو ھُـــل، بـــالله ســـندو ســـڄڻين. [24]

سندن فرمان آھي تہ الله رب العزت جي ذات هيڪڙائيءَ واري درجي کان ڪن فيڪون واري دائري ۾ اچي، ڪثرت معنيٰ گھڻائي ۽ ويڪرائي واري دائري ۾ آئي. جھان ۾ جيڪا بہ موجودات آھي، زمين، آسمان، چنڊ، تارا، جبل، نديون ۽ نارا، جيت، جنتر، حيوان، پسون، جانور ۽ اشرف المخلوقات انسان ان وحدت جي قلزم مان پيدا ٿيا. جي ڪثرت جي دائري ۾ اچي مظھر ٿيا. ھو ذات آھي تہ ھيءَ صفات آھن. اھو ھڪڙو ئي حق ۽ سچ آھي، جاءِ سڄاڻ، ٻي ٻولي نہ ڪر ۽ پلجي نہ وڃ. زمين آسمان جي وچ ۾ جيڪو آواز ھُل ۽ فضا آھي، سو آواز ان جو ئي آھي. جڏھن تہ قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله تعاليٰ جي وحدانيت زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي ڪجھہ آھي اھو الله رب العزت جي ھجڻ ۽ ھر ڪم جو الله ڏانھن موٽائڻ جو پتو پوي ٿو:



www.sindhsalamat.com

وَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿١٦٣﴾ (25)

ترجمو: اي انسانو اوهان جو معبود اڪيلو الله آهي، ان وڏي مهربان ۽ رحم واري کان سواءِ ڪو به عبادت جي لائق نه آهي.

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿١٠٩﴾ (26)

ترجمو: ۽ جيڪي ڪجهه آسمانن ۽ جيڪي ڪجهه زمين ۾ آهي سڀ الله جو خاص آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏانهن موٽايا ويندا.

شاهه سائين، رب ذوالجلال جي پنهنجي مخلوق سان محبت ۽ تعلق کي بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي. (27)

رب ڪريم جي ذات جلال واري به آهي ته جمال واري به، ڪٿي حسن جو جلوو ته ڪٿي ان جو ڪمال نظر اچي ٿو ڪٿي طالب، ته ڪٿي مطلوب جو خيال ڏسجي ٿو ۽ اهو سمورو احوال انهيءَ ان ذات مان ئي معلوم ٿئي ٿو.

ڀٽائي ﷫، الله تعاليٰ پاران پنهنجي بهترين تخليق (انسان) سان محبت ڀاجهه واريءَ ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين ئي محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تنه جو. (28)

خالق ڪائنات جي پنهنجي اشرف المخلوقات سان محبت واري جنهن منظر کي شاهه صاحب بيان فرمايو آهي، اهو قرآن ڪريم جي هن پلاريءَ آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿو:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾ (29)

ترجمو: ته بيشڪ ماڻهوءَ کي تمام سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيوسون.

ان سان گڏ پاڻ کي پسڻ ۽ پنهنجي ذات کي محبوب بنائي تن جي طالب ٿيڻ جو فلسفو به هن قرآني آيت جي ترجماني نظر اچي ٿو:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾ (30)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

يعني خالق مخلوق جي تخليق بعد سندن طالب بہ پاڻ ٿي آهي ۽ پنهنجي نبي ڪريم ﷺ معرفت ڪين محبت الاهي ۽ مغفرت الاهي حاصل ڪرڻ لاءِ رهنمائي بہ فرمائي ٿو.

شاهہ سائين وحدت الوجود جي فڪر کي هڪ ٻئي هنڌ هن ريت بيان فرمايو آهي:

سو هيءُ، سو هُو سُو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو.[31]

يعني جنهن کي تون ڏاريو ٿو سمجهين، "هو" پيو آهي، پر هي اهو ساڳيوئي آهي. جنهن کي ويجهو "هي" يا وري ان کي پاڻ کان پري "هُو" ٿو سمجهين اهو پرين بہ تون آهين، تنهنجو پساهہ بہ اهو آهي، جنهن جي زور تي تون جيئرو آهين. اجل موت کي چيو ويجي ٿو جو نئين زندگيءَ جو دروازو آهي. ٻين لفظن ۾ وصال چئجي ٿو يعني واصل ٿيڻ، معنيٰ هن ذات سان هڪ ٿيڻ آهي، جو ظلم، بي انصافي، بي اعتدالي واريءَ واٽ ۾ ويريءَ جي صورت ۾ پسي ٿو، سو خدمت، محبت ۽ پيار واريءَ واٽ ۾ واهروءَ جي صورت ۾ پسي ٿو اهي سڀ وحدت الوجود جي فڪر جي عڪاسي ڪن ٿا.

قرآن ڪريم جي مطالعي مان بہ اسان کي پتو پوي ٿو تہ توحيد ۽ وحدانيت جو بادشاهہ، امن ۽ سلامتي عطا ڪندڙ ۽ واهر ۽ وسيلو بہ صرف الله رب العزت ئي آهي:

هُوَاللّٰهُ الَّذِىْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ۝ هُوَاللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ؕ [32]

ترجمو: الله اهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نہ آهي. (جو) بادشاهہ تمام پاڪ ذات (سڀني عيبن کان) سلامت امن ڏيڻ وارو نگهبان غالب زبردست وڏائيءَ جو سائين آهي. انهن جي شريڪ مقرر ڪرڻ کان پاڪ آهي، اهو الله خلقڻهار نئون بڻائيندڙ شڪليون ٺاهيندڙ آهي ان



www.sindhsalamat.com

جا (سڀ) نالا چڱا آهن.

سنڌ جو سداحيات شاعر ۽ عارف بالله فرمائي ٿو تہ انسان جڏهن پنهنجي اندر ۾ غور فڪر ۽ پنهنجي روح سان رهاڻ ڪندو تہ ان جا پردا هٽي ويندا ڪيس اصل حقيقت صاف ستري ۽ چٽي نظر ايندي

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا. (33)

شاهہ سائين وحدت ۽ ڪثرت جي منظر ڪي گهرائيءَ سان ڏسي جنهن نتيجي تي پهچي ٿو تہ ڪيس نڪو ڏونگر نظر آيو ۽ نہ ئي وري ڪيچي نظر آيا ۽ جنهن پنهونءَ لاءِ ڪشالا ٿي ڪيائين اهو تہ ڪيس پنهنجي وجود يعني ذات ۾ نظر آيو ۽ سسئي لطيفي فڪر موجب سورن، سختين ۽ ڏکن جو نالو هو.

مقصد تہ خالق ۽ مخلوق ساجد ۽ مسجود جو قرب ۽ ويجهڙائي هن ۾ سمائجي وئي. جدائي ۽ ٻيائي تہ رهي ئي ڪانہ. اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي، جڏهن انسان ڪوتاهہ خيالي، تنگ نظري، تعصب ۽ دوئي فرقي پرستي، اوچ نيچ، ذات پات کان مٿي ٿي وسيع خيالي پيدا ڪري ڏسندو تہ پوءِ سمورو جهان هن کي پنهنجي وجود اندر سمايل نظر ايندو ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ڪثرت واري قلزم جو هڪ قطرو سمجهندو.

اسان کي قرآن ڪريم جي گلشن مان بہ پنهنجي ذات ۾ غور فڪر ۽ روح سان رهاڻ ڪرڻ جو پتو پوي ٿو:

أَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوا فِي أَنفُسِهِمْ ۗ مَا خَلَقَ اللَّهُ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا
إِلَّا بِالْحَقِّ وَأَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ (34)

ترجمو: پنهنجين دلين ۾ نہ پروڙيائون ڇا؟ تہ الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، تنهن کي پوريءَ ريت ۽ مقرر مدت کان سواءِ نہ بڻايو آهي.

ڀٽائي ﷫ جو "پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ" وارو مصرعو انساني دلين ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ "أَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوا فِي أَنفُسِهِمْ" واريءَ آيت جي تشريح تہ "نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ" وارو مصرعو "مَا خَلَقَ اللَّهُ السَّمَاوَاتِ



www.sindhsalamat.com

وَالْاَرْضِ“ واريءَ آيت جو تفسير نظر اچي ٿو. ان بيت جو آخري مصرعو ”پنهون ٽيس پاڻ سسئي تان سور هئا“ ذاتِ الاهيءَ سان عشق ۽ محبت جي آخري منزل آهي، جنهن کي ماڻڻ بعد انسان جي ذهن ۽ اکين تان دنيا جي اونداهيءَ وارا پردا لهي وڃن ٿا ۽ هو وحدت الوجود جي مشاهدي کي ماڻي سگهي ٿو.

## شاھ جي ڪلام ۾ تصوف جو مقصد

تصوف جو بنيادي مقصد نفس شناسي آهي، ڇو تہ ان ذريعي خدا شناسي حاصل ٿئي ٿي. ان ڪري چيو ويو آهي تہ ”مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ“ يعني جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو ان پنهنجي رب کي سڃاتو.

نفس کي سڃاڻڻ جا ٻہ طريقا آهن هڪ ٻاهريون مشاهدو ۽ ٻيو اندريون مشاهدو. ٻاهريون مشاهدو ماڻڻ مفڪرن ۽ فيلسوفن جو ڪم آهي. انهن ٻنهي طريقن مان نفس شناسيءَ لاءِ اندرئين مشاهدي وارو طريقو صوفين جي نزديڪ ڪامياب طريقو آهي. هن طريقي ذريعي انسان کي نفس جا تمام مرتبا معلوم ٿي وڃن ٿا ۽ انسان کي ”نفس جو نهو“ عرفان ۾ اچي وڃي ٿو.

شاھ لطيف انسان لاءِ نفس ۽ رب شناسيءَ جي حقيقت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

پنهون ٽيس پاڻهين، وئو سسئيءَ جو سينگار،
من عرف نفسہ فقد عرف ربہ، اهوئي آچار
جو وندر ۾ واپار، سو سئودو سرٽس هتهين.(35)

پنهون پاڻ ٽيڻ ۽ نفس کي سڃاڻڻ واريءَ حقيقت بعد نفس ۽ روح جي ڪيفيت جي باري ۾ شاھ سائينءَ ارشاد فرمايو تہ:

جڏهن مون پڙهيو پاڻ لئہ، سبق سابق جو
ٻهرين سڃاتم پاهنجي، نفس جو نهو
جت عرفان اصل ۾، تي روحن روز ڪيو
وري ورق پيو گڏيم وڏ وصال جو.



www.sindhsalamat.com

هن بيت مان معلوم ٿيو تہ نفس جو تعلق روح سان آهي، جڻ روح سندس باطن آهي، جڏهن روح جو تعلق ڪنهن جسم سان قائم ٿئي ٿو تہ ان ۾ زندگي اچي وڃي ٿي ۽ جڏهن ان روح جو تعلق جسم کان ٽٽي ڌار ٿئي ٿو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ پاران قرآن ڪريم ۾ هر نفس لاءِ موت جي مقرريءَ جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ(36)

ترجمو: سڀ ڪو جيءُ موت (جو مزو) چکڻ وارو آهي.

هر نفس (جيءَ) جي موت واريءَ ڪيفيت جي اعلان بعد روح جي ڪيفيت جي باري ۾ بہ اسان کي قرآن ڪريم مان اها خبر پوي ٿي تہ اهو الله تعاليٰ جو امر آهي:

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ۭ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ(37)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) توکان روح بابت پڇن ٿا چئو تہ روح منهنجي پالڻهار جي امر مان آهي.

هن آيت مبارڪ مان ثابت ٿيو تہ روح الله رب العزت جي ذات بابرڪات جي امر جو هڪ جز آهي. ان ڪري جڏهن نفس پيدا ٿئي ٿو تہ منجهس آمريت خودبخود پيدا ٿي پوي ٿي، اهوئي سبب آهي جو نفس کي نفس آماره پڻ سڏيو ويو آهي. قرآن ڪريم ۾ نفس آماره جي باري ۾ هن ريت وضاحت فرمايل آهي:

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌۢ بِالسُّوْۗءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ ۭ (38)

ترجمو: ۽ آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو ڀانيان تحقيق نفس بڇڙائيءَ ڏانهن ڇڪيندو آهي پر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري.

نفس اماره جي هن قرآني تعارف مان واضح ٿيو تہ اهو انسان ۾ برائيءَ ڏانهن ڇڪيندڙ آهي ۽ اها ان ۾ حيواني ڪيفيت آهي، جو تہ حيوانن ۾ ڪمال درجي جو شعور ۽ دانائي هوندي آهي. انساني نفس جي شروعات بہ حيوانيت سان ٿئي ٿي ۽ ان قسم جو نفس قرآني فڪر موجب بڇڙائي ۽ برائيءَ ڏانهن مائل هوندو آهي. ليڪن جڏهن ان نفس تي (اِلاَّ مَا رَحِمَ رَبِي) رب ڪريم جو رحم ۽ ٻاجهہ نازل ٿئي ٿي تہ پوءِ اهو نفس انسانيت کي حيوانيت مان ڪڍي قدسيت ۾ آڻي ٿو. نفس جي ان قدسي ڪيفيت جو نالو



www.sindhsalamat.com

”نفس لوامه“ آهي ۽ نفس جي اها بابرڪت ۽ پاڪيزه ڪيفيت ايتري تہ ڀلاري آهي جو قرآن ڪريم ۾ نفس لوامه جو قسم کنيل آهي:

وَلَآ أُقۡسِمُ بِالنَّفۡسِ اللَّوَّامَةِ ۝٢ (39)

ترجمو: ۽ ملامت ڪرڻ واري نفس جو قسم کڻان ٿو.

هن قرآني فڪر مان واضح ٿيو تہ نفس جا بہ قسم آهن. هڪ (اَماره) نفس ۽ ٻيو نفس (لَوامه) نفس اَماره جو ڪم برائي ڏانهن ڇڪڻ آهي ۽ نفس لوامه جو ڪم ملامت ڪرڻ يعني برائيءَ کان بچڻ جي رغبت ڏيڻ آهي. ان ڪري قول آهي تہ جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو ان جڻ پنهنجي رب کي سڃاتو. اهوئي سبب آهي جو صوفين نفس شناسي کي تصوف جو بنيادي مقصد قرار ڏنو آهي.

سنڌ جي سرزمين جي نفس ۽ خداشناس صوفي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، انساني نفس ۾ عام طور تي رونما ٿيندڙ حيواني ڪيفيتن کي مختلف حيوانن سان تشبيهہ ڏني آهي. ڪٿي ڪيس ڪرهو (اُٺ) ڪري سڏيو اٿس تہ ڪٿي ڪيس مانگر مڇ تہ ڪٿي وري ڪيس مختلف پکين ۽ جانورن جي نالن سان پيش ڪري انسانن جي رهنمائيءَ جو فرض ادا ڪيو آهي. ليڪن گهڻو ڪري شاهہ سائينءَ انساني نفس کي ڪرهي اٺ جي تمثيل ۾ پيش ڪيو آهي، ڇو تہ اُٺ واريون تمام صفتون انساني نفس ۾ موجود آهن. اُٺ اهڙي قسم جو جانور آهي جو ان لاءِ مثال مشهور آهي تہ ”اُٺ بکيو بہ رڙي تہ ڍائو بہ رڙي“ ان کان سواءِ اٺ هر وقت کائڻ جي لالچ ۾ ڪائيندو يا اوڳر ورائيندو نظر ايندو آهي. ساڳي وقت اُٺ لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ اُٺ ڪينو رکندڙ جانور آهي، جڏهن تہ انساني نفس ۾ بہ اُٺ واريون اهي سڀ خاميون موجود هونديون آهن.

شاهہ لطيف انساني نفس کي اُٺ سان تشبيهہ ڏيندي روحاني غذا لاءِ ملڪوتي ماڳ تي قائل ڪري ٿو ليڪن هو لڪيو وڃي دنياوي لذتون حاصل ڪري ٿو:

آٺـي ٻـڌم وڃ جـاءِ، مـانَ چَـري ڪـي مگريـون،
ڪُـــڏا تـــورو ڪرهـــو لِڪئـــو لاٺـــي کـــاءِ،
ان مَيي سَنڌين ماءِ مون کي ڳالهڙيين ڳوڙها ڪئا. (40)



www.sindhsalamat.com

پاڪ ۽ صاف روحاني غذا کي ڇڏي نفساني ۽ دنيوي غذا کائيندڙ اُٺ يعني انساني نفس کي شاهہ سائين هاڻي هدايت ۽ نصيحت ڪندي فرمائي ٿو تہ:

چانگي چئي چڪياس، متان اَڪ نہ اُلهي،
چوڌاري چندن وڻ پچي پوچ پياس،
جنهن ول گهڻا وهاتيا، اُن سين آرلڳياس،
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏا توري ڳرهي. (41)

پلارو پٽ ڏٺي جڏهن ڏسي ٿو تہ چانگو ڪنهن چڱائيءَ ڏانهن راغب نٿو ٿئي تہ پوءِ ڪيس سنئين راهہ تي آڻڻ لاءِ عاجزي اختيار ڪندي منٿون ۽ ميڙون ڪندي نظر اچي ٿو:

اَڄُ منهنجي ڪرها، مَيا مَڄ مِنت،
جهاڳيندي جهرپٽيون، متان ڪريين ڪٽ،
سپيريان جي سٽ، مون کي نيئي ميڙيين. (42)

شاهہ سائين جڏهن منٿن ۽ ميڙن ۾ ناڪامي ڏسي ٿو تہ (ڪرهي) نفس کي انعامن ۽ اڪرامن جي لالچ ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

ڳـل ڳانا ياقوت جا، موتي منجهہ مهار
چانگا چندن چاريئين، انئي پهر اپار
سندي پيءَ پچار، جي مون رات رساڻيين. (43)

ياقوت جي ڳانن ۽ موتين جي مهار سان گڏ شاهہ سائين انئي پهر چانگي کي چندن چارڻ سان گڏ اڳئين بيت ۾ اچا بہ وڌي انعام جو اعلان هن ريت فرمائي ٿو:

ميا تو مهار سڄي پايان سون جي،
چاريئين چندن چوٽيون، نائي مينديءَ ڏار
سندي پيءَ پچار، جي مون رات رساڻيين. (44)

جڏهن نفس ڪرهو شاهہ صاحب جون هدايتون، نصيحتون، منٿون،



www.sindhsalamat.com

ميڙون ۾ انعامن اڪرامن جي لالچ بعد به سنئينءَ راهه تي نٿو اچي ته پوءِ ڪيس شاهه صاحب سندس حسب نصب ۾ اصل نسل ياد ڏياريندي چڱاين ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:

ڪرها ڪر سڃاڻ، پئڪو ۾ پانهنجو
اصل آهي آهنجو ناليرو نسڏاڻ،
ڪرها اسان ساڻ ڪي چانگا ڪج چڱائيون. (45)

نفس جي انهن ڪيفيتن کي سامهون رکندي ڀلاري ڀٽ ڌڻي ﷫، ڪيس (ڪرهي) کي چيڪ چڏي ڏيڻ جو فيصلو ختم ڪندي پابندين ۾ جڪڙڻ جو فيصلو ڪري ٿو ته من ان طريقي سنئين راهه تي اچي:

اُتي اڙائيندس، چڏئو ته چيڪ ٿئو
ڪارايان ڪڙئو وڃي، پلاٽي پائيندس،
ڏاوڻ تنه ڏائيندس، جئن چَري ۾ چِنگهي ڀُٽو. (46)

شاهه لطيف پاران آزاد ۽ خودمختيار نفس کي انهن پلاٽي ۾ ڏاوڻ وارين پابندين ۾ جڪڙڻ جو مقصد اهو آهي ته هو دين اسلام ۾ شريعت جي سنئين واٽ تي رمندو رهي ۽ اهو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن جڪڙيل نفس (ڪرهو) گناهه جي لذت چکڻ کان بچيل رهي، اگر هن گناهه جي لذت چکي ورتي ته پوءِ هو روحاني رستي کي ڇڏي نفساني (شيطاني) واٽ تي هلڻ شروع ڪندو:

اج نه اڳينءَ ڏار، ڪرهو جئن ڪالهه هو
اڳڻ آيو نه ڪري، پاهوري پچار،
جيڪس منجهس قطار ڪاوَل چِنائين وِهه جي. (47)

ڪرهي کي جڏهن (وِهه جي ول) گناهن واري زهريلي ول واٽ لڳي ته پوءِ روش مٽي ويندو ۽ سڀ بندشون ٽوڙي ڇڏيندو:

ڪين جو ڪيڏاهين، چانگو چکي آئيو
تاڻئو تيڏاهين، نيت چِنايو نڪري. (48)



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائينءَ جا نفس کي ڏارڻ لاءِ جڏهن سڀ حيلا ۽ جتن ناڪام ثابت ٿيا تڏهن رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ سوالي ٿيو تہ "چانگي سندي چت ۾ صاحب وجهہ سنئين. [49] ساڳي وقت قرآني وضاحت موجب نفس تہ برائيءَ ڏانهن ڇڪيندو رهندو آهي، ليڪن جنهن نفس تي رب ڪريم رحم ڪيو تہ پوءِ اهو نفس ان برائيءَ کان بچي ويندو آهي. [50]

ان ڪري شاهہ سائينءَ جو ٻاڏائڻ بارگاهہ الاهيءَ ۾ قبول ٿئي ٿو ۽ اهو ساڳيو ڪرهو جيڪو نفس اماره جي روپ ۾ برائين ڏانهن ڇڪيندڙ هو سو "اِلاَّ مَا رَحِمَ رَبِّیْ" رب ڪريم جي رضا ۽ رحم سبب صراط مستقيم واري سنئينءَ راهہ تي اچي ٿو:

اُٺ نہ وجهي وڳ سين، چَري نہ چانگو
لڳيس نائڪ نيہ جي، نهوڙئو نانگو
چڏي سر سانگو رڙهي رند پرين جي. [51]

اهو اُٺ جيڪو نيت ۾ ڏاوڻ جناتي پاڪ ۽ صاف روحانيت واري غذا چندن کي ڇڏي نفساني غذا لاٽي واپرائيندو هو سو ان کي هاڻي اهڙي تہ نينهن جي نائڪ لڳي آهي جو نڪو وڳ سان وچي ٿو ۽ نہ ئي وري چري ٿو بلڪ سر جو سانگو ڇڏي صراط مستقيم واري وات جنهن کي شاهہ (رڙهي رند پرين جي) قرار ڏنو آهي ان تي هلي رهيو آهي.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان اسان کي نفس جي قسمن سان گڏ ڪامياب ۽ ناڪام نفس جو بہ پتو پوي ٿو جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ۽ صاف رکيو اهو ڪامياب ٿيو ۽ جنهن نفس جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪئي اهو ناڪام ٿيو:

قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝ [52]

ترجمو: جنهن ان (نفس) کي (بدڪاريءَ) کان پاڪ ڪيو سو بيشڪ ڇُٽو ۽ جنهن ان کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو سو بيشڪ ٽوٽي وارو ٿيو.

شاهہ سائينءَ جو (ڪرهو) نفس هاڻي قرآني فڪر موجب پاڪ ۽ صاف ٿي چڪو آهي ۽ سندس مَن مالڪ حقيقيءَ سان ملي چڪو آهي:



www.sindhsalamat.com

وينــو منجهـــين وڳ، نــايو نـــاگيلان چــري،
ڪـڏهن هـن ڪـرهـي جـا، پـڌر پـڳ نـہ لـڳہ
جـڳ ۾ جهـڙو جـڳہ هنيـڙي سـان هـت چـري [53]

نفس (ڪرهو) جڏهن "وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰهَا" واريءَ حالت ۾ هو تہ پلاري پٽ ڏٽيءَ جي هدايتن منٿن ۽ تاڪيد باوجود چندن نہ چرندو هو، ليڪن لاٽي کائي متارو ٿيو هو هاڻي جڏهن "قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰهَا" واري پاڪيزه ۽ منزل مراد کي پهچڻ واري ڪيفيت ۾ قدم رکي چڪو آهي تہ ڪيس وڳ سان وچڻ ۽ چرڻ وسري چڪو آهي. مَيي کي مجازي، محبوب جي محبت جو اهڙو تہ سُور لڳو آهي جو سڪي سانئو (سنهو ڏيرو) ٿي ويو آهي:

اُٺ نـــ وڃــي وڳ ســين، پــڌو چــري نـــ پُــور،
مَيـي کـي مجــاز جــو ڪـڙهــ انــدر ڪــو سُــور،
سو پرايئين پـور، سُـڪـي جـئن سـانئو ٿيـو. [54]

رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ جڏهن انساني نفس (تزڪيہ) پاڪيزگي واري منزل ماڻيندو آهي تہ پوءِ ان جو مقام ۽ مرتبو مٿاهون ٿي ويندو آهي ۽ ڪيس محبوب جو قرب ۽ رضا حاصل ٿيندي آهي:

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿۲۷﴾ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿۲۸﴾ فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿۲۹﴾ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿۳۰﴾ [55]

ترجمو: (مؤمنن کي چئبو تہ) اي آرام وٺڻ وارا جيءَ تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽي هَل (تون ان کان) راضي ٿيل آهين. (هو توکان) راضي ٿيل آهي. تنهن ڪري (تون) منهنجي (خاص) ٻانهن جي (ٽوليءَ) ۾ داخل ٿي ۽ منهنجي بهشت ۾ گهڙ.

قرآن ڪريم ۾ نفس جي جيڪا هيءَ ڪيفيت بيان ڪئي وئي آهي، سا نفس جي اطمينان واري ڪيفيت آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ جي رضا ۽ بهشت جي خوشخبري ڏنل آهي. شاهہ لطيف بہ مَيي جي اوٺ وٺي انسان کي "نفس مطمئنہ" واري منزل ماڻڻ لاءِ رهنمائي ۽ رهبريءَ جو فرض ادا ڪندو رهيو آهي، ڇو تہ تصوف جو اصل ۽ حقيقي مقصد نفس شناسي آهي ۽



www.sindhsalamat.com

جنهن نفس کي سڃاتو تہ ان ڄڻ پنهنجي رب کي سڃاتو ۽ رب کي سڃاڻڻ واري نفس لاءِ قرآن ڪريم وڏي واڪي اعلان فرمايو تہ "الله توکان راضي ٿيل آهي ۽ تون الله جي خاص ٻانهن جي جماعت ۾ داخل ٿيءُ ۽ بهشت ۾ گهڙ" ان مان ثابت ٿيو تہ سچو سالڪ ۽ صوفي اهو آهي جيڪو پنهنجي نفس ۽ رب کي سڃاڻڻ سان گڏ ان جي رضاءِ الاهيءَ ۾ داخل ٿي سگهي.

## شاهہ جي ڪلام ۾ صوفياڻو فڪر

صوفي شاعرن جو اهو دستور رهيو آهي تہ اهي شعر جي ظاهري پهلوءَ سان گڏ باطني پهلوءَ ڏانهن بہ تمام گهڻو ڌيان ڏيندا آهن. سنڌ جو سدا حيات شاعر ۽ صوفين جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ان اصول جو پابند هو جنهن شعر کي پنهنجي خيالن جي تبليغ جو مرغوب ذريعو سمجهي، ان وسيلي عوام تائين پنهنجا خيال پهچايا آهن. شاهہ هڪ طرف شعر ذريعي تصوف کي ڦهلايو تہ ٻئي طرف عوام جي رهنمائيءَ جو فرض ادا ڪري کين صراط مستقيم واري سنئين واٽ تي لڳايو ان ڪري سنڌس ڪلام ۾ صوفياڻي فڪر جو نظريو ملي ٿو. ان سان گڏ ان ۾ اشاريت ۽ تمثيل جابجا نظر اچي ٿي. اهڙيءَ طرح شعر جا بہ ٻہ پهلو آهن. هڪ ظاهري پهلو ٻيو باطني پهلو. ظاهري پهلوءَ ۾ شعر جي ٻولي، جوڙجڪ، حسن بيان، ظاهري محاسن ۽ سخن اچي وڃن ٿا. باطني پهلو جنهن کي معنوي پهلو بہ چئجي ٿو ان ۾ شعر جي معنيٰ، حسن، تخيل، فڪر ۽ ان مان پيدا ڪيل اثر اچي وڃن ٿا. شاهہ سائين کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ سنڌس ڪلام ۾ جيڪو صوفياڻو فڪر ۽ اشاريت موجود آهي، اها ڪنهن ٻئي جي ڪلام ۾ نظر نہ ايندي سنڌس ڪلام ۾ علم اشاريت جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ اهو عين ماحول جي مطابق هئڻ سان گڏ مڪاني ۽ زماني حالتن سان بہ ٺهڪي اچي ٿو.

رسالي جي مختلف سرن ۾ شاهہ سائين رحمت الله عليہ پتنگ ۽ مڇ، عاشق ۽ اڏي، بيمار ۽ طبيب، لوهار ۽ سنڌاڻ، وينجهار ۽ نانار، منڊ ۽ ميڪش،



www.sindhsalamat.com

ڪرهي جي ڪردار، سمنڊ جي سفر، هنج ۽ ٻگهہ پکي، ائٽ ۽ مُنڌ، جوڳين، ڪاهوڙين ۽ لاهوتين جهڙا بيشمار اشارا ڏيئي صوفياڻي فڪر کي اهڙي تہ سادي ۽ سولي انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو عام فهم انسان بہ ان مان لاڀ حاصل ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي.

لطيف سائين رحمت الله عليہ پنهنجي ڪلام ۾ جيڪو صوفياڻو فڪر ۽ اشارا ڪم آندا آهن، اهي خالصتاً روحاني آهن. دنيوي پهلو صرف ان جو هڪ سهارو ۽ تعارف آهي، جنهن ذريعي هو اصلي ۽ حقيقي مقصد ڏانهن راغب ڪرڻ چاهي ٿو. شاهہ لطيف جا ڪردار ليلا، چنيسر، عمر مارئي، سهڻي ميهار، سسئي پنهون، نوري ڄام، تماچي، مومل راڻو وغيره روحاني اشاريت جا لطيف ڪردار ۽ روحاني نفس آهن. ان معنوي اشاريت ۽ صوفياڻي فڪر جي لحاظ کان شاهہ سائين پنهنجي ڪلام کي قرآني آيتن سان تشبيهہ ڏيندي فرمايو آهي تہ:

جـــي تـــو بيـــت ڀانئيـــا، ســـي آيتـــون آهـــين،
نئـــو مَـــن لائـــين، پريـــان ســـندي پـــار ڏي (56)

شاهہ لطيف رحمت الله عليہ صوفياڻي فڪر ۾ هڪ عاشق لاءِ عشق جي راهہ ۾ تڪليفن سهڻ ۽ مشڪلاتن جو مردانہ وار مقابلو ڪرڻ لاءِ هڪ جيتامڙي پتنگ جو اشارو ڏيندي فرمائي ٿو تہ پتنگ محبت وچان باهہ ۾ سڙي پاڻ کي فنا ڪري محبت جو مثال ڇڏي ٿو:

پتنـــگ چـــائين پـــاڻ کـــي، پِســـي مَـــچ مَ مـــوٽ،
ســـهائيءَ ســـپرين جـــي، گهـــڙ تـــہ تيـــين گهـــوٽ،
اڄـــا تـــون اروٽ، کـــوري خبـــر نـــہ لهـــين! (57)

لطيفي فڪر موجب محبت جي ميدان ۾ سر جو سانگو ڪرڻو نہ آهي، هتي ڪوڙي دعويٰ نہ هلندي، ان ڪري سر ڌڙ جي بازي لڳائي دوستن جي در تي سر صدقو ڪري سرخرو ٿيڻو پوندو:

محبـت جـي ميـدان ۾، سـر جـو سـانگ مَ ڪـر،
لاهـــي ســـر، لطيـــف چئـــي، اڳئـــان دوســـتن ڌر،



www.sindhsalamat.com

وڍيـــين تـــان واهہ ٽيـــين، ســـنـدي دوســـان ڊر،
عشـق نانـگ اَپـر، خبـر کـاڏن کـان پـوي. [58]

شاهہ سائين ﷺ، سچيءَ محبت جي دعويدار کي اها دعوت ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن تون پنهنجي عشق جي دعويٰ ۾ سچو آهين تہ اچ ۽ هن عشق واري آڙاهہ کي اجهاءِ:

پتنـگ چـائين پـاڻ کـي، تـہ اچـي آڳ اُجهـاءِ،
پچـڻ گهڻـا پچائيـا، تـون پچـڻ کـي پچـاءِ،
واقـف تـي وِسـاءِ، اَٽُ نـہ ڏجـي عـام کـي. [59]

ڀٽائي ﷺ، عاشق کي معشوق جي وصال ماڻڻ لاءِ غفلت ۽ سستيءَ کي ڇڏي فراق جي عالم ۾ جيڪي بہ تڪليفون اچن تن جو خنده پيشانيءَ سان مقابلي ڪرڻ لاءِ صلاح ڏئي ٿو:

عاشـق معشـوقن جـي، ونـي ويهـہ ڳـري،
جـمر ورچـي ڇـڏيين، سـندي دوسـت دري،
ڏينـدءِ ٻـکـي ٻاجهـہ جـي، وينـدءِ تـپ ٺـري،
سـاجن تـوءِ سـري، اسـان سـري نـہ اُن ري. [60]

شاهہ لطيف ﷺ، عاشق کي معشوق جي ويجهي ٿيڻ ۽ ڪنڌ نہ ڪڍائڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

عاشـق معشـوقن جـو ونـي ويهـج رنـڌَ،
پيارينـدءِ پـاڻهين ميخـاني جـو مَنـڌُ،
سَـرواڻ جـو سـڦرو سـپڪ آهـي سَـنڌ،
متـان ڪـڍيين ڪنـڌ، اوڏو تـي ان کـي. [61]

محبوب جي تلاش لاءِ سلوڪ جي واديءَ ۾ سالڪ کي ڪيترين ئي صعوبتن سهڻ سان گڏ ڏک ۽ ڏاڪڙا بہ ڏسڻا پون ٿا.

شاهہ لطيف ﷺ، ان مشڪل منزل لاءِ رسالي جي مختلف داستانن ۾ اهڙيون تہ نيون تشبيهون، ڪنايا، استعارا ۽ اشارا استعمال ڪيا آهن، جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. لڪن جا لوڏا، ڇپرن جا ڇولا، وائن جاور وڪڙ،



www.sindhsalamat.com

بيابانن جون بلائون ۽ نيلا نانگ، رستي ۾ پنڌن پيچرن جا ڏاڪڙا، رهبر ۽ رهنما جي عدم موجودگي ۽ سالڪ جي دل ۾ سُورن جي سختين کي سهڻي نموني بيان ڪندي سورن جي ستايل سسئيءَ جي زباني چوائي ٿو:

ڏونگـر ڏوراپـو، ڀهـرين ڇُنـديس پـرينءَ کـي،
ڦهـٽن پيـر پٿـون ڪئـا، تريـون ڇنيـون تـو
رحـم نـه پيـوئي روح ۾، قـدر منهنجـو ڪـو
واڪو ڪنديس وو، مون سين جبل ٿو جاڙون ڪري (62)

اڳتي هلي شاهه صاحب سسئيءَ جي ڏکن ۽ سورن جو داستان بيان ٿو ڪري جنهن ۾ سسئيءَ کي ڪو شڪ ياد ڪونهي، ليڪن ڪيس سور تمام گهڻا ياد آهن، ان ڪري هو ڏونگر کي عرض ٿي ڪري ته مون کي ڏک ۽ سور نه ڏي ڇو ته آءٌ اڳ ۾ ڏکايل آهيان:

ڏونگـر مـون نـه ڏکـوءِ، اڳ ڏکـوئي آهيـان،
تيلاهـون تنگـون ڪـرين، جـيلا هـين آءٌ جـوءِ،
ساريان ڪو نه سکوءِ، سور گهڻيئـي سنيران (63)

اهل تصوف جي نزديڪ خواهشن کي ترڪ ڪرڻ ۽ هر حال ۾ صبر ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ تصوف جا بنيادي جزا آهن، جن سان انساني دل ۾ معرفت جو نور منور ٿئي ٿو. اهڙي قسم جي صبر ۽ برداشت جو سبق ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ هن ريت ڏنو آهي:

نهـائينءَ کـان نيـه، سِـک منهنجـا سُـپرين،
سـڙي سـارو ڏينـه، ٻـاهر ٻـاڦ نـه نڪـري (64)

شاهه لطيف ﷫، انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ جيڪو فڪر عطا فرمايو آهي، ان ۾ خوديءَ جو خاتمو لازمي آهي، ڇو ته خودي يعني پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ وارو اهو عمل بندگيءَ ۽ بندي نوازيءَ جي وچ ۾ هڪ پردو آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ کان سواءِ انسان ڪاميابي نٿو ماڻي سگهي. ان سلسلي ۾ شاهه صاحب فرمائين ٿا:



www.sindhsalamat.com

ڪريو تڪبر تڪيا، حيلا ڪئو هلن،
موڙها تان نہ لهن، لمي راهہ لطيف چئي.[65]

اڳتي هلي شاعرن جو سرتاج انسان کي سڀ کان اعليٰ ۽ افضل عبادت نماز جيڪا هر مسلمان تي ڏينهن ۾ پنج وقت فرض آهي ان جي ادائگيءَ لاءِ بہ ڪيس پنهنجي وجود ۽ هستيءَ کي فنا ڪرڻ جو حڪم ڏيندي فرمائي ٿو:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئہ۔
***
جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناه نماز
سڀ وڃائي ساز تهان پوءِ تڪبير چئہ.[66]

يعني جيڪڏهن انسان جي وجود ۾ خودي، غرور يا تڪبر آهي تہ پوءِ اها نماز بہ ڪنهن ڪم جي نہ آهي، ان ڪري پنهنجي وجود کي وڃائي ۽ سيني سازن کي ختم ڪرڻ بعد ئي نماز جي تڪبير چوڻي آهي.

شاهہ لطيف ﷬، انساني نفس جي هڪ اهم بيماري طمع يعني لالچ ۽ لوڀ کي ترڪ ڪرڻ لاءِ پاڏائيندو نظر اچي ٿو:

الله جي آس ڪري، سٽي آيس شان،
مڱان ڪهڙيءَ مت سين، نسورو نادان،
سوڪو ڏيارين ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري[67]

طمع کي ترڪ ڪرڻ اهل دل صوفين جو ڪم آهي، ليڪن پانهي کي اها قوت عاجزي ۽ انڪساريءَ سان بارگاهہ الاهيءَ ۾ پاڏائڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي، ان ڪري شاهہ سائين ﷬، ربوبيت ۽ عبديت جو راز چيڙي طمع کي ترڪ ڪرڻ لاءِ پاڏايو آهي.

ڀٽائي ﷬، جتين تہ نہ رڳو هڪ صوفي ۽ سالڪ هو بلڪ ڪيس صوفين جي رهبر ۽ رهنما جو اعزاز پڻ حاصل هو، ان ڪري هو طمع کي ترڪ ڪندڙ صوفين ۽ سالڪن جون نشانيون بيان ڪندي فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

بـک وڏائـون ٻگـريين، جـوڳي ڪنـدا جُـج،
طلـب نــہ رڪـن طعـام جـي، اوتئـو پـين اُج،
لاهـوتين لطيـف چئـي، مـن مـاري ڪئـو مُـج،
سامي جهاڳي سُج، وَسئون کي ويجها ٿيا. (68)

اهل دل سالڪن ۽ صوفين جو اهو اصول رهيو آهي تہ اهي ڪاڻ ڀيڻ، جاهہ ۽ جلال جا پوڄاري نہ هوندا آهن. بلڪ سندن زندگيءَ جو مقصد مشقون ۽ مجاهدا ڪري منزلِ مقصود ماڻڻ هوندو آهي ڇو تہ من کي مارڻ کان سواءِ نفس جي اصلاح ناممڪن آهي.

شاهہ سائين ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ سچن طالبن ۽ صوفين لاءِ جيڪو فڪر ۽ فلسفو ڏنو آهي ان ۾ نفساني خواهشن ۽ دنياوي لذتن جي نفي ڪيل آهي:

سامي چائين، سک طلبين، تسا ڏيئن نہ تَنَ،
منـہ ڪئـو مـاڙهن کـان، پنـي آتـا آنَ،
ڪاپڙي تو ڪَن، ڪين چيرايا چسن کي. (69)

شاهہ لطيف ﷫، صوفياڻي فڪر کي سامهون رکندي بارگاهہ الاهيءَ ۾ انسانن جي عملن جي تور ۽ ان مطابق انعام ۽ اڪرام بابت فرمائي ٿو تہ جيڪو من ۾ محبت پائي عمل ڪندو تہ ان جو عمل منظور ۽ مقبول ٿيندو:

محبـت پـائي مـن ۾، رنـديا روڙيـا جِـن،
تَـنِ جـو صـرافن، اٽـورئـو اگهـائيو. (70)

مقصد تہ شاهہ سائين ﷫، جي ڪلام ۾ جابجا صوفياڻو فڪر اشارا ۽ روحانيت جا راز سمجهايل آهن جن کي سونهاريءَ سنڌ جو هر عام خاص سمجهي ٿو.



www.sindhsalamat.com

# شاھ جي ڪلام ۾ شريعت

حضرت شاھ عبداللطيف ﷫، هڪ ڪامل ولي ۽ صوفي باصفا پڻ هو. هو نہ رڳو خود شريعت جو پابند هو بلڪ ڪم همت انسان کي شريعت جي واٽ تي هلڻ لاءِ سُهڻيءَ جو مثال ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا:

سَاري سِڪُ سَبق، شريعت سَندو سُنهڻي،
طَرِيقَتَان تکو وَهي، حَقيقت جُو حَق،
مَعرفت مَرَڪُ، اصل عاشقن جو. (71)

ڀلارو ڀٽائي شريعت تي هلڻ جي سبق سکڻ جي صلاح ان ڪري ٿو ڏئي تہ ايمان کان پوءِ اها تقاضا ڪئي وڃي ٿي تہ هر ڪلمہ گو شريعت جي سيني حڪمن تي پابنديءَ سان عمل ڪري، اهو ان ڪري جو انسان جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ جو دارومدار شريعت جي پيروي تي منحصر آهي، ان ڪري شاھ انسان کي شريعت جي حڪمن تي هلڻ جي تلقين هن ريت فرمائن ٿا:

ڪري طَريقت تڪيو شريعت سُڃاڻ،
هنيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هُوئج ثابوتيءَ ساڻُ، تہ ٻسڻ کان پالهو رهين. (72)

شريعت جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان اها رهنمائي ملي ٿي تہ ايمان وارن لاءِ رسول الله جو فيصلو ۽ حڪم شريعت جو درجو رکي ٿو ۽ ڪندو ان کي نہ مڃيندو اهو گمراھ ٿيو:

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ۭ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ۝ؕ۳۶ (73)

ترجمو: ۽ جڏهن الله ۽ سندس پيغمبر ڪنهن ڪم بابت حڪم ڪري (تڏهن) ڪنهن مؤمن ۽ ڪنهن مومنياڻيءَ کي انهيءَ پنهنجي ڪم ۾ ڪو اختيار هجڻ نہ جڳائي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي نافرماني ڪندو سو بيشڪ پڌريءَ ڀُل ۾ ڀُلو.

شاھ شريعت سان گڏ حق جي منزل تائين پهچڻ لاءِ طريقت واري واٽ



www.sindhsalamat.com

۽ معرفت واري ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن ريت رهنمائي فرمائي ٿو:

وَحـــــده جـــي وڏئــا، اِلاّالله ســـين اوريـــن،
هِنيـــون حقيقــت گـــڏئو طريقـــت تـــورين،
معرفــت جــي مــاٽ ســين، ڏس انـــدر ڏوريـــن،
ڪُلهَنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.[74]

ساڳي وقت الله سبحانہ پاران بہ هر امت لاءِ شريعت ۽ معرفت واريءَ واٽ جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

لِكُلِّ أُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنسَكًا هُمْ نَاسِكُوهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْأَمْرِ وَادْعُ إِلَىٰ رَبِّكَ ۖ إِنَّكَ لَعَلَىٰ هُدًى مُّسْتَقِيمٍ ﴿٦٧﴾[75]

ترجمو: سڀ ڪنهن ٽولي لاءِ هڪ شريعت مقرر ڪئي سون، جنهن تي اهي عمل ڪندڙ آهن، پوءِ جڳائين تہ تو سان هن ڪم ۾ جهڳڙو نہ ڪن ۽ تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن کي) سڏيندو رهہ بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي آهين.

ڀٽائي ٻيون سڀ واٽون وساري طريقت جي واٽ وٺڻ لاءِ هن ريت هدايت فرمائي ٿو:

هڻ تون تند طريقت جي، ٻيا سڀ واجٽ وساري،
ســــورٺ ســـر تين وچ ۾، اُڀـــي اوســــاري.[76]

ساڳي قسم جي رهنمائي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي تہ الله هر هڪ لاءِ سنئين واٽ مقرر فرمائي آهي:

لِكُلٍّ جَعَلْنَا مِنكُمْ شِرْعَةً وَمِنْهَاجًا ۚ[77]

ترجمو: اوهان مان هر ڪنهن ٽولي لاءِ شريعت ۽ (هڪ سنئين واٽ) مقرر ڪئي سون.

لطيف سائين شريعت جي واٽ جي مسافر کي پنهنجي جسم جون سڀ حسون وڃائي پوءِ حقيقت جي هڪل ٻڌڻ ۽ محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي صلاح ٿو ڏئي.

تحقيـــق جـــي تـــون، پـــري مٿـــي رءَ ڪٽـــيج،
ٻانهئـــان ٻهـــر تـــي، ڪُشـــتي ڪمـــائيج،



www.sindhsalamat.com

سَنڌن رڻ ساري، جنگهن رڻ ڄُليج،
جا حاج هتن رڻ نہ ٿئي، سا ٿنڌو تي ڪريج،
هَڪل حقيقت جي، ٻوڙو تي ٻڌيج،
انڌو تي پسيج، مُشاهدو محبوب جو. (78)

هن بيت ۾ شاهه دل جي ڪنن ۽ اندر جي اکين سان محبوب جي مشاهدي ماڻڻ جي صلاح ڏني آهي، ڇو تہ غافلن جا عضوا معرفت واري منزل ماڻڻ کان محروم هوندا آهن. جنهن جو ثبوت قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو:

لَهُمْ قُلُوبٌ لَّا يَفْقَهُونَ بِهَا ۚ وَلَهُمْ أَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُونَ بِهَا ۚ وَلَهُمْ آذَانٌ لَّا يَسْمَعُونَ بِهَا ۚ أُولَٰئِكَ كَالْأَنْعَامِ بَلْ هُمْ أَضَلُّ ۚ أُولَٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُونَ ﴿١٧٩﴾ (79)

ترجمو: انهن جون اهڙيون دليون آهن، جو انهن سان الله جو حڪم نہ سمجهندا آهن ۽ انهن جون اهڙيون اکيون آهن جو انهن سان حقانيت ڏسي نہ سگهندا آهن ۽ انهن جا اهڙا ڪن آهن جو حق ٻڌي نہ سگهندا آهن، ڍورن وانگر آهن بلڪ انهن کان بہ وڌيڪ گمراهہ آهن، اهي ئي غافل آهن.

ڀٽائي ٻيائيءَ کي دور ڪري معرفت ملهائڻ ۽ مسلماني ماڻڻ لاءِ ڪلمي شهادت جي اقرار ۽ ان تي عمل جي صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

وَنِين ۾ وصال جي، تان ڳا ڳاني پاءِ،
ڏو ٻينائي ڏور ڪري، معرفت مَلهاءِ،
سُپريان جي سُونهه ۾، رُخنو ڪو نہ رَهاءِ،
اکِ اَشهد چاءِ، تہ مسلماني ماڻيين. (80)

هن بيت مان مراد آهي تہ شريعت جي پڌريءَ واٽ تي هلندي دين جي تابعداري ڪرڻي آهي، جنهن لاءِ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

ثُمَّ جَعَلْنَاكَ عَلَىٰ شَرِيعَةٍ مِّنَ الْأَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَاءَ الَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ ﴿١٨﴾ (81)

ترجمو: وري (اي پيغمبر) توکي دين جي پڌريءَ واٽ تي ڪيو سون تنهن ڪري تون ان دين جي تابعداري ڪر ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهن تن جي سڌن پويان نہ لڳ.

ڀٽائي رب ڪريم پاران عطا ڪيل شريعت کي سنئين ۽ سولي واٽ قرار ڏيندي انسانن جي ڪيفيت کي بيان فرمايو آهي تہ اهي ان شريعت



www.sindhsalamat.com

واري رستي کي ڏنگو ۽ ڏکيو سمجهن ٿا:

سَجَڻ سنيون ڳَنِ، لوڪان ليکي ونگيون،
سندي سُپيرين پَرِ پروڙڻ ڏاڪڙو. (82)

اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي تہ مخلوق جي باري ۾ خالق ٿي بهتر ڄاڻي ٿو ان ڪري سجڻ جيڪي سنيون ڪن ان کي ڏنگو يا ڏکيو نہ سمجهڻ گهرجي:

وَعَسٰى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْئًا وَّهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَعَسٰى اَنْ تُحِبُّوْا شَيْئًا وَّهُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ۗ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢١٦﴾ (83)

ترجمو: ۽ اها اوهان کي ناخوش لڳندي آهي ۽ شايد اوهين ڪنهن شيءِ کي ناخوش ڀانيو ۽ حقيقت ڪري اُها اوهان لاءِ ڀلي هجي ۽ شايد ڪنهن شيءِ کي پيارو رکو ۽ اها اوهان لاءِ بڇڙي هجي.

قرآني تعليم ۽ شاهہ جي ڪلام مان ثابت ٿيو تہ طريقت، معرفت ۽ حقيقت شريعت جا جُزا آهن ۽ اهي شريعت جي پابنديءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا.

## حوالا


(1) ياد لطيف_ مقالو شاهہ ۽ تصوف، مخدوم امير احمد، صفحو 148 شاهہ لطيف يادگار ڪميٽي 1953ع

(2) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحو 476، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(3) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر مارئي داستان پنجون، بيت 6 صفحو 485 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(4) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر مارئي داستان پنجون بيت 14، صفحو 486 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(5) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان پهريون، بيت 7 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(6) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 13 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(7) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر ڪلياڻ 171 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(8) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان پهريون، بيت28 صفحو 135 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(9) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر سري راڳ 1_24 صفحو 196 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(10) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪاپائتي داستان پهريون، بيت 20 صفحو 238 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(11) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النساءِ آيت 13 پاره 5 صفحو97 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(12) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سري راڳ 1_1 صفحو 193 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(13) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سهڻي، داستان 3_11 صفحو 515 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(14) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سهڻي داستان 6_6 صفحو 522 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(15) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر آبري داستان 5_1 صفحو 287 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(16) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ 2_1 صفحو 136 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(17) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ داستان 2 بيت 2 صفحو 136 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(18) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر ڪلياڻ داستان ٻيون بيت 3 صفحو 136 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(19) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ 2_4 صفحو 137 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(20) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ داستان 2 بيت 5 صفحو 137 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(21) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ داستان 2_7 صفحو 137 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(22) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ، داستان ٻيون بيت 8 صفحو 138 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(23) يادگار لطيف_ آغا تاج محمد نمبر – مرتب بيگم زينت عبدالله چنا، صفحو 127 لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(24) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 1_81 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(25) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت البقره آيت 163 پاره 2 صفحو... تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمران آيت 109 پاره 4 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(27) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 1_81 صفحو 134 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(28) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ 1_19 صفحو 134 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(29) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت والتين آيت 4 پاره 30 صفحو 724 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت آل عمران آيت 31 پاره 3 صفحو 366 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ٺ
(31) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 28 صفحو 135 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(32) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت الحشر آيت 23_24 پاره 28 صفحو 661 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري 3_8 صفحو 283 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(34) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت روم آيت 8 پاره 21 صفحو488 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(35) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر آبري، داستان 5 بيت 4 صفحو 288 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(36) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الانبياءِ آيت 35 صفحو 391 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(37) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت بني اسرائيل آيت 85 صفحو 350 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت يوسف آيت 53 صفحو 292 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(39) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت القيامة آيت 2 صفحو 699 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(40) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر ڪنيات، داستان 5_5 صفحو 181 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(41) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر ڪنيات، داستان 5 بيت 8 صفحو 181 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(42) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 4_12
صفحو 178 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(43) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 3 بيت 8
صفحو 177 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(44) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات داستان 3 بيت 9
صفحو 177 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(45) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات داستان 4 بيت 11
صفحو 178 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(46) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات داستان 5، بيت 1
صفحو 179 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(47) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 5 بيت 1
صفحو 180 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(48) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات داستان4 بيت 13
صفحو 179 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(49) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 5 بيت 6
صفحو 181 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(50) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت يوسف آيت 52 پاره 13
صفحو 292 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(51) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 4_10
صفحو 179 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(52) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت الشمس آيت 9_10 پاره 30
صفحو 721 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(53) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات، داستان 4_5
صفحو 179 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(54) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪنيات داستان 4_11
صفحو 179 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(55) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت الفجر آيت 30_27 پاره 30
صفحو720 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(56) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_سر سهڻي 12_10 صفحو 535
علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(57) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_سر ڪلياڻ داستان 4 بيت 27
صفحو 145 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(58) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر ڪلياڻ داستان 4 بيت 16
صفحو 144 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(59) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _سرڪلياڻ 4 _29 صفحو 146 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(60) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سرڪلياڻ داستان 4 بيت 21 صفحو 144 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(61) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سُرڪلياڻ 4 بيت 26 صفحو 145 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(62) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سرڪوهياري داستان 3 بيت 5 صفحو 334 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(63) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سرڪوهياري داستان 3 بيت 6 صفحو 334 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(64) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _سر رپ داستان 2 بيت 38 صفحو 418 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(65) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سررامڪلي داستان 2 بيت 38 صفحو 437 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(66) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سرڪلياڻ 3_20_19 صفحو 141 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(67) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _سر سورٺ داستان 2 بيت 5 صفحو 404 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(68) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سر رامڪلي داستان 5 بيت 1 صفحو 444 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(69) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سر رامڪلي داستان 2 بيت 7 صفحو 435 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(70) شاهه جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سر ڪاپائتي داستان 1 بيت 20 صفحو 238 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(71) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سر سهڻي داستان 4_10 صفحو 517 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(72) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سر ڪلياڻ داستان 2_22 صفحو 139 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(73) قرآن عظيم _ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت الاحزاب آيت 36 پاره 22 صفحو 509 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(74) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ _ سرڪلياڻ داستان 1_12 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(75) قرآن عظيم _ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي _ سورت الحج آيت 67 پاره 17 صفحو 409 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(76) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر سورٺ داستان 4 وائي، صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(77) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت المائده آيت 48 پاره 6 صفحو 141 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(78) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر آسا داستان 4_5 صفحو 464 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(79) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت اعراف آيت 179 پاره 9 صفحو 210 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(80) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 4_9 صفحو 464 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(81) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت الجاثيہ آيت 18 پاره 25 صفحو 610 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(82) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — سر آسا، داستان 1 بيت 24 صفحو 457 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(83) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت البقره آيت 216 پاره 2 صفحو 42 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ اللہ علیہ جي دور ۾ سنڌ جي حالت

## سنڌ جي سماجي حالت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دور سن 1689ع کان شروع ٿي سن 1752ع تي ختم ٿئي ٿو. شاهہ جي دور ۾ مغلي سلطنت جا گورنر اڪبر اعظم جي زماني کان مقرر ٿيندا ايندا هئا. تن جو سلسلو شاهہ جي سامهون ختم ٿي ويو ۽ سنڌ تي حڪومت جا مڪمل اختيار ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي حوالي ٿيا هئا. سنڌ تي ڌارين جي ڪاهن سبب هتان جي عوام ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سبب غيريقيني صورتحال هئي. سنڌي سماج ڌارين جي رحم ۽ ڪرم تي هو. ڪڏهن هو حملن ۾ ٻاهرين فوجن جو نشانو بڻجي ويندا هئا تہ ڪڏهن قيد ۽ بند، ڏکن، بکن ۽ بدحاليءَ جو شڪار رهندا هئا.

سنڌ جي سرزمين سنڌو درياءَ جي ڪري زرخيز هئي ۽ زرخيزيءَ سبب مغلن، ارغونن، ترخانن، پٺاڻن، ايرانين، انگريزن ۽ ٻين ڌارين جون اکيون هميشہ سنڌ ۾ ڪتل رهنديون هيون. هو موقعي جي تلاش ۾ هوندا هئا، جيئن ڪين موقعو ملندو هو تہ طاقت يا سازش ذريعي سنڌ تي قبضو ڪندا هئا.

سنڌو درياءَ سنڌ ۾ پنهنجي آب حيات سان گڏ ڇڙواڳ ٻوڏ بہ آڻيندو رهندو هو جنهن ڪري رات جي پيٽ ۾ ڪيترائي ڳوٺ متجي ويندا هئا ۽ ساڳي وقت نوان وهڪرا ۽ گس پڻ نهي ويندا هئا.

ڪلهوڙن جي حڪومت جي دور ۾ سنڌ ۾ آبپاشي جو نظام ننڍين واهن ۽ شاخن ذريعي قائم ڪيو ويو هو. اهو ان ڪري جو ڪلهوڙن کي زراعت سان دلچسپي هئي، جنهن ڪري زراعت کي بيحد ترقي ملي عام ماڻهو پوک پلاهہ ڪري سُکي زندگي گذاريندو هو.



www.sindhsalamat.com

سنڌ جي زرعي ترقيءَ جو اندازو مسٽرڊيل هوسٽ جي بيان مان بہ لڳائي سگهجي ٿو هو لکي ٿو تہ:

ڪلهوڙن جي دور ۾ پوک پلاهہ لاءِ زمين تائين پاڻي پهچائڻ خاطر هيٺيان واهہ کوٽايا ويا: پراڻ واهہ، نارو، اڙل، قليلي، گوني، پڇارو، گانگرو لکي، سيتا، بگهاڙ، داديجي، گهاڙ، امرڪس ۽ نورواهہ وغيره. انهن واهن جي ڪري سنڌ جي زرعي آباديءَ ۾ اضافو ٿيڻ لڳو ۽ ماڻهن ۾ خوشحالي آئي. ان دور ۾ واهن سان گڏ موڪي، چرخي ۽ بوسي ذريعي بہ ريج ڪيو ويندو هو.[1]

ان دور ۾ سنڌي سماج تي نظر وجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ سنڌي سڀاجها ۽ سادا هوندا هئا. سنڌن رهڻ ڪهڻ، کائڻ پيئڻ سادي انداز ۾ هوندو هو. سنڌ واسين جا گهر ڪچا ڪانن، گاهہ ۽ ڪاٺين سان ڇوڙن وانگر نهيل هوندا هئا. مهمان نوازي سنڌن خاص خوبي هئي. هر ڳوٺ ۾ اوطاق هوندي هئي جتي مهمان ترسندا هئا، اتي ڪچهريون بہ ٿينديون هيون تہ سماجي مسئلن جا فيصلا بہ ٿيندا هئا. ساڳي وقت انهن اوطاقن ۾ راڳ جون محفلون بہ ٿينديون هيون.

ڳوٺن ۾ مسجدون بہ هونديون هيون جتي نماز ۽ ديني تعليم جو بندوبست هوندو هو. ماڻهن ۾ اسلامي اخلاق ۽ قدرن لاءِ عزت ۽ احترام جو جذبو هوندو هو. مسجد ۽ مڪتب سان لاڳاپيل عالمن، معلمن ۽ پيرن فقيرن جو احترام ڪيو ويندو هو.

سنڌ جي آبادي جو وڏو طبقو ٻهراڙيءَ ۾ رهندو هو جتي کين صاف سٿرو ماحول تازي هوا، کير، لسي، مکڻ، سبزين، ميون ۽ اناج جون سهولتون ميسر هيون. ڳوٺاڻا خوشحال زندگي گذاريندا هئا.

شاهہ جي دور ۾ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ٺٽو، لاهري بندر، مغلين، بدين، بلڙي، هالاڪنڊي، نصرپور، عمرڪوٽ، سيوهڻ، خدا آباد، ڪنڊيارو، درٻيلو گمبٽ، روهڙي، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو وڏيڪ مشهور هئا.

شاهہ لطيف جيئن تہ سير ۽ سفر جو ڪوڏيو هو. ان ڪري هن سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن جو سير ۽ سفر ڪيو ۽ پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي سماجي مسئلن، ماحول، پورهيتن ۽ هرمندن کي ڳائي سنڌن مَان مٿاهون ڪيو سنڌ ۾ پوک پلاهہ هئڻ سبب ماهيو اونو ۽ ٻاڪرو مال بہ جام هو.



www.sindhsalamat.com

سنڌ جي سماجي ۽ معاشرتي صورتحال تي غيرملڪي سياحن ۽ تاريخدانن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي ڄاڻايو آهي تہ هيءُ پرڳڻو هر لحاظ سان خوشحال هو ان سلسلي ۾ ابن حوقل لکي ٿو تہ:

> سنڌ پرڳڻو هڪ بيٺ وانگي آهي. اتان جا رهواسي مسلمان آهن. آبهوا گرم آهي هتي کجين جا وڻ جام آهن. هن جاءِ تي هڪ ميوو پيدا ٿيندو آهي. جنهن کي انبج (انب) چوندا آهن. شڪل صورت ۽ ذائقي ۾ آڙو جهڙو آهي ۽ تمام سستو آهي هتي قيمتون گهٽ آهن.[2]

دنيا ۾ اميري غريبي شروعات کان هلندي اچي، جتي شاهوڪار هوندا آهن اتي نادار بہ هوندا آهن. شاهہ لطيف جي دور ۾ سنڌ ۾ اهي ٻئي طبقا موجود هئا. ليڪن هن ڪامل ولي جو گهڻو تعلق سنڌ جي ڀهراڙيءَ واري سماج سان آهي، ان ڪري هن پنهنجي ڪلام ۾ اميرن جي ڪوٽن ۽ محلاتن سان گڏ پنهوارن جي پکن ۽ مسڪين ماورٿن جي چؤنرن جو ذڪر ڪيو آهي. سندس ڪلام ۾ سنڌ جي سماج ۽ معاشري جي چٽي تصوير نظر اچي ٿي، ان ڪري شاهہ لطيف نہ رڳو هڪ شاعر آهي بلڪ هڪ مصور، مفڪر ۽ مؤرخ پڻ آهي. ڀٽائي سنڌ جو اهڙو تہ چمڪندڙ سج آهي، جنهن جي نوراني روشنيءَ سان سنڌ ۽ سنڌي سماج روشن ٿي چڪو آهي.

شاهہ لطيف سنڌي سماج ۽ معاشري جي عڪاسي ڪندي سنڌي عورت جي زيورن جو ذڪر "سونا ڪر ڪنن ۾ ڳچيءَ ڳاڙها هار" جي صورت ۾ تہ سنڌ واسين جي لباس کي "پٽولا پٽ چير ڪٽيون جهڙيون ڪير"[3] جي انداز ۾ بہ تہ سنڌين جي خوراڪ جو ذڪر "آٽيڻ ۽ چاڙهين ڏٿ ڏهاڙي سومرا"[4] تہ سنڌ جي سماجي ريتن رسمن ۽ رواج کي "سون برابر سڱڙا مون کي ٻانهن ٻڌائون"[5] تہ ڪتيندڙ محنت ڪش کي "اٽي اورارت سين ويهہ مَ ويڳاڻي" جي صلاح ڏيندي نظر اچي ٿو. ان کان سواءِ شاهہ صاحب سنڌي سماج ۽ معاشري جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي آهي. ساڳي وقت سنڌي سماج ۾ جيڪي مسئلا ۽ مونجهارا هئا، انهن جي حل لاءِ شاهہ پنهنجي ڪلام ذريعي امن يائيچاري ۽ محبت جو پيغام ڏيڻ سان گڏ اخلاقيات ۽ روحانيت کي بہ عروج تي پهچايو.



www.sindhsalamat.com

## سنڌ جي سياسي حالت

سنڌ ۾ شاهه لطيف جي ولادت وارو اهو زمانو هو. جڏهن مغل شنهشاهيت زوال طرف وڌي رهي هئي ۽ سنڌ جو هڪ مڪاني قبيلو ڪلهوڙا بلند اقباليءَ ڏانهن اسهندو پئي ويو. سنڌ جي تاريخ مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي تہ ڪلهوڙا هتان جا مقامي باشندا هئا. جن جي وڏن جو سلسلو پيري مريديءَ کان شروع ٿيو. سندن وڏو ميان آدم شاهه گهراڻي جو مورث اعليٰ هو. ميان آدم شاهه وڏو بزرگ هو ۽ ڪافي ماڻهو سندس مريد هئا.[6]

هو لاڙڪاڻي ضلعي جي تعلقي ڏوڪريءَ جي هنڙي ڳوٺ ۾ سڪونت اختيار ڪري مهدوي فرقي جي تبليغ ڪرڻ لڳو. ملتان جي سهروردي مشائخن سان سندس دوستاڻو رستو هو. انهن ڏينهن ۾ مراز عبدالرحيم خان خانان ٺٽي ڏانهن مرزا جاني بيگ سان جنگ ڪرڻ پئي ويو ۽ ڏس ملڻ تي آدم شاهه کان دعا گهرائڻ لاءِ آيو.[7]

ان موقعي تي مرزا خان خانان چانڊڪي جي زرخيز زمين هن جي حوالي ڪئي هئي، جنهن ڪري آدم شاهه جي مريدن جو نالو وڌڻ لڳو. وقت جا حاڪم هونئن بہ مهدوي تحريڪ کان خائف هئا. نيٺ ڪن پاڙيسري زميندارن جي شڪايت تي بکر جي حاڪم ميان آدم شاهه کي گرفتار ڪري ملتان موڪليو. جتي هن کي شهيد ڪيو ويو. سندس وصيت مطابق مريدن کيس سکر جي هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪيو جيڪا آدم شاهه جي ٽڪري سڏجي ٿي. سندس پوين زمينداري پيري ۽ مريديءَ جي ڪري نالو ڪڍيو. هنن پنهنجا ڪيئي ڳوٺ ٻڌايا بکر ۽ ٺٽي جا مغليہ نواب ۽ هنن جا حامي زميندار ۽ عامل ڪلهوڙن کي وڏيون تڪليفون ڏيندا رهيا پر هنن ڪيترن ئي پرڳڻن تي قبضو ڪري ورتو.

هندستان جون حالتون هينئر گردش ۾ هيون اورنگزيب سان مرهٽن جي مسلسل جنگين ۽ شيواجي جي ڪاميابين جي ڪري مغل سلطنت ڪمزور ٿي وئي هئي ۽ ڪيترائي فتح ڪيل علائقا ڌار ٿيڻ لڳا. سن 1707ع



www.sindhsalamat.com

۾ اورنگزيب عالمگير جي وفات تي ۽ مغل سلطنت زوال ڏانهن تڪڙو وڌڻ لڳي. عالمگير کان پوءِ سندس فرزند بهادر شاهه پهريون تخت تي ويٺو ۽ پنجن سالن کان پوءِ سن 1712ع ۾ وفات ڪري ويو. ان کان پوءِ شهزادو معزالدين "جهاندار شاهه" ان بعد فرخ سير رفيع الدرجات ۽ رفيع الدولہ ۽ ٻيا تخت تي ويهندا ۽ سازشن جو شڪار ٿيندا رهيا. آخرڪار سنڌن حڪومت جو خاتمو ٿي ويو.

ارغونن جي حملي وقت سنڌ جو مقامي حڪمران گهراڻو سما خاندان خانہ جنگيءَ ۾ رذل هو. ڄام نندي جي قائم ڪيل اعليٰ اصولن تي هلندڙ ملڪ سنڌ کي سندس نااهل پٽ ڄام فيروزالدين، ڄام صلاح الدين سان جهيڙي جوتڻ کان پوءِ سنڌ جي بهادر فرزند درياخان کي درٻار مان ڪڍي سندس جاءِ تي مير ڪيبڪ ارغون کي جاگيرون ۽ خلعتون ڏيئي سنڌ سان نڀي ڪئي، جنهن ڪري هتان جا رهواسي پاڻ کي غلاميءَ کان بچائي نہ سگهيا. سنڌ کي ورهائي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو. سندس زرخيز زمين جي آمدنيءَ کي لٽيو ويو. جڏهن سنڌ کي سڌيءَ طرح مغل شهنشاهيت ۾ داخل ڪيو ويو تہ سنڌ جي ماڻهن تي ظلم جي انتها ٿي وئي. شاهجهان جي دور ۾ سنڌ ۾ سيوهڻ سرڪار جون واڳون ان وقت جي نواب احمد بيگ جي سفاڪ ۽ بي رحم ياءُ مرزا يوسف جي حوالي هيون. جيڪو وڏو ظالم ۽ سفاڪ هيو انهيءَ دور ۾ ميان نصير محمد جي پٽ ميان دين محمد ڪلهوڙي اورنگزيب جي پٽ مغرلادين جي نوابن سان ڪيترن ئي هنڌن تي سخت مقابلو ڪيو. ليڪن آخرڪار مغلن هن کي ڏوڪي سان گرفتار ڪري ملتان ۾ ماري ڇڏيو. [8]

ان بعد سنڌ ۾ ڪلهوڙن استقلال جو جهنڊو کنيو. ميان يار محمد هڪ هٿ ۾ ڏنڊو ٻئي هٿ ۾ تلوار کڻي سنڌ جا پرڳڻا مغلن کان آزاد ڪرائيندو ويو. تان جو سن 1711ع ۾ مغل نوابن هن کي پهريائين سبي ۽ ڊاڍر جو انتظام ۽ ان کان پوءِ بکر ۽ سيوهڻ جا سڀ علائقا حوالي ڪري کيس خدا يار خان جو لقب ڏنو.

اهو دور شاهه صاحب جي ڦوهہ جوانيءَ جو هو. ان وقت سنڌ جو سماج مغل حڪمرانن جي سفاڪ نوابن جي ظلم ۽ ستم ۾ وڪوڙيل هو. سنڌ کي



www.sindhsalamat.com

تباهي جي ڏهڻ مان ڪيڻ لاءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ اجتماعي شعور اڀري رهيو هو. سنڌ ۽ سنڌواسين جي بقا ۽ ڌارين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي باشندن ۾ سنڌ جو عظيم صوفي شاعر قومي شعور اُڀاري رهيو هو. سندس شاعري ان وقت جي حالتن ۾ پيدا ٿيل قومي شعور جي ترجمان آهي. اهو ان ڪري جو هر دور جي تاريخ وقت جي ماڻهن جي فڪري ۽ علمي ڏاهپ جو وچور هوندي آهي. جنهن مان ان دور جي رهواسين جي شعور جي گهرائي ۽ سماجي قدرن جي خبر پوندي آهي. سن 1718ع ۾ جهوڪ شريف ۾ قومي سانحو ٿيو جنهن ۾ صوفي شاهه عنايت جي شهادت ٿي. ان واقعي سبب ڪيترن ئي بزرگن ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڇانئجي وئي ۽ عوام ۾ حڪمران قبيلي ڪلهوڙا خاندان خلاف نفرت پکڙجي وئي.

محترم محمد ابراهيم جويو موجب سنڌ ۾ مغل سلطنت جي ڪرڙندڙ عمارت ڪرندي ڪرندي بہ سنڌ جي آزادي لاءِ وڙهندڙ مرڪزن (ڪلهوڙن ۽ شاهه عنايت شهيد) کي پاڻ ۾ ٽڪرائي ويا.[9]

شاهه عنايت شهيد جي شهادت وقت شاهه لطيف ڪوٽڙيءَ ۾ هو ۽ شاهه عنايت جي شهادت واري صدمي ۾ سنڌ واسين سان شريڪ هو. هاڻي جهوڪ جا فقير بہ شاهه لطيف وٽ اچڻ لڳا. ان وقت شاهه سائين سرمارئي کي بيتن ۽ واين جي صورت ۾ آڻي وڏي سوز ۽ فراق سان ڳائڻ لڳو. سنڌ وارا سندس ڪلام ٻڌي ذات پات جا ويڇا وساري هندو مسلمان پنهنجي وطن لاءِ هڪ ٿي ويا.[10]

نندو ڪنڊ افراتفري ۽ انڌير نگريءَ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. سنڌ تہ مرڪز کان ڪافي پري هئي ليڪن ننڍي جا مغل نواب جيڪي ٽن يا پنج هزاري رتبي جا هئا سي بيوس ٿي پيا. ڪهلوڙن جي فوجي قوت سنڌن ٽالپر سپاهين جي ڪري مضبوط ٿي چڪي هئي، مغل سرڪار پنهنجي رضامندي سان سن 1736ع ۾ بکر سيوهڻ ۽ ننڍي جا پرڳڻا ميان نورمحمد جي حوالي ڪيا.

شاهه لطيف ان سڄيءَ صورتحال جو شاهد آهي. سندس حساس طبيعت سنڌ جي جاکوڙي عوام لاءِ محبت ۽ عقيدت پيدا ڪئي. شاهه صاحب هينئر پنهنجو گهڻو وقت سير سفر ۽ مشاهدي ۾ گذاريندو هو.



www.sindhsalamat.com

ڪلهوڙا سنڌ جي آزاديءَ جا اڳواڻ هئا.

شاهہ سائين پنهنجي انيتاليهن سالن جي عمر ۾ متحده سنڌ جو ٻن صدين جو پراڻو خواب عمل ۾ ايندي ڏٺو پر جلدئي يعني ٻن سالن جي اندر نادر شاهہ سڄي هندستان کي تاراج ڪري، ڪانئن طائوسي تخت ڦري سنڌونديءَ جي الهندي ڪناري وارا ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ رکيا ۽ ميان نورمحمد سالليانو ويهہ لک رپيا ايراني فاتح کي ڏيل طور ڏيڻ منظور ڪيا. نادر شاهہ جي قتل کان پوءِ احمد شاهہ ابدالي ڏيل وٺڻ شروع ڪئي. شاهہ لطيف پاران دعا ڪيل حڪمران ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي پنهنجي والد جي وفات بعد آزاد سنڌ تي ڏهاڪي سال حڪومت ڪئي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ شاهہ لطيف جي دور کان اڳ سنڌ ۾ عربستان ۽ ٻين مسلمانن ملڪن جا جيترائي ولي الله، درويش ۽ بزرگ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا ۽ ان قسم جي بزرگن جو گهڻو تعداد سيدن جو هو خود شاهہ سائينءَ جي وڏن جو تعلق بہ هرات جي سيد خاندان سان هو.(11)

ان دور ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي الهامي علم، رياضت، عبادت، شعرگوئي ۽ خدائي جمال پسڻ ۾ محو هوندو هو. سندس توجہ سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالت جي مشاهدي سان گڏ باطني علم، رياضت ۽ انسان دوستيءَ ڏانهن هو. انهن ڀلارين خوبين، سندس پاڪدامني ۽ ٻاجهاري طبيعت جي ڪري خلقِ خدا شاهہ سائين ڏي ڇڪجي آئي. سنڌواسين جي دلين ۾ ڀٽائي لاءِ عقيدت ۽ محبت جو سمنڊ موجزن هو. جنهن ڪري ڪيترن ئي ماڻهن جي دلين ۾ حسد پيدا ٿيو. انهن حاسدن ۾ ڪلهوڙا خاندان جو نالي وارو حڪمران ميان نورمحمد بہ شامل هو. مولانا دين محمد وفائي ڪلهوڙا خاندان جي ان ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

> ڪلهوڙن پنهنجن مريدن جي جماعتن سان گڏ طاقت جمع ڪري حڪومت قائم ڪري ورتي هئي. انهيءَ ڪري ڪلهوڙا خاندان کي هميشہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪنهن بہ پير ۽ فقير جي طاقت ۾ اچڻ کان ڊپ رهندو هو.(12)

شاهہ لطيف پنهنجي ڏاڏي شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو مقبرو



www.sindhsalamat.com

جوڙائڻ شروع ڪيو تہ ان سلسلي ۾ ڪاشيءَ جون سرون وٺڻ لاءِ ملتان ويو ۽ اتان موٽندي، جڏهن هو ڪلهوڙا خاندان جي مرڪزي شهر خدا آباد کان لانگهائو ٿيو تہ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد هن جي زيارت ۽ قدم بوسيءَ لاءِ اچي گڏ ٿيو. ڇو تہ شاهہ سائينءَ جي بزرگي ۽ ولايت سبب ماڻهن جي دلين ۾ شاهہ صاحب لاءِ بي پناهہ محبت پيدا ٿي چڪي هئي. ڪلهوڙا خاندان جا حڪمران ماڻهن جي بي انتها عقيدت واريءَ ان ڪيفيت کان هميشہ خوف ۾ رهندا هئا. سو ميان نور محمد ڪلهوڙي پنهنجي اندر ۾ حسد واري ٻرندڙ باهہ کي ٿڌي ڪرڻ لاءِ شاهہ سائين جي خدمت ۾ نذراني طور معجون جي هڪ دٻلي ڏياري موڪلي جنهن ۾ زهر مليل هو. شاهہ لطيف ﷫ جيئن تہ ڪامل ولي هو. سو هن ميان نورمحمد پاران موڪليل معجون جي دٻليءَ جي حقيقت ۽ ان جي مقصد کي پروڙي ورتو ۽ فقيرن کي حڪم ڏنائون تہ معجون جي ان دٻليءَ کي درياهہ ۾ اڇلايو وڃي. فقيرن جڏهن شاهہ صاحب جي حڪم جي تعميل ڪئي تہ ٿوري ئي دير ۾ درياهہ ۾ مئل مڇيون ترنديون نظر آيون. جنهن مان ميان نور محمد ڪلهوڙي جي سازش واضح طور تي نظر آئي ۽ ان سان گڏ شاهہ لطيف جي بزرگي ۽ ولايت جو ويتر ڌاڪو ڄمي ويو.

ان واقعي کان بعد ۾ ميان نور محمد ڪيترائي ڀيرا شاهہ سائينءَ کي آزمايو ليڪن ڪيس هر دفعي ناڪامي نصيب ٿي ۽ آخرڪار شاهہ سائينءَ جو معتقد ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ گلان نالي هڪ نوجوان خوبصورت ڳائڻيءَ شاهہ صاحب کي دعا لاءِ عرض ڪيو. شاهہ صاحب ﷫ ڪيس دعا ڪئي تہ تنهنجي پيٽان بادشاهہ ڄمندو ۽ سنڌ جي بادشاهہ سان تنهنجي شادي ٿيندي، ڇون تہ هن بزرگ جي دعا جو اهڙو تہ اثر ٿيو جو انهيءَ رات ميان نور محمد گلان سان نڪاح ڪري ڪيس پنهنجي راڄ راڻين ۾ شامل ڪيو. جنهن مان ڪيس غلام شاهہ ڄائو جيڪو ڪلهوڙن جو مشهور بادشاهہ ٿي گذريو آهي.[13]



www.sindhsalamat.com

## سنڌ جي اقتصادي حالت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ اقتصادي طور تي خوشحال هئي. هتي سوٽي ڪپڙي جي صنعت ڏينهون ڏينهن ترقي ڪندڙ هئي. ٺٽو هڪ وسيع تجارتي مرڪز هو ۽ ان جي ڀر ۾ لاهري بندر تمام گهڻو مشهور هو. ڪن مؤرخن جي راءِ آهي تہ لاهري بندر پراڻي زماني جو ديبل بندر هو. ان جي آس پاس لوهہ ۽ لوڻ جون کاڻيون هيون جيڪي سرڪار لاءِ محصول جي خيال کان وڏي فائدي واريون هيون. سنڌونديءَ جي روپ ۾ هڪ آبي تجارتي رستو هيو جيڪو ٺٽي کان ملتان ۽ لاهور تائين اچ وڃ ۽ واپار جو مکيہ ذريعو هو. ساڳي وقت سنڌوندي سمنڊ سان ڳنڍيل هئڻ سبب پوريءَ دنيا سان لاڳاپيل هئي. سنڌ ۾ سنڌوندي ۽ ساموندي آبي رستن کان سواءِ ٺٽي کان احمد آباد وچ ۾ هڪ خشڪيءَ وارو رستو بہ هيو. جيڪو سنہ 1613ع ۾ وٽنگٽن ڏٺي ويو هو. اهو رستو ٺٽي کان پالي ۽ بعد ۾ جيسلمير پهچندو هو. هڪ تجارتي رستو بکر کان ايران ۽ افغانستان ويندو هو. سنڌ ۾ آبي ۽ خشڪيءَ وارن انهن رستن سبب خوشحالي ۽ ترقيءَ جو دور هو. ڇو تہ ڪنهن بہ ملڪ جي ترقيءَ لاءِ آمدورفت جو نظام ۽ صنعت ۽ حرفت کي بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي. ان ڪري سنڌ جي اها خوشنصيبي هئي جو کيس اچ وڃ لاءِ آبي ۽ خشڪيءَ جا تجارتي رستا ۽ ترقي يافتہ ڪپڙي جي صنعت ميسر هئي. اسان کي سترهين ۽ ارڙهين صدي جي تجارتي حالتن مان پتو پوي ٿو تہ ان دور ۾ سنڌ ۾ سوٽي ڪپڙي جي صنعت عروج تي هئي جن شهرن ۾ سوٽي ڪپڙي جي صنعت اوج تي هئي انهن ۾ بکر، روهڙي، دربيلو ڪنڊيارو سن، سيوهڻ ۽ نصرپور وڏيڪ مشهور هئا.

سنڌ ۾ مَنڊيءَ جو مشرقي طريقو بزرگن جي مزارن تي ميلا ملاکڙا بہ موجود هو. سنڌ گزيٽيئر انهن جاين يعني مزارن درگاهن ۽ تاريخن، مهينن بابت تفصيل ڏنا آهن جتي اهي ميلا لڳندا هئا. اهڙي قسم جا ميلا هر سال ساڳئي ڏينهن تي لڳندا هئا ۽ انهن ميلن دوران بہ واپاري ڪاروبار ڪندا هئا.



www.sindhsalamat.com

ميلن تي دڪانن ۾ ڪاروبار جو اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين بہ جاري آهي.[14]

سنڌ جي اقتصادي ترقيءَ ۾ ٺٽي لڳ لاهري بندر جو بہ وڏو عمل دخل هو. هيءُ سنڌ جو هڪ اهم بندر هو جتي ڀہ سو ٽن کان وڌيڪ ٽن وزني جهاز بيهي سگهندا هئا. جيڪي ان دور ۾ وڏي ۾ وڏا جهاز هئا ۽ ان سان گڏ هتي تجارتي انتظام اعليٰ ۽ اوچو هو جنهن ڪي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ وارن بہ ساراهيو آهي. لاهري بندر درياءَ جي لٽ پوڻ سبب جڏهن لتجڻ لڳو تہ ان جي پرسان اورنگا بندر نالي هڪ ٻيو بندر تعمير ڪيو ويو. ان سان گڏ وسطا بندر ۽ شاهہ بندر بہ موجود هئا. جتان ايراني نار طرف تجارت وڏي ترقي ڪئي. سنڌ جا تجارتي لاڳاپا هڪ طرف بصري، بندر عباس، مسقط، بحرين سان هئا تہ ٻئي پاسي گجرات، ڪامبي، سورت ۽ ان کان اڳتي ڏورانهن علائقن سان هئا. اها تمام تجارت مسلمانن جي هٿ ۾ هئي. انگريزن ۾ ڏچن سنڌ جي ان تجارت کي پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي ۽ اهي ان ۾ ڪامياب بہ ويا. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ٿيو جو سنڌن جهاز بهتر هئا.

سنڌ جي ٻيڙن ۽ جهازن جي صنعت تمام پراڻي آهي، تاريخ جي مطالعي مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ جي بندرن تان دنيا جي هر علائقي ڏانهن واپاري ٻيڙا مال سان پرجي ويندا هئا. عرب ملڪن جا ساحلي بندر تہ خاص طور تي سنڌي ٻيڙن ۽ واپارين جا مرڪز هوندا هئا. ان سلسلي ۾ جنرل هيگ (G. Haig) لکي ٿو تہ:

> عرب ملڪن جي بندرن تي عيسوي صدي شروع ٿيڻ کان ٿي چار سؤ ورهيہ اڳ سنڌ جا واپاري ٻيڙا پري ايندا هئا. جن جي شهرت يونان تائين پهتي هئي ۽ اهوئي سبب هو جو سڪندر يوناني هندستان تي حملو ڪيو هو.[15]

جنرل هيگ جي هن بيان مان ثابت ٿيو تہ سنڌ جي جهاز راني ۽ تجارت تمام قديم آهي.

تاريخ جي مطالعي مان اهو بہ پتو پوي ٿو تہ سنڌ مان بحري جهازن ذريعي تجارت نہ رڳو عرب ملڪن سان هلندي هئي بلڪ بنگال، چين، جاوا، سماترا ۽ سري لنڪا تائين سنڌي تاجر سنڌ مان سامان کڻي انهن ملڪن جي منڊين ۾ پنهنجو مال کپائيندا هئا.



www.sindhsalamat.com

شاھہ لطيف بہ سنڌ جي انھن واپارين ۽ سنڌن سامونڊي سفر لاءِ ٻاهرين ملڪن ڏانھن اسھڻ جي منظر کي پنھنجي ڪلام ۾ ھن ريت بيان فرمائي ٿو:

نـــاکُئو نِگهبـــانُ، مُنجــي مُعَلــمُ خَبَــرُون
جَـنِ ســاري ڪنيــو ســمنڊُ ۾ ســفر جــو ســامانُ
لُطَـفَ سـاڻِ لَطيـفُ چَئـي، تَـنِ لَنگهـئـو طوفـانُ
سَـنياري سُــبحَان، وجــي عَــدَنِئُون اُڪَتَــا. (16)

(سر سامونڊي)

ھن بيت جي ڪيفيت مان واضح ٿئي ٿو تہ شاھہ لطيف جو سنڌ جي سامونڊي بندرن تي سنڌ جي تجارت ۽ جھاز رانيءَ جو وڏي غور ۽ فڪر سان مطالعو ڪيل آهي ۽ ان مطالعي کي پنھنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو اٿس. ھو نہ رڳو ھڪ صوفي درويش ۽ شاعر ھو بلڪ سنڌ جي تجارت ۽ صنعت جي اھميت کان بہ مڪمل طورتي واقف ھو.

ھر ڪنھن قوم جون ڪي فطري عادتون ۽ پرم ھوندا آھن. جن کي اھي قومون معيشت، معاشرت توڙي ڪاروبار ۾ بہ ظاهر ڪنديون آھن. سنڌ جا مسلمان بہ اسلامي تعليم ۽ عقيدي موجب ھر ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ بِسم الله يا ڪلمون شريف پڙھندا آھن. اھڙيءَ طرح ھندو بہ ھر ڏنڌو پنھنجي پالڻھار جي نالي سان شروع ڪندا آھن.

شاھہ لطيف بہ اسلامي عقيدي موجب سنڌ جي وڻجارن سان محبت ۽ ھمدرديءَ جو اظھار ڪندي ڪين دل مان وسوسا ڪڍي الله تعاليٰ جي ذات تي توڪل ڪرڻ ۽ ٻيڙين کي تيار ڪرڻ کان اڳ ۾ "ڪلمون شريف" پڙھڻ جو مشورو ڏئي ٿو:

مَ ڪين ھيج مَ ھوجَ، ترسُ مَ تاڻ طرازَ کي
چَئُہ ڪلمُو محمد صلي الله عليه وسلم تي، تہ اڳيان اچي اوج
سُھڪيءَ ٻَتِ سِبوجَھہ تنھنجي مَڪي ڏُڪي مَڪُڙي

(سر سري راڳ)

شاھہ جي ھن بيت مان سنڌ جي وڻجارن جي مڪي مڪرمہ تائين تجارت جو پتو بہ پوي ٿو ۽ توڪل ڪري ڪلمي طيب سان تياري ڪرڻ جھڙن اسلامي قدرن جو بہ اندازو ٿئي ٿو جيڪو شاھہ ۽ سنڌ واسين جي



www.sindhsalamat.com

اسلام دوستيءَ جو چٽو دليل آهي.

سنڌ مان جيڪو تجارتي سامان پرڏيهہ ويندو هو ان ۾ چانور، ڪپهہ، سوٽي ڪپڙو، لونگ، ڦوٽا، ڪارڪون، نير، شورو ۽ موتي وغيره شامل هوندا هئا. شاهہ لطيف سنڌ جي ان تجارت کان بہ چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ان جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو اٿس:

ڳــر ڦُــلَ، ڦوٽــا، پارچــا، ٻاٽيــٺ ٻاتــائُون
ڪونُيــون قِيمــت سَــنَديُون تَــر ۾ ڪَاڪيــائُون
ٻَيرڦُـــون ٻَحــــرن ۾ چـــوڙي چَــــڏيائُون
لاڄُــن منجهــہ، لطيــف چئــي، ٻيــڙا ٻَــڌائون
نَـــڌُر نَبــيءَ ڄَـــام جـــو چڙهنـــدي چَيَــائُون
جي چوهي چوڙيائُون سي ٻيڙيُون رکين ٻاڄهہ سين.

(سرسر راڳ)

زرعي پيداوار جي لحاظ سان سنڌ ان دور ۾ خوشحال هئي. هتي چانور، ڪڻڪ، ٻاجهر، جوئر، مڪئي، نير، ڪپهہ، سڻي، ڪمند، مڱ، چڻرا، مٽر، چڻا، گدرا، ونگا، ميها ۽ تماڪ وغيره جام ٿيندو هو. ميون ۾ انب ۽ نارنگيون وغيره ٿينديون هيون. ٻيلن مان عمارتي ڪاٺ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون ۽ ماکي وغيره حاصل ٿيندي هئي.[17]

شاهہ جي دور ۾ سنڌ ۾ وڏا ڪاريگر ۽ هنرمند هوندا هئا. جن ۾ ڊکڻ، لوهر، رازا، درزي، ڪُنير، سونارا، اوڏ، کٽي، صراف، ڪوري، واپاري، ٻاڳيا، ڏنار ۽ ميربحر جام هئا گهرن ۾ چرخو عام طورتي هلندو هو.

ناڻي طور ملڪ ۾ اشرفيون، رپيا، پئسا، آڌيلا، ڪسيرا، دمڙيون ۽ ڪوڏيون رائج هونديون هيون، ماپ ۽ وزن لاءِ ڏُڪو چوٿائي، سير، پاٽي، ٽوپو ڪاسو مڻ، ڪنڍي ۽ خرار تہ ڪپڙي ماپڻ لاءِ آڱر، چاڙڪي، نَري، هٿ ۽ گز استعمال ٿيندو هو. پاڻي مان مڇي، سپ، موتي، بهہ، لوڙهہ حاصل ٿيندا هئا.[18]

ڪلهوڙن جي دور ۾ هتي سُٽ، ڪَتڻ ۽ اُڻڻ سان گڏ چمڙي جي رنگائي ۽ مڇي جو شڪار بہ ٿيندو هو شوري کي صاف ڪرڻ ۽ ڪاشيءَ جي ڪم جا بہ وڏا ماهر موجود هوندا هئا.[19]



www.sindhsalamat.com

سنڌ سوٽي ڪپڙي جي صعنت جي ڪري تمام گهڻي مشهور هئي. جنت السنڌ جو مصنف رحميداد خان شيدائي لکي ٿو تہ سنڌ قديم دور کان ريشم ۽ سوٽي ڪپڙي جي هنر کان مشهور رهي آهي.

مشهور محقق ۽ ڏاهو ڪاڪو ڀيرو مل سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت متعلق لکي ٿو تہ:

> جنهن زماني ۾ ڪيترن ئي قومن کي اجا پنهنجي بت ڍڪڻ جي بہ سڌ ڪانہ هئي تنهن زماني ۾ سنڌو ماتريءَ جا رهاڪو ايتري قدر ترقي ڪري چڪا هئا جو هو شاهاڻيون پوشاڪون پهريندا هئا ۽ ٻين کي بہ خلعتون ڍڪائيندا هئا. (20)

مٿين بيانن مان ثابت ٿيو تہ سنڌ ۾ شاهہ جي دور ۾ ڪپڙي جي صنعت عروج تي هئي ۽ ان سان گڏ وڻج واپار ساموندي بندر ۽ بازارون اقتصادي ترقي بہ اوج تي هئي، جنهن جي شاهدي رسالي جا ٽي سُر سُر سريراڳ، سُر ساموندي ۽ سُر ڪاپائتي ڏين ٿا.

## سنڌ جي علمي ۽ ادبي حالت

ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جي آغاز وقت سنڌين جون مغلن سان جنگيون لڳيون، تنهن کان پوءِ نادر شاهہ سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ان کان سواءِ بہ سنڌ ۾ مسئلا ۽ مونجهارا پيدا ٿيندا رهيا. ليڪن انهن انقلابن باوجود سنڌ جي خاڪ پاڪ مان بلند پايہ عالم اديب مفڪر ۽ شاعر پيدا ٿيا. اهڙيءَ طرح سنڌي شاعرن جي ادبي محفل اهڙي تہ رونق ورتي جو موجوده ترقيءَ جو دور شاندار ماضيءَ جي ان زرين عهد اڳيان ڦڪو پيو لڳي. اهو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو زمانو هو جڏهن شعراء ڪرامن ۽ اديبن سنڌ ۾ علم ۽ ادب کي نئون جامو پهرايو. سنڌ ۾ لاڙ کان وٺي سري تائين وِڪ وِڪ تي عالمن، اديبن ۽ شعرا ڪرام جا حلقا موجود هئا. هن دور ۾ سنڌي زبان جي عظيم ترين صوفي شاعر عبداللطيف جو مبارڪ نالو بہ ملي ٿو. جنهن ڪري هن دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور سڏيو وڃي ٿو. سندس شاعري عجيب ۽ بي مثال آهي. (21)



www.sindhsalamat.com

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي مختلف قسم جو شاعر آهي، جنهن پهريون دفعو ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي ٻوليءَ کي تمام گهڻي سونهن جي تصور ۽ مذهبي فلسفي جي خيالن کي سمجهائڻ لاءِ ڪتب آندو آهي. شاهہ لطيف اسلام جي صوفياڻي علم ۽ فڪر جي گهري ڄاڻ رکندڙ هو ۽ ساڳي وقت هن کي فارسيءَ جي قادر ڪلام شاعرن جي ڪمال کي ڀهتل فڪر جي انداز مان بہ پوريءَ ريت واقفيت هئي. سندس ڪلام ۾ عام ماڻهن جي خيالن جو سچو جذبو سمايل هو.[22]

سترهين ۽ ارڙهين صدي واريءَ سنڌ ۾ علم ۽ ادب جي حوالي سان مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ ٺٽي جي اوج واري دور ۾ عالمن اديبن ۽ شاعرن جا نالا ڏنا آهن. جن ۾ قاضي نعمت الله، مخدوم فيروز مخدوم آدم، مولانا محمد طاهر، ملان عبدالرشيد، ملان محبت علي ۽ ملان يار محمد جا نالا اچي وڃن ٿا. انهن بزرگن علم، ادب، شاعري، نجوم، طب، زبان داني ۽ قرائت کي فروغ ڏنو.[23]

ٺٽو ان زماني ۾ علمي ۽ ادبي اعتبار سان عروج تي هو. هئملٽن ٺٽي جي علمي مرتبي جي حوالي سان لکيو آهي:

> ان دور ۾ ٺٽي ۾ چار سو اسڪول ۽ ڪاليج هئا، هيءُ شهر مذهبي علم، زبان جي علم ۽ سياست جي علم جي حوالي سان تمام گهڻو مشهور هو. هن دور ۾ تمام ناليوارا عالم، مفڪر، شاعر ۽ اديب پيدا ٿيا. جن سنڌ جو نالو روشن ڪيو انهن مشهور شخصيتن مان جن علم ۽ ادب جي ميدان ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون، انهن ۾ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياء الدين، محمد معين بن محمد امين ڏل وغيره.

ڪلهوڙن جي دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور سڏجڻ جو اهم سبب شاهہ لطيف ۽ سندس ڪلام تہ آهي ئي، ڇو جو سندس رسالو سنڌي ٻوليءَ جي عظمت ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جو شاهڪار آهي، جنهن ۾ تمثيلي، نيم تاريخي داستانن جي شاعري، اسلامي قدر ۽ صوفياڻي فڪر جا سچا موتي سمايل آهن.

ليڪن هن دور ۾ اسان کي ٻيا بہ ڪيترائي بلند پايہ عالم، اديب، شاعر ۽



www.sindhsalamat.com

مفڪر ملن ٿا. جن سنڌ جي مان مٿاهين ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي آهي.

هن دور ۾ لوڪ شاعريءَ جي صنفن وائي ۽ ڪافيءَ کي ترقي ملي، مذهبي شاعريءَ ۾ مداح، مولود، مناجات، معجزا ۽ مناقبي جو رواج پيو. مخدوم ابوالحسن جو ”مقدمة الصلوات“ نالي ڪتاب مذهبي نظم جو شاهڪار ثابت ٿيو. بيت ۾ واڌ ٿي منجهس هندي صنف سينگار جو اضافو ٿيو. مخدوم ابوالحسن جي سنڌي صورتخطي تيار ٿي، جنهن ۾ نيٺ سنڌي لفظن لاءِ نيون صورتون اختيار ڪيو ويون. سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ غزل جو بنياد پيو. ان کان سواءِ ٻين بہ ڪيترين ئي صنفن ۾ اديبن ۽ شاعرن طبع آزمائي ڪري هن دور کي سنڌي ادب جو لامثالي دور بڻايو.

ٺٽي ۾ جيڪي مڪتب ۽ مدرسا هئا، انهن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ۽ مخدوم معين ٺٽويءَ جي مدرسن جو وڏو نالو هو. جتي سنڌ کان سواءِ ٻاهرين مسلم ملڪن جا شاگرد بہ هنن وٽ تعليم حاصل ڪرڻ ايندا هئا. درس ۽ تدريس تصنيف ۽ تاليف عروج تي هئي ۽ تحقيق ڪري ڪيترائي اسلامي ڪتاب تفسير ۽ ترجما ڪيا ويا. ان دور ۾ ٺٽو ۽ روهڙي علم جا وڏا مرڪز هئا. انهن شهرن جو درجو يونيورسٽين جي برابر هو. هندن توڙي مسلمانن جي ٻارن لاءِ آخوندن جا ”ختاب“ يا مڪتب هوندا هئا. جتي ڪريما، گلستان، بوستان ۽ ٻيا فارسي زبان جا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا.

رچرڊ برٽن ان دور ۾ سنڌ جي تعليمي نظام متعلق لکي ٿو تہ:

> جيڪڏهن طالب کي عالم ٿيڻ جو ارادو هوندو هو تہ مدرسي ۾ داخل ٿيندو هو جتي مخدوم هن کي صرف ونحو، منطق، فقه تفسير، حديث، علم معاني، بديع ۽ بيان پڙهائيندو هو. ان کان علاوه هن ٻين علمن جو بہ بيان ڪيو آهي. جهڙوڪ قرات، مناظرو عروض، طب، تاريخ، حڪمت يا فلسفو وغيره بہ پڙهايو ويندو هو انگريز حڪومت جي قيام تائين مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جو لکيل تفسير (تفسير هاشمي) ۽ ڪي ٻيون تصنيفون بہ پڙهايون وينديون هيون.(24)

رچرڊ برٽن ۽ هن کان اڳ پيش ڪيل ٻين حوالن مان اهو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو تہ شاھ جي دور ۾ سنڌ علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪيترو نہ



www.sindhsalamat.com

ترقي يافتہ ھئي جو ھتي ٻاھرين ملڪن کان بہ طالب علم علم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا ھئا.

شاھہ لطيف جي دور ۾ سندس دوست ۽ ساٿي ڪامل ولي ۽ عالم باعمل مخدوم محمد معين ٺٽوي جو سندس اعليٰ علمي بصيرت لاءِ ھڪ مثال ڪافي آھي. جيڪو ”رسالہ اويسيہ“ جي نالي سان مشھور آھي. جيڪو فارسي زبان ۾ حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي پاران اويسي سلسلي ۽ ٻين شرعي مسئلن متعلق پڇيل سوالن جي جوابن تي مشتمل آھي. جنھن مان انھن بزرگن جي علمي مرتبي ۽ سنڌ ۾ روحانيت ۽ شريعت جي معيار جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو.[25]

جڏھن تہ ان دور ۾ عالمن اديبن ۽ الله وارن جيڪو قلمي پورھيو ڪيو ھو ان جو مختصر تفصيل ھن ريت آھي:

- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (متوفي 1174ھ: 1760) تقريباً ڏيڍ سؤ ڪتاب عربي فارسي ۽ سنڌي ۾ تاليف فرمايا جن مان چند اھم ڪتاب ھي آھن: (1) تفسير عم (2) تفسير سورت تبارڪ (الملڪ) (3) مظھرالانوارفي الصيام (4) حيات القاري بلطراف البخاري (5) فرائض الاسلام فتح الڪلام (6) حيات القلوب (7) وصيت نامہ (8) الطريقہ الاحمديہ (9) تمام الغايہ (10) السيف الجلي عن ساب النبي
- علامہ محمد معين ٺٽوي ﷺ : (1) دراسات اللبيب (2) الحجته (3) نورالعين (4) رفع الشڪال (5) ايقاظ الوسنان (6) وحدت الوجود والموجود (7) رِسال اعتدالات الاربع (8) زيدتہ المنطق (9) آلآبَدَاح (10) الحق الصريح (11) رَفع العين وغيره
- شيخ محمد حيات السندي مدني (م 1751ع): (1) تحفہ الانام في العمل بحديث النبي عليہ والسلام الصلوات (2) الايغاف علي سبب الاختلاف (3) شرح اربعين نووي (4) رسالہ رد بدعتہ تعزيہ (5) شرح ترغيب ترھيب منذري (6) النھي عن عشق المردان اولنسوان وغيره.
- حاجي فقيرالله علوي (المتوفي 1195ھ): (1) قطب الارشاد (2) طريق الارشاد (3) جواھر الاوراد (4) تڪميل المؤمنين والاولاد (5) فتوحات غيبيہ شرح عقائد صوفيا (7) فتح الجميل في مدارج التڪميل (7)



www.sindhsalamat.com

فتوحات الاھي (8) براھين النجات من صائب الدنيا والعصرات (9) منتخب الاصول (10) وثيقتہ الاکابر (11) قصيده مبرورتہ (12) مڪتوبات سيد محمد وفا لڪوي وغيره.

- ميرعلي شير قانع ٺٽوي (المتوفي 1203ھ): (1)زينت الاخلاق (2) نسخہ غوثيہ (3) مڪلي نامہ (4) مثنوي ختم الملوڪ (5) قصاب نامہ (6) زبدتہ المقامت (7) زين الافڪار (8) تھذيب الطباع (9) مختارنامہ (10) معيار سالڪان طريقت (11) قيہ ڪامروپ (12) چھار منزله (13) مثنوي ڪرشمہ قدرت (14) حديقه الانبيا (15) مثنوي قضا وقدرت (16) رسالہ درضاع وبدائع (17) روضتہ الانبيا (18) بوستان بھار (19) لبِ لباب تاريخ ڪلھوڙه (20) رسالته شرح معما (21) ديوان قانع (22) مقالات الشعرا (23) تحفتہ الڪرام وغيره.[26]

ان کان سواءِ ھن دور جي سوين اديبن عالمن ۽ شاعرن جون تصنيفون نہ رڳو سنڌ بلڪ عرب و عجم جي ڪتبخانن جي زينت بڻيل آھن.

## سنڌ جي مذھبي حالت

شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دور ۾ سنڌ مذھبي طور تي دين اسلام جي اثر ھيٺ ھئي. ان ڪري ھتي مذھب سان لاڳاپيل عالمن، پيرن، فقيرن ۽ بزرگن جو تمام گھڻو احترام ڪيو ويندو ھو. ماڻھو پيرن فقيرن کي نذراني طور روڪ رقم ۽ ٻيو سامان سڙو بہ ڏيندا ھئا. جنھن مان سنڌواسين جي مذھبي عقيدت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو. اھو سلسلو مغلن کان اڳ ۾ بہ ھلندڙ ھو پر ڪلھوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندو رھيو.

مذھبي تعلق سبب پير فقير، صوفي، قلندر ۽ ٻيا اھڙا ڪيترائي ھن ڌرتيءَ جي اصل طاقت بڻيل ھئا. ڪوبہ حڪمران انھن کي نظرانداز ڪرڻ جو خطرو ڪونہ ڪڻندو ھو. سڀ انھن کان ڊڄندا ھئا. انھيءَ جو سبب سنڌي مسلمان ھاري يا ھيٺين طبقي جي خاص نفسيات ھئي، پير ۽ مرشد آڏو مريد ڀاران تقدس ۽ احترام مان ھٿ جوڙڻ سنڌ جو چڻ معاشرتي مذھب ھو.



www.sindhsalamat.com

اسان کي مشهور عرب سياحن تاريخدانن ۽ يورپي صاحبلوڪن کان بہ پتو پوي ٿو تہ سنڌ جي ان وقت مذهبي حالت ڪهڙي هئي.

ان سلسلي ۾ سر اليگزينڊر برنس ٻڌائي ٿو تہ:

”هڪ نئين ماڻهو جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ وقت هڪ خاص ڳالهہ ڌانهن ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. اها ڳالهہ هتان جي ماڻهن جي مذهب ڏانهن بي انتها رغبت آهي، جيئن عرب جي پيغمبر کي بہ هئي.“

اڳتي هلي مسٽر برنس وڌيڪ لکي ٿو تہ:

”مون هڪ ٻيڙائتي (ٻيڙيءَ هلائيندڙ) کي ڏٺو جنهن درياءَ ۾ سخت تڪليف سان اوپاري ويندڙ ٻيڙيءَ کي ڇڏي آلن ڪپڙن ۾ مٽيءَ لڳل بدن سان وڃي نماز پڙهي، ننڍين ڳوٺن ۾ بہ ٻانگي جي ٻانگ ٻڌبي آهي، مسلمان جڏهن اهو آواز ٻڌندا آهن تہ هر ڪم گهڙي کن لاءِ ڇڏي ڏيندا آهن ۽ جڏهن ٻانگ ختم ٿي ويندي آهي تڏهن آمين چئي ان سڏ جي پڄاڻي ڪندا آهن.“ (27)

سر اليگزينڊر جي مٿين روايتن مان ان دور ۾ سنڌ ۾ دين اسلام ۽ دين سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ ادارن جي محبت ۽ عقيدت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مسلمانن کي اسلام سان ڪيتري نہ عقيدت هئي.

ڊاڪٽر جيمس برنس سنڌ ۾ مذهبي اثر جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

”سموري ايشيا ۾ بلڪ ڌرتيءَ جي گولي تي ايتريقدر ملائيت جو شڪار ٻيو ڪوبہ ملڪ ڪونهي، اهو بہ چيو ويندو آهي تہ هتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک بزرگن جا مقبرا آهن.“

دين اسلام جي تبليغ ۽ اشاعت لاءِ اسان کي هڪ ٻئي ليکڪ ڪرو جو پتو پوي ٿو هو لکي ٿو تہ:

”هتي يعني سنڌ ۾ اسلام جي تبليغ کان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالهہ ۾ جوش ڪونهي، عيد ملهائڻ کان سواءِ ٻيو ڪو جذبو ڪونهي، سيدن کي ڪارائڻ کان سواءِ ٻي ڪا مرضي ڪانهي، پراڻن مقبرن کي سجائڻ ۽ سينگارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو شوق ڪونهي.“

سنڌ ۾ سيدن جو وڏو انگ آباد هيو ۽ سيدن سنڌ ۾ آمد جو سلسلو مسلسل جاري هو ان جو سبب اهو هو جو سنڌي سيدن جي تمام گهڻي عزت



www.sindhsalamat.com

ڪندا هئا ۽ سيدن جي عزت ۽ احترام جو اهم سبب پيغمبر اسلام جي خاندان يعني اهل بيت سان تعلق هو. اسان جي معاشري ۾ پير پرستي تمام گهڻي آهي جنهن کي ٻاهران ايندڙ ماڻهن بہ شدت سان محسوس ڪيو. سنڌ ۾ سيدن جي عزت ۽ احترام جي باري ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس لکي ٿو تہ:

"جيڪڏهن ڪو مسڪين ترين ۽ اياڻو ماڻهو بہ پاڻ کي مقدس خاندان مان سڏائي وجهي تہ سماج ۾ سندس وڏو رتبو ٿي پوندو ۽ هن جا جاوا تي ويندا هئا. ماڻهن جا ميڙاڪا مون وٽ دوا لاءِ ايندا هئا. سي سيدن کي اڳ ۾ جاءِ ڏيندا هئا. ڪوبہ ماڻهو سيدن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ يا ڏک هڻڻ تي دل نہ ٻڌي سگهندو هو سو اهڙين رعايتن ڪري هو پير وارا ملڪ ڇڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿين ٿا ۽ هتان جي غريبن مٿان بار آهن." (28)

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ ۾ دين اسلام ۽ علم جي روشني پکيڙڻ لاءِ ڪيترائي عالم بزرگ ۽ ولي الله نظر اچن ٿا جيڪي قاضي، مخدوم، مولانا ۽ ملان جي القاب سان مشهور هئا.

جن مان قاضي حماد، قاضي محمد عثمان، مخدوم عبدالجميل، مخدوم محمد هاشم ملان سلامي، ملان يار محمد وڏيڪ مشهور هئا. مغلن جي دور کان وٺي سنڌ ۾ اسلامي تعليم جو نظام هلندو نظر اچي ٿو ۽ ان نظام جي مدد علم وارن ماڻهن کي انعامن جي صورت ۾ ملندي هئي. جيڪي مسجدن ۽ مڪتبن سان لاڳاپيل هوندا هئا.

## سنڌ ۾ مذهبي تعليم

سنڌ ۾ مذهبي تعليم جو طريقو عام اسلامي روايتن مطابق هو ابتدائي تعليم جڻ تہ زبان سان ٻڌل هئي. جڏهن ٻار ڳالهائڻ جهڙو ٿيندو هو تہ کيس اسلامي عقيدي جا ارڪان سيکاريا ويندا هئا ۽ قرآن ڪريم جا اهي لفظ تہ الله عظيم آهي، اهوئي حقيقي بادشاهہ آهي، هن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ڪونهي، جيڪو وڏي شان واري آسماني تخت جو مالڪ آهي. آيتہ



www.sindhsalamat.com

الڪرسي ۽ والعصر سورت جون آيتون ياد ڪرايون ويندڀون هيون. ستن ورهن جي ڄمار ۾ باقاعدگيءَ سان قرآن پڙهائڻ سان گڏ مذهب جي ضروري ڄاڻ بہ ڏني ويندي هئي. آذان جي موٽ ۾ صحيح عمل ڪرڻ وضو ڪرڻ جا طريقا ۽ مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهڻ پڻ سيکاريو ويندو هو. ان سان گڏ پٽين ۽ ڦرهين تي عربي اکرن لکڻ ۽ پڙهڻ جي مشق ڪرائي ويندي هئي. نبين جا قصا ۽ بزرگن جون ڪهاڻيون بہ نصاب ۾ شامل هيون. شعر ۽ شاعريءَ جو مطالعو بہ ڪيو ويندو هو. ثانوي يا اعليٰ تعليم مدرسن ۾ پڻ سٺي درسي نصاب تي مشتمل هوندي هئي. ابتدائي تعليم جي نصاب ۾ شاگردن کي حضرت شهباز قلندر جو تيار ڪيل ڪتاب "ميزان الصرف"، "قسم دوئم" ۽ "عقد" پڙهايا ويندا هئا. ان بعد "زبدته" پڙهايو ويندو هو. زبدته کان پوءِ "نحو" ۽ "صرف" جو مطالعو ڪرايو ويندو هو. صرف لاءِ شاعر جامي جو ڪتاب "صرف ضرار" ۽ نحو لاءِ ابوالحسن جو "نحو ضراري" پڙهبو هو. ان بعد منطق ۽ فقہ حنفي جي مستند ڪتابن "هدايتہ" ۽ "ولايتہ" جو نصاب قرآن ڪريم جي تفسير ۽ حديث جو مطالعو بہ ڪرايو ويندو هو. ان کان سواءِ مخرج، قرئت، علم جدليات، علم عروض، علم رمل، علم نجوم، علم طب، ابجد ۽ فلسفي جون وڏيون شاخون بہ موجود هيون. برٽن جي هن تفصيلي بيان مان ثابت ٿيو تہ سنڌ ۾ مذهبي تعليم جو بهترين نظام موجود هو.(29)

ساڳي وقت مذهبي تعليم لاءِ ٺٽي کي تاريخي حيثيت حاصل رهي آهي. هتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، علامہ محمد معين، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي، مخدوم ضياءَالدين، شاهہ عنايت رضوي، خواجہ محمد زمان جهڙا ڪيترائي عالم بزرگ ۽ درويش ٿي گذريا آهن. ان کان سواءِ روهڙي ۽ مٽياري ۾ بہ وڏا تعليمي مدرسا ۽ مڪتب موجود هئا. جتان علم ۽ فيض جو سلسلو جاري رهندو هو. انهن روايتن مان پتو پوي ٿو تہ سنڌ ۾ مذهبي تعليم ۽ اسلامي اقدار کي فروغ ڏيڻ جو اعليٰ انتظام موجود هو.

قرآن ڪريم کي الهامي ۽ آفاقي پيغام هئڻ سان گڏ دين اسلام جي بنيادي ماخذ جي حيثيت پڻ حاصل آهي. اهوئي سبب هو جو حضرت شاهہ لطيف هر وقت پاڻ سان قرآن ڪريم رکندو هو،. جنهن جو اثر سنڌس



www.sindhsalamat.com

ڪلام تي بہ نمايان طورتي نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن جي دور ۾ آخوند عزيز الله بہ قرآن ڪريم جو سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيو.[30] ان کان سواءِ مٽيارين جي هڪ بزرگ مخدوم ضياءُالله بہ قرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو ڪيو هو جيڪو ڪيترائي ڀيرا بمبئي مان شايع ٿيو. انهن ترجمن مان سنڌ واسي فيض ۽ برڪتون حاصل ڪندا رهيا.[31]

## سنڌ جي مذهبي حالت جو هڪ اهم ثبوت

### شاهه لطيف رحمه الله جو مخدوم معين رحمه الله ڏانهن لکيل خط ۽ ان جو جواب، مختصر جائزو

شاهه لطيف جي دور ۾ سنڌ جي مذهبي حالت جي باري ۾ اسان کي سنڌن هڪ خاص دوست، همعصر ۽ عالم مخدوم محمد معين ٺٽوي، عرف مخدوم ناري ڏانهن شاهه سائينءَ جو لکيل خط ۽ ان جو جواب "رِسالہ آويسيہ" جي نالي سان مليو آهي. جنهن مان اسان کي ان دور ۾ سنڌ جي مذهبي حالت، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ جي علمي حيثيت، مقام ۽ مرتبي سان گڏ شاهه سائينءَ جي مذهب ۽ تصوف سان لڳاءُ ۽ "اويسي" طريقي ڏانهن مائل هئڻ جو پتو پوي ٿو.[32] خط فارسي زبان ۾ لکيل آهي، جنهن ۾ شاهه لطيف پاران پڇيل مذهبي سوال ۽ مخدوم معين ٺٽوي پاران ڏنل جوابن جو ترجمو هن ريت آهي:[33]

**سوال** (1)

علماء ڪرام جيڪي خلق جي رجوعات جو مرڪز آهن، هن باري ۾ ڇا ٿا فرمائين تہ: لفظ "اويسي" صوفين (سڳورن الله جي رضامنديءَ وارن) جي جماعت جي ڪلام ۾ آيل آهي يا نہ؟ جيڪڏهن آيل آهي تہ ڪهڙي معنيٰ اٿس؟ جيڪڏهن اويسي اهو شخص آهي جيڪو روحاني فيض حاصل ڪري ٿو تہ (ان حال ۾) ظاهري مرشد (وٽن سندس) هن (عمل ۽ اعتقاد) سان مخالف رکي ٿو يا نہ؟[34]



www.sindhsalamat.com

**جواب:**

لفظ "اويسي" صوفين جي ڪلام ۾ آيل ۽ گھڻي قدر مشهور آهي، جنھن کان پڙھيل لکيل ماڻھو چڱيءَ طرح واقف آھن. "اويسي" ان شخص کي چيو وڃي ٿو جنھن جي تربيت ۽ تڪميل ۾ روحانيت جو دخل ھجي، يعني ھن جيڪي پڙھيو ۽ پرجھيو آھي، تنھن موجب ڪيس "اويسي" لفظ جي اصل حقيقت بابت ڄاڻ ضرور ھئڻ گھرجي، اھو سوال ظاھر پير جي منافات (ھڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) واريءَ حالت سان تعلق نہ ٿو رکي.

**سوال (2)**

عالم برزخ (موت کان قيامت واري عرصي تائين) ميت کان فيض وٺڻ عقلي ۽ شرعي روءِ موجب جائز ٿي سگھي ٿو يا نہ؟ (35)

جواب:

اھل قبور (قبروارن وٽان) فيض وٺڻ ۽ ڪانئن امداد طلبڻ شرعي توڙي عقلي طور جائز آھي. اھو اھم مسئلو مشائخ سڳورن جي احوال ۽ اقوال جي اعتماد جوڳي نقل موجب بلڪل برحق سمجھيو وڃي. ان سان گڏ صوفين جي نزديڪ پڻ ان کي اقرار ۽ اعتباري حيثيت حاصل آھي. جيئن تہ اھو مسئلو اھتمام لائق مسئلن ۾ شمار ٿئي ٿو ان ڪري بھتر ٿيندو تہ انھيءَ کي حديثن ۽ عالمن، عارفن جي رھنمائيءَ جي روشنيءَ ۾ پوري تفصيل ۽ شرح سان بيان ھيٺ آندو وڃي. ان لاءِ اختصار يا اجمال تي اڪتفا نہ ڪجي. ھتي اول انھيءَ آمر جي حاجت آھي تہ موت جي حقيقت بابت وضاحت ڪرڻ ۾ اچي. امام غزالي (505ھ) احياءَ العلوم جي باب ستين ۾ موت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: "موت" جي باري ۾ اجايا ۽ ڪوڙا وھم گمان قائم ڪري خطا جو ارتڪاب ڪيو ويو آھي. انھن جي چوڻ مطابق موت جيئن تہ عدم يعني نيستي ۽ نابوديءَ جو نالو آھي، تنھن ڪري ان بابت حشر نشر جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. يعني اھو ممڪن ئي ناھي تہ انسان مري وري جيئرو ٿيندو نہ وري نيڪي ۽ بديءَ جي ڪا عاقبت (پڇاڙي) ۾ پڇاڳاڇا ٿيڻي آھي. سندن خيال مطابق انسان جو موت بہ حيوان جي موت جيان آھي. جيڪو سڪل وڻ وانگر سمجھيو وڃي. اھو مذھب (متو) اھڙن ملحد ماڻھن



www.sindhsalamat.com

جو آهي جن کي خدا ۽ آخرت تي ڪو ايمان ڪونهي.

**سوال** (3)

فقر ۽ سلوڪ ظاهري عالمن جي نزديڪ منافات ۾ آهي يا نه؟ جيئن مٿي چيو ويو ته اهو مسئلو ٻنهي ڌرين جي مجتنا کان ٻاهر آهي يا نه؟ (36)

جواب:

عالمن جي امر جي پوئواري شرع محمديءَ جي پيرويءَ موجب سمجهڻ گهرجي، جيستائين فقه ۽ سلوڪ جي مسئلي جو تعلق آهي. ان لاءِ منافات (هڪ ٻئي کان نفي ڪرڻ) جو خيال ڪا معنيٰ نٿو رکي.

ياد رهي ته شريعت کي رد ڪرڻ واريون سڀ ڳالهيون بي دينيءَ ۾ داخل ٿين ٿيون. اهو قول صوفين جي هڪ مقبول طائفي جو آهي. شريعت جي استقامت بابت ذڪر ڪيل طائفي جو رويو يا رايو ڪنهن کان به ڳجهو ڪين آهي. ”عوارف المعارف“ ۾ شيخ شهاب الدين سهروردي (632هه مطابق 1234ع) ڇا ٿو ارشاد فرمائي اُن تي غور ڪرڻ کپي يا وري اهو ڏسجي ته شيخ محي الدين ابن عربي (637هه) توحيد وجود جي محويت ۽ مستيءَ واري عالم ۾ هئڻ جي باوجود فتوحات جي پڇاڙيءَ ۾ ان بابت ڪهڙيون حقيقتون بيان ڪيون آهن.

”عوارف المعارف“ ۽ نفحات الانس ۾ لکيل آهي ته شيخ بايزيد بسطامي هڪ اهڙي شخص سان ملڻ ويو جنهن جي ولايت جي هر ڪنهن ساراهه پئي ڪئي. پاڻ جڏهن اتي پهتو ڇا ڏٺائين ته اُن شخص قبلي ڏانهن منهن ڪري ٿُڪ اڇلائي. اهو ڏسي هڪدم واپس وريو ۽ چوڻ لڳو: هيءُ شخص شرعي آداب جو امين ناهي ته اسرار الاهيءَ جي وري ڪهڙي امانت ڪندو؟ اهو پڻ عوارف المعارف ۾ آهي ته شيخ شبلي موت جي وقت پنهنجي خادم کي وضو ڪرائڻ لاءِ اشارو ڪيو جنهن پرسان اچي سندن هٿ کان وٺي ڪيس وضوءَ لاءِ گرڙيون ڪرايون. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هن بزرگ سڪرات مهل به شريعت جي حڪم کان منهن نه موڙيو بيشڪ ولين جو اهوئي دستور آهي.



www.sindhsalamat.com

**سوال (4)**

وڏن ولين مان الله جو ڪوبہ هڪڙو وَلي جيڪو چڱين عادتن ۽ ڪرامتن وارو تہ هجي پر ان جي ارادت مشهور سلسلن نقشبندي يا قادريءَ جي ڪنهن بہ پير مرشد سان نہ هجي تہ سندس مريديءَ واري طريقي کي بي بنياد يا بي اصل شمار ڪيو ويندو يا نہ؟ [37]

جواب:

اهڙا ڪيئي ولي ۽ مقرب ٿي گذريا آهن، جن جي مشايخ بابت ڪو پتو نہ ٿو پوي؛ اهي سڀ خدا جا پيارا گمناميءَ واريءَ حالت ۾ پهاڙن ۽ بيابانن اندر زندگي بسر ڪري ويا، پر اولياءَ ڪين هئا. امام شافعي "رَوض الرِياحين" ۾ ڪيترن ولين بابت نقل ٿو ڪري تہ انهن جي باري ۾ ڪابہ خبر ڪانهي تہ اهي ڪهڙي سلسلي سان لاڳاپو رکندڙ هئا ۽ ڪهڙن بزرگن سان سندن واسطيداري هئي. اهڙيءَ ريت خواجہ حافظ شيرازيءَ لاءِ بہ ڪنهن کي ڄاڻ ڪانهي تہ هن ڪنهن وٽان باطني تعليم ۽ تربيت ورتي هئي.

"نَفحات الانس" ۾ ڄاڻايل آهي تہ ولايت جي لاءِ اهڙي قسم جي ڄاڻ ڪرڻ ضروري ناهي، ان تي ڪابہ طنز روا رکڻ يا اهڙي طريقي کي بي اصول سمجهڻ جسارت ۽ گستاخي ٿيندي [38]

## حوالا

(1) جنت السنڌ- رحيمداد مولائي شيدائي صفحو 558 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1993ع

(2) ڀٽ جو شاهہ- ايچ ٽي سورلي- ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صفحو 158 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع

(3) شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام- محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 7 صفحو 492 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(4) شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام- محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر مارئي داستان 6 بيت نمبر 7 صفحو 489 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(5) شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام -محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر مارئي دستان 7 بيت نمبر 1 صفحو 492 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(6) لُب تاريخ سنڌ- خدا داد خان صفحو 135 سنڌي ادبي بورڊ 1989ع

(7) جنت السنڌ- رحميداد مولائي شيدائي صفحو 449 سنڌي ادبي بورڊ سن 1993ع



www.sindhsalamat.com

(8) حسيني جي هاڪ- تاج جويو صفحو 196 شاه لطيف ثقافتي مرڪز 2005ع
(9) تحفته الڪرام- ميرعلي شير قانع- مترجم مخدوم اميرعلي صفحو 261 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1976ع
(10) حسيني جي هاڪ- تاجوجويو- صفحو 198 شاه لطيف ثقافتي مرڪز 2005ع
(11) جنت السنڌ- رحيمداد مولائي شيدائي صفحو 567 سنڌي ادبي بورڊ 1993ع
(12) مولانا دين محمد وفائي لطف اللطيف صفحو 113 - 110 مهراڻ پبلشنگ ڪمپني ڪراچي سن 1950ع
(13) حسيني جي هاڪ- تاج جويو صفحو 200 شاه لطيف ثقافتي مرڪز 2005ع
(14) پٽ جو شاه- ايچ، ٽي، سورلي- ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صفحو 131 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سنه 1992ع
(15) دي انڊس ڊيلٽا- ڪنٽري ميجر جنرل هيگ صفحو 25
(16) شاه جو رسالو شاه جو ڪلام جلد 8-9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر سامونڊي، بيت 19، داستان پهريون، ص 210، علامه قاضي رسالو رتا، حيدرآباد 1999ع
(17) اوجاڳي اجاريا- شاهنواز سودر ڊاڪٽر صفحو 31 لطيف ساڃاهه پبليڪيشن لاڙڪاڻو سنه 2000ع
(18) يادگار لطيف- آغا تاج محمد نمبر- مرتبه بيگم زينت عبدالله چنا صفحو 29 لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(19) پٽ جو شاه- ايچ، ٽي، سورلي- ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صفحو 136 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سنه 1992ع
(20) قديم سنڌ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي صفحو نمبر 315
(21) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 563 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1993ع
(22) پٽ جو شاه، ايچ، ٽي، سورلي، صفحو 263 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع
(23) پٽ جو شاه، ايچ، ٽي، سورلي ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صفحو 265 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع
(24) حسينيءَ جي هاڪ، تاج جويو صفحو 202 شاه لطيف ثقافتي مرڪز 2005ع
(25) ٽماهي مهراڻ، جلد 39 نمبر 2 ايڊيٽر نفيس احمد شيخ، مقالو سنڌي ٻوليءَ جا تحريري دستاويز ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحو 33 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1990ع
(26) شاه جو رسالو مقدمو سوانح حيات محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحو 37 علامه قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(27) پٽ جو شاه، ايچ ٽي سورلي، ترجمو عطا محمد ڀنڀرو صفحو 215 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سنه 1992ع



www.sindhsalamat.com

(28) برنس (OP. CIT) صفحو 75 بحوالہ ڀٽ جو شاهہ. صفحو 216
(29) ڀٽ جو شاهہ. ايچ ٽي سورلي، صفحو 271_270 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي سنہ 1992ع
(30) سنڌي ادب جو جائزو ۽ لطيفيات. پروين موسيٰ ميمڻ. صفحو 158 روشني پبليڪشن ڪنڊيارو 2004ع
(31) جنت السنڌ. رحميداد مولائي شيدائي، صفحو 571 سنڌي ادبي بورڊ سنہ 1993ع
(32) مخزن شاهہ لطيف ڀٽائي_ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مضمون شاهہ جو مخدوم معين ڏانهن خط لطيف يادگار ڪميٽي 1954ع
(33) نئين زندگي_ شاهہ لطيف جو خط ۽ مخدوم معين جو جواب_ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ نومبر 1953ع
(34) شاهہ جو رسالو_ جلد 8_9 محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقدمو سوانح حيات صفحو 23، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا اشاعت حيدرآباد 1999ع
(35) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مقدمو سوانح حيات صفحو 23 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا اشاعت حيدرآباد 1999ع
(36) رسالہ اويسيہ_ مخدوم معين ٺٽوي رحمتہ الله، ترجمو: نياز همايوني، صفحو 23 شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1426ھ
(37) رسالہ اويسيہ، مخدوم معين ٺٽوي رحمتہ الله، ترجمو: نياز همايوني صفحو 23 شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ 1426ھ
(38) نفحات الانس_ مولانا نورالدين عبدالرحمان جامي 998ھ (بحوالہ رسالہ اويسيہ صفحو 48)



www.sindhsalamat.com

# سنڌ باب الاسلام

## سنڌ عرب تعلقات (قديم شهادت)

تاريخ جي مطالعي مان اسان کي سنڌ ۽ عرب تعلقات، فتح سنڌ کان ڪافي عرصو اڳ ۾ نظر اچن ٿا. ٻه هزار سال قبل مسيح کان ٻه پهريان عرب تاجرن جي قافلن جو پتو پوي ٿو جيڪي بلسان صنوبر ۽ ٻيون خوشبودار شيون کڻي مصر ويندا هئا.

يمن جي راڻيءَ حضرت سليمان عليہ السلام لاءِ جيڪو تحفو سن 950ق م شام ملڪ ۾ آندو هو ان ۾ ٻہ خوشبودار شيون ۽ سون شامل هو.

حزقيال بني لکي ٿو تہ سن 528ق. م جي زماني ۾ اوزال (يمن) کان تبري بازار ۾ آبدار فولاد، ڪمال پٽ ۽ مسالا وڪڻڻ ايندا هئا.

جڏهن تہ عرب تاريخدانن ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ خوشبويات ۽ مسالن جو ملڪ هندستان آهي، ان ڪري ثابت ٿيو تہ هيءَ سرزمين جيڪا اڳ ۾ هند ۽ سِند جي نالي سان مشهور هئي. هتان ئي عرب ملڪن ۾ تجارتي سامان ويندو هو. جنهن جي ذريعي سنڌ ۽ عرب تعلقات حضرت مسيح عليہ السلام کان ٻہ ٻہ هزار سال پراڻا آهن.[1]

## حضور اڪرم ﷺ جن جي سنڌ جي سرزمين سان متعلق متعلق روايتون

تاريخ جي مطالعي مان اسان کي حضور اڪرم ﷺ جن جي سنڌ جي سرزمين سان تعلق متعلق ڪيترين ئي روايتون ملن ٿيون، جن مان هيٺيون ٻہ روايتون اهم آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

## نور محمديءَ جو ظهور ۽ سنڌ

تاريخدانن هن سرزمين جي فضيلت جي باري ۾ ڪيترائي صفحا نذر ڪيا آهن. مير آزاد بلگرامي ”سبحتہ المرجان في آثار هندستان“ ۾ لکي ٿو تہ: حضرت آدم عليہ السلام سڀ کان پهريان هن سرزمين تي لٿو ۽ هتي ئي مٿن پهريون وحي بہ لٿي. يعني هن سرزمين کي اهو اعزاز بہ حاصل آهي تہ هتي نہ رڳو پهريون پيغمبر لٿو بلڪ وحي الاهي جي شروعات بہ هتان ئي ٿي. ساڳي وقت نورِ محمدي ﷺ جيڪو حضرت آدم عليہ السلام جي پيشاني مبارڪ ۾ امانت هو ان جو ظهور بہ هن ئي سرزمين تي ٿيو.

هن روايت مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمّد ﷺ جو ابتدائي ظهور بہ هن سرزمين تي ٿيو هو. ان ڪري ئي پاڻ سڳورا جن فرمائيندا هئا تہ: ”مون کي سرزمين هِند کان رباني خوشبو اچي ٿي.“ [2]

## جنت جي خوشبو (هوا)

هڪ روايت مان پتو پيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن هر نماز بعد سرزمين سنڌ (هِند) ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا. جڏهن صحابہ ڪرام پاڻ سڳورن کان پڇيو تہ اوهان هر نماز بعد ان طرف منهن مبارڪ ڪري ڇو ويهندا آهيو؟ تہ پاڻ سڳورن فرمايو تہ:

”مون کي ان طرف کان جنت جي خوشبوءِ (ٿڌي هوا) ايندي آهي.)“

ان ئي سلسلي ۾ علامہ اقبال پنهنجي ڪلام ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ:

آئی میر عرب کو جہاں سے ٹھنڈی ہوا،
میرا وطن وہی ہے میرا وطن وہی ہے۔

## سنڌ ۾ اسلام جي آمد

سنڌ جي سونهاري سرزمين تي اسلامي لشڪر جي ڪاهہ کان اڳ ۾ ظهور قدسي جي نور جا ڪرڻا پهچي چڪا هئا. سنڌ ۽ هند جو هيءُ علائقو



www.sindhsalamat.com

عرب تاجرن جي واپار ۾ اچ وڃ سبب هڪٻئي سان مليل هو. سنڌ ۽ هند واسين وٽ رسالت محمدي جي جيڪا نوراني جهلڪ پهتي هئي ان جو تفصيل هن ريت آهي:

ڪئليڪٽ جي راجا سامري (زئمورن) ۽ قنوج جي راجا پوڄ، حضور پاڪ ﷺ جن جي چنڊ کي ٻن ٽڪرن ۾ ڪرڻ واري معجزي "شق القمر" کي پنهنجن اکين سان ڏٺو هو. راجا سامري ان واقعي کي سرڪاري دفتر روزنامچي ۾ لکرايو ۽ تحقيق ڪرڻ تي کيس خبر پئي ته اهو عرب ملڪ ۾ پيغمبر اسلام جو معجزو هو. اهو ٻڌنڌي راجا تخت ولي عهد جي حوالي ڪيو ۽ پيغمبر اسلام جي زيارت لاءِ حجاز ڏانهن روانو ٿيو ليڪن رستي ۾ يمن جي علائقي ۾ وفات ڪيائين.[3]

راجا پوڄ نجومين کي گهرائي ان معجزي متعلق پڇيو ته نجومين کيس شهنشاهہ عرب و عجم جي ظهور جي خبر ڏني. اهڙيءَ طرح سرانديپ جي باشندن هڪ وفد مديني منوره روانو ڪيو جن اتي پهچي حضرت عمر رضي الله عنه کان رسالت مآب ﷺ متعلق معلومات حاصل ڪري، سرانديپ ڏانهن واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو. ليڪن وفد جي اڳواڻ مڪران جي ڪناري تان لنگهندي وفات ڪئي. سندن ساٿين سرانديپ ۾ پهچي حجاز جا حالات بيان ڪيا. ان واقعي کان پوءِ سرانديپ جا رهواسي، مسلمانن سان محبت سان پيش اچڻ لڳا.[4]

## فاروقي خلافت جي دور ۾ سنڌ ۽ هند تي جهاد متعلق روايت

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ اسان کي سنڌ ۽ هندستان جي مختلف علائقن تي جهاد جون روايتون مليون آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

سن 15 هجري ڌاران حضرت عثمان بن ابي العاص ثقفي ﷺ، بحرين جي امارت بعد پنهنجي هڪ ڀاءُ حڪم بن ابي العاص کي هندستان جي علائقن ٿاڻہ ۽ ڀڙوچ ڏانهن ۽ ٻئي ڀاءُ مغيره بن ابي العاس کي ديبل ڏانهن جهاد لاءِ روانو ڪيو. علامہ ياقوت بہ



www.sindhsalamat.com

ان روايت جو ذڪر معجم البلدان ۾ ڪيو آهي.

امام بن حزم اندلسي کان جمهر ته انساب العرب ۾ هڪ ٻي روايت آهي ته:

وعُثمان اَعم مِن خَيارِ الصَّحَابه وَلاته رسول الله الطَّاف وَغَزا فَارِس وَثَلاثه مِن اَلبلاد الهِند وَلَه فَتُوح۔

ترجمو: ۽ حضرت عثمان ابوالعاس ثقفي جي اولاد مان هو سندس شمار اهم صحابه ڪرام ۾ ٿيندو هو. حضور ﷺ جن کيس طائف جو حاڪم مقرر ڪيو هو. ان بعد حضرت عثمان ايران ۽ هندستان جي ٽن شهرن تي به جهاد ڪيو ۽ سندن هٿ تي ڪيترائي ملڪ فتح ٿيا.

امام ابن حزم جي هن روايت ۾ حضرت عثمان جي بذات خود جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جو ذڪر آهي. جڏهن ته فتوح البلدان ۽ معجم البلدان ۾ سندس ڀائرن جو ذڪر آيل آهي.

مقصد ته حضرت عثمان يا سندس ڀائرن هٿان جهاد دوران ديبل جي فتح ٿي ۽ هتي پندرهين هجري ڌاران اسلامي پرچم لهرايو ويو ۽ سنڌ واسي دينِ اسلام کان متعارف ٿيا. ليڪن ان کان بعد سندن حڪومت بابت ڪا مستند روايت نه ملي آهي.

## حضرت عثمان ﷛ جي دور ۾ سنڌ تي حملو

حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت جي دور ۾ سنڌ جي راجا چچ اسلامي سلطنت سان ڇيڙڇاڙ شروع ڪئي، تنهن تي اميرالمؤمنين حضرت عثمان رضي الله عنه مڪران جي والي عبدالرحمان بن ثمره کي فساد روڪڻ لاءِ حڪم ڏنو ۽ فساد رڪجي ويو. هڪ دفعو ٻيهر چچ جي شرارت تي مڪران جي سرحد تي وڏو فساد ٿيو. مگر هن دفعي به اسلامي لشڪر فسادين کي شڪست ڏني. ٻيو حملو سن 38هه ۾ ٿيو ۽ ان ۾ به اسلامي لشڪر ڪرمان جي حاڪم حارث بن عامر جي قيادت ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.(5)



www.sindhsalamat.com

## حضرت علي ﷺ جي دور ۾ سنڌ تي ڪاهہ

حضرت علي ﷺ جي خلافت جي دور ۾ تغاربن صغير ۽ حارث بن مرهہ عبدي ويهہ هزار باغين جي لشڪر کي شڪست ڏيئي قيقان (جهالاوان) تي اسلامي جهنڊو کوڙيو جنهن جون حدون سنڌ سان لاڳو هيون.

هڪ ٻي روايت موجب اميرالمومنين حضرت علي رضي الله عنه جي حڪم تي حارث ڪوڪن جي ڪناري تي ٽاڪي تي حملو ۽ لاتعداد قيدي هٿ ڪري موٽيو.

حضرت علي ﷺ جي خلافت جي آخري ڏينهن ۾ حارث قندابيل، قيقان ۾ فتوحات ۾ مصروف هو تہ علي ﷺ جي شهادت ٿي، ان بعد امير معاويہ تخت تي وينو.[(6)]

## حضرت امير معاويہ جي دور ۾ سنڌ تي ڪاهہ

امير معاويہ جيئن جو تخت تي وينو تہ هن ٻين علائقن وانگر سنڌ ۽ مڪران ۾ بہ جهاد جو سلسلو جاري رکيو هن خلافت عثمانيءَ ۾ فتح ڪيل علائقن واري سپهہ سالار عبدالرحمان بن سمرهہ کي ٻيهر سجستان جي امارت ڏني. معاويہ پاران عمر بن عبيدالله بن معمر کي ارمائيل جي مهم تي روانو ڪيو. جيڪو ان دور ۾ مڪران ۽ ديبل جي وچ ۾ هڪ وڏو مرڪزي شهر هو. عمر بن عبيدالله جو ارمائيل جي سرڪش باغين سان زبردست مقابلو ٿيو ۽ کيس فتح نصيب ٿي.[(7)]

مسلمان سپهہ سالارن فتح ڪيل علائقن ۾ اتي رهندڙ تمام قومن ۽ طبقن سان رواداري ۽ برابري وارو سلوڪ روا رکيو. اسلامي حڪومت پاران جيڪي بہ نگران ۽ ذميدار مقرر ڪيا ويندا هئا، انهن جي لياقتن نسلي شرافت ۽ دين اسلام سان وابستگي ۽ تعلق کي سامهون رکيو ويندو هو.

عربن سنڌ ۽ هند جا جيڪي علائقا فتح ڪيا هئا، انهن ۾ پنهنجيون بينڪون قائم ڪري مقامي آباديءَ سان ملي جلي رهڻ لڳا. سندن پيشو اڪثر طور تي جهاز راني ۽ واپار هو عرب باشندا سنڌ جي علائقن مان



www.sindhsalamat.com

هندستان ۾ بہ پهتا جتان ڪوڪن، راس ڪماري، بمبئي، مالابار، مالديپ ۽ معبر کا ن ٿيندا سيلون تائين پهتا.

مسلمان فاتح سياحن، عالمن، تاجرن ۽ الله وارن تي مشتمل هئا. ان ڪري معيشت ۽ معاشرت سان گڏ دينِ اسلام جي اشاعت ۽ سربلنديءَ لاءِ بہ سرگرم هئا. آئينہ حقيقت نما ۾ روايت آهي تہ اسلام ملابار (دکن) ۾ بنا ڪنهن جنگ جدل جي داخل ٿي چڪو هو.

فرانسيسي "مورخ لي بان" پنهنجي ڪتاب "تمدن عرب" ۾ لکيو آهي تہ "اسلام جي ابتدائي دور ۾ عربن تجارتي تعلقاتن کي وڌي وسعت ۽ ترقي ڏني ۽ جلدئي هي ڪارو منڊل جي ساحل مالابار، سماٽرا ۽ هندي سمنڊ جي ٻيٽن کي پار ڪندي ڏکڻ چين تائين پهچي ويا. (8)

عربن جون اهي تجارتي سرگرميون جيڪي نبي ﷺ جي بعثت کان اڳ ۾ بہ جاري هيون، انهن سبب سنڌ، هندستان، سرانديپ ۽ چين جا باشندا دينِ اسلام، مسلمان جي ڪردار، ديانتداري، سچائي ۽ ٻين اخلاقي قدرن کان واقف هئا. سندين دلين ۾ پهريان عربن لاءِ ۽ پوءِ اسلام ۽ مسلمانن مبلغن لاءِ عزت احترام ۽ محبت جا جذبا موجود هئا. جنهن ڪري هن خطي ۾ اسلام تيزيءَ سان ڦهلجڻ لڳو.

مؤرخ اسلام مولانا اڪبر شاھ خان نجيب آبادي، هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "حضور ﷺ جي هڪ صحابيءَ جي مزار چين جي هڪ بندرگاھ ڪانٽن ۾ موجود آهي. جنهن جو نالو حضرت وهب رضي الله عنه بيان ڪيو وڃي ٿو. هڪ ٻئي صحابي حضرت عڪاشہ رضي الله عنه جي مزار محمود بندر وٽ ۽ ٽئين صحابي حضرت تميم انصاري رضي الله عنه جي مزار مدراس نزديڪ ڏکڻ ۾ ڪولم (ميلاپور) ۾ آهي. (آئينہ حقيقت نما، ص 80)

## سنڌ باب الاسلام

سونهاريءَ سنڌ ۾ نبي ڪريم ﷺ جي دور اسلام جو تعارف ڪنهن نہ ڪنهن حدتائين پهچي چڪو هو. ليڪن باقائدي تعارف حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي دورِ خلافت ۾ ابن العاص ثقفي جي اولاد معرفت ديبل فتح



www.sindhsalamat.com

ڪرڻ سان ٿيو ۽ ان بعد سرزمين سنڌ ۾ توحيد جو نعرو بلند ٿيندو رهيو.

سنہ 93ھ ڌاران هن سرزمين کي ننيڍي کنڊ لاءِ اسلام جي دروازي باب الاسلام جي لقب جو اعزاز محمد بن قاسم پاران سنڌ فتح ڪرڻ بعد حاصل ٿيو.[9]

اسلامي فتوحات جو اهو سلسلو ديبل کان ٿيندو ديبالپور، اُچ ۽ ملتان تائين پهتو. ڪن مؤرخن تہ ڪڇ، ڪشمير ۽ راجستان جي علائقن تائين بہ اسلامي فتوحات جو ذڪر ڪيو آهي. خير ڏورانهن علائقن ڏانهن اسلامي لشڪر فوج ڪشي ڪئي يا نہ ليڪن سنڌ جي سرزمين کي ننيڍي کنڊ ۾ اسلام جي دروازي باب الاسلام واري حيثيت مسلمہ طور تي تسليم ڪيل آهي. سرزمين سنڌ جي هن خطي کي اهو اعزاز حاصل ٿيو تہ هتان دينِ اسلام جي گلشن جي آبياريءَ جو حق ادا ڪيو ويو ۽ ان جي سباجهي سڳنڌ هزارين روحن کي معطر ڪري ڇڏيو.

محمد بن قاسم جيئن جيئن سنڌ جا علائقا فتح ڪندو آيو تيئن اتان جي عوام سان محبت ۽ عزت ڀريو سلوڪ روا رکيائين. مذهبي آزادي شهرين جي جان مال ۽ عزت جي حفاظت، غريبن سان رواداري، عدل ۽ ڀائيچاري جي اسلامي سونهري اصولن کي پڻ بجا طور رائج ڪيائين. ساڳي وقت مندرن ۽ بختانن سان ڪابہ ڇيڙڇاڙ نہ ڪرڻ ۽ غيرمسلمن سان سهڻو سلوڪ روا رکڻ اهڙا رويا هئا جن جي ڪري سنڌ جي اصلي باشندن جي دلين ۾ مسلمان فاتحن ۽ اسلام لاءِ نيڪ جذبا ۽ احساسات پيدا ٿيڻ لڳا. محمد بن قاسم سنڌ جي مقامي راجائن ۽ نوابن کي پنهنجي مشاورت ۽ سفارت ۾ عهدا عطا ڪيا. جنهن ڪري ڏيهي راجائن ۽ سنڌن رعايا جي دلين ۾ ويتر وڌيڪ اسلام لاءِ محبت پيدا ٿي ۽ ڪيترائي غيرمسلم مسلمانن جي ان اعليٰ ڪردار سبب دين اسلام ۾ داخل ٿيا.

## اسلامي قدر

محمد بن قاسم سنڌ جي عوام کي خوش رکڻ لاءِ سنڌن راجائن کي مان ۽ مرتبو ڏيڻ لاءِ ڪرسي ۽ تاجپوشيءَ جي رسم بہ ادا ڪئي. جنهن ڪري



www.sindhsalamat.com

سنڌواسين جي دلين ۾ مسلمانن لاءِ عزت احترام ۽ محبت جي جذبن جنم ورتو. فاتح سنڌ جي انھن روين ۽ مسلمانن جي ڪردار مقامي باشندن کي اسلام کي مذھب طور اختيار ڪرڻ تي آماده ڪيو ۽ ڏينھون ڏينھن سنڌ ۾ مسلمانن جو تعداد وڌڻ لڳو.

محمد بن قاسم جيڪي بہ علائقا فتح ڪيا ھئا، انھن ۾ مسجدن جي قيام تي خصوصي توجھہ ڏنو ۽ اتي باجماعت نماز سان گڏ نون مسلمانن لاءِ مذھبي تعليم بہ رائج ڪئي. اسلامي اقدار ۽ اخلاقي نظام کان بہ سنڌواسين کي متعارف ڪرائڻ لاءِ جوڳا اقدامات ڪيا. ڇو تہ اسلامي لشڪر پاران سنڌ تي حملو ظلم ۽ ڏاڍ، ڌھڪاءَ ۽ ڦرلٽ واري جاھلانہ نظام جي خاتمي ۽ امن، اخوت، رواداريءَ ۽ ڀائيچاري واري عالمگير اسلامي نظام جي نفاذ لاءِ ھيو. ان ڪري فاتحِ سنڌ دين اسلام جي سربلندي، اسلامي اخلاق ۽ ڪردار کي رائج ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪوششون ورتيون. انساني ھمدردي حُسنِ خلق، سچائي، ديانتداري جي جذبن کي فروغ ڏنو.

مسلمانن جي باجماعت نماز جي اتفاق ۽ اتحاد واري ايمان افروز منظر سبban سيوستان جي مالدار ۽ تاجر قوم ڇنا (المرزوق) جو واقعو ھڪ مثالي حيثيت رکي ٿو. جو ھزارن جو لشڪر بنا ڪنھن متيبيد، عھدي ۽ مرتبي جي ھڪ صف ۾ بيھي ھڪ امام جي پٺيان الله اڪبر جي تڪبير تي قيام رڪوع ۽ سجدا ڪن ٿا. ان ايمان افروز منظر، نظم ۽ ضبط کي ڏسندي پوري قوم دينِ اسلام قبول ڪيو.

مسلمانن جي اخلاق ۽ ڪردار جي بلندي ۽ دينِ اسلام جي فطري قاعدن ۽ ضابطن سبب مسلمانن جي تعداد ۾ تيزيءَ سان اضافو ٿيڻ لڳو. ساڳي وقت سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن حڪمرانن ۽ راجائن جو رعيت سان ظالماڻو رويو ھوندو ھو. اھي رعايا کي ڪنھن بہ قسم جي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي حق جو مستحق نہ سمجھندا ھئا. وٽن عوام جي حيثيت جانورن کان بہ گھٽ ھئي. ان ڪري انھن جڏھن ڏٺو تہ مسلمان انتھائي عزت، احترام، عدل، انصاف، برابري ۽ رواداريءَ وارو رويو ۽ محبت ڀريو سلوڪ ڪن ٿا تہ نيرون ڪوٽ ۽ ٻين ڪيترن ئي علائقن جي باشندن اسلامي لشڪر کي خفيہ طريقي سان دعوت ڏيئي، امن امان جا طلبگار ٿيا ۽ ڪافي



www.sindhsalamat.com

تعداد ۾ غيرمسلمن اسلام بہ قبول ڪيو. اهو سلسلو اڳتي وڌندو رهيو. عرب فاتحن ۽ سنڌ جي نومسلم باشندن ۾ قرب ۽ محبت ايتريقدر وڌي ويئي، جو عربن ۽ سنڌين جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون ٿيڻ لڳيون. ڪيترائي عرب سنڌ ۾ ۽ ڪيترائي سنڌي عرب ملڪن ۾ مستقل آباد ٿي ويا. (10)

## صحابہ ڪرام سنڌ ۾

حضور ﷺ جن جي وصال بعد صحابہ ڪرام رضوان الله دين جي اشاعت لاءِ نيل دريا کان سنڌودرياءَ جي ڪناري تائين پهچي ويا ۽ دينِ الاهيءَ جو پرچم بلند ڪيائون انهن جليل القدر صحابہ مان چند جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

خلافت فاروقي جي دور ۾ سنڌ ۾ جن صحابہ ڪرام جي اچڻ جو پتو پوي ٿو انهن ۾ حضرت عبدالله بن عبدالله، عاصم بن عمر والتميمي، صحار بن العبدي، سهيل بن عدي، الحڪم بن ابي العاص ثقفي وڏيڪ مشهور آهن.

حضرت عثمان رضي الله عنه جي دور ۾ عبيدالله بن معمرالتميمي ۽ عبدالرحمان بن سمره جي سنڌ ۾ اچڻ جو پتو پوي ٿو.

امير معاويہ جي دور ۾ جيڪي صحابہ ڪرام سنڌ ۾ آيا انهن مان سنان بن سلمہ الهذلي، مهلب بن صفرا ۽ خلف بن سالم السندي وڏيڪ مشهور آهن.

صحابہ ڪرام رضوان الله جي سنڌ ۾ اچڻ سبب سندن ڪردار ۽ اخلاق ۾ خلق محمدي ﷺ جي نوراني جهلڪ ۽ روحانيت جو اثر نمايان طور نظر آيو جنهن ڪري سنڌ واسين ۾ اسلام لاءِ محبت پيدا ٿي.(11)

## علمِ حديث ۽ سنڌ

سنڌ ۾ اسلام جي اشاعت ۽ سربلندي ۾ رڳو عربن جو هٿ ڪونہ هو. ان مبارڪ ڪم ۾ سنڌ جا باشندا بہ وڏي ذوق ۽ شوق سان شامل هئا. زندگيءَ



www.sindhsalamat.com

جي ٻين شعبن وانگر دين اسلام جي تبليغ، اشاعتِ قرآن ۽ حديث جي شعبن ۾ بہ سنڌ واسين پنهنجو پاڻ ملهايو. سنڌ جا ڪيترائي باشندا قرآن، حديث ۽ فقہ جي تعليم لاءِ بصره بغداد ۽ دمشق جو سفر ڪندا رهيا. انهن مان ڪافي تعداد ۾ عرب ملڪن ۾ رهي پيا ۽ اُتي وڏو نالو ڪيدايائون ۽ ڪجهہ علم پرائي سنڌ ۾ موٽي آيا. سنڌ ۾ ديبل، منصوره، محفوظہ ۽ الور کي علمي مرڪزن جي حيثيت حاصل هئي. منصوره تہ بغداد ۽ دمشق ثاني جي حيثيت حاصل ڪري چڪو هو.

سنہ 2 هجري واري دور ۾ حديثن جي باقاعدي روايت جو سلسلو جاري ٿيو تہ سنڌ جي فضا بہ "اَخبَرنَا وَ حَدَثَنَا" سان گونجڻ لڳي. ديبل ان دور ۾ حديث جي علم جو سڀ کان وڏو مرڪز هو. هتي سڀ کان پهريان احاديث و آثار جي روايت جو سلسلو جاري ٿيو.

ديبل جي محدثن ۾ اسان کي سڀ کان پهريون نالو شيخ عبدالرحمان بن حماد ثقفي ديبلي جو ملي ٿو. جيڪو ديبل جي هڪ قبيلي بن ثقيف جو محدث ۽ زاهد هو سندس باري ۾ لسان الميزان ۾ هڪ روايت آهي تہ:

قَدَمر عَلَينا مِنَ السنّد شيخ ڪَبِير ڪَان

يَحدث عَنَ الاَعمش وَعُمرو بن عَبَيد. [12]

ترجمو: اسان وٽ سنڌ مان هڪ وڏو شيخ (عالم) آيو جيڪو امام اعمش ۽ عمرو بن عبيد کان روايت ڪندو هو.

ان دور ۾ قيس بن بسر بن سندي نصري جو نالو بہ ملي ٿو. جنهن قيس بن جبيل کان حديث جو سماع ڪيو هو. هيءُ دور سنہ 130ھ جو هو ان مان ثابت ٿيو تہ جبيل قيس بن بسر سندي کان ٻي صدي جي پهرين رُبَع ۾ سنڌ ۾ سماع ڪيو هو.

عبدالرحمان سندي ۽ موسيٰ سيلاني حضرات، انس رضہ کان سماع ڪيو هو انهن کان سواءِ سنڌ جي ٻين بہ ڪيترن محدثن جا نالا ملن ٿا. جن مان يزيد بن عبدالله بيسري سنديءِ، سندي بن سماش، عبدالرحمان بن سندي ۽ ابو شيخ بن حماد سندي وڏيڪ مشهور آهن. سنڌ جي علماءَ مان ابو معشر سندي جي اولاد مقسم قيقاني جي اولاد ۽ امام محڪول سندي شامي وڏيڪ مشهور آهن. [13]



www.sindhsalamat.com

انهن محدثن کان سواءِ ڊاڪٽر محمد اسحاق جي تحقيق موجب حديث جي جن عالمن جي سنڌ ۾ اچڻ سبب حديث جي علم کي فروغ مليو انهن ۾ موسيٰ بن يعقوب الثقفي، يزيد بن ابي ڪبشا السڪسي، الدمشقي، المفضل بن المهلب بن ابي صفره، ابو موسيٰ اسرائيل البصري، عمرو بن مسلم الباهلي، الربيع بن صبيح السعدي، ابو جعفر ديبلي، ابراهيم بن محمد ديبلي، احمد بن عبدالله ديبلي، محمد بن عبدالله ديبلي، حسن بن محمد اسد ديبلي، خلف بن محمد ديبلي، احمد ديبلي، حسن ابوالقاسم، احمد بن محمد منصوري، عبدالله بن جعفر منصوري وڏيڪ مشهور آهن.[14]

## سنڌ ۾ اسلام جي اشاعت ۽ مدرسا

سنڌ فتح ٿيڻ بعد محمد بن قاسم اسلام جي اشاعت تبليغ ۽ تعليم لاءِ جوڳا انتظام ڪيا هئا. ساڳي وقت ڪيس حجاج کان بہ هدايتون ۽ خط ملندا رهندا هئا. جن ۾ نئين اسلامي مملڪت جي نظام کي هلائڻ ۽ عوام کي سهولتن مهيا ڪرڻ لاءِ احڪام ۽ مشورا هوندا هئا. هڪ خط ۾ حجاج محمد بن قاسم کي لکيو تہ:

"ماڻهن کي اسلام جي دعوت ڏني وڃي ۽ جيڪو رضا خوشيءَ سان اسلام قبول ڪري تہ ان لاءِ تربيت جو بہ انتظام ڪيو وڃي."

محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌ جي تمام وڏن شهرن ديبل، نيرون ڪوٽ، سيوستان، برهمڻ آباد، الور، ملتان، ديبالپور، قنوج ۽ ويهند تائين بتخانن سان ڪابہ ڇيڙڇاڙ ڪانہ ڪئي. ليڪن انهن علائقن ۾ مسلمانن لاءِ مسجدون تيار ڪرايون ۽ انهن ۾ نومسلمن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ مناسب انتظام ڪيو. مسجدن لاءِ مؤذن ۽ واعظ مقرر ڪيا جيڪي دينِ اسلام جي اشاعت لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا هئا.

مسلمانن، هندن، برهمڻن ۽ ٻين غيرمسلمن سان جيڪي بہ معاهدا ڪيا، اهي دينِ اسلام جي ايفاءِ عهد واري اصول کي سامهون رکندي پورا ڪيا، جن کي ڏسندي سنڌ جي قديم سمنيہ ۽ ٻين قومن اسلام قبول ڪيو.

عربن سنڌ ۾ جيڪي نوان شهر تعمير ڪرايا، انهن ۾ منصوره،



www.sindhsalamat.com

محفوظ ۽ بيضا وڏيڪ مشهور هئا. اهي شهر اسلامي علوم, فنون, سيرت ۽ ڪردار سازيءَ جا مرڪز هئا. جتي عراق جا وڏا عالم, محدث ۽ مبلغ دينِ اسلام جي اشاعت, دين جي دعوت تبليغ ۽ تربيت لاءِ رات ڏينهن فرائض انجام ڏيندا رهندا هئا. علماءِ ڪرام جي نيڪ نيتي سان دينِ اسلام جي اشاعت لاءِ ڪيل خدمتن سبب سنڌ جي مردم خيز مٽي مان هزارين مسلمان مفڪر, محدث, عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا. جن نہ رڳو سنڌ جي سرزمين ۾ اسلامي علوم ۽ فنون جا درياءَ وهايا ليڪن سندن علم, فن ۽ معرفت جي روشنيءَ عرب دنيا کي بہ گهڻو ڪجهہ عطا ڪيو ۽ ڪيترن ئي سنڌي عالمن, مفڪرن, حڪيمن ۽ شاعرن جا نالا اڄ بہ عربي ادب, تاريخ, منطق, فلسفي ۽ حڪمت جي ڪتابن جي زينت بڻيل آهن.

اسلامي معاشري ۾ مسجد کي سيرت ۽ ڪردار سازيءَ جي اهم مرڪز طور پڻ سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري مسلم فاتحن پاران سنڌ جي تمام شهرن ۾ نہ رڳو مسجدون تعمير ڪرايون ويون بلڪ مسجدن سان منسلڪ ديني تعليم لاءِ مڪتب ۽ مدرسا پڻ قائم ڪيا ويا. جتي معلم ديني تعليم ۽ تربيت ڏيندا هئا.

منصوره کي عربن علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ايتري تہ ترقي وٺرائي جو منصوره بغداد ۽ دمشق جي علمي عظمت ۽ اهميت جو ثاني سڏجڻ لڳو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري ممڪن ٿيو جو عربن ۽ سنڌ واسين اسلامي تعليمات کي پنهنجيءَ دل جو آواز سمجهيو ۽ نهايت خلوص سان ان جي اشاعت ۽ تبليغ لاءِ عربن سان گڏجي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم شروع ڪيو جنهن ڪري ننڍي کنڊ کي بہ سنڌ جي سرزمين اسلام جي نور سان منور ڪيو.(15)

عربن جي فوجي لشڪر سان گڏ جتي جنگي ماهر ۽ جنگجو سپاهي هوندا هئا, اتي انهن سان اهلِ علم عالمن, فاضلن, صحابہ ۽ تابعين جون جماعتون بہ هونديون هيون. ان سلسلي ۾ اسان کي ابن ڪثير ۾ هڪ روايت هن ريت ملي ٿي.

وَكَانَ فِي عَسَاكِرِهُمْ وَجِيُوشُهُمْ فِي الْغُزْوَ الصَّالِحُونَ وَالْاَوْلِيَاءَ وَالْعُلَمَاءَ مِنْ كَبَارَ التَّابِعِينَ فِي كُلِّ جَيْشٍ مِنْهُمْ شِرْذِمْتَه عَظِيمَتَه يَنصُرُ اللهُ بِهِمْ دِينَه۔



www.sindhsalamat.com

ترجمو: بنواميہ جي دور ۾ جهادي فوجن سان وڏا تابعين، صالح اوليا ۽ علما گڏ هوندا هئا ۽ هرجهادي لشڪر ۽ فوج سان انهن (نيڪ ٻانهن) جو وڏو انگ موجود هوندو هو. جن ذريعي الله تعاليٰ پنهنجي دين جي مدد فرمائيندو هو.

هن روايت مان ثابت ٿيو تہ اسلامي لشڪر سان تابعين نيڪ ۽ صالح ٻانهن، علماءَ ۽ الله وارن جي موجودگيءَ جو مقصد دينِ اسلام جي سربلندي ۽ اشاعت هو. فوجي سپاهي هڪ طرف سرحدن تي جهاد ڪندا هئا تہ ٻئي طرف علماءَ ۽ الله وارا اسلامي فوجن جي فتح ۽ نصرت لاءِ دعائون گهرندا هئا. ساڳي وقت الله وارا ۽ علماءَ ڪرام فتح ڪيل علائقن جي عوام جي دلين کي اسلام جي نور سان منور ڪندا هئا.[16]

اسلامي لشڪر جو اهو اصول هيو تہ جتي بہ مجاهد ۽ فاتح ٻنجي پهچندا هئا، اتي مسجد ضرور قائم ڪندا هئا. اُمودي دور ۾ جن مفتوحہ علائقن ۾ مسجدون تعمير ٿيون، اُتي اسلامي آثارن ۾ محراب، منبر ۽ مسجدن جا مينار نظر ايندا هئا. اهو سلسلو مڪران، سنڌ، پنجاب، ڪشمير، سوراسٽر، گجرات کان وينِدي چين تائين هلندو رهيو.

حجاج بن يوسف پاران محمد بن قاسم کي تاڪيد ڪيو ويو تہ:

”فتوحات کي وسيع ڪندا رهو، اسلام جي اشاعت جو خاص خيال رکجو ۽ قديم ۽ وڏن شهرن ۾ مسجدون ضرور تعمير ڪرائجو.“[17]

اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ بہ بيشمار مسجدون تعمير ڪرايون ويون. جن مان ديبل الور (اروڙ) سيوستان ۽ نيرون جون مسجدون مشهور آهن، اهي مسجدون نہ رڳو عبادت ۽ بندگيءَ لاءِ مخصوص هيون بلڪ دينِ اسلام جي اشاعت جو مرڪز پڻ هيون.

قرآن ڪريم کي اسلامي علوم ۽ فنون جي سرچشمي جي حيثيت حاصل آهي. سو خلافت راشده جي زماني ۾ مرتب ۽ مدون ٿي چڪو هو. مگر اجا منجهس نقطا ۽ اعراب نہ ڏنل هئا. عربن کي سندس قرائت ۾ ڪا بہ دقت ڪانہ ٿيندي هئي. اهو ان ڪري جو عربي سندن مادري زبان هئي. ليڪن عجمين (غيرعربن) کي قرآن ڪريم پڙهڻ ۾ گهڻي دقت محسوس ٿيندي هئي. حجاج بن يوسف هوندئن تہ ظلمن ڪري مشهور هو مگر قرآن



www.sindhsalamat.com

ڪريم ۾ سندس نقطن ۽ اعراب ڏيارڻ وارو نيڪ ڪارنامو ياد رهندو. حجاج جي هن عمل بعد سنڌواسين کي بہ قرآن ڪريم پڙهڻ ۾ آساني ٿي.

قرآن ڪريم جي سنڌي ۾ ترجمي بابت اسان کي جيڪا روايت ملي ٿي اها هن ريت آهي تہ منصوره جي هباري حاڪم عبدالله بن عمر جي زماني ۾ الور جي راجا مهروگ (مهروق) سنہ 270هجري ۾ منصوره جي امير کي لکيو تہ ڪنهن عالم کي اسلامي اعتقادات لکرائي وٽس روانو ڪري تہ جيئن هو اسلامي اصولن ۽ اعتقادات کان واقف ٿئي. عبدالله جي حڪم سان هڪڙي سنڌي عالم اسلامي عقيدن کي هڪ قصيدي ۾ لکي راجا ڏانهن موڪليو. راجا قصيدو ٻڌي شاعر جي لياقت جي بي انتها تعريف ڪئي ۽ عبدالله کي لکيو تہ شاعر کي وٽس روانو ڪري، جنهن تي منصوره جي امير سنڌي عالم کي راجا ڏانهن موڪليو جنهن ٽن سالن تائين راجا جي درٻار ۾ عزت ۽ احترام سان رهي قرآن ڪريم جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهو ترجمو سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن ڪريم جو پهريون ترجمو هو جيڪو سنڌ جي مسلمانن لاءِ اسلامي تعليمات کي سمجهڻ لاءِ مددگار ثابت ٿيو.

ساڳي وقت وليد بن عبدالمالڪ پاران اسلامي سلطنت جي تمام علائقن ۾ قرآن ڪريم جا حافظ روانا ڪيا ويا تہ جيئن ماڻهن ۾ قرآن فهميءَ جو ذوق ۽ شوق پيدا ٿئي.

حضرت عمر بن عبدالعزيز ﷺ اسلام جي اشاعت لاءِ سلطنت جي صوبن ڏانهن مفتي ۽ واعظ وظيفن تي مقرر ڪري روانا ڪيا تہ جيئن اتي جي رهاڪن کي دين اسلام متعلق تعليم ڏين. ساڳي وقت حضرت عمر ﷺ پاران اسلامي دنيا ۾ رهندڙ غير مسلم راجائن ۽ حڪمرانن ڏانهن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ دعوت ناما موڪليا. مشهور مورخ بلاذري ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ:

فَكَتَبَ اِلَى المَلُوكَ يَدعوهم اِلَى الاِسلاَم وَالطَاعَتُه عَلىٰ اَنْ يَملِكُهُمْ وَلَهُمْ مَا لِلمُسْلِمِيْنَ وَعَلَيْهِمْ مَا عَلَيْهِمْ وَقَدْ كَانَتْ بَلَغْتَهُمْ سِيرَتَه وَمَذهَبه فَاسلَم جَلِيشتهوَا المَلوكَ وَتَسَموا بِاسمَاءِ العرب۔

ترجمو: خليفي بادشاهن کي هن شرط سان اسلام جي دعوت ڏني تہ سندن بادشاهيءَ ۾ ڪوبہ خلل نہ پوندو ۽ جيڪي مسلمانن کي حق ڏنل آهن، سي کين ملندا. جيڪي ذميواريون مسلمانن تي عائد آهن، سي مٿن عائد رهنديون. بادشاهہ خليفي جي حسن خلق کان واقف هئا. تنهن ڪري سنڌ



www.sindhsalamat.com

جي راجا جئسيہ (جليشه) ۽ ٻين خوشيءَ سان اسلام قبول ڪيو ۽ پاڻ تي اسلامي نالا رکيائون.

اهڙيءَ طرح ٽبيت جي راجا ۽ سندن رعيت بہ اسلام قبول ڪيو ۽ اهو سلسلو تيزيءَ سان اڳتي وڌندو رهيو.[18]

عباسين جي خلافت جي زماني ۾ دليل ۽ برهان جي قوت سان مذهبي سچائي ثابت ڪرڻ جو رواج پيو هو. سنڌ ۾ بہ اهو سلسلو شروع ٿيو. هندن ۽ ٻڌ مذهب مڃيندڙن کي اسلامي عقائد بابت سوال ڪرڻ جي ترغيب ملي مسلمان عالمن جي جوابن ۽ معلومات کان مطمئن ٿي ڪيترن ئي هندو پنڊتن ۽ ٻين غيرمذهبن اسلام قبول ڪيو.[19]

## سنڌ جي تهذيب تي اسلامي اثر

سنڌ تي عربن جي ڪاهن ۽ سنڌ کي فتح ڪرڻ بعد هتان جي تهذيب ۽ تمدن تي اسلامي اثر نمايان طورتي نظر اچڻ لڳا. سنڌ ۾ اسلام جي اشاعت لاءِ مسجدن ۽ مدرسن ۾ خاص انتظام هو. معلم، مبلغ ۽ واعظ اسلامي تعليم سان گڏ سماجي، معاشي ۽ اخلاقي قدرن متعلق بہ رهنمائي ڪندا هئا. سنڌ ۾ مهمان نوازيءَ جي سهڻي صفت تہ اڳ ۾ ئي موجود هئي، ليڪن جڏهن اسلامي تعليم ۾ ان جي قدر قيمت ۽ اجر جو پتو پيو تہ ان کي وڌيڪ ويتر وڌيڪ وسعت ملي. انساني همدردي سنڌ واسين کي ورثي ۾ مليل هئي. ليڪن "خَيْرُالنَاسِ مَنْ يَنْفَعُ النَّاسُ" جي اعلان سبب انساني خدمت کي عبادت جو درجو نصيب ٿي چڪو هو.

شادي غمي تجهيز تڪفين جي موقعي تي اسلامي احڪام کي سامهون رکندي ريتون ۽ رسمون تبديل ڪيون ويون.

لباس، رهائش، خوراڪ ۽ ڏڻن ۾ اسلامي تهذيب جو اثر پيو نماز روزي زڪواتہ صدقي ۽ خيرات جهڙين عبادتن سببن همدردي، ڀائيچاري کي فروغ مليو. غريبن، محتاجن ۽ مسڪينن جي مدد معاشي بک ۽ بدحاليءَ جو خاتمو آيو. "تَعَاوَنُوا عَلَىَ الْبِرِّ وَالْتَقوىٰ" جي قرآني اعلان جي برڪت سان معاشري مان سماجي براين جو خاتمو آيو ۽ نيڪ ڪمن کي وسعت ملي.



www.sindhsalamat.com

"اِنَّ اَکْرَمَکُمْ عِنْدَاللّٰهِ اَتْقٰکُمْ" جي اعلان سان ذات، پات، رنگ ۽ نسل جا سڀ فرق منجهي ويا ۽ انساني عزت جو معيار تقويٰ يعني پرهيزگاريءَ کي قرار ڏنو ويو.
هباري دور حڪومت ۾ بہ اسلام کي فروغ مليو ۽ مسلمانن جي تعداد ۾ اضافي متعلق ڪيترائي حوالا ملن ٿا. ان سلسلي ۾ امام ابن حزم جي مشهور ڪتاب "جمهرته الانساب" ۾ روايت آهي. تہ:

عَمربن عَبَدالعزيز صَاحب السَندا وَليَهاإبتَداءَ الِفتَنَتَه اِثرقَتَل المتَوکُل۔

ترجمو: عمر بن عبدالعزيز (هباري) خليفي متوڪل جي قتل واري فتني بعد سنڌ جو ابتدائي دور ۾ حاڪم ٿيو.

هيءُ واقعو سنہ 247هہ جو آهي. هن دور ۾ هباري خاندان سنڌ ۾ هڪ خودمختيار ۽ آزاد حڪومت قائم ڪئي ۽ گاديءَ جو هنڌ منصوره کي قرار ڏنائون. ان بعد هباري خاندان جي حڪومت سنڌ ۾ قائم ۽ دائم رهي. اسلامي عقائد، اقدار ۽ تعليم عام جام ٿي وئي. مسلمانن ۾ روز بروز واڌارو ٿيڻ لڳو. جنهن جو ثبوت اسان کي مشهور تاريخدانن ۽ سياحن جي روايتن مان پڻ ملي ٿو.

ابن حوقل بغدادي ڪتاب "صورالهند" ۾ لکي ٿو تہ سنڌ جا باشندا مسلمان آهن ۽ هتان جو بادشاهہ هبار بن اسود جي اولاد مان آهي.

اصطخري لکيو آهي تہ سنڌ جا رهاڪو مسلمان آهن، سندن بادشاهہ قريشن خاندان مان آهي.[20]

مٿين تاريخي روايتن مان ثابت ٿيو تہ سنڌ جي سرزمين نورِ محمدي ﷺ جي ظهور کان وٺندي پاڻ سڳورن جي سنڌ تي خاص نظر ڪرم، خلافت راشده جي دور ۾ سنڌ ۾ جهاد ۽ عربن جي مختلف ادوار ۽ مختلف حڪومتن ۽ حڪمرانن جي توجهہ جو مرڪز رهي آهي. سنڌ جي مردم خيز مٽيءَ مان ڪيترائي عالم، مفڪر، محدث، اولياءَ الله، صوفياءِ ڪرام ۽ درويش پيدا ٿيا. جن نہ رڳو سنڌ ۾ بلڪ عرب دنيا ۾ بہ پنهنجو پاڻ مڃرايو ۽ دين اسلام جي سربلندي ۽ اشاعت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

عرب دور حڪومت ۾ غيرمسلمن کي سندن مذهبي ۽ معاشرتي حق حاصل هئا، ڪين شراب وڪڻڻ مندرن ۾ دهلن ۽ شرنائين وڄائڻ جي اجازت هئي. ليڪن نماز جي وقت جو احترام ڪرڻ مٿن لازمي هو. ان مان ثابت ٿيو



www.sindhsalamat.com

تہ اسلام پاران ذمين کي مليل تمام حق ادا ڪرڻ جو موقعو مليل هو ۽ انهن تي اسلامي تهذيب کي زبردستي نہ مڙهيو ويو هو بلڪ برابري، رواداري ۽ سهپ جو مظاهرو ڪندي کين عزت احترام ۽ تحفظ ڏنو ويو. ان ڪري جو اسلامي تهذيب جو بنيادئي انساني عزت ۽ احترام تي آهي.

بنواميہ دور ۾ مسلمان عورتن ۾ رواج هو تہ جنازي پٺيان نڪري ماتم ڪنديون هيون، جيئن تہ اهو عمل اسلامي تعليم ۽ تهذيب جي خلاف هو. ان ڪري حضرت عمر بن عبدالعزيز صوبن جي گورنرن کي تاڪيد ڪيو تہ اها رسم بند ڪئي وڃي، سنڌ جي شهرن ۾ مسلمانن وٽ پردي جي سخت پابندي هئي ۽ سندن محلا جدا هوندا هئا.

مشهور مؤرخ ۽ سياح اصطخري ملتان بابت لکي ٿو تہ:

"هتي هندو ۽ مسلمان پاجاما پائن ٿا، ٻنهي جو لباس هڪ جهڙو آهي. ملتان جا باشندا وڏا وار رکندا هئا." (21)

بشاري هڪ وڏو عالم مؤرخ ۽ سياح ٿي گذريو آهي. هو ملتان جيڪو ان دور ۾ سنڌ جو حصو هو، اتان جي تهذيب ۽ تمدن اخلاق ۽ ڪردار متعلق لکي ٿو تہ:

"ملتان جي شهر جون جايون ڪاٺ جون جڙيل آهن، مگر سوڙهيون آهن. ماڻهو تندرست ۽ توانا آهن، خشڪ ۽ گرم هوا هئڻ ڪري هتان جي باشندن جو رنگ سانورو آهي. هت ميوو سستو آهي، واپاري ڏيتي ليتي ايمانداريءَ سان ڪن ٿا. بدڪاريءَ شراب خوريءَ جو نالو نشان ڪونهي، زاني ۽ شرابيءَ لاءِ قتل جي سزا مقرر آهي. ڪابہ عورت کليل منهن سان ڪانہ نڪري، مردن کي رستن تي عورتن سان ڳالهائڻ جي سخت منع آهي. حڪومت جو طرز عمل منصفاڻو آهي، فارغ الباليءَ جي ڪري ماڻهن جي زندگي عيش ۽ آرام سان گذري ٿي." (22)

منصوره کي اسلامي دور حڪومت ۾ وڏي اهميت حاصل هئي. علم ادب تهذيب ۽ تمدن جي حوالي سان منصوره کي بغداد ۽ شام جي گاديءَ واري هنڌ دمشق واري حيثيت حاصل هئي. هتان جي تهذيب ۽ تمدن تي اسلامي اثر بابت مشهور سياح مسعودي هن ريت لکي ٿو تہ:



www.sindhsalamat.com

”هتي جا رهاڪو با مروت آهن. وٽن اسلام جي تازگي آهي، منجهن علم جو چرچو وڌيڪ آهي ۽ وٽن گهڻائي علماءِ ڪرام رهن ٿا. منجهن ذهانت ۽ ذڪاوت آهي، نيڪي ۽ خيرات ڪن ٿا. ذمي بتن جي پوڄا ڪن ٿا. جاين ڪاٺ جون ٺهيل آهن.“(23)

عرب مؤرخن ۽ سياحن کان سواءِ اسان کي ڪجهه مغربي مؤرخ به ملن ٿا، جن سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي اسلامي اثر متعلق لکيو آهي، مغربي مؤرخن مان مسٽر پوسٽنس (Mr. Postons)پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ متعلق ذاتي راءِ(Personel Observation on sindh) ۾ لکي ٿو ته:

”سنڌي سيني مغربي ضلعن ۾ رهندڙن رهاڪن کان زياده زبردست ۽ سگهارا آهن. سنڌي مسلمانن جو نقشو هندستان جي سيني ماڻهن کان مرداڻو آهي. هو ڊگهيون ڏاڙهيون وارا آهن، سنڌن وار ڪلهن تي لٽڪن ٿا. غريب غُربا پنهنجا ڪپڙا نير ۾ رڱي ڪم آڻن ٿا.“(24)

عباسي دور حڪومت ۾ سنڌ جي باشندن جي طرزِ معاشرت ۾ گهڻو فرق پئجي ويو هو. سنڌ ۾ خوشحالي، امن امان ۽ پائيداري سبب سنڌي زيب ۽ زينت ڏانهن مائل ٿيا. سنڌ جي شهرن ۾ زيبدار قيمتي شيون وڪامڻ لڳيون. مسجدن ۾ عبادت سان گڏ تعليم ۽ تربيت جو انتظام به هوندو هو ۽ جيڪي شاگرد اتي تعليم وٺندا هئا تن لاءِ وظيفا مقرر ڪيل هئا.

غريبن، مفلسن ۽ مسافرن جي مدد ۽ خدمت جيئن ته اسلامي تهذيب ۽ تعليم ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. ان ڪري بنواميه ۾ هر هڪ شهر ۾ سرڪاري لنگر خانا قائم ڪيا ويا. جتان مفلسن ۽ غريبن کي کاڌو ملندو هو بي خرچ مسافرن کي سفر لاءِ خرچ پڻ سرڪاري خزاني مان ملندو هو. رستن تي مسافرن جي آرام ۽ آسائش لاءِ آرامگاهه ٺهرايل هئا.

وليد بن عبدالملڪ جي ڏينهن ۾ سنڌ اندر پاڻيءَ لاءِ کوهه کوٽرايا ويا، مريضن جي دوا درمل لاءِ سلطنت اندر شفاخانا تعمير ڪيل هئا. ان سلسلي ۾ يعقوبيءَ کان روايت آهي ته:

”وليد پهريون شخص هو جنهن بيمارن لاءِ شفاخانا تعمير ڪرايا، خلافت راشده جي زماني ۾ شهرن ۾ مهمان خانن جو



www.sindhsalamat.com

رواج پيو ۽ بنواميہ جي خليفن بي ان سُنتِ راشده کي زنده رکيو.“(25)

مٿين تاريخي روايتن مان معلوم ٿيو تہ سنڌ جي سرزمين تي اسلام جي اچڻ سبب اخلاق ۽ ڪردار، معيشت ۽ معاشرت تي اسلامي اثر پيو ۽ هتي نئين تهذيب ۽ تمدن جنم ورتو جنهن جي تعريف مان پنهنجا تہ ڇا پر ڌاريا ۽ غيرمسلم بہ نٿا ڌاپن.

## حوالا


(1) سنڌي زبان تي عربيءَ جو اثر، ايم فل ٿيسز- ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي، شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور، صفحو نمبر 143-144 سال 1995ع

(2) عرب و هند ڪي تعلقات، علامہ سيد سليمان ندوي صفحو 28 اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي 1987ع

(3) آئينہ حقيقت نما، مولانا اڪبر شاهہ نجيب آبادي، صفحو 72-71 نفيس اڪيڊمي ڪراچي (ٽيون ڇاپو) 1983ع

(4) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 79 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع

(5) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 80 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع

(6) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 54 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع

(7) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 55 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع

(8) آئينہ حقيقت نما، مولانا اڪبر شاهہ نجيب آبادي، صفحو 70 نفيس اڪيڊمي ڪراچي 1983ع

(9) اسلامي هند ڪي عظمت رفتہ، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 104 فيمس بڪس لاهور 1989ع

(10) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 166 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع

(11) اسلامي هند ڪي عظمت رفتہ، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 91 فيمس بڪس لاهور 1989ع

(12) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 413 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع

(13) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 301 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع

(14) علم حديث مين پاڪ و هند ڪا حصہ، ڊاڪٽر محمد اسحاق، صفحو 47 ادراه




www.sindhsalamat.com

ثقافت اسلاميہ لاهور 1977ع
(15) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 173 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
(16) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 411 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع
(17) خلافت امويہ اور هندوستان، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 371 اسلامڪ پبلشنگ هائوس لاهور 1975ع
(18) جنت النسڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 168 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
(19) آئينہ حقيقت نما، مولانا اڪبر شاهہ نجيب آبادي، صفحو 155 نفيس اڪيڊمي ڪراچي (ٽيون ڇاپو) 1983ع
(20) هندوستان مين عربون ڪي حڪومتين، مولانا قاضي اطهر مبارڪپوري، صفحو 87 پروگريسو بوڪس 1989ع
(21) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 188 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
(22) احسن التقاسيم، مقدسي بشاري (معرفتہ الاقاليم) ليدن (ج ـ 1 ـ 189 ترجمہ)
(23) مروج الذهب، علي بن حسين بن علي مسعودي، مصر (ترجمہ السنڌ 190)
(24) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 190 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع
(25) جنت السنڌ، رحيمداد مولائي شيدائي، صفحو 200 سنڌي ادبي بورڊ 1958ع



www.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻولي

## سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي قديم ٻولين مان هڪ آهي، هن شاهوڪار ٻوليءَ جي بڻ بنياد، ساخت ۽ سٽاءَ جي اڀياس ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن خاص دلچسپي ورتي آهي.

ڪنهن بہ ملڪ جي تاريخ ٻوليءَ ۽ تهذيب جي مطالعي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي ڏاهي ڊاڪٽر غلام علي الانا جي چوڻ مطابق حال کان ماضيءَ ڏانهن وڃڻ مناسب آهي.[1] جيئن جيئن ماضيءَ ڏانهن پيو وڃبو تيئن تيئن نوان نڪتا پيا هٿ ايندا. ان ڪري ماضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جيڪي رايا ڏنا آهن انهن مان چند پيش ڪجن ٿا:

### ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو نظريو

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي سيني کان پراڻي ۽ پهرين نظريي موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پراڪرت، پالي، شورسيني، اپڀرنش ۽ وارچڊ اپڀرنش جي معرفت يارهين صدي عيسويءَ ڌاري هاڻوڪي صورت ورتي آهي. انهيءَ نظريي موجب سنڌي سنسڪرت جي شاخ آهي.[2] سنڌي زبان لاءِ سندس خيال هن ريت آهي:[3]

سنسڪرت

↓

پراڪرت

↓



www.sindhsalamat.com

پالي

↓

اپڀرنش

↓

وارچڊ

↓

سنڌي (يارهين صدي)

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کان سواءِ ڪاڪو ڀيرومل [4] مرزا قليچ بيگ [5] ڊاڪٽر گربخشاڻي [6] ۽ ٻيا بہ ڪيترائي عالم هن نظريي جا حامي آهن ۽ سندن راءِ موجب سنڌي ٻولي سنسڪرت جي لائق ڌيءُ آهي.

انهن عالمن ۽ لساني ماهرن پاران سندن راءِ جي پٺڀرائيءَ لاءِ اهو دليل ڏنو ويو آهي تہ سنڌي ۾ سنسڪرت جي لفظن (تتسم ۽ تديو) جو اڪثر ڀنڊار آهي.

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نظريو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ: "سنڌي ٻولي سڌوسنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دور جي سنڌو ماٿر جي قديم ٻولي آهي. لهندا (سرائڪي، بهاولپوري، ملتاني، ديري والي ۽ هندڪو) ڪشميري ۽ اترئين سنڌوماٿر جون داردي ٻوليون ان جون ڀينرون آهن. بود و باش جي لحاظ سان اهي مڙئي سنڌوماٿر جون آڳاٽيون هند آريائي ٻوليون آهن. پر ستاءَ ۽ تاريخي ارتقا جي لحاظ کان اهي سڀ هن نئيں ڪنڊ جي ٻين هند آريائي ٻولين کان نراليون آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوت ۽ اوسر ۾ هند، ايراني ۽ اولهہ کان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين ڪي دخل آهي." اڳتي هلي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> "قديم آثارن مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا سامي زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ سنڌ جي ٻوليءَ تي گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو



www.sindhsalamat.com

پيو ۽ ان بعد پالي پراڪرت ذريعي سنسڪرت جو[7]
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نظريي مطابق سنڌي ٻوليءَ تي جن ٻولين اثر وڌو آهي انهن جو تفصيل هن ريت آهي:[8]

ابتدائي سامي تمدن
↓
آڳاٽي ايراني
↓
يوناني
↓
ترڪي ۽ داردي
↓
پالي ڏير ڪپوت
↓
ترڪي ۽ داردي
↓
پوئين ايراني
↓
ترڪي ۽ ايراني
↓
ملڪي ٻوليون
↓
عربي
↓
فارسي

## سراج الحق ميمڻ جو نظريو

سراج الحق ميمڻ صاحب جي نظريي موجب ”سنڌي سنسڪرت جي جائي نه پر سنسڪرت سنڌيءَ جي جائي آهي.“ ميمڻ صاحب پنهنجي نظريي ذريعي اها ڳالهه ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اوير توڙي اولهه جي تهذيب ۽ ٻولين جو اصل مقام ۽ بنياد سنڌو ماٿر آهي، جتان سنڌ



www.sindhsalamat.com

ملڪ جا ماڻهو اولهه طرف يعني بابل ۽ ميسو پوٽيميا وارن خطن ڏانهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کڻي ويا ۽ پنهنجيءَ تهذيب ۽ زبان کي ڦهلايائون.[9]

سراج الحق ميمڻ صاحب سوامي سنڪر نند واري نظريي کي سنڌي ويس وٺايو آهي.[10]

هن آرين واري نظريي کي محض افسانو ۽ جرمن عالمن جي ذهني اختراع قرار ڏنو آهي. سندس لکت موجب بابل ۽ سمير جي تهذيب جو سنڌي تهذيب تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو آهي. بلڪ بابل ۽ سمير جي تهذيبن تي سنڌي تهذيب يعني موهن جي دڙي واريءَ تهذيب جا اثرات نظر اچن ٿا. جيڪا واپارين ۽ تاجرن معرفت اوڏانهن پهتي. پنهنجي راءِ جي دليل لاءِ ميمڻ صاحب آرڪيالاجيءَ جي مشهور آمريڪي ماهر نوح ڪريمر جي ڪتاب مان حوالا ڏنا آهن.

سراج الحق ميمڻ وڌيڪ لکي ٿو ته: ”سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نه پر سنسڪرت سنڌيءَ جي ڄائي آهي.“ سندس خيال موجب ”سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي ته سنسڪرت تي ته سنڌيءَ جوان کان به وڏو قرض آهي.“

سراج الحق ميمڻ جو نظريو موهن جي دڙي جي مهرن تي ٻڌل آهي. هو لکي ٿو ته: ”موهن جي دڙي جي لپي کي پڙهڻ ۽ حل ڪرڻ جي جيڪا مون ڪوشش ڪئي آهي ان لاءِ مون کي ڪابه خوش فهمي نه آهي ته ڪا صحيح آهي عين ممڪن آهي ته قطعي غلط هجي.“[11]

سراج الحق ميمڻ جي نظريي کي هن ريت پيش ڪري سگهجي ٿو:

مسوپوٽين تهذيب ۽ انڊوفارسي زبانون

↓

انڊو- يورپي زبانون

↓

سنڌ واديءَ جي تهذيب جي زبان

↓

انڊوآريائي زبانون



www.sindhsalamat.com

## ڊاڪٽر غلام علي الانا جو نظريو

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد تي اظهار خيال ڪندي لکيو هو تہ:

"ماهرن جي بيان ڪيل نظرين جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ نہ آهي پر سنڌي، سنسڪرت ۽ لهندا ٽنهي جو اصلي بنياد قديم پراڪرت جي هڪ ٿي لهجي يعني اڏيچيہ لهجي جو هڪ محاورو وارچڊ اپڀرنش آهي." (12)

اڳتي هلي ڪجهہ عرصي بعد ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ساڳي عنوان تي انگريزي ٻوليءَ ۾ هڪ مضمون لکيو ۽ ان ۾ ترميم آڻي هيٺيان نتيجا ڪڍيا:

(1) سنڌي ٻولي سنسڪرت مان هرگز ڦٽي نڪتل نہ آهي.

(2) سنڌي هڪ خودمختيار سنڌو پراڪرت آهي، جيڪا سنڌو ماٿر جي هيٺين حصي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(3) سنڌي سنسڪرت وارچڊ (لهندا جي ماءُ) ۽ پئشاچي (دارِدي ٻولين جي ماءُ) سڀئي هڪ بڻ بڻياد مان ڦٽي نڪتل آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي راءِ ڪي ڪماري پوپٽي هيرانندائيءَ وڌيڪ وزندار بنايو آهي. هن لکيو آهي تہ:

"سنڌي سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي پر سنڌي ۽ سنسڪرت جو بنياد ساڳيو آهي ٻنهي جو سرچشمو سنڌو ماٿر جي اصل آريائي ٻولي آهي. سنسڪرت اوائلي مول ڀاشا جو هڪ روپ آهي ۽ سنڌي ان جو ٻيو روپ آهي هڪ ماءُ جون ٻہ ڌيئرون هئڻ ڪري ٻنهي ٻولين ۾ سمانتا آهي." (13)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بڻياد بابت لسانيات جي ماهرن جي خيالن کي مدنظر رکندي لکيو آهي تہ:

"سنڌي ٻولي غير آريائي خاندان واري ٻولي آهي. جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ کُتل آهن. جيڪا آرين جي اچڻ کان اڳ نہ رڳو ڳالهائي ويندي هئي. بلڪ لکي بہ ويندي هئي. جا دراوڙي ٻولين جي خاندان سان هڪ جهڙائي رکي ٿي.



www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ آرين جي اچڻ کان پوءِ پراڪرت ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا. پر ان جي ستاءَ يعني (Structure) تي آريائي ٻولين جو معمولي اثر پيو پر گهڻو ڪري ستاءُ ساڳيو ئي ديسي رهيو. سنڌي ٻولي آريائي ٻولين کان جيڪڏهن ڪجهه ورتو ته انهن کي گهڻو ڪجهه ڏنو ۽ ان جي خبر سنڌي ٻوليءَ ۾ آريائي ٻولين سنسڪرت ۽ فارسيءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان پوندي.

ڊاڪٽر الانا مطابق سنڌي ٻولي آرين جي اچڻ کان اڳ موهن جي دڙي واري قديم تهذيب جي ٻولي هئي. جنهن تي پهريان دارڊي ۽ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو ۽ ان کان پوءِ سنسڪرت جو پوءِ پاليءَ جو. انهيءَ لحاظ سان سنڌي ٻوليءَ جو شجرو هن ريت رهندو:[14]

توراني ٻولي
↓
موهن جي دڙي جي تهذيب جي زبان
↓ ↓ ↓
دراوڙي — بروهڪي — سئنڌو

سئنڌو
↓
قديم سنڌي
↓
وچين دور واري سنڌي
↓
موجوده سنڌي

## سنڌي ٻوليءَ تي اسلامي اثر

سنڌ جي فتح ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي سرزمين سنڌ ۾ تاجرن ذريعي دين اسلام پهچي چڪو هو. سنڌ واسي مذهب اسلام ۽ ان جي تعليمات کان انفرادي طورتي متعارف هئا، ليڪن سنڌ فتح ٿيڻ بعد هتي اسلامي قدر ۽ تعليم عام ٿيڻ لڳي ان ڪري عربي ٻوليءَ جي تعليم يعني قرآن ڪريم پڙهڻ سان گڏ ٻين مذهبي عقيدن ۽ عبادتن لاءِ باقاعدي معلم ۽ مرڪز قائم



www.sindhsalamat.com

ڪيا ويا. جتي ماڻهن کي دين اسلام بابت تعليم ۽ تربيت ڏني ويندي هئي. اڳتي هلي اسلامي تعليم جا مرڪز وڏڙ لڳا. سنڌ واسي اسلامي رواداري انسان دوستي ۽ اسلامي مبلغن جي محبت ۽ همدرديءَ جي جذبن کي ڏسندي تيزيءَ سان دين اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا. هنن اسلامي عقيدن ۽ قرآن ڪريم جي عربي زبان ۾ دلچسپي ورتي ۽ ساڳي وقت عرب ملڪن مان آيل عالمن ۽ مبلغن پڻ سنڌي زبان ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي، جنهن ڪري سنڌ ۾ اسلام اچا وڏيڪ تيزيءَ سان ڦهلجڻ شروع ٿي ويو.

عربن جي دور حڪومت ۾ هڪ جامع سنڌي ٻولي وجود ۾ آئي، جيڪا سجيءَ سنڌ ۾ اڍائي سو سالن تائين هڪ پختي نظام حڪومت هيٺ قائم رهي. ملڪ ۾ تجارتي قافلن جي اچ وڃ، وڻج واپار، عدالت، زراعت، مذهبي ماحول ۽ نون شهرن جي آبادي سببان عربي ۽ سنڌي زبان کي هڪ ٻئي جي تمام ويجهو ٿيڻ جو موقعو مليو. محمد بن قاسم بعد چند عرب قبيلا جيڪي سنڌ ۾ رهي پيا هئا، انهن عربستان واپس ورڻ جو ارادو ڪيو ته خليفي سلمان جو فرمان آين ته:

"اتي رهو! ڪيتي ڪيو! هر ڪاهيو ۽ سکيا هجو."

خليفي جي ان فرمان بعد عرب قبيلا سنڌ کي پنهنجو وطن بنائي هتي رهي پيا. سنڌين ۽ عربن جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون ٿيون. مذهبي عقيدن ڪري رشتا وڏيڪ گهاتا ٿيڻ لڳا. سنڌي ٻوليءَ ۾ نج عربي لفظ داخل ٿيا. جن سنڌي لغت ۾ واڌارو ۽ حُسن پيدا ڪيو. اسلام جي اشاعت سبب سنڌي ٻوليءَ تي جيڪو اثر پيو ان هيٺ نج عربي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيڻ شروع ٿي ويا:

مثلاً: سلام، ايمان، دين، توحيد، رسول، فرض، سنت، نفل، حج، زڪوات، صدقو، خيرات، حق، باطل، جبل، شئي، مثال، شرڪ، شيطان، ظلم، قوم، موت، حيات، ڪل، خير، شر، فتنو، فساد، حسد، قتل، طعام، يتيم، مسڪين، صالح، غيب، شهيد، جهاد، قلم، حلال، حرام، نڪاح، طلاق ۽ عدت وغيره. انهن لفظن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي لفظ سنڌي ٻولي ۾ رائج ٿي ويا.

عربي ٻوليءَ جا ڪجهه لفظ اهڙا به آهن جيڪي هوبهو ته نه سهي پر ٿوري گهٽي تبديليءَ سان سنڌي ٻوليءَ جو حصو بنجي ويا. انهن مان



www.sindhsalamat.com

عربيءَ جي حارث مان هاري، ناعوره مان نار، مجير= سنيال ڪنڊڙ مان مجيري ۽ زمين جي ماپ لاءِ عربي ٻوليءَ جو جريب هوبهو سنڌيءَ ۾ رائج ٿي ويو. سکر شهر جو نالو عربي زبان جي لفظ سَڪر= بند مان نڪتو. واهن تي ڪچين پُلين کي فَرضتہ سڏيو ويو جيڪو سنڌي ۾ ڦرڏو مشهور ٿي ويو.

ڪاسو اناج جي ماڻ جو نالو جيڪو عربي زبان جي لفظ ڪاسه مان نڪتل آهي. لوهارڪي ڌنڌي ۾ ڪتب ايندڙ اوزار مترڪو عربي زبان جي لفظ (مطرقه) ۽ سنداڻ عربي سَندان مان ۽ ملاح، ميربحر عربي لفظ اَميرالبحر جون صورتون آهن.

ڪاسائڪي ڌنڌي ۾ ڪاسائي عربيءَ جي (قصاب) مان ۽ ڪاتي عربي جي لفظ (قاطع) مان نڪتل آهي. ساڳي وقت ذبح، تڪبير، قبلي ۽ حلال جهڙا عربي لفظ بہ مروج آهن.

عرب دور حڪومت ۾ اسلامي اثر سبب سنڌي ٻوليءَ ۾ وسعت آئي مقامي لکيتن بجاءِ سڄي پرڳڻي ۾ سنڌي عربي رسم الخط رائج ٿي.

عربي ڪتابن جا سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي ڪتابن جا عربي ترجما ۽ تحقيق جو ڪم هن دور ۾ وڏي زور ۽ شور سان شروع ٿيو.

## سنڌي ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ صورتخطي تي عربي زبان جو اثر

سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ۽ شاهوڪار ٻوليءَ جي درجي تي فائز رهي آهي ۽ دنيا جي ٻين زبانن وانگر هيءَ زبان بہ تحقيق ۽ تجسس جو موضوع رهندي آئي آهي.

هر دور ۾ عالمن ۽ ماهرن سنڌي ٻوليءَ جي مختلف موضوعن تي کوجنا پئي ڪئي آهي جنهن سان نت نوان راز کلندا رهيا آهن. جن مان سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ قدامت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

سنڌي الف۔ ب جي سٽاءَ تي غور ڪرڻ سان پتو پوي ٿو تہ سنڌي الف۔ ب جي پٽيءَ ۾ عربي الف۔ ب جا ٻارهن حرف هوبهو داخل ٿيا جيڪي هي آهن:

”ث، ح خ، ص، ض، ط ظ، ع غ، ف ۽ ق“



www.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جي اثر سبب حروف علت ( ا و ۽ ي) جو زياده استعمال شروع ٿيو.

عربي ۽ سنڌيءَ جي پاڻ ۾ مسلسل ميل جول ۽ لاڳاپن سبب علمي تصنيفن لفظن ۽ اُچارن جي صحت ۽ صورتخطيءَ تي توجهه ڏنو ويو. جڏهن ته عربي زبان جي اعرابن، زير، زبر، پيش، مد، شد، ۽ جزم وارين نشانين سان لفظن کي صحيح نموني اُچارڻ ۽ قائم ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ملي.

جڏهن ته عربن جي اچڻ کان اڳ به سنڌ ۾ سنڌي زبان جا ڪيترائي رسم الخط موجود هئا، جن ذريعي هتان جا باشندا پنهنجو وڻج واپار ۽ زندگيءَ جو ڪاروبار هلائيندا رهندا هئا. ليڪن انهن مان اڪثر ديوناگري رسم الخط جي نموني تي ٺهيل هئا. جن مان ڪن جا نالاهي آهن:

لوهاڻڪو رسم الخط، ڀاٽيا رسم الخط، لاڙي رسم الخط، ميمڻو رسم الخط، ڏاڪڻي لهندا رسم الخط، خداوادي رسم الخط، ساڪرو رسم الخط گرمکي رسم الخط ۽ لنڊا يا واڻڪو رسم الخط

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي ڪارج، علم ادب ۽ زبان جي باري ۾ اسان کي سڀ کان وڏيڪ معلومات عرب مؤرخن ۽ سياحن جي سفرنامن مان ملي ٿي، جن مان جا حظ اصطخري، مسعودي، ابن حوقل، بشاري مقدسي، ابن نديم ۽ البيرونيءَ جا نالا ذڪر لائق آهن. انهن قلمڪارن پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۽ سفرنامن ۾ ان دور ۾ سنڌ ۽ سنڌ ۾ آباد ماڻهن جي پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي. انهن عرب محققن مان البيروني (1030ـ 1017ع) ته ان دور ۾ سنڌ ۾ رائج چند رسم الخطن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. سندس هن بيان مان سنڌ، سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ جي عظمت قدامت ۽ شاهوڪاريءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هو لکي ٿو ته:

> "ڏکڻ سنڌ ۾ ڪاري واري خطي تائين ملوشا نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي ان کي مالواڙي (ملقاري) به چئبو آهي. ٻهمنوا (المنصوره) ۾ سئندو رسم الخط ڪم ايندو آهي. لاڙي خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو آهي. جڏهن ته اردناگري رسم الخط ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن ٻين حصن ۾ لکيو ويندو آهي." (15)

موجوده سنڌي رسم الخط بابت هندو عالمن جي راءِ هئي ته سنڌي



www.sindhsalamat.com

صورتخطيءَ کي ديوناگري طرز تي ناهيو وڃي پر مسلمانن جو خيال هو تہ سنڌي صورتخطيءَ لاءِ عربي رسم الخط اختيار ڪيو وڃي، ڇو تہ عربي ۽ فارسي رسم الخط سنڌ ۾ اڳيئي رائج هيون. عربن ۽ سنڌين جا مذهبي رشتا اسلامي عقائد ۽ تعليم جو سمورو مواد عربي زبان ۾ هيو. ان ڪري مسلمانن جي ان خيال ۽ فڪر کي انگريز عملدارن بہ ترجيح ڏني ۽ سنڌ تي اسلامي اثر کي نظر ۾ رکندي سنڌي کي عربي رسم الخط ۾ رائج ڪرڻ جو فيصلو صادر ڪرايو. ساڳي وقت سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي نشان قائم رکيا ۽ انهن مان هرهڪ کي قيمت پڻ ڏني وئي. جهڙوڪ: ا، ب، ج، د (ابجد) هہ، و ز (هوز) ح، ط ي، (حطي) ڪ، ل، م، ن (ڪلمن) س، ع، ف، ص (سعفص) ۽ ق، ر ش، ت، (قرشت) ث، خ، ذ، (ثخذ) ض، ظ، غ (ضظغ) جڏهن تہ عربن همزه جو نشان (ء) ۽ ل سان الف ملائي لا پڻ ناهيو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌي ٻوليءَ عربي رسم الخط ۾ لکڻ جو باقاعدگيءَ سان آغاز ٿيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڪاميابيءَ سان رائج آهي.

موجوده عربي سنڌي رسم الخط جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ:

"عربي- سنڌي صورتخطيءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو محقق بيرونيءَ جي لکتن ۾ ملي ٿو هن ملقاري لفظ ۾ (ق) حرف ڪم آندو آهي. مگر کي مکر ۽ اگل (اگر) ۾ گ جي اُچار لاءِ (ڪ) حرف ڪم آندو آهي. يعني محقق بيروني خودمقامي اچارن کي ادا ڪرڻ بجاءِ عربي حرفن تي نقطا ۽ ٽبڪا ڏيئي اکر ڪڍيا آهن. ان مان ظاهر آهي تہ سنڌي عربي صورتخطي جيڪا اسان تائين پهتي آهي ان جا لکيت ۾ تاريخي آثار سن 1025ع کان سن 1030ع واري عرصي ۾ ملن ٿا." (16)

جڏهن تہ ٻوليءَ علم ۽ ادب جي محسن ۽ سنڌ جي مايہ ناز ماهر ڊاڪٽر دائود پوٽي جي راءِ موجب عربي سنڌيءَ جو قديم نمونو شاهہ عبدالڪريم بلڙائي (1537ع کان 1663ع) جي ڪلام ۾ پڻ ملي ٿو.

ساڳي وقت اسان کي سنڌي ٻوليءَ تي اسلامي يعني عربي زبان جو اثر سنڌي علم و ادب، سنڌي نثر ۽ نظم، علم بديع بيان ۽ معاني تي پڻ نظر اچي



www.sindhsalamat.com

تو. سنڌي گرامر ۾ تہ اسمہ فعل، ضمير، حال ۽ مستقبل جون صنفون هوبهو عربي آهن. هفتي جي ڏينهن ۾ آربع = چوٿون، خميس (خمسہ) يعني پنجون ۽ ڄُمعہ جمعو بہ عربي لفظ آهن. جڏهن تہ اسلامي مهينن جا نالا بہ سنڌي ۾ هوبهو عربي زبان وارا رائج آهن. مٿين تاريخي ثبوتن مان ثابت ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ تي عربي زبان جو گهرو اثر رهيو آهي.

## حوالا


(1) سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد. ڊاڪٽر غلام علي الانا ـ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي 1974ع
(2) سنڌي ٻوليءَ جو گرامر. ڊاڪٽر ٽرمپ. بحوالہ ايم فل ٿيسز صفحو 14 شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور 1996ع
(3) سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو مختيار احمد ملاح صفحو 90. ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي 2006ع
(4) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ڀيرومل آڏواڻي، صفحو 69 سنڌي ادبي بورڊ 1956ع
(5) سنڌي ويا ڪرڻ، مرزا قليچ بيگ صفحو 14 ڀاڱو 3 سنڌي ادبي بورڊ 1960ع
(6) مقدمہ لطيفي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، صفحو 114 آفتاب ادبي پريس حيدرآباد 1950ع
(7) سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1926ع
(8) سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو مختيار احمد ملاح صفحو 903 ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي 2006ع
(9) سنڌي ٻولي، سراج الحق ميمڻ، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد 1924ع
(10) ڪلچر آف پري هسٽورڪ انڊس، سوامي سنڪرنند، ڪلڪتہ 1924ع
(11) سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو مختيار احمد ملاح صفحو 905 ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي 2006ع
(12) مهراڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو سنڌي ٻولي، صفحو 18 سنڌي ادبي بورڊ 1967ع
(13) پاشا شاستر، پوپٽي هيراننداڻي بحوالہ ايم فل ٿيسز ـ سنڌي زبان تي عربي جو اثر صفحو 21 شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور 1996ع
(14) سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو مختيار احمد ملاح صفحو 906 ڪانياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي 2006ع
(15) مهراڻ مقالو البيرونيز انڊيا (sachu.e.c) ڊاڪٽر غلام علي الانا. سنڌي ادبي بورڊ 1990ع
(16) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1962ع




www.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ ذات باري تعاليٰ

## الله جو ڪلام

جيئن تہ قرآن ڪريم کي شاهہ لطيف رحمة الله عليه، جي ڪلام ۽ فڪر لاءِ بنيادي ماخذ جي حيثيت حاصل آهي، ان ڪري سندس ڪلام ۾ قرآن ڪريم واري آفاقي فڪر جو رنگ چڙهيل آهي. جنهن جو اعلان شاهہ سائينءَ خود وڏي واڪي فرمايو تہ:

جـي تـو بيـت ڀانئيـا، سـي آيتـون آهـين،
نِئـو مَـن لائـين، پِريـان سَـندي پَـار ڏي [1]

شاهہ لطيف رحمة الله عليه، جي سوانح حيات مان بہ اهو پتو پوي ٿو تہ قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روم رحمة الله عليه ۽ شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو رسالو ساڻن سير ۽ سفر ۾ هر وقت گڏ هوندا هئا. جن جو سندن ڪلام تي گهرو اثر نمايان طورتي نظر اچي ٿو.

ڀٽائي رحمة الله عليه، پاران سندس ڪلام جي باري ۾ "جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين" وارو اعلان قرآن ڪريم جي هدايت ۽ رهنمائي واري سڌي رستي (صراط مستقيم) ڏانهن آهي، جيڪو انسان کي پريان سندي پار ڏي رهبري فرمائي ٿو. ليڪن ان اعلان کان سواءِ شاهہ جي ڪلام ۾ ڪلامِ الاهيءَ جون هوبهو ڀلاريون آيتون، آيتن جو ترجمو قرآني سورتن، قصن ۽ هدايتن جا حوالا اڪثر طور تي نظر اچن ٿا. جن مان شاهہ سائينءَ جي



www.sindhsalamat.com

ڪلامِ الاهي سان عشق ۽ محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

جهڙيءَ طرح حضرت مولانا جلال الدين روميﷺ جي مثنويءَ متعلق حضرت مولانا جامي رحمت الله هڪ ڏڍو نظم لکيو آهي، جنهن ۾ مثنويءَ ۾ سمايل فڪر جي باري ۾ فرمايو آهي تہ:

مَثْنَـــوىءَ مُولــــوى مَعْنَــــوى،
هَسْت قُرآن دَر زَبــان پَهلــوى۔ (2)

يعني حضرت مولانا روميؒ، جي معنائن سان ڀريل مثنوي جڻ پارسي ٻوليءَ ۾ قرآن شريف آهي.

ڀلاري ڀٽائيﷺ، جي مبارڪ ڪلام لاءِ بہ اسان کي مولانا جاميءَ وانگر سنڌ جي جامي حضرت مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي ؒ، جي هيءَ دعويٰ ملي ٿي:

آهــي عبـــداللطيف تـــي رضــامندو رَحمــان،
جوڙي جنهن قــرآن، سـنڌيءَ ۾ صـحيح ڪيــو. (3)

شاهہ سائينﷺ، جي پنهنجي، ”جي تو بيت ڀانئيا سي آيتون آهين“ واري اعلان ۽ مخدوم گرهوڙي جي، آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان، جوڙي جنهن قرآن سنڌي ۾ صحيح ڪيو واري تصديق هن تحقيقي مقالي جو مُک عنوان آهي، جنهن کي ثابت ڪرڻ لاءِ مختلف بابن ۾ ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ هيءُ پورو مقالو ئي شاهہ جي شاعري تي قرآني ۽ اسلامي اثر جي جهلڪ جي حيثيت رکي ٿو. هتي شاهہ سائينءَ جي ڪلام ۾ ڪلامِ الاهي جي عنوان تي سندس ڪلام ۾ آيل چند حوالا پيش ڪجن ٿا.

ڀٽائيﷺ، جي رب ڪريم جي پاڪ ڪلام سان محبت رڳو عمل ۽ پنهنجي ڪلام ۾ حوالن جي حدتائين نہ بلڪ ڪيس ڪلام الله سان دلي لڳاءُ ۽ عقيدت بہ هئي جنهن جو اظهار هن ريت فرمايو اٿس:

مٺايـــان مٺـــو گهڻـــو ڳـــڙو ناهــــ ڪـــلام،
سُـڪوت ٿـي سـلام، پِرِيـان سـنڌي پـار جـو. (4)

يعني محبوب جو ڪلام مٺائيءَ کان بہ وڌيڪ مٺاج وارو آهي ۽



www.sindhsalamat.com

سندس پار ڪان جيڪي ڪجهہ اچي ٿو سو سراپا سلامتي آهي.

جڏهن تہ رب ڪريم پاران قرآن ڪريم کي ايمان وارن لاءِ هدايت، رحمت ۽ باجهہ قرار ڏيندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

وَهُدًى وَّرَحۡمَةٌ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ ۝ قُلۡ بِفَضۡلِ اللّٰهِ وَبِرَحۡمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلۡيَفۡرَحُوۡا ؕ هُوَ خَيۡرٌ مِّمَّا يَجۡمَعُوۡنَ ۝ (5)

ترجمو: ۽ مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آئي آهي چؤ تہ الله جي فضل سان ۽ باجهہ سان (نازل ٿيو آهي) پوءِ ان سان خوش ٿيڻ گهرجي جو گڏ ڪندا آهن، تنهن کان اهو ڀلو آهي.

ڀٽائي ﷫، ڪلام الله جي باري ۾ اعلانِ خداوندي هدايت، رحمت، فضل ۽ باجهہ سبب ڪيس "مڃايان منو گهڻو" ۽ قرآني حڪم "فَبِذَالِكَ يَفۡرَحُوۡا" پوءِ ان سان خوش ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي ڪجهہ گڏ ڪندا آهن ان کان اهو ڀلو آهي ڪيس شاهہ "سڪوت ئي سلام پريان سندي پار جو" قرار ڏنو آهي.

شاهہ صاحب ﷫، رب ڪريم جي پار کان عنايت ڪيل ان هدايت ۽ رحمت لاءِ وڌيڪ وضاحت ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ پرينءَ جي پار کان جيڪي ڪجهہ نازل ٿيو آهي، سو مڙئي مڃائي آهي، ليڪن شرط اهو آهي تہ تون محبت سان چکي ڏس تہ پوءِ توکي خبر پوندي تہ ان ڪلام ۾ ڪيترو نہ مٺاڻ آهي:

پِريـــان سَــندي پَـــار جـــي مِڙئـــي مِٺـــائي،
ڪـانهي ڪـڙائـي، چَکِـيـن جـي چيـت ڪـري

لطيفي فڪر موجب رب ڪريم جي پار کان جيڪو بہ امر اچي ٿو ان ۾ حڪمت ۽ راز سمايل آهي، جيڪو انسان جي سمجهہ کان بالاتر آهي. يعني اصل ڳالهہ آهي انسان جي پنهنجيءَ سوچ جي، اهڙي قسم جي وضاحت اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ انسان جي پسند ناپسند بجاءِ الله تعاليٰ جي امر جي اهميت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

وَعَسٰٓى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡــًٔا وَّهُوَ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ ۚ وَعَسٰٓى اَنۡ تُحِبُّوۡا شَيۡــًٔا وَّهُوَ شَرٌّ لَّـكُمۡ ؕ وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ وَاَنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ (6)

ترجمو: ۽ شايد (اوهين) ڪنهن شيءِ کي ناخوش ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري)



www.sindhsalamat.com

اها اوهان لاءِ ڀلي هجي ۽ شايد ڪنهن شيءِ کي پيارو رکو ۽ اها اوهان لاءِ بڇڙي هجي ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو.

اهڙيءَ طرح قرآن ڪريم ۾ ڪجهه اهڙا حڪم موجود آهن، جن کي ظاهري طورتي انسان ناپسند ڪندو آهي يا اهي ڪيس ڏکيا لڳندا آهن، ليڪن انهن کي شاهه سائينءَ جي صلاح موجب اگر مڙئي منائي سمجهبو ته ڪڙائي يعني ڪا تڪليف محسوس ڪانه ٿيندي.

شاهه لطيف ﷫، ڪلامِ الاهيءَ جي عظمت ۽ ان جي حق جي وضاحت ڪندي ارشاد فرمايو آهي ته قرآن ڪريم کي پڙهڻ سان گڏ ان کي ساهه سان سانڍڻ ۽ ان تي عمل به ڪرڻ گهرجي ۽ ائين نه ڪرڻ سان انسان وڏيڪ گنهگار ٿيندو:

پڙهيو تا پڙهن، ڳڙهن ڪين قُلوب ۾،
پاڻان ڏوهه چڙهن، جِئَن وَرق وَارين وِترا.(7)

رب ڪريم پاران به قرآن ڪريم ۾ اها وضاحت فرمايل آهي ته قرآن تي غور ۽ فڪر ڪرڻو آهي ۽ ان کي پنهنجي دل (قلب) ۾ اختيار ڪرڻو آهي:

اَفَلَا يَتَدَبَّرُوْنَ الْقُرْاٰنَ اَمْ عَلٰى قُلُوْبٍ اَقْفَالُهَا ﴿۲۴﴾(8)

ترجمو: ڇا قرآن ۾ ڌيان نه ڪندا آهن يا سندين دلين تي انهن جا قفل (تالا) لڳل آهن.

ڀٽائيءَ جو "پڙهيو تا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب" ۾ وارو بيت هن آيت سڳوريءَ جو منظوم ترجمو محسوس ٿئي ٿو. جڏهن ته قرآن ڪريم ۾ غور ۽ فڪر نه ڪندڙن جي دلين تي قفل (تالن) جو ذڪر فرمايل آهي جنهن کي شاهه سائين ڪڙهين ڪين قلوب ۾ جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي.

رب ڪريم پاران قرآن ڪريم جي حق ادا ڪندڙن ۽ ان کي نه مڃيندڙن جي باري ۾ نقصان جي خبر هن ريت ڏنل آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ اُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهٖ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۱۲۱﴾

ترجمو: جن کي ڪتاب ڏنو سون سي ان کي اهڙيءَ طرح پڙهندا جهڙو



www.sindhsalamat.com

سندس پڙهڻ جو حق آهي، اهي ان کي مڃيندا آهن ۽ جيڪي ان کي نہ مڃيندا سي ئي ڇيٽي وارا آهن.

هن آيت مبارڪ ۾ قرآن ڪريم کي نہ مڃيندڙن لاءِ جيڪو ڇيهي (نقصان) جو اعلان فرمايو آهي ان کي شاهہ سائين ﷫ "پاٽان ڏوهہ چڙهن جئن ورق وارين وترا" جي صورت ۾ بيان فرمائي قرآني فڪر جي ترجمانيءَ جو حق ادا ڪيو آهي.

شاهہ سائين ﷫، جي رسالي جا تمام سِر ظاهري يا روحاني طور تي معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ سان ڪلامِ الاهي، اسلامي اقدار ۽ انساني اخلاق ۽ ڪردار سان سينگاريل آهن.

ان کان علاوه شاهہ سائين ﷫، قرآن ڪريم سان پنهنجي والهانہ محبت جو اظهار ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ هوبهو قرآني آيتون، آيتن جو ترجمو حوالا، اشارا ۽ قرآن ڪريم جي چند سُورتن جا نالا بہ بيان ڪيا آهن، جن مان سندس قرآن دوستيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو جن جو تفصيل هن ريت آهي:

زُمَر، زُخرُف، سومرا حَمدُ جني جو هنڌ،
اِهدِنَا الصِّرَاطَ المُستَقِيم، ايءُ پهنوارن پنڌ،
باري لاهي بند، تہ ملان ماروئڙن کي.[9]

هن بيت ۾ جيڪي قرآني حوالا آيا آهن انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

زُمر= قرآن شريف جي سورت نمبر 39 جو نالو آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ ٽولو جماعت يا ميڙ آهي.

زُخرف= قرآن شريف جي سورت نمبر 43 جو نالو آهي، جنهن جي معنيٰ سونو سينگار يا سونا ڳهہ آهي.

حمد= قرآن شريف جي سورت نمبر 1 سورت الحمد (فاتحہ) لفظي معنيٰ ساراهہ، سڀ تعريف، الحمد شريف قرآن شريف جي پهرين سورت آهي.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿٥﴾[10]

ترجمو: اسان کي سڌي واٽ ڏيکار (سورت فاتحہ)



www.sindhsalamat.com

زُمر، زُخرف، سومرا سَبح منهنجا سيڻ،
وَر ڏٺ ڏاڏاڻي ڏيه جو ڪوءِ تنهنجا ڪيڻ،
وَر ويڙيچاڻا ويڻ، ڪوءِ سون تنهنجو سومرا.[11]

سَبح= مان مراد قرآن ڪريم جي سورت اعليٰ نمبر 87 آهي، جنهن جي پهرين آيت سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْأَعْلَى آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تہ (اي پيغمبر) انهيءَ پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر.

زُمر، زُخرف، سومرا، حدن ۾ حَجرَات،
سورن ڪارڻ سرتيون، رَعَد مڪائون رات،
هميشہ حِجر ۾، لٽن لطيفي لات،
مون تن تني جي تات، اوربن جي احقاف ۾.[12]

حُجرات= قرآن شريف جي سورت نمبر 49 جو نالو لفظي معنيٰ: حُجرا يا ڪمرا.
رَعَدُ= قرآن شريف جي سورت نمبر 13 جو نالو لفظي معنيٰ: ڪڪرن جي گجگوڙ (گوڙ)
حِجر= قرآن شريف جي سورت نمبر 15 جو نالو لفظي معنيٰ: پٿرائون پيچرو جڏهن تہ حجر علائقي جو نالو بہ آهي.
اَحقاف= قرآن شريف جي سورت نمبر 46 جو نالو لفظي معنيٰ: ڏگها ورن وڪڙن وارا پنڌ، پيچرا.

زُمر، زُخرف، سومرا، مارو مؤمن پاس،
اعرابي اَحقَاف ۾، رهي وينم راس.[13]

مُؤمن= قرآن شريف جي سورت نمبر 40 جو نالو لفظي معنيٰ: ايمان وارا.

فَاتِحہ، بَقر، سومرا وطن وپڙيچن،
نَحلَ، حِجر، بني اِسرائيل، اي پنڌ پَهنوارن،
سجده، اَحزاب، سَبا، منجهين رُوم رهن،
نيئي اڏيا آمن ۾، پَڪا پهنوارن،
مون ڪي منجهان تَن، پِٺا لوه لطيف چئي.[14]



www.sindhsalamat.com

فَاتِحہ= قرآن شريف جي پهرين سورت الحمد جو نالو لفظي معنيٰ: کوليندڙ شروعات ڪندڙ.
بَقَره= قرآن شريف جي سورت نمبر 2 جو نالو لفظي معنيٰ: ڳئون.
بَنِي اسرائيل= قرآن شريف جي سورت نمبر 17 جو نالو لفظي معنيٰ: سامي قبيلي يا قوم جو نالو.
سَجده= قرآن شريف جي سورت نمبر 32 جو نالو لفظي معنيٰ: سجدو.
اَحزاب= قرآن شريف جي سورت 33 جو نالو لفظي معنيٰ: ٽولا.
سَبا= قرآن شريف جي سورت 34 جو نالو لفظي معنيٰ: يمن جي سبا شهر جا ماڻهو.
رُوم= قرآن شريف جي سورت نمبر 30 جو نالو لفظي معنيٰ: رومي سلطنت (رومن ايمپائر)

اَپَر آل عمران، سين، قرب ٿئو ڪيٽان،
هوءِ جي سخن سندان، سي ٿي ويني ساريان. (15)

آل عِمران= قرآن شريف جي سورت نمبر 3 جو نالو لفظي معنيٰ: عمران جو ڪٽنب يا عمران جو خاندان.

تُوبه جني تن ۾، اندر ان اَنفَال،
يُونس رکي جان ۾، پٽا حقيقت حال،
جي وڌا هُود وصال، سي سا نبي سَاريم سُومرا. (16)

تُوبه= قرآن شريف جي سورت نمبر 9 جو نالو لفظي معنيٰ: توبهہ، پڇتاءُ گناهن کان هميشهہ لاءِ بس ڪرڻ.
اَنفَال= قرآن شريف جي سورت نمبر 8 جو نالو لفظي معنيٰ: جنگ ۾ هٿ آيل مالِ غنيمت.
يُونس= قرآن شريف جي سورت نمبر 10، پيغمبر حضرت يونس عليہ السلام جو نالو.
هُود= قرآن شريف جي سورت نمبر 11 جو نالو پيغمبر حضرت هُود عليہ السلام جو نالو.



www.sindhsalamat.com

ٿُوبـــ، جــن جـــي تـــن ۾ نَمـــل نهايـــت،
اِعـــراف، ابـــاڻن کـــي، فاتحـــ ۾ فرحـــت،
لُقمان جاءِ لطيـف چئـي، سجده سـان صحت،
نِسـاءَ نـور نيـست، مـون کـي مـارن ميـڙين. (17)

نِمل= قرآن شريف جي سورت نمبر 27 جو نالو لفظي معنيٰ: ماڪوڙي.
اَعراف= قرآن شريف جي سورت نمبر 7 جو نالو لفظي معنيٰ: اسم خاص ماڳ جو نالو (بلند مقام)
لُقمان= قرآن شريف جي سورت نمبر 31 جو نالو اسم خاص: اڳئين جڳ جي هڪ ڏاهي جو نالو.
نِسَاءَ= قرآن شريف جي سورت نمبر 4 جو نالو لفظي معنيٰ: عورت.
نُور= قرآن شريف جي سورت نمبر 24 جو نالو لفظي معنيٰ: روشني.

ٿُوبـــہ جنـــي تـــن ۾، ســي نِمـــل نهـــارين،
قُـــل يـــا قَدسَـــمِع، جَاثِيـــہ، دل دخـــان، ڏريـــن،
تَبَـــارَ تَبّـــت، اِذَا جَـــاءَ، اِذَازُل، ســـين آوريـــن،
جيڪين پهنوار پهرين، سو ميسر سڀ ملير ۾. (18)

قُل يَا= قرآن شريف جي سورت نمبر 109، ڪَافِرون جي پهرين آيت جو پهريون لفظ قُلْ يَاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ= چئو تہ اي ڪافرو!
قَدسَمِع= قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ= تحقيق الله ٻڌو قرآن شريف جي سورت مُجادله نمبر 58 جا شروع وارا لفظ.
جَاثِيہ= قرآن شريف جي سورت نمبر 45 جو نالو لفظي معنيٰ: گوڏن ڀر.
دُخان= قرآن شريف جي سورت نمبر 44 جو نالو لفظي معنيٰ: دُونهون، دُندُ.
تَبَار= قرآن شريف جي سورت (الملڪ) نمبر 67 جو پهريون لفظ تَبَارَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ. وڏي برڪت وارو آهي اهو الله جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي آهي.
تَبت= تَبَّتْ يَدَا اَبِىْ لَهَبٍ= ڀڄن ٻئي هٿ ابولهب جا. قرآن شريف جي سورت لهب نمبر 111، جو پهريون لفظ.
اِذَا جاءَ= قرآن شريف جي جي سورت نمبر 110، نَصرُ جا پهريان ٻہ لفظ اِذَا جَاءَ نَصرُ الله جڏهن الله جي مدد تي، اِذَا جاءَ معنيٰ مدد.



www.sindhsalamat.com

اِذَا زُلِ= قرآن شريف جي سورت نمبر 99 جو پهريون لفظ ۽ ٻئي جو ڀاڱو اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضِ= جڏهن ڌٻائي ويندي زمين.

شُــوريٰ شــهر ســومرا، اُنــي جــو آهــي،
لـڏي وٺـا لطيـف چئـي، قَصَـص ڏونـہ ڪـاهي،
واحـد ورائـي، ڪهـي ”قـاف“ وٺـام جـي. (19)

شُوريٰ= قرآن شريف جي سورت نمبر 42 جو نالو معنيٰ صلاح يا مشورو.
قَصَص= قرآن شريف جي سورت نمبر 28 جو نالو لفظي معنيٰ: قصو يا ڳالهہ.
قَاف= (ق) قرآن شريف جي سورت نمبر 50 جو نالو

## توحيد ۽ اسماءُ الحسنيٰ

شاهہ لطيف ﷫ عقيدي ۽ عمل جي لحاظ کان هڪ پڪو مؤحد ۽ سچو صوفي هو. سندس ڪلام ۾ سمايل فڪر جو مرڪز ۽ محور پوري ڪائنات جي خالق ۽ جملي جهانن جي مالڪ هڪ الله پروردگار ۾ ايمان ۽ يقين جي پختگي آهي. سڄي جڳ جهان جي هڪ خالق جي احديت، ازليت، قدرت ۽ ربوبيت جي عقيدي ۽ يقين کان سواءِ هن جهان جي جنسار جي جدا جدا رنگن روپن ۽ انساني گروهن جي مختلف ويساهن ويچارن سببان ڪل ڪائنات توڙي انسان ذات جي وحدت واريءَ حقيقت کي سمجهڻ مشڪل آهي ۽ پڻ هن زميني زندگيءَ ۾ انساني گروهن توڙي فردن ڪي ڪاميابي ۽ ڪامراني واري سنئين واٽ توحيد جي عقيدي کان سواءِ هٿ اچڻ محال آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائينءَ توحيد جي عقيدي کي اسلامي فڪر جي روح طور اجاگر ڪيو آهي. توحيد جي عقيدي جون هي تندون سڄي رسالي جي متن ۾ تاڃي پيٽي وانگر اڻيل آهن، پر سرڪلياڻ ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو ذڪر وڌيڪ وضاحت سان ڪيل آهي. هن سُر جي پهرين داستان جي پهرين بيت ۾ شاهہ سائينءَ الله تبارڪ



www.sindhsalamat.com

وتعاليٰ جي تعريف ڪندي سندس وحدانيت جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

اَوَلِ اللهُ عليم، اعليٰ عالَم جو ڌَڻِي،
قادرُ پنهنجيءَ قُدرت سين قائمُ آهه قَدِيم،
وَالِي وَاحِدُ وَحده، رَازِقُ رَبُّ رَحِيم،
سو ساراه سچو ڌَڻِي، چَئِي حَمد حَڪِيم،
ڪَري پاڻ ڪَرِيم، جُوڙيون جوڙ جَهان جِي.[20]

شاھ سائينءَ هن بيت ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ اسماءُ الحسنيٰ مان سورهن نالا مبارڪ آندا آهن جن ۾ الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات ۽ صفاتي شان جي جهلڪ نظر اچي ٿي، جيڪي هي آهن (1) اول (2) الله (3) عليم (4) اعليٰ (5) عالم جو ڌڻي (6) قادر (7) قائم (8) قديم (9) والي (10) واحد (11) وحده (12) رازق (13) رب (14) رحيم (15) حڪيم (16) ڪريم.

ڀلاري ڀٽائيءَ پاران الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ سندس ڪبريائي کي بيان ڪرڻ جو مقصد ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، جيڪو حضرت آدم عليه السلام کان شروع ٿي ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ تي ختم ٿيو هو ۽ ان بعد اها سعادت اُمتِ محمديءَ جي حصي ۾ آئي هئي. هن ڪائنات ۾ جيڪي به نبي ۽ رسول آيا انهن جو مقصد صرف هيءُ هو تہ مخلوق پنهنجي خالق کي سڃاڻي ۽ ان سان تعلق قائم ڪري، ان مقصد لاءِ انهن ڀلارن ڏک، ڏاکڙا ڏٺا، جان، مال، آل، اولاد ۽ وطن کان محروم ٿيا، ليڪن "لَآ اِلٰه اِلاَّ اللهُ" جي نعري تان نہ هٽيا ۽ جن "لَآاِلٰه اِلاَّاللهُ" جو اقرار ڪيو اُهي ڪامياب ۽ جن انڪار ڪيو اُهي ناڪام ٿيا.

شاھ لطيف بہ انبياءَ ڪرام جي سنت ۽ سيرت تي عمل ڪندي سڀ کان پهريان سنڌ واسين سامهون الله رب العزت جي حمد ۽ ساراھ بيان ڪري صفاتِ ربانيءَ جو ذڪر فرمايو آهي. تہ جيئن انسان جي دل ۾ الله تعاليٰ جي عظمت ۽ ڪبريائيءَ جو نور منور ٿئي. الله تعاليٰ پاران نبي ڪريم ﷺ جن تي انسانيت جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ نازل ڪيل الهامي ڪتاب قرآن ڪريم جي ابتدا بہ رب ڪريم جي حمد ۽ ثنا سان فرمايل آهي. ساڳي وقت قرآن ڪريم مان اسان کي الله تعاليٰ جي ڀلارن نالن اسماءِ



www.sindhsalamat.com

الحسنيٰ جي عظمت جي باري ۾ هن ريت پتو پوي ٿو:

وَلِلّٰهِ الاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا[21]

ترجمو: ۽ الله جا نالا چڱا آهن انهن نالن سان ڪيس سڏيو.

جڏهن تہ الله پاڪ جي پيارن نالن جي فضيلت جي باري ۾ حضور ﷺ جن جو بخاري شريف ۾ ارشاد مبارڪ آهي:

الله تعاليٰ جي اسماءُالحسنيٰ يعني (نوانوي نالن جن جي ذريعي اسان کي دعا ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي) جيڪو بہ شخص انهن نالن کي چڱيءَ طرح ياد ڪندو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.

شاهہ لطيف قرآني حڪم ۽ حديث رسول مقبول ﷺ جي ترجماني ڪندي اَسماءُ الحسنيٰ کي سُرڪلياڻ ۾ جنهن انداز ۾ بيان فرمايو آهي ان جا قرآني حوالا هن ريت آهن:

اَوّل الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،[22]

هُوَالْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَبِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ[23]

ترجمو: اهو (سڀ کان) پهريون ۽ (سڀ کان) پويون ۽ پڌرو ۽ ڳجهو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

الله رب ڪريم جو ذاتي نالو آهي. جنهن لاءِ قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ چئو تہ الله ڪيلو آهي جو اعلان فرمايل آهي.

عَلِيم مان مراد ڄاڻندڙ آهي، هيءُ رب ڪريم جو صفاتي نالو آهي، جنهن جي قرآني وضاحت هن ريت آهي:

وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ

ترجمو: ۽ الله کان ڊڄو ۽ ڄاڻو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

اَعليٰ مان مراد مٿاهون ۽ وڏي شان وارو آهي ان خدائي صفت جو اعلان قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ[24]

ترجمو: پوءِ الله سچو بادشاهہ مٿاهون آهي.

عالم جي ڌڻيءَ مان مراد هن ڪائنات ۽ تمام جهانن جو مالڪ ۽ خالق آهي جنهن جي وضاحت اسان کي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ[25] "سڀ ساراهہ خاص جهانن جي پالڻهار کي جڳائي" مان ملي ٿي.



www.sindhsalamat.com

قادر پنهنجي قدرت سيبن قائم آهہ قديم، مان مراد قدرت وارو آهي جنهن جي قدرت جو ذڪر قرآن ۾ هن ريت ملي ٿو:

وَهُوَعَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ[26]

ترجمو: ۽ اهو (الله) سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

قادر جي قدرت بعد شاهہ سائينءَ قائم آه قديم جو اعلان فرمائي ذات باري تعاليٰ جي هميشہ قائم ۽ دائم رهڻ جو اعلان فرمايو آهي. اهو ساڳيو فڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الۡحَىُّ الۡقَيُّوۡمُ[27]

ترجمو: الله (اهو آهي جو) ان کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق نہ آهي (جو سدائين) جيئرو (جڳ جي) بيهڪ ڏيڻ وارو (قائم) آهي.

جڏهن تہ هُوَ الۡاَوَّلُ وَالۡاٰخِرُ "يعني اهوئي سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان آخري آهي" جو قرآني اعلان رب ڪريم جي ذات جي قديم هجڻ جو دليل آهي.

وَالــــي وَاحـــــد، وَحــــده، رَازِق رَبُ رَحِــــيم

واليءَ مان شاهہ سائينءَ جي مراد هن پوري ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

تَبٰرَكَ الَّذِىۡ بِيَدِهِ الۡمُلۡكُ[28]

ترجمو: اهو الله وڏيءَ برڪت وارو آهي جنهن جي هٿ ۾ (ساري ملڪ جي) (جهان) جي بادشاهي آهي.

واحد ۽ وحده مان مراد اڪيلو يڪتا ۽ لاشريڪ آهي، الله رب العزت جي توحيد واريءَ ان صفت سان سڄو قرآن شريف ڀريل آهي:

وَاِلٰهُكُمۡ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ[29]

ترجمو: ۽ اوهان جو خدا اڪيلو خدا آهي.

رازق مان مراد رزق عطا ڪندڙ ذات آهي ۽ اها ذات بہ رب ذوالجلال جي ئي آهي:

وَمَا مِنۡ دَآبَّةٍ فِى الۡاَرۡضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزۡقُهَا[30]

ترجمو: ۽ ڪو چرندڙ زمين ۾ آهي ئي نہ پر سندس روزي الله تي آهي.



www.sindhsalamat.com

رب مان مراد پالڻهار آهي ۽ لطيفي فڪر موجب الله رب العالمين آهي:

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَرَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ [31]

ترجمو: پوءِ سڀ ساراهہ خاص الله کي جڳائي جو آسمانن جو پالڻهار ۽ زمين جو پالڻهار ۽ جهانن جو پالڻهار آهي.

رَحِيم مان مراد اهڙو مهربان آهي جنهن جي رحم ۽ ڪرم جي ڪا حد نہ هجي ۽ اهڙو مهربان جيڪو مهربانين ڪرڻ ۾ ڪو حساب يا ليکو نہ ڪري، بنا حساب و ڪتاب جي هر ڪنهن سان ٻاجهہ جا ٻال ڪندو رهي. شاهہ سائينءَ جي بيان ڪيل رب رحيم جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ (الحج- 65)

ترجمو: بيشڪ الله تبارڪ وتعاليٰ ماڻهن تي بخشڻهار مهربان آهي.

سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم.

شاهہ سائين انسان ذات کي سچي ڌڻيءَ جي ساراهہ تعريف حمد ڪرڻ جي صلاح ڏيندي هيئين قرآني حڪم جي ترجمانيءَ جو حق ادا ڪندي نظر اچي ٿو:

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ [32]

ترجمو: تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ کائنس بخشش گهر.

ساڳي وقت قرآن ڪريم ۾ اسان کي سچي ڌڻيءَ جي ساراهہ جي باري ۾ ڪافي هنڌن تي تاڪيد ملي ٿو ليڪن سورت بني اسرائيل ۾ تہ الله رب العزت کي پاڪ ۽ ڀلارن نالن سان سڏڻ ۽ پڪارڻ جو حڪم ملي ٿو ۽ سرڪلياڻ جي ابتدا وارو الله تبارڪ وتعاليٰ جي پاڪ نالن سان حمديہ ڪلام هن مبارڪ آيت جو تفسير نظر اچي ٿو:

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى [33]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ (الله کي) الله (جي نالي سان) سڏيو يا رحمان (جي نالي سان) سڏيو جنهن نالي سان سڏيو انهيءَ جا (سڀ) نالا چڱا آهن.



www.sindhsalamat.com

حڪيم، مان مراد حڪمت ۽ دانائيءَ وارو آهي شاهه سائينءَ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ان ڀلاري نالي جي حڪمتن کي مدِنظر رکندي "ڇٽي حمد حڪيم" جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اهو هن ڀلاريءَ آيت جي ترجمانيءَ جو حق ادا ڪندي نظر اچي ٿو:

وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (34)

ترجمو: ۽ آسمانن ۽ زمينن ۾ سنديس وڏائي آهي ۽ اهو غالب حِڪمت وارو آهي.

ڪـــري پـــاڻ ڪـــريم، جوڙئـــون جوڙجهـــان جـــي

ڪريم، مان مراد سڳورو ۽ ڪرم ڪندڙ آهي. شاهه سائين انسان کي سڳوري پالڻهار کان پاسيري ٿيڻ تي ياد ڏهاني ٿو ڪرائي ته هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو اهو رب ڪريم پاران ئي ٿئي ٿو. ان ڪري انسان کي ان سڳوري رب کي وسارڻ نه گهرجي جنهن جو تاڪيد اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿو:

يٰاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ (35)

ترجمو: اي انسان توکي تنهنجي (انهيءَ) سڳوري پالڻهار کان ڪهڙيءَ شيءِ ٺڳيو؟ (آهي)

جوڙئون جوڙجهان جي واري لطيفيءَ اعلان مان هن جهان جي جوڙڻ جي نسبت به ڪري پاڻ ڪريم ڏانهن منسوب ٿيل آهي، جيڪو هن ڪائنات، زمين آسمان، انسان ۽ هرجهان جو جوڙيندڙ خالق ۽ مالڪ آهي. شاهه سائينءَ رحمت الله عليه جو "ڪري پاڻ ڪريم جوڙئون جوڙجهان جي" وارو اعلان قرآن ڪريم جي هن ڀلاريءَ آيت جو تفسير نظر اچي ٿو جنهن ۾ انسان ۽ جهانن جي جوڙڻ جي وضاحت ڪيل آهي:

اَللّٰهُ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَالسَّمَآءَ بِنَآءً وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُمْ مِنَ الطَّيِّبٰتِ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ (36)

ترجمو: الله اهو آهي جنهن اوهان لاءِ زمين کي آرام جو هنڌ ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ اوهان جي شڪل ٺاهيائين پوءِ اوهان جون شڪليون تمام چڱيون بڻايائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين. اهو الله اوهان جو پالڻهار آهي، پوءِ جهانن جو پالڻهار وڏيءَ برڪت وارو آهي.



www.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف توحيد جي عقيدي جو علمبردار آهي، سندس نوراني نظر هر هنڌ الله تعاليٰ جي وحدانيت جو جلوو پسي ٿي ۽ سندس تن ۽ من ۾ سدا سپرينءَ جي تنوار نظر اچي ٿي:

تون چئہ الله هيڪڙو وائي ٻي وسار“
تَن ۾ تَند تَوار سدا سپرين جي [37]

جڏهن تہ قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله رب العزت کي هڪ مڃي ٻي وائي وسارڻ جو حڪم هن ريت ملي ٿو:

وَلَا تَدۡعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ [38]

ترجمو: ۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود سمجهي نہ سڏ ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي.

شاهہ سائينءَ کي هر هنڌ هر طرف الله رب العزت جي ذات بابرڪات نظر اچي ٿي ان ڪري سندس شان بيان ڪندي فرمائي ٿو:

سوهيءُ سوهُو سو اَجَلُ سو الله
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهرو. [39]

جڏهن تہ قرآن ڪريم ۾ اسان کي توحيد سان گڏ دنيا ۽ آخرت ۾ هر هنڌ سندس بادشاهي ۽ هر انسان جو ڏانهس موٽڻ هن ريت معلوم ٿئي ٿو:

وَهُوَ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الۡحَمۡدُ فِي الۡاُوۡلٰى وَالۡاٰخِرَةِ وَلَهُ الۡحُكۡمُ وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ [40]

ترجمو: ۽ اهو الله آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي دنيا ۾ آخرت ۾ سندس ساراهہ آهي ۽ سندس ئي حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهان کي موٽائبو.

ڀٽائي ﷫، رب العزت جي توحيد ۾ ايترو تہ يقين رکندڙ هو جو وڏي واڪي اعلان فرمايائين تہ اي انسان پنهنجي اندر کي اجاري صرف الله جي وحدانيت جو اکر الف پڙهہ، تون ڪاميابي ماڻي سگهين ٿو:

اَکر پڙهہ اَلف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر کي اجار، پنا پڙهندين ڪيترا [41]

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اها شاهدي ملي ٿي تہ هڪ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي:



www.sindhsalamat.com

شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ (42)

ترجمو: الله هيءَ گواهي ڏني آهي تہ الله کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق نہ آهي.

شاهہ سائينءَ الله ذوالجلال جي بادشاهي سلامتي ۽ نگهبانيءَ جو نعرو هن ريت بلند ڪيو آهي:

پاڻهين جَل جَلالہ، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿيي. (43)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي بادشاهي ۽ شان جو بہ پتو پوي ٿو تہ ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻ بہ ملي ٿي، جنهن لاءِ شاهہ سائينءَ سيوئي حال منجهان ئي معلوم ٿيڻ جو اشارو ڪيو آهي.

هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عٰلِمُ الْغَیْبِ وَالشَّهَادَةِ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِیْمُ هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَیْمِنُ الْعَزِیْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا یُشْرِكُوْنَ (44)

ترجمو: الله اهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو)ڪو عبادت جي لائق ڪونهي. (جو) ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ آهي. اهو ٻاجهارو مهربان آهي، الله اهو آهي جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جي لائق نہ آهي. جو بادشاهہ تمام پاڪ ذات، سلامت، امن ڏيڻ وارو نگهبان، غالب، زبردست، وڏائيءَ جو سائين آهي. انهن جي شريڪ مقرر ڪرڻ کان پاڪ آهي.

شاهہ سائين الله تعاليٰ جي حمد، ساراهہ، توحيد جو ايترو تہ قائل هو جو سندس رسالو رب ڪريم جي وحدانيت جي ذڪر ۽ فڪر سان ٽمٽار آهي. سندس ڪلام ۾ جابجا توحيد باري تعاليٰ جا ثبوت ملن ٿا. سُر ڪاموڏ ۾ توحيد جي تمثيل کي قرآن ڪريم جي توحيدي سورت اخلاص (جنهن ۾ ذات باري تعاليٰ جي باري ۾ وضاحت فرمايل آهي) جي آيت جو حوالو ڏيندي ارشاد فرمايو آهي:

نہ ڪنهن ڄائو ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ،
نندي وڏي گندري، سين آهہ سياءُ،



www.sindhsalamat.com

"لَــــمْ يَلِـــدْ وَلَـــمْ يُولَـــدْ" اي نجـــا نيـــاءُ،[45]
ڪبر ڪبرياءُ، تخـت تمـاچيءَ ڄـام جـو.[45]

لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدُ، جو ترجمو نڪي ڄڻيائين ۽ نڪي ڄڻيو ويو آهي جيڪو شاهه سائين نہ ڪنهن ڄائو ڄام ڪي نڪو ڄام وياءَ جي صوت ۾ اڳ ۾ ئي ڏيئي چڪو آهي.

شاهه لطيف الله تعاليٰ جي توحيد ۽ يڪتائيءَ جو ايترو تہ قائل آهي جو ڪيس هن ڪائنات ۾ اهڙي ڪا شيءِ مثال يا همسر نظر نٿو اچي جهڙو سندس اڪيلو وحده لاشريڪ رب آهي:

چُـرَن چُـڻڪن چِـت ۾، هنئـڙي نِـت هــرن،
لَـــيْسَ ڪَمِثْلُـــهٗ شَـــيْءٌ ، پســـڻ اي پـــرين،
پڪـــا پنهـــوارن، نيئـــي اَڏيـــا نـــانهن ۾[47]

مان مراد آهي تہ ڪابہ شيءِ الله پاڪ جهڙي يا ان جي برابر نہ آهي، اهڙو اعلان خداوند پاران اسان ڪي سورت الاخلاص ۾ پڻ ملي ٿو:

وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ﴿٤﴾[48]

ترجمو: ۽ سندس برابر ڪوبہ ڪونهي.

شاهه صاحب هن ڪائنات ۾ الله تعاليٰ جي وحدت مان جدا جدا شين نظارن، رنگن ۽ جنسارن جي ڪثرت جو مشاهدو ماڻي ٿو ۽ ڪيس هر هنڌ حق حقيقي جو هلاچو هل نظر اچي ٿو:

وحدتان ڪثرت ٿـي، ڪثـرت وحـدت ڪُـل،
حــق حقيقــي هيڪـــڙو ٻــولي ٻــيءَ مَ ڀَـــل،
هُــو هَــلا چــو هُــل، ٻِــالله سـندو سـڄڻين.[49]

ساڳي وقت هن جهان واري ڪارخاني زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي ڪجهہ آهي اهو سڀ ڪجهہ خداوند ذوالجلال جو آهي ۽ ان جو ڪارساز بہ اهوئي رب العالمين آهي:

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٣٢﴾[50]

ترجمو: جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو ان جو آهي ۽ الله سنڀاليندڙ بس (ڪافي) آهي.



www.sindhsalamat.com

## شرڪ جي نفي

شاهه لطيف ﷫ پنهنجي ڪلام ۾ توحيد جي وضاحت بعد توحيد جي ضد يعني شرڪ جي نفيءَ جو نعرو به بلند ڪيو آهي. جيئن ته شاهه سائين پنهنجن بيتن ڪي آيتون سڏي ٿو ان ڪري سندن پيغام قرآن مجيد جي انقلابي فڪر هيٺ آهي ۽ اها به مڃيل حقيقت آهي ته جيڪڏهن مڙني آسماني ڪتابن کي غور سان پڙهبو ته اهي سڀ الله تعاليٰ جي توحيد جي اقرار ۽ شرڪ جي انڪار جا ترجمان نظر ايندا ۽ اهوئي سبب آهي جو ڀلارو ڀٽ ڌڻي ﷫ الله رب العزت جي توحيد هيڪڙائيءَ کي حق چئي ٿو ۽ ٻيائيءَ کي ٻڪ وجهندڙن کي گمراهه قرار ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو ته:

وَحدَه لاَ شَرِيڪَ لَه، هيءُ هيڪڙائي حَقُ،
ٻيائي کي ٻَڪ، جِن وِڌو سِي ورسيا. (51)

قرآن ڪريم مان به اسان کي (وحده لاشريڪ له) جو جيڪو حڪم ملي ٿو ان ۾ اها وضاحت فرمايل آهي ته الله سان ڪنهن کي به شريڪ ڪرڻو نه آهي ۽ صرف الله جي ئي عبادت ۽ بندگي ڪرڻي آهي جو ان "هيڪڙائيءَ ۾ حق" وارو دين سمايل آهي:

اَمَرَ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ ؕ ذٰلِکَ الدِّیۡنُ الۡقَیِّمُ وَ لٰکِنَّ اَکۡثَرَ النَّاسِ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۰﴾ (52)

ترجمو: حڪم ڪيائين ته خاص ان الله کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو اهو دين قائم آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.

ٻيائيءَ کي ٻڪ جن وڌو ورسيا مان مراد آهي ته جن شرڪ ڪيو اهي حق واري رستي کان گمراهه ٿيا، هي لطيفي فڪر جنهن ۾ شرڪ جي نفيءَ جو راز سمايل آهي اهو هن قرآني آيت جو تفسير نظر اچي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ لَا یَغۡفِرُ اَنۡ یُّشۡرَکَ بِهٖ وَ یَغۡفِرُ مَا دُوۡنَ ذٰلِکَ لِمَنۡ یَّشَآءُ ؕ وَ مَنۡ یُّشۡرِکۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ ضَلَّ ضَلٰلًۢا بَعِیۡدًا ﴿۱۱۶﴾ (53)

ترجمو: بيشڪ الله هيءُ (ڏوهه) نه بخشيندو (جو ڪنهن کي) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ (ٻيو گناهه) جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو ۽ جيڪو الله سان ڪنهن کي شريڪ بڻائيندو سو بيشڪ وڏيءَ ڀل ۾ ڀليو.

هن آيت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ شرڪ ڪندڙ کي وڏيءَ ڀل ۾ ڀلجي



www.sindhsalamat.com

ويندڙ ۽ شرڪ جي گناهہ کي نہ بخشڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اسان کي شاهہ سائين ٻيائي کي ھِڪ جن وڏو سي ورسيا جي صورت ۾ بيان فرمائي شرڪ جي نفي واري قرآني فڪر جي ترجمانيءَ جو حق ادا فرمايو آهي.

شاهہ صاحب انسان کي ٻيائي کي ٻن وجهڻ سان ئي محبوب حقيقي تائين پهچڻ جو پتو ٻڌائي ٿو ۽ ان سان گڏ اهو سبق بہ ڏئي ٿو تہ انسان کي انانيت (آپو) ۽ پاڻپڻي واري غرور کان پري ٿي شرڪ کان بچڻ گهرجي:

آئـون اوريـان جهـل تـون، ڇـڏيم پـاڻ پڇـار،
شــرڪ ســاڻ ســتار، گهڻـا گهـاريم ڏينهــڙا.

ٻَـــن ٻِيـــائي سُـــپرين، پاڻــاڻ اتـــي پـــل،
آئـون اوري جهـل، تـہ تـوکي رسـي تـو ڏٺـي. (54)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي شرڪ يعني ٻيائي کي ٻن وجهڻ جو سبق ملي ٿو ڇو تہ قرآني تعليمات موجب الله تعاليٰ جي ذات يا صفات ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ ڪرڻ سڀ کان وڏو ظلم آهي:

وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدِ افْتَرٰٓى اِثْمًا عَظِيْمًا ﴿٤٨﴾ (55)

ترجمو: ۽ جيڪو الله سان ڪنهن کي بہ شريڪ ٺهرائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناهہ جو بهتان ٻڌو.

شاهہ لطيف جي ڪلام جو ابتدائي نصب العين خدا شناسي ۽ خدا پرستي آهي ۽ ان کان پوءِ خدائي فرمان مطابق ان ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ۽ ڀلائيءَ جو راز سمايل آهي. پاڻ شرڪ جي عقيدي جي نفي جو سبق ڏيندي مشرڪن جي هڪ گروهہ جي نشاندهي فرمائي اٿن، جن جو عقيدو هو تہ خدا ٽي آهن، پر ڀٽائي ﷫ اهڙن بدعقيدن رکندڙ کي "هَلج پاسي هيڪ" هڪ طرفو ٿي هڪ الله ڏانهن هلڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

ٻيــون ڏيئــي ٻَــن ڪــي، هلــج پاسـي هيــڪ،
ورنهہ سهي ويڪ، تون ٽريڏي ٽريڏايون ڪرين. (56)

ٽريڏي ٽريڏايون ڪرين، مان مراد هر ڦيري، هر وقت، هڪ جي بدران ٽي شيون ڏسڻ آهي. اڳتي هلي سر آسا ۾ شاهہ سائين وڌيڪ وضاحت سان



www.sindhsalamat.com

ارشاد فرمايو آهي تہ اي ٽن خدائن جو عقيدو رکندڙ ٽيڏا "هُو تان آهي هيڪڙو" يعني رب ڪريم تہ اڪيلو ۽ لاشريڪ آهي:

سچ وسندي ٽن کي جوش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نيہ تني وٽ ني،
ٽيڏي پسي ٿي، هو تان آهي هيڪڙو.[57]

ساڳي وقت قرآن ڪريم جي مطالعي مان بہ ٽن خدائن جو اعتقاد رکندڙ طبقي جو پتو پوي ٿو جن کي بارگاهہ الاهي مان ان باطل عقيدي کي ڇڏي اڪيلي خدا جي بندگيءَ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ڀلاري ڀٽائيءَ ﷫ بہ سُر ڪوهياري ۽ سُر آسا ۾ ٽريڏي جي ٽريڏاين ۽ هلج پاسي هيڪ جو جيڪو هوڪو ڏنو آهي اهو هينئين آيت مبارڪ جي تشريح جو درجو رکي ٿو:

وَلَا تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ[58]

ترجمو: ۽ (اوهين) ٽي (خدا) نہ چئو اهڙي چوڻ کان پاڻ کي جهليو اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي هڪ الله کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي.

شاهہ صاحب ﷫ سنڌ واسين جي رهبريءَ جو حق ادا ڪندي ڪين محبوب حقيقي جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ غير کي غرق ڪرڻ يعني هڪ الله کانسواءِ غيرالله ڏانهن ڌيان نہ ڏرڻ جو سبق ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

هاري رکج حق، سانيارن ساهڙ جو
خواب خيال ۽ خطرا، تني ڏيسج ترڪ،
ڪرين غير غرق، تہ مشاهدو ماڻيين.[59]

ساڳي وقت قرآن ڪريم ۾ ساڳي عنوان تي آيت مبارڪ موجود آهي، جنهن ۾ انسان کي محبوب (رب ڪريم) جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ جن عملن کي اختيار ڪرڻ جو حڪم مليو تہ انهن ۾ شرڪ جي نفي يعني غير کي غرق ڪرڻ جو عمل بہ شامل آهي:

فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿١١٠﴾[60]

ترجمو: پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي ملڻ جي اميد رکي تنهن کي جڳائي تہ چڱا ڪم ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ۾ ڪنهن هڪڙي کي بہ شريڪ نہ ڪري.



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائينءَ جو مٿيون بيت هن آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿو.

شاهہ سائينءَ رب ڪريم جي ذات بابرڪات جي جملي جمال ۽ مشاهدي ماڻڻ لاءِ انسان کي شرڪ جي نفي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائن ٿا:

تــوکي رســي تــو ڏٺــي، جُملــوئي جمــال،
ڪونهي ٻئو خيال، شارڪ شڪ وڃائيين. (61)

ساڳيوئي مفهوم اسان کي قرآن ڪريم ۾ بہ ملي ٿو جنهن ۾ رب ذوالجلال جي ذات بابرڪات کي شرڪ جي شڪ کان پاڪ ۽ سندس جلوي ۽ جمال کي مٿاهون، وڏي شان ۽ مقام وارو قرار ڏنو ويو آهي:

سُبۡحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشۡرِكُوۡنَ ﴿۱۸﴾ (62)

ترجمو: اهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ ڪندا آهيون تنهن کان اهو مٿاهون آهي.

شاهہ لطيف ﷫ شارڪ، شرڪ ڪندڙ کي اکين کان انڌو قرار ڏئي ٿو ۽ انسان کي اندر يعني دل وارين روحاني اکين سان هر شيءِ کي صحيح ڏسڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:

ڏسـڻ ڏسـين جـي، تـہ هَمـہ کـي حـق چئـين،
شـارڪ شـڪ مَـرنـي، انـڌا انهـين ڳالهـہ ۾. (63)

اسلامي تعليم جي روشنيءَ مان بہ اسان کي خبر پوي ٿي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات برحق آهي ۽ گمراهہ يعني شرڪ ڪندڙ اکين کان انڌا الله کان سواءِ ٻين کي سڏيندا آهن، حالانڪ الله تعاليٰ وڏي شان وارو آهي:

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدۡعُوۡنَ مِنۡ دُوۡنِهٖ هُوَ الۡبَاطِلُ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الۡعَلِىُّ الۡكَبِيۡرُ ﴿۶۲﴾ (64)

ترجمو: اها (مدد) هن ڪري آهي تہ الله پاڻ برحق آهي ۽ الله کان سواءِ جنهن کي سڏيندا آهن سو ڪوڙو آهي ۽ (هن ڪري) تہ الله ئي مٿاهون وڏو آهي.

ڀٽائي ﷫، الله رب العزت جي وحدانيت جو علمبردار آهي ۽ شرڪ ڪندڙ شارڪ جي نفي ڪندي الله وحده لاشريڪ جي بارگاهہ ۾ هنجهون هارڻ، ڳوڙها ڳاڙڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

آئون سين اُن پار، ڪڏهن تان ڪونہ پئو،
اِنَ الله وِترُ يُحِبُ الوِتُر نيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائيءَ وٽ هار، هنجون جي هُئڻ جون.(65)

اِنَ الله وتر، مان مراد تحقيق الله هڪ آهي يحب الوتر مان مراد آهي تہ الله تعاليٰ هيڪڙائيءَ کي پسند ڪندو آهي.

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله جي هيڪڙائيءَ واري حق، خاص اڪيلي الله جي عبادت ۾ ان کان ڊڄڻ يعني ان در هنجهون هارڻ جو سبق ملي ٿو:

وَقَالَ اللّٰهُ لَا تَتَّخِذُوْٓا اِلٰـهَيْنِ اثْنَيْنِ ۚ اِنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَاِيَّايَ فَارْهَبُوْنِ ﴿۵۱﴾ (66)

ترجمو: ۽ الله فرمايو آهي تہ ٻہ خدا ڪري نہ وٺو ان هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو عبادت جو لائق نہ آهي، تنهن ڪري اوهين خاص مون کان ڊڄندا رهو.

شاهہ سائين سُر رامڪلي ۾ الله تعاليٰ جي توحيد ۽ ايڪائي واري عنوان کي سُر ڪلياڻ واري انداز ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

هيڪائي هڪ ٿئا، ٻجهن تان نہ ٻيائي،
اِنَّ اللهَ وِترٌ يُحِبُّ الْوِتْر، اُني لاءِ آئي.(67)

جيڪي هيڪائيءَ سان هيڪ ٿيا يعني الله جي توحيد جو اقرار ڪري ٻيائي (شرڪ) کان پاسيرا ٿيا انهن کي الله جي محبت ۽ قرب نصيب ٿيندو ۽ اهڙن ٻانهن کي ئي "يُحِبُّ الْوِتْر" جو اعلان فرمايل آهي. پوءِ جنهن کي هيڪڙائي حق جي اقرار ۽ شرڪ يعني ٻيائي جي انڪار جي توفيق ملي تہ ان لاءِ قرآن ۾ دنيا ۽ آخرت ۾ يحب الوتر الله جي دوستي ۽ محبت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

نَحْنُ اَوْلِيٰٓـؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ ﴿۳۱﴾ (68)

ترجمو: اسين دنيا جي حياتي ۾ بہ اوهان جا دوست هئاسون ۽ آخرت ۾ بہ اوهان جا دوست آهيون ۽ جيڪي اوهان جو جيءُ خواهش ڪندو سو اوهان لاءِ منجهس آهي ۽ جيڪي اوهان گهرندءُ سو (پڻ) اوهان لاءِ منجهس آهي.



www.sindhsalamat.com

سائين هڪ هاديءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن ڏسڻ پسڻ يعني شرڪ ڪرڻ جو سخت مخالف آهي ۽ اَحد يعني الله تعاليٰ جي هيڪڙائي واري راز ۽ اسرار کي پوري وقت سان اختيار ڪرڻ جو اشارو هن ريت فرمائي ٿو:

اَحد جي اسرار کي جنبي ڏنو جن،
سي موٽي ڪين پسن، ڏاران هاديءَ هيڪڙي (69)

اَحد جي اسرار کي مڃيندڙن لاءِ اَحد (الله) جي شان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايو ويو آهي.

فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ رَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ ﴿۱۱۶﴾ (70)

ترجمو: پوءِ الله سچو بادشاهه تمام مٿاهون آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي اهو سڳوري عرش جو پالڻهار آهي.

ڀٽائي ﷫ حق جي حقيقت لاءِ شرڪ ۽ شڪ ختم ڪرڻ جو قائل آهي:

آڏو اثبات کي، سو شرڪ لاهي شڪ،
هئي جنهن ۾ حق، تنهن نفيءَ جهڙو ناه ڪين. (71)

حق جي حقيقت ماڻڻ ۾ شرڪ ۽ شڪ لاهڻ لاءِ اسان کي قرآن ڪريم مان به اها وضاحت ملي ٿي ته الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ ٻيو ڪو معبود يا مسجود نه آهي ۽ منڪر يعني الله رب العزت جي توحيد جو انڪار ڪندڙ جيڪو شرڪ ڪندا آهن ذات باري ان کان تمام گهڻو اعليٰ ۽ (ارفع) بلند درجي تي فائز آهي:

ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۶۳﴾ (72)

ترجمو: الله کان سواءِ ڪو ٻيو معبود آهي ڇا؟

ڪافر جيڪي شريڪ مقرر ڪندا آهن، تن کان الله تعاليٰ تمام مٿاهون آهي.



www.sindhsalamat.com

# الله تعاليٰ تي ايمان

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه شريعت جو پورو پابند ۽ اسلامي نظرين۽ عقيدن جو وڏو شارح ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام جي هر بيت ۾ توحيد، رسالت، روحانيت ۽ انسان ذات جي فلاح ۽ ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. جيئن تہ دين جو تعلق عقائد ۽ ارڪانِ اسلام سان آهي، ان ڪري شاهہ سائين دين جي بنيادي عقيدي يعني الله تعاليٰ جي ذات بابرڪت تي ايمان ۽ ان بعد رسالت ۽ ٻين تمام اسلامي عقيدن ۽ ارڪانن جو نہ رڳو پابند هو بلڪ سندس ڪلام جو مقصد اهو ساڳيو هو جنهن لاءِ رب ذوالجلال تقريباً سوا لک مقرب پيغمبر ۽ رسول موڪليا. جن سڀ ڪان پهريان گمراهہ انسانيت کي "لَا اِلٰهَ اِلاَّ الله" جي ايماني ڪلمي جي دعوت ڏيئي سنئين واٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جو تہ ايمان جي لذت کان آشنا ٿيڻ لاءِ سڀ ڪان پهريان لا جي ضرب لڳائي اِلاّالله جو اقرار ڪرڻو پوندو تڏهن وڃي انسان ايمان وارو مومن ٿي سگهندو. ڀٽائي بہ سنڌ واسين کي الله رب العزت جي ذات بابرڪت تي ايمان آڻڻ سان گڏ ٻين اسلامي عقيدن کي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

جي ڀانئين ڪارو ڪيڙيان تہ اُٺي ٻُونب ٻڌاءِ،
قُلْ هُوَالرَّحْمٰنُ آمَنَّا بِهٖ[73] ساڃا سِڙهہ سباءِ،
پنج پڳهہ، ٽريهہ اوليون، لاڄو سڀ لڳاءِ،
وَحده لا شريڪ لہ، ڪوها خوب ڪٺاءِ،
تہ سامونڊري سنڌياءِ، سچي ساک اُڀهي.[74]

شاهہ سائين هتي سامونڊري ڪنڌڙن جي واٽ ونندي قرآني آيت هوبهو نقل ڪئي آهي جنهن جي معنيٰ آهي تہ: "چئو تہ اهوئي رحمان (الله) آهي جنهن تي اسان ايمان آندو."

ڀٽائي هن دنيا واري سمنڊ ۾ هل چل لاءِ جي ڀانئين ڪارو ڪيڙيان.... اهڙي قسم جي سِڙهہ سباڻ جي صلاح ٿو ڏئي جن ۾ الله تعاليٰ تي ايمان جو



www.sindhsalamat.com

رنگ چڙهيل هجي، جڏهن تہ قرآن ڪريم ۾ مومن جي جيڪا تعريف بيان ڪيل آهي ان ۾ سڀ کان پهريان الله تعاليٰ ۽ ان بعد رسول ﷺ الله جي ذات گراميءَ تي ايمان آڻڻ واري کي مومن قرار ڏنو ويو آهي:

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ (75)

ترجمو: مؤمن رڳا اهي آهن جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو آهي.

پنج پڳهہ، ترِيهہ اوليون، لاڄو سڀ لڳاءِ

هن سٽ ۾ شاهہ سائين سامونڊي مسافرن کي سمنڊ جي لهرن ۽ لوڏن کان بچڻ لاءِ جنهن ساز ۽ سامان کي ساڻ ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني آهي، اهي بہ ايمان واري عقيدي سان تعلق رکن ٿا. پنج پڳهہ، مان مراد پڳهہ جا پنج رسا آهن، ليڪن، روحاني معنيٰ ۾ پنجن (5) وقتن واري نماز ڏانهن اشارو فرمايل آهي. اهڙي قسم جو ساڳيو حڪم اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو جنهن ۾ مؤمن جي فلاح ۽ ڪاميابيءَ جو راز نماز ۾ ٿي قرار ڏنو ويو آهي:

قَدْ أَفْلَحَ الْمُؤْمِنُونَ ۝ الَّذِينَ هُمْ فِي صَلَاتِهِمْ خَاشِعُونَ ۝ (76)

ترجمو: بيشڪ اهي مؤمن ڇٽا جيڪي پنهنجيءَ نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن.

شاهہ جي ٽيهن اولين، مان مراد ٽوريون نہ پر سڄيون ساريون ٽيهہ اوليون يعني ٽيهہ ڇپا آهي، ليڪن معنوي لحاظ سان ٽيهہ روزا آهن، اهي ايمان ۽ اسلام جي بنيادي ارڪان ۾ شامل آهن، جن لاءِ قرآن ڪريم ۾ ارشاد رباني آهي:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِينَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ۝ (77)

ترجمو: اي مؤمنو جيئن اوهان کان اڳين تي روزا فرض ڪيا ويا تيئن اوهان تي بہ روزا فرض ڪيا ويا تہ جيئن متقي ٿيو.

وحده لاشريڪ لہ کوها خوب کڻاءِ

هن سٽ ۾ شاهہ سائين الله تعاليٰ جي وحدانيت جي عقيدي وارا کوها اُپا ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي، جن ذريعي سامونڊين جي ساک پت قائم رهي سگهي ٿي. اهو ساڳيو فڪر اسان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

وَمَا أُمِرُوا إِلَّا لِيَعْبُدُوا إِلَٰهًا وَاحِدًا لَا إِلَٰهَ إِلَّا هُوَ سُبْحَانَهُ عَمَّا يُشْرِكُونَ ۝ (78)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کان سواءِ ڪين ٻيو حڪم نہ ڪيو ويو آهي ان کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان هو پاڪ آهي.

ايمان ان قرار جو نالو آهي جنهن ذريعي انسان پنهنجو عقيدو درست ڪري "اِقرَار بِلِسَانِ وَتَصدِيقٌ بِقَلبٌ" يعني زبان سان اقرار ۽ دل سان ان حقيقت کي تسليم ڪري جنهن جو اظهار ڪلمہ طيبہ پاڪ ڪلمي ذريعي ڪرايو ويندو آهي ۽ اهو ڪلمو ايمان جو پهريون ڏاڪو آهي، جنهن ۾ انسان الله تعاليٰ جي هيڪڙائي ۽ رسول الله ﷺ جي رسالت کي مڃڻ جو اقرار ڪندو آهي. اسلام ۾ ڪلمي طيب کي اولين اهميت حاصل آهي. هيءُ ڪلمو اسلام جو منشور آهي. هن مبارڪ ڪلمي جي اقرار سان انسان ڪفر جي برادريءَ مان نڪري اسلام جي برادريءَ ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ۽ غلط ڪار انسان جون سڀ غلطيون ۽ خطائون ميسارجي وڃن ٿيون ۽ سندس نالو خدائي جماعت "حِزبُ الله" ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ڪيس قرآن ڪريم جي اها خوشخبري ٻڌائي وڃي ٿي تہ:

فَإِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ۝ (79)

ترجمو: جو تہ الله جي ٽولي ئي غالب آهي.

شاهہ صاحب رحمه الله جي نزديڪ ايمان لاءِ ڪلمہ طيب کي بنيادي حيثيت حاصل آهي ۽ ٻيجل ٻاڪار ۾ بہ ان ڪلمي کي سرندي جي تندن ۾ سمائڻ ۽ سردار کي ان جي وڻڻ جو ذڪر هن ريت فرمايو اٿس:

الله جـــي آس، ٻيجـــل ڪئـــي ٻاڪـــار،
لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ، تنـدن منجهـہ تـوار،
مـــاڙيءَ ۾ ملـــوڪ جـــي، ســـيباڻي ســـردار
جيڪو خلقيو خلقٽهار سو مڙوئي ڏنائين مڱڻي (80)

شاهہ سائينءَ هتي وضاحت فرمائي آهي تہ جنهن (سوالي) هڪ الله ۾ آس ڪري ۽ اميد رکي پنهنجي ساز ۽ آواز ۾ توحيد ۽ رسالت يعني پاڪ ڪلمي جا سُر ڇيڙيا تنهن جي سدا سائينءَ کي وڻي ۽ جيڪي خلقيو خالقٽهار سو مڙوئي ڏنائين مڱڻي، يعني رب ڪريم جيڪي ڪجهہ بهتر



www.sindhsalamat.com

خلقيو اهو سڀ ڪجهہ کيس عطا ڪيائين. ان جو اصل مقصد آهي تہ جنهن طيب ڪلمي جي تندتوار اختيار ڪئي ان کي رب ڪريم جي رضا ۽ ٻاجهہ ۽ رحمت نصيب ٿي.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي مؤمن جو جيڪو تعارف ملي ٿو ان ۾ اها بہ وضاحت فرمايل آهي تہ مومن اهو آهي جيڪو الله تعاليٰ ۽ سندس رسول ڪريم ﷺ تي ايمان آڻي:

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ (81)

ترجمو: مؤمن رڳو اهي آهن جن الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آندو.

ايمان واري پاڪ (طيب) ڪلمي جي قرار بعد شاهہ سائين سيباڻي سردار ٻاران جيڪو (جيڪو خلقيو خلقٺهار سو مڙوئي ڏنائين مڱڻي.“ جو اعلان فرمايو آهي، ان جي تصديق بہ اسان کي قرآن ڪريم مان ايمان وارن لاءِ الله تعاليٰ جي جنت جي صورت ۾ ملي ٿي:

وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي مِنْ تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ۖ وَعْدَ اللَّهِ حَقًّا ۚ (82)

ترجمو: ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سگهوئي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪنداسين، جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن منجهن سدائين، هميشان رهڻ وارا آهن، اهو الله جو پڪو انجام آهي.

لطيفي ۽ قرآني فڪر مان ثابت ٿيو خدائي جماعت حزب الله، جنهن طيب ڪلمو پڙهي ايمان آندو اهائي جماعت دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻيندي اهڙيءَ جماعت جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد رباني آهي تہ:

وَلَا تَهِنُوا وَلَا تَحْزَنُوا وَأَنْتُمُ الْأَعْلَوْنَ إِنْ كُنْتُمْ مُؤْمِنِينَ ﴿١٣٩﴾ (83)

ترجمو: ۽ نڪي سست ٿيو ۽ نڪي غمگين ٿيو ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو تہ (رڳو) اوهين غالب ٿيڻ وارا آهيو.

ڀٽائي ﷬، سُر رامڪلي جي وائي ۾ ايمان وارن لاءِ الله تعاليٰ جي محبت ۽ دوستيءَ واري قرآني آيت هوبهو نقل ڪري مؤمنن جي عزت ۽ مرتبي کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

اللَّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ إِلَى النُّورِ ۖ (84)

اهڙيءَ پرپرن، وَخَرِ مُوسيٰ صعقاً، تا جوڳي جنگ جلن.



www.sindhsalamat.com

ترجمو: الله مومنن جو سنڀاليندڙ آهي ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي.

ان ڪان سواءِ شاهہ سائينءَ ﷫ سر پورب ۾ جوڳيءَ ڀاران هيءَ جَڳُ ڇڏي الله جي سلامتي واري گهر ڏانهن وڃڻ ۾ هن دنيا جي طمع ۽ حرص کي ڇڏڻ جي صلاح ڏني آهي. الله تعاليٰ جي سلامتيءَ واري گهر مان مراد ايمان ۽ اسلام جيٰ سلامتيءَ وارو هنڌ آهي:

جــوڳي جُــڳ ڇــڏي، پُرئــا پُــورب پــار ڏي،
لاهــوتي لطيـــف چئـــي، هَليـــا لال لَـــڏي،
وَاللهُ يَدۡعُوٓاْ إِلَىٰ دَارِ ٱلسَّلَٰمِ ◆ صــاحب سَــين سَــڏي،
هئي هئي هن هڏي، همہ کي حيـران ڪئو. (85)

مٿين وائيءَ ۾ شاهہ الله تعاليٰ جي مؤمنن تي مهربانيءَ جو ذڪر فرمايو هو جنهن ۾ مؤمنن کي اونداهيءَ مان سوجهري ڏانهن ڪيڻ جو ذڪر هو ۽ هن بيت ۾ الله تعاليٰ ڀاران سلامتيءَ واري گهر ڏانهن سڏڻ جو ذڪر آهي، انهن حوالن مان ثابت ٿيو تہ الله تعاليٰ ايمان وارن تي ڪيڏو نہ مهربان آهي.

شاهہ سائين ﷫ ايمان وارن لاءِ الله تعاليٰ جي هدايت ۽ مؤمنن لاءِ بنيادي شرطن کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

وحــده لاشــريڪ لــہ، جــن اُتــو ســين ايمــان،
تن مڃيـو محمّـد ڪـارڻي، قلـب سـاڻ لسـان،
اُوءِ فــائق ۾ فرمــان، اَوتــڙ ڪنــہ نــہ اولئــا. (86)

يعني الله تعاليٰ جي وحدانيت تي ايمان سان گڏ نبي ڪريم ﷺ کي دل ۽ زبان سان مڃڻو پوندو تڏهن اهو عقيدي وارو ڪڏهن بہ گمراهہ نہ ٿيندو.

ساڳي وقت قرآن ڪريم ۾ بہ سڏي واٽ لهڻ لاءِ، الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻڻ جو حڪم مليل تو:

فَـَٔامِنُواْ بِٱللَّهِ وَرَسُولِهِ ٱلنَّبِيِّ ٱلۡأُمِّيِّ ٱلَّذِي يُؤۡمِنُ بِٱللَّهِ وَكَلِمَٰتِهِۦ وَٱتَّبِعُوهُ لَعَلَّكُمۡ تَهۡتَدُونَ ﴿١٥٨﴾ (87)

---

◆ هن قرآني آيت مان مراد آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن کي سلامتيءَ واري پاڪ گهر ڏانهن سڏي ٿو.



www.sindhsalamat.com

ترجمو: تنھن ڪري الله ۽ سندس انھيءَ اُمي نبيءَ تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آھي ۽ ان جي تابعداري ڪريو ته اوھين سڌي واٽ لھو.

شاھ سائين وحده جي وحدت، الاالله ۽ محمد رسول الله جي اقرار بعد مسلمان ٿيڻ جو اعلان فرمايو آھي ڇو ته ايمان آڻڻ سان مؤمن ۽ دين اسلام کي مڃڻ سان انسان مسلمان ٿي سگھي ٿو:

وحـــــده جـــــي وڏئـــا، اِلاَّ الله" اڏ ڪـئـــــا،
محمـــد رســول الله ﷺ چئـــي، مُســـلمان ٿـئـــا،
عاشـــق عبـــداللطيف چئـــي، انھـــين پـــه پـئـــا،
جـيلاه ڏٺـي ڏٺـا، تـي وٺـا وحـدت گـڏجي.[88]

جڏھن ته الله تبارڪ وتعاليٰ پاران نبي ڪريم ﷺ جي رسالت کي مڃڻ لاءِ حڪم اڳ ۾ ئي بيان ڪري چڪا آھيون، ھاڻي ڀٽائي ﷫ پاران اسلام ۽ مسلمان ڏانھن اشارو فرمايو ويو آھي. محمد رسول الله ﷺ چئي مسلمان ٿيا يعني محمد ﷺ جي رسالت جي اقرار بعد انسان مسلمان ٿي سگھي ٿو. مسلمان جو لفظ عربي زبان جي لفظ سَلَم مان نڪتل آھي. جنھن مان مراد امن ۽ سلامتي آھي، اھڙيءَ طرح مُسلم (مسلمان) مان مراد اھو فرد آھي، جيڪو پنھنجو سِر الله تعاليٰ جي دينِ اسلام لاءِ جھڪائي، ان ڪري ڀٽائي ﷫ اعلان فرمايو ته:

وحـــــده جـــــي وڏئـــا، اِلاالله اڏ ڪـئـــــا،
محمـــد رســول الله ﷺ چئـــي، مُســـلمان ٿـئـــا،

جو اعلان فرمائي مسلمان ٿيڻ جو طريقو بيان فرمايو آھي، ساڳئي وقت بارگاه الاھيءَ مان بہ الله رب العزت اسلام کي پسنديده دين قرار ڏنو آھي ۽ اسلام کي قبول ڪندڙن لاءِ سڌيءَ واٽ جي خوشخبري ڏنل آھي:

فَاِنْ حَاجُّوْكَ فَقُلْ اَسْلَمْتُ وَجْهِيَ لِلّٰهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ؕ وَقُلْ لِّلَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ وَالْاُمِّيّٖنَ ءَاَسْلَمْتُمْ ؕ فَاِنْ اَسْلَمُوْا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۚ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۲۰﴾[89]

ترجمو: پوءِ جڏھن توسان جھيڙين ته چئُہ پنھنجو مُنھن (يعني سر) مون ۽



www.sindhsalamat.com

جنهن منهنجي تابعداري ڪئي تنهن الله لاءِ نوايو آهي ۽ اي پيغمبر جن کي ڪتاب ڏنو ويو تن کي ۽ اڻ پڙهيلن کي چئو تہ اسلام آندو اٿو (يا نہ) پوءِ جيڪڏهن اسلام آڻين تہ بيشڪ سڌي واٽ وارا ٿيا ۽ جيڪڏهن ڦري وڃن تہ توتي رڳو پيغام پهچائڻ آهي.

اسلام جي بنيادي عقيدن ۾ (ايمان مجمل) يعني الله تعاليٰ جي ذات تي پاڪ نالن ۽ سونهارين صفتن سميت ايمان آڻڻ ۽ تمام حڪمن کي قبول ڪرڻ سان گڏ (ايمان مفصل) جو بہ اقرار ڪرڻو آهي. جنهن ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ ان جي ملائڪن، ڪتابن، رسولن، آخرت جي ڏينهن خير ۽ شر الله طرفان ۽ موت کان بعد زندگيءَ تي ايمان آڻڻ بعد ئي انسان ايمان ۽ اسلام ۾ داخل ٿي مسلمانيءَ جو منصب ماڻي سگهي ٿو.[89]

شاهه لطيف بہ ايمان مفصل مان خير ۽ شر واري ايماني اقرار کي هوبهو نقل ڪندي وضاحت فرمائي آهي تہ هن جهان ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو اهو سڀ ڪجهه (چڱائي ۽ برائي) الله تعاليٰ جي علم ۽ اندازي مطابق ٿئي ٿو:

اي‍ءُ پاڻ نہ ٿيي پاڻ ڪان، پاڻان ٿيي پاڻ،
وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالىٰ[90]◆ ڄُولي ڏسج ڄاڻ،
ڄاڻي ڏسج ڄاڻ کي، ڄاڻي منجهان ڄاڻ،
ڄڻئن مَ سمهين سسئي، پئج پنڌ پرياڻ،
ٿيڻ هيڪاندي هاڻ، لالڻ لاءِ لطيف چئي.[91]

شاهه لطيف ﷫ ايمان ۽ اسلام (مؤمن ۽ مسلمان) جي باري ۾ مٿين بيتن ۾ تفصيل سان وضاحت فرمائي آهي تہ وحده جي وحدت جو الاالله سان ۽ نبي ﷺ جي رسالت تي "محمد رسول الله ﷺ چئي مسلمان ٿيا" جي اقرار سان انسان ايمان ۽ اسلام ۾ داخل ٿي سگهي ٿو.

---

◆ واري عبارت ايمان مفصل مان ورتل آهي. جيڪا هن ريت آهي:

اٰمَنْتُ بِاللهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَشَرِّهٖ مِنَ اللهِ تَعَالىٰ وَالْبَعْثِ بَعْدَ الْمَوْتِ

ترجمو: مون ايمان آندو الله تي ان جي فرشتن تي ۽ ان جي ڪتابن تي ۽ ان جي رسولن تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ۽ ان ڳالهہ تي تمام نيڪيون (خير) ۽ برائي (شر) الله جي علم ۽ اندازي مطابق ٿيندي آهي ۽ مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ٿي اٿڻ تي.



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين پنهنجي ڪلام ۾ قرآن ڪريم ۽ اسلامي تعليم مان بہ حوالا ڏيئي ايمان ۽ اسلام جي حقيقت ڪي واضح فرمايو آهي، ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ شاهہ سائينءَ جي ڪلام تي عمل ڪري ڪاميابي حاصل ڪجي.

## الست وارو واعدو

الست واري واعدي مان مراد الله تعاليٰ پاران عالم ارواح ۾ روحن کان توحيد ۽ ربوبيت جي باري ۾ پڇيل سوال آهي تہ الست بربڪم؟ ڇا مان توهان جو پالڻهار نہ آهيان؟ تہ جواب ۾ سيني روحن گڏجي چيو تہ:

قَالُوْابَلٰى ۛ شَهِدْنَا ۛ (92)

ترجمو: چيائون تہ هائو آهين، گواهہ ٿيا آهيون.

شاهہ سائينءَ انسان کي عالم ارواح ۾ الله تعاليٰ سان ڪيل عهد ۽ گواهيءَ کي ياد ڏياريندي پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ان واعدي کي پوري ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو آهي:

پهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پُنهونءَ تي،
ٻُول مَرِوساريج، هو جو ڪيو هوت سين. (93)

هتي شاهہ سائين ﷫ الست واري قول ڏانهن اشارو فرمايو آهي، ليڪن سُر مارئيءَ ۾ قرآني آيت جي حوالي سان وضاحت ڪندي ارشاد فرمايو اٿن:

اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ جڏهن ڪن پيوم،
قَالُوْابَلٰى قلب سين تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن وڙيچن سين (94)

ٻاٻوهي هيڪار، مون کي پڇئو سڄڻين،
"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ" چيائون جنهن وار،
سندي سور ڪنار، تن تڏهانڪون نہ لهي. (95)

الست واري عهد جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:



www.sindhsalamat.com

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰي ۚ شَهِدْنَا ۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ (96)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان يعني پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين (۽ پڇيائين) تہ آءٌ اوهان جو پالڻهار نہ آهيان ڇا؟ چيائون تہ هائو آهين گواهہ ٿيا آهيون اها گواهي هن لاءِ ورتي هئي تہ متان قيامت جي ڏينهن چئو تہ اسين هن (ڳالهہ) کان بي خبر هئاسون.

لطيف سائين، سُهڻيءَ ياران محبوب حقيقي سان ميثاق واري انجام پاڙڻ جو ذڪر هن ريت فرمائي ٿو:

گهيڙ لنگهي گهاري، ميثاقان ميهار ڏي،
"اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ قَالُوْا بَلٰى" پر اها پاري،
ڏسئو ڏيکاري، پرت پريان جو پيچرو. (97)

ساڳي وقت رب ڪريم پاران اسان کي الست واري عهد کي پاڙڻ جو حڪم هن ريت ملي ٿو.

وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَقَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨﴾ (98)

ترجمو: ۽ اوهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله تي ايمان نٿا آڻيو؟ حالانڪ پيغمبر اوهان کي سڏي ٿو تہ اوهين پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو ۽ بيشڪ الله اوهان کان انجام ورتو آهي جيڪڏهن مڃڻ وارا آهيو.

شاهہ سائين رحمة الله عليه هڪ ٻئي هنڌ الست واري انجام پاڙڻ جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي:

الســت ارواحــن کــي جــڏهن فرمــايو فــائق،
هو مَن ڪاڏو ميهار ڏي، سهڻيءَ سڪڻ سِڪَ،
جيڪين آيس ڏهون حق سوڻي ياري مُنڌ پاتارم. (99)

قرآن ڪريم ۾ اسان کي الله تعاليٰ سان انجام عهد يعني واعدي پاڙيندڙن جو ذڪر هن ريت ملي ٿو:



www.sindhsalamat.com

الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ﴿٢١﴾ وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾ (100)

ترجمو: جيڪي الله جو انجام پاڙيندا آھن ۽ انجام نہ ٽيجندا آھن تن لاءِ آخرت جو گھر آھي.

## مشڪلڪشائي ڪندڙ ۽ حاجت روا

شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ پنھنجي ڪلام ذريعي وچڙيل انسان کي ورائي پنھنجي محبوب حقيقيءَ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ انسان الله تعاليٰ جو نائب ۽ نمائندو آھي. سندس مشن اھا آھي تہ انسان جي عقيدن ۽ نظرين کي مضبوط بنائي تہ جيئن خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ جيڪو رشتو آھي، تنھن کي ڇڄڻ کان بچائي قائم رکجي ائين نہ ٿئي تہ ٻانھو دنيا جي لذتن عيش ۽ عشرتن ۾ محو ٿي پاند پسائي ويھي رھي ۽ پوءِ پنھنجي محبوب حقيقيءَ کي منھن ڏيارڻ جھڙو بہ نہ رھي. ھن مقصد لاءِ شاھ سائين انسان کي پنھنجو مشڪلڪشا ۽ حاجت روا ھڪ الله وحده لاشريڪ کي سمجھڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

سيئي سبحان جي، ڳر حوالي ڪم،
تيءَ تحقيق تسليم ۾ لاھي غم وَھم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو. (101)

يعني اي انسان تون پنھنجا سڀ ڪم ڪار ۽ حاجتون ھڪ الله سبحانه وتعاليٰ جي حوالي ڪر ۽ ان جي رضا کي مڃي ان تي راضي رھ پوءِ قادر تو سان ڪرم ڪري تنھنجي طلب توکي پوري ڪري ڏيندو.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله جي نيڪ ٻانھن جي ان صفت ۽ عقيدي جو پتو پوي ٿو تہ اھي پنھنجا ڪم ڪار ۽ حاجتون الله تبارڪ وتعاليٰ جي حوالي ڪندا آھن:



www.sindhsalamat.com

وَ اُفَوِّضُ اَمْرِیْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بَصِیْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۴۴﴾ (102)

ترجمو: ۽ (آءٌ) پنهنجو ڪم الله کي سونپيان ٿو ڇو تہ الله (ٻانهن جي حال) کي ڏسندڙ آهي.)

شاهہ سائين هن آيت مبارڪ مطابق پنهنجا ڪم الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ واري مفهوم کي "سپيئي سُبحان جي ڪر حوالي ڪم" جي صورت ۾ بيان فرمائي جڻ مٿينءَ آيت جو مفهوم ترجمو فرمايو آهي.

ٿي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم، مان مراد يقيني طورتي پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪرڻ ۽ رب جي رضا تي راضي رهڻ آهي، اهو ساڳيو مفهوم اسان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو تہ جن کي خدا وند تعاليٰ جي رضامندي نصيب ٿي تہ اها سڀ کان وڏي نعمت آهي:

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ ﴿۷۲﴾ (سوره توبہ ــ 72)

ترجمو: ۽ الله جو راضپو (سڀ کان) تمام وڏو آهي اها وڏي مراد ماڻڻ آهي، هن سڄوريءَ آيت مطابق جن الله جي رضا تي پاڻ کي راضي رکيو تہ انهن وڏي مراد ماڻي يعني انهن جا غم ۽ وهم لهي ويا. ساڳي وقت انهن کي قادر جو ڪرم بہ نصيب ٿيو ۽ انهن جون حاجتون ۽ مرادون بہ سڀ پوريون ٿيون.

شاهہ لطيف ﷫ هر حال ۾ رب ڪريم جي مدد جو محتاج آهي ۽ سُر سهڻيءَ ۾ مهيار جي مدد کان سواءِ سڀ گناهہ ٿو سمجهي:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سانگو ڇڏي ساهہ،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون دانهون منجهہ درياهہ،
ٻـر ٻـانهن ڇـڏئو ويـيس ڇڪـي وَاهـــ،
مــدد رءَ ميهــار جـــي، غَـرض سـڀ گناهـــ،
نوري ڪرنگاهہ تہ ساهڙ لنگهيان سير کي. (103)

هتي شاهہ سائينءَ جنهن نور واري ساهڙ کي مشڪلشڪا سمجهي سير مان پار اُڪارڻ ۽ مدد لاءِ پڪاريو آهي، سو الله رب العزت ئي آهي، ڇو تہ قرآني فڪر موجب مشڪلڪشائي ۽ حاجت روائي ڪندڙ ذات صرف ۽ صرف الله تبارڪ وتعاليٰ جي ئي آهي:

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَالَّذِیْنَ یَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا یَسْتَجِیْبُوْنَ لَهُمْ بِشَیْءٍ اِلَّا (104)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ڪيس هر حال ۾ سڏڻ حق آهي ۽ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن سي ڪين (ہي) ڪنهن بہ طرح ورندي ڏئي نہ سگهندا.

هن پلاريءَ آيت موجب مدد ۽ حاجت روائي لاءِ الله رب العزت کي سڏڻ جو سبق ملي ٿو تہ سندس ذات کان سواءِ ڪوبہ مدد تہ ڇا پر پڪاريندڙ يا سڏيندڙ کي ورندي جواب بہ نہ ڏيئي سگهندو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين سير مان لنگهڻ لاءِ نور واري جي نگاهہ لاءِ پڪاريندي فرمائي ٿو تہ:

مــدد رءَ ميهـــار جـــي، غـــرض ســـڀ گناهـــہ،
نوري ڪر نگاهہ، تہ ساهڙ لنگهيان سير کي.

شاهہ لطيف سُر سهڻيءَ ۾ درياهہ جي خطرن، بلائن ۽ هيبتناڪ منظر کي بيان ڪندي انسان کي سبق ٿو ڏئي تہ توفيق ۽ طاقت ڏيڻ واري ذات الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات بابرڪات آهي، ان ڪري سير ۾ سٽائي ڪرڻ لاءِ بہ ستار کي پڪارڻ گهرجي:

دهشـــت دمر دريـــاهہ ۾، جـــت ســـتاٽا سينســـار
بيحـــد بـــاڳو بحـــر ۾، هيبتنـــاڪ هـــزار
ســاريان ڪــا نــہ ســرير ۾، طاقــت توهــان ڏار
ســاهڙ ڇــامر ســتار، ســگهو رســج ســير ۾.[105]

شاهہ سائينءَ جو ساهڙ ڇامر ستار کي سير ۾ رسڻ لاءِ پڪارڻ وارو فلسفو هينئينءَ قرآني آيت جي تشريح نظر اچي ٿو:

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَا تَحْوِيْلًا ﴿٥٦﴾ [106]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ الله کان سواءِ ٻين جن کي الله جهڙو ڀائيندا آهيو تن کي سڏيو پوءِ اهي اوهان کي نڪي ڪنهن اهنج لاهڻ جو ۽ نڪي ڦيرائڻ جو اختيار رکندا آهن.

هن قرآني آيت مطابق پيغمبر ﷺ ذريعي الله تبارڪ وتعاليٰ اها وضاحت فرمائي آهي تہ الله تعاليٰ جي ذات کان سواءِ جن ٻين کي الله جهڙو سمجهي مدد يا ڪنهن ڏک سور لاهڻ لاءِ پڪاريندا آهيو انهن کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو اختيار نہ آهي ڇو تہ اهي خود محتاج آهن. انهيءَ ڪري شاهہ سائينءَ هي اعلان فرمايو:



www.sindhsalamat.com

ساريان ڪا نہ سرير ۾ طاقت توهان ڌار،
ساهڙ چام ستار، سگهو رسج سير ۾.

ڀٽائي ﷺ اڳتي هلي دنيا واري هن درياءَ جي تکي وهڪري، لڙلهرين ۾ واءَ کان بچڻ جو بہ هڪ ئي رستو ٻڌايو آهي اهو آهي الله رب العزت جي ذات بابرڪات:

سانياران سڏ ڪئو اُيا چُونم آءَ،
هڪ تکوئي تار وهي، ٻئو لڙلهريون ۾ واءَ،
سائي جن الله، ٻُجهان سي نہ ٻڏنديون. (107)

يعني جن جو سائي الله هوندو تن کي ڪو لهر لوڏو ڪونہ ايندو اهي هن دنيا واري درياءَ مان سلامتيءَ سان سرخرو ٿي پار تيندا.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ مدد ڪندڙ ۽ پناهہ ڏيندڙ صرف ۽ صرف الله تبارڪ وتعاليٰ آهي ۽ ان جو ڪو بہ مٽ يا ثاني نہ آهي:

قُلْ مَنْۢ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۸﴾ (108)

ترجمو: کين چئو تہ اهو ڪير آهي جنهن جي هٿ ۾ سڀ ڪنهن شيءِ جي حڪومت آهي ۽ اهو پناهہ ڏيندو آهي ۽ ان جي عذاب کان ڪنهن کي پناهہ نہ ڏيئي سگهبي آهي. جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو (تہ ڏسيو).

شاهہ سائين انسانيت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو حق ادا ڪندي خبردار ٿو ڪري تہ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ۽ ناڪام ڪندڙ ٻوڙيندڙ ۽ ڇاڙهيندڙ صرف الله رب العزت ئي آهي، ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي مجال نہ آهي جو ڪجهہ بہ ڪري سگهي. ان ڪري ڀٽائي بارگاهہ الاهيءَ ۾ ڏکي وهڪري واري اونهي پاڻي مان پيلي (اڻ پڪل ڪچي ٺڪر جي ٿانو "دلي") جي ڀَرم رکڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

ٻوڙين ڇاڙهين تون ڏٺي، ٻئي جي دعويٰ رسي نہ دَم،
هن منهنجي حال جو ميهر ئي معلم،
رک پيلي جو ڀرم، جو اوتڙ پئو اجهور ۾. (109)



www.sindhsalamat.com

شاهه سائين پاران ڏٺي تعاليٰ کي ڪارساز قرار ڏيندي ڀيلي جي ڀرم رکڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي آهي، ان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان ملي ٿي جنهن ۾ وضاحت فرمائي وئي آهي تہ مؤمن جو ڪارساز صرف الله تعاليٰ ئي آهي:

اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُحْيِ الْمَوْتٰى ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝ (110)

ترجمو: الله کان سواءِ ٻيا ڪارساز ڪري ورتا اٿن ڇا؟ ڇو تہ الله ئي ڪارساز آهي ۽ اهوئي مُئن کي جيارڻيندو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

شاهه سائين سمنڊ ۾ هلندڙ ڪمزور ٻيڙيءَ جو مثال ڏيندي فرمائي ٿو تہ پاڻي ايترو تہ اونهو آهي جو اتي ونجهہ بہ نٿو لڳي يعني انسان هن دنيا جي سمنڊ ۾ گناهن ۽ بداعمالن جو بار هڪ ڪمزور ڪشتيءَ تي وڌو آهي، سو ان جي ڀرم رکڻ لاءِ هن ريت ڏٺيءَ در ٻاڏائي ٿو:

جتي ونجهہ نہ واهہ، ڇپا ڇرن ڪين ڪين،
ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي، چاڙهيم منجها چاهہ
ڀسي سختي سمنڊ جي ماندا ٿيا ملاح،
شرم رکين تون شاهہ، لائق لڳي جا ڏٺي! (111)

قرآن ڪريم ۾ بہ انسان جي ان نفسياتي ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو ويو آهي تہ جڏهن ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿيندو آهي تہ پوءِ الله کي پڪاريندو آهي:

بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ مَا تُشْرِكُوْنَ (112)

ترجمو: نہ بلڪ خاص ان کي سڏيندا پوءِ جيڪڏهن گهري تہ جنهن (مصيبت جي لاهڻ) لاءِ اوهين ڪيس سڏيندا آهيو سا لاهي ڇڏي ۽ جنهن کي الله سان شريڪ ڪندا آهيو (سو انهيءَ مهل) وساريندا آهيو.

ڀسي سمنڊ جي سختي، ماندا ٿيا ملاح،
شرم رکين تون شاهہ لائق لڳي جا ڏٺي!

شاهه لطيف حاجت روائي ۽ مشڪلڪشائي لاءِ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات بابرڪات تي پڪو ۽ پختو يقين رکندو هو ان ڪري هر مشڪل



www.sindhsalamat.com

۽ مصيبت مان نڪرڻ لاءِ بارگاهہ الاهيءَ ۾ ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

مولـــــــو ڪنـــــــدو مـــــاڙ
منهنجـــــي الله ڪنـــــدو مـــــاڙ
هـادي ڏيئـي هٿـڙا، اچـي ڇڪـڻ مـان ڇاڙ [112]

هن وائيءَ ۾ شاهہ سائين الله تبارڪ وتعاليٰ جي مدد ۽ مهرباني لاءِ ڇڪڻ مان ڇاڙهڻ يعني مصيبت ۽ مشڪل مان نڪرڻ لاءِ دعا گهرندي نظر اچي ٿو.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اهو حڪم ملي ٿو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات کان سواءِ حاجت روائي ۽ مشڪلڪشائي لاءِ ڪنهن کي بہ نہ پڪارڻ گهرجي ڇو تہ انهن مان ڪنهن کي بہ ڏک يا سُک پهچائڻ جو ڪوبہ اختيار ڪونهي:

وَلَا تَدۡعُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مَا لَا يَنۡفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنۡ فَعَلۡتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿١٠٦﴾ [114]

ترجمو: ۽ الله کان سواءِ انهيءَ جي عبادت نہ ڪر (نہ پڪار) جيڪو توکي نڪي سُک پهچائي نڪي ڏک پهچائي پوءِ جيڪڏهن (ايئن) ڪندين تہ انهيءَ مهل تون ظالمن مان ٿيندين.

هن آيت مبارڪ ۾ تہ غيرالله جي عبادت ڪندڙ ۽ ان کي پڪاريندڙ کي ظالمن جي طبقي مان هجڻ جي پڻ خبر ڏنل آهي.

شاهہ لطيف الله تعاليٰ جي در کان سواءِ ٻين سيني درن کي ٻن ڏيڻ ۽ دور ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ:

تــو در آيـــس راڇيـــا، ٻئــا در ڏيئـــي ٻَـــن،
ڪهان جو ڪماڇ سين، سوسڻ سڀاڃهي ڪَن،
جا منگ منهنجي مَن، سا توکي معلم سڀ ڪا. [115]

ڀٽائي ﷫ هن بيت ۾ ٻين درن کي ٻن ڏيڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، اهو سندس توحيد جي عقيدي جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو. اهو ساڳيو مفهوم اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو. جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ جيڪي الله کان سواءِ جن ٻين کي پڪاريندا آهن اهي نفعي يا نقصان جو ڪوبہ اختيار نہ رکندا آهن ۽ سندن اهو عمل انتهائي گمراهيءَ وارو عمل آهي، اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين ٻين درن کي ٻن ڏيڻ جو



www.sindhsalamat.com

اعلان فرمايو آهي:

يَدْعُوا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهٗ وَمَا لَا يَنْفَعُهٗ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿۱۲﴾ (116)

ترجمو: اهو الله کان سواءِ انهيءَ کي سڏيندو آهي جيڪو ڪيس نڪي نقصان لاٿيندو آهي ۽ نڪي ڪيس نفعو ڏيندو آهي اهائي وڏي گمراهي آهي.

لطيفي فڪر ۽ قرآني تعليم مان ثابت ٿيو تہ انسان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ مشڪلڪشا ۽ حاجت روا صرف ۽ صرف الله تبارڪ وتعاليٰ ئي آهي، ان ڪري انسان کي جڳائي تہ مدد ۽ حاجت روائي لاءِ ڏٽيءَ در ٻاڏائي جنهن کان سواءِ انسان جو ڪوبہ واهر وسيلو نہ آهي.

ان ڪري ڀٽائي بارگاهہ الاهيءَ ۾ هن ريت ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

مَ ڳـــر ڏول ڏلـــو نـــاتو نمـــاٽيءَ ســـين،
ڪـــونهي ڪميڻـــيءَ جـــو ٻگـــر تـــو ٻلـــو
تنهنجـــو نـــانءُ نلـــو ونيـــو وينـــي آهيـــان.

ساڳي وقت قرآن ڪريم جي سورت آل عمران جي آيت نمبر 160 مان بہ اها نصيحت ملي ٿي تہ، ”جيڪڏهن الله توهان جو مددگار آهي تہ پوءِ اوهان تي ڪوبہ غالب نہ ٿيندو ۽ اگر الله اوهان کي ڇڏي ڏئي تہ پوءِ ڪير آهي جيڪو اوهان جي مدد ڪري“ ان سان گڏ اسان کي قرآن ڪريم ۾ الله جي عبادت ڪرڻ ۽ ڪيس ئي سڏڻ جو حڪم هن ريت ملي ٿو:

فَادْعُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ (آيت المومن آيت14)

ترجمو: پوءِ الله لاءِ پنهنجيءَ عبادت کي خالص ڪري سڏيو جو حڪم پڻ ملي ٿو.

## قادر ۽ قدير

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ پنهنجي ڪلام ذريعي انسان ذات جي رهبري ۽ رهنمائي فرمائيندي اها وضاحت فرمائي آهي تہ هن پوري ڪائنات جو نظام قادر مطلق جي قبضي ۽ قدرت ۾ آهي. هر هنڌ هر شيءِ ۾ سندس قدرت جو جلوو نظر اچي ٿو. شاهہ صاحب بہ پنهنجي ڪلام ۾ قادر جي قدرت جي ڪرشمن ۽ نظارن کي بيان ڪندي نظر اچي ٿو:



www.sindhsalamat.com

جيڪي منجھ جھان، سو سڀ صفت تنھنجي،
قادر تنھنجي قدرت جا مڙيئي مَڪان،
ڀَڏ مان ٿي پري ٿئا، آڳي جا احسان،
ظاهر ساڻ زبان، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا. (117)

ھتي شاھ سائين رب ڪريم جي صفت ۽ ساراھ بعد قادر جي قدرت جي نظارن کي بيان فرمايو آهي. اهڙي قسم جو بيان اسان کي قرآن ڪريم ۾ بہ ملي ٿو جنھن ۾ الله تعاليٰ جي بادشاهي ۽ قدرت جو ذڪر فرمايو آهي:

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿۱﴾ (118)

ترجمو: اهو الله وڏيءَ برڪت وارو آهي جنھن جي هٿ ۾ (ساري ملڪ جي) بادشاهي آهي ۽ اهو سڀ ڪنھن شيءِ تي وس وارو آهي.

ڀٽائي ﷫ رب ڪريم جي بادشاهي ۽ سندس جلال کي وڏيءَ حيرت ۽ عجب ۾ وجھندڙ طاقت وارو قرار ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

صاحب تنھنجي صاحبي عجب جھڙي آھ،
وڏي سگھ سندياءِ، پاڻ وهيڻو آهيين. (119)

رب ڪريم جي عجب جھڙي جنھن بادشاهيءَ جو ذڪر شاھ سائينءَ فرمايو آهي ان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿۱۰۹﴾ (120)

ترجمو: ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي ۽ سڀ ڪم الله ڏانھن موٽايا ويندا.

شاھ لطيف، الله تعاليٰ جي جنھن قوت ۽ قدرت جو ذڪر جيڪو ”وڏي سگھ سندياءِ پاڻ وهيڻو آهيين“ جي صورت ۾ فرمايو آهي ان جو قرآني حوالو هن ريت ملي ٿو:

يَخْلُقُ اللّٰهُ مَا يَشَاۗءُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۴۵﴾ (121)

ترجمو: الله جيڪي گھرندو آهي سو پيدا ڪندو آهي ڇو تہ الله سڀ ڪنھن شيءِ تي وس وارو آهي.

شاھ سائين ساڳي سر ۾ اڳتي هلي رب ذوالجلال جي قدرت جي هڪ ڪرشمي ٻن کي ٻوڙڻ ۽ پاھڻ (پٿر) کي تارڻ جو ذڪر فرمائي انسان جي



www.sindhsalamat.com

ذهن ۾ خالق ڪائنات جي قوت ۽ قدرت ڪي هن ريت بيان فرمايو آهي:

صاحب تنهنجي صاحبي عجب ڏٺي سون،
ٻـن ٻـوڙين پاتار ۾ ڀهڻ تـارين تـون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي ماڻ لهان. (122)

رب ڪريم جي بادشاهي (صاحبي) جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

فَسُبۡحٰنَ الَّذِیۡ بِیَدِهٖ مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَیۡءٍ وَّ اِلَیۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۸۳﴾ (123)

ترجمو: پوءِ اهو پاڪ آهي جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهين موٽايا ويندؤ.

شاهہ سائينءَ جي ”ٻن ٻوڙين پاتار ۾ ۽ پاهڻ تارين تون“ وارو فڪر بہ سمنڊ ۽ دريائن ۾ قدرت جي نعمتن ۽ نظارن سان تعلق رکي ٿو جنهن جو ذڪر بہ اسان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو تہ سمنڊ ۽ درياءَ الله تبارڪ وتعاليٰ انسان جي تابع ڪيا جنهن ۾ هلڪي شيءِ تہ ٻڏي وڃي ٿي ليڪن وڏا وزني جهاز ۽ ٻيڙا ترندا رهن ٿا:

وَ سَخَّرَ لَكُمُ الۡفُلۡكَ لِتَجۡرِیَ فِی الۡبَحۡرِ بِاَمۡرِهٖ ۚ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الۡاَنۡهٰرَ ﴿۳۲﴾ (124)

ترجمو: ۽ اوهان کي ٻيڙيون هن لاءِ نوائي ڏنائين تہ سندس حڪم سان سمنڊ ۾ ترنديون رهن ۽ اوهان کي نديون بہ نوائي ڏنائين.

شاهہ صاحب هن دنيا جي سيني شين جي اصلي ۽ نقلي حقيقت کي بيان ڪندي فرمايو آهي تہ قادر جي قدرت جي نظارن منهنجي جان يعني ساهہ کي بہ مون کان جدا ڪري ڇڏيو آهي، جو اهو پساهہ بہ پرين کان سواءِ محبوب حقيقي الله تعاليٰ جي حڪم کان سواءِ ڪٽي نٿو سگهان، اهو ڏٺي اچي روح ۾ رهيو آهي:

حقيقت هٽي، منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪ پساهہ پرينءَ ري سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٺي ۽ ڏٺي، رهيو آهہ روح ۾. (125)

يعني هن ازلي حقيقت قادر جي قدرت واري جلوي ۽ جمال جو مون تي اهڙو تہ اثر ٿيو آهي جو هڪ ساهہ بہ سندس امر کان سواءِ نٿو ڪٽي سگهان،



www.sindhsalamat.com

مقصد تہ بندي جي هٿ وس ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، جيڪو عام طور تي نظر اچي ٿو سو بہ حقيقت ۾ سندس وس ۾ نہ آهي، ان حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ ڀٽائي ساهہ جو مثال ڏيندي فرمايو تہ:

هڪ پساهہ پرينءَ ري سگهان تان نہ ڪڍي.

ساهہ جنهن سان هر جاندار ۽ انسان جو واسطو آهي ۽ ان کان سواءِ انسان هڪ لمحو بہ زنده نٿو رهي سگهي اهو بہ سندس اختيار ۾ نہ آهي، انسان کي اگر چئجي تہ توهان اڄ ساهہ نہ کڻ صبحاڻي ڪنڊجان تہ هو ايترو وقت ساهہ روڪي نٿو سگهي، وري جڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان انسان جو ساهہ روڪيو وڃي تہ پوءِ هو مِٽن، مائٽن، دوستن ۽ حڪيمن جي مدد سان ساهہ نٿو کڻي سگهي. حالانڪ ساهہ کڻڻ لاءِ جيڪا هوا استعمال ٿئي ٿي اها بنا قيمت جي عام جام آهي ۽ ڪنهن جي بہ ملڪيت نہ آهي. زمين ۽ آسمان جو وچ ان نعمتِ خداونديءَ سان ڀريل آهي، ليڪن ان جي باوجود بہ انسان پنهنجي مرضيءَ سان ايتريءَ هوا مان هڪ پساهہ جيتري هوا پرينءَ کان سواءِ نٿو کڻي سگهي.

شاهہ سائين ﷺ قادر جي ان قدرت واري راز ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو:

حقيقت هٿي منهنجي جان جدا ڪئي.

جان يعني ساهہ جي حقيقت ڏي خيال ٿو ڪجي تہ منهنجي وس يا اختيار کان هو جدا آهي ۽ جدا وري اهڙو آهي جو:

هڪ پساهہ پرين ري سگهان تان نہ ڪڍي،

انهيءَ حقيقت کي الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

وَنَحۡنُ أَقۡرَبُ إِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ ٱلۡوَرِيدِ ﴿١٦﴾ (سورت ق آيت 16 پ 26)

ترجمو: ۽ اسين ڏانهس سندس ساهہ جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون.

يعني الله تعاليٰ انسان کي ساهہ پساهہ کان بہ ويجهو آهي، مقصد تہ پرين پاڻ پساهہ مثل گڏ آهي. ليڪن جيئن پساهہ نٿو ڏسي سگهجي تيئن پرينءَ (الله) کي نٿو ڏسي سگهجي. ان جو ثبوت اسان کي شاهہ سائينءَ جي



www.sindhsalamat.com

هن فڪر مان ملي ٿو:

هڪ پساهه پرين ري سگهان تان نه ڪٽي.

شاهه سائين هن بيت جي آخري سٽ ۾ اها وضاحت فرمائي آهي ته مون ڪي فقط هڪ ڏٽي ئي روح ۾ رهيو آهي:

ڏٽي ۽ ڏٽي رهيو آهم روح ۾.

جڏهن ته قرآن ڪريم ۾الله تبارڪ وتعاليٰ پاران هر شيءِ جي احاطي ڪرڻ جي باري ۾ ارشاد رباني آهي: "اللهُ بِكُلِّ شَيءٍ مُحِيْطٌ" يعني الله تبارڪ وتعاليٰ سڀ شيءِ کي ويڙهيندڙ آهي. ان مان ثابت ٿيو ته انسان هجي يا روح ڪائنات جي ڪا ننڍي ۾ ننڍي شيءِ هجي يا وري ڪا وڏي شيءِ هر هڪ شيءِ سندس قبضي ۽ قدرت ۾ آهي ۽ هر هنڌ، هر جاءِ سندس نور جو جلوو ۽ جمال نظر اچي ٿو.

معرفت وارن عارفن کي هر وقت هر شيءِ ۾ جانب جو جلوو نظر اچي ٿو، جنهن جو اظهار هن ريت فرمايو ويو آهي:

مَا رَأَيْتَ شَيأً اِلَّا وَرَأَيْتُ اللهِ فِيْه (حديث)

يعني مون اهڙي ڪا به شيءِ نه ڏٺي آهي، جنهن ۾ الله تعاليٰ نظر نه آيو هجي. مقصد ته هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو اهو قادرِ مطلق جي امر سان ٿئي ٿو.

شاهه لطيف ﷫ الله جي قدرت جي نظارن ۽ حڪمتن کي بيان ڪندي وضاحت ٿو فرمائي ته رب ڪريم جي اهڙي ته ريت آهي جو اهڙي نه ٻڌي ۽ نه وري ڏٺي آهي.

سندس قدرت جا راز اهڙا آهن جو انسان جو عقل حيران رهجي وڃي ٿو.

ڪاجا ڀر پرينءَ، نه سا سُئي نه ٻڌي،
متيون سڀ مُنجهن، اهڙي ڏٺي قضيي. (126)

مطلب ته الله تبارڪ وتعاليٰ جي (پر) ريت يا رسم اهڙي ته آهي جو دوستن ۽ پيارن کي ڏک ڏاڪڙا ۽ تڪليفون ۽ دشمنن ۽ ڪافرن کي فرحتون



www.sindhsalamat.com

۽ سک ايئن اسان ڪونہ ڏٺيون ۽ ٻڌيون تہ ڪو بہ ماڻهو دوستن کي ڏک ۽ دشمنن کي سک ڏيندو هجي، پيارن ٻانهن، نبين، صحابہ ڪرام، امامن ۽ ولين لاءِ امتحان ۽ آزمائشون تہ مشرڪن ۽ بدڪارن لاءِ آرام ۽ نعمتون ميسر هجن انهن ڪيفيتن کي سامهون رکندي شاهہ سائينءَ فرمايو تہ:

ڪاجا پَر پِرينءَ، نہ سا سُئي نہ ٻُڌي

قادر جي قدرت جا اهڙا تہ عجيب رنگ ۽ منظر آهن جو انسان جو عقل دنگ رهجيو وڃي، پنهنجي دشمن ۽ بُت پرست آذر جي پُٽ مان پنهنجو پيارو دوست ۽ پيغمبر حضرت ابراهيم عليه السلام جهڙو خليل الله پيدا ڪرڻ، نبي نوح عليه السلام جي گهر مان ڪنعان جهڙو ڪافر، حضرت آدم عليه السلام جي پٽ مان هڪڙو قابيل جهڙو ڪافر ۽ هابيل جهڙو هڪڙو مسلمان پيدا ڪيائين. ڪن کي سهڻي صورت ۽ ايمان وارو تہ ڪن کي ڪوجهو ۽ اندر جو بہ ڪارو بنايائين، ڪن کي سچو تہ ڪن کي ڪوڙو ڪي سوار تہ ڪي پيادا، ڪن جا ڍِڪ ڍڪي تہ ڪن کي خوار ڪري، ڪي اگها تہ ڪي سگها، ڪي چور تہ ڪي ساڌ، ڪي آرام وارا تہ ڪي بي قرار بنايائين، مطلب تہ هن جملي جهان کي اهڙو تہ جوڙيائين جو سوال ۽ جواب جي جاءِ نہ آهي. ڪڇڻ ۽ پڇڻ جي ڪابہ واهہ نہ آهي. هن پوري جڳ جهان جو نظام اهڙو تہ جوڙيائين ۽ رکيائين جو اهي سڀ راز انسان جي سوچ ۽ سمجهہ کان مٿي آهن، هيءَ حيرت ۽ عبرت جو مڪان آهي، عقل جي جاءِ نہ آهي انهيءَ ڪري شاهہ لطيف فرمايو تہ:

مَتيون سَڀ مُنجهن اهڙي ڏٺي قضيي

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان اسان کي الله تعاليٰ جي قدرت ۽ هن ڪائنات جي نظام متعلق نشانيون ۽ عبرت جو احوال هن ريت نظر اچي ٿو:

إِنَّ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝ وَفِيْ خَلْقِكُمْ وَمَا يَبُثُّ مِنْ دَآبَّةٍ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يُّوْقِنُوْنَ ۝ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ رِّزْقٍ فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَتَصْرِيْفِ الرِّيٰحِ اٰيٰتٌ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ۝ (127)

ترجمو: بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ ايمان وارن لاءِ پڪيون نشانيون (عبرت) آهن ۽ اوهان جي ٺاهڻ ۾ ۽ جيڪي چرندڙن مان پکيڙي ٿو تنهن (جي



www.sindhsalamat.com

ٻٽائڻ) ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون (عبرت) آهن جيڪي يقين رکندا آهن ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير ۾ جيڪي الله آسمان کان روزي نازل ڪئي پوءِ ان سببان زمين کي سندس غير آباديءَ کان سواءِ آباد ڪيائين تنهن ۾ وائن جي هلائڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي سمجهہ رکندا آهن.

هن مبارڪ قرآني آيت ۾ الله تعاليٰ جي قدرت جا اهڙا تہ ڪرشما بيان فرمايا ويا آهن جن کي ٻڌي ۽ ڏسي انساني عقل حيران ٿيو وڃي، انسان جون متيون ۽ حوصلا گم ٿي وڃن ٿا تہ اهو نظامِ ڪائنات ڪيئن ٿو هلي ۽ ڪيتري نہ خوبصورت طريقي سان قائم ۽ دائم آهي.

قرآن ڪريم ۾ هڪ ٻئي هنڌ الله تعاليٰ ارشاد فرمايو آهي تہ هن ڪائنات جي نظام ۾ وڏا راز ۽ عبرتون آهن. فڪرڪندڙن لاءِ پوءِ جيڪو قدرت جي ان ڪارخاني ۾ غور ۽ فڪر ڪندو تہ ان کي اها پروڙ پوندي:

وَسَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا مِّنْهُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۱۳﴾ [128]

ترجمو: ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو سييئي پنهنجي پار کان اوهان جي ڪم ۾ لڳاياَئين. بيشڪ ان ۾ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي فڪر ڪندا آهن.

هنن پلارين آيتن مان پڻ صاف ظاهر آهي تہ هن جهان ۾ الله تعاليٰ جيڪي ڪجهہ بڻايو آهي ان ۾ سندس عجب راز ۽ حڪمتون رکيل آهن. جن ۾ ايمان وارا غور ڪري عبرتون حاصل ڪندا آهن. جن لاءِ شاهہ فرمايو:

مَتيون سڀ مُنجهن، اهڙي ڏني قضيي.

## خالق ۽ مالڪ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات ۾ پڪو ۽ پختو يقين رکندڙ هو توحيد. رسالت. انساني اخلاق ۽ اسلامي قدر سندس ڪلام جا خاص عنوان رهيا آهن.

ڀٽائي هن ڪائنات ۽ جيڪي ڪجهہ هن ۾ ظاهر ۽ لڪل آهي، ان جو خالق ۽ مالڪ (وحده لاشريڪ) اڪيلي الله رب العزت کي ميڃيندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com

سندس ڪلام مان ان فڪر ۽ فلسفي جي تصديق ٿئي ٿي.

شاهه سائين سرڪلياڻ جي شروعات ۾ رب ڪريم جي ساراهه بعد آخر ۾ هن جهان جي تخليق ڪندڙ خالق ڪائنات جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙيون جوڙ جهان جي.[129]

يعني هن سموري جهان جي جوڙ ڪندڙ (خالق) پاڻ ڪريم، خاص اڪيلو الله آهي ۽ ان عمل ۾ سندس ڪوبه شريڪ نه آهي. "ڪري پاڻ ڪريم"، مان مراد آهي ته هن جهان جي جوڙڻ ۽ ان نظام کي روان ۽ دوان رکڻ ۾ ڪريم رب جو ڪوبه مددگار نه آهي.

هن جهان جي جوڙيندڙ جي تخليقي صفت جي شاهدي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي ته سيني کان وڏو (خلاق) بڻائيندڙ آهي ۽ ان خلقڻهار کي تخليقي عمل لاءِ صرف ارادي ۽ حڪم جي دير هوندي آهي:

إِنَّمَآ أَمْرُهُۥٓ إِذَآ أَرَادَ شَيْـًٔا أَن يَقُولَ لَهُۥ كُن فَيَكُونُ ﴿٨٢﴾ [130]

ترجمو: سندس حڪم هن کان سواءِ (ٻيو) ڪونه آهي ته جڏهن ڪا شيءِ بڻائڻ گهرندو آهي تڏهن ان لاءِ رڳو چوندو آهي ته ٿيءُ ته (اها شيءِ) ٿي پوندي آهي.

يعني رب ڪريم اهڙو ته خالق ۽ مالڪ آهي جو جنهن شيءِ کي بڻائڻ يا هن جهان جي نظام کي هلائڻ لاءِ کيس نه ته ڪنهن معاون يا مددگار جي ضرورت ۽ نه ئي وري کيس اسباب جي گهرج آهي، ڪنهن به عمل لاءِ سندس ارادو ۽ امر ڪافي هوندو آهي.

شاهه سائين ﷬ سر آبريءَ ۾ هن جهان جي سڀ کان اهم ۽ محترم هستي حضرت انسان جي پيدائش ۽ ان جي مقام ۽ مرتبي کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

پُنهون ٿيس پاڙهين، ويئي سَسئيءَ جي سُونهن،
خَلَقَ آدم عَلـيٰ صُـورتَه * وٽـن منجهـ ورونه،
چري منجهان چونه، ڪٿي هوت هنجهه ڪئي.[131]

* الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت موافق خلقيو.



www.sindhsalamat.com

يعني وڻن ۾ بہ اها وائي ٿي وئي تہ سسئي پاڻ الاهي صورت آهي ۽ آخر ۾ ڪيس هوت پنهون جي هنج يعني قرب ۽ محبت پڻ نصيب ٿي. ڀٽائي رحمت الله عليہ "خَلَقَ آدَمَ عَليٰ صُورَته" جو اعلان فرمائي انساني عزت ۽ عظمت کي مٿاهون ڪري ڇڏيو آهي.

انساني تخليق ۽ سندس عزت واري لطيفي فڪر بعد اسان کي قرآن ڪريم جي گلشن مان بہ انسان جي پيدائش واري خوبصورت انداز جو پتو پوي ٿو:

لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ فِيۡۤ اَحۡسَنِ تَقۡوِيۡمٍ ۝ [132]

ترجمو: تہ بيشڪ ماڻهوءَ کي تمام سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيو سون.

هن پلاريءَ آيت ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ انسان جي پيدائش واري احسان جي وضاحت فرمائي تہ اسان انسان کي تمام خوبصورت انداز ۾ بڻايو آهي.

شاهہ سائين انسان جي پيدائش بعد ڪيس خوديءَ واري خام خيال کي ڪيڻ جي صلاح ڏيندي هر شيءِ ۾ خلقڻهار جو تخليقي جلوو پسي ٿو:

هـئڻ هــڏهن جــڏ، تـــہ اوڏي ٽـئــين عجيـــب ڪـــي،
"مَا رَاَيۡتَ شَيۡئًا اِلَّا وَرَاَيۡتُ اللهَ فِيۡهِ"•نيئي اجها اوڏاهين اڏ،
تـــہ هــوت توکـان هـڏ، پـرين پَراهــون نـــہ ٿـئــي. [133]

مقصد تہ هر شيءِ خالق اڪبر جي وجود تي شاهد آهي.

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها شاهدي ملي ٿي تہ هن ساري جڳ جو خلقيندڙ صرف ۽ صرف الله رب العزت آهي.

بلڪ ان عقيدي جي ايتري تہ اهميت آهي جو الله تبارڪ وتعاليٰ پاران پنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ تي جڏهن قرآن ڪريم جي نازل ٿيڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ غارِ حرا ۾ حضرت جبرائيل ؑ جيڪي سورت العلق جون ابتدائي آيتون پيش فرمايون، انهن ۾ سڀ کان پهرين آيت بہ پالڻهار ۽ خلقيندڙ جي باري ۾ آهي:

---

• يعني مون اهڙي ڪابہ شيءِ نہ ڏٺي آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جي تخليقي صلاحيتن ۽ شان جو جلوو نظر نہ ايندو هجي.



www.sindhsalamat.com

اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ ۚ خَلَقَ الۡاِنۡسَانَ مِنۡ عَلَقٍ ۚ (134)

ترجمو: (اي پيغمبر) پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن (سارو جڳ) خلقيو ماڻهوءَ کي رت جي دڳ مان بڻايائين.

وحي الاهيءَ جي ابتدا ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي نالي سان پڙهڻ يعني علم جي اهميت ۽ الله تعاليٰ جي تخليقي صفت کي بيان فرمائي انساني ذهن ۾ خالق ۽ مالڪ واري عقيدي کي ذهن نشين ڪرايو ويو آهي تہ هن سموري جهان جو خالق ۽ مالڪ الله تعاليٰ ئي آهي.

شاهہ لطيف ﷫، الله تعاليٰ جي انسان (اشرف المخلوقات) سان محبت جو مشاهدو ماڻيندي اعلان فرمائي ٿو:

پـاڻهين پسـي پـاڻ کـي، پـاڻهين ئـي محبـوب،
پـاڻهين خلقـي خـوب، پاڻهين طالـب تنـہ جـو. (135)

يعني رب ڪريم خلقيندڙ بہ پاڻ آهي تہ وري پنهنجي مخلوق جو طالب بہ پاڻ ئي آهي، ان جو مقصد اهو آهي تہ جنهن خالق محبت ۽ ٻاجهہ واري خوبصورت انداز ۾ انسان کي بڻايو آهي ان لاءِ مخلوق کي گهرجي تہ پنهنجي خالقِ حقيقيءَ سان محبت ۽ اطاعت جو ناتو قائم رکي.

شاهہ سائين ﷫ اڳتي هلي خالق جي مخلوق سان محبت واري انداز کي عارفن جي نظر سان ڏسندي وضاحت فرمائي آهي تہ انسان رب ذوالجلال جو نہ رڳو نائب آهي بلڪ سندس ڳجهہ بہ آهي:

هـو پـڻ آهـي هـن سـين، هـيءُ نـہ هنـئـان ڌار،
اَلۡاِنۡسَــانُ سِرِّیۡ وَاَنَــا سِرُّهٗ • پـــروڙج پچـــار،
ڪنـدا وٺـا تـوار، عـالم عـارف اهـڙي. (136)

هن وائيءَ مان خالق جي مخلوق سان محبت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڀٽائي ﷫ خالق جي مخلوق سان تعلق واري ڪيفيت کي هڪ راز قرار ڏيندي ارشاد فرمايو آهي تہ ان محبت واري تعلق کي هر ڪو ماڻهو پروڙي ڪين سگهندو ۽ انهن مان چند ان راز ۽ رمز کي سمجهي سگهندا:

• يعني انسان منهنجو ڳجهہ آهي ۽ آءٌ انسان جو راز آهيان.



www.sindhsalamat.com

ڪني ڪني ماڙهوئين پيئي ڳل ڳائي،
رسـئا جـي رمـز ڪـي، تـن پارسـي پـائي،
اَلاِنْسَـانُ سِرِّيْ وَاَنَـا سِرُّهٗ، ورتـي ايءَ وائـي،
رَاجـا رَاڳـائي، هردوئـي هيـڪ ٿئـا. (137)

مقصد تہ هن سموري جهان جو خالق ۽ مالڪ الله تبارڪ وتعاليٰ آهي، ساڳي وقت ڪائنات جي نظام کي قائم ۽ دائم رکڻ، مخلوق کي نئين سر بڻائڻ، سڀ ڪجهہ سندس وس ۾ آهي:

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۲۰ (138)

ترجمو: (ڪين) چئو تہ ملڪ ۾ گهمو [illegible] ڪريو تہ الله ڪيئن نئين سر خلق کي پيدا ڪيو وري ان پيدا ڪيل کي ٻيهر پيدا ڪندو ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

## رزق ڏيندڙ (رزّاق)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ جيڪو فڪر ۽ فلسفو بيان فرمايو آهي، ان ۾ توحيد جي عقيدي کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ جو رازسمايل آهي. جنهن ذريعي انسان پنهنجي خالق حقيقيءَ تائين رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. شاهہ انساني ذهن ۾ ان يقين کي بہ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ رزق ۽ روزي عطا ڪندڙ داتا ۽ ڏاتار بہ صرف ۽ صرف هڪ الله رب العزت ئي آهي، ان ڪري انسان کي رزق ۽ روزي لاءِ هميشہ ڏڻيءَ در ٻاڏائڻ گهرجي.

شاهہ لطيف سُر ڪلياڻ جي پهرين داستان ۾ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا سان گڏ "وَالي وَاحِد وَحده رازق رب رحيم" (139) جو اعلان فرمائي اها وضاحت ڪري چڪو آهي تہ رزق عطا ڪندڙ رب [illegible] رحيم وحده لاشريڪ آهي. جنهن جي تصديق قرآن ڪريم مان بہ ٿئي ٿي تہ [illegible] جا تمام خزانا الله تعاليٰ جي



www.sindhsalamat.com

قبضي ۾ آهن جنهن کي چاهيندو آهي ان کي بيشمار رزق عطا ڪندو آهي:

وَاللّٰهُ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ [140]

ترجمو: ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي اڻ ڳڻي روزي ڏيندو آهي.

شاهہ لطيف ﷫ بارگاهہ الاهيءَ ۾ ان ايمان ۽ يقين واري عقيدي جو اظهار ڪندي نظر اچي ٿو جنهن ۾ ڏاتار صرف ۽ صرف هڪ الله رب العزت ئي آهي ۽ ٻيا سڀ سندس محتاج ۽ مڱڻا آهن:

ڏاتار تون، ٻيا مڙيئي مڱڻا،
مينهن منداڻيتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان. [141]

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي بہ آهن اهي سڀ الله (ڏاتار) جا محتاج آهن:

يَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ كُلَّ يَوْمٍ هُوَ فِيْ شَاْنٍ ۝ [142]

ترجمو: جيڪو بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ ڪو الله کان گهرندو آهي سڀ ڪنهن ڏينهن اهو ڪم ۾ آهي.

هن آيت مبارڪ مان الله تبارڪ وتعاليٰ جي زمين ۽ آسمان وارن لاءِ ڏاتار هجڻ ۽ ٻين سڀني جي ڏاتار اڳيان محتاج هجڻ جو پتو پوي ٿو. جنهن کي شاهہ سائين "ڏاتار تہ تون ٻيا مڙيئي مڱڻا" جي صورت ۾ بيان فرمائي، هن آيت جي تشريح جو حق ادا ڪيو آهي.

ڀٽائي ﷫ انسان کي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ بند ٿيل دروزان تي ٻيهي صدائون نہ هڻ. بلڪ هن ڏيهہ ۾ جيڪو اڪيلو وحده لاشريڪ ڏاتار آهي ان جو نالو وٺي ان جي دروازي تان گهر تہ توکي رزق ۽ سڀ ڪجهہ عطا فرمائيندو:

پورڻا در مَ پِن، جن پنئي پورت نہ ٿئي،
ڏيهہ ۾ ڏاتر هيڪڙو نانءُ تهين جو ڳڻ،
جورين رَساٽي رِڻ، ڏيئي ڏرمائي ڪينڪين. [143]

اهڙي قسم جو ساڳيو بيان اسان کي قرآن ڪريم ۾ بہ ملي ٿو جنهن ۾ الله تعاليٰ جي نعمتن، رحمتن، ٻاجهہ ۽ رزق رسائڻ جو پتو پوي ٿو تہ اهي تمام



www.sindhsalamat.com

نعمتون سندس قبضي ۾ قدرت ۾ آهن ۽ الله ئي اڪيلو معبود آهي:

يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۖ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳﴾ (144)

ترجمو: اي انسان پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪريو الله کان سواءِ ڪو بڻائيندڙ آهي ڇا؟ جو آسمانن ۽ زمين مان اوهان کي روزي ڏئي ٿو. ان (الله) کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو.

شاهہ لطيف ڀٽائي﷫ رب ڪريم جي ذات بابرڪات پاران مخلوق کي روزانو رزق رسائڻ واري احسان ۽ دنيا جي ٻين ڪوڙن دروازن تان گهرڻ جي نفي ڪندي هڪ الله کان رزق وغيره گهرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

منگ تنهين کي مڱڻا جو ڏينهاڙي تو ڏي،
ڪوڙا در دنيا جا، جا جڪ منگين جي،
سيان توهي کي، موٽي ڏيندا مُنهہ ۾. (145)

ڀٽائي﷫ ڏيهاڙي يعني روزانو رزق عطا ڪندڙ الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ دنيا جي ڪوڙن درن تان رزق لاءِ ٻاڏائيندڙن کي نصيحت فرمائي آهي تہ الله تعاليٰ سيني کان بهترين رزق عطا ڪندڙ آهي ۽ دنيا وارا تہ موٽي ڏيندا مُنهن ۾ سامهون مهڻا ڏيندا تہ اسان توکي رزق وغيره ڏنو. ان ڪري انسان کي هميشہ رزاق (الله تعاليٰ) کان رزق گهرڻ گهرجي.

ساڳئي وقت قرآني تعليم مان بہ اسان کي اهو سبق ٿو ملي تہ سڀ کان بهترين روزي عطا ڪندڙ رب ڪريم ئي آهي:

وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۵۸﴾ (146)

ترجمو: ۽ بيشڪ الله چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

يعني رب ڪريم نہ رڳو بهترين روزي ڏيندڙ آهي بلڪ سندس رزق جا خزانا ايترا تہ وسيع آهن جو اهي ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندا:

اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهٗ مِنْ نَّفَادٍ ﴿۵۴﴾ (147)

ترجمو: بيشڪ اهو اسان جو رزق آهي جنهن کي ڪا کوٽ نہ هوندي.

اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين بهترين رزق عطا ڪندڙ ۽ رزق جي لامحدود خزانن جي مالڪ الله جي در تان گهرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد



www.sindhsalamat.com

فرمايو تہ:

مَنگ تنھين کي مڱڻا جو ڏينھاڻي توڏي

شاھ صاحب ھر وقت انسان ذات جي رھبريءَ جو حق ادا ڪندي نظر اچي ٿو. سُر پرڀاتي جي وائيءَ ۾ انسان کي اھا نصيحت ٿو فرمائي تہ در در تي نوڪرن ڪاڻ ۽ صدا ھڻڻ بجاءِ ھڪ در تي صدا ھڻ سوال ڪر تہ توکي سخي ڄام کان ڏان ملندو ڇو تہ اھو سيني جو داتا ۽ ڏاتار آھي:

ٻئي در ون ءَ مَر ڪيڏانھن،
جو تون ڄام منگندين مڱڻا!
ڦير مَھينيون ڪنڌ ڪيڏھين، ٿيندئي حاج ھيائين،
ورچي تون وھاڳ کان، متان ڏئين پاھين،
تنبو مَر کڻ تيڏھين، جيفو آھہ جيڏانھن،
در داتا منگ منگتا، ادا ھوئج ايڏاھين. (148)

اسان کي اھڙي قسم جي رھنمائي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي جنھن ۾ اھا وضاحت فرمايل آھي تہ خلقڻھار، رزاق يعني پالڻھار ۽ عبادت لائق اڪيلو خداوند عالم ئي آھي. ان ڪري ئي ڀٽائي "ٻئي درون ءَ ڪيڏانھن" ۽ "در داتا منگ منگتا" جھڙيون صلاحون ڏيندو نظر اچي ٿو.

اَمَّنۡ يَّبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ وَ مَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿۶۴﴾ (149)

ترجمو: ڀلا نئين سر مخلوق ڪير بڻائيندو آھي وري ٻيھر ان کي بڻائيندو؟ ۽ اوھان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آھي؟ الله سان ٻيو معبود آھي ڇا؟ (اي پيغمبر ڪين) چئو تہ جيڪڏھن اوھين سچا آھيو تہ پنھنجي حجت آڻيو.

شاھ سائين پنھنجي ڪلام ذريعي ان ڳالھ جي وضاحت فرمائي آھي تہ جانورن، پکين ۽ انسانن سيني کي رزق رسائيندڙ الله تبارڪ وتعاليٰ ئي آھي:

مرون ڪين وَلن، پکي ڪن نہ پورھئو
جان تون ڏيندڙ تن، تان آس اسانھين نہ لَھي



www.sindhsalamat.com

الله تبارڪ وتعاليٰ پاران قرآن عظيم ۾ به اها وضاحت فرمائي وئي آهي ته تمام جاندار، جانور ۽ پکي پنهنجو رزق کڻي نه هلندا آهن، بلڪ انهن سيني کي روزي رزق عطا ڪندڙ الله رب العزت ئي آهي:

وَكَأَيِّنْ مِنْ دَابَّةٍ لَا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖ اللَّهُ يَرْزُقُهَا وَإِيَّاكُمْ ۚ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ ﴿٦٠﴾ (150)

ترجمو: ۽ ڪيترائي جانور پنهنجي روزي ساڻ نه کڻندا آهن الله تعاليٰ انهن کي ۽ اوهان کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

شاھ لطيف ﷫ پنهنجي ڪلام ۾ الله تعاليٰ جي نعمتن رحمتن ۽ ٻاجھ جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو آهي، سُرمارئيءَ ۾ سمنڊ جي نعمتن ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ رزق ڏانهن اشارو ڪندي هڪ قرآني آيت هوبهو نقل فرمائي آهي:

ورئـو ورق وصـال جـو موڪـل جـڙي مـون،
لَحْمًـا طَرِيًّــا وَتَسْـتَخْرِجُونَ حِلْيَــةً تَلْبَسُـونَهَا،
مَن مونجهارا مون، آهـي مـارو ڄام مليـر جو. (151)

هيءَ آيت مبارڪ قرآن ڪريم ۾ ٻن مختلف هنڌن تي آيل آهي جنهن ۾ سامونڊي نعمتن جي وضاحت هن ريت فرمايل آهي:

وَهُوَ الَّذِي سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَأْكُلُوا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَتَسْتَخْرِجُوا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُونَهَا ۖ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيهِ وَلِتَبْتَغُوا مِنْ فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿١٢﴾ (152)

ترجمو: ۽ اهو (الله) آهي جنهن درياءَ کي هن لاءِ تابع ڪيو ته اوهين منجهائنس تازو گوشت (يعني مڇي) کائو ۽ منجهائنس اهي زيور (يعني موتي) ڪڍو جيڪي اوهين ڍڪيندا آهيو ۽ منجهس ترندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين ۽ انهيءَ لاءِ ته اوهين سندس فضل ڳوليو ۽ ته مان اوهين شڪر ڪريو.

شاھ جي ڪلام جي انهن حوالن ۽ قرآني تعليم مان ثابت ٿيو ته هن جهان جي تمام مخلوقات جو رازق صرف ۽ صرف الله تبارڪ وتعاليٰ ئي آهي.



www.sindhsalamat.com

# رهبر ۽ رهنما

شاهه عبداللطيف ڀٽائيﷺ جو شمار دنيا جي انهن ڀلارين هستين ۾ ٿئي ٿو. جن کي الله تبارڪ وتعاليٰ انسانيت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ لاءِ مبعوث فرمايو هو. ڀٽائي ان خدائي فرض کي تمام سهڻي انداز ۾ نيايو سندس محبت ڀريي ڪلام ۾ اها وضاحت فرمائي وئي آهي ته دنيا ۾ انسان لاءِ رهبر رهنما ۽ مرشد ضروري آهي. جيڪو سڌيءَ واٽ ڏانهن رهبري ۽ رهنمائي ڪري سگهي. لطيفي فڪر موجب سڀ کان وڏو رهبر ۽ رهنما هادي ۽ حبيب، رب ڪريم ئي آهي. جيڪو انسان جي رهبري ۽ رهنمائي خود به فرمائي ٿو ته هن دنيا جي عملي زندگيءَ ۾ رهبريءَ لاءِ پيغمبر ۽ ولي به مبعوث فرمايا اٿس.

ڀٽائي سُر يمن ۾ اها وضاحت ٿو فرمائي ته جنهن کي هدايت ڪندڙ (هادي) حبيب ملي وڃي ته پوءِ ان کي دنيا وارن طبيبن مان ڪِر جيترو به تفاوت نه پوندو ڇو ته اهوئي رهنما رقيب به آهي ته ساڳي وقت ساٿر سُپرين به:

اور ڏکنـــدو او تيـــي هـــادي جنـــه حبيـــب،
تـر تفاوت نـــه ڪـريـ تنـه کـي ڪـو طبيـب،
رهنمـــا رقيـــب، ســـاٿر آهـــي سُـــپرين. (153)

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان به اسان کي اها وضاحت ملي ٿي ته هدايت ۽ گمراهي الله رب العزت جي هٿ ۾ ئي آهي جنهن کي الله ڀلائي ته ان کي ڪوبه هدايت نه ڪري سگهندو ۽ جنهن کي هادي، الله هدايت فرمائي ته ان کي ڪوبه گمراهه نه ڪري سگهندو:

وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ط (154)

ترجمو: ۽ جنهن کي الله ڀلائي تنهن کي ڪو هدايت ڪرڻ وارو نه آهي ۽ جنهن کي الله هدايت ڪري تنهن کي ڪو ڀلائڻ وارو نه آهي.

هن ڀلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو ته هدايت ۽ گمراهي رب ڪريم جي وس ۾ آهي جنهن کي چاهيندو تنهن کي هدايت ۽ معرفت الاهيءَ جا ماڻڪ موتي عطا ڪندو ۽ جنهن کي چاهيندو ان کي گمراهيءَ جو گس ڏسيندو.



www.sindhsalamat.com

ليڪن ان جو مطلب هرگز اهو نہ آهي تہ انسان هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا جستجو ۽ جدوجهد نہ ڪري. الله تعاليٰ هدايت لاءِ قاعدو مقرر فرمايو آهي تہ جنهن جي دل ۾ الله تعاليٰ جي محبت، خوفِ خدا ۽ پرهيزگاري هوندي ان کي هدايت واري واٽ نصيب ٿي سگهندي. جنهن جي شاهدي اسان کي سورت البقره جي ٻيءَ آيت مان هن ريت ملي ٿي:

ذٰلِكَ الْكِتٰبُ لَا رَيْبَ ۛ فِيْهِ ۛ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۙ﴿۲﴾ (155)

ترجمو: هيءَ ڪتاب (قرآن) جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي انهن (پرهيزگارن) خدا ترسن کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي.

شاهہ سائين خداوند عالم جي صفتن جي ثنا خواني ڪندي رب ڪريم جي ذات بابرڪات کي ٺي هادي رب يعني هدايت جو رب قرار ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

حبيب تون، طبيب تون، تـون هـين ڊرڻـن ڊرب،
تون ڏيـين، تـون لاهيين، تـون هـين هـادي رب،
آهـم ايءُ عجب! جٺن وارئو ويچ وهاريين! (156)

ڀٽائي جيؒ ”تون هين هادي رب“ واري اعلان جي تصديق اسان کي قرآن عظيم مان پڻ ملي ٿي تہ رب ڪريم پنهنجي هدايت واري نور سان جنهن کي چاهيندو آهي ان کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي:

يَهْدِى اللّٰهُ لِنُوْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۭ (157)

ترجمو: الله جنهن کي گهرندو آهي، تنهن کي پنهنجي نور سان سڌو رستو ڏيکاريندو آهي.

شاهہ لطيف ؒ، سڌي رستي کان گمراهہ ۽ ڀليل انسان کي خبردار ڪندي ارشاد فرمائي ٿو تہ تون سڌيءَ واٽ کان ڀليل آهين؟ سنئين واٽ وٺڻ لاءِ دل مان دڳ لَهہ. يعني جنهن دل ۾ تقويٰ، خدا پرستي هوندي اها دل ئي هدايت الاهيءَ مان رهنمائي حاصل ڪري سگهندي:

آڇـا تـــون آواٽ، واٽـــان پاســـي ويســـري،
ســونهين ٿـيءُ ســواٽ، تـہ منجهـان دل دڳ لهــين.



www.sindhsalamat.com

بارگاهہ الاهي مان بہ انسان جي رهنمائي ۽ سنئين واٽ ڏانهن سونهين تيڻ لاءِ سورت فاتحہ (الحمد شريف) ۾ هڪ دعا عطا فرمايل آهي ۽ اها دعا يعني سورت فاتحہ هر نماز ۾ ايمان وارن لاءِ لازمي قرار ڏنل آهي جيڪا هن ريت آهي:

اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ ﴿۵﴾ صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ ۙ۬ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَا الضَّآلِّيۡنَ ﴿۷﴾ (158)

ترجمو: (اي الله) اسان کي سڌي واٽ ڏيکار جا انهن جي واٽ آهي جن تي فضل ڪيو اٿيئي نہ انهن جي (واٽ) جن تي تنهنجو ڏمر ٿيل آهي ۽ نہ ڀليلن جي واٽ.

ڀٽائيﷺ جنهن واٽ ڏانهن سونهين تيڻ جي صلاح ڏني آهي اها هيءَ صراط مستقيم واري سنئين واٽ آهي.

شاهہ هن دنيا واري سفر کي تڪليف وارو سفر قرار ڏيندي هن دنيا ۾ ٿي صراط مستقيم تي هلڻ جي صلاح ٿو ڏئي ڇو تہ سڌيءَ واٽ وارو جوڙ اڳيان نہ هوندو:

مــڙئي منــدَ ڏي آئيــون، ســاهيڙيون ســهجا،
اَلسَّــفَرُ قِطۡعَــةٌ مِــنَ النَّــارِ هــاري مــوٽ هتــا،
ســڳ صــراط مســتقيم، اٿئــي تــان نــہ اڳئــا،
ڪيچي نيندءِ ڪٿا، جئن تنهنجو نيہ نفاق سين. (159)

جڏهن تہ رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ سڌي واٽ ڏانهن رستو انهن کي ڏيکاريو ويندو جيڪي الله جي دين کي اختيار ڪندا. هن کان اڳ ۾ تقويٰ يعني پرهيزگاري ۽ خدا ترسي کي اختيار ڪندڙن لاءِ هدايت ۽ رهنمائي جي خوشخبري ڏنل هئي ۽ هاڻي دين الاهي اختيار ڪندڙن لاءِ صراط مستقيم جو اعلان فرمايو ويو آهي:

وَمَنۡ يَّعۡتَصِمۡ بِاللّٰهِ فَقَدۡ هُدِيَ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۱۰۱﴾ (160)

ترجمو: ۽ جيڪو الله جي دين کي چنبڙي ونندو تنهن کي بيشڪ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريو ويندو.

شاهہ صاحب موجب هاديءَ جي هدايت بعد روحاني رهبر ۽ مرشد



www.sindhsalamat.com

ڪامل ڪريم ڀاران متقين، مومنن ۽ خدا ترسن لاءِ هدايت واري صراط مستقيم تي هلڻ لاءِ سونهون (رهبر) بہ ضروري آهي:

اَوجهـــڙا آســـونهن، ڏيـــہ گهٽـــوئـــي ڏورئـــو
سڳر رِءَ سونهن، ڀهتي ڪا نہ ڀنڌ ڪري (161)

يعني ڏکيءَ واٽ ۾ جيڪي سونهيون نہ هيون تن سونهن ڪان سواءِ ڪابہ منزل نہ ڀهتي ان ڪري دنيا واري هن ڏکيءَ واٽ ۾ ڪو سونهون رهبر يا رهنما ضروري آهي. اهو سونهون ڀنهي جهانن جو سردار تي سڳهي تو جنهن ڀتڪيل انسان کي صراط مستقيم وارو سڌو رستو ڏيکاريو جنهن جي شاهدي اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي:

وَإِنَّكَ لَتَهۡدِيٓ إِلَىٰ صِرَٰطٖ مُّسۡتَقِيمٖ ﴿٥٢﴾ (162)

ترجمو: ۽ بيشڪ تون (اي محمد ﷺ) سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪندو آهين.

يعني نبي ڪريم ﷺ سڌي رستي ڏانهن رهبري ڪندڙ ۽ الله تعاليٰ هادي هدايت ڏيندڙ آهي.

ڀلارو ڀٽائي رحمة الله عليه انسانيت جي رهنمائي لاءِ ڪابہ ڪسر نٽو ڇڏي سندس خيال موجب جنهن جو ڪو مرشد ۽ رهبر نہ آهي جڻ تہ ان لاءِ اونداهي آهي، بلڪ اجا بہ وضاحت سان ارشاد ٿو فرمائي تہ جيڪو روحاني رهبر کان محروم آهي، تنهن جو رهبر شيطان آهي. اڳتي هلي وڌيڪ وضاحت ڪندي مرشد يا رهبر کان محروم شخص کي بنا ٻيڙيءَ جي سمنڊ ۾ هلندڙ قرار ڏنو اٿن:

سيا سياهي آهي آريءَ چام ري،
ڪڏهن پسبي ڪا نہ ڪا رءَ لالڻ لالائي،
دود دل تان دور ڪري، ساجن صفائي،
”مَنۡ لاَ شَيۡخَ لَهٗ فَشَيۡخَهُ الشَّيۡطَانَ“ ان رءَ اُونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي سا گيرب گمائي
مَنۡ يَمۡشِيۡ فِيۡ الطَرِيۡق بِلّا شيخ كَمَنۡ يَمۡشِيۡ



www.sindhsalamat.com

فِي الْبحر بِلاَ سَفِينَه، اهڙي اوائي،
تنه رِءَ توائي، ڪوڙين تين ڪيتريون. (163)

جڏهن ته قرآن ڪريم مان به اسان کي حضور ﷺ جي واٽ نه وٺندڙن يعني ڪين پنهنجو رهبر ۽ مرشد ڪامل نه مڃيندڙن جي قيامت ڏينهن ڪيفيت جو جيڪو پتو پوي ٿو ان ۾ افسوس ۽ ارمان کان سواءِ ڪيس پيو ڪجهه به نه حاصل ٿيندو ۽ شيطان جي دغا ۽ گمراهيءَ تي پنهنجا هٿ چٻيندو رهندو:

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلَىٰ يَدَيْهِ يَقُولُ يَا لَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُولِ سَبِيلًا ﴿٢٧﴾ يَا وَيْلَتَىٰ لَيْتَنِي لَمْ أَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيلًا ﴿٢٨﴾ لَقَدْ أَضَلَّنِي عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ إِذْ جَاءَنِي ۗ وَكَانَ الشَّيْطَانُ لِلْإِنسَانِ خَذُولًا ﴿٢٩﴾ (164)

ترجمو: ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا ٻئي هٿ چٻيندو چوندو ته هي ارمان (جيڪر) پيغمبر سان گڏ واٽ وٺان ها (ته چڱو هو) هئي هئي ارمان جيڪر فلاڻي کي دوست نه وٺان ها. بيشڪ مون وٽ جڏهن نصيحت آئي تنهن پڄاڻا هن مون کي ان کان گمراهه ڪيو ۽ شيطان ماڻهوءَ کي وقت تي دغا ڏيندڙ آهي.

ڀٽائي جو "سيا سياهي آهي آريءَ ڄام ري ۽ مَن لاشيخ له فشيخه الشيطان" وارو اعلان هن پلاريءَ آيت جو تفسير نظر اچي ٿو. جنهن ۾ نبي ڪريم ﷺ جي واٽ نه وٺندڙ ۽ شيطان جي گمراهي ۽ اونداهي واري واٽ اختيار ڪندڙ لاءِ وعيد بيان ٿيل آهي.

## تقدير

تقدير مان مراد قضا ۽ قدر آهي. الله رب العزت هن ڪائنات ۽ هر انسان متعلق سندس مُقدر لکي ڇڏيو آهي، دنيا جو نظام ۽ انساني زندگي ان خدائي امر مطابق هلي ٿي.

تقدير کي مڃڻ ايمان جو حصو آهي، جنهن جو اقرار ايمان مفصل ۾ هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

واڳ ڏٽين هٿ ۾، ڪيڏانهه ڪرهل ڪاهيان،
جيڏانهه وارينم سپرين، پير اوڏاهين پايان،
قلم ڪاتب هٿ ۾، آءُ ڪا لکيي مان لِڪ لاهيان (172)

رب ڪريم پاران به اسان کي اها رهنمائي ملي ٿي ته جيڪي ڪجهه هن دنيا ۾ ٿئي ٿو اهو الله وٽ تقدير واري ڪتاب ۾ لکيل آهي:

مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ط (173)

ترجمو: ڪابه مصيبت نڪي زمين ۾ ۽ نڪي اوهان جي جندن ۾ پهچندي آهي پر انهيءَ کان اڳ ان کي پيدا ڪريون، هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي.

شاهه ﷫ به قضا جي هر امر جو قائل آهي، سندس ارشاد آهي:

قَضا آنديس ڪوٽ ۾ لکيي جي لَغار
ميخون محبت سَنديون، هِنيڙي مَنجهه هزار. (174)

ڀٽائي تقدير جي لکين مان ذري ضايع نه ٿيڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي

توٽي وِلاڙون ڪرين، توٽي هلين وڪ،
لکيي منجهان لِڪ، ذَرو ضايع نه ٿئي. (175)

لکيو جو نراڙ سو انگ ڪياڙيءَ نه ٿئي،
پاڙئو ويني پاڙ جيڪين لکيو لوح ۾. (176)

جتي جيتريون، لکيون لَوح قَلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون. (177)

الله تعاليٰ پاران قرآن ڪريم ۾ لوح محفوظ جي باري ۾ ارشاد فرمايل آهي ته اصل ڪتاب الله تعاليٰ وٽ آهي:

لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾ يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۖ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾ (178)

ترجمو: هر ڪنهن لاءِ لکيل حڪم آهي جيڪي الله کي وڻندو آهي سو ميٽيندو آهي ۽ قائم رکندو آهي ۽ وٽس اصل ڪتاب آهي.

تقدير تي راضي رهندڙن لاءِ شاهه ۽ قرآن جو ارشاد هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

نـــا اُميـــدي آجڪـــو اوچـــڻ آديســـين،
سَـــدا سُـڪ وَسـن، طالـب اوتقـدير تـي.(179)

وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ۝ (180)

ترجمو: ۽ سڀ ڪنهن شيءِ کي بڻايائين پوءِ ان جو اندازو پوريءَ طرح ٺهرايائين.

## مڪمل علم رکندڙ

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي نزديڪ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات بابرڪات تمام ڄاڻ (علم) جو سرچشمو آهي. سندس علم لامحدود هئڻ سان گڏ هن جهان ۽ سموريءَ ڪائنات جو (احاطو) گهيرو ۽ غلبو رکي ٿو. جنهن جو اعلان شاهہ سائينءَ سرڪلياڻ جي پهرين داستان جي پهرينءَ سٽ ۾ "اول الله عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي" جي صورت ۾ ڪري چڪو آهي. عليم مان مراد اها ذات يا هستي آهي، جنهن جي علم جي دسترس کان ڪائنات جي ڪابہ شيءِ ڳجهي نہ هجي. شاهہ صاحب رب ڪريم جي علم ۽ ڄاڻ جو اظهار ڪندي وضاحت ٿو فرمائي تہ انساني ڪيفيت ۽ وجود جي احوال کان الله تعاليٰ باخبر آهي:

هــن منهنجــي حــال جــي، تــوکي سُـڌ سَـتار،
جيڪـــــــين وهـــــــي وجـــــــود ۾،
سُـــــو تـــــون ڄـــــاڻي ڄاڻـٹهـــــار.(181)

ڀٽائيءَ جي سُڌ ستار ۽ ڄاڻي ڄاڻٹهار واري اعلان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ الله تعاليٰ پڌري يا ڳجهي هر راز کان باخبر آهي بلڪ اهو سينن جا راز ڄاڻندڙ ۽ باريڪ بين آهي:

وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ۭ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ۝ (182)

ترجمو: ۽ پنهنجي ڳالهہ ڳجهي ڳالهايو يا پڌري چئو تہ بيشڪ الله سينن جو



www.sindhsalamat.com

ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي. جنهن پيدا ڪيو سو ڪيئن نہ ڄاڻندو ۽ اهو اونهيءَ نظر وارو خبر رکندڙ آهي.

ڀٽائيءَ جو "جيڪين وهي وجود ۾ سو تون ڄاڻي ڄاڻڻهار" وارو اعلان هن آيت جي منظوم ترجمي جي حيثيت رکي ٿو.

شاهہ لطيف ﷺ بارگاهہ الاهيءَ ۾ سندس ٻاجهہ لاءِ ٻاڏائيندي اعتراف ٿو ڪري تہ آءٌ پنهنجو حال ۽ ڪيفيت ڇا لاءِ بيان ڪيان. جڏهن تہ توکي سڀ ڪجهہ معلوم آهي:

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي منگان،
ري ٽنيين ري ٽوٽيين، تون ڇپر تون ڇان،
ڪجاڙو ڪهان؟ توکي مَعلم سيڪا. (183)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي بارگاهہ الاهيءَ مان ٻاجهہ ۽ فضل طلب ڪرڻ جو سبق ملي ٿو ۽ اها بہ خبر پوي ٿي تہ الله تعاليٰ سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي:

وَسْـَٔلُوا اللّٰهَ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِـيْمًا ﴿٣٢﴾ (184)

ترجمو: ۽ الله کان سندس فضل گهرو ڇو تہ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ذريعي قدرت جي هن نظام ڄاڻڻ ۽ علم جي تعريف ڪندي نٿو ڍاپي، سندس خيال موجب قدرت جي هن ڪائنات واري ڪارخاني ۾ انسان جيڪي ڪجهہ ڏسي ٿو يا جن شين ۽ رازن جو مشاهدو ماڻي ٿو انهن کي ڪوڙ ڪُلي طورتي سڃاڻي نٿو سگهي ڇو تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جو علم ايترو تہ وسيع آهي، جو ڪنهن بہ انسان جي وس ۾ اها ڳالهہ نہ آهي تہ هو رب ڪريم جي علم، راز ۽ حڪمتن متعلق ڪجهہ ڄاڻي رکي سگهي ۽ ڪيترائي هن جهان جي مشاهدي ماڻڻ بعد ان جي اصلي حقيقت ۽ علم کان محروم رهجي مري ويا:

ديکينـدي ديـدار کـي "ڪُـلُ" سـڃاتئون ڪـين نـہ،
جانـب منجهـان جـين نـہ، محـرومر ئـي مـري ويـا. (185)

يعني هن دنيا جي ظاهري ڏسڻ پسڻ سان ان جي اصلي حقيقت ۽



www.sindhsalamat.com

لڪل رازن جو علم ڪنهن کي بہ نہ آهي، ها البتہ اگر الله تعاليٰ چاهي تہ پنهنجي علم مان جنهن کي وڻيس ان کي اوترو علم عطا ڪري اها حقيقت قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايل آهي:

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا شَآءَ ۚ (186)

ترجمو: جيڪي انهن (مخلوقن) جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (سڀ) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي گهري تنهن کان سواءِ سندس علم مان ڪنهن ذري کي (اهي) گهيرو ڪري نہ سگهندا آهن.

هن پلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ هن دنيا ۾ انسان جيڪو بہ مشاهدو ماڻي ٿو مخلوقات جي اڳيان پويان جيڪي ڪجهہ ٿي گذريو آهي يا مستقبل ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيندو ان جو تمام علم الله تعاليٰ وٽ ئي آهي ۽ سندس مرضيءَ کان سواءِ ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي تہ هو ذري جيترو علم حاصل ڪري سگهي، ان ڪري شاهہ فرمايو تہ:

ديکيندي ديدار کي، ڪُل سڄاتئون ڪين نَہ.

ڀٽائي رحمة الله عليه جي نزديڪ علم ڪامل جو مرڪز صرف ۽ صرف رب ڪريم ئي آهي. سندس فرمان آهي تہ هن سموري جهان جي ڪارخاني ۽ نظام کي عام انسانن تہ ڪونہ سڃاتو ليڪن جيڪي وڏا معزز محترم ۽ امين هئا، اهي پلارا بہ حساب ڪندي هيٺا ٿي ٿڪجي پيا. انهن کي بہ مڪمل ديدار جلوو نصيب نہ ٿيو بلڪ انهن بہ رڳو جز ڏٺو:

ديکيندي ديدار کي "ڪُلُ" سڄاتئون ڪين،
تــازي طبـيلن ۾ آهــــ، آحـــاطو زيـــن،
هُئا جـي امـين، سي حسـابان هجـي وئـا. (187)

ڀٽائي رحمة الله عليه هن بيت ۾ اها وضاحت فرمائي آهي تہ خالق ڪائنات جي هن نظام جو جيڪو علم ۽ راز آهي، ان کي انسان تہ نہ سمجهي سگهيا ليڪن جيڪي وڏا عاقل ۽ بي بها داناءَ هئا انهن جا عقل بہ حيران ٿي ويا. جيئن قرآن ڪريم ۾ حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ حضرت خضر عليه السلام جو قصو بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ حضرت خضر عليه السلام جيڪي ڪم ظاهر طورتي



www.sindhsalamat.com

ڪيا انهن کي عام ماڻهن تہ سمجهيو ۽ سچاتوئي ڪين جنهن لاءِ شاهه فرمايو تہ:

ديکينـدي ديـدار کـي ڪُـل سـڃاتئون ڪـين.

ليڪن حضرت خضر عليه السلام جي انهن ڪمن کي الله تعاليٰ جو پيارو پيغمبر موسيٰ عليه السلام بہ نہ سمجهي سگهيو جنهن لاءِ ڀٽائي ﷫ اعلان فرمايو تہ جيڪي نبوت جي تاج جا امين هئا، اهي بہ ان حقيقت جي علم کان محروم هئا:

هئـا جـي امـين، سـي حسـابان هـجـي وئـا.

قرآن ڪريم مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ جڏهن موسيٰ عليه السلام، حضرت خضر عليه السلام کي چيو تہ آءٌ تنهنجي ڪِـئي هلان جيڪي توکي هدايت مان سيکاريو ويو ان مان مون کي سيکار تہ حضرت خضر عليه السلام جواب ڏيندي فرمايو تہ:

قَالَ إِنَّكَ لَن تَسْتَطِيعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلَىٰ مَا لَمْ تُحِطْ بِهِ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ (188)

ترجمو: (خضر عليه السلام) چيو تہ تون مون سان ڪڏهن بہ صبر ڪري نہ سگهندين ۽ جنهن جي توکي خبر ئي نہ آهي تنهن تي ڪـئي صبر ڪندين؟

حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت خضر عليه السلام کي يقين ڏياريو تہ آءٌ صبر ڪندس پوءِ ٻئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيا تڏهن حضرت خضر عليه السلام ان ٻيڙيءَ ۾ سوراخ ڪيو تنهن تي موسيٰ عليه السلام ، خضر عليه السلام کي چيو تہ:

قَالَ أَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ أَهْلَهَا لَقَدْ جِئْتَ شَيْئًا إِمْرًا ﴿٧١﴾

قَالَ أَلَمْ أَقُلْ إِنَّكَ لَن تَسْتَطِيعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾ (189)

ترجمو: (موسيٰ عليه السلام)، (خضر عليه السلام کي) چيو تہ تو ان کي انهيءَ لاءِ سوراخ ڪيو ڇا تہ ٻيڙيءَ وارن کي ٻوڙين؟ بيشڪ تو اڻانگو ڪم ڪيو. (خضر عليه السلام) چيو تہ توکي نہ چيو هوم ڇا تہ تون مون سان صبر ڪري نہ سگهندين؟

بعد ۾ وري پيغمبر خضر عليه السلام ۽ موسيٰ عليه السلام گڏجي روانا ٿيا تہ رستي ۾ خضر عليه السلام هڪ ڇوڪري کي ڪُٺو تنهن تي موسيٰ عليه السلام، حضرت خضر عليه السلام کي چيو تہ بيشڪ توهيءَ خراب ڪم ڪيو ۽ اهو سلسلو اڳتي بہ هلندو رهيو ۽ آخر ۾ حضرت خضر عليه السلام، حضرت موسيٰ عليه السلام کي چيو تہ هاڻي پاڻ گڏ نہ هلي سگهنداسين. ان قصي اندر قدرت جا جيڪي راز هئا



www.sindhsalamat.com

اهي حضرت موسيٰ عليه السلام جهڙو پيغمبر بہ نہ سمجهي سگهيو تنهن تي ڀٽائيءَ اشارو فرمايو تہ:

هٿا جي امين، سي حسابان هجي ويا.

جڏهن تہ رب ڪريم پاران اها وضاحت پڻ فرمايل آهي تہ انسان کي تمام ٿورڙو علم عطا ڪيل آهي:

وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٥﴾ (190)

ترجمو: ۽ اوهان کي ڪي ٿورڙي علم کان سواءِ نہ ڏنو ويو آهي.

مقصد تہ لطيفي فڪر ۽ قرآن ڪريم مان ثابت ٿيو تہ علم ڪامل جو حامل رب ڪريم ئي آهي، سندس علم هن جهان جي هر شيءِ جو گهيرو (احاطو) ڪندڙ آهي. جنهن جو اعلان "وَاللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ" جي صورت ۾ فرمايل آهي.

## الله جي حاڪميت

سنڌ جو سداحيات شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمه الله، پنهنجي ڪلام ذريعي مخلوق کي خالق سان متعارف ڪرائي ملائڻ لاءِ سموري زندگي سرگرم رهيو. سندس ڪلام ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات، صفات ۽ احسانن کي وڏي وضاحت سان بيان ڪيل آهي تہ جيئن مخلوق کي پنهنجو وساريل خالق ۽ مالڪ ياد اچي ۽ ڪيس زندگي جو اصلي ۽ حقيقي مقصد حاصل ٿي سگهي.

شاھ سائين انسان کي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرائي آهي تہ بادشاهن جو بادشاھ مالِڪُ الملڪ ۽ اَحڪمُ الحاڪمين وحده لاشريڪ آهي:

صُلح ڪر سُلطان سين ڪيڏي گهلِ گهرا،
تہ تون تنہ درا، ڏيهاٽي ڏان لهين. (191)

هن بيت ۾ شاھ سائين رحمه الله، سلطان سان صلح ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني آهي. سلطان مان مراد سيني ۾ وڏيڪ طاقتور ۽ وڏو حاڪم، احڪم الحاڪمين آهي، جنهن جو سيني تي حڪم هلندو هجي ۽ اهو سلطان صرف رب



www.sindhsalamat.com

العالمين ئي آهي. جنهن جي دروازي تان ۽ بارگاهہ مان ڏهاڙي ڏان ملي سگهي ٿو.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اهو پتو پوي ٿو تہ بادشاهن جو بادشاهہ الله رب العزت آهي ۽ ان کان سواءِ انسان جو ڪوبہ حامي ۽ مددگار نہ آهي جنهن لاءِ شاهہ فرمايو تہ:

تــــہ تـــــون تنــــہ درا، ڏيهـــاڙي ڏان لهــــين،

ڀٽائيءَ جي سُلطان ۽ تون تنه درا، وارو اعلان هن آيت جي تشريح نظر اچي ٿو:

اَلَمۡ تَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ لَهٗ مُلۡكُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ ؕ وَمَا لَكُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ مِنۡ وَّلِىٍّ وَّلَا نَصِيۡرٍ ﴿۱۰۷﴾ (192)

ترجمو: نہ ڄاڻندو آهين ڇا؟ تہ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي ۽ الله کان سواءِ اوهان جو نڪو سنڀاليندڙ نڪو واهرو آهي.

ڀٽائي ﷫ اڳتي هلي رب ڪريم جي بادشاهي (صاحبي) ۽ وڏيءَ سگهہ جو بيان ڪندي ارشاد ٿو فرمائي:

صـاحب تنهنجـي صـاحبي عجـب جهـڙي آهہ،
وڏي سـگهہ سـندياءِ، پـاڻ وهيـڻـو آهيـين. (193)

يعني رب ڪريم جي بادشاهي وڏي شان ۽ مان واري آهي ۽ ساڳي وقت ان جي سگهہ طاقت ايتري تہ آهي جو ان جو ڪوبہ مقابلو نٿو ڪري سگهي ۽ نہ ئي وري ان کي ڪنهن جي ڪا پرواهہ آهي.

اسان کي قرآن ڪريم مان صاحب جي صاحبيءَ جو جيڪو پتو پوي ٿو سو هن ريت آهي:

فَسُبۡحٰنَ الَّذِىۡ بِيَدِهٖ مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَىۡءٍ وَّاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿۸۳﴾ (سورت يس آيت 83)

ترجمو: پوءِ اهو الله پاڪ آهي جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهين موٽايا ويندؤ.

شاهہ سائين رب ڪريم جي جنهن "وڏي سگهہ سندياءِ" جو ذڪر فرمايو آهي اهو اسان کي هن ڀلاريءَ آيت جو مفهوم معلوم ٿئي ٿو:

تَبٰرَكَ الَّذِىۡ بِيَدِهِ الۡمُلۡكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرُ ۙ‏ ﴿۱﴾ (194)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: اهو الله وڏيءَ برڪت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ ساري ملڪ جي بادشاهي آهي ۽ اهو سڀ تي وسوارو آهي.

ڀٽائي﷫ جو ”پاڻ وهيٺو آهيين“ وارو اعلان به هن قرآني آيت جي شرح معلوم ٿئي ٿو:

وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۶۴﴾ (الحج-64)

ترجمو: ۽ بيشڪ الله بي پرواهه (بي نياز) ۽ ساراهيل آهي.

شاهه سائين﷫ رب ذوالجلال جي بادشاهي ۽ ان جي سگهه جي تعريف ڪندي اعلان ٿو فرمائي ته آسري وارو منو نالو الله تعاليٰ جو ئي آهي. جنهن جي سگهه جو ڪو پرو پاند ئي نه آهي ۽ ان ڪريم رب جي در جهڙو ٻيو ڪو در به نه آهي جتان ڪا حاجت روائي ٿيندي هجي:

منو جئن نالوءِ، تيئن مون وڏو آسرو،
صاحب تنهنجيءَ سگهه، جو پرو پاند نه ڪوءِ،
ڪو در ناهه جهوءِ، مون ٻئا در گهٽو نهارئا. (195)

اهڙي قسم جو ساڳيو عنوان اسان کي ڪلام الاهيءَ ۾ به ملي ٿو جنهن ۾ رب ڪريم (صاحب) جي بادشاهي ۽ سگهه سان گڏ ان جي ڪارساز ۽ حاجت روا هئڻ جو به پتو پوي ٿو:

وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۳۲﴾ (196)

ترجمو: ۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو خاص الله جو آهي ۽ الله پرجهلو (ڪارساز) بس (ڪافي) آهي.

هيءَ سڄوري آيت شاهه سائينءَ جي متين بيت واري معنيٰ ۽ مفهوم سان مطابقت رکي ٿي اگر ايئن ڪٿي چئجي ته شاهه جو.

”صاحب تنهنجي سگهه جو پروپاند نه ڪوءِ“

وارو بيت هن آيت جو تفسير آهي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو.



www.sindhsalamat.com

## الله تعاليٰ جو ذڪر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جيئن ته الله تعاليٰ جي توحيد ۽ وحدانيت جو قائل هو ان ڪري سندس ڪلام ۾ اڪثر طور تي الله تعاليٰ جو حمد ثنا ۽ ذڪر ملي ٿو جنهن مان شاهه سائين جي ذات باري تعاليٰ سان محبت ۽ عقيدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڀلاري ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر الاهي ڪري هڪ طرف رب ڪريم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪئي آهي ته ٻئي طرف انسان ذات کي ذڪرِ الاهي جي ترغيب پڻ ڏني آهي. عالمن ۽ عارفن جو قول آهي ته ذڪر الاهي انسان لاءِ روحاني غذا جو درجو رکي ٿو:

شاهه رحه الله تعاليٰ ٻاران انسان کي ذڪر لاءِ ڏنل هدايت کي هوبهو نقل ڪندي اها وضاحت فرمائي آهي ته جنهن ذات جي تنهنجي اندر تات ۽ طلب آهي ان ذات کي به تنهنجي لاءِ محبت ۽ ياد آهي، ان ڪري انسان کي ان راز کي سمجهڻ گهرجي:

توجني جي تات، تِن پڻ آهي تنهنجي،
فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ، اي پروڙ ڄ بات،
هَتِ ڪاتِي ڳُڙوات، پُڇڻ پَر پِرين. (197)

اها ڀلاري آيت جيڪا شاهه حوالي طور بيان فرمائي آهي سا قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ (198)

ترجمو: تنهن ڪري مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي بي شڪري نه ڪريو.

هن مبارڪ آيت ۾ الله تعاليٰ ٻاران مخلوق لاءِ ذڪر ۽ شڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي، ليڪن ذڪر ڪندڙ ٻانهن لاءِ اها خوشخبري پڻ ڏنل آهي ته اگر اوهان الله کي ياد ڪندو ته الله تعاليٰ به اوهان کي ياد ڪندو ۽ الله تعاليٰ جو ڪنهن ٻانهي کي ياد ڪرڻ، اها هڪ وڏي سعادت ۽ خوش نصيبي آهي.



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين ذڪر ڪندڙ ٻانهي لاءِ رب ڪريم پاران بہ ياد ڪرڻ واري اعلان کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي اُن کي بيان فرمائي الله رب العزت جي ذڪر جي اهميت کي واضح فرمايو آهي:

عاشــــقن الله جـــي ســــدا وائـــي وات،
فَـــاذْكُرُوْنِیْٓ اَذْكُرْكُـــمْ، تَـــن ۾ اهـــا تـــسات،
اُني کي ڪنهن سات، سَڄڻ ويل نہ وسري [199]

يعني الله سان عشق رکندڙن کي هميشہ الله جي ذڪر جي وائي وات ۾ آهي ۽ انهن کي ڪنهن بہ گهڙي، ساعت ربِ ڪريم نٿو وسري

اسان کي حضور اڪرم ﷺ جن جي هڪ مبارڪ حديث ملي ٿي جنهن ۾ بيان فرمايو ويو آهي تہ جڏهن ٻانهو مون کي ياد ڪندو آهي تہ آءٌ ان سان گڏ هوندو آهيان. انهيءَ حقيقت کي ڀٽائي ”انهيءَ کي ڪنهن سَات، سڄڻ ويل نہ وسري“ جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي:

قَالَ النَّبِیُّ يَقُوْلُ اللهُ تَعَالٰی: اَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِیْ وَاَنَا مَعَهٗ اِذَا ذَكَرَنِیْ۔ [200]

ترجمو: حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ آءٌ ٻانهي سان اهڙو معاملو ڪندو آهيان، جهڙو هو مون سان گمان ڪندو آهي، جڏهن هو مون کي ياد ڪندو آهي تہ آءٌ ان سان گڏ هوندو آهيان.

الله جي ذڪر واريءَ آيت جي حوالي سان شاهہ سائين، مختلف سُرن ۾ جيڪو بيان فرمايو آهي، ان جو تفصيل هن ريت آهي:

زُمُـــرَ، زُخْرُفَ، قُـــل جنـــي جـــو قـــوت،
فَـــاذْكُرُوْنِیْٓ اَذْكُرْكُـــمْ، ســـاٽيهہ ۾ ثـــابوت،
جُنبـــي وٺـــا جبـــروت ۾، ماٽيـــائون مَلڪـــوت،
لڳـــا ۾ لاهـــوت، پَڪـــا پهنـــوارن جـــا. [201]

پُڇـــن جـــي ميهـــار کـــي، پڇـــي ســـي ميهـــار
فَـــاذْكُرُوْنِیْٓ اَذْكُرْكُـــمْ، اي پـــروڙج پـــار
ٺُرهـــو تنـــي بـــار، عشـــق جنـــي کـــي آڪـــرو. [202]



www.sindhsalamat.com

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ، ڪهڙو قرآنا،
وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، ڪڏ تون ڪُفرانا.(203)

شاهه لطيف رحمة الله عليه انسان کي پنهنجي هستي وڃائي پنهنجي من ۾ محبوب حقيقي الله کي ياد ڪرڻ ۽ ليلائڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:
هيڪر هئڻ وڃاءِ، تہ ويجهي ٿئين وصال کي،

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ، پهريءَ اِي پڇاءِ،
لالڻ کي لِيلاءِ، تہ پوي ڀاڄهہ ڀروچ کي.(204)

شاهه سائين قرآن ڪريم جي جيڪا هيءَ آيت سڳوري نقل فرمائي آهي ان ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد مبارڪ آهي تہ پنهنجي رب کي صبح ۽ شام عاجزيءَ سان ياد ڪر تہ جيئن تنهنجو شمار غافلن ۾ نہ ٿئي:
وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾(205)

ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار کي دل ۾ عاجزيءَ ۽ ڀَوَ سان وڏي آواز ڌاران صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج.

شاهه صاحب رحمة الله عليه جڏهن هن ٻلاري آيت واري حقيقت ۽ الله تعاليٰ جي حڪم کي سمجهائي ٿو تہ پوءِ جيڪا سندن ڪيفيت ٿئي ٿي ان جو اظهار هن بيت ۾ فرمايو اٿن:

حقيقت هٿي، منهنجي جان جدا ڪئي،
هڪ پساهہ پرينءَ ري سگهان تان نہ ڪٽي،
ڏٺي ۽ ڏٺي، رهيو آهم روح ۾.(206)

جڏهن تہ هر حال ۾ ۽ هر ساهہ پساهہ ۾ ڏٺيءَ جو ذڪر ڪندڙ ٻانهن جو تعارف قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايو ويو آهي:
الَّذِيْنَ يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِهِمْ وَيَتَفَكَّرُوْنَ فِيْ خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ رَبَّنَا مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا ۚ سُبْحٰنَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿۱۹۱﴾(207)

ترجمو: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن ڀر الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمان ۽ زمين جي بڻاوت ۾ فڪر ڪندا آهن (۽ چوندا آهن تہ) اي اسان جا



www.sindhsalamat.com

پالڻهار ھنن کي ٻي رڻ نہ ٻڌايو اٿيئي توکي پاڪ ڄاڻون ٿا تنهن ڪري اسان کي باهہ جي عذاب کان بچاءِ.

شاهہ صاحب ﷫ انسان کي غفلت کي ڇڏي الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو تہ محبت جي ميدان ۾ اها ڳالهہ تمام ڳري آهي:

ويهہ مَ ويسري، تان ڪين اور الله سين،
محبت جي ميدان ۾ سڄي ڳالهہ ڳري. (208)

جڏهن تہ قرآن ڪريم مان اسان کي الله جي ذڪر کان غفلت ڪندڙ غافل لاءِ سخت عذاب جو پتو پوي ٿو اهوئي سبب آهي جو شاهہ ويهہ مَ ويسري جي صلاح ڏئي ٿو:

وَمَنْ اَعْرَضَ عَنْ ذِكْرِیْ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيْشَةً ضَنْكًا وَّنَحْشُرُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَعْمٰى ﴿١٢٤﴾ (209)

ترجمو: ۽ جيڪو منهنجي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندو تنهن لاءِ بيشڪ حياتي اهنجي ٿيندي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس انڌو ڪري اٿارينداسون.

هن آيت مان الله تعاليٰ جي ذڪر کان غفلت ڪندڙ جي انجام جو پتو پوي ٿو تہ ياد الاهي کان منهن موڙيندڙ ڪيڏي نہ وڏيءَ سزا جو مستحق ٿيندو ان ڪري انسان کي گهرجي تہ هر وقت الله تعاليٰ جو ذڪر ڪندو رهي.

ڀٽائي﷫ تن کي تسبيح، من کي مڻيو ۽ دل ۾ بہ الله جي نالي جي ذڪر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

تَنُ تسبيح مَنُ مڻيون، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جيون، وحدت سُروڄن،
وحده لاشريڪ لہ، اهو راڳ رڳن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت ان جي. (210)

لطيفي فڪر موجب جنهن وجود جي تَن مَن ۾ ذڪرِ الاهيءَ جي تندتنوار هجي ۽ الله جي توحيد جو راڳ رڳن ۾ روان هجي تہ پوءِ ان دل کي الله جي ذڪر کان سواءِ قرار نہ ايندو اهڙو بيان اسان کي قرآن ڪريم جي هن آيت مان بہ ملي ٿو:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ﴿٢٨﴾ (211)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: (هي اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ذڪر سان (ئي) آرام ونديون آهن.

هن پلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ دلين کي آرام ۽ راحت صرف ۽ صرف الله جي ذڪر سان ئي ملي سگهي ٿي، ان ڪري ضروري آهي تہ تن کي تسبيح من کي مٺيو دل کي دنبورو ڪري وحدت جي سرن جو راڳ رڳن روان ڪجي تہ دل کي حقيقي آرام ۽ سڪون نصيب ٿي سگهي.

شاهہ سائين ﷫ الله کي ياد ڪندڙ (ذاڪر) ٻانهي کي "طَالِب المولىٰ مذڪر" يعني مڙس ماڻهو همٿ ۽ حوصلي وارو مرد قرار ڏنو آهي، جيڪو هر وقت الله جي ياد ۾ مشغول رهي ٿو:

مُونَــا طُــور سِــينا سَــندا سـنيا ســين،
طالب المولىٰ مذڪر اپيءَ ڪلام ڪٿائون ڪَنِ،
سـڪن کـي ســيين پـرين پُجهـي ڏنـائون ٻـن،
"الــف" آديســين، چـوري رکيـو چـت ۾. (212)

شاهہ سائين سنياسين ۽ آديسين پاران هر وقت الله (الف) چِت ۾ چوري رکڻ جي بيان بعد اهڙن ذاڪرن جو تعارف ڪرايو آهي تہ اُهي مونن ۾ منهن پائي يعني مراقبي واري حالت ۾ ذڪر ڪندي هيڪڙائي حق واري منزل تي پهچي محبوبِ حقيقي جو ديدار ڪن ٿا:

وينـــائي وهَســـن، پـــايو مُنــه مـــونن ۾،
جـوڳي جـاتـرا ڪـن، جـه آيـا الوهيـت ۾. (213)

ڀٽائي جي طالب المولىٰ مذڪر ۽ مُونن ۾ منهن وجهي جاتـرا ڪندڙ جوڳين يعني هرحال ۾ هرهنڌ الله تعالىٰ کي ياد ڪندڙن جي مقام ۽ مرتبي جو پتو هن حديث مبارڪ مان پوي ٿو:

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ: لَا يَقْعُدُ قَوْمٌ يَذْكُرُوْنَ اللهَ عَزَّوَجَلَّ اِلَّا حَفَّتْهُمُ الْمَلَائِكَتهُ وَغَشِيَتْهُمُ الرَّحْمَةَ وَنَزَلَتْ عَلَيْهِمُ السَّكِيْنَةُ وَذَكَرَهُمُ اللهُ فِيمَنْ عِنْدَهُ. (214)

ترجمو: نبي ڪريم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ جيڪا جماعت الله تعالىٰ جي ذڪر ۾ مشغول هوندي آهي تہ فرشتا انهن جي چوڌاري ٿي بيهندا آهن، رحمتِ الاهيءَ جي ڇانو هيٺ ڍڪجي ويندا آهن، سڪينہ سڪون واري



www.sindhsalamat.com

ڪيفيت انهن تي نازل ٿيندي آهي ۽ الله ذڪر ڪندڙ ٻانهن جو تذڪرو فرشتن جي مجلس ۾ فرمائيندو آهي.

هن حديث مبارڪ مان ذڪر ڪندڙ ٻانهن جي عزت، مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ الله تعاليٰ کين ڪيڏو نہ وڏو مرتبو عطا فرمايو آهي. اهو مرتبو هر مؤمن ذڪرِالاهي اختيار ڪري حاصل ڪري سگهي ٿو.

شاهہ لطيف الله تعاليٰ جي ذڪر جي اهميت کي سامهون رکندي، انسان کي صلاح ٿو ڏئي تہ هر گهڙيءَ پل الله وحده لاشريڪ جي وائي وات هجي ۽ ان کي هرگز نہ وسارجي:

تون چئو الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،
تَن ۾ ٿنڌ تنوار، سدا سپرين جي. (215)

تون چَئُہ الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،
تن هنين سين گڏ، سڄڻ ساهہ پساهہ ۾. (216)

حضرت عبدالله رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ صحابيءَ عرض ڪيو تہ يارسول الله، شريعت جا احڪام تہ گهڻا آهن ليڪن مون کي ڪو اهڙو عمل ٻڌايو تہ آءٌ ان کي پنهنجو معمول بنايان، تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم فرمايو:

قَالَ لَايَزَالُ لِسَانُكَ رَطْبًا مِنْ ذِكْرِ اللهِ۔ (217)

ترجمو: فرمايائون تہ اوهان جي زبان هر وقت الله تعاليٰ جي ذڪر سان تر هجي. جڏهن تہ شاهہ ٻيءَ وائيءَ کي وساري سدا سپرين جي ذڪر جي تندتوار کي جاري رکڻ جي نصيحت فرمائي آهي.

شاهہ صاحب انسان جي رهنمائي فرمائيندي کيس صلاح ٿو ڏئي تہ هٿن سان ڪم ڪار ڪندو رهہ ۽ نيڻن سان بيشڪ نهاريندو ۽ نظارا ڪندو رهہ، ليڪن دل ۾ سپرين جي ياد ۽ ذڪر جاري هئڻ گهرجي:

هٿن سين حاج ڪر، نيڻن سين نهار،
اُيا اگڻ پار، پَس پنهنجا سپرين. (218)

يعني اي طالب هٿن سان حاج ڪر ۽ نيڻن جي اڪنڊ کي پنهنجي حقيقي پرين ڏي اهڙيءَ طرح رک جو پنهنجو پرين اگڻ تي پيو ڏسين مقصد



www.sindhsalamat.com

تہ هن بيشڪ دنيا جي ڪم ڪار ۾ رُڌل هجن، ليڪن دل انهيءَ مالڪ جي ديدار ۾ رُڌل هجي، جيڪو تنهنجي اندر جي اڱڻ تي توسان گڏ آهي.

انسان جي اندر يعني دل واري اڱڻ تي جيڪو سپرين آهي، ان جي شاهدي اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾ (219)

ترجمو: ۽ اسان ڏانهس سندس ساهہ جي رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون.

شاهہ سائين سُپرين سان ساجاهہ جي باري ۾ هڪ ٻئي هنڌ وڌيڪ وضاحت سان ارشاد فرمايو آهي تہ مون کي سُپرين هڪ ويل نہ وسريو آهي ۽ هر وقت اندر روح ۾ رهيل آهي، جنهن جي تصديق اسان کي مٿين قرآني آيت مان پڻ ملي ٿي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ انسان کي ساهہ جي رڳ (شهہ رڳ) کان بہ وڌيڪ ويجهو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين محبوب حقيقي لاءِ "اندر روح رهيام" جو اعلان فرمايو آهي:

جڏهان ڪر ٿيام، ساجاهہ سپرين سين،
تڏهانڪون تِلِ جيترو ويل نہ وسرئامَ،
اندر روح رهيامِ، سچڻ اوطاقون ڪري. (220)

ڀٽائي انسانيت جي رهبريءَ جو حق ادا ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ اي انسان صبح جو داتا جي درصدا ۾ ساراهہ ڪر ڇو تہ محتاجن جي خوشي سخيءَ جي هٿ ۾ آهي:

صبح جو سيراج، ڪر داتا جي در تي،
سندو ڪورن ڪاج، آهي حاتم هٿ ۾. (221)

جڏهن تہ رب ڪريم پاران بہ ايمان وارن کي اها نصيحت فرمائي وئي آهي تہ صبح ۽ شام جو الله جو ذڪر ڪثرت سان ڪندا رهو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ وَّسَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ (222)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کي تمام گهڻو ياد ڪريو ۽ صبح ۽ سانجهيءَ جو کيس پاڪائيءَ سان واکاڻيو.



www.sindhsalamat.com

## الله جي محبت

سنڌ جي سرزمين جو سداحيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي﷫، الله تعاليٰ جي محبت ۽ اطاعت جو نہ رڳو علمبردار هو بلڪ مالڪ سائينءَ جي محبت ۽ اطاعت کان وانجهيل انسانن لاءِ هڪ رهبر ۽ رهنما پڻ هو جيڪو پنهنجي ڪلام ذريعي انسان کي الله تعاليٰ سان محبت ۽ عشق جو رستو ڏيکاريندي نصيحت ٿو ڪري تہ تون رب ڪريم جي ذات بابرڪات جي هوندي ٻين درن تي انسان جي غلامي ڪري نوڪرون ڇو ٿو ڪائين؟ شاھ سائين انسان کي اها بہ صلاح ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن تون سکيو رهڻ ٿو چاهين تہ پوءِ تنهنجي محبت ۽ عشق جو مرڪز صرف الله رب العزت جي ذات هئڻ گهرجي:

ڇـا ڪـي وجـئـو ڇـو ٻـيـلـي ٽـئـين ٻـئـن جـو
وٽ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والـي جـو
سهڪو هوندو سو جنهن جو عشق الله سان.(223)

جڏهن تہ قرآن ڪريم مان بہ انسان جي ان ساڳيءَ ڪيفيت جو پتو پوي ٿو جيڪا شاھ سائين بيان فرمائي آهي تہ هو رب ڪريم کي ڇڏي ٻين جو وجي ٻيلي ٿيو آهي ۽ انهن سان الله جهڙي محبت رکندو آهي. حالانڪ جن ايمان آندو ۽ عشق ۽ محبت جو مرڪز رب ڪريم کي رکيائون تہ اهي ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندا:

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّتَّخِذُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَنۡدَادًا يُّحِبُّوۡنَهُمۡ كَحُبِّ اللّٰهِ ؕ
وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ (224)

ترجمو: ۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي الله کان سواءِ ٻين کي الله جهڙو ڪري وٺندا آهن (۽ انهن کي) الله جي پيار وانگر پيارو رکندا اٿن ۽ جن ايمان آندو سي الله جي دوستي (محبت) ۾ ڏاڍا زور آهن.

هن آيت سڳوريءَ جو پهريون حصو مَنۡ يَّتَّخِذُ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ۔ شاھ سائين جي شرح موجب "ڇا ڪي وڃئو ڇو ٻيلي ٽئين ٻين جو" ۽ آيت جو آخري حصو وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ سهڪو هوندو سو جنهن جو عشق الله سان جي



www.sindhsalamat.com

صورت ۾ بيان فرمايو ويو آهي.

شاهہ لطيف پرين يعني الله تعاليٰ جي پڇا ڳاڇا ۽ تلاش ڪندڙ ٻانهن لاءِ ارشاد ٿو فرمائي تہ جيڪي پرين جو گس پڇندي ڪشالا ڪندا سي ئي پرين پسندا:

پُڇن سِي پَسن، جَڏهن تَڏهن پرينءَ کي،
ڏورينديون ڏِسن، اگرط عجيبن جا. (225)

جڏهن تہ قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اهو پتو پوي ٿو تہ جيڪي الله تعاليٰ ۽ رسول ﷺ جي اطاعت ڪندا آهن ۽ هر معاملي ۾ الله ۽ سندس رسول جي محبت کي سامهون رکندي پرينءَ کي پڇندا آهن تہ اهي ئي پرين پسندا. يعني کين الله جو فضل ۽ احسان نصيب ٿيندو آهي، اهي قيامت ڏينهن نبين، صديقن ۽ شهيدن سان بہ گڏ هوندا:

وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ فَاُولٰۤىِٕكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيّٖنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاۤءِ وَالصّٰلِحِيْنَ ۚ وَحَسُنَ اُولٰۤىِٕكَ رَفِيْقًا ﴿٦٩﴾ (226)

ترجمو: ۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي الله فضل ڪيو آهي (يعني) پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح ۽ اهي چڱا سنگتي آهن.

يعني جيڪي هن دنيا ۾ پرين لاءِ ڏوريندا، پُڇندا، الله ۽ سندس رسول ﷺ جي اطاعت ڪندا تہ اهي الله (پرين) جو فضل پسندا.

شاهہ سائين انسان کي هن جهان ۾ هوت پسڻ جي صلاح ٿو ڏئي ڇو تہ هوت پسڻ لاءِ هيءُ جهان ئي آهي، باقي اڳيون جهان تہ جزا ۽ سزا جو هنڌ آهي:

جي هت نہ هوت پسن، سي ڪنهہ پر ڪيچ پسنديون،
(227)
موڙهيون توءِ وڃن، پينر هن پنيور ۾.

الله تبارڪ وتعاليٰ پاران بہ انسان کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ هڪ الله (هرت) کان سواءِ ٻيو ڪوبہ بندگيءَ جي لائق نہ آهي يعني جيڪڏهن ڪو هوت پسڻ چاهي تہ پوءِ ان کي الله کان سواءِ ٻي ڪنهن ڏانهن واجهائڻ نہ گهرجي ٻيءَ صورت ۾ انسان ڀُلجي گمراهہ ٿي ويندو:



www.sindhsalamat.com

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۖ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ (228)

ترجمو: ان الله کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو.

ڀٽائي﷫. مَن ۾ محبوبِ حقيقي جي محبت رکي رنڍيا روڙيندڙن لاءِ خوشخبري جو اعلان فرمايو آهي تہ انهن جو صراف اُٽتورئو يعني بنا تور جي قبول ڪندو ليڪن ان لاءِ محبت ۾ اطاعت لازمي شرط آهي:

محبت پائي من ۾، رنڍيا روڙيا جن"
تن جو صرافن، اٽتورئو اگهائيو. (229)

انهيءَ عنوان تي اسان کي قرآن ڪريم مان بہ هڪ مبارڪ آيت ملي ٿي، جنهن ۾ الله رب العزت مڪي مڪرمہ جي ان عورت جو مثال ڏنو آهي جنهن ڦيريان سُٽ کي محنت ڪري رنڍيا روڙيا ليڪن بعد ۾ ان عورت ڪتيل سٽ کي ذرا پُرزا ڪري پنهنجي محنت برباد ڪري ڇڏي:

وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّتِيْ نَقَضَتْ غَزْلَهَا مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ اَنْكَاثًا ۭ (230)

ترجمو: ۽ ان زال وانگر نہ ٿيو جنهن پنهنجو سُٽ ڪتيل پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڇني ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيو.

ان مان ثابت ٿيو تہ انسان کي مَن ۾ محبت الاهي موجزن ڪرڻ بعد ڪو بہ عمل سرانجام ڏيڻ گهرجي. اهڙيءَ صورت ۾ انسان جو اهو عمل بارگاهہ الاهيءَ ۾ قبوليت جو شرف حاصل ڪندو ٻيءَ صورت ۾ مڪي جي ان عورت وانگر انسان جو محبتہ الاهي کان سواءِ ڪيل عمل ۽ محنت سڀ برباد ٿي ويندا. يعني محبت بجاءِ منافقت سان ڪيل عملن جو مثال ايئن آهي جيئن مڪي واري عورت سُٽ کي پڪي ڪرڻ بعد ڇني ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيو هو.

ڀٽائي محبت بجاءِ منافقت ۾ ٻيائي مَن ۾ رکي ڪتيندڙن جي ڏڪي داخل نہ ڪرڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

چائت پائي چت ۾، سنهون ڪِتو جن،
تن جو صرافن، ڏڪو داخل نہ ڪئو. (231)



www.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف انسان کي زندگيءَ جو سچو مقصد ٻڌائيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ انسان کي بنامقصد حاصل ڪرڻ جي هڪ دم بہ جيئڻ نہ گهرجي ۽ انساني زندگيءَ جو اصلي ۽ سچو مقصد اهو آهي تہ انسان محبت الاهي ۽ اطاعت الاهيءَ کان سواءِ هڪ گهڙي پل بہ نہ گذاري ۽ جيڪڏهن موت بہ اچي تہ اهو بہ محبت ۽ اطاعت الاهي ۾ اچڻ گهرجي:

مـر مـران مـون ڪـم، آو ڳمـي ڪـا نـہ مـري،
دوسـت پڄاڻـا دم، شـال مَ جِيـان جيـڏيون! (232)

يعني زندگي هجي تہ بہ مقصد واري هجي ۽ جيڪڏهن موت اچي تہ اهو بہ دوست پڄاڻا دم، شال مَ جيان جيڏيون! واريءَ صورت ۾ اچي.

اسان کي قرآن ڪريم جي گلشن مان بہ اها هدايت ملي ٿي تہ زندگيءَ جي آخري دم تائين محبت، اطاعت ۽ بندگيءَ تي قائم رهڻ گهرجي، يعني شاهہ سائينءَ واري فڪر موجب دوست پڄاڻان هڪ دم نہ گذارڻ گهرجي:

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ (233)

ترجمو: ۽ ايستائين پنهنجي پالڻهار جي عبادت (پيو) ڪر جيسين توکي موت پهچي.

هن پلاريءَ آيت مُوجب مرڻ گهڙي تائين عبادت جو حڪم ڏنل آهي ۽ عبادت مان مراد محبت الاهي آهي ڇو تہ محبت الاهيءَ کان سواءِ عبادت ۽ بندگي ممڪن ئي نہ آهي.

شاهہ سائين محبت الاهي جذبي سان سرشار سچن ٻانهن جو تعارف ڪرائيندي ارشاد فرمايو آهي تہ انهن کي آڳي رب ڪريم اڳ ۾ ئي ازل کان ئي نسورو نور ڪري ڇڏيو هو ۽ انهن نوراني ٻانهن لاءِ شاهہ سائين قرآن ڪريم ۾ آيل خوشخبريءَ واري آيت مبارڪ کي هوبهو نقل فرمائي محبت الاهيءَ جي اهميت کي واضح فرمايو آهي:

آڳـي ڪـئـا اڳهـين، نسـوروئي نـور،
لاَخَـوْفٌ عَلَـيْهِمْ وَلَاهُـمْ يَحْزَنُـوْنَ،
سَـچن ڪـونهي سـور،
مـولي ڪِئـو مامُور، انـگ ازل ۾ ان جـو. (234)



www.sindhsalamat.com

خوشخبري آهي الله جي حڪمن ۾ ڪا ڦيرگهير ڪانهي اهائي وڏي مرا
ماڻڻ آهي.

شاهہ سائين عاشقن جو تعارف ڪرائيندي ارشاد فرمائن ٿا تہ سچا ۽
پڪا عاشق اهي آهن جن جي مَن ۾ الله تعاليٰ جي محبت هجي:

عاشقن الله جي محبت رکي مَن،
سندي سِڪ پِرين، تن ۾ آهي تن کي (238)

جڏهن تہ رب ڪريم پاران بہ اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ جن ايمان آندو آهي تن کي الله سان عشق ۽ محبت آهي ۽ سندس ان عشق سبب الله کين دنيا جي گمراهي (اونداهي) مان ڪڍي صراط مستقيم واري سنئين واٽ نصيب فرمائيندو:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ (239)

ترجمو: الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ (دوست) آهي، کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي.

هن آيت مبارڪ مان ثابت ٿيو تہ جن عاشقن الله جي محبت من ۾ رکي زندگي گذاري تہ اهي ئي اونداهين مان سوجهري ۾ پهچي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي سگهندا.

ڀٽائي ان فڪر جو حامي آهي تہ انسان جي محبت جو مرڪز يعني دل جو دلبر هڪڙو ئي (الله) هئڻ گهرجي. ان سلسلي ۾ سندس فرمان آهي تہ:

دل جو دلبر هيڪڙو، گهڻا تان نہ ڪجن،
دل ڏجي کي هيڪڙي، ٽوڙي سَو سڪن،
اُوءِ چِلولا چئجن، جي دَرِ دَرِ لائن دوستي. (240)

شاهہ جي هن بيت مان الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ محبت جو سبق ملي ٿو اهڙو ساڳيو سبق اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو تہ هڪ الله برحق آهي ۽ ان کان سواءِ جنهن بہ ٻي در دوستي لائبي يا سڏبو تہ اهي سڀ در باطل يعني ڪوڙا آهن، ان ڪري دل جو دلبر هڪ ئي هئڻ گهرجي. جيڪو مٿاهون ۽ وڏي شان وارو آهي:



www.sindhsalamat.com

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾ (241)

ترجمو: اهي (ڪم) هن ڪري آهن تہ الله ئي برحق آهي ۽ تہ ان کان سواءِ جنهن ہي کي سڏيندا آهن سو ڪوڙ آهي ۽ الله ئي تمام مٿاهون وڏو آهي.

شاهہ لطيف الله رب العزت سان عشق رکندڙ ٻانهن جي ڪيفيت کي بيان ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

عاشـــــقن الله، ويـــــرو تــــــار وُجـــــود ۾،
آه ڪريندي ساه، ڪڏهن ويندن نڪري (242)

يعني عاشقن کي الله سندن وجود ۾ تمام گهڻيءَ محبت ۽ سڪ سان سمايل آهي ۽ انهيءَ محبت واريءَ ڪيفيت ۾ هو پنهنجو ساه بہ ڪڏهن سپرين جي حوالي ڪري ڇڏيندا. اهو ساڳيو مفهوم اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو جنهن ۾ ايمان وارن کي تقويٰ اختيار ڪرڻ ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ايمان تي قائم رهڻ جو سبق ملي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿١٠٢﴾ (243)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو جيئن ان کان ڊڄڻ جو حق آهي ۽ جڏهن مرو تہ مسلمان ٿي مرو يعني مرڻ گهڙيءَ تائين ايمان ۽ تقويٰ قائم رهجي.

ڀٽائي ﷺ، عاشقن کي محبت الاهيءَ جي ميدان ۾ پير پائي پنهنجي تن ۽ من يعني جان ۽ نفس کي قربان ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

محبــــت جـــي ميــــدان ۾، اچــي پيــر پــــاءِ،
ســـر وڍڻ ڌڙ دار ڌرڻ، اي ســـــينگار ســـــنداءِ،
ڏيــنـــدا مـــون ڏنـــاءِ، مٿـــا معشـــوقن لئـــي. (244)

ان قسم جي رهنمائي اسان کي قرآن عظيم مان بہ ملي ٿي جنهن ۾ بارگاه الاهيءَ مان الله سان عشق رکندڙن لاءِ ٻنهي جهانن جي سردار محبوبِ خدا حضرت محمد ﷺ جي پيروي ڪرڻ شرط قرار ڏنو ويو آهي، پوءِ جيڪي عاشق معشوقِ خدا ﷺ جي نقشِ قدم تي هليا سر ڌڙ ڏار ڪرڻ جهڙا سينگار اختيار ڪيائون تن لاءِ نہ رڳو الله تعاليٰ جي محبت بلڪ بخشش ۽ ٻاجھ جو بہ اعلان فرمايو ويو:



www.sindhsalamat.com

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۗ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (245)

ترجمو: (اي پيغمبر) چؤ تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

يعني محبت جي ميدان ۾ محبوب ماڻڻ لاءِ سر ڏڙ کي نبي ﷺ در جُهڪائي محبوب ماڻي سگهبو.

شاهہ صاحب جي ڪلام مان اسان کي الله تعاليٰ سان عشق ۽ محبت جي باري ۾ جيڪي هدايتون ۽ نصيحتون مليون آهن انهن کان سواءِ بہ سندس ڪلام ۾ قرآن شريف ۽ حديثن مان ولين ۽ صوفياءِ ڪرام جي اقوال مان حوالا ملن ٿا جن مان چند هيٺ ڏجن ٿا:

هي هنڌ ماڙيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري،
كُلُّ شَيْءٍ يَرْجِعُ اِلٰى اَصْلِهٖ ◆ ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ، (246)
پري پنهنجي پاڻ، پسان مُلڪ مَليرُ جو. (247)

ڀٽائي پنهنجي محبوب حقيقيءَ سان محبت جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو تہ هر وقت دل ۾ محبت سان محبوب جي ياد رهي ٿي ۽ پنهنجي محبوب جي شان ۾ قرآني آيت جو بہ حوالو ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

چُرڻ چُڪڻ چِت ۾، هنئڙي نِتِ هُرن،
لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ■ (248) پَسڻ اي پِرين،
پڪا پهنوارن، نيئي اڏيا نانہ ۾. (249)

شاهہ سائين رب ڪريم سان پنهنجي محبت ۽ عشق جي باري ۾ وضاحت فرمائي آهي. اجا هن ڪائنات ۾ ڪابہ شي وجود ۾ نہ آئي هئي تڏهن کان سندس عشق الله سان لڳل آهي:

---

◆ هر شيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي ٿي.

■ يعني هن جهان ۾ سندس برابر يا مثال ڪير بہ نہ آهي.



www.sindhsalamat.com

نڪا ڪُنۡ فَيَكُوۡنَ [250] هئي، نڪو لڳ لحم،
بنيو هو نه بت ۾، اڃا ڪو آدم،
مون ماروءَ سين سڱ، سوئي آهي سومرا. [251]

ساڳي وقت شاهہ سائين هن بيت ۾ ظاهري طور تي مارئي جي ملير وارن سان محبت جو ذڪر پڻ فرمايو آهي.

ڀٽائي ﷫، رب ڪريم سان پنهنجي محبت ۽ ميثاق واري ڏينهن ڪان ڪيل واعدي جو قرآني حوالو هن ريت ڏنو آهي:

گهيڙ لنگهي گهاري، ميثاقان ميهار ڏي،
اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ قَالُوۡا بَلٰى ◆ [252] پر اها پاري،
ڏسئو ڏيکاري، پرت پريان جو پيچرو. [253]

هتي شاهہ سائين هن آيت سڳوريءَ جو حوالو ڏيئي عالم ارواح ۾ روحن ڪان ورتل اقرار جو بيان فرمايو آهي جيڪو ميثاق واري واعدي سان مشهور آهي. اهو اقرار الله تعاليٰ ان ڪري ورتو ته متان قيامت ڏينهن انسان چئي ته آءٌ بي خبر هيس ته اهو پرين جي پرت جو گس ۽ پيچرو آهي.

الست واري عهد جي باري ۾ مڪمل آيت مبارڪ هن ريت آهي:

وَإِذۡ أَخَذَ رَبُّكَ مِنۢ بَنِيٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمۡ ذُرِّيَّتَهُمۡ وَأَشۡهَدَهُمۡ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمۡ أَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡۖ قَالُواْ بَلَىٰ شَهِدۡنَآۚ أَن تَقُولُواْ يَوۡمَ ٱلۡقِيَٰمَةِ إِنَّا كُنَّا عَنۡ هَٰذَا غَٰفِلِينَ ﴿١٧٢﴾ [254]

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندس اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندس وجود کي مٿن شاهد ڪيائين ۽ پڇيائين ته (آءٌ) اوهان جو پالڻهار نه آهيان ڇا؟ چيائون ته هائو (آهين) گواهہ ٿيا آهيون (اها گواهي هن لاءِ ورتي هئي) ته متان قيامت جي ڏينهن چئو ته اسين هن (ڳالهہ) کان بي خبر هواسون.

ڀٽائي ، هن دنيا ۾ پنهنجن ماروئڙن کان سواءِ ڏکيا ڏينهن گهاري ٿو سندس اکيون (نظر) ۽ جسم (تن) اتي آهن جتان پاڻ اصلي وطن محبوب حقيقيءَ کان آيو آهي:

---

◆ ۽ پڇيائين ته ڇا آءٌ اوهان جو پالڻهار نه آهيان ڇا چيائون ته ها آهين.



www.sindhsalamat.com

گهنگهــر گهــارڻ مــون ٺٺــو رڻ اعــرابين اتِ،
بَكَتَ الْعَيْنَيْنِ فِيْ هَوَاكَ دَمَا * پڇـان سـاڻ پـرت،
مون اکيون ٺَن ٺِتِ، جتي جنب جيڏين. (255)

شاهہ صاحب محبوب حقيقي (پنهون) جي تلاش لاءِ هيڏي هوڏي ڳولڻ بجاءِ پُنهون پاڻ ٿيڻ يعني پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

پُنهون ٿيس پاڻهين، وئو سسئيءَ جو سينگار،
مَـنْ عَرَفَ نفسـهُ عَرَفَ رَبَـهُ، اهــوئي اچــار،
جو وندر ۾ واپار، سو سوڌو سرئس هتهين. (256)

ڀٽائي ﷫، محبت الاهيءَ جي باري ۾ پنهنجي ڪيفيت بيان ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ مون پنهنجي محبوب کي سڃاتو آهي سو هاڻي ماٺ ڪري ڪيئن ويهان؟ اندر ۾ عشق جي آڳ (باهہ) ڀڙڪا ڏيئي مچ ٿي چڪي آهي ۽ اها باهہ محبوب کان سواءِ هر شئي کي ساڙي ڇڏيندي آهي:

جـاڻي، سـڃاڻي، وِهــان ڪــئن مــاٺ ڪــري،
انــــدر آڳ عشـــــق جـــــي اَڀِـــرَ اُڏاڻــــي،
اَلْعِشْقُ نَارٌ اِذَا وَقَعَ فِيْ يَحْرَقُ مَاسِوَى الْمَحْبُوْبُ * ڪوري ان ڪاڻي،
آهـي آرياڻي، ٻئو سـر تيون سُـڃي ڪينڪـين. (257)

هتي پنهونءَ پاڻ ٿيڻ ۽ وئو سسئيءَ جو سينگار مان مراد سسئيءَ پاران انفرادي روپ ۾ هستي متائڻ آهي. مَنْ عَرَفَ نفسهٗ، جو مقصد جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن گويا رب کي سڃاتو آهي. وندر واري واپار جو مقصد اهو آهي تہ محبوب جي جنهن وصال کي هن دور سمجهيو هو سو کيس گهر ويٺي نصيب ٿي ويو.

---

* تنهنجي سڪ ۾ سوز ۾ اکيون رت رنيون.
* عشق آڳ آهي جيڪو محبوب کان سواءِ هر شيءِ کي ساڙي ڇڏي



www.sindhsalamat.com

## الله قريب آهي

شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، الله تعاليٰ سان عشق رکندڙ ٻانهن کي ڏس وڏئي تہ رب ڪريم جي ذات بابرڪات جي ڳولا لاءِ هيڏي هوڏي هتڙا هڻڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي، ڇو تہ رب پاڪ پاڻ اهو ڏس ڏنو آهي تہ پنهنجي اندر يعني نفس ۾ نهار تہ توکي تنهنجو محبوب حقيقي ملي ويندو يعني رب ڪريم تمام قريب آهي:

سَمِيعُ، بَصِيرُ، حَيُّ هميشہ، سو سائين سدائين،
هيڏي هوڏي هتڙا، ڇا کي ڇو پائين،
وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ، اي ڏسڙو ڏنائين،
جان ڪوجيين ڏينهڙو، تان ڏوري لهہ منجهائين. (258)

انهيءَ ساڳي عنوان تي سُرآبريءَ ۾ بہ شاھ سائين ﷬، هوت کي پنهنجي هنج ۾ تلاش ڪرڻ جي صلاح ڏيندي مٿين بيت ۾ حوالي طور ڏنل آيت کي بہ هوبهو نقل ڪندي ارشاد فرمايو آهي:

هوتُ تنهنجي هنجھ ۾ پڇيين ڪُوھ پهي،
وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ. ♦ سوچي ڪر صحي،
ڪڏهن ڪانہ وئي، ڪا هوت ڳولڻ هٿ تي. (259)

ڀٽائي ﷫، قرآن ڪريم مان انسان سان الله تعاليٰ جي ويجهڙائپ يعني قربت جي باري ۾ هڪ ٻي آيت مبارڪ کي مثال طور پيش ڪندي ارشاد فرمايو آهي. تہ هوت (محبوب) توکان پري نہ آهي بلڪ توسان گڏ آهي:

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوھ پرياڻ،
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ، تنهنجو تو هي ساڻ،
پنهنجو آهين پاڻ، آڏو عجيبن ڪي. (260)

♦ (الف) هو اوهان جي اندر آهي پوءِ نہ ڏسندا آهيو ڇا؟



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين ﷺ، قرآن ڪريم مان جيڪا آيت پيش فرمائي آهي ا
۾ الله تعاليٰ انسان جي پيدائش، نفس جي ڪيفيت ۽ انسان سان پنهنجي
قربت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ وَنَعْلَمُ مَا تُوَسْوِسُ بِهِ نَفْسُهُ ۖ وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ ﴿١٦﴾ (261)

ترجمو: ۽ بيشڪ ماڻهو کي پيدا ڪيوسون ۽ سندس نفس ڪيس جيڪ
وسوسو وجهندو آهي سو ڄاڻندا آهيون ۽ اسين ڏانهن (سندس) ساهہ جي
رڳ کان وڌيڪ ويجها آهيون.

شاهہ لطيف قرآني آيت جو حوالو ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ هر هنڌ
هر جاءِ تلاش ڪندي مون کي هر شيءِ ۾ محبوب حقيقي (پُنهون) نظر آيو:

ووڙيم سڀ وڻاڻ، جار ڪارڻ جت جي،
وَاللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُحِيطٌ ◆ اي آرياڻي اُهڃاڻ،
سڀ ۾ پُنهون پاڻ، ٻئو ناہ ٻروچ ري. (262)

قرآن ڪريم ۾ ان کان سواءِ بہ اسان کي ٻين هنڌن تي ڪيترين
آيتون نظر اچن ٿيون، جن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ الله تعاليٰ هر شي
جو احاطو يعني گهيرو ڪندڙ آهي. جن مان چند آيتون هي آهن:

وَكَانَ اللهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيطًا ﴿١٢٦﴾ (263)

ترجمو: ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي گهيرو ڪندڙ آهي.

أَلَا إِنَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيطٌ ﴿٥٤﴾ (264)

ترجمو: خبردار اهو (الله) هر ڪنهن شيءِ کي وڪوڙيندڙ آهي.

شاهہ سائين ﷺ، مٿين قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾ وضاحت ڪنديءَ
ارشاد فرمايو آهي تہ مون جڏهن اندر ۾ غور ۽ فڪر ڪيو تہ پنهون آءٌ پاڻ ٿي
پيس، سسئي تان سور هٽا ۽ ڏونگر تہ هن ڏيهہ ۾ هيو ئي ڪونہ:

پيهي جا پاڻ، ۾ ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هٽا. (265)

---

◆ (الف) ۽ الله هر شيءِ کي گهيريندڙ آهي.



www.sindhsalamat.com

ڀلارو ڀٽائي ﷫، انسان کي پنهنجي محبوب حقيقي جي باري ۾ آگاهي ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ تون جنهن کي ٻئي پاسي ڳولين ٿو اهو تہ هميشہ تو سان گڏ آهي ان کي پنهنجي اندر مان تلاش ڪر:

جو تون ڏوريين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو
لالڻ لئي لطيف چئي، منجهين تيءَ معذور،
منجهان پہ پرور، تو منجهہ آهس تڪيو.[266]

جڏهن تہ رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ انسان جي قريب هئڻ جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٥﴾[267]

ترجمو: ۽ اوهان جي بہ نسبت ان ڏانهن تمام ويجها آهيون پر اوهين نہ ڏسندا آهيو.

شاهہ سائين ﷫، انسان کي صلاح ٿو ڏئي تہ وٽڪار وڃڻ بجاءِ هوت يعني محبوبِ حقيقيءَ کي هتي پنهنجي اندر ۾ تلاش ڪر ڇو تہ ديرو تنهنجي وجود ۾ آهي:

وڃين ڇو وٽڪار، هِت نہ ڳولين هوت کي،
لِڪو ڪِين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
تيءَ ستي ٻَڌ سندرو پِرت پُنهونءَ سين پار،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.[268]

ڀلاري ڀٽائي ﷫، پنهنجي الهامي ڪلام ۾ هوت جي باري ۾ جيڪو فڪر پيش ڪيو آهي، اهو عين اسلامي آهي. جنهن جي تصديق قرآن مان پڻ ٿئي ٿي، ان سلسلي ۾ فرمان باري تعاليٰ آهي تہ "اوهين جتي بہ هجو اتي الله اوهان سان گڏ آهي." ۽ نہ رڳو ايترو بلڪ انسان جي هر عمل کي ڏسندڙ آهي:

وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٤﴾[269]

ترجمو: ۽ جتي اوهين هجو اتي (الله) اوهان سان گڏ آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

شاهہ سائين جي ڪلام، قرآني ۽ اسلامي تعليم ۾ قربتِ الاهيءَ وارو فرمان الاهي:



www.sindhsalamat.com

وَاِذَا سَاَلَكَ عِبَادِىْ عَنِّىْ فَاِنِّىْ قَرِيْبٌ (270)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) جڏهن منهنجا ٻانها توکان منهنجي پڇا ڪن (تڏهن چئو) تہ آءٌ قريب آهيان.

ان مان ثابت ٿيو تہ رب ڪريم تمام ويجهو آهي، ان ڪري انسان کي گهرجي تہ پنهنجي ذات ۽ وجود ۾ غور ۽ فڪر ڪري قرب الاهي حاصل ڪري.

## الله جي رحمت

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، پنهنجي عقيدي ۽ فڪر موجب پڪو مؤحد هو ان ڪري سندس ڪلام مان رب ڪريم جي ذات ۽ صفات جي جهلڪ نمايان طور تي نظر اچي ٿي. هو مخلوقِ خدا کي دنيا جي ظاهري وسيلن کي ڇڏي الله تعاليٰ جي ذات، سندس ٻاجهہ ۽ رحمت مان آسرو نہ لاهڻ جي صلاح ٿو ڏئي. ان سلسلي ۾ قرآن ڪريم جي الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيڻ واريءَ آيت کي هوبهو نقل ڪندي ارشاد فرمايو تہ اگر گهڙو ڀڄي پيو تہ گهورئي ڪا پرواهہ ناهي ميهار جي مُنهن پسڻ لاءِ رحمتِ الاهيءَ ۾ آسرو رکڻ گهرجي:

گهڙو ڀڳو تان گُهورئو، آسر م” لاهيج،
لَاتَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ الله،* تُر هي اِن تَريج،
حبيباڻي هيج، ڏسين مُنهہ ميهار جو. (271)

شاهہ سائين، سُر ڪوهياريءَ ۾ رب ڪريم جي رحمت ۽ ٻاجهہ واري اعلان کي وڌيڪ وضاحت سان ارشاد فرمائي، گنهگار ۽ مايوس ٻانهن لاءِ هن ريت خوشخبري ڏني آهي.

مون کي نيندا ساڻ، ٻاروچا ٻاجهہ پٽي، اَلو اَلو!
لَاتَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ پرين چيو پاڻ،

---

* الله جي ٻاجهہ مان نااميد نہ ٿيو.



www.sindhsalamat.com

اِنَّ اللہَ يَغْـفِـرُ الْــذُّنُوبَ جَمِيعًــا، سَــچو ايءَ پريــاڻ،
ڏيـنــدا وٺــا ڏڪــيءَ ڪــي الله لــڱ اُهجــاڻ. (272)

گذريل بيت ۾ هن وائيءَ ۾ شاهہ سائينءَ جنهن قرآني آيت جو ڪجهہ حصو نقل فرمايو آهي اها مڪمل آيت هن ريت آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ (273)

ترجمو: (منهنجي طرفان انهن کي) چئو تہ اي منهنجا اُهي ٻانها جن پاڻ تي ظلم ڪيو. (اوهين) الله جي ٻاجهہ (رحمت) کان نااميد نہ ٿيو ڇو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي بيشڪ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي.

شاهہ سائين، الله تعاليٰ کي "رحمت پريا راڄيا" قرار ڏيندي انسانن ۽ جانورن جي لاءِ رحمتِ الاهي يعني بارش جي لاءِ ٻاڏائيندي عرض ٿو ڪري تہ اي سچا ڌڻي اها سگهہ ۽ طاقت صرف تنهنجيءَ ذات کي جُڳائي ٿي تہ سڄي جهان تي رحمت ۽ ٻاجهہ سان مينهن وسائين:

رحمــت پريــا راڄيــا، مــوليٰ مينــہ وســاءِ،
مــاٿهو ڍيــين مــانيين، ڌڻ ڍيــين ســين گاهــہ،
ايــڏي ســگهہ ســچا ڌڻــي، تــو هــي کــي جڳــاءِ،
ميڙائي جو ماءُ، ڪانگ لونــد وڪــڏهين. (274)

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي رب ڪريم جي رحمت ۽ ٻاجهہ جي باري ۾ جيڪا وضاحت ملي ٿي اها هن ريت آهي:

فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ (275)

ترجمو: ۽ چئو تہ اوهان جو پالڻهار گهڻيءَ رحمت وارو آهي.

ڀٽائيءَ جو "رحمت پريا راڄيا ۽ ايڏي سگهہ سچا ڌڻي توهي کي جڳاءِ" وارو اعلان قرآن ڪريم جي هن پلاريءَ آيت جي منظوم ترجمي جي حيثيت رکي ٿو.

شاهہ سائين بارگاهِ الاهيءَ ۾ الله تعاليٰ جو حمد ۽ ثنا بيان ڪندي رحم ۽ ڪرم لاءِ هن ريت ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:



www.sindhsalamat.com

جانب تون جيڏو آهين شان شعور سين،
مون تي ڪج منهنجا ڀرين، توهه تسي تيڏو
ايءُ ڪامل ڪم ڪيڏو جئن نوازيم نگاه سين.[276]

جڏهن ته رب ڪريم جي بارگاهه ايزديءَ مان اها خبر پوي ٿي ته جنهن کي چاهيندو آهي ان کي پنهنجي رحمت ۽ ٻاجهه لاءِ چونڊيندو آهي، اهو ان ڪري جو الله تعاليٰ وڏي فضل وارو آهي:

وَاللّٰهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۗ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿١٠٥﴾ [277]

ترجمو: ۽ الله پنهنجي رحمت (ٻاجهه) سان جنهن کي وڻيس تنهن کي چونڊيندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

شاهه صاحب ﷫، سُر راڻي ۾ ڏٽيءَ در ٻاجهه جي هٿ نه لاهڻ لاءِ هن ريت ٻاڌائيندي نظر اچي ٿو:

آءُ راڻا رَاحت، ڏوج ڏرتيءَ جا ڏٽي،
سِڪن ٿيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سَت،
مون تان لاه مَرهَتِ، ڪامل ڏٽي ڳاڪِ جا.[278]

اسان کي قرآن ڪريم مان به نيڪ ۽ ڀلارن ٻانهن پاران بارگاهه الاهيءَ ۾ رحمت ۽ ٻاجهه لاءِ ڪيل دعا نظر اچي ٿي جيڪا هن ريت آهي:

فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ﴿١٠﴾ [279]

ترجمو: تڏهن چيائون ته اي اسان جا پالڻهار پاڻ وٽان اسان کي (رحمت) ٻاجهه عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ چڱائي ڪر.

شاهه لطيف ﷫، انسان جي رهنمائي جو حق ادا ڪندي ڪيس نصيحت ٿو ڪري ته اگر توکي ليلائڻ سان پنهنجي مراد نه ملي يا مقصد پورو نه ٿئي ته ڀيهر ليلاءِ، ليڪن رب ڪريم جي ذات مان مايوس ٿي نااُميد نه ٿجانءِ، ڇو ته رب ڪريم جي ذات بابرڪات وڏي رحمت ۽ ٻاجهه واري آهي، جيڪو سڄڻ آهي سو تمام سٻاجهو آهي:

جي ليلائي نه لهين ته پڻ ليلائج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ سٻاجها گهڻو.[280]



www.sindhsalamat.com

بارگاھِ الاھي ۾ بہ ليلائڻ ۽ سڀاجھي سائينءَ کان ٻاجھہ، رحمت ۽ هدايت طلب ڪرڻ جي تمام گھڻي اهميت آهي، ان عنوان تي انسانيت جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ قرآن ڪريم ۾ هڪ دعا ملي جيڪا هن ريت آهي:

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿۸﴾ (281)

ترجمو: اي اسان جا پالڻهار جڏهن تو اسان کي هدايت ڪئي تنهن کانپوءِ سان جي دلين کي ڏنگائي نہ ڏي ۽ پاڻ وٽان اسان کي ٻاجھہ (رحمت) عطا ڪر چو تہ تون بخشڻهار آهين.

شاھ سائين ﷫، الله تعاليٰ جي بارگاھہ ۾ رحمت ۽ ٻاجھہ جي اميد ڪندي ليلائڻ جو جيڪو سبق ڏنو آهي، اهو هن ٻلاريءَ آيت سان نهڪي جي تو چو تہ رحمت، هدايت ۽ بخشش رب ڪريم جي ذات بابرڪات جي نبضي ۽ قدرت ۾ آهي.

## الله جي نعمت

شاعرن جي سرتاج حضرت عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جي ذاتِ گرامي عليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جي خوبين سان مالامال هئي. رب ڪريم جي ات بابرڪات سان سندن والهانہ عشق ۽ محبت هئي ان ڪري هو هر لمحي ر گھڙيءَ سائينءَ جي نعمتن ۽ احسانن جو ذڪر ڪندي نظر اچي ٿو.

لطيفي فڪر موجب انسان تي الله تبارڪ وتعاليٰ جا ايترا تہ احسان هن، جو انهن جو ڳاڻيٽو ناممڪن آهي. شاھ سُرمارئي ۾ انهن احسانن ۽ ورن جو ذڪر هن ريت فرمائي ٿو:

ٿـورا نــہ ٿـورا مُـون سِـين، مـارُوءَ جــي ڪـئـا،
پلائـــيءَ پيـــرا، ڳڻــي ڳڻيــان ڪيتــرا. (282)

هتي شاھ سائين ﷫، رب ڪريم جي ٿورن ڏانهن اشارو ڪندي رشاد فرمايو آهي تہ مون (انسان) تي الله تعاليٰ جيڪي ٿورا، احسان ڪيا هن سي ٿورا نہ آهن، يعني اهي احسان ۽ مهربانيون تمام گھڻيون آهن، جيڪي شمار نٿيون ٿي سگھن. ساڳي وقت اها هڪ مجيل حقيقت آهي تہ



www.sindhsalamat.com

الله تعاليٰ هن پوريءَ ڪائنات جي نظام کي انسان جي خدمت، سهولت ۽ آرام لاءِ مسخر فرمائي ڇڏيو آهي. جنهن ۾ زمين، آسمان، سج، چنڊ، تارا، هوائون، سمنڊ ۽ درياءَ سڀ اچي وڃن ٿا. قرآن ڪريم ۾ رب ڪريم انهن تمام نعمتن کي هڪ هڪ ڪري بيان فرمايو آهي. مضمون جي طويل ٿيڻ سبب انهن قرآني حوالن بجاءِ صرف نعمتن ۽ ٿورن تي مشتمل قرآني حوالا پيش ڪجن ٿا، جن ۾ الله تعاليٰ انسان کي پنهنجا احسان ۽ ٿورا ياد ڏياريا آهن:

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٨﴾ (283)

ترجمو: ۽ جيڪڏهن اوهين الله جي نعمتن کي ڳڻيو ته انهن کي (ڪڏهن) به ڳڻي نه سگهندؤ ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

ڀٽائي ﷫، جو "ڀلائي ڀيرا ڳڻي ڳڻيان ڪيترا" وارو اعلان هن آيت جو تفسير معلوم ٿئي ٿو ڇو ته هن آيت ۾ به اهو ساڳيو مفهوم بيان فرمايو ويو آهي، جيڪو شاهه سائين مٿين بيت ۾ بيان فرمايو آهي.

شاهه صاحب ﷫، تر ۾ ماروءَ جي ٿورن جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمائي ٿو ته:

ٿُورا منجهه ٿَرن، مُون سِين، ماروءَ جي ڪِئا،
عُمر اُن ڳُڻِن، آءٌ ڪِيئن لوئي لاهيان. (284)

جڏهن ته رب تعاليٰ پاران قرآن ڪريم ۾ اها وضاحت فرمائي وئي آهي ته سندس دستور آهي ته جيڪا نعمت ڪنهن قوم کي عطا فرمائيندو آهي، اها تيستر نه بدلائيندو آهي جيستر اها قوم خود پنهنجن دلين جي حالت نه بدلائي، ڀٽائي به انهن ڳڻن ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو آهي ته:

عُمر اُن ڳُڻِن، آءٌ ڪِيئن لُوئي لاهيان.

قوم لاءِ خدائي نعمتن ۽ سندن دلين جي ڪيفيت جي باري ۾ قرآني آيت هن ريت آهي:

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ
وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۵۳﴾ (285)

ترجمو: اهو هن سببان آهي جو الله جا نعمت ڪنهن قوم کي عطا ڪندو آهي



www.sindhsalamat.com

تنهن کي (اهو) ايستائين ڪڏهن نہ مٽائيندو آهي جيسين جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو (پاڻ) مٽائيندا آهن ۽ الله ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

يعني اگر انسان نعمت جو قدر ڪندو تہ اها نعمت الله قائم رکندو ۽ اگر انسان الله جي نعمت جي ناشڪري ڪندو تہ پوءِ الله تعاليٰ اها نعمت مٽائي ڇڏيندو ان ڪري انسان کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي نعمتن جو شڪر ڪندو رهي.

شاهہ سائين ﷫، ٽر وارن جي ٽورن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ آءٌ محبوبِ حقيقي جي ٽورن جي برابر هرگز نٿو ٿي سگهان ۽ ان محبوب منهنجي عيبن ۽ اوڻاين سبب مون کي ڪڏهن وساريو نہ آهي، اها صفت صرف ۽ صرف رب ڪريم جي ذات بابرڪات جي آهي. جو هو پنهنجن ٻانهن ۽ مخلوق جي خطائن کي معاف فرمائيندو رهندو آهي:

هَــڏ نــہ پَــڙان هيڪــڙي، ٽــوري ٽَــر جــاين،
مـون کـي مـاروئڙن، ميـري ڪـري نـہ مٽئـو.(286)

جڏهن تہ بارگاهِ الاهي مان بہ انسان کي الله جي نعمتن ۽ احسان کي ياد ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو ويو آهي ۽ آخر ۾ انسان کي اهو بہ ڏوراپو ڏنو ويو آهي تہ ايڏي مهربان رب کان ٻئي پاسي ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو يعني نعمتون عطا ڪندڙ ذات جو انسانن کي شڪرگذار هئڻ گهرجي:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ۖ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳﴾ (287)

ترجمو: اي ماڻهو پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪريو الله کان سواءِ ڪو ٻڻائيندڙ آهي ڇا؟ جو آسمان ۽ زمين مان اوهان کي روزي ڏئي ٿو ان الله کان سواءِ ڪو عبادت جو لائق نہ آهي پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهيو.

شاهہ صاحب ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ جا بہ جا رب ڪريم جي صفت، قدرت ۽ بيشمار احسانن جو ذڪر فرمائي انسان کي قدرت جي نعمتن جي قدر ۽ شڪر ڪرڻ جي ترغيب ڏني آهي:

جيڪين منجهہ جهان سو سڀ صفت تنهنجي،
قـادر تنهنجـي قــدرت جــا مڙيئــي مَڪــان،



www.sindhsalamat.com

پَـد مـان پـري ٽئـا آگـي جـا احسـان،
ظـاھر سـاڻ زبـان ڳڻـي ڳڻيـان ڪيتـرا. (288)

ڀٽائي ﷫، رب ڪريم جي صفت ۾ ساراھ بعد سندس احسانن، نعمتن ۽ مھربانين جي باري ۾ فرمايو آھي تہ ڀدمن کان بہ گھڻا احسان ۽ مھربانيون آھن، جيڪي انسان جي زبان سان ڳڻڻ کان گھڻا آھن.

قرآن ڪريم ۾ بہ الله تعاليٰ انسان کي عطا ڪيل نعمتن جو بار بار ذڪر فرمائي کيس شڪر ڪرڻ جي ترغيب ڏني آھي. سورت الرحمان ۾ الله تعاليٰ انسانن ۽ جنن کان نعمتن جي باري ۾ ايڪٽيھہ (31) دفعا ساڳي آيت مبارڪ دھرائي سوال پڇيو آھي تہ اوھان ڪھڙين خدائي نعمتن جو انڪار ڪندؤ؟ نعمتن جي باري ۾ سوال واريءَ آيت کي ايڏي وڏي تعداد ۾ پيش ڪرڻ مان نعمتن جي اھميت جو اندازو لڳائي سگھجي ٿو:

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ رَبِّكَ ذِي الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾ (289)

ترجمو: پوءِ (اي جنو ۽ ماڻھو) پنھنجي پالڻھار جي ڪھڙين نعمتن جو انڪار ڪندو تنھنجي پالڻھار عزت واري ۽ نعمتن واري جو نالو وڏيءَ برڪت وارو آھي.

ھن آيت سڳوريءَ جي پھرين حصي ۾ نعمتن واري عنوان کي شاھ سائين "ڳڻي ڳڻيان ڪيترا" جي صورت ۾ ۽ آيت جي آخري حصي ۾ رب ڪريم جي عظمت جلال ۽ عزت واري بيان کي شاھ سائينءَ ھن ريت بيان فرمايو آھي:

جيڪين منجھ جھان، سو سڀ صفت تنھنجي،
قـادر تنھنجـي قـدرت جـا مڙيئـي مڪـان.

قرآني فڪر ۽ شاھ سائينءَ جي ڪلام مان اھا وضاحت ٿئي ٿي تہ الله تعاليٰ جون انسان لاءِ ايتريون تہ نعمتون ۽ احسان آھن، جن جو زبان سان ڳاڻيٽو ناممڪن آھي. ان ڪري انسان کي گھرجي تہ انھن خدائي نعمتن ۽ احسانن جو شڪر ڪندو رھي ۽ ان سان گڏ الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري بہ ڪندو رھي.



www.sindhsalamat.com

## پردي پوشي ڪندڙ

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫، انسان ذات جي رهبري جو حق اهڙي تہ سهڻي نموني ادا فرمايو آهي، جو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. خاص طور تي خالق سان مخلوق جي ٽٽل ناتي کي ڳنڍڻ، انساني عقيدي ۽ فڪر ۾ رب ڪائنات جي عظمت، مرتبي، مخلوق تي سندس احسانن ۽ انعامن کي ايتري تہ خلوص پيار ۽ عقيدت سان پيش فرمايو آهي، جو خالق کان ڀٽڪيل پٿر دل انسان بہ سندس ڪلام مان متاثر ٿيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهي.

هن باب ۾ شاهه سائين ﷫، جي ڪلام مان رب ڪريم جي انسانن جي عيبن جي پردي پوشي فرمائڻ واري صفت (ستار العُيُوب) متعلق چند چونڊ بيت پيش ڪجن ٿا، جن مان الله تعاليٰ جي ذات بابرڪات ۽ سندس صفات تي پڪي يقين رکڻ ۽ پنهنجي عيبن اوڻاين تي انسان کي نِدامت جي احساس پيدا ڪرڻ جو سبق ملي ٿيو.

شاهه سائين ﷺ، خالقِ ڪائنات جي بارگاهه ۾ لوئيءَ جي لَڄ رکڻ لاءِ ڍولا ڍڪڻ ٿئين جي صدا ڪندي، سنڌ واسين کي سبق ٿو ڏئي تہ انسان کي پنهنجن عيبن جي پردي پوشي لاءِ رب ڪريم کي ئي ٻاڏائڻ گهرجي ڇو تہ ان کان سواءِ ڪو سائين ستار نہ آهي:

مـــون نمـــاڻيءَ کـــي يـــاالله، ڍولـــو مَ ڍيلـــي،
ڍولـــو ڍيلـــڻ ســـنديون، وايـــون وَر ڪـــري،
پـــائي عيـــب پلئـــ ۾، تـــو در آيـــس تـــي،
ڍولا جـــي ڍڪـــڻ ٿئـــين، لـــوئي لَـــڄ رهـــي،
ڳؤنرو جهڙيون ڪيتريون لکين لالڻ کي. (290)

ساڳي وقت الله تبارڪ وتعاليٰ پاران انسانيت جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جو حڪم ڏنل آهي ۽ مظلوم کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي بڇڙو ڳالهائڻ يا ڪنهن جا عيب پڌرا ڪرڻ جي بہ اجازت نہ آهي:

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ اِلَّا مَنْ ظُلِمَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ (291)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: الله مظلوم کان سواءِ ٻئي ڪنهن جو (ڪنهين کي) وڏي سڏ (۽ ڪليل طرح) بڇڙو ڳالهائڻ پسند نہ ڪندو آهي ۽ الله ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

شاهہ سائين ﷫، الله تعاليٰ جي ستاري يعني پردي پوشي فرمائڻ واري صفت کان تمام گهڻو متاثر آهي ڇو تہ رب ڪريم جي ذات بابرڪات انسانن جي تمام نيڪ ۽ بدعملن کان چڱيءَ طرح باخبر آهي ۽ اهو سندس وڏو فضل ۽ احسان آهي جو هو انسانن جي برن ۽ بدعملن جي پردي پوشي فرمائيندو آهي. جنهن جو اعتراف شاهہ هن ريت فرمايو آهي:

ڍولـــي ڍڪـــي آهيـــان، هُـــيس اگهـــاڙي آنءُ،
رکـي پنهنجـو نـانءُ، ڳڪـر ڪـئـائيم ڳـاڪِ جـو.[292]

"ڍولي ڍڪي آهيان" واري خدائي صفت جو پتو اسان کي پنهنجي ڪلمي استغفار مان بہ پوي ٿو جنهن ۾ الله تعاليٰ پاران عيبن جي پردي پوشي فرمائڻ ۽ گناهن جي بخشش واري ڀلاريءَ صفت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوبِ وَ سَتَّارُ الْعُيُوبِ وَ غَفَّارُ الذُّنُوبِ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ[293]

ترجمو: بيشڪ تون غيب جو ڄاڻيندڙ ۽ عيبن جي پردي پوشي فرمائيندڙ ۽ گناهن کي بخشڻ وارو ۽ گناهن کان بچڻ جي طاقت ۽ نيڪ ڪم ڪرڻ جي قوت الله جي پار کان ئي آهي. جيڪو اعليٰ شان ۽ عظمت وارو آهي.

هن پاڪ ڪلمي مان الله تبارڪ وتعاليٰ جي شان، عظمت ۽ ٻين مبارڪ صفتن سان گڏ ستاري يعني انسانن جي عيبن ۽ مداين جي پردي پوشي فرمائڻ واريءَ صفت جو پتو پوي ٿو.

شاهہ سائين ﷫، دنيا ۾ ڪيل گناهن ۽ خطائن جي رب ڪريم پاران پردي پوشي فرمائڻ واريءَ صفت جو اظهار ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

ڳـثافت جا ڳـاڪ جي سـامينڌري ميـتيـام،
اَوڳڻ عَيب سَندام، سَـپ ڍولـي ڍَڪـي ڇـڏِيا.[294]

جڏهن تہ دين اسلام ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ پاران جيڪا هدايت ۽ رهنمائي ملي ٿي ان ۾ مؤمنن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ جو تاڪيد مليو ٿو ان سان گڏ اها بہ وضاحت فرمايل آهي تہ جيڪي ماڻهو مؤمنن جي عيبن



www.sindhsalamat.com

گناهن ۽ بدڪارين کي پڌرو ڪرڻ چاهيندا آهن ته انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جو اعلان فرمايل آهي:

إِنَّ الَّذِينَ يُحِبُّونَ أَنْ تَشِيعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِينَ آمَنُوا لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۚ وَاللَّهُ يَعْلَمُ وَأَنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿١٩﴾ (295)

ترجمو: بيشڪ جيڪي (ماڻهو) مؤمنن جي نسبت ۾ بدڪاري جي تهمت جي پڌري ٿيڻ کي دوست رکندا آهن تن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ الله ڄاڻندو آهي ته اوهين نه ڄاڻندا آهيو.

هن آيت سڳوريءَ مان مؤمنن جي عيبن کي ظاهر ڪندڙن لاءِ عذاب جي اعلان سان گڏ اهو به سبق ملي ٿو ته انسان کي گهرجي ته ٻين انسانن جا عيب نه ته ڳولي ۽ نه وري انهن کي ماڻهن ۾ بيان ڪري ڪنهن جي عزت ۽ ناموس کي نقصان پهچائي.

ڀٽائي ﷫، رب ڪريم جي بارگاهه ۾ ٻاڏائيندي عرض ٿو ڪري ته آءٌ پنهنجا عيب ۽ ڪوتاهيون پاند ۾ پائي آيو آهيان، انهن تي پنهنجي ٻاجهه ۽ ستاريءَ جو پردو رکجانءِ متان منهنجن انهن عيبن کي ظاهر ڪري مون کي دنيا ۾ ماڻهن جي سامهون خوار ۽ خراب ڪرين:

پـــائي آيـــس پانـــد ۾ ســـوڊا ســـيبيئي،
ڍولا ڍڪــج اِيءَ مَڇَــڻ عيــب اُپٽيــين. (296)

بارگاههِ الاهي مان به ايمان وارن لاءِ اها خوشخبري ڏنل آهي ته جيڪو شخص ڪنهن خدا جي بندي جي عيبن جي پردي پوشي ڪندو ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جا عيب ڍڪڻ فرمائيندو اها خوشخبري اسان کي حضور ﷺ جن جي هڪ حديث مبارڪ ۾ هن ريت ملي ٿي:

وَعَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ: لَا يَسْتُرُ عَبْدٌ عَبْدًا فِي الدُّنْيَا إِلَّا سَتَرَهُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ۔ (297)

ترجمو: حضرت ابوهريره ﷛ کان روايت آهي ته جناب حضور ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن ڪو شخص، ڪنهن خدا جي ٻانهي جي عيبن جي (دنيا ۾) پردي پوشي ڪندو ته الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جي عيبن جي پردي پوشي فرمائيندو.



www.sindhsalamat.com

هن حديث سڳوريءَ مان خدا جي ٻانهن جي عيبن جي پردي پوشيءَ ڪرڻ جو سبق ملي ٿو.

شاهه سائين ﷬، ان سهاڳ جي انتظار ۾ واجهائيندو نظر اچي ٿو جنهن ۾ ڀٽار عيب ڍڪي ٿو:

جٺن منهه ۾ مديون نه ڏيين، تو ۾ تي ڀڏياس،
سودا ان سهاڳ ڪي، ويٺي واجهاياس،
ڍولي ڍڪياس، ڏيئي پاند پناهه جو.[298]

ڍولي جي پناهه واري پاند سان انسانن جي عيبن ۽ اوڻاين جي ڍڪ ڍڪ ٽيڻ واري ان سونهاريءَ صفت کي انسانن ۾ عام ڪرڻ لاءِ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ پڻ تاڪيد ڪندي ارشاد فرمايو آهي ته انسان تي پاڙيسريءَ جا ڪيترائي حق آهن، انهن ۾ ان جي عيبن جي پردي پوشي ڪرڻ به هڪ اهم حق آهي ان سلسلي ۾ پاڻ ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي:

عَنْ مَعَاوِيَه بِنْ حَيْرَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ، قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: حَقُّ الْجَارِ اِنْ مَرِضَ عُدْتَه وَاِنْ مَاتَ شَيَّعْتَهٗ وَاِنْ اسْتَقْرَضَكَ اَقْرَضْتُهٗ وَاِنْ اَعْوَرَ سَتَرْتَهٗ.[299]

ترجمو: حضرت معاويه بن حيره ﷛ کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو ته پاڙيسريءَ جا اوهان تي حق هي آهن ته جيڪڏهن هو بيمار ٿئي ته ان جي عيادت ۽ خبرگيري ڪريو جيڪڏهن هو وفات ڪري وڃي ته ان جي جناري سان وڃو ۽ ان جي دفن ڪفن ۾ هٿ ونڊايو ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي ضرورت لاءِ قرض گهري ته حيثيت مطابق ان کي قرض ڏيو ۽ جيڪڏهن هو ڪو برو ڪم ڪري وجهي ته ان جي پردي پوشي ڪريو.

هن حديث مبارڪ مان ثابت ٿيو ته ستاري فرمائڻ نه رڳو خدائي صفت آهي، بلڪ هڪ انسان جو ٻئي انسان تي حق پڻ آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷬، رب ڪريم جي بارگاهه ۾ سندس شان ڪريمي مطابق عيبن جي پردي پوشي فرمائڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

جي مان موڙهي مت، ته تون پاڻ سُڄاڻ سُپرين،
اصل اوائن جا عَيب ڍڪين تون اَت،
اي پرين تنهنجي پَتِ، جٺن ولهيون ڍڪين ولها.[300]



www.sindhsalamat.com

شاهه جي هن عنوان تي پيش ڪيل بيتن مان هڪ طرف عيبن جي پردي پوشي فرمائڻ لاءِ الله تعاليٰ جي حضور ٻاڏائڻ ته ٻئي طرف ان خدائي صفت کي اختيار ڪرڻ جو سبق ملي ٿو. ان سلسلي ۾ اسان کي حضور ﷺ جن جي هڪ ٻي حديث مبارڪ هن ريت ملي ٿي، جنهن ۾ به هن دنيا ۾ مسلمان جي پردي پوشي ڪندڙ لاءِ قيامت ڏينهن الله تعاليٰ پاران پردي پوشي فرمائڻ جي ضمانت ڏنل آهي:

عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَنْ سَتَرَعَوْرَةَ مُسْلِمٍ فِي الدُّنْيَا سَتَرَاللهُ عَوْرَةً فِي الْآخِرَةِ ـ (301)

ترجمو: حضرت ابوهريره ﷛ کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن ارشاد فرمايو ته جيڪو شخص دنيا ۾ ڪنهن مسلمان جي عيب تي پردو رکندو ته الله تعاليٰ آخرت جي ڏينهن ان جي عيبن تي پردو رکندو.

شاهه سائينءَ جي ڪلام، قرآني آيتن ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي پيارين حديثن مان اها رهنمائي ملي آهي ته عيبن جي پردي پوشي فرمائڻ الله تعاليٰ جي سونهاري صفت آهي، ليڪن ان سان گڏ اهو به سبق ملي ٿو ته انسان کي هڪ ٻئي جي عيبن جي پردي پوشي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي بدلي ۾ قيامت ڏينهن الله تعاليٰ ان شخص جي عيبن جي پردي پوشي فرمائيندو.

## شفا ڏيندڙ

جيئن ته اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جو ڪلام توحيد جي تعليم ۽ تبليغ سان ڀريل آهي ۽ ان ۾ انساني ذهن ۽ عقيدي جي رهنمائيءَ جو راز سمايل آهي، جنهن ذريعي شاهه سائين انسان کي پنهنجي عقيدي ۽ يقين کي هڪ الله ۾ رکڻ جو سبق ڏنو آهي، جو ته سندس نظر ۾ رهبر ۽ رهنما، واهر ۽ وسيلو حبيب ۽ طبيب صرف ۽ صرف هڪ خداوند عالم آهي.

لطيفي فڪر موجب پيارو ۽ پرين ۽ علاج ڪندڙ طبيب، رب العالمين ئي آهي، جيڪو ڏکايلن جا ڏک سور لاهيندو آهي ۽ ڦٽيون به تڏهن فرق



www.sindhsalamat.com

ڪنديون آهن جڏهن انهن کي الله تعاليٰ جو امر ٿيندو آهي، ڇو ته شفا دوائن ۽ ڦڪين نه پر رب ڪريم جي حڪم ۾ آهي، ان سلسلي ۾ سندن فرمان آهي ته:

حبيب تون، طبيب تون، تون دارون ڪي دردن،
تون ڏيين، تون لاهيين، ڏاترا ڪي ڏکندن،
تڏ ڦڪيون فرق ڪن، جڏ امر ڪرين ان کي. (302)

اها ساڳي تعليم اسان کي قرآن ڪريم مان به ملي ٿي جنهن ۾ وضاحت فرمايل آهي ته بيماريءَ کان شفا عطا ڪندڙ به رب ڪريم جي ذات بابرڪات آهي:

وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ﴿٨٠﴾ (303)

ترجمو: ۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان تڏهن مون کي شفا ڏيندو آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه جو "تون ڏيين تون لاهيين ڏاتر کي ڏکندن" ۽ "تڏ ڦڪيون فرق ڪن، جڏ امر ڪرين ان کي" وارو اعلان هن آيت جي منظوم ترجمي جي حيثيت رکي ٿو.

شاهه لطيف رحمة الله عليه، رب ڪريم جي بارگاهه ۾ اندر جي آزارن ۽ مريضن کي شفا ڏيڻ لاءِ ٻاڏائيندي عرض ٿو ڪري ته منهنجي جيءَ ۾ مختلف قسمن جا جيڪي مرض آهن انهن جي شفا تنهنجي هٿ ۾ آهي ۽ جيڪي ظاهري درد آهن انهن جي دوا به تون ئي آهين:

حبيب تون، طبيب تون، تون درد جي دوا،
جانب منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انوا،
صاحب! ڏئين شفا، ميان! مريضن کي. (304)

شاهه سائين مريضن جي شفا لاءِ جيڪو فڪر پيش ڪيو آهي، اهو فڪر قرآن ڪريم سان گڏ اسان کي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مبارڪ حديثن مان به ملي ٿو جن مان هڪ حديث شريف ۾ ٻنهي جهانن جي سردار پيارن مريضن لاءِ دعا جا ڪلمات ملن ٿا جن ۾ مريضن جي شفا لاءِ رب ڪريم کي ٻاڏايل آهي:



www.sindhsalamat.com

عَنْ عَائِشَه رَضِيَ اللهُ عَنْهَا اَنَّ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ كَانَ اِذَا اَتَى مَرِيْضًا اَوْ اَتَى بِهِ اِلَيْهِ قَالَ اَذْهَبُ الْبَاسِ رَبَّ النَّاسِ اشْفِ وَاَنْتَ الشَّافِيْ لاَشِفَاءَ اِلاَّ شِفَاؤُكَ شِفَاءٌ لاَّيُغَادِرُ سَقَمًا۔ (305)

ترجمو: حضرت عائشه ؓ کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن جڏهن ڪنهن مريض وٽ ويندا هئا يا ڪو مريض سندس خدمت ۾ آندو ويندو هو تہ پاڻ سڳورا دعا فرمائيندا هئا تہ: اي الله ماڻهن جا خوف (ڏک) هٽاءِ ۽ (ڪين) شفا عطا ڪر چو تہ شفا ڏيڻ وارو تون ئي آهين ۽ شفا حقيقت ۾ تنهنجي شفا آهي، جيڪا ڪنهن (بہ) بيماريءَ کي نہ ڇڏيندي آهي.

حضور ﷺ جن رب ڪريم جي پاران شفا عطا فرمائڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي ان کي شاهہ سائينءَ هن ريت بيان فرمايو آهي:

صاحب! ڏئين شفا ميان! مريضن کي.

ڀلاري ڀٽائي ﷫، اڳتي هلي پنهنجي حبيب ۽ طبيب کي درد جو دارون قرار ڏيڻ سان گڏ دل لاءِ ذڪر الاهي کي دوا قرار ڏيندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

حبيب تون طبيب تون، تون درد جو دارون،
دوا منهنجيءَ دل کي، تنهنجيون تـوارون،
ڪريان تي ڪارون، جيئن ڀڪي ڀئنئون نہ ٿئي. (306)

هن بيت مان مراد آهي تہ تون حبيب آهين، تون طبيب ۽ ڄاڻون آهين ۽ تون ئي هر قسم جي درد جو دارون آهين. ايندڙ ٽُڪ ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ "دوا منهنجيءَ دل کي تنهنجيون توارون" بس دل کي اها دوا ڪافي آهي، تنهنجو سڏڻ ڇو جو توکان سواءِ ڪنهن ٻئي کي سڏڻ شرڪ آهي، نہ وري دل کي گناهن جي ڪدورت کان صاف ڪرڻ ۽ راهہ هدايت تي آڻڻ ۽ مطمئن ڪرڻ جي ڦڪي يا ڀُڪي ڪنهن ٻئي وٽ آهي، جيئن تہ بيت جي آخري ٽُڪ ۾ شاهہ سائينءَ فرمايو آهي تہ:

ڪريان تي ڪارون، جئن ڀڪي ڀئنئون نہ ٿئي،

جڏهن تہ اهو ساڳيو مفهوم دوا ۽ ڀڪي يعني ڏک ۽ سُک ڏيڻ ۽ لاهڻ سڀ حقيقي حبيب ۽ طبيب رب ڪريم جي هٿ ۾ هجڻ جي شاهدي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

وَاِنۡ يَّمۡسَسۡكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗۤ اِلَّا هُوَ‌ؕ وَاِنۡ يَّمۡسَسۡكَ بِخَيۡرٍ فَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرٌ ﴿۱۷﴾ (307)

ترجمو: ۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي تہ ان (الله) کان سواءِ ان جو ڪو لاهيندڙ نہ آهي ۽ جيڪڏهن اهو توکي سُک پهچائي تہ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

شاھ صاحب رحمت الله عليہ دل لاءِ جنهن دوا جو ذڪر فرمايو آهي سا ”تنهنجيون تواررون“ يعني رب ڪريم جو ذڪر آهي جنهن سان سندس دل کي سڪون ۽ راحت ملي ٿي.

دوا منهنجـــيءَ دل ڪـــي تنهنجيـــون تـــوارون.

دل جي سڪون ۽ راحت لاءِ انهن توارن يعني ذڪر جي آلاپ وارن سڏن جي تصديق قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

اَلَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَتَطۡمَٮِٕنُّ قُلُوۡبُهُمۡ بِذِكۡرِ اللّٰهِ‌ ؕ اَلَا بِذِكۡرِ اللّٰهِ تَطۡمَٮِٕنُّ الۡقُلُوۡبُ ﴿۲۸﴾ (308)

ترجمو: (اهي اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ سندن دليون الله جي ذڪر سان آرامي ٿينديون آهن خبردار الله جي ذڪر سان دليون آرام وٺنديون آهن.

ڀٽائي ﷫ دل لاءِ جنهن دوا جو اشارو فرمايو آهي ان جي شاهدي قرآن ڪريم مان مٿين آيت ۾ ملي آهي، جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي تہ شاھ سائينءَ جي ”دوا منهنجي دل ڪي تنهنجيون توارون“ واري تڪ هن آيت جو تفسير آهي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

## حوالا


(1) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي، داستان 12_10 صفحو 526 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(2) مثنوي رومي سنڌيڪار غلام محمد شاهواڻي صفحو 21 سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1999ع

(3) ڪلام گرهوڙي ڊاڪٽر علامہ دائود پوٽو صفحو 64 نومبر 1954ع

(4) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا داستان 5_10 صفحو 467 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(5) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 58 پاره 11 صفحو 259 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع




www.sindhsalamat.com

(6) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 216، پاره 2 صفحو 42، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(7) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سريمن داستان 5-3 صفحو 162 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(8) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت محمد آيت 24، پاره 26، صفحو 612، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(9) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 10-1 صفحو 501 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(10) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاتحہ آيت 5، صفحو 3 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(11) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 5 صفحو 501 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(12) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 7 صفحو 502 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(13) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 8 صفحو 502 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(14) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 9 صفحو 502 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(15) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10 بيت 10صفحو 503 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(16) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 11 صفحو 503 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(17) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 12 صفحو 503 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(18) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10- 13 صفحو 503 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(19) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت فاطر آيت 38 پاره 22 صفحو 528 تاج ڪمپني ڪراچي 16999ع
(20) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرليلان داستان3-4 صفحو 392 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(21) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمران آيت 180 پاره 3، صفحو 66 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(22) شاھہ جو ڪلام جلد 8-9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 1-1 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(23) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الحديد آيت 3 پاره 27 صفحو 671 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت طٰهٰ آيت 114، پاره 16 صفحو 385 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(25) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفاتحہ آيت 1 صفحو 3 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الروم آيت 50 پاره 21 صفحو 493 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(27) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 255 پاره 3 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(28) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 1 پاره 29 صفحو 678 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(29) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سوره البقره آيت 163 پاره 2 صفحو 31 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت هود، آيت 6 پاره 12 صفحو 268 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(31) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ آيت 36 پاره 25 صفحو 603 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(32) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النصر آيت 3 پاره 30 صفحو 731، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 110 پاره 15 صفحو 354، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ آيت 37 پاره 25 صفحو 603 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(35) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 65 صفحو 409 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومن آيت 64 پاره 24 صفحو 570، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(37) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1_14 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(38) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت القصص، آيت 88 صفحو 477 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(39) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1_28 صفحو 135 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(40) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت القصص، آيت 70 صفحو 474 تاج ڪمپني ڪراچي۔ 1999ع
(41) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر يمن داستان 13۔ 5 صفحو 163 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد، 1999ع
(42) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 18 صفحو 64، تاج ڪمپني ڪراچي، 1999ع
(43) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سر ڪليان داستان 18۔1 صفحو 134، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(44) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحشر، آيت 33 پاره 28 صفحو 661 تاج ڪمپني ڪراچي۔ 1999ع
(45) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاخلاص آيت 3 پاره 30 صفحو 731، تاج ڪمپني ڪراچي۔ 1999ع
(46) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪاموڏ داستان 4۔1، صفحو 401 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(47) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي، داستان 8 بيت 6، صفحو 495، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(48) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاخلاص آيت 3 پاره 30 صفحو 731، تاج ڪمپني ڪراچي۔ 1999ع
(49) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1۔17 صفحو 134، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(50) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 132، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(51) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1۔3، صفحو 133، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(52) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يوسف آيت 40، صفحو 290، تاج ڪمپني ڪراچي۔ 1999ع
(53) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 116، صفحو 133، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(54) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 3 بيت 4۔5 صفحو 140 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع
(55) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 48 پاره 5 صفحو 1۔5، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(56) شاهہ جو ڪلام جلد 8۔9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪوهياري، داستان 6۔6، صفحو 340، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد۔ 1999ع



www.sindhsalamat.com

(57) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 13_6، صفحو 470، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(58) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 171، پاره 5، صفحو 128، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(59) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سهڻي، داستان 9، بيت 11، صفحو 529، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(60) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الڪهف، آيت 110، صفحو 367، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(61) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 3_6، صفحو 140 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(62) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 18 پاره 11، صفحو 254، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(63) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪلياڻ دستان 8_3، صفحو 140 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(64) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج، آيت 62 صفحو 409 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(65) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪلياڻ داستان 3_3، صفحو 140 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(66) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي،سورت النحل آيت 51، پاره 14 صفحو 328 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(67) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪوهياري داستان 3، وائي صفحو 441، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(68) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت حم السجده آيت 31، صفحو 577، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(69) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 19_1، صفحو 456، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(70) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 116، پاره 18، صفحو 421 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(71) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪلياڻ داستان 11_3، صفحو 141 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(72) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النمل آيت 63، پاره 20 صفحو 460، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(73) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 29، پاره 29، صفحو 681، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(74) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسري راڳ داستان 6_10 صفحو 198 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(75) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 62 پاره 18 صفحو 432، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(76) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 1_2 پاره 18، صفحو 412 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(77) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره، آيت 183، پاره 2 صفحو 35 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(78) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبہ آيت 31، پاره 10 صفحو 232 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(79) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المائده آيت 56 پاره 6 صفحو 143 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(80) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سورٺ، داستان 1_1 صفحو 404 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(81) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحُجرات آيت 15 پاره 26 صفحو 266 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(82) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 122، پاره 5، صفحو 118، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(83) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 139، پاره4 صفحو 118، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(84) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره، آيت 257، پاره 3، صفحو 53 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(85) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرپورب داستان 1_11، صفحو 424 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(86) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ، داستان 1_7 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(87) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 158، صفحو 206 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(88) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ 10_1 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(89) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران 20 پاره 3، صفحو 64، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(90) تحفہ سفر، بحوالہ تعليم الاسلام، محمد شعيب ناره، صفحو 13، ناشر، پرل فيبرڪس.



www.sindhsalamat.com

(91) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري، داستان 5_7 صفحو 288 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع
(92) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف، آيت 172، پاره 9 صفحو 209 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(93) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سر آبري 4_13 صفحو 296، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد، 1999ع
(94) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُرمارئي، داستان، 10_1 صفحو 475 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد، 1999ع
(95) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُريمن داستان 1_6 صفحو 152 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع
(96) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف، آيت 172، پاره 9 صفحو 209 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(97) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر سهڻي، داستان 8_2 صفحو 526، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد. 1999ع
(98) قرآن عظيم_ ترجمو تاج محمود امروٽي، سورت الحديد، آيت 8 پاره 27 صفحو 647، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(99) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر سهڻي، داستان 8_8 صفحو 527 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد. 1999ع
(100) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد، آيت 20 پاره 13 صفحو 304 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(101) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 7_1، صفحو 471 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع
(102) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومن آيت 44، پاره 24، صفحو 568 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(103) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سهڻي، داستان1 بيت 16 صفحو 510 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع
(104) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد، آِت 14، پاره 13، صفحو 302 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(105) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي، داستان 3_4 صفحو 514، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع
(106) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 56، پاره 15، صفحو 347 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(107) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي، داستان 8_9 صفحو 529 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدر آباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

108) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 88، پاره 18، صفحو 419 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
109) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي داستان، 12_1 صفحو 534 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
110) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي،سورت الشوريٰ آيت 9، پاره 25، صفحو 532 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
111) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسر راڳ، داستان 2_15 صفحو 599 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
112) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام 41 پاره 7 صفحو 160 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
113) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر بروو داستان 3 وائي صفحو 192 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
114) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 6، پاره 11 صفحو 266 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
115) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسورٺ، داستان 1 صفحو 404 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
116) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آِت 12 پاره 17، صفحو 402 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
117) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسر راڳ داستان 3_2 صفحو 193، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
118) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 1، پاره 29، صفحو 678 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
119) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڏهر داستان 1_13 صفحو 265 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد، 1999ع
120) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 109، پاره 4، صفحو 78 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
121) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 45 پاره 18، صفحو 420 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
122) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڏهر، داستان 1_14 صفحو 265 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
123) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يس آيت 83، پاره 23 صفحو 536 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
124) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ابراهيم آيت 33، پاره 13، صفحو 313 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع




www.sindhsalamat.com

(125) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا، داستان 9_
صفحو 455 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(126) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا، داستان 1_
صفحو 455 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(127) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ آيت 5، پاره 25
صفحو 601 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(128) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ آيت 13، پاره 25
صفحو 601 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(129) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪلياڻ، داستان
1_1 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(130) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يٰسٓ آيت 83، پاره 23، صفحو
536 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(131) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري، داستان 5_
5، صفحو 288 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(132) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التين آيت 4، پاره 30
صفحو 724، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(133) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري، داستان 5_
12، صفحو 289 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(134) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العلق آيت 1_2 پاره 30
صفحو 724، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(135) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان
1_19 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(136) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان
بيت 24 صفحو 135، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(137) شاهہ جوڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سورٺ، داستان
4_14 صفحو 411، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(138) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العنڪبوت آيت 20، پاره 20
صفحو 480 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(139) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان
1_1 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(140) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 212، پاره 2
صفحو 41 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(141) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر پرڀاتي، داستان
2_18 صفحو 254، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

142) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 29، پاره 27، صفحو 249، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

143) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر پرڀاتي داستان 5_1 صفحو 249، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

144) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 3، پاره 22، صفحو 523، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

145) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 ، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرپرڀاتي، داستان 7_1 صفحو 249، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

146) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 85، پاره 17، صفحو 407 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

147) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ص آيت 54، پاره 23، صفحو 549، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

148) شاهہ جو ڪلام 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرپرڀاتي وائي 1 صفحو 251، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

149) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النمل آيت 64، پاره 20، صفحو 460 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

150) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العنڪبوت آيت 60، پاره 21، صفحو 486، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

151) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 11_25 صفحو 506 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

152) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 14، پاره 14 صفحو 324 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

153) شاهہ جو ڪلام جلد 58_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر يمن داستان 2_4 صفحو 155 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

154) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 37، پاره 24، صفحو 556، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

155) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 2، پاره 1، صفحو 4 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

156) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر يمن داستان 1_3 صفحو 152 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

157) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 35، پاره 18، صفحو 417، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

158) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفاتحہ آيت 5_7 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(159) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري داستان 9_2 صفحو 297 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(160) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 101، پاره 4، صفحو 77 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(161) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرابري داستان 9_2 صفحو 297 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(162) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 52، پاره 25، صفحو 588 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(163) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ديسي، داستان 2_6 صفحو 319 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(164) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 29، پاره 19، صفحو 236، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(165) اسلام جا بنيادي عقيدا_ مولانا محمد يوسف لڌيانوي، صفحو 3 پرل فيبرڪس ڪراچي 2000ع
(166) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبه آيت 51 پاره 10 صفحو 235 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(167) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر مارئي داستان 4 بيت 11 صفحو 483 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا، 1999ع
(168) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سهڻي داستان 11 بيت 4 صفحو 533 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع
(169) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪوهياري داستان 1 وائي صفحو 334 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع
(170) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النبا آيت 29 پاره 30 صفحو 706 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(171) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر مارئي داستان 1 بيت 18 صفحو 476 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع
(172) شاهه جو رسالو 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا داستان 3 وائي صفحو 463 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع
(173) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحديد آيت 22 پاره 27 صفحو 650 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(174) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر مارئي داستان 1 وائي صفحو 476 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع
(175) شاهه جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر معذور داستان 5 بيت 8 صفحو 311 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا، 1999ع



www.sindhsalamat.com

(176) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر معذور داستان 5 بيت 9 صفحو 311 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(177) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ، سر معذور داستان 5 بيت 10 صفحو 311 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(178) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 38_39 پاره 13 صفحو 307 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(179) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر رامڪلي داستان 3 بيت 15 صفحو 440 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا 1999ع

(180) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 2 پاراه 18 صفحو 433 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(181) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڏهر، وائي 1 صفحو 266 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(182) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 13_14، پاره 29، صفحو 280 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(183) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڏهر، داستان، 1_3 صفحو 264 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(184) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 32، پاره 5، صفحو 102، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(185) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 4_3 صفحو 464، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(186) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 55، پاره 3، صفحو 52، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(187) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان، 4_1، صفحو 463، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(188) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ڪهف آيت 67_68 پاره 16، صفحو 363، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(189) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ڪهف آيت 71_72 پاره 16، صفحو 363، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(190) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 85، پاره 15 صفحو 351، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(191) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سربلاول داستان 3_12 صفحو 248 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(192) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 107، پاره 1، صفحو 22 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(193) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڏهر، داستان 1_13، صفحو 265، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(194) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 1، پاره 29، صفحو 278، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(195) شاهہ جو جلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڏهر داستان 1_2 صفحو 264، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(196) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 132، پاره 5، صفحو 121 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(197) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 5_21، صفحو 150، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(198) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 153، پاره 2، صفحو 30، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(199) شاهہ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ، داستان 4_2 صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(200) منتخب احاديث، تاليف محمد يوسف، باب علم و ذڪر، صفحو 367 ڪتب خانہ فيضي لاهور 2000ع
(201) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 10_2 صفحو 201 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(202) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي داستان ٽيون بيت 18 صفحو 513 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(203) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسر راڳ داستان 2، وائي 1 صفحو 201 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(204) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرآبري داستان پنجون بيت 11 صفحو 288 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(205) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 205، پاره 9، صفحو 213 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ت
(206) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 1_9 صفحو 454 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(207) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 191، پاره 4، صفحو 92 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(208) شاهہ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سررامڪلي، داستان 2، وائي صفحو 437 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(209) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت طه آيت 124، صفحو 386، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(210) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا داستان 7_3 صفحو 471 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(211) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 28، پاره 13، صفحو 305، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(212) شاهہ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سررامڪلي داستان 3_3 صفحو 439، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(213) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سررامڪلي داستان 3_10 صفحو 440 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(214) منتخب احاديث، محمد يوسف باب علم وذڪر صفحو 377 فيضي ڪتب خانہ لاهور 2000ع
(215) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1_14 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(216) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1_6 صفحو 134 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(217) منتخب، احاديث محمد يوسف باب علم وذڪر صفحو 367 فيضي ڪتب خانہ لاهور 2000ع
(218) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 4_8 صفحو 464 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(219) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 16، پاره 26، صفحو تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(220) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر رپ، داستان 1_10 صفحو 413 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(221) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرپرڀاتي داستان 2، بيت 11 صفحو 253 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(222) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاحزاب آيت 14_42 صفحو 510 پاره 22 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(223) شاهہ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آسا، داستان 3_1 صفحو 460 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(224) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره، آيت 65، پاره 2، صفحو 32، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(225) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر حسيني، داستان 7_1 صفحو 355 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(226) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 69، پاره 5، صفحو 108، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(227) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر حسيني داستان 7_11 صفحو 356 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(228) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 3، پاره 22 صفحو 523، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(229) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪاپائتي داستان 1_20 صفحو 238، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(230) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 92، پاره 14، صفحو 335، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(231) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪاپائتي داستان 1_19 صفحو 238 صفحو 355 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(232) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر حسيني، داستان، پهريون بيت 20 صفحو 360 صفحو 355 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(233) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحجر آيت 99، پاره 14، صفحو 322 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(234) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 1_9 صفحو 133 صفحو 355 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(235) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 62، پاره 11 صفحو 260 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(236) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسر راڳ داستان 1_25 صفحو 196 صفحو 355 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(237) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 64، پاره صفحو 260 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(238) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 4_1 صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(239) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره، آيت 257 پاره 3 صفحو 53 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(240) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سربروو، داستان، 4_3 صفحو 190، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(241) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت لقمان آيت 30، پاره 21، صفحو 498 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(242) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪلياڻ داستان 4_4 صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(243) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران پاره 4 صفحو 77 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(244) شاههه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرڪليان، داستان 4_13 صفحو 143 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(245) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 31، پاره 3، صفحو 66 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(246) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان، 1_21 صفحو 476 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(247) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 1_ 21 صفحو 476 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(248) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 11، پاره 25، صفحو 582، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(249) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 8_ 6 صفحو 490 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(250) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يس آيت 28، پاره 23، صفحو 536، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(251) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان، 1_12 صفحو 275، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(252) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف 172، پاره 9، صفحو 209 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(253) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسهڻي، داستان 8_2 صفحو 26 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(254) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 172، پاره 9، صفحو 209، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(255) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 1_ 20 صفحو 476 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(256) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرآبري داستان پنجون بيت 4، صفحو 288 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدراباد 1999ع
(257) شاهه جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري، داستان 13_5 صفحُ 289 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(258) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرآسا، داستان 5 وائي. صفحو 466 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد، 1999ع
(259) شاهه جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرآبري، داستان 3 بيت 30 صفحو 283 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(260) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري داستان 3_6 صفحو 283 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(261) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 16، پاره 26، صفحو 624، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(262) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري 3_7 صفحو 283 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(263) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 126، پاره 5، صفحو 120، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(264) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت حم السجده آيت 54، پاره 25، صفحو 581 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(265) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري داستان 3 بيت 8 صفحو 283 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(266) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري داستان 3_11 صفحو 284 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(267) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الواقعہ آيت 85، پاره 27، صفحو 646، تاج ڪمپني ڪراچي، 1999ع
(268) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر آبري داستان 3_12 صفحو 284 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(269) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحديد آيت 4 پاره 27 صفحو 647، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(270) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 186 پاره 2 صفحو 36 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(271) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سهڻي داستان 2_7 صفحو 512 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(272) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر ڪوهياري داستان 4 وائي 2 صفحو 336 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(273) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 53 پاره 24، صفحو 550 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(274) شاھ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر سارنگ داستان 2_16 صفحو 542 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(275) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 148 پاره 8 صفحو 178 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(276) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر بروو داستان 1_3 صفحو 183 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(277) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 105 پاره صفحو 21 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(278) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرراڳو داستان 5_14 صفحو 377 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(279) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الڪهف آيت 10، پاره 15، صفحو 355 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(280) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرليلان، داستان 4_11 صفحو 393 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(281) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 8، پاره 3، صفحو 62 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(282) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 6_19 صفحو 491 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(283) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 18، پاره 14، صفحو 324 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(284) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 6_17 صفحو 491 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(285) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 53 پاره 10 صفحو 322 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(286) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرمارئي داستان 6_18 صفحو 491 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(287) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 3، پاره 22 صفحو 523، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(288) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرسر راڳ داستان 1_2 صفحو 193 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(289) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 77_78 پاره 27، صفحو 642 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(290) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرليلان داستان 4 وائي صفحو 393 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(291) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النساءِ آيت 148 پاره 6، صفحو 124 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(292) شاهہ جو ڪلام جلد 8_9 محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرراڳو داستان 9_11صفحو 384 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(293) شش ڪلمہ پنجون ڪلمون، استغفار مرتب محمد يوسف، صفحو 17 پرنٽر پرل فيبرڪس ڪراچي 2000ع



www.sindhsalamat.com

(294) شاھ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرراڻو داستان، 1_8 صفحو 386 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(295) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النور آيت 19، پاره 18 صفحو 424 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(296) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر راڻو داستان 9_7 صفحو 383، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(297) رِياضُ الصالحين، محي الدين ابي زڪريا، جلد اول باب 28 صفحو 138 دارلاشاعت ڪراچي 2002ع
(298) شاھ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سر راڻو داستان 9_6، صفحو 383 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(299) مطالعہ حديث، علي اصغر چشتي، دعوه اڪيڊمي صفحو 28، اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد 1990ع
(300) شاھ جو ڪلام جلد8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سرليلان، داستان 4_10 صفحو 394 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(301) منتخب احاديث، محمد يوسف ڪانڌلوي، باب اڪرام مسلم، صفحو 444 فيضي ڪتب خانہ لاهور 1418ھ
(302) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سريمن، داستان 1_4 صفحو 152 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(303) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الشعراء آيت 80 پاره 19، صفحو 446، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(304) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سريمن، داستان 1_1 صفحو 152 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(305) تجريد البخاري جلد 2 امام بخاري، ڪتاب المرضيٰ حديث نمبر 774 صفحو 710 دارالاشاعت ڪراچي 1401 هھ
(306) شاھ جو ڪلام جلد 8_9، محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سريمن داستان 1_2 صفحو 152 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(307) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الانعام آيت 17 پاره 8 صفحو 157 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(308) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سوت الرعد آيت 28، پاره13، صفحو 305 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ حضور اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي ذات

## رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي اطاعت

سنڌڙيءَ جو سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه. نہ رڳو توحيد جو مبلغ هو بلڪ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو عاشق پڻ هو. ڇاڪاڻ تہ توحيد ۽ رسالت ٻئي لازم ۽ ملزوم شيون آهن. ان ڪري جو رسالت کان سواءِ توحيد هرگز مڪمل ٿي نٿي سگهي. اها هڪ عالم آشڪار حقيقت آهي تہ رڳو توحيد جي اقرار سان انسان پڪو مسلمان ٿي نٿو سگهي، جيستائين سچيءَ دل سان ٻنهي جهانن جي سردار صلي الله عليه وآله وسلم جي رسالت جو اقرار نٿو ڪري.

اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين رحمة الله عليه. حضور جن جي وجود مبارڪ کي ٻنهي جهانن جي پيدائش جو ڪارڻ ڪري مڃيو آهي. يعني هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهہ اسان کي ڏسڻ ۾ اچي ٿو سو سڀ سرورِ ڪونين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي وجود مبارڪ جي صدقي ئي ظاهر ٿيو آهي.

جيئن تہ حديث قدسيءَ ۾ آيو آهي:

لَوْلَاکَ لَمَا خَلَقْتَ الْاَفْلَاکَ

ترجمو: اي محمد صلي الله عليه وآله وسلم جيڪڏهن تون پيدا نہ ٿين ها تہ آءٌ هيءُ آسمان بہ پيدا نہ ڪريان ها. (1)

ڀٽائي رحمة الله عليه بہ توحيد جي اقرار بعد ٻنهي جهانن جي ڪارڻي محمّد صلي الله عليه وآله وسلم کي محبت سان مڃڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ.



www.sindhsalamat.com

وَحَدہ لاشريڪ لَہ، جان تون چئين اِيئن،
مج محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن
تان تون وڃئو ڪيئن، نائين سِر ڀِئن ڪي.[2]

جڏهن تہ سڌي واٽ لهڻ لاءِ قرآن ڪريم مان بہ جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان ۾ محمّد ﷺ ڪارڻي ڪي مڃڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٥٨﴾[3]

ترجمو: تنهن ڪري الله ۽ سندس انهيءَ اُمي نبيءَ تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ ان جي تابعداري ڪريو تہ مان اوهين سڌي واٽ لهو.

شاهہ سائين ﷫ نبي ڪريم جن سان محبت ۽ عقيدت رکندڙن لاءِ دنيا جي خوف ۽ خطرن کان آجي رهڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

وَحَدہ لاَ شريڪ لَہ، جڏهن چيو جن،
تِن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي هيجان ساڻ هِنين،
تڏهن منجهان تَنِ، اَوَتڙ ڪو نہ اولئو.[4]

محمّد ﷺ ڪارڻيءَ کي مڃيندڙن لاءِ شاهہ جيڪا "اَوَتڙ ڪو نہ اولئو" جي خوشخبري ڏني آهي، اها قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ پنهي جهانن جي سردار محمّد ﷺ جي اچڻ کان اڳ ۾ انسان ڪليل گمراهيءَ ۾ هئا. ليڪن نبي ڪريم ﷺ جي اچڻ ۽ سندن تعليم، تربيت ۽ تزڪيي مان اهي پاڪ ۽ صاف ٿي "اَوَتڙ ڪو نہ اولئو" جي مرتبي تي فائز ٿي ويا:

هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۙ﴿٢﴾[5]

ترجمو: (الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندن آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي (حڪمت) سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هئا.

ڀٽائي ﷫ اڳتي هلي الله تعاليٰ جي توحيد تي ايمان آڻڻ ۽ نبي ڪريم



www.sindhsalamat.com

وَحــــدہ جـــــي وڏئـــــا، اِلا الله اڏ ڪِئـــــا،
محمّـــد رســـول الله چئـــي، مســــلمان ٿِئـــا،
عاشــق، عبــداللطيف چئــي، انهــين پَــه پِئـــا،
جــيلاہ ڏٺــيءَ ڏٺـا، تــي وِئـا وَحـدت گــڏجي [9]

هن بيت ۾ شاهہ سائين ايمان جي اقرار واري پهرين ڪلمي طيب جو مفهوم بيان فرمايو آهي، جيڪو هن ريت آهي:

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ ﷺ (ڪلمو)

ترجمو: نہ آهي ڪو معبود الله کان سواءِ (۽) محمّد ﷺ الله جو رسول آهي.
يعني وحده جي وحدت محمّد رسول ﷺ جي رسالت سان مڪمل ٿئي ٿي.

شاهہ لطيف ؒ، ڏان گهرندڙ حاجتمندن کي صلاح ٿو ڏئي تہ ٻين درن تي وڃڻ بجاءِ صرف هاشمي سردار حضرت محمد ﷺ جن جي دروازي تي وڃ تہ تنهنجا سڀ مطلب پورا ٿي ويندا:

ٻَيريون ٻيري ٻيڃُ، هي جي منجهان ٻوريون،
ٻِئي دَر ڪِنه مَ وَڃُ، رِيءَ هاشميءَ هيڪڙي [10]

هتي هاشمي يعني حضور ﷺ جن جي در مان مراد سندن رستو طريقو ۽ نقش قدم آهي، جنهن تي هلڻ سان انسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. اهڙي قسم جي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي تہ اگر ڪو الله سان محبت رکندو آهي تہ انکي رسول الله ﷺ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻي پوندي تہ پوءِ الله تعاليٰ بہ ان کي دوست رکندو:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ۭ وَاللهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ [11]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله اوهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

هن پلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ حضور ﷺ جي اطاعت ۽ محبت کان سواءِ انسان کي الله تعاليٰ جي محبت ۽ مغفرت حاصل نٿي ٿي سگهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين ؒ، بہ قرآن ڪريم جي هن سڳوريءَ آيت



www.sindhsalamat.com

جي ترجماني ڪندي ارشاد فرمايو تہ:

ٻـئـي در ڪنـــ مَ وڃ، ري هاشـــمي هيڪـــڙي.

شاھ لطيف رحمة الله عليه، نبي ڪريم ﷺ جي اطاعت ۽ محبت لاءِ واضح طور رهبري ۽ رهنمائيءَ بعد عارفاڻي انداز ۾ اشارتاً الله تعاليٰ ۽ سندس رسول مقبول ﷺ جي فرمانبرداري جو سبق ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

ســـٹَر ســـائي ســـار، آلـــفُ جَنـــه جـــي اڳ ۾،
مِيمَـــان جـــو معلـــوم ٿِـئـــو، ورقُ ســـوئي وار،
ناحق ڪِـيم نهـارِ پَنـا ٻِـئـا پِـرين لَـئـي. (12)

هتي شاھ سائين جي "الف" مان مراد الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات ۽ "ميمان" يعني "م" مان محمّد ﷺ جي ذات ۽ سندن سونهاري سيرت مراد آهي. بيت جي آخر ۾ شاھ سائين توحيد ۽ رسالت واري انهيءَ نوراني ورق کان سواءِ ٻين ورقن کي اجايو قرار ڏيندي "ناحق ڪيم نهار پنا ٻئا پرين لئي" جي صلاح ڏني آهي.

اهڙي قسم جو ساڳيو مفهوم اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو جنهن ۾ رب ڪريم پاران ذات باري يعني الف ۽ رسول ڪريم ﷺ جي ذات (ميمان= م) جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو سبق ملي ٿو:

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ وَاحْذَرُوْا ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿٩٢﴾ (13)

ترجمو: ۽ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ڊڄو پوءِ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ تہ (پڪ) ڄاڻو تہ اسان جي پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، ساڳي سر ۾ هڪ ٻئي بيت ۾ وري اشارتاً الف۔ الله ۽ م۔ محمد ﷺ کي من ۾ رکي محبت سان ان سبق کي پڙهڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

پڙهـئـــو پڙهيجـــاھُ، سَـبق انهـــين سُـــور جـــو،
مِـــيمُ رکجـــاھ مَـــنَ ۾، آلـــف تَنـــه اڳيـــاھُ،
ڇِتـــا ڇوريجـــاھُ، اِهـــا لاَتَ لَطيـــفُ چَئـــي. (14)



www.sindhsalamat.com

جڏهن تہ قرآن ڪريم جي گلشن مان بہ اسان کي الله ۽ سندس رسول الله ﷺ جي فرمانبرداري ڪرڻ جو حڪم مليل آهي. جنهن لاءِ شاھ سائين رحمة الله عليه، ”چتا چوريجاھ اھا لات لطيف چئي“ جي صلاح ڏني آهي.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ (15)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ کانئس منهن نہ موڙيو (حالانڪ) اوهين قرآن ٻڌو ٿا.

ڀٽائي رحمة الله عليه، جي حضور ﷺ جن سان ايتريقدر عقيدت ۽ محبت هئي جو سمنڊ ۾ سفر ڪندڙ تاجرن ۽ ٻيڙاتن کي پنهنجن ٻيڙين تان محصول ۽ مصيبتون معاف ڪرائڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي نظر هيٺ هلائڻ لاءِ صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي ته:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت اڳو چر آهي،
لڪين واڻ لطيف چئي تو نيڌو نمائي،
ٻـڌي اولي عاج جي، وڄ چڱي چلائي،
نَظر هيٺ نبيءَ جي، هيجان هَلائي،
تہ مُهري مٿائي، تو سڄيائي معاف ٿئي. (16)

ساڳي وقت الله تبارڪ وتعاليٰ پاران بہ نبي ڪريم ﷺ جي وجود کي خوشخبري ۽ شاهدي ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪلڻ جو اعلان فرمايل آهي:

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۙ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا
وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا (17)

ترجمو: اي پيغمبر بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ الله ڏانهن سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو ڪري (موڪليوسون) ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي تہ انهن لاءِ الله جي پار کان وڏو فضل آهي.

هن سڄوريءَ آيت ۾ رب ڪريم پاران ٻنهي جهانن جي سردار کي روشن ڏيئو يعني ڪاميابي واري سڏي وات ڏانهن رهنمائي ۽ روشنيءَ جو ذريعو ۽ مؤمنن لاءِ رب ڪريم جي پاران فضل جي خوشخبري ڏيندڙ پڻ قرار



www.sindhsalamat.com

نو آهي.

شاهہ سائين رحمة الله عليه، سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙن ڪي ٻاجهہ سان رکڻ لاءِ بہ نبي ڪريم ﷺ جي نذر جو قائل آهي. جو تہ انهن ٻيڙن ۾ قسمين قسمين سامان، مسالا، ڪپڙا ۽ قيمتي وکر هوندو آهي. ان جي حفاظت الله جي نالي ۽ نبي ﷺ سائين جي نذر ساڻ ئي ممڪن آهي:

ڳرقل، قوتا، ٻارچا، پاٽيٽ پاتائون،
ڪونيون قيمت سنديون، تر ۾ طاقيائون،
بيرقون بحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون.
لاڄن منجهہ، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ ڄام جو چڙهندي چيائون،
جي ڇوهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين. (18)

ساڳي وقت قرآن ڪريم جي مطالعي مان اسان کي اهو پتو پوي ٿو تہ نبي ڪريم ﷺ جو وجود انسانيت لاءِ سراپا رحمت آهي. جنهن جو اعلان سورت انفال ۾ هن ريت فرمايل آهي:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ فِيْهِمْ ۚ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾ (19)

ترجمو: ۽ الله کي نہ ڄڳائيندو آهي جو منجهن تنهنجي هوندي کين عذاب ڪري ۽ الله کي هيءُ بہ نہ ڄڳائيندو آهي جو کين هن هوندي عذاب ڪري جو اهي بخشش گهرندا هجن.

يعني الله تعاليٰ اهو اعلان فرمايو تہ حضور ﷺ جي موجودگي ۽ انسانن طرفان بخشش گهرڻ جي صورت ۾ کين عذاب کان محفوظ رکيو ويندو. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين رحمة الله عليه، بہ سامونڊين جي ٻيڙين لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي نسبت سان ٻاجهہ لاءِ ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

نَذرُ نبيءَ ڄام جو چڙهندي چيائون،
جي ڇوهي ڇوڙيائون سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

ڀٽائي رحمة الله عليه، اڳتي هلي سمنڊ جو سفر ڪندڙ جوهرين جي جهازن جي پار پهچڻ لاءِ بہ مديني واري سردار محمد ﷺ ذاتهن منهن ڪندي سڀاجهي ستار کي هن ريت ٻاڏائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

هتي پرينءَ يا پنهونءَ مان مراد خاتم الانبياءَ سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ذات بابرڪات. سسئيءَ مان مراد عموماً سمورا عاشق ۽ خصوصاً هڪ صحابي حضرت جندع ﷜ ۽ ڪيچ مان مراد محبوب مدنيءَ جو مبارڪ ۽ متبرڪ شهر مدينو منوره آهي.

شاهہ سائين مٿئن بيت ۾ صحابي سڳوري جي حضور ﷺ جن سان جنهن محبت، صداقت، ايثار ۽ اُڪنڍ جي جيڪا تصوير ڪڍي آهي، اها اسان کي هينئين مختلف عربي تفسيرن ۾ پڻ نظر اچي ٿي:

تفسير اِبن عباس۔ حضرت عبدالله بن عَباس ﷜۔ صفحو 72

تفسير خَازن شريف۔ علامہ عَلي بِنُ محمّد ابراهيم – صفحو 574 جلد 1

تفسير رُوحُ البيان۔ علامہ اسماعيل حَقي ﷫ صفحو 271

تفسير ابن ڪثير۔ علامہ اسماعيل القرشي ﷫ ۔ صفحو 372، جلد 2

تفسير جلالين شريف۔ علامہ جلال الدين ﷫ ۔ صفحو 418

تفسير صاوي۔ علامہ شيخ احمد صاوي مالڪي ﷫، صفحو 271 جلد 2

انهن مفسرن ڪان سواءِ ٻين بہ ڪيترن ئي مفسرن پنهنجن مختلف تفسيرن ۾ ان قصي کي احاديث پاڪ تان نقل ڪيو آهي. جن سڀني جو خلاصو هن ريت آهي:

”رَجل مِنْ بَنِيْ لَيْث مَرِيْضٌ كَبِيْرٌ، يُقَالَ لَهُ جِنْدَع بِنْ ضَمْرِهِ (رضی الله عنه) فَقَالَ والله مَا اَنَا مِمَنْ اَسْتَثْنِيْ الله عَزَّوَجَلْ فَاِنِّيْ لاَ اَجْدُ حِيْلَهٗ وَلِيْ مِنَ الْمَال مَا يَبْلَغْنِيْ اِلَى الْمَدِيْنته وَبَعْدَ مِنْهَا وَالله بَيِّتَ لَيْلَةِ بِمَكَة اَخْرِجُوْنِيْ فَخَرَجُوْبِه عَلٰى سَرِيْرِحَتّی اَتَوابِهِ التَّنْعِيْمُ فَاَدْرَكَتهُ الْمَوت فَصَفَقَ بِيَمِيْنِهٖ عَلٰی شِمَالِهٖ ثُمّ قَال اَللّٰهُمَ هٰذِهٖ لَكَ وَهٰذِهٖ لِرَسُوْلِكَ اُبَايِعك۔ الخ“

هن عبارت جو مفهوم هن ريت آهي تہ حضرت جندع ﷜ هڪ پوڙهو صحابي هو، جيڪو اوچتو بيمار ٿي پيو. ڪيس رسول الله ﷺ جن جي ازلي عشق اهڙو تہ بيقرار ڪري ڇڏيو، جو سندس دلي تمنا هئي تہ هو زندگيءَ جا آخري ڏينهن رحمت اللعالمين جي حضور پر نور يعني پرين جي پاڙي ۾ رهڻ جي سعادت حاصل ڪري ۽ سندس وصال مڪي شريف جي بدران مديني منوره ۾ ٿئي. انهيءَ محبت جي شدت ڪان هن پنهنجي ڇئني پٽن کي سڏي چيو تہ خدا جو قسم آءٌ هينئر مڪي شريف ۾ هڪڙي رات بہ رهي نہ



www.sindhsalamat.com

تو سگهان. ان ڪري مون کي هينئر جو هينئر مديني شريف ڏانهن وٺي هلو.

ياد رهي تہ ان وقت لارين ۾ موٽرن جو نالو نشانو بہ ڪونہ هو انهيءَ ڪري سندس پٽن سندس چوڻ مطابق ڪيس هڪ ڪٽولي تي ڪنيو ۽ مديني منوره طرف روانا ٿيا. ايستائين جو جڏهن هڪ منزل "تنعيم" وٽ پهتا، تڏهن اتي هن عاشق رسول تي موت جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا. پاڻ پنهنجن پٽن کي چيائين تہ مون کي هيٺ لاٿو وڃي، سندس چوڻ موجب سندس ڪٽولو ڪلهن تان لاهي ڌرتيءَ تي رکيو ويو ۽ مٿس سڪرات جاري ٿي ويئي ۽ هيءُ سچو عاشق پرينءَ جي پسڻ لاءِ پويان پساهہ ڪٽي رهيو هو. جنهن جي محبت، معذوري ۽ بيوسيءَ جي تصوير ڀٽائي رحمة الله عليه هيئن ڪڍي آهي:

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، پويون ٽِٽُم پَساهُ،
سڪان ٿي سڪرات ۾، رويو پُڇان راهُ،
شالَ مَ وَڃي ساهُ، پَسڻَ ڌاران پرينءَ جي.

(سر معذور ــ د7/ 4 ص 313)

انهيءَ دوران حضرت عزرائيل عليه السلام، سندس روح قبض ڪرڻ لاءِ ويجهو ٿيو ۽ سندس روح جي رٿا ۽ هن جي مُراد کي مارڻ لاءِ منهن ڪڍيو. لا ڪيٽي لطيف رحمة الله عليه انهيءَ منظر جو ذڪر هن ريت فرمايو:

آءٌ نہ گڏِي پِرينءَ کي، آيو عِزرائيلُ،
جوراٽي سِين، جِيڏيُون نَڪو قالُ نہ قِيلُ،
آيو موت دَلِيلُ، ماريندو مُراد کان.

(سر معذور — د 7/ 9 ص 314)

شاهہ سائين رحمة الله عليه، رسول الله صلي الله عليه وسلم جي سچي عاشق جي انتهائي عشق ۽ فراق جو نقشو هن ريت چٽيو آهي:

آءٌ نَہ گڏي پِرينءَ کي، مَٿان آيو مَوتُ،
وَاجهائيندي وَرِهَ ٿيا، هَئي نہ گڏِئُم هوتُ،
جيڪُس ٿِينديَسِ فوتُ، فَنا هِنِ فِراق ۾.

(سرمعذور د7/ 8 ص 213)



www.sindhsalamat.com

ان وقت سڄ لهڻ وارو هو ۽ انهن پوين پساهن دوران رسول الله ﷺ جن جي سچي عاشق حضرت جندع رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجو ساڄو هٿ کاٻي هٿ تي رکيو ۽ عرض ڪيو تہ ”اَللّٰهُمَّ هٰذِهٖ لَكَ وَهٰذِهٖ لِرَسُوْلِكَ اُبَايِعُكَ“ اي الله! مان تنهنجي ۽ تنهنجي رسول ڪريم ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪريان ٿو. اهي آخري لفظ اچاريندي عاشق رسول ﷺ جو روح پرواز ڪري محبوب حقيقيءَ سان وڃي مليو. ان ڪيفيت کي شاھ سائين ﷫، حضرت جندع ياران سڄ معرفت سيدن جي سردار حضرت محمد ڏانهن سنيهو هن ريت موڪليو:

آءُ نہ ڳـڏي پـريـنءَ کـي، ٿُـون تـو لَهـين سِــجَ،
آءُ جي ڏِيٺين سَنيهڙا، نيئي پريـان کـي ڏِجُ،
وَجـي ڪـيچ ڇـئجُ، تـہ ويـچـاري واٽ مُئـي.

(سرمعذور د3/7 ص 313)

جڏهن حضرت جندع ﷛، جو سڪ وارو هيءُ سنيهو جيڪو ڀٽائي ﷫، سڄ معرفت موڪليو هو نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ پهتو يعني جڏهن پاڻ سڳورن کي حضرت جندع جي وصال جو پتو پيو تہ پاڻ سڳورن پنهنجن صحابن سڳورن کي ٻڌايو تڏهن صحابہ ڪرام افسوس مان چوڻ لڳا تہ: ڪاش! هو ويچارو اوهان تائين پهچي ها تہ ڪيس ڪيترو نہ اجر ۽ ثواب ملي ها! تہ ان دوران بارگاهِ الاهيءَ مان هيءَ آيت مبارڪ نازل ٿي، جنهن عاشقِ رسول حضرت جندع رضي الله عنه جي شان کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا:

وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝ (سورت النساءِ آيت 100 پاره 5 صفحو 115)

ترجمو: ۽ جيڪو الله (جي واٽ) ۽ سندس پيغمبر ڏانهن هجرت ڪندڙ ٿي پنهنجي گهر کان نڪرندو پوءِ کيس موت پهچندو تنهن جو اجر بيشڪ الله تي (لازم) آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

تمام مفسر ڪرام ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ هن آيت مبارڪ جي نازل ٿيڻ جو شان حضرت جندع ﷛ جو رسول الله ﷺ جي سڪ ۾ پنهنجي گهر کان هجرت ڪري نڪرڻ ۽ واٽ تي وصال ڪري وڃڻ آهي. هن آيت



www.sindhsalamat.com

مبارڪ مان ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن سان محبت ۽ عقيدت ڪندڙن جي شان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

حضور ﷺ جن سان محبت جي باري ۾ اسان کي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه جي هڪ ڪتاب "حيات القلوب" ۾ هڪ روايت ملي ٿي، جيڪا هن ريت آهي:

"جيڪو شخص بيت الله شريف جي زيارت ۽ سيد عالم ﷺ جي سڪ ۾ پنهنجي گهران هجرت ڪري نڪتو ۽ مديني منوره پهچڻ کان اڳ ۾ ئي واٽ تي وصال ڪري ويو تہ کيس الله هر سال حج ۽ رسول الله ﷺ جن جي زيارت جو ثواب عطا ڪندو رهندو" (سر معذور جو مطالعو- روحاني راز مقالو ص 43 سال 1977)

حضرت جندع الله جو واقعو ۽ سسئيءَ جو واقعو هڪجهڙائي رکن ٿا، تنهن ڪري شاهہ صاحب ان کي سسئيءَ جي زباني بيان ڪيو.

شاهہ سائين رحمة الله عليه، جهڙيءَ طرح حضرت جندع رضي الله عنه جهڙن رسول الله ﷺ جي عاشقن جي عظمت کي بيان فرمايو آهي بلڪل اهڙيءَ طرح نبي ڪريم ﷺ سان دشمني ۽ حسد رکندڙ ڪافرن ۽ منافقن جي سازشن کي بيان ڪندي سندن سزا لاءِ رب ڪريم جي بارگاهِ الاهيءَ ۾ پڻ ٻاڏايو آهي جنهن جو مختصر تفصيل هن ريت آهي:

ابوجهل جيڪو حضور ﷺ جن، اسلام ۽ مسلمانن جو بدترين دشمن هو. ان ڪري هو هر وقت حضور ﷺ جن خلاف ناپاڪ سازشون سٽيندو رهندو هو. سندس هڪ سازش کي شاهہ سائين رحمة الله عليه پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڪَرَ جا ڪَڏ ڪنئي، پوڙ ڪارڻ پِرين جي،
تَنهہ ۾ پَاڻ پئي، غِيبتي غَار ٿيو. (22)

هن بيت ۾ ڀٽائي رحمة الله عليه، ابوجهل (ڪر) جي ان کڏ ڏانهن اشارو ڪيو آهي جيڪا هن حضور ﷺ (پرين) ڪارڻ رستي ۾ کٽائي هئي ليڪن الله پاڪ جي امر سان ان کڏ ۾ غيبتي ابوجهل خود ڪري غار ٿيو.

اصل قصو هن ريت آهي تہ حضور ﷺ جي سربلندي ۽ ترقيءَ سبب



www.sindhsalamat.com

سڪي جا ڪافر سخت پريشان هئا. ان ڪري ڪافرن جي سردار ابوجهل نبي ڪريم ﷺ جي رستي تي جنهن سان ڀاڻ سڳورا رات جو تهجد نماز پڙهڻ ويندا هئا، اتي هڪ ڪڏ ڪوٽائي ۽ ان جي مٿان ڪک پَن ڏياري ان کي ڍڪرائي عام رستي وانگر ڪرائي ڇڏيائين. اتي ڪافرن کي چوڪيداريءَ لاءِ ويهاري انهن کي ڪافي پٿر بہ ڏنائين ۽ کين چيائين تہ جيئن جو محمد ﷺ ڪڏ ۾ ڪري تہ پوءِ پٿرن جو مينهن وسائي ڏجوس. ليڪن هو وڏو ذهين ۽ هوشيار آهي، سو توهان کي چوندو تہ آءٌ ابوجهل آهيان ليڪن ان باوجود بہ پٿر هڻڻ بند نہ ڪجو. مٿان هو اوهان کي ڀُلائي بچي وڃي. هوڏانهن جيئن جو ڀاڻ سڳورا رات جي اونداهيءَ ۾ تهجد لاءِ روانا ٿيا تہ الله تعاليٰ حضرت جبرائيل عليہ السلام کي موڪلي کين ان ڪڏ ڪان پاسو ڏياري اماڻي ڇڏيو. ٻئي پاسي ابوجهل پنهنجي رٿيل رِٿ جي انتظار ۾ هو سو جيئن جو ننڊ مان اک کُليس تيئن تڪڙ ۾ پنهنجي ڪوٺايل ڪڏ طرف ڀڄندو آيو. سندس چوڪيدار بہ ننڊ ۾ هئا، سو سڏو وڃي انهيءَ ڪڏ ۾ ڪريو: جيڪا حبيبِ خدا لاءِ ڪوٺرائي هيائين. سندس ڪڏ ۾ ڪرڻ جي ڪڙڪي تي چوڪيدار بہ ننڊ مان سجاڳ ٿي پيا ۽ هنن ابوجهل جي هدايت موجب ان ڪڏ ۾ پٿر اڇلائڻ شروع ڪيا. تنهن تي ابوجهل رڙيون ڪرڻ لڳو تہ پٿر نہ هڻو آءٌ ابوجهل آهيان تنهن تي چوڪيدار ۽ ٻيا ڪافر چوڻ لڳس تہ اها تنهنجي چالاڪي آهي، جنهن جي باري ۾ ابوجهل اسان کي اڳ ۾ ئي ٻڌائي چڪو آهي. پوءِ جڏهن هنن گهڻا پٿر هنيا تہ پوءِ خيال ڪيائون تہ ڏسون تہ محمّد ﷺ جو ڇا حال ٿيو آهي. اچا جو ڪٽي ڏسن تہ ڪڏ ۾ تہ سچ پچ ابوجهل رتورت ٿيو پيو آهي. شاهہ ابوجهل (ڪر) جي ان ناپاڪ سازش ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو:

ڪـر جـا ڪـڏ ڪنـئـي، پـوڻ ڳـارڻ پِـريـنءَ جـي،
تنـــہ ۾ پـــاڻ پئـــي، غِيبتـــي غـــار ٿيـــو.

لطيف ﷫، ڪافرن جون دشمنيون ۽ سازشون ٻڌي رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ التجا ٿو ڪري تہ اي الله انهن ڪريل ماڻهن کي حق جي رستي کان ڪاريندڙن ابوجهل، ابولهب ۽ ٻين سردارن کي تيستر نہ مار جيستر هو دين اسلام جو عروج ۽ غلبو نہ ڏسن، يعني حضور ﷺ جن ۽ ايمان وارن جون اميدون



www.sindhsalamat.com

ٻَسِي پوءِ مرن:

الله ڪَــــر جِــــين، ڪَــــر مَ مَــــري هيڪـــڙو
اســـان ۽ پــرين جـــون اميـــدون پُڄـــن،
تهـــان پـــوءِ مَـــرن، سَـــڙي ان سُـــور ۾. [23]

اسان کي رب ڪريم جي پار کان بہ قرآن ڪريم مان اها شاهدي ملي ٿي تہ هر علائقي جا سردار اڪثر فساد ۽ بدڪاريءَ جو شڪار هوندا آهن، ليڪن اهي پاڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ فساد نہ ڪندا آهن. انهن فسادين جي فساد جو ابوجهل جي ڪڌ وارو هڪ مثال پڻ اهم آهي جيڪو قرآن ڪريم جي هن مبارڪ آيت جو چٽو دليل آهي:

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ۚ وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ [24]

ترجمو: ۽ اهڙيءَ طرح هر ڳوٺ ۾ انهيءَ ڳوٺ جا وڏيرا هن لاءِ بدڪار ڪيا سون تہ ان ڳوٺ ۾ فساد وجهندا رهن ۽ (اهي) پاڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي لاءِ فساد نہ ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻندا آهن.

شاهہ صاحب ﷫، عشقِ رسول ۾ ايترو تہ اڳتي نڪري ويو آهي جو هو ڪرن يعني ماڻهن کي دينِ اسلام جي وات کان ڪاريندڙن لاءِ اها دعا ٿو گهري تہ جيستر اسان جي محبوب نبي ڪريم ﷺ جون اميدون پوريون ٿين مطلب تہ دين اسلام کي غلبو حاصل ٿئي پوءِ ڀلين اهي ڪر ۽ حاسد جيڪي پرينءَ جي پاڙي ۾ رهن ٿا انهيءَ ساڙ ۾ سڙي مرن:

الله ڪَــرَ جِــينِ، جــي پَــاڙي رَهــن پــرينءَ جــي،
پُنيــون مُــون ڀَســن، اُميــدون سِــين سـڄڻين. [25]

پرينءَ يعني محبوب ڪريم ﷺ جي پاڙي ۾ رهندڙ انهن (ڪرن) قريش سردارن جي اها روش هوندي هئي تہ جڏهن بہ نبي ڪريم ﷺ صحابہ ڪرام يا ايمان وارن کي ڪا تڪليف پهچندي هئي تہ اهي خوش ٿيندا هئا ۽ جڏهن حضور ﷺ جن يا ايمان وارن کي ڪا خوشي نصيب ٿيندي هئي تہ ان تي انهن کي ساڙ ٿيندو هو ڪافرن جي ان ڪيفيت کي قرآن ڪريم



www.sindhsalamat.com

هن ريت بيان فرمايو آهي:

اِنۡ تَمۡسَسۡكُمۡ حَسَنَةٌ تَسُؤۡهُمۡ وَاِنۡ تُصِبۡكُمۡ سَيِّئَةٌ يَّفۡرَحُوۡا بِهَا ؕ (26)

ترجمو: اي مؤمنو جيڪڏهن اوهان کي ڪا چڱائي پهچندي آهي تہ کين ڏکوئيندي آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو ڏک پهچندو آهي تہ ان سببان سرها ٿيندا آهن.

آقاءِ نامدار ﷺ جن جي ذات سان ڀٽائي ﷫، جي ايتري تہ والهانہ عقيدت ۽ محبت هئي جو پنهنجي ڪلام ۾ بددعا پِٽ ۽ پاراتي کان پاسو ڪندو رهيو آهي، ليڪن جڏهن ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي عزت عظمت ۽ ناموس جو معاملو آيو تہ شاهہ نبي ڪريم ﷺ جي دشمنن کي سخت ترين بددعا ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

ڪَـر ڪـي ڪَپُـرُ ڪـاءِ، نانـگ مٽيـارو نِڪـري،
اُيـو جـو اُونـاءِ، سُـر پُـر سَـندي سَـڄٽين (27)

هن بيت ۾ لاکيٽي لطيف ﷫، ڪافرن جي پاران حضور ﷺ ۽ صحابہ ڪرام جي مشورن کي جيڪي اهي دين اسلام جي اشاعت لاءِ خفيہ طورتي ڪندا هئا تن کي "اُيي جو اُونا ڪري" لکي ٻيهي ڪنرو ڪن ڏيئي ٻڌڻ ڏانهن اشارو فرمايو آهي، ڪافر نہ رڳو حضور ﷺ جن ۽ صحابہ عليہ السلام جا خفيہ مشورا "سُر پُر سندي سڄٽين" ٻڌندا هئا بلڪ انهن خلاف دشمنيءَ جا گهات گهڙيندا ۽ ناپاڪ منصوبا رٿيندا هئا. ڪافرن جي انهن حرڪتن سبب ڀٽائيءَ کين بددعا ڏيندي فرمايو تہ:

ڪَـر ڪـي ڪَپُرُڪـاءِ، نانـگ مٽيـارو نڪـري

اسان کي ڪافرن پاران "اُيو جو اُوناءِ" يعني لڪي ڪَن ڏيئي ٻڌڻ متعلق هڪ روايت ملي ٿي جيڪا هن ريت آهي:

ابوجهل پنهنجن ساٿين عامر بن ربيعتہ ۽ اربل سان صلاح ڪئي تہ رات جو جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مسجد شريف ۾ اندر هجن تہ سڀ ڪان پهريان مسجد شريف ٻاهران ڪنرو ڏيئي ٻيهي ٻُڌو جڏهن اندران پاڻ سڳورن ﷺ جي قرآن شريف پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي تہ پوءِ توهان ٻئي مسجد ۾ اندر وڃي پاڻ سڳورن ﷺ تي وار ڪجو (نعوذ بالله منها) عامر ۽



www.sindhsalamat.com

اربل پاڻ ۾ صلاح ڪئي تہ آءٌ حضور ﷺ جن جي سامهون ايندس ۽ تون سندن پويان اچجان. جيئن حضور ﷺ جن جو خيال مون ڏانهن ٿئي تہ تون وار ڪجان پوءِ جڏهن انهن ڪي پاڻ سڳورن ﷺ جي قرآن شريف پڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ ٻئي ڄڻا مسجد ۾ اندر داخل ٿيا تہ پاڻ سڳورا ﷺ قرآن ڪريم پڙهڻ ۾ مشغول هئا. عامر حضور ﷺ جي اڳيان ويو ۽ اربل پويان، جنهن مهل بہ حضور ﷺ جن تي وار ڪرڻ جي ڪوشش پيو ڪري تہ عامر کي پنهنجي ۽ حضور ﷺ جن جي وچ ۾ پيو ڏسي، آخرڪار جڏهن ٻئي ڄڻا ٻاهر نڪا تہ عامر پڇيس تہ تو ڪم پورو ڇو نہ ڪيو؟ تنهن تي اربل چيس تہ آءٌ جڏهن بہ ڏڪ اُلاريان پيو تہ توکي وچ ۾ پيو ڏسان پوءِ ڪيئن ڏڪ هڻان ها؟

پوءِ ٻئي ڄڻا جڏهن ان ناپاڪ منصوبي تان ناڪام ٿي موٽيا تہ رستي ۾ عذابِ الاهيءَ اچي ورتن ٻنهي جي مٿان ڪنوڻ (وڄ) پئي ۽ سڙي خاڪ ٿي ويا.

ڪافرن جي اهڙن ناپاڪ منصوبن ۽ سازشن سبب ڀٽائي ؒ، جهڙي انسان دوست شاعر واتان بہ بددعا نڪتي:

> ڪَـرَ ڪـي ڪَپَـر ڪـاءِ، نانـگ مٿيـارو نڪـري،
> اُيـو جـو اُونـاءِ، سُـرِيُـر سـندي سـڄڻين.

رب ذوالجلال جي بارگاهہ مان بہ ابوجهل عامر ۽ اربل جي ان ناپاڪ سازش جو ذڪر هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَإِذَا قَرَأْتَ الْقُرْآنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَبَيْنَ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُورًا ﴿٤٥﴾ وَجَعَلْنَا عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ أَكِنَّةً أَن يَفْقَهُوهُ وَفِي آذَانِهِمْ وَقْرًا ۚ وَإِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْآنِ وَحْدَهُ وَلَّوْا عَلَىٰ أَدْبَارِهِمْ نُفُورًا ﴿٤٦﴾ (28)

ترجمو: ۽ جڏهن تون قرآن پڙهندو آهين تڏهن تنهنجي وچ ۾، ۽ جيڪي آخرت کي نہ مڃيندا آهن تن جي وچ ۾ اسين لڪل پردو ڪندا آهيون ۽ ان جي سمجهڻ کان سندن دلين ۾ پردو ۽ سندن ڪنن ۾ گهٻرائي وجهندا آهيون.

هن مبارڪ آيت ۾ الله تعاليٰ قرآن ڪريم پڙهڻ مهل حضور ﷺ جن جي ڪافرن کان حفاظت ۽ قرآن ڪريم جي سمجهڻ ۽ ان جي ٻڌڻ کان محروم هجڻ جي وضاحت فرمائي آهي.



www.sindhsalamat.com

شاعرن جي سرتاج ڀٽائي رحمة الله عليه. سڀني محمد ﷺ عربي جي دشمنن (ڪرن) کي جيڪو پاراتو ڏنو آهي، اهو پاراتو ساڳي وقت الله جي سنت به آهي ڇو ته ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي هستي نه رڳو محبوبِ ربِ ذوالجلال هئي بلڪ سندن وجود مبارڪ هن ڪائنات جي تخليق جو باعث پڻ هو. ان ڪري اهو ته ممڪن ئي نه هو جو محبوب ڪريم ﷺ جي دشمنن کي رب ڪريم ايئن ڇڏي ڏئي ته اهي فخر موجودات ﷺ جي ذات مبارڪ کي تڪليفون ڏيندا رهن. اهڙن ڪرن کي ڀٽائي هن دنيا ۾ ڪپر نانگ ڪان ڪارائڻ جو پاراتو ڏئي ليڪن الله جل شانه پاران انهن ڪرن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ۽ دردناڪ عذاب جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۵۷﴾ [29]

ترجمو: بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر کي ايذائيندا آهن تن تي الله دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿس.

رب ذوالجلال جي بارگاهه مان حضور ﷺ جن ۽ دين اسلام جي دشمنن لاءِ قرآن ڪريم ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي دردناڪ عذاب جو اعلان فرمايل آهي. اهڙيءَ طرح اسان کي پيغمبر عليه الصلوات والسلام جي بدترين دشمن ابولهب لاءِ به قرآن ڪريم ۾ سزا جو اعلان هن ريت ملي ٿو:

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ﴿۱﴾ مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَمَا كَسَبَ ﴿۲﴾ سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ﴿۳﴾ وَّامْرَاَتُهٗ ۭ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ﴿۴﴾ فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ﴿۵﴾ [30]

ترجمو: ابولهب جا هٿ ڀڳا ۽ هلاڪ ٿيو سندس مال جيڪو ڪمايائين تنهن ڪائنس الله جو عذاب نه ٽاريو ڇيئي واريءَ باهه ۾ سگهو پوندو ۽ سندس زال به جا ڪانين جي لڏ ڪڍندڙ آهي جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جو نوڙ پيل آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه. پنهنجي محبوب مدني عليه الصلوات والسلام جي شان کي بيان ڪندي سندن سخاوت ۽ فياضي کي هن ريت تو بيان فرمائي:

سَمُو سَخاوَت جي وينو پُڇي پَر،
ڪونئو ڪنگالَن کي ڏئي دِلاسا دَر،
مَٿي وِلهَن وَر ڏيهاٽي ڏاتار جي. [31]

شاهه سائين رحمة الله عليه. ساڳي سُر ۾ هڪبئي هنڌ نبي ڪريم ﷺ جي سخاوت کي ٻين سخين جي مقابلي ۾ ترجيح ڏيندي مينهن مثل قرار ٿو ڏئي،



www.sindhsalamat.com

جيڪو سيني تي وسي ڪين سگهيو ڪندو آهي ۽ وڏيڪ ارشاد فرمايو تہ هزارين سخين تي سخين جي سردار حضور ﷺ جي سخا ۽ ڪرم جا ڪڪر ڇانئجي ويا:

پانڌيپ سِين نہ پاڙئان، سَئين پئا سردار
آهي مِثلَ مينہ جي، سخي تُنهنجي سارَ
حاتِم هَزدَ هزار، جُهڙ تنهنجي جَهپِئا. (32)

شاهہ سائين موجب سرور عالم ﷺ جي ذات ۾ سخاوت جو عنصر ايترو تہ هو جو هن جهان ۾ سندن ڪوبہ مٽ يا ثاني نہ هو.

سندن سخاوت جو اهو حال هو جو سندن جسم مبارڪ تي جيڪي بہ چادرون هيون انهن مان مٿين چادر لاهي سواليءَ کي ڏنائون ۽ پاڻ سڳورا ﷺ بئي لٽي نہ هجڻ سبب مسجد جي ڪنڊ ۾ ويهي رهيا. سندن ان بي مثال سخاوت تي رب ذوالجلال کي بہ رحم اچي ويو ۽ وحي ذريعي پنهنجي محبوب ڪريم کي حڪم ڏنائين تہ ايتري تہ سخاوت نہ ڪر جو تون خود عاجز ٿي ويهي رهين:

وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُولَةً إِلَىٰ عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُومًا مَّحْسُورًا ﴿٢٩﴾ (29)

ترجمو: ۽ نڪي پنهنجي هٿ کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ بند ڪر ۽ نڪي اهو سارو کولي ڇڏ نہ تہ ملامتي ۽ عاجز ٿي ويهي رهندين.

هن آيت مبارڪ مان سخاوت جي معاملي ۾ اها رهنمائي ملي ٿي تہ هٿ کي نڪو بلڪل بند ڪري ڇڏجي ۽ نہ ئي وري ان کي بلڪل کولي ڇڏجي يعني وچ وارو رستو اختيار ڪجي.

## رسول الله ﷺ جي هجرت

شاهہ لطيف رحمة الله عليه، حضور ﷺ جن جي مڪي مان مديني هجرت واري منظر ۽ ڪيفيت کي پڻ پنهنجي ڪلام ۾ بيان فرمايو آهي.

شاهہ سائين ڀنڀور جي سيني باشندن کي ڀُليل ۽ گمراهہ قرار ڏنو جو جو اهي نبي ڪريم ﷺ (هوت) جي پنيان نہ هليا ۽ اعليٰ صفتن واري



www.sindhsalamat.com

ساڳيءَ ريت بارگاه الاهيءَ مان بہ اسان کي الله جي راهہ ۾ پيغمبر ﷺ جي پويان هجرت ڪندڙن لاءِ بخشش جو پتو هن ريت پوي ٿو:

وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي الْاَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّسَعَةً ۭ وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝١٠٠ (35)

ترجمو: جيڪو الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندو سو زمين ۾ گهڻيون رهڻ جون جايون ۽ (روزيءَ جي ڪشادگي لهندو) ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ سندس پيغمبر ڏانهن هجرت ڪندڙ ٿي پنهنجي گهر کان نڪرندو پوءِ کيس موت پهچندو تنهن جو اجر بيشڪ الله تي (لازم) آهي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

## رسول الله ﷺ جو شان مبارڪ

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، اهلِ اسلام جي حيثيت ۾ رسول ڪريم ﷺ جو مطيع اهل بيت جي حيثيت ۾ سندن گهر جو ٻاتي ۽ اهل الله جي حيثيت ۾ سندن معرفت جو دامنگير آهي. انهن ٽنهي ويجهڙائين جي ڪري سندن طبع، مزاج، علم، سيرت، صورت ۽ روحاني عظمت جي چڱيءَ طرح خبر اٿس، انهيءَ ڪري حضور ﷺ جن جي شان، مقام ۽ مرتبي جي باري ۾ جيڪي ڪجهہ چوڻ گهرجي ان کي نهايت سهڻي نموني ڪاميابيءَ سان نباهيو اٿس.

حضور ﷺ جن جي مبارڪ هستي جنهن کي "بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر" سان ياد ڪيو ويجي ٿو ۽ جنهن احسن البشر جي توصيف ۾ عاجز ٿي چيو ويو:

وصـــف خَيــرُ البَشــر يــلا ڪيــئن ٿـئـي،
مـــان زبـــانِ خـــدا ڪتـــان آٽيـــان.

حضرت شاهہ لطيف رحمة الله عليه، جي ڪلام جو گهڻو حصو فخر موجودات جي شان ۾ چيل آهي پر ڪمال جي ڳالهہ اها آهي تہ تمام ٿورن هنڌن تي حضور ﷺ جن جو نالو مبارڪ آندو ويو آهي نہ تہ سمورو ذڪر رڳو اشارن



www.sindhsalamat.com

۽ ڪناين ۾ ڪيو ويو آهي، جو تہ اشاريت شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ جي جان آهي. سندس حقيقي نگاهن ۾ سهڻيءَ جو ميهار سسئيءَ جو پنهون، مومل جو راڻو ليلا جو چنيسر ۽ ان کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي حضور ﷺ جا تلميحي نالا آهن، جن کي شاهہ سائين اڪثر طور تي پنهنجي ڪلام ۾ بيان فرمايو آهي.

ڀٽائي ﷫، شانِ مصطفيٰ ﷺ کي بيان ڪندي احد ۽ احمد جي وچ ۾ ميم واري فرق ۽ معرفت جي انهيءَ راز کي سمجهڻ لاءِ مخلوق جي حيراني ۽ سرگردانيءَ کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

اَحَدُ احمد پاڻ ۾، وچان مُيم فرق،
تئا مستغرق، عالم انهين ڳالهہ ۾. (36)

"احد" مان مراد الله تبارڪ جي هيڪڙائپ ۽ وحدانيت واري صفت آهي جيڪا توحيد جي عقيدي جو بنياد پڻ آهي. قرآن شريف ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي توحيد رباني جو اظهار فرمايل آهي ۽ "اخلاص" نالي سورت ۾ الله تعاليٰ جي احديت جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَدٌ ﴿١﴾ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ﴿٢﴾ (37)

ترجمو: اي پيغمبر چئو تہ الله اڪيلو آهي الله بي احتياج آهي.

جڏهن تہ "احمد" معنوي لحاظ سان حضور ﷺ جن جو نالو مبارڪ آهي. جيڪو حضرت عيسيٰ ؑ پاران پيشن گوئي طور بني اسرائيل کي ٻڌايو ويو هو، جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيو آهي:

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَقَدْ تَّعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ ۭ فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٥﴾ وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اِنِّىْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي اسْمُهٗٓ اَحْمَدُ ۭ (38)

ترجمو: ۽ (اهو وقت ياد ڪر) جڏهن عيسيٰ پٽ مريم جي چيو تہ اي بني اسرائيلو بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل آهيان جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي تنهنجو سچ ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان جو مون کان پوءِ ايندو جنهن جو نالو "احمد" هوندو.



www.sindhsalamat.com

جڏهن تہ ڀٽائي موجب دنيا وارا ان معرفت جي راز "وچان ميم فرق" ۾ غرق ٿيل حيران ۽ پريشان آهن.

شاهه سائين ﷫، ڪي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي شان ۽ شوڪت جي پوريءَ طرح پروڙ آهي. هو پنهنجي حبيب سان ڪنهن نبي ڪي مٽ ئي نٿو سمجهي ۽ فخر اٿس تہ الله تعاليٰ ڪيس اهڙو محبوب عطا فرمايو آهي:

جَڪري ڄِهو جُوان، ڏسان ڪونہ ڏسين ۾،
مُهڙ مڙني مُرسلين، سَرس سندس شانُ،
ايءُ آڳي جو احسانُ، جِنه هَادي ميڙيَم هِهڙو.[39]

حضور ﷺ جي ذات ڪي شاهه سائين سيني رسولن جو سردار ۽ سيني کان اعليٰ شان وارو قرار ڏيندي اهو بہ اعلان فرمايو تہ سندس مَٽ يا ثاني ڪوبہ نہ آهي. ڀٽائيءَ جي ان دعويٰ جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي. جنهن ۾ رب ڪريم جي پار کان نبي ڪريم ﷺ کي مُهڙ مڙني مرسلين قرار ڏيندي سمورن نبين کان ان سلسلي ۾ هڪ انجام ورتو ويو جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَإِذْ أَخَذَ اللَّهُ مِيثَاقَ النَّبِيِّينَ لَمَا آتَيْتُكُم مِّن كِتَابٍ وَحِكْمَةٍ ثُمَّ جَاءَكُمْ رَسُولٌ مُّصَدِّقٌ لِّمَا مَعَكُمْ لَتُؤْمِنُنَّ بِهِ وَلَتَنصُرُنَّهُ ۚ قَالَ أَأَقْرَرْتُمْ وَأَخَذْتُمْ عَلَىٰ ذَٰلِكُمْ إِصْرِي ۖ قَالُوا أَقْرَرْنَا ۚ قَالَ فَاشْهَدُوا وَأَنَا مَعَكُم مِّنَ الشَّاهِدِينَ ﴿٨١﴾[40]

ترجمو: ۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سيني) پيغمبرن کان انجام ورتو تہ جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان تنهن کان پوءِ هڪ پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهن جو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي تہ ڪيس ضرور مڃجو ۽ ڪيس ضرور مدد ڏجو. الله چيو تہ اوهين اقرار ڪري چڪئو ۽ ان تي منهنجي (حڪم جي) بار کي کنيو چيائون تہ اقرار ڪيوسون. الله چيو تہ اوهين شاهد هجو ۽ آءٌ بہ اوهان سان گڏ شاهد آهيان.

شاهه سائين ﷫، پاران هن بيت جي آخر ۾ "اي آڳي جو احسان جنه هادي ميڙيم ههڙو" جو جيڪو اعلان فرمايو ويو آهي. ان جي تصديق بہ قرآن عظيم مان هن ريت ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ
وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ ۚ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿١٦٤﴾ (41)

ترجمو: بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آهي، جڏهن تہ انهن ۾ انهن جي ئي قوم مان پيغمبر موڪليائين جو کين سندس آيتون پڙهي ٻڌائيندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽ بيشڪ هو ان کان اڳ پڌري ڀل ۾ ڀليل هئا.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، حضور ﷺ جن جي شان کي بيان ڪندي انسانيت جي گمراهيءَ کان آجي ٿيڻ کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

جَڪرا جِيَين شالَ تنن جو ڪنين مَندو مَ سُڻيان،
جِيئَن تو اَچي ڪالهہ آزارِئا آجا ڪِئا. (42)

هتي شاهہ سائين نبي ڪريم ﷺ جن سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪندي مدائي واري ڪنهن گفتي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. هن بيت ۾ شاهہ سائين ﷫، منافقن پاران نبي ڪريم ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪندڙن ڏانهن اشارو فرمايو آهي. جيڪي پنهنجن محفلن ۾ الله تعاليٰ ڪلام الله ۽ رسول الله ﷺ جي شان متعلق فضول گفتگو ڪندا هئا جنهن کي الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ۚ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ
لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۚ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾ (43)

ترجمو: ۽ منجهائن ڪي اهڙا آهن جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ هو پر ٻُڌڙو آهي چئو تہ اوهان لاءِ ڀر ٻڌڙيو ڀلو آهي. الله کي مڃيندو آهي ۽ مؤمنن جي صلاح کي بہ مڃيندو آهي ۽ اوهان مان ايمان وارن لاءِ ٻاجهارو آهي ۽ جيڪي الله جي پيغمبر کي ايذائيندا آهن تن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

شاهہ سائين ﷫، حبيب ڪريم ﷺ جي شان خلاف ڪابہ ڳالهہ نہ ٻڌڻ بعد ”جيئن تو اچي ڪالهہ آزارئا آجا ڪئا“ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اهو سندن آمد سبب رحمتن برڪتن ۽ ڀلاين ڏانهن اشارو آهي.



www.sindhsalamat.com

جنهن ۾ الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي وجود کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪلڻ جو اعلان فرمايو آهي:

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا (44)

ترجمو: اي پيغمبر بيشڪ اسان توکي سچ سان خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو.

ڀٽائي رحمة الله عليه، ان ساڳئي مفهوم کي هڪ ٻئي هنڌ هن ريت بيان فرمايو آهي:

جَڪرا تون جِيين، تنهنجو ڪنين منڊو مَرسٽيان،
اڪيين ۾ هنيين، ٻِنهي تاري تنهنجي. (45)

شاهه سائين رحمة الله عليه، حضور ﷺ جن کي سخاوت علم حڪمت ۾ ڏيهه تان ڏک ۽ ڏڪار کي لاهڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي. سندس خيال موجب نبي ڪريم ﷺ جي اچڻ سان جهان تان ڏک ڏڪار ۽ گمراهي لهي وئي:

وينو ڏئي ڏاتار، ٻَڌيو ماٽڪ موڙيون،
ڪم نه جاڻي ڪين ٻئو، وجا جو واپار،
لٿو ڏُرت ڏُڪار، جنگ ساماٽي جَڪري. (46)

ساڳي وقت رب ڪريم پاران انسانن کي پڻ اها خوشخبري ڏني وئي آهي ته پيغمبر عليه السلام کي اوهان جي تڪليف پسند نه ايندي آهي بلڪ هو ته ڀلائيءَ جو خواهشمند شفقت، مهرباني ۾ ٻاجهه ڪندڙ آهي:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ
بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ (47)

ترجمو: (اي ماڻهو) بيشڪ اوهان جي جنس منجهان اوهان وٽ پيغمبر آيو آهي اوهان جو ڏک مٿس اوکو آهي، مسلمانن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي.

شاهه صاحب رحمة الله عليه، نبي ڪريم ﷺ جي نور جي نروار ٿيڻ ۾ سندس خاوند پاران خصوصي تخليق واري منظر کي هن ريت بيان فرمائي ٿو:

پسئو سو پسبو،
نور نبيءَ جو نور شفيع جو



www.sindhsalamat.com

ظاهر ٿئو زمين تي ڏيهن جو ڏئو
خاوند خاص خلقئو هيڙو ڪو نہ ٻئو
ڏرندو چنڊ رسول تي، ڏوران ئي ڏسبو
بابو بيبيءَ فاطمہ، ميڙي ۾ ملهندو.[48]

شاهہ رحمة الله، نبي ڪريم ﷺ جي جنهن نور ۾ ڏيهن جي ڏئي يعني روشنيءَ جو ذڪر فرمايو آهي ان جو ذڪر اسان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۸﴾[49]

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو تہ اوهان کي پنهنجي ٻاجهہ مان ٻہ ڀاڱا ڏئي ۽ اوهان کي اهڙو نور ڏئي جنهن سان رستو هلو ۽ اوهان کي بخشي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

شاهہ سائين رحمة الله، کي سرور عالم ﷺ جي ذات سان ايترو تہ عشق هو جو سندن صورت ۽ سيرت جي تعريف ڪندي نٿو ڍاپي:

آڪِيان ميگهہ ملار، صُورَت تُنهنجيءَ سَڀ جَڳ موهِيو
سجدو فيل في الحال ڪِئو پسي مطلب نُور نروار
جَاپَڻ وقت ورِيامَ جي، ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽ ڪُفار.[50]

ڀٽائي رحمة الله، نبي سائين ﷺ جي صورت مبارڪ سان سموري جڳ کي موهڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اهو اسان کي سورت احزاب جي هن آيت سڳوريءَ جو تفسير نظر اچي ٿو جنهن ۾ الله تعاليٰ پاران نبي ڪريم ﷺ جي نقشِ قدم يعني سيرت ۽ صورت کي بهترين طريقو قرار ڏنو آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ﴿۲۱﴾[51]

ترجمو: بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر جي طريقي ۾ عمدي پيروي انهيءَ لاءِ آهي جيڪو الله (جي رضا جي اميد) ۽ قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي.

شاهہ رحمة الله، هن وائيءَ جي ٻيءَ سٽ ۾ "سجدو فيل في الحال ڪئو پسي مُطلب نور نروار" جي جيڪو اشارو فرمايو آهي، اهو فيل نالي هڪ نجوميءَ



www.sindhsalamat.com

ڏانهن آهي. جنهن حضور جن جي نبوت جو نور حضرت عبدالمطلب جي پيشانيءَ ۾ ڏٺو هو جنهن جو تاريخي پس منظر هن ريت آهي:

”فيل نالي هڪ ڪاهن حضور جن جي ڏاڏي عبدالمطلب جي پيشانيءَ ۾ چمڪندڙ نور ڏسي کيس سجدو ڪيو هو ۽ پيشن گوئي ڪئي هئي تہ سندن پٽيءَ مان نور وارو نبي پيدا ٿيندو.“

ڀٽائي ﷫، انهيءَ تاريخي روايت کي پنهنجي ڪلام جو حصو بنائي هڪ طرف عشقِ نبي ﷺ جو ثبوت ڏنو آهي تہ ٻئي طرف اسلام کان بہ اڳ واري دور جي تاريخي حالتن کان باخبر هئڻ جو ثبوت بہ فراهم ڪيو آهي. ان ريت شاهہ سائينءَ جي ”سجدو فِيل فِي الحال ڪئو“ مان مراد فيل نالي نجومي (ڪاهن) جو سجدو آهي.)

اسان کي حضور ﷺ جي نور متعلق يمن جي هڪ ڪاهن جي هڪ ٻئي روايت پڻ ملي ٿي جيڪا هن ريت آهي:

ابو نعيم حاڪم بيقهي ۽ طبراني ۾ هڪ روايت آهي تہ عبدالمطلب جڏهن يمن ويو تہ اتي هڪ ڪاهن آيو ۽ هن عبدالمطلب کي ڏسي چيو تہ هن جي هڪ هٿ ۾ نبوت ۽ ٻي هٿ ۾ بادشاهيءَ جي علامت آهي. ان ڪاهن عبدالمطلب کي چيو تہ تون بنو زهره قبيلي جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان وڃي شادي ڪر. (52)

جڏهن تہ ”پَسِي مُطلب نُور نرار“ مان مراد نبي سائين ﷺ جي ڏاڏي عبدالمطلب جي پيشانيءَ ۾ محمّدي ﷺ نور پسڻ آهي. جنهن ڪري فيل نالي ڪاهن (مُطلب) عبدالمطلب جي قدمن ۾ ڪري پيو ۽ سجدو ڪيائين.

ڀٽائي ﷫، نبي سائين صہ جي ولادت باسعادت ڏانهن اشارو ڪندي ”جَاڙڻ وقت وريام جي ڪِريا ڪُنگرا ڪوٽ ڪُفار“ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، اهو بہ هڪ تاريخي روايت ۽ معجزي ڏانهن نشاندهي ڪري ٿو ان سلسلي ۾ سيرت جي ڪتابن ۾ ولادت نبوي ﷺ جي باب ۾ حوالا موجود آهن. شاهہ رحمت عليہ جي هن اشاري جو تاريخي حوالو هن ريت آهي:

مخزوم ابن هاني کان روايت آهي تہ جنهن رات نبي ڪريم ﷺ جي ولادت ٿي تہ ڪسريٰ جي محل ۾ زلزلو پئجي ويو ۽ ان جا چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا. بادشاهہ ڪسريٰ خود هڪ خوفناڪ خواب ڏٺو جنهن جو تعبير



www.sindhsalamat.com

يمن جي سطيع نالي هڪ ڪاهن ڪان ڪرايائين. فارس ۾ هزارين سالن کان قائم زرتشست مذهب وارن جو آتشڪدو وسامي ويو. سادهه/ طبريه نالي نهر خشڪ ٿي وئي.[53]

حضرت شاهه لطيف ﷫، اڳتي هلي نبي ﷺ جن جي شان کي بيان ڪندي سندن نوراني نظر متعلق ارشاد فرمايو ته:

ڪٽي نيڻ خمار مان، ڪئائون ناز نَظَرُ،
سُورج شاخُون جُهڪيُون ڪُوماڻو قَمَرُ،
تَارا ڪَتِيون تائب ٿئا، ديکيندي دِلبَرُ،
جَهڪو ٿِئو جوهَرُ، جانِبَ جي جمالَ سِينَ.[54]

رب ڪريم پاران به حضور جن جي ذات گرامي کي قرآن ڪريم ۾ روشن چراغ قرار ڏنو ويو آهي پوءِ جنهن چراغ کي الله تبارڪ وتعاليٰ روشن ڪري ته ان نوراني چراغ جي اڳيان سج چنڊ ۽ تارن جي ڪهڙي حيثيت هوندي:

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾[55]

ترجمو: اي پيغمبر بيشڪ اسان توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ الله ڏانهن سندس حڪم سان سڏيندڙ روشن (چراغ). هن آيت مطابق ٻين صفتن سان گڏ سرور عالم ﷺ کي جيڪو روشن ڏيئو قرار ڏنو ويو آهي، ان جي مبارڪ روشنيءَ سان اونداهيءَ ۾ غرق ٿيل انسانيت کي صراط مستقيم جي اهڙي ته روشني ملي جنهن جي نور سان هي دنيا نه رڳو اڄ ڏينهن تائين روشن آهي بلڪ محمدي ﷺ نور جي روشني قيامت تائين قائم رهندي.

شاعرن جو سرتاج انهيءَ ڪري هزارين سجن ۽ چنڊن کي محمد عربي ﷺ جي ذات کان سواءِ سيني کي اونداهي ٿو سمجهي:

سَهسين سجن اُڀري، چَورا سِيين چَنڊرن،
بِالله رِي پِرين، سَڀ اُونداهي ڀانئيان.[56]



www.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي هنڌ ڀٽائي ﷫، چنڊ کي مخاطب ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ تون تہ صرف رات جو روشن ٿئين ٿو ليڪن منهنجو محبوب سدا سوجهرو ۽ روشن آهي:

ٻاڙيـان ٿـان نـہ ڀـرينءَ سِـين، چنـڊر تنهنجـي ذات،
تـون اَڇـو منجهہ رات، سَـڄڻ سَـدائين سـوجهرا.(57)

شاھہ سائينءَ جو سڄڻ سدائين سوجهرو ڇو نہ هجي جنهن لاءِ قرآن ڪريم اعلان فرمايو تہ انسانيت جڏهن شرڪ ۽ بت پرستيءَ ۾ گمراھہ هئي، تڏهن ان کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ ۽ اونداهيءَ مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻڻ وارو بہ محمّد ﷺ ئي هو:

وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (58)

ترجمو: ۽ بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌري گمراهيءَ ۾ هئا.

الله تبارڪ وتعاليٰ حضور ﷺ کي انسانيت لاءِ هادي ۽ رهبر قرار ڏيندي قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ:

وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۝ صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ (59)

ترجمو: (اي محمّد ﷺ) ۽ بيشڪ تون سڌي رستي ڏانهن هدايت ڪندو آهين. (يعني) انهيءَ الله جو رستو جو جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس آهي.

سنڌ جو سداحيات شاعر فخر موجودات ﷺ جي ٻلارين وصفن کي بيان ڪندي سج ۽ چنڊ کي سندن برابر نٿو سمجهي:

پيشـانيءَ ڀـرينءَ جـي، ٻلائـيءَ جـا پيـر،
اگـڻ اُڪنـڊين جـي ڏٺـي ٻـاهوهي پيـر،
قَمـر ٻـاڙي ڪيـر، شـمس سـپرين سِـين.(60)

آقاءِ نامدار ﷺ جي ذات مبارڪ کي شاھہ سائين ﷫، چنڊ ۽ سج سان تشبيهہ ڏيندي ارشاد فرمايو آهي تہ چنڊ ۽ سج کي سپرين جي برابر نٿو سمجهان ڇو تہ ڀٽائيءَ کي اها خبر هئي تہ چنڊ ۽ سج نبي الرحمت ﷺ جي آگرين جي اشارن جا منتظر هوندا هئا. اسلامي تاريخ ۽ سيرت النبي ﷺ



www.sindhsalamat.com

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعاليٰ ڪافرن جي ان ڪيفيت کي بيان فرمايو آهي جيڪا چنڊ جي چيرجڻ واري معجزي بعد پيدا ٿي هئي جنهن انهن هن معجزي کي جادو قرار ڏيئي هدايت کان منهن موڙيو هو.

شاهہ سائين ﷫، حضور ﷺ جن جي سونهارين صفتن ثنا، شان ۽ حيات طيبہ ۾ رونما ٿيل معجزن کي بيان ڪرڻ بعد سندن گهمڻ ۽ ڦرڻ جي منظر کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

نَازَ منجهارا نڪري جَڏِ پِرين ڪري ٿو پَنڌُ،
يُون پُڙ بِسمہ الله چئي، راهہ چمي ٿي رَنڌُ،
اُيئون گهڻي اَدَبَ سِين، وَنِي حُورون هَنڌَ،
مون کي سائينءَ جو سوڳَنڌُ،
جِئن سَاجن سَپِنئان سُنهڻو. (64)

نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ مبارڪ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ۽ معجزا رونما ٿيندا رهندا هئا جن کي ڀٽائي ﷫، جهڙن عاشقن پنهنجي ڪلام جو حصو بنائي ٻنهي جهانن جي سردار سان پنهنجي عشق ۽ عقيدت جو اظهار فرمايو آهي.

## رسول الله ﷺ جو معراج

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، کي سيدالمرسلين محمد ﷺ جن جي ذات گرامي سان و الهانہ عقيدت ۽ محبت هئي. ان ڪري شاهہ سائين سندن زندگي مبارڪ جي هر پهلوءَ تي پنهنجي ڪلام ۾ عقيدت جو اظهار فرمايو آهي.

معراج جو واقعو بہ فخر موجودات ﷺجن جي حيات طيبہ جو هڪ اهم ترين واقعو آهي. جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم، سيرت جي ڪتابن ۽ اسلامي تاريخ ۾ وضاحت سان ملي ٿو. سنڌ جي ڪامل ولي حضرت شاهہ عبداللطيف ﷫، بہ حضور اڪرم ﷺ جي معراج جي واقعي کي پنهنجي



www.sindhsalamat.com

ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي وضاحت سان بيان فرمايو آهي هيٺين وائيءَ ۾ شاهه سائين معراج جي منظر ۽ ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

مُونا طورسِينا سَندا سَناسين،
سجدي ۾ سيد چئي گوڏا گودڙين،
فَكَانَ قَابَ قَوسَين اَواَدنىٰ[1] نانگا ايئن نمن،
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ[2] باقي ڪين بچن،
اللهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا يُخْرِجُهُمْ مِنَ الظُّلُمَاتِ
اِلَى النُّوْرِ[3] اهڙي پر پرنِ،
وَخَرَّ مُوْسىٰ صَعِقًا[4] تا جوڳي جُنگ جَلَنِ،
مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغىٰ[5] اهڙي روش رَون،
مشاهدو محبوب جو اتي آديسين،
نِ يَبْصُرْ نِ يَسْمَعْ[6] بي وصَال وَهَنِ،
نِ يَشِيق نِ يَنْطِقْ[7] تا اهڙي چال چَلنِ،
سيد چئي سندين، ڳالَ پُڇين تون ڪهڙي [65]

هن وائيءَ ۾ جن قرآني آيتن ۽ حديثن جا حوالا ڏنا ويا آهن، انهن جو تفصيل هن ريت آهي:

(1) فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنىٰ [66]

ترجمو: پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وِٿي هئي يا (ان کان بہ) تمام ويجهو هو.

هيءَ آيت سڳوري سورت نجم مان ورتل آهي، جنهن ۾ نبي ﷺ جي معراج جو ذڪر آيل آهي. جنهن مان مراد آهي تہ جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ معراج تي ويا هئا تڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ جي ازلي حقيقت کي ٻن ڪمانن جي وٿي تي پاڻ ان کان بہ تمام ويجها هئا.

(2) كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ [67]

ترجمو: جيڪو بہ زمين تي آهي سو سڀ ناس ٿيندو.

(3) اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ [68]

ترجمو: الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي.



www.sindhsalamat.com

(4) وَخَرَّ مُوسٰى صَعِقًا ۚ (69)

ترجمو: ۽ موسيٰ عليہ السلام بيهوش ٿي ڪري پيو.

هن آيت سڳوريءَ ۾ شاهہ سائين حضرت موسيٰ عليہ السلام جي رب ڪريم سان معراج جو حوالو ڏنو آهي، تہ جڏهن موسيٰ عليہ السلام طور جبل تي رڳو الله تعاليٰ جي نور جو هڪ تجلو ڏٺو تہ پاڻ بہ بيهوش ٿي ويو ۽ اهو جبل بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ڀلاري ڀٽائيءَ جي هن حوالي ڏيڻ جو مقصد اهو آهي تہ احمد مجتبيٰ ۽ پيغمبر موسيٰ عليہ السلام جي رب ڪريم سان معراج ۽ ملاقات ۾ جيڪو فرق آهي ان کي بيان ڪري نبي ڪريم ﷺ جي شان کي مٿاهون ثابت ڪجي.

(5) مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾ (70)

ترجمو: (پيغمبر جي اک) نڪي لڙي ۽ نہ حد کان لنگهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ بہ حضور پرنور جن جي رب ڪريم سان ملاقات واري منظر کي بيان فرمايو ويو آهي.

شاهہ صاحب رحمة الله عليه، معراج جي وقت نبي ڪريم ﷺ جي مشاهدي کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

مشـــاهدو محبـــوب جـــو اتـــي آديســـين.

محبوب جي ان مشاهدي جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ هن ريت ملي ٿي:

لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿١٨﴾ (71)

ترجمو: بيشڪ ڪي وڏيون نشانيون پنهنجي پالڻهار جون ڏٺائين.

يعني نبي ڪريم ﷺ جن معراج جي موقعي تي محبوب جي ڪيترين ئي نشانين جو مشاهدو ماڻيو.

(6) بِيْ يُبْصِرُ بِيْ يَسْمَعُ (72)

ترجمو: منهنجو پيارو ٻانهو مون سان ڏسي ٿو ۽ مون سان ٻڌي ٿو.

شاهہ سائين رحمة الله عليه اهو حوالو حديث قدسيءَ مان ڏنو آهي، جيڪا صحيح بخاريءَ ۾ موجود آهي.

(7) بِيْ يَمْشِيْ بِيْ يَنطِقُ (73)

ترجمو: منهنجو ٻانهو مون سان هلي ٿو.



www.sindhsalamat.com

اهو حوالو بہ شاهہ سائين رحمة الله عليه، حديث قدسي مان بيان فرمايو آهي. جيڪو رياض الصالحين ۾ موجود آهي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، رحمت اللعالمين نبي ﷺ جي معراج واري واقعي ۾ رب ڪريم پاران رضاءِ الاهيءَ واري اعلان کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

آڳي آسمانن جو توکي ڪارڻ سير ستار،
وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضَىٰ، توسين قادر ڪيا قرار. (74)

هن بيت جي پهرين سِٽ ۾ شاهہ سائين الله تعاليٰ پاران نبي ڪريم ﷺ کي آسمانن جي سير (معراج) واري واقعي کي بيان فرمايو آهي، جنهن جي شاهدي اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

سُبْحٰنَ الَّذِيْٓ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَيْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِيْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ۝ (75)

ترجمو: اهو الله پاڪ آهي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمّد ﷺ) کي هڪڙيءَ رات جي اندر تعظيم واريءَ مسجد مان انهيءَ مسجد اقصيٰ تائين جنهن جي چوڌاري برڪت رکي سون هن لاءِ سير ڪرايو تہ کيس پنهنجيون نشانيون ڏيکاريون، بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

مٿين بيت جي ٻي سِٽ ۾ معراج جي موقعي تي الله تعاليٰ طرفان نبي ڪريم ﷺ کي جيڪا خوشخبري عطا فرمائي وئي ان کي شاهہ سائينءَ هوبهو نقل ڪندي ارشاد فرمايو:

وَلَسَوْفَ يُعْطِيكَ رَبُّكَ فَتَرْضَىٰ، توسين قادر ڪيا قرار.

ترجمو: ۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين.

هيءَ آيت مبارڪ سورت الضحيٰ مان ورتل آهي. جنهن ۾ رب سائين نبي ڪريم ﷺ کي گهڻي ڪجهہ عطا ڪرڻ جي خوشخبري ڏني آهي، جنهن کي شاهہ سائين "قادر ڪيا قرار" جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي. رب ڪريم ان قرار کي سچو ثابت ڪري نبي سائين ﷺ کي تمام نبين کان وڌيڪ نعمتون ۽ رحمتون عطا فرمايون آهن.



www.sindhsalamat.com

ڀٽائي ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ معراج جي منظر ۾ نبي پاڪ عليہ الصلوات والسلام پاران ان موقعي تي رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيل حمد ۽ ثنا کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڪـوڙين آيـا ڪيرتيا، ڀتـو ڀتـين ڀـانَ،
جَـنِ ڳڙهـان ڀَهَـر ڳـائيو ظـاهر سـاڻ زبـانَ،
هـي منجهـ پينـو مڱڻـو اَپَـر سِـين احسـانَ،
اَلتَّحِيَاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِبَاتُ[1] سـاراهي سُبحان،
جهـڙو ڀلـو ڀـان، تهـڙا ڏان ڏِيـاچ جـا.[76]

(1) فخر عالم ﷺ جن جڏهن بارگاهہ الاهيءَ ۾ پهتا تڏهن فرمايائون تہ ” اَلتَّحِيَاتُ لله وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِبَاتُ “ سڀ تعريفون هڪ الله کي جڳائين ۽ صلواتون ۽ مرحبائون بہ الله لاءِ آهن.

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اهو پتو پيو تہ نبي ﷺ کي جيڪو نظارو ”اپرسين احسان“ ڪري ڪرايو ويو ان جو مقصد ماڻهن جي پرک ۽ امتحان پڻ هو:

وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِيٓ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ[77]

ترجمو: ۽ اسان توکي جيڪو نظارو ڏيکاريو سون سو ماڻهن جي پرک کان سواءِ نہ آهي.

شاهہ لطيف ﷫، رب ڪريم پاران سيد الثقلين ﷺ کي عرش عظيم ۽ سدرة المنتهيٰ جي سير لاءِ گهرائڻ ۽ نبي ﷺ پاران پيش ڪيل حمد ۽ ثنا جي جواب ۾ جيڪا ڪلي ڪري ڪينڪار ڪئي ان کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

سَهسـين آيـا سـورنيا، مـانجهي مٽيـادار،
جـن ڳڙهـان ڀهرڳـائيو سـهجان سـڀ ڄمـار،
تنبيـري جـي تنـد جـي اُت پهـرين هُئـي پچـار،
آءُ متـاهون مڱڻـا چڙهـي دَر دُنـار،
اَلسَّلاَمُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُ، اي ڪلي ڪيائين ڪينڪار،
سُـئو ۾ سنسـار، تـہ ملـڪ ڏنـائين مڱڻـي.[78]



www.sindhsalamat.com

معراج جي موقعي تي جيڪا خلوت ۾ ٿيرين پچار تي ان کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

ذٰلِكَ مِمَّآ اَوۡحٰۤى اِلَيۡكَ رَبُّكَ مِنَ الۡحِكۡمَةِ ؕ (79)

ترجمو: اهي حڪم انهن مان آهن جيڪي تنهنجي پالڻهار توڏانهن حڪمت مان وحي ڪيا آهن.

هيءُ اشارو انهن حڪمن ڏانهن آهي جيڪي نبي ڪريم کي امت لاءِ بارگاهه الاهيءَ مان مليا هئا.

ساڳي وقت حضور پرنور پاران بارگاهه خداوند ۾ پيش ڪيل "اَلتَّحِيَاتُ لِلّٰہِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِبَاتُ" (تمام زباني ۽ جسماني ۽ مالي عبادتون الله لاءِ آهن) واري تحفي جي جواب ۾ "اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُ وَرَحۡمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ" (اي نبي ﷺ تو تي سلام هجن ۽ الله جون رحمتون ۽ برڪتون هجن) جو خدائي تحفو مليو. جنهن کي شاهه مالڪ سائينءَ پاران پليڪار قرار ڏنو:

اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُ، اي ڪلي ڪيائين ڪينڪار.

معراج جون جيڪي مصلحتون، احڪام، انعام ۽ اڪرام هئا انهن کي ڀلاري ڀٽائيءَ هن ريت بيان فرمايو آهي:

رِءَ مصلحت مڱڻا قصر ڪين اچن،
نور تجلي نورسين، نيو نيڻ پسن،
خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوٽا چمڪن،
لَذائين لَطيفُ چئي، سندا ڏاڻ ڏسين،
تيلاهه مُلڪ ڏٽين، مڃئو مڱڻهار ڪي. (80)

نبي ڪريم جي نوراني سفر واري معجزي جي احوال جو تفصيلي ذڪر سورت بني اسرائيل ۽ سورت النجم ۾ به بيان فرمايل آهي. جن ۾ الله تعاليٰ پاران ڏنل احڪام ۽ انعام واضح طور تي موجود آهن.

معجراج جي موقعي تي رب ذوالجلال پاران نبي عليه الصلوات والسلام کي پنجن وقتن جي نماز جو انمول تحفو به عطا ٿيو جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿو:



www.sindhsalamat.com

أَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ﴿۷۸﴾
وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿۷۹﴾ (81)

ترجمو: سج لڙهي کان ونئي رات جي اونداهيءَ تائين نماز پڙهہ ۽ فجر جو قرآن پڙهہ بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ مهل ملائڪ حاضر ٿين ٿا ۽ ڪجهہ رات جو ان (قرآن) سان تهجد پڙهہ اها تولاءِ زياده عبادت آهي تنهنجو پالڻهار توکي سگهوئي ساراهيل جاءِ ۾ اٿاريندو.

اهوئي سبب آهي جو حضور جن نماز کي مؤمنن لاءِ معراج قرار ڏيندي اعلان فرمايو تہ:

اَلصَّلٰوةُ مِعْرَاجَ الْمُؤْمِنِيْنَ (آيت)

ترجمو: نماز مؤمنن جي معراج آهي.

يعني پاڻ سڳورن ﷺ جن کي معراج جي موقعي تي مليل حڪم کي مؤمنن لاءِ معراج قرار ڏنو ويو.

ساڳي وقت معراج دوران حضور ﷺ جن جيڪو رب ڪريم جي حضور ۾ التحيات لله... جي صورت ۾ عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو ۽ ان جي جواب ۾ اسلام عليڪ ايها النبي... واري جيڪا بارگاهہ ايزديءَ مان موٽ ملي ان کي حضور ﷺ جن مؤمنن جي معراج يعني نماز جو حصو بنائڻ جو حڪم ڏنو تہ هر نماز ۾ جڏهن قعدي ۾ ويهو تہ ٻين طريقن بجاءِ تشهد ۾ معراج جي موقعي تي بارگاهہ خداونديءَ مان مليل هيءَ دعا پڙهو:

عَنْ عبدالله بن مَسْعُود قَالَ كُنَّا اِذَا صَلَّيْنَا مَعَ النَّبِيِّ ﷺ قُلْنَا السَّلَامُ عَلَى اللهِ قَبْلَ عِبَادِهٖ السَّلَامُ عَلٰى جِبْرَائِيل وَمِيكَائِيل وَعَلٰى فُلَانٍ وَفلانٍ يَعْنُونَ الْمَلَائِكَتَهٗ فَسِمِعْنَا رَسُوْلَ اللهِ ﷺ فَقَالَ لَا تَقُوْلُوا السَّلَامَ عَلَى اللهِ فَاِنَّ اللهَ هُوَ السَّلَامُ فَاِذَا جَلَسْتُمْ فَقُوْلُوْا اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَتُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِيْنَ فَاِنَّهٗ اِذَا قَالَ ذَالِكَ اَصَابَتْ كُلَّ عَبْدٍ صَالِحٍ فِي السَّمَاءِ وَالْاَرْضِ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ۔ (82)

ترجمو: عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ جڏهن اسان نبي ڪريم سان نماز پڙهندا هئاسين تہ ان ۾ سلام الله تعاليٰ تي ان جي ٻانهن طرفان سلام جبرائيل، ميڪائيل ۽ ٻين ملائڪن تي چوندا هئاسين. جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن اهي ڪلمات ٻڌا تہ فرمايائون تہ ايئن نہ چئو تہ سلام الله تعاليٰ تي



www.sindhsalamat.com

ڇو جو الله تعاليٰ تي خود سلام آهي، بلڪ جڏهن توهان ويهو تہ چئو (پڙهو تہ) اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوَاتُ وَالطَّيِّبَاتُ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَتُ اللهِ وَبَرَكَاتُهُ اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصَّالِحِيْنَ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدً عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ۔ ان لاءِ جو جڏهن ايئن چئبو تہ آسمان ۽ زمين ۾ هر نيڪ ٻانهي کي سلامتي پهچندي.

رسول الله ﷺ جي هن مبارڪ حديث مان ثابت ٿيو تہ معراج جي موقعي تي خداوند عالم ۽ حبيبِ خدا جي وچ ۾ جيڪو مڪالمو ٿيو هو ان کي مؤمنن جي معراج (نماز) جو مستقل طورتي حصو بنائي ڪين انهن مبارڪ ڪلمات مان فيضياب ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويو آهي.

## رسول الله ﷺ جي شفاعت

سرتاجِ اولياءَ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، شفيعُ الاُمم حضرت محمّد ﷺ جي شفاعت جو سڀ کان وڏو اميدوار آهي. سندس ڪلام ۾ حشر ويل (قيامت ڏينهن) نبي ڪريم ﷺ جي شفاعت جو ذڪر ڪثرت سان ملي ٿو ۽ کيس اميد آهي تہ ڪوهيارو ڪيچ ڌڻي ساري سڏ ڪندو:

ماڻـڪ مـت سـندوم، اونـداهيءَ ۾ سـوجهرو،
حَشــر ويــل حســاب ۾، ڇــڏي نــہ وينــدوم،
ساري سڏ ڪندوم، ڪُوهيارو ڪيچ ڌڻي. (73)

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي الله ۽ سندس رسول تي ايمان آڻڻ وارن لاءِ روشني ۽ بخشش جو پتو پوي ٿو جنهن کي "شاهہ اونداهيءَ ۾ سوجهرو" قرار ڏنو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۸﴾ (74)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو تہ اوهان کي پنهنجيءَ ٻاجهہ مان بہ ٻاڱا ڏئي اوهان کي اهڙو نور ڏئي جنهن سان رستو



www.sindhsalamat.com

هلو ۾ اوهان کي بخشي ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، کي قبر ۾ حشر واري مشڪل ترين مرحلي جو پورو احساس آهي ۽ کيس اها بہ خبر آهي تہ اتي ڪنهن کي شفاعت جو ڪوبہ اختيار نہ هوندو سواءِ ان جي جنهن کي الله تعاليٰ اجازت عطا فرمائي ۽ ميدانِ حشر ۾ شفاعت جي اجازت صرف ٻنهي جهانن جي سردار کي عطا ڪئي ويندي.

ان ڪري شاهہ سائين نبي ڪريم ﷺ کي درخواست ڪندي مدد لاءِ هن ريت پڪاري ٿو:

اُهڪيءَ رسجُ احمدا، اڳيان سوڙهي ڀُون،
اُتي رسج ڳارٽي، جتي هونگ نہ هُون،
ڏِج ڪا لَپَ لطيف کي، طَهُورا مان تُون. (85)

شاهہ رحمة الله عليه، حضرت احمدِ مجتبيٰ ﷺ کي قبر (سوڙهي ڀُون) ۽ حشر ۾ مدد لاءِ ان ڪري ٿو پڪاري جو کيس قرآن ڪريم ذريعي اها خبر مليل آهي تہ نبي ڪريم ﷺ کي الله تعاليٰ پاران ايمان وارن لاءِ بخشش گهرڻ جي اجازت عطا فرمائي آهي:

وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾ (86)

ترجمو: ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر ڇو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، پاڪ شراب پيارڻ لاءِ جيڪا درخواست ڪئي آهي، "ڏِجِ ڪا لَپَ لطيف کي طهُورا مان تون" يعني جنت واري شراباً طهورا پاڪ شراب مان لطيف کي بہ ڪا لپ ملي، اهو پاڪ شراب جنت ۾ داخل ٿيل نيڪ ٻانهن کي عطا ڪيو ويندو. جنهن جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

وَسَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ﴿۲۱﴾ (87)

ترجمو: ۽ سندن پالڻهار کين تمام پاڪ شراب پياريندو.

شاهہ لطيف رحمة الله عليه، رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ ٻاڏائيندي وڏي واڪي اعلان ٿو ڪري تہ اي منهنجا الله مون کي تنهنجي حبيب (هوت) ﷺ جو آسرو آهي ڇو تہ شفاعت صرف ۽ صرف شفيع محمد ﷺ عربي ئي ڪري سگهندو:



www.sindhsalamat.com

هت پُڻ حامي هن جو اڳئان آڌر ڏيندو
ظُهُورا تڙئن کسي، پانڊپ پيارينڊو
پاڻ سُجاڻي پاٺين، ڪاملُ ڪرم ڪريندو
طنبو آڻي تار ۾، عاصين وٽ آڏيندو
ڏاتا دوزخين کي، لينگهو لهرائيندو
رَسڻ وير رسي ڪري، مشڪ رنگ مٺيندو. (90)

ساڳي وقت قرآن عظيم به اها شاهدي ڏئي ٿو ته جنهن کي الله شفاعت ڪرڻ جو انجام ڏنو آهي ان کان سواءِ سندس بارگاهه ۾ ڪوبه سفارش نه ڪري سگهندو. ليڪن نبي ڪريم ﷺ جن ته پنهنجي اُمت جي بخشش ۽ مغفرت لاءِ رب تعاليٰ کان اڳ ۾ ئي انجام وٺي چڪا آهن. جنهن جو اشارتاً ذڪر هن ريت فرمايو ويو آهي:

لَا يَمْلِكُوْنَ الشَّفَاعَةَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنْدَ الرَّحْمٰنِ عَهْدًا ﴿٨٧﴾ (91)

ترجمو: جنهن الله وٽان انجام ورتو تنهن کان سواءِ (ٻيا ڪي) شفاعت ڪري نه سگهندا.

لاڪيڻو لطيف ﷫، رب ڪريم جي رحمت ۽ شافع محشر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي شفاعت جو سڀ کان وڌيڪ اميدوار آهي ۽ ساڳي وقت گنهگار ۽ عيبدارن لاءِ سهارو ۽ آسرو پڻ آهي:

آگر لائي انڌيون، نيئي وَسينءَ ۾ وجهندو
مَهندِ ٽيندو مُصطفيٰ، پُٺيءَ لوڪ لنگهيندو. (92)

اڳتي هلي ڀٽائي ﷫، بارگاهه رسالت مآب ﷺ کي مخاطب ڪندي مشڪل وقت ۾ مدد لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

اَهُڪيءَ ويرا چيج تون، اُتي احمدا.
مَتان ڇڏين مڱڻو مَهندان مُرشِدا. (93)

ڀٽائي ﷫، ٻاران احمد عربي ڄام کي حشر جي ميدان ۾ امت جي عيبدارن ۽ گمراهن کي آگر لائي وسينءَ واري جنت ۾ وجهڻ ۽ مشڪل گهڙيءَ ۾ مدد لاءِ سڏڻ ۾ امتِ محمديه لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي شفاعتِ عام



www.sindhsalamat.com

جو راز سمايل آهي. جنهن جو ثبوت اسان کي بخاري شريف جي هن پياري حديث مان ملي ٿو:

عَنْ اَنَسٍ رَضِيَ اللهُ عَنه قالَ سَمِعْتُ النَّبِيْ ﷺ يَقُوْلُ اِذَا كَانَ يَومَ الْقِيَامَةِ شَفَعْتُ فَقبَلتُ يَا رَب اَدْخِلَ الْجَنَّةَ مَنْ كَانَ فِيْ قَلْبِهِ خَرْدَلَةٌ فَيَدْخُلُون ثُمَّ اَقُوْلُ اَدْخِلِ الْجَنَّتِ مَنْ كَانَ فِيْ قَلبِهِ اَدْنىٰ شَيءٍ. [94]

ترجمو: حضرت انس کان روايت آهي ته مون حضور ﷺ جن کان ٻڌو ته پاڻ سڳورن فرمايو ته قيامت جي ڏينهن آءٌ شفاعت ڪندس ۽ چوندس ته اي الله انهن ماڻهن کي جنت ۾ داخل ڪر جن جي دل ۾ رائيءَ جي داڻي جيترو به ايمان هجي پوءِ انهن کي جنت ۾ داخل ڪيو ويندو پوءِ آءٌ چوندس ته اي الله جن جي دل ۾ ڪجهه (ذرو به) ايمان آهي انهن کي به جنت ۾ داخل ڪر.

هن حديث مبارڪ مان ثابت ٿيو ته قيامت جي ڏينهن سيني ايمان وارن کي شفاعت محمّدي ﷺ نصيب ٿيندي

وَالـــي تـــي وڳ جـــو هئـــائين هلنـــدو
ڪوثر ڪنڌين، پاڻي پيارينـدو. [95]

حوضِ ڪوثر تان پاڻي پيارڻ به شفاعتِ مُحمّدي ﷺ جي هڪ صورت آهي ۽ جنهن کي ساقيِ ڪوثر هٿان آبِ ڪوثر نصيب ٿيو ته ان کي حشر جي ميدان ۾ اُڃ واري سختي کان نجات ملي ويندي.

قرآن ڪريم مان اسان کي حضور ﷺ جن کي ڪوثر عطا فرمائڻ جي خوشخبري هن ريت ملي ٿي:

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ۝ اِنَّ شَانِئَكَ هُوَالْاَبْتَرُ ۝ [96]

ترجمو: اي پيغمبر بيشڪ اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر بيشڪ تنهنجو ويري ئي بي نسل آهي.

## رسول الله ﷺ جا اصحاب

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله، کي فخرموجودات ﷺ جي مبارڪ هستيءَ سان گڏ صحابه ڪرام رضوان الله ۽ اهلِ بيت عظام سان به



www.sindhsalamat.com

دلي لڳاءُ ۽ محبت هئي جنهن جو ثبوت اسان کي سندس ڪلام مان واضح طورتي ملي ٿو.

شاهہ سائين رحمة الله عليه، حضور ﷺ جن جي مڪي مڪرمہ کان مديني منوره هجرت واري منظر کي بيان ڪندي ٻن طبقن جي نشاندهي ڪئي آهي، جن جو تفصيل هجرت رسول واري موضوع ۾ اڳي چڪو آهي. مختصراً هن ريت آهي تہ پهريون طبقو اهو هو جيڪو اڪثريت ۾ هو ۽ انهن ٻنهي جهانن جي سردار کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو ان ڪري انهن کي ڀٽائي گمراهہ ۽ ڀليل قرار ڏيندي ارشاد فرمايو:

ڀُلئـو سـڀُ ڀنيــو، ڀنـيءَ هــوت نـــہ هَلئــو.

ٻيو طبقو اهو هو جنهن حضور تي دل سان ايمان آندو اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪياڻون اهي ڪامياب ٿيا ۽ ايمان وارن جي ڪاميابيءَ جو اعلان شاهہ سائينءَ هن ريت فرمايو:

مَـــاڙِٺو تنـــي مُـــورَ جنـــي ديکئـــو دل ســـان.

ڀٽائي رحمة الله عليه، نبي ڪريم ﷺ جي هجرت واري منظر کي بيان ڪرڻ بعد فوراً هجرت جي سفر جي مرحلي دوران ڪافرن کان پاڻ لڪائڻ ۾ سندن سفر جي ساٿي جي نشاندهي هن ريت فرمائي آهي.

جَنـــي ديکيـــو دل ســـين، ڀُنـــي ســـي ڀييـــون،<br>تـــہ پـــڻ وييـــون، جـــي پنهـــون پـــاڻ لڪـــائيو. (97)

هن بيت مان اسان کي جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان جي مطابق "جني ديکيو دل سين" مان مراد پاڻ سڳورن کي جن بہ ايمان جي حالت ۾ روبرو ڏٺو اهي سڀ رسول الله ﷺ جي صحابيءَ هجڻ جي منصب تي فائز ٿي ويا ۽ جنهن کي رسولِ خدا جي صحابيءَ هجڻ جو اعزاز حاصل ٿي ويو تہ اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي ويو. لطيف سائين جي "جني ديکيو دل سين ڀني سي ڀييون" واري اعلان جي اسان کي قرآن عظيم مان بہ شاهدي ملي ٿي جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ جن مهاجرن ۽ انصارن سڀ کان پهريان (ديکيو دل سين) ايمان آندو ۽ نبي ڪريم ﷺ جي رستي (ڀني



www.sindhsalamat.com

سي ڀيڀون) تي هليا تہ انهن لاءِ الله جي رضا جنت ۽ وڏي مراد ماڻڻ آهي.

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۰۰﴾ (98)

ترجمو: ۽ مهاجرن ۽ انصارن مان (ايمان ۾) اڳرائي ڪرڻ وارا ۽ جن چڱائي سان سندين تابعداري ڪئي انهن (سيني) کان الله راضي آهي ۽ انهن لاءِ باغ تيار ڪيا اٿس جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

سمورن صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين جي شان ۽ مرتبي واري قرآني تصديق بعد شاهہ سائينءَ انهيءَ بيت جي ٻي سِٽ ۾ نبي ڪريم ﷺ جي هجرت جي سفر واري ساٿي صحابي رسول حضرت ابوبڪر صديق ﷠ ڏانهن هن ريت اشارو فرمايو آهي:

تہ پڻ تي وييون، جي پنهونءَ پاڻ لڪائيو.

يعني نبي ڪريم ﷺ جن هجرت جي سفر دوران ڪافرن کان لڪڻ لاءِ غار ۾ پناهہ ورتي (جي پنهون پاڻ لڪائيو) تہ ان دوران ساٿن صديق اڪبر ﷠ بہ گڏ هو جنهن جي شاهدي بہ قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

اِلَّا تَنْصُرُوْهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللّٰهُ اِذْ اَخْرَجَهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۴۰﴾ (99)

ترجمو: جيڪڏهن پيغمبر کي مدد نہ ڏيندؤ تہ بيشڪ کيس الله مدد ڏني آهي. جنهن مهل ڪافرن (مڪي مان) کيس ڪڍي ڇڏيو ٻن مان هڪڙو پاڻ هو جڏهن اهي غار ۾ هئا تڏهن پنهنجي سنگتيءَ کي چيائين تہ الڪو نہ ڪر تحقيق الله اسان سان (گڏ) آهي پوءِ الله مٿس پنهنجو آرام لاٿو ۽ کيس اهڙي لشڪر سان مدد ڪيائين جو اوهان ان کي نہ ڏٺو ۽ ڪافرن جي ڳالهہ کي هيٺ ڪيائين ۽ الله جي ڳالهہ هميشہ مٿاهين آهي ۽ الله غالب ۽ حڪمت وارو آهي.

شاهہ لطيف ﷫ سڀ کان پهريان پنهنجي صحابہ ڪرام جي شان کي بيان فرمايو آهي ان کان پوءِ حضور ﷺ جن جي هجرت جي سفر واري ساٿيءَ حضرت ابوبڪر ﷠ جي مرتبي کي بيان ڪرڻ بعد حضرت علي



www.sindhsalamat.com

ڪرم الله وجهہ جي بي مثال جرئت ۽ بهادريءَ کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو اٿس:

جـــان ڏنـــائون ڀيـــر، جـــان ڏنـــائون ڀيـــر،
متـــي اڳـــڻ آئيـــا، ســـونهن لڳـــا ســـير،
جِئـائين نبـي نڱئـو ڀـري مبـارڪ ڀيـر،
لَتـــا ڏُک سُـــک ٿيـــا، تـــي واڏائـــي ويـــر،
يڳـا ڪـوٽ ڪفـار جـا اڇـي علـي شـير. (100)

هن وائيءَ ۾ شاهہ سائين رحمة الله عليه، اُحد جي جنگ ۾ حضرت علي رضي الله عنهہ جي بهادريءَ ڏانهن اشارو فرمايو آهي. هن جنگ ۾ حضور ﷺ جن جي حڪم تي عمل ۾ سُستيءَ سبب مسلمانن کي ٿوري وقت لاءِ پريشانيءَ جو منهن ڏسڻو پيو هو ليڪن بعد ۾ وري مسلمانن کي فتح نصيب ٿي.

حضرت علي شير خدا کان روايت آهي تہ جنگ دوران ڪافرن اها مشهوري ڪئي تہ حضور ﷺ جن شهيد ٿي ويا آهن. جنهن ڪري ڪيترائي مسلمان متفرق ٿي ويا ۽ ڪجهہ شهيد بہ ٿيا. ڪافرن مسلمانن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. ان دوران آءٌ نبي ڪريم ﷺ کي ڳولڻ لاءِ ڪافرن جي جٿن ۾ تلوار ڪٽي نڪري پيس ۽ آخرڪار حضور ﷺ جن تي منهنجي نظر پئي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي مون سمجهيو تہ الله جل شانہ ملائڪن ذريعي پنهنجي محبوب جي حفاظت فرمائي آهي، پوءِ آءٌ حضور ﷺ جن جي حفاظت لاءِ بيهي رهيس. ڪافرن جو هڪ جٿو حضور ﷺ جن ڏانهن وڌڻ لڳو تہ پاڻ سڳورن ﷺ حڪم ڏنو تہ اي علي رضي الله عنه انهن جو مقابلو ڪر! مون اڪيلي سر ان جٿي تي حملو ڪيو ڪيترن کي قتل ڪيم ۽ ڪافي ميدان ڇڏي ويا. ان بعد هڪ ٻيو ٽولو حضور جن ڏانهن حملي جي نيت سان وڌڻ لڳو تہ وري بہ پاڻ سڳورن ﷺ حضرت علي رضي الله عنه ڏانهن اشارو فرمايو ۽ حضرت علي رضي الله عنه ان ٽولي کي روڪي نبي ڪريم ﷺ جي حفاظت جو حق ادا ڪيو. جنهن تي حضرت جبرائيل عليه السلام آيو ۽ ان حضرت علي رضي الله عنه جي بهادري ۽ مدد جي تعريف ڪئي تہ حضور جن فرمايو تہ: "إنه مِنِّيْ وَاَنَا مِنْهُ" "بيشڪ علي رضي الله عنه مون مان آهي ۽ مان علي رضي الله عنه مان آهيان، تنهن تي حضرت جبرائيل عليه السلام فرمايو تہ "وَاَنَا مِنْكُمَا" يعني آءٌ اوهان ٻنهي



www.sindhsalamat.com

مان آهيان.[101]

ان کان سواءِ خيبر جي قلعي ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي جنگين ۾ حضرت علي ڪرم الله وجہ بهادريءَ جا اهي بي مثال ڪارناما سرانجام ڏنا جو تاريخ انهن جو مثال پيش ڪرڻ کان قاصر آهي. حضرت علي ﷛ ۽ ٻين صحابين سڳورن جي جهاد ۽ قربانين جي بدولت مسلمانن جا ڏک سکن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ اسلام جو جهنڊو بلند ٿي ويو جنهن جو اعلان ڀٽائي رحمت الله هن ريت فرمايو:

جٿا ئين نبي نڱئو پري مبارڪ پير،
لٿا ڏک سُک ٿيا، واڻائي وير،
ڀڳا ڪوٽ ڪفار جا، اچي عليءَ شير.

## رحمت اللعالمين

فخرموجودات، سيدالڪائنات ۽ امام الانبياءَ جي ذات پاڪ کي الله تبارڪ وتعاليٰ تمام جهانن لاءِ رحمت (رحمت اللعالمين) بنائي موڪلڻ جو اعلان پڻ فرمايو آهي.

فارسي زبان جي هڪ شاعر ۽ عاشق رسول ﷺ سان عشق ۽ محبت جو اظهار ڪندي فرمايو آهي:

حُسنِ يُوسف، دَمِ عيسیٰ، يَدِ بَيْضاء دَاری،
آنچ خُوباں همه دَارند تَو تَنها داری۔

يعني حضرت يوسف ؑ کي الله تعاليٰ حسن ۽ جمال عطا فرمايو هو حضرت عيسيٰ ؑ کي روحاني قوت عطا فرمائي هئي ۽ موسيٰ ؑ کي چمڪندڙ هٿ عطا فرمايو هو ليڪن اي محمّد مصطفيٰ ﷺ تنهنجي اڪيلي ذات ۾ تمام نبين جون تمام خوبيون بدرجہ ڪمال موجود آهن.



www.sindhsalamat.com

جڪري جهو جُوان، ڏسان ڪونہ ڏسين ۾،
مُهڙ مڙني مُرسلين، سرس سندس شانُ،
ايءَ آگي جو احسانُ، جنه هادي ميڙيم هھڙو. (102)

ڀلاري ڀٽائي ﷫، بہ پنهنجي ڪلام ۾ نبي ڪريم ﷺ جي رحمت اللعالمين واري منصب کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

رَحمت لِلعالمين، اهکيءَ آڳہُ تيندو
اُتي عبداللطيف کي، هَادِي هَٿ جَهليندو (103)

شاه رحمت للعالمين جي رحمت ۽ ٻاجھہ ۾ اميدوار آهي ۽ کيس يقين آهي تہ هادي هٿ کان جهلي رب العالمين جي رحمت ۽ مغفرت سان سندس رضا جو مستحق بڻائيندو.

رب ڪريم پاران قرآن عظيم ۾ بہ حضور ﷺ جن جي ذات گرامي کي تمام جهانن لاءِ رحمت قرار ڏيڻ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ﴿١٠٧﴾ (104)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليو سون.

يعني نبي محترم ﷺ جي بعثت جو مقصد ئي تمام جهانن جي گمراھہ ۽ ڀليل انسانن لاءِ رب ڪريم جي خصوصي رحمت ۽ ٻاجھہ آهي.

شاه صاحب ﷫، نبي ڪريم ﷺ جي رحمت جو ذڪر ڪندي امت جي عيبدار مؤمنن جا ڏک ۽ ڏاڪڙا دور ڪرڻ ۽ سالڪن کي صحت عطا ڪرڻ جو ذڪر هن ريت فرمائي ٿو:

تَپُ تڙپائين، سَمُنڊر وڃائين،
نِٽائين مرض مُؤمنن تان،
دَردُ ڀاڻ دَرد ۾ ٻُڌو ٻاجھہ ڪٽائين،
اَگھا سڀ سگھا ٿِيا، ڏکندو ڏور نٽائين،
گروه گودڙين جي، سلڪ صحت ڏنائين،
ميڙي مُريد پانهنجا، رحمت هيٺ رکيائين. (105)

اهو ساڳيو مفهوم قرآن عظيم ۾ بہ موجود آهي، جنهن مان پيغمبر عليہ



www.sindhsalamat.com

الصلوات والسلام جي مؤمنن لاءِ محبت ۽ همدرديءَ جو پتو پوي ٿو ۽ اها بہ خبر پوي ٿي تہ نبي رحمت ﷺ کي ايمان وارن جو ڏک ۽ تڪليف ڏاڍي اوکي لڳندي آهي:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾ (106)

ترجمو: اي ماڻهو بيشڪ اوهان جي جنس منجهان اوهان وٽ پيغمبر آيو آهي اوهان جو ڏک مٿس اوکو آهي اوهان جي هدايت تي حريص آهي. مؤمنن تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي.

ڀلارو ڀٽائي رحمة الله عليه، سُر سهڻيءَ ۾ ازل کان وني ڪروڙين انسانن جي ڪارڻي محمّد ﷺ کي ميڄڻ ۽ جنهن ذات جي رحمت ۾ سموري عالم کي آسرو آهي ان رحمت اللعالمين کي نظر ۾ رکي هلڻ جو اعلان هن ريت فرمائي ٿو:

تـــــوڏي تـــــوڙائين، نيـــــه ســـــونهٽي،<br>
ڳچـــيءَ هَـــار حَبيـــب جـــو لائـــق لَـــڌائين.<br>
ڪـــوڙين ســـندو ڪـــارڻي، محمّـــد ﷺ، ميڄيـــائين،<br>
ســـو تـــڙُ ســـو نـــائين، جيڏنـــه عـــالم آســـرو. (107)

جيئن تہ رب ڪريم پاران پاڻ سڳورن ﷺ جن جي ذات مبارڪ ۾ رحمت ٻاجھ عطا ڪرڻ ۽ ايمان وارن جي ڪوتاهين کي معاف ڪري ۽ انهن جي لاءِ بخشش گهرڻ جو حڪم هن ريت ڏنو ويو آهي:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۠ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاسْتَغْفِرْ لَهُمْ (108)

ترجمو: پوءِ اي پيغمبر الله جي ٻاجھ سببان انهن لاءِ نرم ٿيو آهين ۽ جيڪڏهن ڪاوڙيل سخت دل هجين ها تہ ضرور تنهنجي آس پاس کان ڀڄي اُٿن ها پوءِ کين معافي ڏي ۽ انهن لاءِ بخشش گهر.

حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، رحمتِ عالم ﷺ کي ربِ ڪريم جي بارگاھ مان نعمت عطا ٿيڻ ۽ سندس رحمت ۽ ٻاجھ جي دائري جي وسعت جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ سندس دربار ۾ جيڪو بہ



www.sindhsalamat.com

اڇي ٿو سو فيضياب ٿئي ٿو ڇو جو سندس دربار ۾ ذات پات جو ڪوبہ قيد ڪونهي:

نئـــون نيـــاپو آئيــــو راڻـــي مُـــلا رات،
لَڏيســـون لطيــف چئـــي، ڪنـــا ڏاتــر ڏات،
ڪانہ پڇي تـو ذات، جي آيا سي اگهيا.[109]

ڪلام الاهيءَ مان بہ اها شاهدي ملي ٿي تہ نبي ڪريم ﷺ جن جي هستيءَ ۾ سيني ايمان وارن لاءِ باجهہ ۽ رحمت سمايل آهي:

وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِينَ آمَنُوا مِنكُمْ [110]

ترجمو: ۽ (پيغمبر) اوهان مان ايمان وارن لاءِ باجهارو آهي.

## خاتمِ النبين

امام الانبيا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ، کي رب ذوالجلال خاتم النبيين جي منصب تي فائز فرمايو آهي. ان ڪري حضور ﷺ جن کان پوءِ هن دنيا ۾ قيامت تائين ڪوبہ نبي يا پيغمبر نہ ايندو. ليڪن انسانن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جو سلسلو نبي ڪريم ﷺ جي امت جي ذريعي جاري رهندو. انهيءَ ڪري، حضور اڪرم ﷺ کي آخري نبي مڃڻ ايمان جي بنيادي عقيدن مان هڪ اهم عقيدو آهي. جنهن جي اقرار سان انسان جو ايمان مڪمل ٿئي ٿو ۽ ان عقيدي جي انڪار ڪرڻ سان انسان ايمان ۽ اسلام جي دائري مان خارج ٿي وڃي ٿو.

شاعرن جو شهنشاه حضرت شاه عبداللطيف رحمة الله عليه، بہ ختمِ نبوت جو سڀ کان وڏو علمبردار آهي. ڇو تہ شاه سائينءَ کي نبي ڪريم ﷺ جي ذات سان دلي لڳاءُ ۽ محبت هئي. ان ڪري سنڌ جي سداحيات شاعر ۽ ڪامل ولي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي ختم نبوت جي مسئلي کي اهڙي تہ خوبصورت انداز ۾ بيان فرمايو آهي جو سنڌي شاعريءَ ۾ ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس فڪر موجب ”جُوان تہ صرف جڪرو هو پيا



www.sindhsalamat.com

مڙيئي مَل هئا“ ۽ نبوت جي جيڪا مٽي هئي ان مان مَدني مُرسل بعد ۾ ٻي مٽي يا خمير بچيو ئي ڪونہ جو ڪو ٻيو نبي يا مُرسل اچي ها.

جَڪــــرو جَـــس ڪَـــرو، ٻِئـــا سَـــڀ آنيــــرا،
جِيـــائين جڙئــو جَڪـــرو، تِئـــائين نـــہ ٻِئـــا،
مِٽِـــي تَنـــہ ماڳـــا، اَصـــل هُئـــي اِيتـــري. (111)

ڀٽائي ﷫، اڳتي هلي جنهن مٽيءَ مان محبوب ڪريم کي پيدا ڪيو ويو ان مٽيءَ کي تمام قيمتي قرار ڏيندي اعلان ٿو فرمائي تہ ان مٽيءَ جو ڪو ملهہ (قيمت) ئي نہ آهي:

جٿائين جُڙئو جَڪرو، تنہ مٽيءَ ڪونهي مُل،
اهــڙو گــوهر گُــل، پــاڻ ڏٺــيءَ پيــدا ڪئــو. (112)

الله تبارڪ وتعاليٰ جي بارگاهہ مان بہ قرآن ڪريم ذريعي اها تصديق ملي ٿي تہ جنهن قيمتي مٽيءَ مان محبوب مدني عليہ الصلوات والسلام جهڙو گوهر گل پيدا ٿيو ان جهڙو ٻيو ڪو بہ پيدا نہ ٿيندو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ أَبَآ أَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ (113)

ترجمو: مُحمّد ﷺ اوهان جي مردن مان ڪنهن هڪ جو پيءُ نہ آهي پر الله جو پيغمبر ۽ سڀني پيغمبرن کان پڇاڙيءَ ۾ اچڻ وارو آهي.

ڀٽائي ﷫، اڳتي هلي وضاحت فرمائي آهي تہ جنهن مٽيءَ مان اهو مُرسل مُحمّد ﷺ عربي بڻايو ويو اها صرف ايتري هئي ان ڪري هاڻي ان مرسل کان پوءِ ٻيو ڪو بہ پيغمبر يا نبي نہ ايندو.

جَڪــــرو جَـــسَ ڪَـــرو، ٻئـــا مڙيئـــي مَـــلَ،
سَمي جي سهاڳ جي، ڪنهہ نہ پيئي ڪـل،
مِٽـــي ان مُرسَـــل، اصـــل هُئـــي ايتـــري. (114)

قرآني تصديق بعد حضور ﷺ جن خود بہ ختم نبوت جي سلسلي ۾ وضاحت ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، وَاِنِّيْ خَاتِمُ النَّبِيِّيْنَ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ۔ (115)

ترجمو: حضور ﷺ جن فرمايو تہ تحقيق آءٌ نبين ۾ آخري نبي آهيان مون کان پوءِ ڪوبہ نبي نہ هوندو.

شاهہ سائينءَ جو ”متي ان مُرسل“ وارو اعلان هن حديث مبارڪ جي مفهوم جي حيثيت رکي ٿو.

شاهہ لطيف رحمة الله عليه، جي نظر ۾ حضرت محمد ﷺ نہ رڳو خاتم النبيين هو بلڪ سندس نبوت دنيا جي سيني انسانن لاءِ هئي ۽ سندس نظر ۾ ڪاميابي اهي ماڻهو سگهندا جن جي مَن ۾ ميم يعني حضرت مُحمّد ﷺ جو طريقو (سنت ۽ سيرت) هوندي:

ڪي اوَابين عرب ۾، ڪي ڪابل ٿِيون ڪَتَنِ،
سُتَ تني جو سقرو مِيمُ جِني جي مَنِ
توڙي ڪين ڪتنِ، تہ پہ ڪانڌ اُني جو ڪوڏيو. (116)

يعني ڪي الله جا پيارا ٻانها عربستان ۾ تہ ڪي ڪابل ۾ پنهنجي رب جي عبادت ۽ بندگيءَ ۾ مصروف آهن. ليڪن قبوليت جو شرف انهن کي نصيب ٿيندو جن جو حضرت محمد ﷺ جي عالمي رسالت ۽ ختم نبوت تي يقين هوندو.

الله تعاليٰ جو ڪلام قرآن مجيد بہ آقاءِ نامدار ﷺ جي عالمي رسالت تي شاهد آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ (117)

ترجمو: اي پيغمبر توکي مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.

هن پلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ حضور ﷺ جي رسالت مخصوص قوم يا محدود علائقي لاءِ نہ هئي بلڪ الله تعاليٰ پاران کين (ڪافه للناس) سمورن انسانن لاءِ رسول خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ويو آهي.

اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين عربستان ۽ ڪابل وارن مڙني انسانن کي صلاح ٿو ڏئي تہ ”سُتُ تَنِي جو سَقرو مِيمَ جني جي مَنِ.



www.sindhsalamat.com

لاڪيٽي لطيف ﷫ جي ”سُٺُ تَني جو سڦرو ميمُ جنهي جي مَن“ واري اعلان جي تصديق قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

وَاَرْسَلْنٰكَ لِلنَّاسِ رَسُوْلًا ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۝ مَنْ يُّطِعِ الرَّسُوْلَ فَقَدْ اَطَاعَ اللّٰهَ ۚ (118)

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) توکي ماڻهن لاءِ پيغمبر ڪري موڪليوسون ۽ الله شاهد بس آهي جيڪو پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ الله جي فرمانبرداري ڪئي.

## اهلبيت

سنڌ جي سداحيات شاعر ۽ مفڪر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جو سمورو ڪلام روحاني رنگ ۾ رڱيل آهي. سندس رسالي جي سيني سُرن ۾ اهڙا تہ حڪمت ڀريا روحاني راز ۽ ماڻڪ موتي سمايل آهن جيڪي سندس فڪر ۽ عقيدي جي ترجماني ڪندي نظر اچن ٿا.

سُر ڪيڏاري ۾ شاھ سائين ﷫، جي اهلبيت عظام سان محبت ۽ عقيدت سان گڏ دينِ اسلام جي اهم رڪن جهاد ۽ شهادت جو روحاني راز موجزن آهي. جنهن ۾ شاھ سائين امامن ڪرامن پاران پنهنجي ناني ۽ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ جي نقشِ قدم تي هلندي، دين اسلام جي سربلندي لاءِ ظالم سامهون ڪربلا جي ميدان ۾ جرئت ۽ بهادري صبر ۽ استقامت جا اهڙا تہ جوهر ڏيکاريا جو بدر، اُحد، احزاب ۽ خيبر جي ميدانن ۾ اسلامي مجاهدن جي ڏنل قربانين جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿي ويو.

حضرت امامِ حسين رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي خاندان ۽ جانثارن سان گڏ باطل سان مهاڏو اٽڪائي بارگاهِ الاهي ۾ عشق ۽ محبت واري امتحان ۾ شهادت جو مرتبو ماڻي سرخرو ٿيو. سندس ان شاندار ڪاميابي کي ڀٽ ڌڻي نسورو ناز ۽ رندن جي پروڙڻ لاءِ هڪ راز قرار ڏنو آهي:

سختي شهادت جي، نِسورو ئي نازُ
رِندَ پَروڙين رازُ، قَضِيي ڪربلا جو. (119)



www.sindhsalamat.com

ڀٽائي رحمة الله عليه، هن بيت ۾ شهادت واريءَ جنهن سختيءَ کي نسورو ناز ۽ ڪربلا جي قضيي ۾ جنهن راز جو اشارو ڏنو آهي، ان راز تان رب ڪريم قرآن پاڪ ۾ پردو کڻندي ارشاد فرمايو آهي ته الله جي عشق ۾ جيڪي جانثار جان جو نذرانو پيش ڪن ٿا، انهن کي مُردو يعني مئل چوڻ جي به اجازت نه آهي ڇو ته اُهي جيئرا آهن، ليڪن اوهان کي ان راز جو شعور ئي نه آهي:

وَلَا تَقُولُوا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ (120)

ترجمو: ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُسن تن کي مئل نه چئو بلڪ (اُهي) جيئرا آهن پر اوهان نٿا پروڙيو.

اڳتي هلي قرآن ڪريم ۾ شهيد جي شان کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪندي ارشاد فرمايو ويو آهي ته شهيد نه رڳو الله تعاليٰ وٽ جيئرا آهن، بلڪ انهن کي رب ڪريم پاران رزق پڻ ملي رهيو آهي:

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ؕ بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿۱۶۹﴾ (121)

ترجمو: ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ويا تن کي مئل پٽيءَ نه ڀانءِ بلڪ (اُهي) جيئرا آهن، (۽) پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهن.

ڀٽائي رحمة الله عليه، شهادت جي جنهن سختي ۽ ڪربلا جي قضيي ۾ جنهن راز جو اشارو فرمايو آهي اهو اشارو قرآن ڪريم جي هنن مبارڪ آيتن جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو.

شاهه سائين رحمة الله عليه، حضرت امام حسين عليه السلام پاران ڪربلا جي ميدان ۾ يزيد جي لشڪر سان بهادري سان مقابلي ڪرڻ واري منظر کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڪَـــربَلا جـــي پِـــڙ ۾، خيمـــا کوڙيـــائون،
جهيـــڙو يزيـــد ســـامهون، جُنبـــي جوڙيـــائون،
مُـــنهن نـــه موڙيـــائون، ڀَســـي تـــاءُ تَـــرار جـــو. (122)

هتي ڀٽائي رحمة الله عليه، جنگ جي ميدان ۾ ترارن جي تاءَ سامهون منهن نه موڙڻ واري حسيني لشڪر جي جنهن سهڻيءَ صفت جو ذڪر فرمايو آهي، ان جو تاڪيد قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿو يعني شاهه سائين رحمة الله عليه، ڪربلا جي ميدان ۾ قرآني فڪر جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو:



www.sindhsalamat.com

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿۱۵﴾ (123)

ترجمو: اي مؤمنو جڏهن (ويڙهه ۾) ڪافرن جي مُڇي سان آمهون سامهون ٿيو تڏهن انهن کي پٺي ڏئي نہ ڀڄو.

ڀٽائي ﷫، جيئن تہ هڪ پڪو مؤحد ۽ مؤمن هو ان ڪري هو ڪربلا جي ميدان ۾ امام ڪرامن جي حق ۽ باطل واري معرڪي کي الله تعاليٰ جو امر يعني تقدير سمجهي ٿو:

ڪامـــل ڪــــربلا ۾، آيـــا اَج اميـــرَ،
ويهـــي وِيـــرن ســـامُهاٰ، تِڪـــا هَنيـــائون تِيـــرَ،
هُئـــيِ اِي تقـــدير، اِمـــامن سِـــين اڳِهـــين. (124)

جڏهن تہ تقدير جي باري ۾ اسان کي رب ڪريم پاران قرآن ڪريم مان اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي ملي ٿي، جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ هر شيءِ ۽ ڪم الله تعاليٰ جي اَمر ۽ قدرت جي اندازي مطابق انجام ڏنو وڃي ٿو:

وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ فَقَدَّرَهٗ تَقْدِيْرًا ﴿۲﴾ (125)

ترجمو: ۽ سڀ ڪنهن شيءِ کي بڻايائين پوءِ ان جو اندازو پوريءَ طرح ٺهرايائين.

اِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ﴿۴۹﴾ وَمَآ اَمْرُنَآ اِلَّا وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍۢ بِالْبَصَرِ ﴿۵۰﴾ (126)

بيشڪ اسان سڀ ڪنهن شيءِ کي ٺهرايل انداز سان بڻايو ۽ اسان جو ڪم رڳو اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ جهڙو هڪ سخن آهي.

حضرت شاهہ لطيف ﷫، رب ڪريم پاران پنهنجي دوستن کي ڪهائڻ محبن کي مارائڻ ۽ خاص خليلن (دوستن) کي سختيون سهائڻ واري اسرار ڏانهن اشارو ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ قدرت جي انهن ڪمن ۾ ڪو اونهو اسرار سمايل آهي:

دوســـتَ ڪُهـــائي ڊَادلا، مُحـــب مـــارائي،
خَاصـــن خَلـــيلن ڪـــي، سَـــختيون، سَـــهائي،
"الله الصـمد" بـي نيـاز سـا ڪـري، جـا چـاهي،
اِنَهين منجهہ آهي، ڪا اُونهي ڳالهہ اِسرار جي. (127)



www.sindhsalamat.com

اسان کي اسلامي تاريخ تي نظر وجهڻ سان اها خبر پوي ٿي ته رب ذوالجلال پاران آزمائش ۽ امتحان لاءِ پنهنجن محبوب ٻانهن کي مارائڻ ۽ خاص خليلن کي سختيون سهائڻ سندس دستور رهيو آهي. اڄ کان تقريباً چار هزار سال اڳ ڪربلا جي سرزمين (موجوده عراق) ۾ نمرود نالي خدائي جي ڪوڙي دعويٰ ڪندڙ بادشاھ هٿان رب ڪريم پنهنجي خاص ٻانهي حضرت ابراهيم خليل الله کي آڙاھ ۾ وجهرايو ۽ پوءِ خود ان آڙاھ کي "يَانَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَسَلاَمًا" جو حڪم ڏيئي ٿڌو ڪري ڇڏيو. سندس معصوم فرزند حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ سندس والده حضرت هاجره کي مڪي جي ويران بيابان ۾ ڇڏايو ويو. ان بعد حضرت ابراهيم خليل الله هٿان پنهنجي فرزند حضرت اسماعيل عليه السلام کي الله جي راھ ۾ قربان ڪرائڻ، پيغمبر يوسف عليه السلام کي کوھ ۾ ڦٽو ڪرائي غلام بنائي قيد ڪرائڻ، حضرت ايوب عليه السلام کي مرضن ۾ مبتلا ڪرڻ، حضرت يونس عليه السلام کي مڇي جي پيٽ ۾ رکڻ، حضرت زڪريا عليه السلام کي آري سان چيرائڻ، پنهي جهانن جي سردار حضرت محمّد صلي الله عليه وسلم سان ڪافرن جو ورتاءُ، هجرت تي مجبور ڪرڻ، شِعب اَبِي طالب ۾ محاصرو ڪرائڻ، طائف جي ميدان ۾ زخمن سان چُور چُور ڪرائڻ، سندن چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه کي بي دردي سان شهيد ڪرائڻ، صحابه ڪرام ۽ اسلامي لشڪر جي جانثارن تي ظلم ۽ تشدد جي انتها ۽ ڪربلا جي ميدان ۾ حق ۽ باطل جو معرڪو اهي سڀ اهڙا ته راز آهن جن کي صرف بي نياز بادشاھ ئي سمجهي سگهي ٿو. جنهن جو اشارو شاھ سائين رحمة الله عليه، مٿين بيت ۾ "اِنَهين مَنجهه آهي، ڪا اُونهي ڳالهه اِسرار جي" جي صورت ۾ ڏنو آهي.

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان اها شاهدي پڻ ملي ٿي ته الله تعاليٰ پنهنجي پيارن محبوب مؤمنن سان سندن جانين ۽ مال جي بدلي ۾ جنت جو سودو ڪري ڇڪو آهي، ان ڪري پوءِ جيڪڏهن مالڪ عطا ڪيل جان موٽائي وٺي يا ان کي پنهنجي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري ته اهو ان جو اختيار آهي:

اِنَّ اللهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ يُقْتَلُوْنَ ۫ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِي التَّوْرٰىةِ وَ الْاِنْجِيْلِ وَ الْقُرْاٰنِ ؕ وَمَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ



www.sindhsalamat.com

مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۱﴾ (128)

ترجمو: الله مؤمنن کان سندن سر ۽ سندن مال هِن ڪري ڳڌا جو پڪ بهشت انهن لاءِ آهي، (اهي) اُن (انجام) تي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن پوءِ ماريندا (به) آهن ۽ ماربا (به) آهن. (ان) جو انجام توريت ۽ انجيل ۽ قرآن ۾ پڪي طرح ٺهيل آهي ۽ الله کان وڌيڪ پنهنجي انجام کي پورو ڪندڙ ڪير آهي؟ پوءِ جنهن سودي جو اوهان پنهنجو واپار ڪيو آهي تنهن تي خوش ٿيو ۽ اِهائي وڏي مُراد ماڻڻ آهي.

ڀٽائي ﷫، ڪربلا جي ميدان ۾ هٿياربند سورهن جي جهاد لاءِ تياري ۽ شهادت جي شوق واري منظر جي عڪاسي ڪندي ارشاد ٿو فرمائي ته هٿيار صاف ڪندڙ آيا آهن، جيڪي ترارين کهاڙين چمڪائي اوجل پيا ڪن. سورهن جي هٿن ۾ نيزا آهن ۽ انهن کي ڪلهن تان هيٺ نٿا لاهن، هي شهادت جا شائق مرڻ لاءِ تيار بيٺا آهن:

آيـــا اُجــــارين، تنـــڪ ترَاريـــون، تِئَـــرا،
سانگيون، سائُن هَـٿ ۾ ڪُلهنئون نـه لاهـين،
اُيــــائي آهـــين، مُهـــائي مَـــرَڻَ تـــي. (129)

جڏهن ته ساڳي قسم جي رهنمائي اسان کي رب ڪريم پاران قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي. جنهن ۾ اسلامي لشڪر جي مجاهدن کي لڙائي لاءِ هٿيار (تنڪ ترارين تئرا) ۽ بچاءَ جو سامان ڪٽي نڪرڻ لاءِ تاڪيد فرمايل آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا خُذُوْا حِذْرَكُمْ فَانْفِرُوْا ثُبَاتٍ اَوِ انْفِرُوْا جَمِيْعًا ﴿۷۱﴾ (130)

ترجمو: اي ايمان وارؤ پنهنجي بچاءَ جو سامان وٺو پوءِ لڙائي لاءِ ٽولي ٽولي ٿي نڪرو يا گڏجي نڪرو.

شاھ لطيف ﷫ جنگ جي ميدان ۾ مجاهدن کي سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ دل مان وسوسا ۽ وهم ڪڍي دشمن کي پالا هڻڻ ۽ مقابلي دوران ڍال بجاءِ تلوار جي وار ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمايو آهي:

سُورهِا! مَرين سوڀ کي، تـه دل جا وَهـم وِسار،
هَـــڻ پـــالا، وڙهُ پـــاڪُرين، آڏي ڍَال مَ ڍَار،
مَٿـــان تيــغ تـــرارِ، مَارِتـــه مَتـــارو تِئَـــين. (131)



www.sindhsalamat.com

ڀٽائي ﷫ پاران هن بيت ۾ ماريل متاري ٽيڻ واري ڏنل صلاح اسان کي رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ جنگ دوران دشمنن جي گردنن کي ڪاٽڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

فَإِذَا لَقِيتُمُ الَّذِينَ كَفَرُوا فَضَرْبَ الرِّقَابِ ؕ (132)

ترجمو: پوءِ جڏهن اوهين ڪافرن سان جنگ ڪريو تڏهن (انهن جون) گردنيون ڪٽيو.

اسان کي اهڙي قسم جي هڪ ٻي آيت بہ قرآن ڪريم ۾ هن ريت ملي ٿي، جنهن ۾ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪرڻ (وڙهڻ) ۽ دشمنن کي مارڻ (ڪُهڻ) جو حڪم وڌيڪ وضاحت سان ڏنل آهي:

وَقَاتِلُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ الَّذِينَ يُقَاتِلُونَكُمْ وَلَا تَعْتَدُوا ۚ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِينَ ﴿١٩٠﴾ وَاقْتُلُوهُمْ حَيْثُ ثَقِفْتُمُوهُمْ (133)

ترجمو: جيڪي اوهان سان وڙهن تن سان الله جي واٽ ۾ وڙهو ۽ حد کان نہ لنگهو ڇو تہ الله حد کان لنگهندڙن کي پيارو نہ رکندو آهي ۽ جتي لهوَ تِتي ڪُهوَ.

شاهہ سائين ﷫ جنگ جي شائق سورهن پاران الله جي راهہ ۾ سر قربان ڪرڻ واري ڪيفيت لاءِ قرآني فڪر جي ترجماني ڪندي شهيدن لاءِ انعام طور جنت ۽ حورن پاران هار پارائڻ جي خوشخبري هن ريت ڏني آهي:

ڪوپا ڪِلي ڪوڏيا، راوَتَ ڪين رَهن،
سائن سِر فِدا ڪيا، اڳيان اِمامَنِ،
"يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ" ڪم اِهوئي ڪَنِ،
حُورُوُن هار بَڌَن، سهرا شهيدنِ ڪي. (134)

الله جي رستي ۾ جهاد ڪندڙن لاءِ رب ڪريم پاران قرآن ڪريم مان بہ جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان ۾ مجاهدن لاءِ وڏي مرتبي ۽ مراد ماڻڻ سان گڏ الله تعاليٰ جي راضپي ۽ جنت جي خوشخبري پڻ ڏنل آهي:

الَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنفُسِهِمْ أَعْظَمُ دَرَجَةً عِندَ اللَّهِ ۚ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْفَائِزُونَ ﴿٢٠﴾ يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُم بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَجَنَّاتٍ لَّهُمْ فِيهَا نَعِيمٌ مُّقِيمٌ ﴿٢١﴾ (135)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: جن مجيو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيو سي الله وٽ مرتبي ۾ بلڪل وڏا آهن ۽ اُهي مُراد ماڻڻ وارا آهن. انهن کي سندن پالڻهار پاڻ وٽان ٻاجهه ۽ راضپي ۽ انهن باغن (جنت) جي خوشخبري ڏئي ٿو جن ۾ انهن لاءِ سدائين نعمتون آهن.

ڀٽائي رحمة الله عليه، ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي لشڪر جي هڪ سوار حُر پاران امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه سان جهاد ۾ شامل ٿي جان جي نذراني پيش ڪرڻ واري منظر ۽ قرآن ڪريم ۾ هر ڪنهن انسان کي وس آهر تڪليف ڏيڻ جي باري ۾ آيل آيت کي هن ريت نقل فرمايو آهي:

هُئــي هِــدايت حُــر ڪــي، اَزلَ ۾ اَصــلا.
چَڙهــي آئيــو جَنــگ تــي، هَلــي هُــنَ پــارا.
ايندي ڇَيائين اِمَام کي: ”گهـورَيُس آن مَٿـاءُ“
”لَايُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفسًا اِلَّاوُسْعَهَا“ جيڪا پُڄنديَم سا،
گهوٽ نہ لڳا گهاءَ، سو پڻ شيرُ شَهِيدُ ٿيـو. (136)

شاھ سائين رحمة الله عليه، هن بيت ۾ قرآن ڪريم جي جيڪا آيت حوالي طور بيان فرمائي آهي اها قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:

لَايُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّاوُسْعَهَا لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ (137)

ترجمو: الله ڪنهن کي سندس وس ڌاران تڪليف نہ ڏيندو آهي. جيڪي (چڱو) ڪمايائين سو سندس (فائدي) لاءِ آهي ۽ جيڪي (بڇڙو) ڪمايائين سو مٿس آهي.

شاھ لطيف رحمة الله عليه، حُر طرفان آل اولاد، مٽن مائٽن، مال ۽ يزيد جي لشڪر ۾ عزت ۽ مرتبي کي ڇڏي الله ذوالجلال ۽ رسول الله ﷺ جي رضا لاءِ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي لشڪر ۾ اچي عشق واري آگ (باهہ) ۾ پرواني وانگر جان قربان ڪرڻ واريءَ ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

حُــر هَلــي آئيــو مَــانجهي مَردانــو:
آهيــان عاشِــقُ آڳَ جــو پَتَنــگُ پَروانــو
مـانَ راضـي ٿئـي رَسـولُ رَب جـو نَبـي تـو نـانو
هيءُ سَرُ سَمانو گهوٽَا! مَٿان ٿـي گهوريـان. (138)



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين ﷬، هن بيت ۾ حُر جي جنهن قربانيءَ جو ذڪر فرمايو آهي اها سان ڪي قرآن ڪريم جي هن مبارڪ آيت جي تشريح نظر اچي ٿي، جنهن ۾ اها هدايت فرمايل آهي تہ مؤمنن کي جهاد جي محبت گهروارن، آل، اولاد، مال ۽ واپار کان وڌيڪ هئڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ جهاد بجاءِ گهر، آل، اولاد ۽ مال کي ترجيح ڏيڻ وارن لاءِ الله تعاليٰ جي عذاب ۽ گمراهيءَ جي خبر ڏنل آهي:

قُلْ اِنْ كَانَ اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَاَمْوَالُ ۨ اقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ۭ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ (139)

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جو اولاد ۽ اوهان جا ڀائر ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اُهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن کي پسند ڪريون ٿا سي اوهان کي الله ۽ سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن تہ (ايسين) ترسو جيسين الله پنهنجو عذاب آڻي ۽ الله بي دين قوم کي (سڌو) رستو نہ ڏيکاريندو آهي.

ڀٽائي ﷬، ڪربلا جي ميدان ۾ چند هٿين خالي حق پرستن پاران باطل جي هٿياربند لشڪر سان جيڪا جنگ جاري هئي، ان دوران اسلامي لشڪر جي جانثارن جي جرئت ۽ بهادريءَ کي هن ريت بيان ڪندي نظر اچي ٿو:

ڪامِلَ ڪربَلا ۾، آيا جُنگُ جُوان،
ڏَرتي ڏُٻي، لَرزِي، ٿَرٿليا آسمانَ،
ڪَرہ هُئي ڪانَ، هو نَظارو نينهن جو. (140)

ڪاملن پاران ڪربلا جي ميدان ۾ نينهن جي جنهن نظاري جو ذڪر شاهہ سائينءَ فرمايو آهي، ان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ الله تعاليٰ سندس واٽ ۾ صفون ٻڌي جرئت ۽ بهادريءَ سان وڙهندڙن کي پنهنجي محبت نصيب فرمائيندو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ مَّرْصُوْصٌ ﴿٤﴾ (141)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: بيشڪ الله انهن کي دوست رکندو آهي، جي سندس واٽ ۾ (اهڙي) صف ٻڌي وڙهندا آهن (جو) ڄڻڪ اهي هڪڙي سيهي پلتيل ڀت آهن.

شاهه سائين ﷫، سورهين پاران جنگ جي ميدان ۾ سانده وڙهڻ، ڏک هڻڻ، گهوڙن کي هڪلي ساٿين جي سار لهڻ ۽ رُڪ جي هٿيارن سان ويڙهه جي منظر کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

هَڻڻ هَڪلڻ، ٻيلي سارڻُ، مانجهيان اِيُ مَرڪُ،
وَجهن تان نه فَرَقُ، رُڪَ وَهنديءَ راند ۾. (142)

جڏهن ته قرآن ڪريم ۽ اسلامي تاريخ به جنگ جي ميدان ۾ مجاهدن جي گهوڙن جي همت ۽ عظمت تي شاهد آهي، نه رڳو ايترو بلڪ الله تعاليٰ پاران قرآن ڪريم ۾ مجاهدن جي گهوڙن جي ڊوڙڻ، پٿرن تي نعلن هڻڻ ۽ دشمنن جي وچ ۾ ڪاهي پوڻ واري منظر کي پڻ بيان فرمايو ويو آهي:

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ﴿١﴾ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ﴿٢﴾ فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ﴿٣﴾ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ﴿٤﴾ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ﴿٥﴾ (143)

ترجمو: هانبارو هڻي ڊوڙندڙن گهوڙن جو قسم آهي، پوءِ پهڻن تي نعلن هڻڻ سان چڻگن ڪڍندڙن (گهوڙن) جو قسم آهي، جو ان مهل ٺي اٿارين، پوءِ اُن گهڙيءَ (دشمن جي) ٽوليءَ جي وچ ۾ پون.

ڀٽائي ﷫، الله تبارڪ وتعاليٰ جي واٽ ۾ وڙهندڙ مجاهدن جي شان کي بيان ڪندي جنت الفردوس ڏانهن سندن راهي ٿيڻ ۽ رب ڪريم جي ذات ۾ سندن فنا ٿيڻ جي ڪيفيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

جَنت سندين جُوءِ، فَائق هَليا فردوس ڏي،
فَاني ٿيا فِي الله ۾، هُوءِ سين ٿيا هُوءِ،
رَب! ڏيکارئين رُوءِ، اُنين جي اِحسان سين! (144)

شاهه سائين ﷫ جو فائقن پاران جنت الفردوس ڏي هلڻ وارو هيءُ اعلان به قرآن ڪريم جي هن سڳوريءَ آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿو جنهن ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ مجاهدن لاءِ جنت جي باغن جي تياري ۽ وڏي مراد ماڻڻ جو اعلان فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ وَ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۸۸﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۸۹﴾ (145)

ترجمو: پر پيغمبر ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جندن سان جهاد ڪيو ۽اهي اُهي آهن جن لاءِ چڱايون آهن ۽ اُهي ئي ڇٽل آهن، انهن لاءِ الله اهڙا باغ تيار ڪيا آهن، جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

## حوالا


(1) شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ اسلامي قدر- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، صفحو 56 شاھ لطيف ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1967ع

(2) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سر ڪلياڻ داستان 1_5 صفحو 133، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(3) قرآن عظيم- ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الاعراف آيت 158، پاره 9 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(4) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سرڪلياڻ داستان 1_4 صفحو 133، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(5) قرآن عظيم- ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الجمعہ آيت 2 پاره 28 صفحو 667، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(6) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سرڪلياڻ داستان 1_7 صفحو 133، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(7) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الحجرات آيت 15، پاره 26، صفحو 622، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(8) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت النور آيت 52 پاره 18 صفحو 430، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(9) شاھ جو رسالو جلد 8—9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سرڪلياڻ داستان 1_10 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(10) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 2_9 صفحو 254 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(11) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمران آيت 31، پاره 3 صفحو 66 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(12) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُريمن داستان 5_13




www.sindhsalamat.com

صفحو 163 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(13) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت المائده آيت 92 پاره صفحو 149, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(14) شاهہ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سريمن داستان 5_14 صفحو 123, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(15) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت الانفال آيت 19 پاره 9 صفحو 216, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(16) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سري راڳ داستان 1_8 صفحو 194, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(17) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت الاحزاب آيت 47, پاره 22, صفحو 510 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(18) شاهہ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سري راڳ, داستان 1_14 صفحو 194, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(19) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت الانفال آيت 33 پاره 9, صفحو 218, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(20) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سري راڳ داستان 1_ 23 صفحو 196, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(21) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت آل عمران آيت 159, پاره 4 صفحو 87 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(22) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر آسا داستان 3_16 صفحو 462 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(23) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر آسا داستان 3_14 صفحو 462, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 16999ع

(24) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت الانفال آيت 132 پاره 8 صفحو 174, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(25) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر آسا داستان 3_18 صفحو 462 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(26) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت آل عمران آيت 120 پاره 4 صفحو 80, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(27) شاهہ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر آسا داستان 3_15 صفحو 462, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(28) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت نبي اسرائيل آيت 45, پاره 15, صفحو 345 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(29) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽيـ سورت الاحزاب آيت 57, پاره 22,



www.sindhsalamat.com

صفحو 513, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سوت اللهب پاره 30, صفحو 731, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(31) شاھ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 9_5 صفحو 244 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(32) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبه آيت 61 پاره 10 صفحو 237 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) شاھ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر حسيني داستان 3_13 صفحو 346, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(34) قرآن عظيم-ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت النساءِ آيت 97, پاره 5 صفحو 115تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(35) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت النساءَ آيت 110 پاره 5 صفحو 115 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُرڪليان داستان 1_21 صفحو 135, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(37) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الاخلاص آيت 1_2 پاره 30 صفحو 731 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الصف آِت 6, پاره 28, صفحو 665, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(39) شاھ جو رسالو جلد8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول, داستان 2_11 صفحو 245, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(40) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمران آيت 81, پاره 3 صفحو 74, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(41) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمران آيت 164, پاره 3, صفحو 87, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(42) شاھ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 2_5 صفحو 244 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(43) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبه آيت 61, پاره 10 صفحو 237, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(44) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت البقره آيت 19 پاره, 1 صفحو 24, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(45) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 2_4 صفحو 244 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(46) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 2_3



www.sindhsalamat.com

صفحو 244 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(47) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت التوبہ آيت 28، پاره 11 صفحو 250، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(48) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر بلاول داستان 3 وائي 2 صفحو 246 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(49) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الحديد آيت 28، پاره 27، صفحو 651، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(50) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سور سارنگ، داستان 3 وائي صفحو 545 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(51) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الاحزاب آيت 21، پاره 21، صفحو 506، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(52) سيرت النبي ﷺ علامہ شبلي نعماني جلد 3 صفحو 409 دارالاشاعت ڪراچي 1975ع
(53) سيرت النبي ﷺ علامہ شبلي نعماني جلد 3 صفحو 410 دارالاشاعت ڪراچي 1975ع
(54) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر ڪنيات، داستان 1۔23 صفحو 174 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(55) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الاحزاب آيت 45۔46، پاره 22 صفحو 510، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(56) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُرڪنيات داستان 2۔12 صفحو 175، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(57) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر ڪنيات داستان 2 بيت 13 صفحو 175، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(58) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الجمعہ آيت 2 پاره 28، صفحو 667، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(59) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الشوريٰ آيت 52۔53 پاره 25، صفحو 588، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(60) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر ڪنيات داستان 1۔1 صفحو 172، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(61) سير النبي ﷺ علامہ شبلي نعماني جلد 3 صفحو 417، دارالاشاعت ڪراچي 1975ع
(62) شاهہ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُرڪنيات، داستان 22 صفحو 174 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(63) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت النجم آِت 1۔2 پاره 27



www.sindhsalamat.com

صفحو 635، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(64) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر بروو داستان 1_3 صفحو 188، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(65) شاهہ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر بروو داستان 1_3 صفحو 188 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(66) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النجم، آيت 8 پاره 27، صفحو 633، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(67) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_سورت الرحمان آِت 26، پاره 27، صفحو 640، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(68) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت البقره آيت 257، پاره 3، صفحو 53، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(69) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الاعراف النجم آيت 17، پاره 27، صفحو 633، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(70) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النجم آيت 17، پاره 27، صفحو 633، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(71) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النجم آيت 18 پاره 27 صفحو تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(72) رياض الصالحين_ امام محي الدين ابي زڪريا بن شرف نووي جلد اول حديث 386 صفحو 791، دارالاشاعت اردو بازار ڪراچي 2002ع
(73) رياض الصالحين_ امام محي الدين ابي زڪريا بن شرف نووي جلد اول حديث 386 صفحو 791، دارالاشاعت اردو بازار ڪراچي 2002ع
(74) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سارنگ داستان 3 وائي 1، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(75) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت بني اسرائيل آيت 1 پاره 15، صفحو 340، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(76) شاهہ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سورٺ داستان 2_3 صفحو 407 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(77) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت بني اسرائيل آيت 60، پاره 15، صفحو 347، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(78) شاهہ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ_ سُر سورٺ، داستان 3_3 صفحو 407 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(79) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت بني اسرائيل آيت 39 پاره، صفحو 345، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(80) شاهہ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر سورٺ، داستان 1_3



www.sindhsalamat.com

صفحو 407 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(81) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت بني اسرائيل آيت 79, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(82) سنن ابن ماجہ جلد 1, باب اقامہ الصلواه حافظ ابي عبدالله حديث 899 صفحو 311, مڪتبہ العلم لاهور
(83) شاهہ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر ديسي داستان, 6_22 صفحو 328 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(84) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الحديد آيت 28, پاره 27, صفحو 651, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(85) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر بروو داستان1, وائي 1 صفحو 184, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(86) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الممتحنہ آيت 12, پاره 28, صفحو 664, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(87) قرآن عظيم ۔ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الدهر, آيت 21, پاره 29, صفحو 702 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(88) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سر بروو داستان 2 وائي 1 صفحو 246, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(89) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت النساءِ آيت 64, پاره 5 صفحو 108, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(90) شاهہ جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر بلاول, داستان 3 وائي صفحو 248, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(91) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت مريم, آيت 87, پاره 16, صفحو 375, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(92) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر بروو داستان وائي 2 صفحو 185, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(93) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر راڻو داستان 1 وائي صفحو 368, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(94) تجريد بخاري۔ جلد 1 امام محمد بن اسماعيل بخاري, حديث 1042 صفحو 676, دارالاشاعت ڪراچي 1401 هجري
(95) شاهہ جو رسالو 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر مارئي داستان 9 وائي صفحو 730, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(96) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي۔ سورت الڪوثر آيت 1_2 پاره 30 صفحو 730, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(97) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ۔ سُر حسيني داستان 3_14,



www.sindhsalamat.com

صفحو 346، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(98) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبه آيت 100، پاره 11 صفحو 245، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(99) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبه آيت 40، پاره 10، صفحو 234، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(100) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول، داستان 2 صفحو 244 وائي علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(101) حڪايات صحابہ- مولانا محمد زڪريا باب 7 صفحو 75 ناشران قرآن لاهور 1981ع
(102) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول، داستان 2_11صفحو 245 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(103) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 3 وائي صفحو 248، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(104) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الانبيا آيت 107، پاره 17 صفحو 399، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(105) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سُر مارئي داستان 11 وائي 1 صفحو 507 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(106) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبہ آيت 128، پاره 11، صفحو 250، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(107) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر سهڻي، داستان 4_5 صفحو 517 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(108) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت آل عمرن آيت 159، پاره 4 صفحو 87، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(109) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر راڻو داستان 1_4 صفحو 385 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(110) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت التوبه آيت 61، پاره 10، صفحو 237، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(111) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول داستان 2_10 صفحو 245، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(112) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُربلاول، داستان 2 بيت 12 صفحو 245 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع
(113) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي- سورت الاحزاب آيت 40، پاره 22 صفحو 510، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(114) شاھ جو رسالو جلد 8_9، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سُر بلاول، داستان 2_16



www.sindhsalamat.com

صفحو 245 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(115) سيرت النبي جلد 8_9، سيد سيلمان ندوي، باب ختم نبوت، صفحو 472، دارالاشاعت ڪراچي 1342ع
(116) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ_ سُر ڪاپاٽتي داستان 2_17، صفحو 240 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(117) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت سبا آيت 28، پاره 22 صفحو 519، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(118) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_سورت النساءِ آيت 79_80، پاره 5، صفحو 111، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(119) شاھ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُر ڪيڏارو داستان 1 بيت 5_ صفحو 316
(120) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت البقره آيت 154 پاره 2 صفحو 30
(121) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت آل عمرن آيت 169 پاره 4 صفحو 88
(122) شاھ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُر ڪيڏارو داستان 2 بيت 2 صفحو 316
(123) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الاانفال آيت 15 پاره 9 صفحو 216
(124) شاھ جو رسالو_ هوتچند مولچند گربخشاڻي_ سُر ڪيڏارو داستان 2 بيت 9_ صفحو 368
(125) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الفرقان آيت 2 پاره 18_ صفحو 433
(126) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت القمر آيت 49_50 پاره27 صفحو 638
(127) شاھ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي،سُر ڪيڏارو داستان 5 بيت 2_ صفحو 317
(128) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت التوبه 111 پاره 11_ صفحو 247
(129) شاھ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُر ڪيڏارو داستان 3 بيت 2_ صفحو 317
(130) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت النساءِ آيت 71 پاره 5_ صفحو 109
(131) شاھ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُر ڪيڏارو داستان 5 بيت5_ صفحو 322
(132) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت محمد آيت 4 پاره 26 صفحو 610
(133) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت البقره 90_91 پاره 2_ صفحو 37



www.sindhsalamat.com

(134) شاهہ جو رسالو – ڪلياڻ آڏواڻي، سُرڪيڏارو داستان 6 بيت 3_ صفحو 324
(135) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت التوبه آيت 20 پاره 10_ صفحو 229
(136) شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُرڪيڏارو داستان 5 بيت17_ صفحو 322
(137) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت البقره آيت 286 پاره 3_ صفحو 61
(138) شاهہ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي، سُرڪيڏارو داستان 5 بيت 6_ صفحو 322
(139) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت التوبه آيت 24 پاره 10_ صفحو 32
(140) شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُرڪيڏارو داستان 2 بيت4_ صفحو 317
(141) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت الصف آيت 4 پاره 28 صفحو 665
(142) شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي، سُرڪيڏارو داستان 3 بيت 3_ صفحو 318
(143) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت العاديات آيت 1_5 پاره 30 ص 272
(144) شاهہ جو رسالو_ ڪلياڻ آڏواڻي ايم_ اي، سُرڪيڏارو داستان 6 بيت 4_ صفحو 324
(145) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي_ سورت التوبه آيت 98_88 پاره 10_ صفحو 243



www.sindhsalamat.com

باب نائون

# شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ عبادت ۽ بندگي

## الله جي عبادت ۽ بندگي

سنڌ جو سداحيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جيئن تہ انسانيت جو مرشد ۽ رهبر هو انڪري هو سڀ ديني فرض پوريءَ پابنديءَ سان ادا ڪندو هو. ڪيس هر وقت اهو فڪر هوندو هو تہ متان ماڻهو سندس روحاني راز ۽ صوفياڻيون رمزون سمجهي نہ سگهن ۽ گمراهہ ٿي ڀنهي جهانن جي نعمتن کان محروم ٿي وڃن.

ان ڪري پنهنجي ڪلام ۾ انسان کي سندس پيدائش جي مقصد يعني عبادت ۽ بندگيءَ جي اهميت کان آگاھ فرمايو اٿس. شاھ سائين انسان جي ان حق ڏانهن رهنمائي ڪئي آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي ۽ خالق جي مقام ۽ مرتبي کي سڃاڻي سگهي:

انا عَبدَ مَعبُود، تون، اِت شرڪ نَڪو شڪُ،
ٻَچارون ٻِرين جون مَحبتين مَرَڪُ
سو سيئيي حق، جنهہ ۾ پَسڻ پرينءَ جو[1]

هن بيت ۾ شاھ سائين ﷫، انسان جي پاڻهپ عبد ۽ خالق جي معبود پاڻهپ جي لائق ڏٺي هجڻ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي اهو هن قرآني آيت جي منظوم ترجمي جي حيثيت رکي ٿو:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَ الْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ ﴿۵۶﴾[2]

ترجمو: ۽ جنن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجيءَ عبادت ڪرڻ لاءِ پيدا ڪيوسون.



www.sindhsalamat.com

شاهه سائين ﷫، سُپرينءَ کي سجاڻيندڙن جو تعارف ڪرائيندي وضاحت فرمائي آهي تہ انهن ٻانهن جي ٻانهپ جي ڪابہ حد نہ آهي:

نَڪا اِبتدا عَبد جي، نَڪا اِنتها،
سي وَڃڻ ڪي وٽا، جَن سُڃاتو سُپرين [3]

عبديت جي ابتدا ۽ انتها جي باري ۾ خدائي فرمان آهي تہ انسان زندگيءَ ڀر تہ عبادت ڪندو رهي ليڪن مرڻ گهڙيءَ تائين بہ ڪيس سُپرين جي سڃاڻ هئڻ گهرجي:

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ [4]

ترجمو: ۽ ايستائين پنهنجي پالڻهار جي عبادت پيو ڪر جيسين توکي موت پهچي.

يعني عبد جي ٻانهپ جاري رهڻ گهرجي، زندگي جيڪڏهن ختم ٿئي ٿي تہ بيشڪ ختم ٿي وڃي، ليڪن عبد جي انتها نہ هئڻ گهرجي.

ڀٽائي ﷫، بارگاهہ الاهيءَ ۾ بندگي ڪندي مِهر جي نظر نہ لاهڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

تون صاجزادو سُپرين، آءٌ نسورو نوڪرُ،
بيحد ڪريان بندگيون، هَٿ ٻڌي حاضُرُ،
ڇنان، هڏ نہ ڇڏيان، دوست تنهنجو دَرُ
مون تان مِهرُ نَظَرُ، پرين لاهِ مَ پاهنجو. [5]

قرآن مجيد مان بہ اسان کي رب ڪريم جي ڏمر عذاب کان بچڻ يعني مهر نظر لاءِ عبادت جو حڪم هن ريت ملي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿٢١﴾ [6]

ترجمو: اي ماڻهو پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جي اوهان کان اڳ ۾ هئا تن کي پيدا ڪيو تہ من اوهين ڊڄو.

شاهہ سائين ﷫، پنهنجي ڪلام جي مختلف سُرن ۽ ڪردارن جي حوالي سان بيشمار بيتن ۾ انسان جي هدايت ۽ رهبريءَ لاءِ نصيحت ڀريا نڪتا بيان فرمايا آهن، سُر ڪاپائتيءَ ۾ شاهہ انسان کي زندگيءَ جو اصلي مقصد ڳنڍڻ (عبادت ڪرڻ) جي ياد ڏياريندي هدايت ٿو فرمائي:



www.sindhsalamat.com

جان ڳتين تان ڳت، هيءَ هڏ وهاڻي
ڳاپائتي سيڪا ڳتي سِيباڻي
ڄاڻتو جن ڄاڻي، تن هَٿان ڀِي نہ ڇڏي. (7)

ڀٽائي عبادت وارا ڏينهن غفلت ۾ گذارڻ يعني جواني ۽ تندرستيءَ واري عمر نافرمانيءَ ۾ گذاري پيريءَ ۾ عبادت جي سوچيندڙ کي فرمائي ٿو تہ تون هاڻي تند ڪيئن پسي سگهندين، ڇوجو هاڻي تون عمر رسيده ڪمزور ۽ لاچار ٿي چڪو آهين:

سي تو وَهيءَ وڃائيا، جي ڳتڻ سندا ڏينهن،
آرت اوڏيائي نہ ويجين، پوري پوري سيئن،
تَندُ پَسندينءَ ڪِيئن، هاڻي تون وَڏي ٿئين. (8)

جڏهن تہ قرآن ڪريم مان بہ اسان کي رب ڪريم جي عبادت ۽ بندگيءَ جو سبق هن ريت ملي ٿو:

إِنَّ اللهَ رَبِّيْ وَرَبُّكُمْ فَاعْبُدُوْهُ ۗ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ (9)

ترجمو: بيشڪ الله ئي منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهن ڪري سندس عبادت ڪريو اها سڌي واٽ آهي.

ڀٽائي ﷬، رب ڪريم جي پاڪ ذات (سُبحان) جي سيوا ڪري ماڻڪ ۽ موتي ميڙڻ جو صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

سيوا ڪرِ سُبحان جي، جت جروهي تو جال،
سوين وهن سمونڊ ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مليئي مال، تہ پونجيارا پُر ٿئين. (10)

اڳتي هلي شاهہ سائين ﷬، پونجيارن کي ٻيڙين ۾ ٻانهپ (بندگي) جي وکر وجهڻ جي صلاح ڏيندي معرفت جي سچن موتين جي واپار ۽ توبهہ جي ترغيب هن ريت ڏني آهي:

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وَکر وِڌائون،
موتي معرفت جا سچا سوديائون،



www.sindhsalamat.com

اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لاَ ذَنْبَ لَهٗ، اي ڪت ڪتيائون.
اُنـي جـي آئـون، برڪـت ٻـار لنگهائيـان. [11]

رب ذوالجلال جي پار کان بہ سبحان جي سيوا ڪندڙن ۽ ٻانهپ جي وکر وهائيندڙن لاءِ (کٽ کتيائون) نفعي جي خوشخبري هن ريت ڏنل آهي:

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾ [12]

ترجمو: اهي توبه ڪندڙ عبادت ڪندڙ ساراهه ڪندڙ (خدا جي واٽ ۾) مسافري ڪندڙ رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ چڱائيءَ جو حڪم ڪندڙ ۽ مدائي کان جهليندڙ ۽ الله جي حدن کي نگاهه ۾ رکندڙ ۽ (اهڙن) مؤمنن کي خوشخبري ڏي

ڀلاري ڀٽائي رحمة الله عليه انسان کي انئي پهر عاجزي ۽ انڪساريءَ سان عبادت ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ڪاميابيءَ جي خوشخبري هن ريت ڏني آهي:

انئـي پهـر ارٽ سين، جـي ڳـتن ۽ ڳنـبن،
تـن جـو صـرافن، ڦـورو ڦولئـو ڪينـڪين. [13]

الله تعاليٰ ٻاران بہ انسان کي عبادت لاءِ محنت ڪرڻ ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن دل لڳائڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿۷﴾ وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿۸﴾ [14]

ترجمو: تنهن ڪري جڏهن واندو ٿئين تہ عبادت لاءِ محنت ڪر ۽ خاص پنهنجي پالڻهار ڏانهن دل لڳاءِ.

اڳتي هلي قرآن ڪريم ۾ عبادت ۽ ڀلائيءَ جا ڪم ڪندڙ ٻانهن لاءِ ڪاميابيءَ جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَاعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَافْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۷۷﴾ [15]

ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪريو ۽ چڱا ڪم ڪريو تہ من اوهين ڇٽو.

هيءُ خدائي اعلان انهن ٻانهن لاءِ آهي جن لاءِ شاهه سائينءَ "تن جو صرافن ڦورو ڦولئو ڪينڪين" جو اعلان فرمايو آهي، جن ٻانهن خلوص دل سان ٻانهپ جو حق ادا ڪيو انهن لاءِ شاهه سائين سون جهڙي قيمتي نفعي



www.sindhsalamat.com

جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

ٽُنبائي تاڪيد سين، جن پچايو پاءُ،
لَسي تند لطيف چئي، هلي تن هٿاءُ،
مَلمَل منجهان ماءُ، جي سِڪيون تن سون ڪٿو.[16]

اهڙن ٻانهن کي قرآن ڪريم ۾ الله جي خاص ٻانهن جي لقب سان ياد ڪيو آهي ۽ انهن لاءِ جنت جي باغن جي خوشخبري هن ريت ذڪر ڪيل آهي:

إِلَّا عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ۝ أُولَٰئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُومٌ ۝ فَوَاكِهُ ۖ وَهُم مُّكْرَمُونَ ۝ فِي جَنَّاتِ النَّعِيمِ ۝[17]

ترجمو: پر الله جا خاص ٻانها (عذاب کان بچندا) انهن لاءِ روزي مقرر (ٿيل) آهي. قسمين ميوا ۽ اهي عزت وارا آهن. نعمت وارن باغن ۾ يعني اهي جنت جي باغن ۾ هوندا.

ڀٽائي ﷫، من ۾ محبت پائي عبادت ۽ بندگي ڪندڙ ٻانهن لاءِ رب ڪريم جي پار کان سندن بخشش ۽ مغفرت جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

محبت پائي مَن ۾، رَنديا روڙيا جن،
تَنِ جو صرافن، آڻتورئو اگهائيو.[18]

من ۾ محبت رکندڙ لاءِ اسان کي قرآن ڪريم مان بہ رهنمائي ملي ٿي، الله سان محبت رکندڙن کي گهرجي تہ رسول الله جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن، جنهن جي نتيجي ۾ سندن روڙيل رنڊيا صرافن وٽ قبول بہ پوندا ۽ ڪين بخشڻهار وٽان بخشش بہ نصيب ٿيندي:

قُلْ إِن كُنتُمْ تُحِبُّونَ اللَّهَ فَاتَّبِعُونِي يُحْبِبْكُمُ اللَّهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ ۗ وَاللَّهُ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝[19]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ جي اوهين الله کي دوست رکندا آهيو تہ منهنجي تابعداري ڪريو تہ الله توهان کي دوست رکندو ۽ اوهان جا گناھ اوهان کي بخشيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

من ۾ محبت پائي مغفرت ۽ بخشش جي خوشخبري ماڻيندڙن جي تعارف بعد شاھ سائين من ۾ منافقت ۽ کوٽ رکي سنهو سٽ ڪتيندڙن جي ناڪامي ۽ سندن محنت جي برباد ٿيڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

چائـسـت پـائـي چـت ۾، سـنـھون ڪِتـو جـن،
تـن جـو صـرافن، ڏُڪـو داخـل نـہ ڪـئـو. (20)

چِت ۾ چائت پائي سنھون ڪتيندڙن جي صرافن وٽ ڏڪي داخل نہ ٿيڻ جو اعلان اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ھن ريت ملي ٿو:

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمُ اتَّبَعُوْا مَآ اَسْخَطَ اللّٰهَ وَ كَرِهُوْا رِضْوَانَهٗ فَاَحْبَطَ اَعْمَالَهُمْ ﴿۲۸﴾ (21)

ترجمو: (اھا سزا) ھن ڪري آھي تہ جنھن شيءِ الله کي ڏمرايو تنھنجي پٺيان لڳا ۽ سندس رضامنديءَ کي ناپسند ڪيائون تنھن ڪري (خدا) سندن عملن کي چٽ ڪيو.

ڀٽائي ﷫ جو ھيءُ اعلان:

چائـت پـائي چِـت ۾، سـنھون ڪِتـو جـن،
تـن جـو صـرافن، ڏڪـو داخـل نـہ ڪـئـو.

قرآن ڪريم جي عملن کي ناس ڪندڙن جي باري ۾ آيل آيت جي منظوم تفسير جي حيثيت رکي ٿو.

## پرھيزگاري (تقويٰ)

انسان جي دل ۾ پرھيزگاريءَ جي احساس کي تقويٰ چيو ويندو آھي. تقويٰ ذريعي انسان الله تعاليٰ جي خوف کي سامھون رکندي گناھن ۽ بُرن ڪمن کان بچي نيڪ عملن ڪرڻ جي توفيق حاصل ڪندو آھي.

ڀٽائي ﷫، بہ پنھنجي ڪلام ۾ تقويٰ يعني پرھيزگاريءَ جي واٽ تي پڪو پختو رھندڙن لاءِ ڪاميابيءَ جو اعلان ھن ريت فرمايو آھي:

صُـلح جـن سـجڻ سِـين، سـيـج ماٽيـنـدا سـي،
اَلَّـذِيْنَ اٰمَنُـوْا وَكَـانُوْا يَتَّقُـوْنَ. اِنَ پـر اُيـا جـــي،
سي نيئي نونڌين تي، ڇُنين ڏڪين چاڙھيا. (22)

ھن بيت ۾ شاھ سائين آيت جي حوالي سان وضاحت فرمائي آھي تہ



www.sindhsalamat.com

جيڪي ايمان وارا الله تعاليٰ جو خوف ۽ پرهيزگاري اختيار ڪندا سي ٿي سيج ماڻيندا، هتي سيج مان مراد انعام ۽ اڪرام آهن. جيڪو متقين ڪي الله پاران آخرت ۾ ملندو جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:

لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نُزُلًا مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّلْاَبْرَارِ ﴿۱۹۸﴾ [23]

ترجمو: پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺيان واهيون وهنديون آهن، ان ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. اها مهماني الله وٽان آهي ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلارن لاءِ چڱو آهي.

يعني جيڪي تقويٰ تي قائم رهيا "اِنَ پَر اُيا جي" اهي ئي الله جي پار مهماني ماڻيندا. متقين جو رهبر ڀٽائي ﷫ تقويٰ جي معيار جو قائل آهي تہ انسان جهڙو پاڪ ۽ صاف سٿرو هن دنيا ۾ آيو آهي اهڙو ئي پاڪ ۽ پرهيزگار تي قيامت ڏينهن رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ پيش ٿئي:

جِهڙَيِ آيس جيئن، تهڙَي وَڃان تن ڏي،
لالائي جا لطيفُ چئي، ڪَرِ مُندن اُنا ميڻهن،
مَاڙَيءَ لَڳُمر ميهٽو سَڀ جماندر سيئن،
تيس ڪاٽياري ڪانڌَ جي، هتي اڇي هيئن،
ڪَنڌُ ڪٽَديَس ڪيئن، مَنهنِ ماروئڙن جي. [24]

جڏهن تہ اسان کي قرآن ڪريم مان بہ اها رهنمائي ملي ٿي تہ جيڪي هن دنيا ۾ پرهيزگاري ۽ پاڪائي جي روش رکندا انهن لاءِ آخرت ۾ چڱي حياتي ۽ چڱو بدلو رکيل آهي:

وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾ [25]

ترجمو: جيڪو پنهنجي پالڻهار جي حضور ۾ روبرو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي سڌ کان جهليائين پوءِ تنهن جي جاءِ بيشڪ بهشت آهي.

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان اها بہ رهنمائي ملي ٿي تہ جن هن دنيا جي زندگيءَ کي ڀلو سمجهيو تہ پوءِ اهي ڪانڌ اڳيان ڪاٽيارا ٿي پوندا ۽ سزاوار هئڻ سبب ڪنڌ ڪڻڻ جهڙا نہ هوندا:

فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿۳۷﴾ وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿۳۸﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۳۹﴾ [26]



www.sindhsalamat.com

ترجمو: پوءِ جيڪو حد کان لنگھيو ۽ هن دنيا جي حياتيءَ کي ڀلو سمجھيائين تنهن جي جاءِ بيشڪ دوزخ آهي.

## نماز

پانهپ جي سڀ کان اهم نشاني نماز آهي. نماز اسلام جي بنيادي رُڪنن مان ٻيو نمبر رکن هئڻ سان گڏ دين جو ٿنيو ۽ ايمان وارن لاءِ معراج جو مقام پڻ رکي ٿو. ايمان کان پوءِ نماز هڪ اهڙي عبادت آهي، جيڪا هر شخص امير غريب تي فرض ڪئي وئي آهي. نماز جي اهميت بابت قرآن ڪريم ۾ وڏ ۾ وڏ تاڪيد ان ڪري آهي، جو ان ۾ شروع کان وٺي آخر تائين الله جي عظمت ۽ بزرگي ۽ ٻانهي جي ٻانهپ يعني عاجزي ۽ انڪساريءَ جو اظهار آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷬، نہ رڳو خود نماز جو پابند هو بلڪ سندس ڪلام ۾ نماز جي اهميت، ادائيگي ۽ ان جي مقصد جي واضح طورتي وضاحت فرمايل آهي.

شاهہ سائين دنيا جي سمنڊ جو مثال ڏيندي انسان کي رب ڪريم وٽ پنهنجي ساک پت قائم رکڻ لاءِ جيڪي نصيحتون فرمايون آهن، انهن ۾ الله تعاليٰ تي ايمان، پنجن نمازن، رمضان جي ٽيهن روزن ۽ توحيد جو تاڪيد فرمايل آهي:

جي ٻانئين ڪارو ڪيڙيان، تہ اُتي ٻُونب ٻَناءِ،
قُلْ هُوَالرَّحْمٰن آمَنَّابِہٖ، ساجا سِڙهہ سِباءِ،
پَنج پَکھہ، ٽِريھہ اَوليون، لاڄو سَڀ لڳاءِ،
وَحده لاشريڪ لَہ، ڪوها خوب ڪٽاءِ،
تہ سامونڊري سَندياءِ، سَچي ساک اُڀهي. (27)

هڪ ٻئي هنڌ شاهہ سائين نماز کي موتين سان تشبيهہ ڏيندي تاڪيد فرمايو آهي تہ نماز پنجئي وقت پابنديءَ سان پڙهندو رهہ ڪتي ائين نہ ٿئي



www.sindhsalamat.com

جو تون صبحاڻي (ڏيهي ڏير ٿيين) موت جو شڪار ٿي وڃين:

جـــئن قطـــر چڻئـــو ڪڙهـــــ پـــرپين،
تــــئن ٻـــولي ٻجهنديئـــــ هنجهـــــ،
مـــوتي جـــي مِهـــراڻ جـــا، پَـــورا چُـــڻج پـــنج،
اڄ ڪ صباح سنجهہ، ڏيهي ۾ ڏير ٿيين. (28)

قرآن ڪريم ۾ بہ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

وَ اُمِرۡنَا لِنُسۡلِمَ لِرَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۷۱﴾ۙ وَ اَنۡ اَقِیۡمُوا الصَّلٰوۃَ وَ اتَّقُوۡہُ ؕ
وَ ہُوَ الَّذِیۡۤ اِلَیۡہِ تُحۡشَرُوۡنَ ﴿۷۲﴾ (29)

ترجمو: ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ جهانن جي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪريون ۽ (هيءُ بہ حڪم ڏنو ويو آهي) تہ نماز پڙهون ۽ ڪائنس ڊڄون ۽ اهو الله آهي جنهن ڏانهن اٿاريا ويندؤ.

شاهہ سائين مهراڻ جي پنجن موتين چڻڻ جو جيڪو حڪم ڏنو آهي، ان ۾ نماز جي انعام جنت ڏانهن اشارو فرمايل آهي جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

وَ الَّذِیۡنَ ہُمۡ عَلٰی صَلَوٰتِہِمۡ یُحَافِظُوۡنَ ﴿۹﴾ۘ اُولٰٓئِکَ ہُمُ الۡوٰرِثُوۡنَ ﴿۱۰﴾ۙ الَّذِیۡنَ یَرِثُوۡنَ الۡفِرۡدَوۡسَ ؕ
ہُمۡ فِیۡہَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۱۱﴾ (30)

ترجمو: ۽ جيڪي پنهنجن نمازن جي نگاهہ رکندا آهن، اهي ئي اهي وارث آهن، جيڪي نيٺ بهشت جا وارث ٿيندا، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

ڀٽائي ﷫، نماز جي روحاني مقصد ڏانهن اشارو ڪندي انسان کي تاڪيد فرمايو آهي تہ نماز ۽ روزا ظاهري فرض تہ آهن ئي سهي ليڪن انهن جو اصل ۽ حقيقي مقصد ڪو ٻيو آهي:

روزا ۽ نمـــازون، ايءُ پـــڻ چڱـــو ڪـــم،
اوڪـو ٻيـو فهم، جنـهـ ۾ پسـڻ پـرينءَ کـي. (31)

هن بيت ۾ شاهہ صاحب جنهن ٻئي فهم ڏانهن اشارو فرمايو آهي. اهو



www.sindhsalamat.com

فهم اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو تہ نماز جو اصل مقصد نيڪ نيتيءَ سان عبادت، ظاهر سان گڏ باطن يعني قلب جي پاڪيزگي ۽ تقويٰ آهي، جنهن سان پنهنجي پرينءَ کي پسي سگهجي ٿو نيڪ نيتي ۽ خلوصِ دل سان صرف ۽ صرف الله رب العزت لاءِ نماز ۽ عبادت ڪرڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ (32)

ترجمو: (اي پيغمبر کين هيءَ بہ) چئو تہ منهنجي نماز ۽ منهنجون مڙئي عبادتون ۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ (سڀ) جهانن جي (رب) پالڻهار الله لاءِ آهي.

جڏهن تہ نماز جي روحاني مقصد تقويٰ ۽ پاڪيزگي اختيار ڪرڻ لاءِ قرآن ڪريم ۾ هن ريت حڪم ڏنو ويو آهي:

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ (33)

ترجمو: جا مسجد پهرين ڏينهن پرهيزگاريءَ تي اڏائي وئي آهي تنهن ۾ توکي بيهڻ (يعني نماز پڙهڻ ۽ پڙهائڻ) وڌيڪ لائق آهي جنهن ۾ اهڙا مڙس آهن جيڪي پاڪ رهڻ پسند ڪندا آهن ۽ الله پاڪ رهڻ وارن کي دوست رکندو آهي.

هنن پلارين آيتن مان ثابت ٿيو تہ خلوصِ نيت سان تقويٰ کي اختيار ڪندي پاڪيزگيءَ سان نماز پڙهي، پرينءَ کي پسي سگهجي ٿو لطيف رح نماز جي اهميت کي سامهون رکندي وقت تي ادا ڪرڻ جو تاڪيد هن ريت فرمايو آهي:

وقت وڃي جو سو قضا ٿئي ڪيئن،
تان نہ گهرجي تيئن، جا پَرِ عزازيل جي. (34)

هن بيت ۾ شاهہ نماز کي مقرر وقتن تي پابنديءَ سان ادا ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو آهي. سندس خيال موجب قضا ٿيل نماز ڪٿي ائين نہ ٿئي جو عزازيل واري پَرِ تي پوي، جٿين عزازيل کان حضرت آدم کي سجدي ڪرڻ جو وقت هٿان نڪري قضا تي ويو ۽ زندگيءَ پر لاءِ ٽڙجي ويو.



www.sindhsalamat.com

نماز کي مقرر وقتن تي پابنديءَ سان ادا ڪرڻ جو تاڪيد قرآن ڪريم ۾ پڻ هن ريت آيل آهي:

اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ۝ [35]

ترجمو: بيشڪ نماز مؤمنن تي نهرايل (يعني مقرر ڪيل) وقت ۾ فرض آهي.

شاهه لطيف ﷫، نماز جي ادائيگيءَ جي باري ۾ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري عاجزي سان نماز ادا ڪرڻ جو تاڪيد هن ريت فرمايو آهي:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سُجود،
وِڃائي وُجود، تهان پوءِ تڪبير چئه [36]

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه نماز،
سڀ وڃائي ساز تهان پوءِ تڪبير چئه. [37]

قرآن ڪريم مان به اسان کي پنهنجي وجود کي وڃائي عاجزي ۽ انڪساريءَ سان نماز پڙهندڙن لاءِ فلاح ۽ ڪاميابيءَ جو سبق ملي ٿو:

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ۝ [38]

ترجمو: بيشڪ اهي مؤمن ڇٽا (فلاح پاتائون) جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن.

هن آيت سڄوريءَ ۾ وجود ۽ سيني سازن کي وڃائي تهان پوءِ تڪبير چوندڙن جو تعارف ڪرايو ويو آهي.

جڏهن ته پاڻ کي پسڻ وارن لاءِ شاهه سائين ﷫، ٿان ٿان ناه سجود ۽ تان تان ناه نماز جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، ان جي اسان کي قرآني تصديق هن ريت ملي ٿي:

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۝ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝ [39]

ترجمو: پوءِ انهن نمازين لاءِ ويل آهي جي پنهنجن نمازن کان ويسلا رهندا آهن. اهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن.

يعني پاڻ پسڻ مان مراد رياڪاري ۽ ڏيکاءُ آهي. ان ڪري جيڪو به ان نيت سان نماز پڙهندو يا نماز ۾ سستي ۽ غفلت جو مظاهرو ڪندو ان لاءِ



www.sindhsalamat.com

ويل يعني هلاڪت ۽ تباهيءَ جو اعلان فرمايو ويو آهي.

شاهه ﷫ تواضع يعني عاجزي انڪساري ۽ خلوص دل کان سواءِ سِرنايو سجدا ڪرڻ مان فائدي جي ڪابہ اميد نہ رکڻ جي صلاح ڏني آهي:

سرنايو سجدا ڪرين، تَن تواضعو تونہ،
هُو جو مٽڪو من جو، سوڏو سورين سونہ،
ڪُوڙا ٿيندءِ ڪونہ، ڦُوڪيي ڏوتي فائدو.[40]

هن بيت ۾ شاهه سائين ﷫ نماز ۾ رياڪاري ڪرڻ ۽ عاجزي نہ ڪرڻ جون جيڪي نشانيون بيان فرمايون آهن، اهي قرآني تعليم موجب منافقن جون نشانيون آهن:

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْٓا اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَآءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۴۲﴾ [41]

ترجمو: منافق (پنهنجي ڀائڻ ۾) الله کي دلبو ڏيندا آهن ۽ (حقيقت ڪري) الله کين دلبو ڏيندڙ آهي تڏهن آرسي ٿي اُٿندا آهن رڳو ماڻهن کي ڏيکاريندا آهن ۽ ٿورڙي کان سواءِ الله کي ياد نہ ڪندا آهن.

مقصد تہ جيڪا نماز دل جي خلوص، تقويٰ، پاڪيزگي ۽ عاجزيءَ سان پڙهي ويندي اهائي الله وٽ قبول پوندي ۽ جيڪا نماز ڏيکاءَ، رياڪاري، غفلت ۽ سستيءَ سان پڙهي ويندي اها هلاڪت ۽ تباهيءَ جو ذريعو ثابت ٿيندي.

## روزو

دين اسلام جو ٽيون رڪن روزو آهي، اسلامي اصطلاح مطابق روزا عاقل بالغ مسلمان مردن ۽ عورتن تي رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ فرض آهن. جنهن دوران انسان صبح جو پرهہ ڦٽيءَ کان سج لهڻ تائين پنهنجو پاڻ کي کائڻ پيئڻ ۽ نفساني خواهشن کان روڪيندو آهي. روزي کي جسم جي زڪوات ۽ گناهن کان بچڻ لاءِ ڍال پڻ قرار ڏنو ويو آهي. روزي ذريعي انسان جي دل ۾ بکايل، اڃايل ۽ رزق جي نعمت کان محروم انسانن لاءِ همدرديءَ جو



www.sindhsalamat.com

احساس به پيدا ٿئي ٿو.

شاهه لطيف ﷫، جيئن ته اسلامي قدرن سان گڏ اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو به علمبردار هو ان ڪري سندس ڪلام ۾ روزي ان جي مقصد ۽ فلسفي تي تفصيلي روشني وڌل آهي. سندس فڪر موجب روزن ۽ نماز جي ظاهري مقصد يعني فرض جي ادائيگيءَ سان گڏ باطني مقصد پڻ آهي:

روزا ۽ نمــــازون، اِيءُ پـــڻ چڱـــو ڪــــم،
اُو ڪــم ٻيــو فَهَــم، جنــه ۾ پســڻ پــرين کــي.[42]

اسان کي قرآن ڪريم مان روزي جي مقصد جي باري ۾ جيڪا وضاحت ملي ٿي اها هن ريت آهي:

يَآيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُتِبَ عَلَيْكُمُ الصِّيَامُ كَمَا كُتِبَ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿١٨٣﴾[43]

ترجمو: اي مؤمنو اوهان کان اڳين تي روزا فرض ڪيا ويا هئا، تيئن اوهان تي به روزا فرض ڪيا ويا آهن، ته من اوهين (تقويٰ) پرهيزگاري ڪريو.

شاهه سائين جنهن "او ڪو ٻيو فهم" ڏانهن اشارو فرمايو آهي قرآن ڪريم ان فهم جي نشاندهي ڪندي ارشاد فرمايو ته اهو فهم "لعلڪم تتقون" تقويٰ يعني پرهيزگاري آهي.

ڀٽائي ﷫، روزيدارن جي عظمت کي بيان ڪندي کين معزز ۽ مان وارو قرار ڏنو آهي ۽ اها به وضاحت فرمائي آهي ته اهي ماناڻا (رند) جيڪي روزا رکن ٿا اهي عيد نٽا ڪن بلڪ لاڳيتو روزا رکندا رهن ٿا:

جــابَردا بَــتن جــي، سـا اُڃ بُــک آديســين،
روزا رنــد رکــن، عيــد نــه اوڏا ڪــا پــڙي[44]

جڏهن ته روزي جي ڀلائيءَ خير ۽ برڪت جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد رباني آهي.

وَاَنْ تَصُوْمُوْا خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٨٤﴾[45]

ترجمو: ۽ جيڪڏهن علم وارا آهيو (ته اوهين سمجهي چڪا هوندؤ) ته اوهان جو روزو رکڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي.

روزي جي انهيءَ ڀلائي سبب ئي شاهه سائين ﷫ جا آديسي اڃ بک



www.sindhsalamat.com

تي روزا رکندا رهن ٿا.

ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ روزي جو جيڪو فلسفو بيان فرمايو ويو آهي ان ۾ بک ۽ اڃ ذريعي پنهنجي نفس کي ماري مچ ڪرڻ آهي. يعني من مان انساني ۽ نفساني خواهشن جو خاتمو روزي ذريعي ئي ممڪن آهي. اهڙن من کي مارينديڙن ۽ لاهوتين جو تعارف لطيف سائينءَ هن ريت ڪرايو آهي:

بُک وڏائو بُگريين جو ڳي ڪندا جُڄ،
طَلب نہ رکن طَعام جي اوتِئو پِيين اُڃ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪئو مُچ،
سامي جهاڳي سُڄ، وسونءَ کي ويجها ٿيا. (46)

شاهہ سائين ﷫، روزي واري ڪيفيت اختيار ڪندڙن لاءِ سچ کي جهاڳي جنهن وسينءَ کي ويجهي ٿيڻ جو اعلان فرمايو آهي، ان مان مراد الله تعاليٰ جي بخشش ۽ اجر آهي، جنهن جي شاهدي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ
اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۳۵﴾ (47)

ترجمو: ۽ روزي رکڻ وارا ۽ روزي رکڻ واريون ۽ پنهنجي اگهڙن تي نگاهہ رکڻ وارا ۽ نگاهہ رکڻ واريون ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ ۽ ياد ڪرڻ واريون سيني لاءِ الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.

يعني روزيدارن ۽ طعامن جي طمع نہ رکندڙن لاءِ بارگاهہ الاهيءَ مان مغفرت وڏي اجر ۽ انعام جو جيڪو اعلان فرمايو آهي ان مان روزي جي اهميت ۽ فضيلت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

## ننڊ جي نفي ۽ تهجد

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جي ڪلام ۾ انسان ذات جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ هدايت ۽ ڪاميابي جا ڪروڙين سچا موتي ٽڙيا پکڙيا



www.sindhsalamat.com

پيا آهن. هاڻي جوهرين جو اهو ڪم آهي تہ انهن موتين کي ميڙي چونڊي دنيا ۽ آخرت جو سمر تيار ڪن. شاهہ جي ڪلام ۾ جيئن تہ زندگيءَ جي هر عنوان تي نصيحت ڀريا نڪتا ملن ٿا. بلڪل اهڙيءَ طرح ننڊ جي نفي ۽ رات جي عبادت لاءِ تاڪيد پڻ ملي ٿو. سندس نظر ۾ ننڊ ناڪامي ۽ ڪاهليءَ جي نشاني آهي. ان ڪري ڪاميابي ماڻڻ لاءِ ننڊ مان جاڳڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

سُتا اُٿي جاڳُ، ننڊر نہ ڪجي ايتري
سُلطاني سُهاڳ، ننڊرون ڪندي نہ ٿيي.[48]

اڳتي هلي شاهہ سائين هن دنيا کي دائمي سمجهڻ بجاءِ مانجهاندي جو ماڳ قرار ڏيندي ارشاد فرمايو آهي:

ڪين سُمُهہ ڪين جاڳُ، ننڊر نہ ڪجي ايتري،
ايءُ مانجهاندي جو ماڳُ، جو تو ساٿيهہ پانئيو.[49]

جڏهن تہ رب ڪريم پاران بہ دنيا جي حياتيءَ ۾ انسان لاءِ تمام ٿورو فائدو ڄاڻايل آهي. جنهن جي وضاحت قرآن مجيد مان هن ريت ملي ٿي:

وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿٢٦﴾[50]

ترجمو: ۽ دنيا جي حياتي آخرت ۾ ٿوريءَ وٿ کان سواءِ نہ آهي.

ڀٽائي ﷫ انسان کي سمهڻ بجاءِ پرين جي پچار ۽ جاڳڻ منجهان جس جو پتو هن ريت ڏئي ٿو:

سُتي نہ سرندياءِ، ڪر پچار پرينءَ جي
وِهامِي وينديا، گهڻا هڻندين هٿڙا.[51]

جاڳڻ منجهان جَسُ، آهي الله جن کي
لاهي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪَسُ
وَرنہ ڪجاهِ وَس، صبح ساڻ سيد چئي.[52]

پرين جي پچار ۽ ورنہ ڪجاهہ وس صبح ساڻ سيد چئي، متعلق اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت رهنمائي ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ۝ وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا ۝ (53)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کي تمام گھڻو ياد ڪريو ۽ صبح ۽ سانجھيءَ جو ڪيس پاڪائي سان واکاڻيو.

هيءَ آيت شاھ سائين جي مٿين بيتن لاءِ سند جو درجو رکي ٿي.

ڀٽائي ﷫ مختلف سرن ۾ ننڊ جي تمام گھڻي نفي ڪئي آھي، سندس فڪر موجب پنھون پسڻ لاءِ ننڊ وارو نير ٽوڙڻو پوندو:

ايءُ ڳـم ڪميڻـين، جِـئن سُـتينءَ پيـر ڏگھا ڪـري
نـنــــڊران نمـــــاڻين ڪـــــي، اويــــــالا اچــــــن
ليٽيــين ڪيــئن لطيــف چئــي، هــاري رِي هــوتن
سي ڪِيـئن پُنهـون، پَسـن جـن کـي نِيـر ننـڊر جـو. (54)

اڳتي هلي شاھ سائين ننڊ ڪندڙن کي مئلن جي برابر قرار ڏيندي اکين کي اوجاڳي جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

مُنـــه ويڙهـــي مـــئن جـــئن، سُـــتينءَ سَـــنجهيئي
اُوجـــاڳو اکـــين کـــي، جَـــانتوءِ نـــه ڏيئـــي،
هتـان تـو پِيئـي، تـي ڳچـو ڳيچـين کـي ڪـرين. (55)

شاھ سائين ﷫ ٻين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي ننڊ جي نفي ڪئي آھي، ليڪن مضمون جي طويل ٿيڻ سبب اتي اڪتفا ڪندي ننڊ جي نفيءَ جي اصل مقصد رات جي عبادت ۽ بندگي متعلق شاھ رحمت الله عليہ جي ڪلام مان چند بيت پيش ڪجن ٿا. سندس فڪر موجب جيڪي سموري رات سبحان کي ياد ڪن ٿا انهن جي مٿي بہ مان واري آھي.

سَـاري رات سُـبحانُ،جاڳي جنـي يـاد ڪئـو
اُن جــي عبــداللطيف چئــي، مٿــيءَ لــڏو مــانُ
ڪــوڙين ڳــن سَــلامُ، آڳــه اچئــو ان جــي. (56)

سَاري رات سُبحان، صودو ڳـن صـاحب سـان
ڀَــري ٻانَهــپ ٻيڙيــون، هلئــا جــوپَ جُــوان
پــاڻي پَهلــوانَ لَحظــي، منجهــہ لنگھــي وئــا. (57)



www.sindhsalamat.com

رب ڪريم پاران بہ قرآن ڪريم ۾ رات جو جاڳي الله جي عبادت ۽ بندگي ڪرڻ لاءِ تاڪيد فرمايل آهي ۽ پاڻ سڳورن کي الله تعاليٰ پاران تهجد جي نماز پڙهڻ جو حڪم پڻ ڏنل آهي:

وَمِنَ الَّيۡلِ فَتَهَجَّدۡ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنۡ يَّبۡعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحۡمُوۡدًا ﴿۷۹﴾ [58]

ترجمو: ۽ ڪجھہ رات جو ان (قرآن) سان تهجد پڙهہ جو (اها) تولاءِ زياده عبادت آهي تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي ساراهيل جاءِ ۾ اتاريندو.

شاهہ سائين ﷫، سُر رامڪليءَ ۾ اها وضاحت فرمائي آهي تہ محبوب حقيقي (ساجن) ستي نہ ملندو ان لاءِ آڌي يعني اڌا رات جو اٿي ان کي ياد ڪبو تہ پوءِ محبوب بہ ملندو ۽ من تان ميرائي (ميراڻ) بہ لهي ويندي:

سَـــاجن سُـتي نـــہ ملـــي خبـــر اِيءَ ڪـــري،
اُن اوسيڙي آڌيءَ اُٿـــن، تـــون ڪيئن ڏِٻ ڏِري
ويئي ميرائـــي مـــن تـــان، سَـيڪا ڳالهـــہ سَـري
لُطـــف تنـــو لطيـــف چئـــي، وَرَ ڏِي دل وري. [59]

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان بہ آڌيءَ يعني اڌ رات جو اٿي عبادت ڪرڻ جي فضيلت جو پتو هن ريت پوي ٿو.

اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيۡلِ هِىَ اَشَدُّ وَطۡاً وَّاَقۡوَمُ قِيۡلًا ؕ﴿۶﴾ [60]

ترجمو: بيشڪ رات جو اٿڻ (نفس جي) جهڪي ڪرڻ ۾ تمام سخت ۽ لفظن چوڻ ۾ تمام پڪو آهي.

ساڳي سُر ۾ اڳتي هلي شاهہ سائين لاهوتين پاران اڌ رات جو اٿي پنهنجي رب کي ياد ڪرڻ جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

آسـڪ جـن آويـر، سـي سـانجهي رهـن سـمهي،
لاهـــوتي لطيـــف چئـــي، آڌيءَ ڏيـــن اُليـــر،
اٿـئـا لـوڪُ سُـتو پَـسي، پٺـا سـامي متـي سـير،
ڪـيڏانـہ ڪنـدا پيـر، جُـہ مڙوئـي متـو تيـو. [61]

جڏهن تہ آڌيءَ رات اٿي عبادت ۽ بندگي ڪرڻ جو حڪم آقاءِ نامدار کي پڻ ڏنو ويو جنهن جو تفصيل سورت مزمل ۾ هن ريت آيل آهي:



www.sindhsalamat.com

يَاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ۝ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ۝ نِّصْفَهٗۤ اَوِانْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ۝ (62)

ترجمو: اي (پاڻ تي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا مڙس رات جو ڪڙو ٿيءُ پر ٿورو رات جو اڌ يا اڌ رات کان ٿورو گهٽاءِ.

ڀلارو ڀٽائي رحمت الله عليہ ساموندي سفر ڪندڙن کي خبردار ٿو ڪري تہ اگر انهيءَ سير مان سلامت پار پوڻو اٿو تہ پوءِ اڌ رات جو عاجزيءَ سان عبادت بندگي ۽ ذات باري تعاليٰ جو ذڪر ۽ فڪر ڪرڻو پوندو:

سُونهان سيڏون، ديواني درياءَ جيون،
ڳُوڙ اوڏائي ڪين ڪين، رڳو سَچ سَودين،
عجز جو اڌ رات ڪي وٽج وِهائين،
سات نباهيو نين، ثَابِتُ اِنهہ سير مان. (63)

رات جي وقت رب ڪريم جي حضور ۾ عبادت ۽ بندگيءَ جو حڪم جنهن جي مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب صلاح ڏني آهي اهو قرآن ڪريم جي سورت الدهر ۾ بہ هن ريت ملي ٿو:

وَمِنَ الَّيْلِ فَاسْجُدْ لَهٗ وَسَبِّحْهُ لَيْلًا طَوِيْلًا ۝ (64)

ترجمو: ۽ ڪجهہ رات ۾ ان لاءِ نماز پڙهہ ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ساراهہ لطيف ﷫، آديسين جي آڌيءَ اٿڻ ۽ بارگاهہ الاهيءَ ۾ عبادت رياضت ۽ رت روئڻ کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

وڃينءَ ويناهون سانجهيءَ رهن سُمهي،
آڌيءَ رات اُٿي ڪري راول رتو رُون،
وهائي واٽن تي، پاسا ڪوڙيو پُون
مُهيسي مُنہ پانهنجو ڏاران ڏوڙ نہ ڏون،
ڪِنہ کي ايئن نہ چُون، تہ اسين آديسي آهيون. (65)

آڌيءَ اٿي رت روئيندڙ آديسن جو تعارف اسان کي قرآن ڪريم بہ ڪرايو آهي تہ ڪجهہ الله جا ٻانها رات جو اٿي تلاوت ۽ نماز ادا ڪندا آهن:

مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اُمَّةٌ قَآئِمَةٌ يَّتْلُوْنَ اٰيٰتِ اللّٰهِ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَهُمْ يَسْجُدُوْنَ ۝ (66)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ڪتاب وارن مان هڪڙي اهڙي سڌي ٽولي آهي جو الله جون آيتون رات جي وقتن ۾ پڙهندا آهن ۽ اهي نماز به پڙهندا آهن.

پٽ جو ولي سُر ڪوهياريءَ ۾ سسئيءَ جي واٽ وننڌي ڪيس صلاح ٿو ڏئي ته رات ننڊ ۾ گذارڻ بجاءِ جاڳي گذارين ها ته بهتر هو پر هاڻي اٿي (قم) ۽ ويهڻ (اجلس) توکي نه جڳائي ويهي رات وهاءِ يعني بارگاهہ ايزدي ۾ آزي نيازي ڪر:

لَيلَ نہ جاڳين لَڪَ سين، ڪُلي نوم ڪئاءِ،
قُم تي پهچ قَريب ڪي، اجلس تو نہ جڳاءِ،
مُني مِزمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلاهہ ننڊر نِئاءِ، تي روز روئين تي راهہ ۾. (67)

شاهہ جو هيءُ بيت قرآن ڪريم جي هن مبارڪ آيت جو تفسير معلوم ٿئي ٿو جنهن ۾ الله تعاليٰ انهن ٻانهن جو تعارف ڪرايو آهي جيڪي رات (ليل) ۾ ننڊ (نوم) بجاءِ اٿي (قم) تي قريب کي پڪاريندا آهن:

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ۡ (68)

ترجمو: سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي پنهنجي پالڻهار کي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن.

لاکيڻو لطيف ﷺ، سُر پرڀاتيءَ ۾ سموري رات سمهي ننڊ ۾ گذاريندڙن کي آڌي رات وهامڻ کان پوءِ اٿڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

سيرانديءَ ساز ڪئو سمهين ساري رات،
جاڄڪاڻي ذات، اِئين نہ هئي اڳهين. (69)

سُتو ڪيئن ننڊرون، ڪرين ور وهاڻي ووءِ،
سُيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾. (70)

اهڙو ساڳيو حڪم الله سبحانه وتعاليٰ نبي ڪريم ﷺ کي ڏنو آهي جنهن ۾ رات جو اٿي سيني پاسن کان هٽي ڪري هڪ الله ڏانهن متوجهہ ٿيڻ جو حڪم هن ريت ذڪر آهي:

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ۝ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۝ (71)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: بيشڪ توکي ڏينهن ۾ گهڻو ڌنڌو آهي ۽ پنهنجي رب جو نالو (رات جو) ياد ڪر ۽ سڀني پاسن کان هڪ طرفو ٿي چڱيءَ طرح ڏانهس متوجهه ٿي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، سُر رامڪليءَ ۾ وضاحت فرمائي آهي تہ جن الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ کي حق سمجهيو آهي انهن جي اکين مان ننڊ ۽ آرس نڪري ويو آهي:

تَــــن ڳَــــڻن ڳهـــــر وڃـــــائي هومـــــائي،
جَـــوڳين مُـــون ســـين جـــي ڪَيـــا،
رِيجهـــائي رُمـــوز ســين کـــاهوڙين آءَ کـــانئي،
ننڊ تنهين کـي ناهـ ڪـا جـا آديسـين اُنـائي،
آکـــين آرس چـــڏئُو دل ۾ ناهـــــ دَغـــائي،
هيڪـــائي هيـــڪُ ٿئـــا ٻجهـــن تـــان نـــ ٻيـــائي،
اِنَّ اللهَ وَترِيُحِـــبُّ الــوِتر ◆ ايءَ اُنـــي لاءِ آئـــي. (72)

جن کي آديسين اٿاريو ۽ ننڊ جي ڳهر جي ختم ڪري هيڪائيءَ ۾ هيڪ ٿيا انهن جو تعارف قرآن ڪريم هن ريت ڪرايو آهي:

كَانُوا قَلِيلًا مِّنَ اللَّيْلِ مَا يَهْجَعُونَ ﴿١٧﴾ وَبِالْأَسْحَارِ هُمْ يَسْتَغْفِرُونَ ﴿١٨﴾ (73)

ترجمو: رات جو ٿورو سمهندا هوا ۽ اهي اسرن جو بخشش گهرندا هئا.

شاهه صاحب رحمة الله عليه، سُر کوهياريءَ ۾ سسئيءَ پاران سرتين کي اها صلاح تو ڏئي تہ سمهڻ بجاءِ اٿي لڪ تي جيڪو سُنگ (محصول - چٽي) سيني کي ڏيڻو پوندو ان جي ادا ڪرڻ جي تياري ڪريو.

سُـــمهو ڪـــيم سَـــرتيُون جيـــڏيون ڙي جَـــاڳو
هَلـــڻ جـــو هُـــلُ ٿئـــو ســـنيوڙو سَـــاڳو
ڏينـــدي سُـــنگُ ســـيڪا لَـــڪَ متـــي لاڳـــو
اديـون اُوجـاڳو پيـنـر مـون کـي پـاڳي پـٽـو. (74)

---

◆ تحقيق الله ايڪائي ايڪ آهي ۽ اڪيءَ کي پسند ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com

قرآن مجيد مان بہ اسان کي الله جي عبادت ۾ راتيون گذاريندڙ ٻانهن جو پتو پوي ٿو جيڪي آخرت جي سفر جي تياري ۽ دوزخ جي عذاب جي چٽي (سُنگ) کان بچڻ لاءِ بارگاهہ الاهيءَ ۾ ٻاڏائيندا نظر اچن ٿا:

وَالَّذِيْنَ يَبِيْتُوْنَ لِرَبِّهِمْ سُجَّدًا وَّقِيَامًا ۝ وَالَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اصْرِفْ عَنَّا عَذَابَ جَهَنَّمَ ۖ اِنَّ عَذَابَهَا كَانَ غَرَامًا ۝ (75)

ترجمو: ۽ اهي جيڪي پنهنجي پالڻهار کي سجدو ڪندڙ ۽ قيام ڪندڙ ٿي راتيون گذاريندا آهن ۽ اهي جيڪي چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار اسان کان دوزخ جو عذاب ٽار بيشڪ دوزخ جو عذاب (وڏي) چٽي آهي.

هن پلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ الله جي عذاب کان بچڻ لاءِ رات واري عبادت جو وڏو اجر ۽ انعام آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين انسان کي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ ننڊ جي نفيءَ جو سبق ڏئي ٿو. سُر سامونڊي ۾ شاهہ سائين ناڪئن ۽ ٻيڙين وارن کي بہ سمنڊ جي خطرن ۽ بارگاهہ الاهيءَ ۾ سيني خبرن پهچڻ کان هن ريت باخبر ڪري ٿو:

بَنَدر جَان پئي، تان سڪاڻيا مَر سُمَهو
ڪِپَر ٿو ڪُن ڪري، جِتَن ماٺي منجهہ مهي،
ايڏو سُور سَهي، ننڊر نہ ڪُجاهُ ناڪُئا. (76)

ٻيڙيا تا ٻيئي، تو نہ ڦٻنديون ڳالهڙيون،
سڄيون راتيون سُمهين، ٻَرُ سڪاڻ ڏيئي،
مُنڊ وڃائي مال جي، وڻجارا ويهي،
سُيان سيپئي پار پچنديون خبرون. (77)

شاهہ سائينءَ هڪ تہ الله جي عبادت لاءِ جاڳڻ جو درس ڏنو آهي ٻيو جيڪي ماڻهون ننڊ ۽ سستي ڪندا آهن. اُهي هن دنيا ۾ تمام گهڻين تڪليفن ۽ ڏکن کي مُنهن ڏيندا آهن. ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ سگهندا آهن. شاهہ صاحب انهن کي جاڳائڻ ۽ هوش ۾ رهڻ جو سبق ڏنو آهي، اسلام بہ ٻري ۽ ڀلي جي سڃاڻپ لاءِ اکين کولڻ جو حڪم ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com

## توبهہ

انسان جيئن تہ خطا جو گهر آهي، ان ڪري انسان کان غلطيون گناهہ ۽ ڪوتاهيون سرزد ٿينديون رهنديون آهن. انهن غلطين ۽ گناهن تي پشيمان ٿي بارگاهہ الاهيءَ ۾ معافي ۽ بخشش لاءِ ٻاڏائڻ جو نالو توبهہ آهي.
توبهہ جي مقصد ۾ اهو بہ شامل آهي تہ انسان گناهہ يا غلطيءَ جي اعتراف سان گڏ آئنده ان گناهہ يا غلطيءَ کي نہ ڪرڻ جو اقرار بہ ڪري تہ ان صورت ۾ اها توبهہ بارگاهہ الاهيءَ ۾ قبول ٿي سگهي ٿيو.
حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، بہ توبه جي تسبيح جو قائل آهي. سندس فڪر موجب طوفانن مان تري پار پوڻ لاءِ يادِ الاهي ۽ توڪل سان گڏ توبهہ بہ ضروري آهي:

سيوئو جن سُبحان، وِير نہ وڙهي تن سِين،
ٻَڏي تَوڪل تُر هو آر لنگهئا آسان،
توبہ جي تسبيح سِين، تَري وِئا طُوفان،
ڪامل ڪِشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو. (78)

توبهہ جي تسبيح پڙهندڙن لاءِ اسان کي قرآن ڪريم مان بہ شاهدي ملي ٿي تہ اهي طوفان مان صحيح سلامت تري وڃي منزل مقصود تي پهتا:
اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ شَيْئًا ﴿٦٠﴾ (79)
ترجمو: پر جن توبهہ ڪري ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ مٿن ڪجهہ بہ ظلم نہ ڪبو.
شاهہ سائين ﷫، توبهہ ڪندڙن جي مقام کي بيان ڪندي اها وضاحت فرمائي آهي تہ توبهہ ڪندڙ ائين آهي جڻ تہ ان گناهہ نہ ڪيو آهي:

ٻانهپ جو ٻيڙين ۾ وَکر وِڌائون،
موتي معرفت جا سَچا سوديائون،
اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَا ذَنْبَ لَهٗ، اِيءَ ڪَٿَ ڪَٿيائون،
اني جِي آئون، بَرڪت بار لنگهائيان. (80)



www.sindhsalamat.com

قرآن مجيد مان به اسان کي توبه ڪندڙ ۽ معرفت جا سچا موتي ميڙي چونڊي ڀانهپ جي وکر سان ڀيڙين ۾ چاڙهيندڙن لاءِ نه رڳو مداين جي معاف ڪرڻ جو پتو پوي ٿو بلڪ الله تعاليٰ جي خصوصي رحمت سان سندن مداين کي ڦيري نيڪين ۾ تبديل ڪرڻ جي خوشخبري به ملي ٿي:

اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۷۰﴾ (81)

ترجمو: پر جن توبهه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي اهي آهن جن جون مدايون الله ڦيرائي نيڪيون ڪندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

لطيف سائين ﷫، سپرين جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪري ته منهنجي عيبن جو ڪو شمار ئي ڪونهي. ان ڪري تون مون کي پاڻ سچاڻي يعني پنهنجي رحم جي نظر ڪري منهنجا عيب ۽ مدايون معاف فرماءِ ڇوته قرآني فڪر "وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا" موجب بخشڻهار ۽ مهربان ته تون ئي آهين:

ڪوڙين ڪَڻَ مَ سُپرين ڪنيئي تان ڪوڙ،
آهل اڪڙين جي نيئي نياهج توڙ،
مُون ۾ عيبن ڪوڙ تون پاڻ سُڃاڻج سُپرين. (82)

ڀٽائيءَ ﷫، جو هي بيت قرآن مجيد جي هن مبارڪ آيت جو تفسير معلوم ٿئي ٿو جنهن ۾ عيبن لاءِ بارگاهه الاهي ۾ بخشش ۽ ٻاجهه لاءِ ٻاڏائڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْۗءًا اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۱۰﴾ (83)

ترجمو: ۽ جيڪو بڇڙو ڪم ڪندو يا پاڻ تي ظلم ڪندو وري الله کان بخشش گهرندو سو الله کي بخشڻهار مهربان لهندو.

لاڪيڻو لطيف ﷫، انسانيت جي ڪاميابيءَ لاءِ ايڏو ته فڪرمند آهي، جو هر صورت ۾ هر انسان کي بارگاهه الاهيءَ ۾ سرخرو ڏسڻ چاهي ٿو. ان ڪري عيبدارن کي جلدازجلد توبه ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي ڇو ته ڪيس خبر آهي ته انساني زندگيءَ جو ڪوبه ڀروسو نه آهي. ڪنهن به وقت موت اچي سگهي ٿو. ان لاءِ شاهه سائين انسان کي تڪڙ ۾ توبه ڪرڻ لاءِ ٻن مختلف واين ۾ هن ريت هدايت ٿو فرمائي:



www.sindhsalamat.com

تَائـبُ تــيءُ تَڪــڙو جـــو شـــان جُوانـــا،
لھـــن تـــو لطيـــف ڪـــان اَمـــن اَمانـــا. (84)

ڪـ تون ڪنين نـ سُئي ھلڻ جي ھَاڪار،
تائــب تــيءُ تڪـــڙو پـــروڙاي پچـــار. (85)

جڏھن تہ بارگاھہ الاھي مان بہ اھا رھنمائي ملي ٿي تہ توبه ان وقت کان اڳ ۾ ڪيو متان اوھان تي الله جو عذاب اچي وڃي ۽ پوءِ اوھان کي الله ڏي موٽڻ ۽ معافي وٺڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگھي:

وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۵۴﴾ (86)

ترجمو: ۽ پنھنجي پالڻھار ڏانھن ورو ۽ ان کان اڳي سندس فرمانبردار ٿيو جو اوھان وٽ عذاب اچي (۽) وري مدد نہ ڏنا ويندؤ.

سُر آسا ۾ تہ شاھہ سائين ﷫، وڌيڪ وضاحت سان انسان کي موت جي اچڻ کان خبردار ڪندي حڪم ڏنو آھي تہ:

مــوت منــد نــہ آھـــي، تَائــب تئــو تڪـــڙا،
عَجِلوابِالتَوبة قَبۡلَ الۡمَوۡتِ، ♦ ويھہ تون وير مَ لاھـي. (87)

اھڙي قسم جو تفصيلي حڪم اسان کي قرآن ڪريم ۾ بہ ملي ٿو جنھن ۾ رب ڪريم اھو اعلان فرمايو آھي تہ جيڪو سڄي عمر الله تعاليٰ کان نہ ڊڃي ۽ موت کي اکين سان ڏسي پوءِ توبه ڪري تہ ان جي توبه قبول نہ ڪئي ويندي:

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّىْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۸﴾ (88)

ترجمو: ۽ انھن جي توبه قبول ٿيڻي نہ آھي، جيڪي بڇڙايون ڪندا رھندا آھن ۽ نہ ڊڄندا آھن تان جو جنھن مھل انھن مان ڪنھن کي موت پھچي تنھن مھل ڊڄي چوي تہ ھاڻي آءٌ توبه ڪريان ٿو ۽ نڪي انھن جي توبه قبول آھي، جيڪي ڪافر ٿي مرندا آھن. انھن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون.

شاھہ لطيف ﷫، سُر راڻي ۾ بارگاھِ الاھيءَ ۾ بي حساب مَنايل سبب

---

♦ (عجلو...الموت، تڪڙا ٿي توبہ ڪريو موت کان اڳ ۾.)



www.sindhsalamat.com

توبه، ڏوهن ۽ ڪوتاهين جي پردي پوشي فرمائڻ لاءِ ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

سڳ تنهنجي سون ڪي، اڳي هُيس لُوهه،
مَتو مَنايِن نَاهه ڪو، توبهه پِنان توهه،
ڏِسي واسي ڏوهه، ڀولا ڀَڪ ڀِلائيون. (89)

اسان کي منايِن ڪندڙن لاءِ الله سبحانه وتعاليٰ پاران توبه قبول ڪرڻ جي خوشخبري هن ريت ملي ٿي ته جن گناهه ڪيا ۽ ان کان پوءِ رب ڪريم جي دروازي تي توبه ڪيائون ته اها توبه قبول ڪئي ويندي:

وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ۡ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝ (90)

ترجمو: ۽ اي پيغمبر جن بڇڙا ڪم ڪيا وري ان ڪانپوءِ توبه ڪيائون ۽ ايمان آندائون تن کي تنهنجو پالڻهار ان (توبه) کان پوءِ بخشڻهار مهربان آهي.

شاهه لطيف ﷫، سُر پُورب جي وائيءَ ۾ الله تعاليٰ جي در تي توبه ڪندي بخشش ۽ مغفرت لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

توبه! توبه ايءَ طَلب، تُنهنجي دَران مَنگان،
مُونکي پِرين مِيڙين سائين گُنه سَبب،
جي مون هٿان ڪارِيين گَم مُوچارا رَب. (91)

ڀٽائي ﷫، الله تعاليٰ جي دورازي تي جيڪا توبه ڪئي آهي. ان ۾ اسان لاءِ بارگاهِ ايزدي ۾ سچي پڪي توبه ڪرڻ جو راز سمايل آهي. اهڙيءَ سچي توبه لاءِ اسان کي قرآن ڪريم مان به رهنمائي ملي ٿي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ۭ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ (92)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله وٽ توبه ڪريو سچي توبه اوهان جي پالڻهار ۾ اميد آهي ته اوهان جون مدايون اوهان کان ميٽيندو ۽ اوهان کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن.

انسانيت جي رهبريءَ لاءِ فڪرمند لطيف پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا ته ماڻڪ ۽ موتي جڙيا آهن، جن تي انسان عمل ڪري پنهي جهانن ۾ سرخرو ٿي سگهي ٿو. شاهه سائين رب ڪريم جي حضور ۾ ايڏي ته عارفاڻي انداز ۾



www.sindhsalamat.com

بچڙاين ۽ عيبن لاءِ بخشش جو طلبگار آهي، جو ان جو مثال ٿي نٿو ملي. سُر راڻي ۾ مينڌري کي مخاطب ڪندي پنهنجي لاءِ صرف هڪ ٿي سهاري جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو:

ڀِيان مينڌرا موٽُ، بَخش ڪر بُڇائيون،
ٽُون گَهڻن جو گُهوٽ، مون وَر ٿوهين هَيڪڙو. (93)

اسان کي فرقان حميد مان به لطيف سائين واري ساڳي رهنمائي ملي ٿي ته الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبه واهر وسيلو نه آهي ۽ اهوئي پنهنجن ٻانهن جون مدايون معاف ڪرڻ وارو آهي:

وَهُوَ الَّذِیْ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَعْفُوْا عَنِ السَّیِّاٰتِ وَیَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۲۵﴾ (94)

ترجمو: ۽ اهو آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ مداين کان ٽارو ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو ڄاڻندو آهي.

لاڪيڻو لطيف رحمة الله عليه، انسان ذات جي رهنمائيءَ جو حق ادا ڪندي ڪيس الله سبحانه وتعاليٰ جي حضور ۾ توبه زاري ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي سُر ڪوهياري جي وائي ۾ هن ريت زاري ڪري ٿو:

زَاري سَا ڪنديس زَاري اَلو اَلو!
ڪوهياري سَاڻ، آءٌ جا ڪنڊِيس زَاري،
ٻاروچي سَاڻ، آءٌ جا ڪنڊِيس زَاري. (95)

شاهه صاحب رحمة الله عليه، ٻاران زاري جي ايتري تاڪيد جي تصديق اسان کي قرآن مجيد مان پڻ ملي ٿي. جنهن ۾ ماڻهن لاءِ اهو اعلان فرمايو ويو آهي ته ٻانهن جي توبه زاري رب ڪريم ٿي قبول ڪندو آهي. ان ڪري انسان کي گهرجي ته خدائي فرمان ۽ لطيفي فڪر موجب ڏٺيءَ در زاري ڪندو رهي:

اَلَمْ یَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ هُوَ یَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَیَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِیْمُ ﴿۱۰۴﴾ (96)

ترجمو: نه ڄاڻندا آهن ڇا ته الله ٿي پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ (سندين) خيراتون قبول ڪندو آهي ۽ بيشڪ الله ٿي توبه قبول ڪندڙ مهربان آهي.



www.sindhsalamat.com

## حمد ۽ ثنا

لطيفي فڪر موجب هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ بہ آهي، هر شيءِ سائين جي صفت ۽ ساراهہ ۾مشغول آهي هر هنڌ قادر قدرت جي نور جو ظهور آهي. سندس تعريف ۽ احسان ايترا تہ آهن جو اهي شمار نٿا ڪري سگهن:

جيڪي مَنجهہَ جهان، سو سَڀِ صفت تُنهنجي،
قَادر تنهنجيءَ قُدرت، جا مِڙيئي مَڪان،
پَد مان ٿئي پري ٿنا، آگي جا اِحسان،
ظاهر سانڍ زبان، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا. (97)

شاهہ سائين ﷫، جي ”جيڪي منجهہ جهان سو سڀ صفت تنهنجي“ واري اعلان جي شاهدي اسان کي قرآن ڪريم جي سورت بني اسرائيل مان بہ ملي ٿي. جنهن ۾ وضاحت سان اعلان فرمايل آهي تہ زمين ۽ آسمان ۾ جيڪي ڪجهہ بہ آهي سو سائينءَ جي صفت ۽ ساراهہ ٿو ڪري:

تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ ؕ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ ؕ (98)

ترجمو: ست آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي سي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ ڪا بہ شيءِ سندس ساراهہ سان گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کان سواءِ نہ آهي پر اوهين سندس تسبيح نہ سمجهندا آهيو.

ڀٽائي ﷫، انسان کي ڪروڙين احسانن ڪندڙ ذات جي شڪر حمد ۽ ثنا جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

سهسين شُڪرانا ڪر سَهسِين شُڪرانا،
ڪوڙين ڀال ڪَرِيم جا،
حَمدَ چئو حڪيم کي ظاهر زِبانا،
تو ڏيکاري تو ڏٺي باطن جا بَانا،
مَتان مرد وساريين، صاحب جو ثنا. (99)



www.sindhsalamat.com

صاحب جي حمد ۽ ثنا کي متان وسارين، واري شاهه سائينءَ جي صلاح قرآن مقدس جي هن سڳوري آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿي. جنهن ۾ صبح ۽ سانجهي يعني هر وقت پنهنجي رب کي ياد ڪرڻ جو تاڪيد فرمايل آهي:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾ (100)

ترجمو: ۽ پنهنجي پالڻهار کي پنهنجيءَ دل ۾ عاجزي يو سان وڏي آواز ڌاران صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج.

لاڪيڻي لطيف ﷫، کي بہ هر وقت حڪيم جو حمد ۽ صاحب جي ثنا ياد آهي. رسالي جي تمام سرن ۽ ڪردارن ۾ ڪٿي ظاهري طورتي تہ ڪٿي وري اشارن ۾ حمد باري تعاليٰ جو حق ادا ڪندو رهيو آهي. اڪثر طورتي سرن يا داستانن جي شروعات ۾ بہ شاهه سائين الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا کان ڪم ورتو آهي. سرمارئي جي پهرين داستان جي ابتدا ۾ شاهه سائين ﷫، الله تعاليٰ جي پلاري نالي سان هن ريت ڪئي آهي:

اَوَل نـــــام الله جـــــو مِڙنئـــــون متـــــاهُون،
ڪِـــئن ڪَـــري قبوليـــان عُمـــر ڪـــي آئـــون،
رَزاق رِضـــائون مُـــون متـــي تـــي مجيبيـــون. (101)

الله تعاليٰ جي نالي جي عظمت تمام وڏي آهي ۽ هر قسم جي تمام تعريفن جو لائق صرف ۽ صرف رب ڪريم ئي آهي. جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

فَلِلّٰهِ الْحَمْدُ رَبِّ السَّمٰوٰتِ وَ رَبِّ الْاَرْضِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۶﴾ (102)

ترجمو: پوءِ سڀ ساراهه خاص الله کي جڳائي جو آسمانن جو پالڻهار ۽ زمين جو پالڻهار ۽ جهانن جو پالڻهار آهي.

ڀٽائي ﷫، الله تعاليٰ جي پاڪ نالي کي اول ۾ آڻي. ”اَوَل نام الله جو“ جيڪو اعلان فرمايو آهي ان ۾ دينِ اسلام جي حڪم ”اِبتداءِ کُل عَملٍ بِاِسْمِ الله الْمُبَارَكَ“ ”يعني هر ڪم جي ابتدا الله تعاليٰ جي پلاري نالي سان ٿيڻ گهرجي.“ ڏانهن اشارو فرمايو آهي.



www.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ شاهہ سائين الله جي نالي سان ابتدا ڪرڻ بعد اها بہ وضاحت فرمائي آهي تہ ”اول نام الله جو مڙني مٿاهون“ يعني رب ڪريم جي مبارڪ نالي جي عزت، مقام ۽ مرتبو ڪائنات جي هر شيءِ کان بلند بالي ۽ مٿاهون آهي.

سندس هن اعلان جي تصديق بہ اسان کي ڪلام الاهيءَ مان هن ريت ملي ٿي:

وَلَهُ الْكِبْرِيَآءُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۪ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۳۷﴾ (103)

ترجمو: ۽ آسمان ۽ زمين ۾ سنديس وڏائي آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

شاهہ لطيف ﷫، رب ڪريم جي ثنا تعريف ۽ حمد ڪندي نٽو ڏاڍي ۽ آخرڪار مجبور ٿي اهو اعلان ٿو فرمائي تہ ”ڪانهي حد حمد جي“ يعني رب ذوالجلال جي حمد جي ڪابہ حد نہ آهي. سندس شان ۽ احسانن جو شمار ممڪن نہ آهي ۽ آخرت ۾ شاهہ سائين اها بہ وضاحت فرمائي آهي تہ هڪ انسان ڀاران اهو ناممڪن آهي تہ هو شانِ باري تعاليٰ جي مطابق حمد يا شڪر جو حق ادا ڪري سگهي:

ڪانهي حد حمد جي تہ ڪريان لاَلڻ لاءِ،
ڳٽيو ڳٽيان ڪتيريون، وَڏيون وڏايا ءِ،
سو مون هٿان نہ ٿئي، جيڪين تو جڳاءِ. (104)

رب ڪريم جي صفت ۽ ساراهہ جنهن لاءِ شاهہ سائين ﷫، ”ڪانهي حد حمد جي“ جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، اهو ڪلام رباني جي هن ڀلاريءَ آيت جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو. جنهن ۾ الله تعاليٰ جي قدرت ڳالهين لکڻ لاءِ هڪ شاندار مثال پيش ڪيو ويو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۶﴾ وَلَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّ الْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ (105)

ترجمو: بيشڪ الله اهوئي بي پرواهہ (ڏاڍو) ساراهيل آهي ۽ جيڪي وڻ زمين ۾ آهن، سي جيڪڏهن قلم ٿين ۽ سمنڊ جو پاڻي ان جي مس ٿئي ان کان پوءِ ست سمنڊ ٻيا بہ هجن تہ الله جي قدرت جون ڳالهيون نہ کٽنديون.



www.sindhsalamat.com

لطيف سائين جي وائي مان ”ڪانهي حد حمد جي“ واري اعلان جي قرآني تصديق بعد ”ڳڻيو ڳڻيان ڪيتريون وڏيون وڏاياءِ“ واري اعلان جي به قرآن ڪريم مان شاهدي ملي ٿي ۽ ائين ٿو لڳي ته شاهه سائين هنن قرآني آيتن جو سنڌي زبان ۾ منظوم ترجمو فرمايو آهي:

وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۸﴾ (106)

ترجمو: ۽ جيڪڏهن اوهين الله جي نعمتن کي ڳڻيو ته انهن کي ڪڏهن به ڳڻي نه سگهندؤ ڇو ته الله بخشڻهار مهربان آهي.

## دُعا

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ جيئن الله سبحانه وتعاليٰ جي توحيد، رسول الله جي رسالت تي ايمان ۽ دينِ اسلام جي اطاعت لاءِ تاڪيد فرمايل آهي، تيئن هر اخلاقي ۽ اسلامي قدر لاءِ پڻ رهنمائي ملي ٿي. دعا به اسلامي اقدار مان هڪ اهم قدر آهي. ان ڪري شاهه سائين جي ڪلام ۾ دعا کي به تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ڀٽائي دنيا ۽ آخرت ۾ ڀلائي ۽ ڪاميابي لاءِ بارگاهِ الاهيءَ ۾ ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو. جنهن مان هڪ طرف انسان جو الله تبارڪ وتعاليٰ جي ذات تي توحيد جي عقيدي موجب پڪو ۽ پختو يقين ثابت ٿئي ٿو ته ٻئي طرف انسان کي دَر دَر جون ٺوڪرون کائڻ بجاءِ رب ڪريم جي بارگاهه عاجزي، انڪساري ۽ ٻانهپ جي اظهار جو موقعو به ملي ٿو. حضور جن دعا کي ”اَلدُّعَاءُ مُخُّ الْعِبَادَةِ“ عبادت جو مغز يعني خلاصو قرار ڏنو آهي. ان ڪري دعا جي اهميت ويتر وڌي وڃي ٿي.

ڀلاري ڀٽائي رحمة الله عليه جو ڪلام به دعائيه ڪلامن ۾ هڪ شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ضمن ۾ رسالي جي مکيه سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن ۾ دعائيه قدر نمايان طور تي نظر ايندو.

مارئيءَ جي ملير لاءِ محبت، سهڻيءَ جو سوز، سسئيءَ جا سور، نوري جو نياز، ليلا جو ليلائڻ، مومل جو مجاز، سورٺ جو ٻاڏائڻ، وڻجارن جون آهون ۽ دانهون انهن سڀني ۾ عاجزي ۽ انڪساريءَ سان بارگاهِ الاهي ۾ دعا جو رنگ



www.sindhsalamat.com

چٽيءَ طرح نظر اچي ٿو.

لطيف سائين ؒ، رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ جنهن عارفاڻي انداز ۾ دعا گهري آهي، اهڙيءَ دعا جو مثال پوريءَ دنيا جو ادب پيش نہ ٿو ڪري سگهي. سنڌس ٻاجهہ لاءِ ٻاجهاري رب جي بارگاهہ ۾ گهريل دعا هن ريت آهي:

جيڏو ٿُنهنجو نَانءُ، ٻَاجهہ پڻ اوڏيائي مَنگان،
رِي ٽنيسين رِي ٽُوٽيين، ڇَپَر تون ڇَان،
ڪُڇاڙو ڪهان، توکي مَعلم سيڪا. [107]

هن دعا ۾ شاهہ سائين ؒ، ايڏي ٻاجهہ گهري آهي، جيڏو ٻاجهيندڙ جو نالو آهي. جڏهن تہ بنا ڪنهن سهاري جي ڇپر ۽ ڇانو سنڌس قدرت جو ڪرشمو آهي. هنن لفظن ذريعي خالق جي مخلوق سان پنهنجائپ واري احساس کي قائم ڪيو ويو آهي.

جڏهن تہ ٻاجهاري الله جي رحمت ۽ ٻاجهہ جي باري ۾ جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان مان اهو پتو پوي ٿو تہ رب ڪريم پنهنجن ٻانهن لاءِ ٻاجهہ کي لازم قرار ڏيئي ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ ارشاد رباني آهي:

قُلْ لِّمَنْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلْ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ؕ [108]

ترجمو: اي پيغمبر ڪائنات پڇا ڪر تہ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو ڪنهن جو آهي چئو تہ الله جو آهي جنهن (ٻانهن تي) ٻاجهہ ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪئي آهي.

دعا جو اصول آهي تہ دعا دوران خالق جي ان صفت کي ورجايو وڃي جيڪا دعا گهرندڙ جي سور موافق هجي، جيئن پنهنجن عيبن جي پردهہ پوشي رکڻ ۽ اگهاڙائپ کي ڍڪڻ لاءِ شاهہ سائين، رب ڪريم جي صفت (ستار) سان پڪاري پناهہ جي پاند لاءِ هن ريت ٻاڏايو آهي:

سَتُر ڪَر سَتار، آءٌ اگهاڙي آهيان،
ڍَڪين ڍَڪڻهار، ڏيئي پَاند پَناهہ جو. [109]

جڏهن تہ الله ذوالجلال پاران پنهنجي پيغمبر عليہ الصلوات والسلام ذريعي ٻانهن لاءِ اهو اعلان ڪرايو ويو تہ الله بخشڻهار ۽ مهربان آهي. يعني



www.sindhsalamat.com

اوهان لاءِ خوشخبري آهي تہ اوهان دعا ذريعي بخشش ۽ مغفرت طلب ڪري سگهو ٿا:

نَبِّئْ عِبَادِيْٓ اَنِّيْٓ اَنَا الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۴۹﴾ (110)

ترجمو: اي پيغمبر منهنجن ٻانهن کي خبر ڏي تہ آءٌ بخشڻهار مهربان آهيان.

شاهہ سائين ﷫ بارگاهِ الاهي ۾ عاجزيءَ سان اعتراف ٿو ڪري تہ منهنجو تو کان سواءِ ڪوبہ واهر وسيلو نہ آهي:

مَر ڪَــر ڏوِل ڏِلـــو تَـــا تو نِمـــاڻيءَ سِـــين،
ڪـــونهي ڪميڻـــي جـــو بِگــر تـــو ٻِلـــو
تنهنجـــو نـــاءُ نِلـــو ونيـــو ويٺـــي آهيـــان. (111)

ساڳي وقت قرآن ڪريم ۾ بہ اها وضاحت موجود آهي تہ جيڪي ايمان وارا آهن، انهن جو الله کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سهارو نہ هوندو آهي. ان ڪري اهي الله تعاليٰ تي ئي توڪل ۽ ڀروسو ڪندا آهن. جنهن جو اعلان شاهہ "ڪونهي ڪميڻي، جو بگر تو ٻلو" جي صورت ۾ فرمايو آهي:

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۲۲﴾ (112)

ترجمو: ۽ مؤمنن کي جڳائي (تہ) الله تي ڀروسو ڪن.

ڀٽائي ﷫، رب ڪريم جي حضور ۾ سندس پاڪ نالي جي عظمت، برداشت، ميناج ۽ سگهہ جو حوالو ڏيندي، مٿس ئي توڪل ۽ آسري جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو:

اَلله جـــِئَن نَـــالوءِ، تِـــئَن مَـــون وڏو آســـرو
خَـالق تُنهنجـيءَ ڪانـدّ جـو ڀَـرو ڀانـد نـہ ڪـو
نـــالو رب ســـندوءِ، رهيـــو آهـــي روح ۾. (113)

مِنـــو جِـــئَن نـــالوءِ، تِـــئَن مُـــون وڏو آســـرو،
صاحب تنهنجي سگهہ جو ڀَـرو ڀانـد نـہ ڪـوءِ،
ڪو دَر ناهہ جهوءِ، مُون ڀِئا در گهڻـو نهارِئا. (114)

ساڳي وقت قرآن ڪريم جي چمن مان بہ اسان کي الله تعاليٰ جي محبت ۽ ڪارساز هجڻ جي خوشخبري هن ريت ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿۱۵۹﴾ [115]

ترجمو: ڇو تہ الله ڀروسي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد رباني آهي تہ:

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَحَسْبُهٗ ؕ [116]

ترجمو: ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو تنهن کي الله ڪافي آهي.

مرشد لطيف ﷫، انسان ذات کي مالڪ ڪائنات جي حضور ۾ دعا جو درس ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ جڏهن سڄو جهان سمهي پوي تڏهن تون اٿي دعا لاءِ هٿڙا کڻ تہ تنهنجي دعا قبول پوي:

مَ ڪين روءُ رڙڪين، مَ ڪِين ڪَر دانهون،
سُتي لوڪ لطيف چئي، ٻيئي ڪَڻ ٻانهون،
لَڏيئي جِت لائون، سُو ماڳ پَسنديںءَ مارئي. [117]

شاهہ سائين جي صلاح "ستي لوڪ لطيف چئي ٻئي ڪڻ ٻانهون" متعلق انسان کي ڪلامِ رباني مان بہ اهڙي ئي هدايت ملي ٿي تہ بيقرارن جي دعائن کي ڪير قبول ڪندو آهي؟ يقيناً انهن جون دعائون الله ئي قبول ڪندو آهي. ان ڪري انسان کي گهرجي تہ الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ دعا لاءِ ٻاڏائي:

اَمَّنْ يُّجِيْبُ الْمُضْطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَيَكْشِفُ السُّوْٓءَ وَيَجْعَلُكُمْ خُلَفَآءَ الْاَرْضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ [118]

ترجمو: (نہ بلڪ ڀچون ٿا تہ) عاجز جي دعا ڪير قبول ڪندو آهي جڏهن (هو) الله کي سڏيندو آهي؟ ۽ ڪير ڏک لاهيندو آهي؟ ۽ اوهان کي زمين ۾ ڪير اڳين جو وارث ڪندو آهي، الله سان ٻيو معبود آهي ڇا؟

شاهہ صاحب ﷫، سرسهڻيءَ ۾ تار تري پار پوڻ لاءِ ساهڙ کي سڏ ڪندي نظر اچي ٿو:

ڪارِي رات ڪچو گهَڙو نہ مون اڏي آڏ،
سَاهڙ سڄ سڏ، آءُ تو آهر تار تَران. [119]

اڳتي هلي ڀٽائي ﷫، اونهين پاڻيءَ ۾ اڻ ڀڪل دلي جي ڀرم رکڻ لاءِ بہ ڏٺيءَ در دعا ڪندي اظهار ٿو فرمائي، تہ ٻوڙڻ ۽ چاڙهڻ جو منهنجا ڏٺي دم



www.sindhsalamat.com

تنهنجي اختيار ۾ آهي:

ٻوڙين ٻاڙهين تون ڏٽي، ٻئي جي دعويٰ رَسي نہ ڏمر،
هن منهنجي حال جو ميهرئي مُعلمُ،
زڪُ پيلي جو يَرمُ، جو اَوَتڙ پئو اُجهور ۾. (120)

”ٻوڙين ٻاڙهين تون ڏٽي“ واري لطيفي اعلان متعلق، قرآن مجيد مان بہ اسان کي وضاحت ملي ٿي تہ انسان کي جڏهن درياءَ ۾ ڪا مصيبت پهچندي آهي تہ پوءِ الله سبحانه وتعاليٰ کي خلوص سان سڏيندو آهي ۽ جڏهن الله کين ٻڏڻ کان بچائي خشڪيءَ تي پهچائيندو آهي، تہ پوءِ اهي منهن موڙيندا آهن:

وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ۭ (121)

ترجمو: ۽ جڏهن اوهان کي درياءَ ۾ ڪا اوکائي پهچندي آهي، تڏهن خاص ان الله کان سواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا آهيو سي وسري ويندا آهن. پوءِ جنهن مهل اوهان کي سڪي ڏي پُڄائيندو آهي (تہ پوءِ) منهن موڙيندا آهيو.

سنڌ جو سداحيات شاعر لطيف سائين ﷬، ليلان کي ڪانڌ جي راضي ڪرڻ لاءِ هدايت ٿو ڪري تہ حيلا ۽ عاجزيون ڪر اگر اجا بہ راضي نہ ٿئي تہ پوءِ ان کي روئي ريجهاءِ ۽ منٿ ميڙ ڪر:

جي ڳارون آڻيين ڳانڌ کي تہ روئي رِيجهائيج،
سوئي ان سُهاڳ کي، پوري پر مَ ڏيج،
لِيلان لِيلائج، اِت آهي مَاڳ مِنٿ جو. (122)

ڀٽائي ﷬، اڳتي هلي ٻي بيت ۾ رهنمائي ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ جيڪڏهن ليلائي نہ لهين تہ پڻ ليلائيج چو تہ سڄڻ تمام سباجهو آهي. ان ڪري ان مان آسرو نہ لاه:

جي لِيلائي نہ لَهين، تہ پڻ لِيلائيج،
آسَر مَ لاهيج، سڄڻ سَباجها گهڻو. (123)

شاهہ سائين جون هي ليلائڻ، منٿون ڪرڻ ۽ آسري نہ لاهڻ واريون هدايتون الله تعاليٰ جي هن پاڪ ڪتاب جي هن آيت جي تشريح جو درجو



www.sindhsalamat.com

رڪن ٿيون. جنهن ۾ رب ڪريم ٻاران ٻانهن لاءِ اهو اعلان فرمايو ويو آهي تہ الله جي رحمت مان آسرو نہ لاهجو ڇو تہ اهو بخشڻهار ۽ ٻاجهارو آهي:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۳﴾ (124)

ترجمو: (منهنجي طرفان انهن کي) چئو تہ اي منهنجا اهي ٻانها جن پاڻ تي ظلم ڪيو (آهي) اوهين الله جي ٻاجھ کان نااُميد نہ ٿيو ڇو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي، بيشڪ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي.

شاهہ سائين جو ”آسر مَ لاهيج ۽ سڄڻ سٻاجها گھڻو“ وارو اعلان هن آيت جو منظوم ترجمو محسوس ٿئي ٿو.

نماڻائپ ۽ نياز جي تسلسل کي برقرار رکندي شاهہ سائين ﷫، دلاسي جي وائي وارڻ لاءِ بارگاهہ الاهي ۾ هن ريت ٻاذائي ٿو:

تَــان ڪـــا وائـــي وارِ دلاســـي جـــي دَاســـڙا،
تـــون منهنجـــو ولهـــو آءٌ تـــو ۾ طَمعـــدار،
ڏِڪـي ڏِول گـذار، لَـڄ منهنجـي لـوڪ ۾. (125)

اسان کي الله جي ڪلام مان بہ اها نصيحت ملي ٿي تہ الله تعاليٰ کي ئي سڏڻ حق آهي. جيڪي الله کان سواءِ ٻين کي سڏيندا آهن اهي ٻيو تہ نهيو پر ورندي ڏيڻ جي لائق نہ هوندا آهن:

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ۭ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ (126)

ترجمو: کيس (الله کي هر حال ۾) سڏڻ حق آهي ۽ الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن سي ڪين ڪنهن (بہ) طرح ورندي نہ ڏيئي سگھندا.

لطيف سائين ﷫، سرڪا موڏ ۾ سمي جي خدمت ۾ پنهنجن لکن عيبن جو حوالو ڏيندي مهر جي نظر لاءِ هن ريت ٻاذائي ٿو:

تـــون ســـمو آءٌ گنـــدري مـــون ۾ عَيـــبن لَـــک،
ٻَسي مِٺڪا ڪک، مَچڻ مان ڳَرِ مٿِيين. (127)

ساڳي وقت رب ڪريم ٻاران بہ اسان کي اها هدايت ملي ٿي تہ سڀ انسان الله تعاليٰ جا محتاج آهن ۽ الله ذوالجلال بي پرواهہ بادشاهہ آهي، ان



www.sindhsalamat.com

ڪري انسان کي بي پرواهہ بادشاهہ جي خدمت ۾ ٿي ٻاڏائڻ گهرجي:

يَاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۱۵﴾ (128)

ترجمو: اي ماڻهو اوهين الله ڏانهن محتاج آهيو ۽ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي.

ڀلارو ڀٽائي رحمة الله عليه، مالڪ سائين جي دربار ۾ سندس لطف ڪرم ۽ فضل لاءِ ٻاڏائيندي عرض ٿو ڪري تہ عدل سان تہ آءٌ ڇٽي ڪونہ سگهندس ان ڪري تون پنهنجي فضل جو ڪو ڦيرو فرماءِ:

> جيڪين مَنجهہ جَهان، سوتاريءَ تڳي تنهنجي،
> لُطف جي لطيف چئي، تہ وَتَ ڳمي ڪانَہ،
> عدل ڇٽان آن نہ ڪو ڦيرو ڪج فضل جو. (129)

قرآني فڪر موجب الله ذوالجلال جو فضل تمام وسيع آهي، جنهن کي وٽيس پنهنجو فضل عطا فرمائيندو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين فضل جي ڦيري لاءِ رب ڪريم جي دربار ۾ ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

وَاِنْ يُّرِدْكَ بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ؕ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿۱۰۷﴾ (130)

ترجمو: ۽ جيڪڏهن (الله) تو لاءِ ڇڱائي گهري تہ سندس فضل ڪو هٽائڻ وارو نہ آهي، پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي وٽيس تنهن کي فضل پهچائيندو آهي ۽ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

رهبر لطيف رحمة الله عليه، انسانيت جي رهبري جو حق ادا ڪندي ڪيس بارگاهہ الاهيءَ ۾ ٻاڏائڻ جو انداز هن ريت سيکاري ٿو تہ سڀ کان پهريان رب ذوالجلال جي تعريف ۽ ثنا ڪي بيان ڪجي، ان بعد فضل، ڪرم ۽ نگاهہ سان نوازڻ لاءِ عرض ڪرڻ گهرجي:

> جانب تون جيڏو آهين شان شعور سين،
> مون تي ڪج منهنجا پرين، تُسي تيڏو،
> ايءُ ڪامل ڪرمُ ڪيڏو جئن نوازيم نِگاهہ سين. (131)

اسان کي ڪلام رباني مان بہ رب ذوالجلال ڀاران دعا صرف سندس بارگاهہ ۾ گهرڻ لاءِ حڪم مليل ٿو ڇو تہ دعا قبول ڪرڻ وارو بہ رب ذوالجلال



www.sindhsalamat.com

ئي آهي:

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ۭ (132)

ترجمو: ۽ اوهان جو پالڻهار فرمائي ٿو تہ اوهين مون کان دعا گهرو تہ اوهان جي دعا قبول ڪريان.

دعا لاءِ هن خدائي دعوت واري آيت سڳوريءَ جي مفهوم کي شاهہ سائين ﷫، سر پرڀاتيءَ جي وائيءَ ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

دَر دَاتــــا مـــڱ منگتـــا، ادا هـــوئج ايـــڏاهين،
اِنَّ اللہ وِتْـــرٌيُحِـــبُّ الْـــوِتر، وحـــدت واڳ وڏائـــين،
پنهنجـــي طـــرف پـــاڻهين، ســائين ســڏيائين. (133)

شاهہ سائين ﷫، جو خالق ڪائنات جي ذات بابرڪات تي ايترو تہ يقين آهي، جو هو آخرت سان گڏ دنيا جي هر ننڍي ۽ وڏي مسئلي جي حل لاءِ بارگاهہِ الاهيءَ ۾ دعا لاءِ هٿڙا کڻندي نظر اچي ٿو. اهڙيءَ طرح دردن ۽ مرضن کان تندرستي ۽ شفا لاءِ بہ شاهہ سائين رب ڪريم جي حضور ۾ هن ريت دعا گهري ٿو:

حَبِيـــبُ تُـــون طبيـــب، تُـــون، دَردَ جـــي دَوا،
جَانِـــبَ منهنجـــي جـــيءَ ۾، آزار جـــا اَنَـــوا،
صَاحِبَ! ڏئـين شـفا، ميـان! مريضـن کـي. (134)

اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي اسان کي ڪلام الله مان پڻ ملي ٿي، جنهن ۾ اها وضاحت فرمائي وئي آهي تہ جيڪي رب ڪريم کي ڇڏي ٻين کي پنهنجن اهنجن ۽ آزارن لاهڻ لاءِ سڏيندا آهن انهن کي ڪوبہ اختيار نہ آهي تہ اهي ڪنهن جو ڪو اهنج يا آزار لاهن يا وري ان کي تبديل ڪن:

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَا تَحْوِيْلًا ﴿٥٦﴾ (135)

ترجمو: اي پيغمبر چئو تہ الله کان سواءِ ٻين جن کي (الله جهڙو) ڀائيندا آهيو تن کي سڏيو پوءِ (اهي) اوهان کان نڪي ڪنهن اهنج لاهڻ جو ۽ نڪي ڦيرائڻ جو اختيار رکندا آهن. (يعني اهنج لاهڻ ۽ ڦيرائڻ جو اختيار صرف الله تعاليٰ کي ئي آهي.)



www.sindhsalamat.com

شاهه سائين جي رب ڪريم جي درٻار ۾ مريضن جي شفا لاءِ گهربل دعا "صاحب! ڏئين شفا ميان! مريضن کي" قرآن ڪريم جي هن سڳوريءَ آيت جو تفسير معلوم ٿئي ٿي:

وَإِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِينِ ﴿٨٠﴾ [136]

ترجمو: ۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان تڏهن مون کي شفا ڏيندو آهي.

مفڪرِ سنڌ حضرت شاهه لطيف ؒ، پنهنجو هيٺيون حال بارگاهه ايزديءَ ۾ من جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ پيش ڪندي انسان کي دعا گهرڻ جو طريقو ۽ سليقو به سيکاري ٿو ته داتا جي درٻار ۾ ڪيئن ٻاڏائجي:

تـو دَرِ آيـس راڄيـا، هِـڙو وَنـي حـالُ،
اُونـائيج عليـل جـو سَـڀاڃها سُـوالُ،
اڱـڻ متـي آنهجـي، گهـي ڪِـين قـوالُ،
ڀَـلا ڪـري ڀـالُ، آمُـن ڏي ان کـي. [137]

اسان کي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي معرفت الله ذوالجلال پاران اها خوشخبري ملي ٿي ته آءٌ ٻانهن جي پڪار ٻڌندڙ ۽ انهن جون دعائون قبول ڪندڙ آهيان ان سلسلي ۾ قرآني آيت هن ريت آهي:

وَإِذَا سَأَلَكَ عِبَادِي عَنِّي فَإِنِّي قَرِيبٌ ۖ أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ ۖ فَلْيَسْتَجِيبُوا لِي وَلْيُؤْمِنُوا بِي لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُونَ ﴿١٨٦﴾ [138]

ترجمو: ۽ (اي پيغمبر) جڏهن منهنجا ٻانها توکان منهنجي پڇا ڪن (تڏهن چئو) ته آءٌ ويجهو آهيان. جڏهن ڪو مون کي سڏي ٿو تڏهن سڏيندڙ جو سڏ ورنايان ٿو تنهن ڪري منهنجو حڪم قبول ڪرڻ گهرجين ۽ مون تي ايمان آڻڻ گهرجين ته مَن اهي سُڌرن.

ڀلارو ڀٽ ڌڻي ؒ، ڪانڌ جي خدمت ۾ نماڻي جي نجهري تي ڦيري ڪرڻ لاءِ عرض ٿو ڪري ته:

ڪـر ڪُـو ڦيـرو ڪانـڌ، مـون نماڻيءَ جـي نجهـري،
ڀِـرين تنهنجـي پانـد، ڍولا ڍَڪـي آهيـان. [139]

الله سبحانه وتعاليٰ پاران به اسان کي دعا گهرڻ لاءِ جيڪا رهنمائي ملي



www.sindhsalamat.com

تي ان ۾ عاجزيءَ خوف ۽ اميد رکي دعا گهرڻ جو حڪم ڏنل آهي. ان عاجزي ۽ اميد جي جهلڪ اسان کي شاهہ جي ”ڪر ڪو پيرو ڪانڌ مون نماڻيءَ جي نجهري“ ۾ نمايان طورتي نظر اچي ٿي. ان سلسلي ۾ قرآني هدايت هن ريت آهي:

اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ۝ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۭ اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ۝ [140]

ترجمو: پنهنجي پالڻهار کي زاري ڪندڙ ۽ ڳجها ٿي سڏيو ڇو ته اهو حد کان لنگهندن کي دوست نہ رکندو آهي ۽ اوهين ملڪ ۾ ان جي سڌاري کان پوءِ فساد نہ وجهو ۽ ان الله کي (ڪائنس) ڊڄي ۽ طمع رکي سڏيو. بيشڪ الله جي ٻاجهہ ڀلارن کي ويجهي آهي.

رب العالمين جي شان واريءَ دربار ۾ لطيف سائين جنهن ادب عقيدت ۽ عاجزيءَ سان دعائيہ ڪلام پيش ڪيو آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. شاهہ رب ڪريم کي ڏاتار ۽ ٻين مڙني کي مڱڻا قرار ڏيندي ٻاجهہ ۽ ڪرم جي نظر لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

ڏَاتار تہ تون، ٻيا مڙيئي مَڱڻا،
مينهہ مندائتا وَسڻا، سدا وسين تُون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مَانُ لهان. [141]

شاهہ صاحب ﷫ هن بيت ۾ هڪ ڏاتار کان سواءِ ٻين سيني کي مڱڻا قرار ڏيئي قرآن ڪريم جي دعا ۽ داتا يعني عطا ڪندڙ ڏاتار جي فلسفي جي ترجماني ڪئي آهي جنهن ۾ واضح طور تي اهو اعلان فرمايو ويو آهي تہ الله کان سواءِ جن کي پڪاريو ويندو آهي سي ڪنهن جي ڪا بہ مدد نہ ڪري سگهندا آهن ۽ نہ ئي وري پنهنجي ڪا مدد ڪري سگهندا آهن. انهيءَ قرآني فڪر کي لطيف سائين ”ڏاتار تہ تون ٻيا مڙيئي مڱڻا“ جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي:

وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَكُمْ وَلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ۝ [142]

ترجمو: ۽ ان الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهيو سي اوهان کي مدد ڏيئي نہ سگهندا آهن ۽ نڪي پاڻ کي مدد ڏيئي سگهندا آهن.



www.sindhsalamat.com

## قرباني ۽ عشق

حضرت شاھ لطيف ؒ، جي ڪلام ۾ قرباني ءَ جي جذبي، شھادت جي شوق، عاشقن جي عشق ۽ سوريءَ جي سينگار ڪي وضاحت سان بيان فرمايو ويو آھي. لطيفي فڪر موجب قرباني شھادت جو دارومدار عشق ۽ محبت تي آھي، جيتري عاشق جي دل ۾ معشوق جي محبت ھوندي اوتروئي ھو عشق جي ميدان ۾ پير پائي سگھندو ڀٽائي سڪ ۽ محبت جي وضاحت ڪندي سوچي سمجھي قدم کڻڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

سـڪڻ سـيوئي سـور، محبـت وڏو مـامرو
آئـي پھـر مَلـور، سَـاعت نـہ سِـگھو جِنـدڙو
سِـڪ نـہ آھـي سُـتري، ڪَـڻ پـروڙي پيـر،
ڪُسڻ ڏاران ڪير، ڳري سَڌ سِڪڻ جي. (143)

سڪ ۽ محبت جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان اھا رھنمائي ملي ٿي تہ سڪ ۽ محبت جو جذبو صرف ايمان وارن کي نصيب ٿي سگھندو آھي. جڏھن ايمان وارن جو الله سان سڪ ۽ محبت وارو رشتو قائم ٿيندو تہ پوءِ سڪڻ سيوئي سور نہ ھوندو ۽ نہ ئي وري محبت مارو ھوندي. جو تہ عشق الاھي ۾ سڪ ستري ٿي پوندي ۽ ڪسڻ لاءِ ھرڪو سڌون ڪندو. اھو ان ڪري جو عاشق الله جي عشق ۾ تمام پڪا ۽ پختا ھوندا آھن:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَشَدُّ حُبًّا لِّلّٰهِ (144)

ترجمو: ۽ اجن ايمان آندو سي الله جي دوستي (محبت) ۾ ڏاڍا زور آھن.

شاھ سائين محبت جي دعويٰ ڪندڙن لاءِ اعلان ٿو فرمائي عشق جي ميدان ڏي صرف اھي ھلندا جن جي من ۾ محبت ۽ نيھ جو نالو ھوندو:

سُـوريءَ سَـڏ ٿِـئو ڪـا ھلنـدي جيـڏيون!
وڃـڻ تـن پِئـو نـالو نيـھ ڳِـنھن جـي. (145)

لاڪٽيو لطيف ؒ، الله تعاليٰ سان عشق ۽ محبت رکندڙ ٻانھن جي عشق جو تعارف ھن ريت ڪرائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

عَاشــقن الله جـــي، مُحبـــت رکـــي مَـــنِ،
سَـندي سِـڪ پـرين، تَـن ۾ آهـي تـن کـي. [146]

هاڻي جڏهن جهاد جي فرضيت جو حڪم ۽ ڪنهن شيءِ يا عمل سان خوش يا ناخوش ٿيڻ جي وضاحت ٿي وئي ته پوءِ لطيف سائين محبت جي ميدان ۾ سر جي سانگي نہ ڪرڻ جي نصيحت هن ريت فرمائي ٿو:

محبت جي ميـدان ۾، سر جـو سانگ مَ ڪَر،
لاهـي سِـر، لطيـف چئـي، اڳئـان دوسـتن ڌَرِ،
وَڍيـين تـان واهـہ تيـين سـندي ڌُو سـان ڏَرِ،
عشـق نانـگ آئـر، خَبـر ڪـاڏن ڪـان پـوي. [147]

لطيف سائين ﷫، اڳتي هلي اجا بہ وڌيڪ وضاحت سان ارشاد ٿو فرمائي تہ اگر اصلي عاشق آهين ۽ جهاد تو تي فرض ٿي چڪو آهي. ان ڪري توکي سِر سانڍڻ نہ گهرجي ڇو تہ محبوب جو هڪ دم سو سسين يعني سرن کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي:

اَصـل عاشـقن جـو سِـر نـہ سَـانڍڻ ڪـم،
سَـئو سِسـيان ئـي اڳـرو سَـندو دو سـان د،
هيءُ هَڏو ۽ چَم، پِڪ پِريان جـيءَ نـہ پـڙي. [148]

محبت جي ميدان ۾ سر جي سانگ نہ ڪرڻ ۽ سر نہ سانڍڻ اهڙن ٻانهن جي نشاني آهي، جيڪي پنهنجي محبوبِ حقيقي جي رضا لاءِ پنهنجن سرن يعني جانين جو سودو ڪري چڪا آهن. جنهن جي تصديق اسان کي ڪلام الاهيءَ مان هن ريت ملي ٿي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡرِيۡ نَفۡسَهُ ابۡتِغَآءَ مَرۡضَاتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوۡفٌۢ بِالۡعِبَادِ ﴿۲۰۷﴾ [149]

ترجمو: ماڻهن مان ڪو اهڙو بہ آهي جو الله جي راضپي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وڪڻندو آهي ۽ الله ٻانهن تي مهربان آهي.

اهوئي سبب آهي جو ڀٽائي وارو عاشق معشوق جي رضا لاءِ پنهنجي سسي نٿو سانڍي ڇو تہ سر جي بدلي هو الله تعاليٰ جي رضا حاصل ڪرڻ جو انجام وٺي چڪو آهي:



www.sindhsalamat.com

اَصل عاشق پانهنجيون سِسيون نہ سانڍين،
لاهيو سِر لطيف چئي، ساهہ سلهاڙيو ڏين،
ڪُلهنئون ڪاتين، پُڇن پوءِ پريتڙو. (150)

سسيون نہ سانڍيندڙن ۽ سِرَ ساهہ سلهاڙي ڏيندڙن لاءِ قرآن عظيم ۾ بہ دنيا جي حياتي وڪڻي آخرت واري هميشه جي زندگي خريد ڪرڻ ۽ وڏي اجر جي خوشخبري هن ريت آيل آهي:

فَلْيُقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ الَّذِيْنَ يَشْرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا بِالْاٰخِرَةِ ۭ وَمَنْ يُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيُقْتَلْ اَوْ يَغْلِبْ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ۝ (151)

ترجمو: پوءِ انهن مؤمنن کي جڳائي تہ الله جي واٽ ۾ وڙهن جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت سان وڪڻندا آهن ۽ جيڪو الله جي واٽ ۾ وڙهندو پوءِ ماريو ويو يا غالب ٿيو جنهن کي وڏو اجر سگهوئي ڏينداسون.

ڀٽائي ﷫، عاشقن لاءِ سوري کي سينگار قرار ڏيندي سندن جرائت، بهادري ۽ عشق سان نيزن سامهون بيهڻ واري منظر کي هن ريت تو بيان فرمائي:

سُوري تَي سينگار، اصل عَاشقن جو،
لَڏئا ڪِين لطيف چَئي، نيزي ٿئا نروار،
ڪُسڻ جو قرار، اصل عَاشقن سِين. (152)

عاشقن لاءِ سوريءَ ۾ سينگار ۽ ڪسڻ ۾ قرار ان ڪري آهي، جو هو محبوبِ حقيقي سان پنهنجن جانين ۽ مال جو سودو بهشت جي بدلي ۾ اڳ ۾ ئي ڪري چڪا آهن. جنهن جي شاهدي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ۭ (153)

ترجمو: الله مؤمنن کان سندن سر ۽ سندن مال هن ڪري ورتا جو پڪ بهشت انهن لاءِ آهي.

اڳتي هلي ساڳي آيت ۾ مؤمنن سان الله سبحانه وتعاليٰ جي پڪي هجڻ ۽ جانين ۽ مال جي عيوض جنت جي واپار ڪرڻ تي خوش ٿيڻ لاءِ تاڪيد پڻ فرمايل آهي. شاهہ سائين ﷫، محبوبِ حقيقي پاران عاشقن کي سڏي همدردي ۽ محبت مان سندن حال پڇڻ کي هن ريت بيان فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

ڳُـھـي سـو ڳَـرلَھـي، ڪـونـي سـو قَـريـبُ،
اھـا عـــادت سِـــڪـئـو ھـــر زمـــان حـبـيـــبُ،
تَـچـي سو طَـبـيـبُ، سوئِـي راحَـت رُوح جـي. (154)

جڏھن تہ رب ڪريم پاران سنڌن رستي ۾ جان جو نذرانو ڏيندڙن لاءِ روح جي راحت ۽ الله جي رحمت جو اعلان ھن ريت فرمايو ويو آھي:

وَلَئِنۡ قُتِلۡتُمۡ فِي سَبِيلِ ٱللَّهِ أَوۡ مُتُّمۡ لَمَغۡفِرَةٞ مِّنَ ٱللَّهِ وَرَحۡمَةٌ خَيۡرٞ مِّمَّا يَجۡمَعُونَ ﴿١٥٧﴾ (155)

ترجمو: ۽ جيڪڏھن اوھين الله جي واٽ ۾ ڪسي پئو يا مري پؤ تہ جيڪي گڏ ڪندا آھيو تنھن کان الله جي ٻاجھہ ۽ بخشش (بلڪل) ڀلي آھي.

ھن ڀلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو تہ جيڪو ڳُھي ٿو سو ڪر بہ لھي ٿو ۽ ان سان گڏ بخشش ۽ ٻاجھہ روح جي راحت لاءِ پڻ عطا فرمائي ٿو.

ڪلام الاھي ۾ لطيفي فڪر جي روشنيءَ ۾ جھاد ۽ شھادت جي اھميت کي چار چنڊ لڳي ويا آھن. عاشقن پاران معشوق لاءِ جان جو نذرانو سوريءَ جو سينگار، ۽ ڪسڻ قرب تي ٻيو آھي. رب ڪريم جي بارگاھہ مان بخشش، ٻاجھہ، جنت ۽ رحمت جھڙين خوشخبرين مجاھدن کي جھاد ڪرڻ ۽ شھادت جي ذوق ۽ شوق سان سرشار ڪري ڇڏيو آھي. ڀٽائي جو عاشق ڪسڻ جو قرب ۽ مرڻ جي مشاھدي ماڻڻ لاءِ نيھ واري نيزي سامھون ڳاٽ اوچو ڪري ھن ريت اچي ٿو:

ٻَاٻـــاھِـيَـو ٻُـڇَـــن، ڪِـتـــي ھَـــٿ حـبـيـــب جـــو
نـيـزي ھيـنـان، نيـھ جـي پاسـي پـاڻ نــہ ڪــن،
عاشــق اَجَــل ســامُھان، اُونـچـي ڳــاٽ اَچـــنِ،
ڪُـسـڻ قُـــرب جَـــنِ، مـــرڻ تَـــن مشـــاھدو. (156)

ڀٽائي ﷫، جن عاشقن جي ڪسڻ کي قرب ۽ مرڻ کي مشاھدو قرار ڏنو آھي. تن لاءِ قرآن ڪريم مان رب ڪريم پاران اسان کي اھا وضاحت ملي ٿي تہ انھن مجاھدن کي مئل بہ نہ چئو جيڪي الله جي واٽ ۾ پنھنجي جان قربان ڪن ٿا اھي پنھنجي رب وٽ جيئرا آھن ۽ انھن کي رزق بہ ملي ٿو يعني انھن لاءِ مرڻ محبوب جو مشاھدو ماڻڻ آھي:



www.sindhsalamat.com

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا ۭ بَلْ اَحْيَاۗءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ ﴿١٦٩﴾ فَرِحِيْنَ بِمَآ اٰتٰىھُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ (157)

ترجمو: ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُنا ويا تن کي مئل پٽي نہ ڀانءِ بلڪ اهي جيئرا آهن (۽) پنهنجي پالڻهار وٽ روزي ڏنل آهن. جيڪي الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏنو آهي، تنهن (حال) سان خوش ٿيندڙ آهن.

شاهه رحمة الله عليه، سر حسيني ۾ پنهون جي ساٿ واريءَ واٽ ۾ وڏا ڪشالا ڪري سختيون سهي جان ڏيڻ جي صلاح ٿو ڏئي تہ جيئن صبحاڻي تنهنجي واڪاڻ ٿئي ۽ تون سرخرو ٿئين:

مَـرُ متـا ڏيئـي پُنهـون ڳـارڻ پـبَ ۾،
تـہ صبـاح سـيبيئي، وَاڪـاڻينئي ويئيـون. (158)

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان بہ پنهون ڪارڻ پب ۾ جهاد ڪندڙ لاءِ واڪاڻ ۽ وڏي مراد ماڻڻ جي خوشخبري هن ريت ملي ٿي:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ۭ وَ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْفَاۗىِٕزُوْنَ ﴿٢٠﴾ (159)

ترجمو: جن مڃيو (ايمان آندو) ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيو سي الله وٽ مرتبي ۾ بلڪل وڏا آهن ۽ اهي مراد ماڻڻ وارا آهن.

ڀٽائي رحمة الله عليه، محبوب جي ريت ۽ رسم جي وضاحت ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ عاشقن کي ڪوٺي ڪهڻ پر پرين جي آهي، ان ڪري ان کي تڪليف يا مصيبت چوڻ نہ جڳائي بلڪ اها تہ سراسر صحت ۽ روح جي راحت آهي:

جيڪـين ڏنـائون، سـو سـيوئي صـحت،
مَ چئـہ آزارُ ان کـي مَ ڪـين مُصـيبت،
ڳهـڻ قريبـت، ڪـونڻ پـر پـرين جـي. (160)

مجاهدن کي جهاد دوران جيڪي تڪليفون، آزار ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون لطيفي فڪر ۾ انهن کي ڀلائي ۽ سيوئي صحت



www.sindhsalamat.com

قرار ڏنو ويو آهي. جنهن جي تصديق قرآن ڪريم مان پڻ هن ريت ملي ٿي:
لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۭ وَاُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ ۡ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٨٩﴾ (161)

ترجمو: پر پيغمبر ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جندن سان جهاد ڪيو ۽ اهي ئي ڇٽل آهن. انهن لاءِ الله اهڙا باغ تيار ڪيا آهن جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

## صدقو ۽ خيرات

الله تعاليٰ جي نالي تي سندس ئي ڏنل مال کي ڏيڻ جو نالو صدقو يا خيرات آهي. جڏهن ته مالي عبادتن ۾ زڪوات هر صاحبِ استطاعت يعني سرنديءَ وارن مسلمانن تي هر سال ۾ هڪ دفعو ادا ڪرڻ فرض آهي. جنهن جو بيان زڪوات واري باب ۾ ٿي چڪو آهي. هتي رب ڪريم جي پار کان عطا ڪيل مال ۽ دولت کي صدقي يا خيرات طور ڏيڻ جي اهميت بيان ڪجي ٿي. پنهنجي مال مان ڪنهن ٻئي فرد يا اداري کي مال ڏيڻ سان الله تعاليٰ جي حڪم جي تعميل، مال جي محبت جي نفي، انسانيت جي مدد، تعاون ۽ همدرديءَ جو سبق ملي ٿو.

سنڌ جو سداحيات شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جيئن ته انساني اخلاق ۽ ڪردار جو علمبردار آهي. ان ڪري انسانيت جي فلاح ۽ بهبود سندس ڪلام جو خاص موضوع رهيو آهي. لالچ جي نفي، انسان ذات جي خوشحالي ۽ ترقي غريبن، نادارن ۽ مسڪينن جي مدد لاءِ سندس ڪلام ۾ تاڪيد فرمايل آهي.

انساني همدرديءَ جي هن اعليٰ صفت کي بيان ڪندي شاھ سائين ﷫، انسان کي مال ۽ دولت جي محبت بجاءِ الله ذوالجلال جي رضا ۽ قرب حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمايو آهي ته:



www.sindhsalamat.com

ڪَـــري مـــوٽ مينـــڌرو جـــي لـــڌو ڏٺا لالُ،
گهر تـڙ مِڙوئـي گهوريـان هُونـد پَنهنجـو حـالُ،
راڻـــي ڏاران راج ۾، مـــون نـــہ گُهرجـــي مـــالُ،
سُـوڌي ڪـي سـوالُ، ڪريـان تـي قُـرب جـو. (162)

هتي ڀٽائي ﷫ گهر تڙ گهورڻ يعني مال جي محبت جي نفي سان گڏ سوڍي ڪان سندس قرب جو سوال ڪندي نظر اچي ٿو. اهڙي قسم جي وضاحت قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي تہ جيڪو پنهنجو مال پاڪ ٿيڻ ۽ الله جي رضا لاءِ سندس واٽ ۾ خرچ ڪندو تہ ان کي ضرور خوشي نصيب ٿيندي.

الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۝١٨ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓى ۝١٩ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ۝٢٠ وَلَسَوْفَ يَرْضٰى ۝٢١ (163)

ترجمو: جيڪو پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ ڏئي ٿو تہ پاڪ ٿئي ۽ متس اهڙي ڪنهن جو ڪو احسان ٽيل نہ آهي جو بدلو ڏجي پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو) ۽ ضرور جلد خوش ٿيندو.

هن آيت سڳوريءَ مان الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪرڻ جي فضيلت ۽ اجر سان گڏ اها رهنمائي بہ ملي ٿي تہ مال پاڪ ٿيڻ ۽ الله جي رضا لاءِ خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ڪو احسان جي بدلي ۾ يا رياڪاري ڏيکاءَ لاءِ پنهنجو مال خرچ ڪندو تہ ان کي ان جو ڪوبہ بدلو نہ ملندو.

شاهہ سائين ﷫ حال ۽ مال سڀ قربان ڪرڻ چاهي ٿو تہ شل راڻو (الله) نہ رسي ڇو تہ راڻي جي رسڻ سان ڪابہ نيڪي يا چڱائي ڪم نہ ايندي:

حـــال قُربـــان، مَـــالُ قُربـــان، گهوريـــان لُـــڌا ڏٺو
مـــون فـــدائتي فقيـــر جـــو رُســـي مَر راڻـــو
مُـــين سِـــين مـــاڻو مناســـب نـــہ مينـــڌرا. (164)

الله سبحانه وتعاليٰ پاران بہ اسان کي قرآن ڪريم مان اها خبر پوي ٿي تہ جيتر پياري شيءِ يعني مال کي الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ نہ ڪبو تيتر نيڪي ۽ پرهيزگاريءَ کي حاصل نہ ڪري سگهبو:



www.sindhsalamat.com

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۬ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ ﴿۹۲﴾ (165)

ترجمو: چڱائيءَ کي ايسين نہ پهچندؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان (الله جي واٽ ۾ نہ) خرچيو ۽ جيڪا شيءِ الله لڳ خرچيو (سايلي هئڻ گهرجي) چو تہ الله ان کي ڄاڻندڙ آهي.

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ اها چڱائي ئي آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ شاهہ حال ۽ مال قربان ڪري ٿو.

لطيف سائين ﷬، اڳتي هلي عاجزي ۽ انڪساريءَ جو مظاهرو ڪندو مينڌري جي مهماني تان گهر تڙ گهورڻ چاهي ٿو. اهو ان ڪري جو کيس خبر آهي تہ الله جي نالي تي مال ڏيڻ ۽ گهر تڙ گهورڻ جو تمام وڏو اجر ۽ انعام آهي:

مُون گهر اَچي جي ٿِئي مِينڌرو مهماڻ،
آڻي جهوڪيان آڳ ۾، جَيرِي وِجهان جاڻ،
تاڻي تنورن ۾ پيري هَٿان پاڻ،
پيکن سوڌو پاڻ، گهر تڙ گُهوريان پرين تان. (166)

ساڳي وقت اسان کي قرآني فرمان مان بہ پنهنجا مال ۽ گهر تڙ گهوريندڙن لاءِ قيامت ڏينهن خوف ۽ غم کان پناهہ ۾ رهڻ جي خوشخبري ملي ٿي:

اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۴﴾ (167)

ترجمو: جيڪي پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ اجر آهي ۽ نکي کين ڪو ڀؤ آهي ۽ نکي اهي غمگين رهندا.

## خدمتِ خلق

انساني معاشري ۾ خدمت خلق کي وڏي اهميت حاصل آهي. معاشري ۾ هر انسان ٻئي انسان جي تعاون ۽ سهڪار سان زندگي گذاريندو آهي. ليڪن ڪجهہ طبقا اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي سماجي زندگيءَ جي



www.sindhsalamat.com

سهولتن کان محروم هئڻ سبب مشڪلاتن ۽ مونجهارن جو شڪار هوندا آهن. اهڙن طبقن جي خبرگيري ۽ مدد خدمتِ خلق جي بهترين صورت آهي. انسانيت جي خدمت عين عبادت آهي، حضور ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ ”بهترين ڪم انسانيت جي خدمت آهي“ هڪ ٻيءَ جاءِ تي پاڻ سڳورن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

خَيْرُالنَّاسِ مَنْ يَنْفَعُ النَّاسِ

اوهان مان بهترين شخص اهو آهي، جيڪو انسانن کي وڌ ۾ وڌ فائدو پهچائي.

انسانيت جي خدمت هڪ اهڙو عمل آهي، جنهن سان خود غرضي، لالچ بغض ۽ تڪبر جي نفي ٿئي ٿي ۽ ساڳي وقت ڀائيچاري، همدرديءَ محبت ۽ رواداريءَ کي فروغ ملي ٿو. خدمتِ خلق سان نہ رڳو معاشري جي محروم طبقن مان احساس محرومي ختم ٿئي ٿي بلڪ معاشري ۾ امن ۽ استحڪام بہ پيدا ٿئي ٿو.

شاهہ لطيف رحمة الله عليه، جيئن تہ انسان ذات جي ڀلائي ۽ خيرخواهي لاءِ سڀ کان وڌيڪ فڪرمند هو ۽ اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام ۾ انسانيت جي فلاح جو راز سمايل آهي. سندس ڪلام ۾ خدمت خلق جي باري ۾ بہ رهنمائي موجود آهي. سر رامڪليءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي پوڄا ڪرائڻ يعني تڪبر واري روش جي نفي ڪندي خلق جي خدمت واري فلسفي کي هن ريت بيان فرمايو اٿس:

پُوڄـا ڪـر مَ پـاڻ کـي، جُـوڳِي رَکـج جُـوڳ
خَـلـق خـادم جـئن ڪـرين، ايءُ راول وَڏو روڳ،
پَـڳـن ڪـونهي پـوڳ، نَانگـا وِجـنِ نِڳِـئـا. (168)

خدمت خلق جي واٽ ۾ خودغرضي ۽ تڪبر وڏي رڪاوٽ آهي. ان ڪري جيستر انسان جي دل مان آءٌ ۽ مان جا بت نہ نڪرندا تيستر انسان ڪنهن ٻئي نادار ۽ محتاج جي مدد تہ ڇا پر ان ڏانهن ڏسڻ بہ نہ چاهيندو آهي.

ان ڪري شاهہ سائين سڀ کان پهريان پوڄا ڪر مَ پاڻ کي جي صلاح



www.sindhsalamat.com

ڏيڻ بعد خلق ۽ خادم جي ڳالهه ٿو ڪري.

ڀٽائي ﷫، انسانيت جي خدمت ۽ احترام لاءِ پنهنجي ذات ۽ وجود جي نفي سان گڏ من کي مات ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

پُوڄا ڳَار مَ ڀاڙ ڪي، ڪوءِ رَاول ڀَنِ رُجاتَ،
لِباسان لطيفُ چئي ڀَل ويراڳي وَات
مَن ماري ڳَر ماتُ، تہ تيرتُ ڀسينِ تڪيو.[169]

شاهہ سائين جي هنن بيتن ۾ جيڪا رهنمائي موجود آهي، اهڙي ساڳي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي جنهن ۾ تڪبر جي نفي انسانيت خدمت ۽ احسان ڪرڻ جو حڪم هن ريت ڏنل آهي:

وَاعْبُدُوا اللّٰهَ وَلَا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا وَّبِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْجَارِ ذِى الْقُرْبٰى وَالْجَارِ الْجُنُبِ وَالصَّاحِبِ بِالْجَنْۢبِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ مُخْتَالًا فَخُوْرَا ۝۳۶ [170]

ترجمو: ۽ خاص الله جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيءِ کي شريڪ نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان ۽ مِٽيءَ وارن سان ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مٽيءَ واري پاڙيسريءَ ۽ ڌاريي پاڙيسريءَ ۽ ويجهي سنگتيءَ ۽ مسافر ۽ پنهنجن ٻانهن سان چڱائي ڪريو. ڇو تہ جيڪو هٺيلو ۽ وڏائي ڪندڙ هجي تنهن کي الله دوست نہ رکندو آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعاليٰ ٻاران انسان کي گهر کان معاشري تائين تمام انسانن سان احسان، سهڻي سلوڪ ۽ چڱائيءَ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. هيءُ خدائي فرمان خدمتِ خلق جي منشور جي حيثيت رکي ٿو.

شاهہ سائين ﷫، خدمتِ خلق جي واٽ ۾ تڪبر واري سڀ کان وڏي رڪاوٽ سان گڏ لالچ (سڌ) جي بہ نفي ڪندي نظر اچي ٿو:

پُوڄا ڪار مَ ڀاڙ ڪي، ڀَلِ پُوڄا ڪان ڀَاڙ،
لاهوتي لَطيف چئي، سَڌ نہ ڪَٺن سَاڙ،
ڇڏڻ تعلق تڪيا، اِيءَ آديسين آهڃاڻ
جاٽي ڇڏي جاڙُ، پرئا پُورب ڀَار ڏي[171]

جڏهن انسان ڀاڙ کي پوڄا کان پري رکندو ۽ سڌ ساڙ نہ ڪٽندو تہ پوءِ



www.sindhsalamat.com

ان کي انسانيت جي احترام حقن ۽ خدمت جو موقعو ملي سگھندو.

انسانيت جي خدمت ۽ انهن جي حقن جي احترام جي باري ۾ اسان کي قرآن عظيم مان جيڪا هدايت ملي ٿي اها هن ريت آهي:

فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَ الْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ ۡ وَ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۳۸﴾ (172)

ترجمو: تنهن ڪري مائٽيءَ واري ۽ مسڪين ۽ مسافر کي سندس حق ڏي اهو انهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي الله جو راضپو گهرندا آهن ۽ اهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن.

## حوالا


(1) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 22/4 صفحو 142, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(2) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت الذاريات آيت 56 پاره 27_ صفحو 629_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(3) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 24/4 صفحو 142, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(4) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سوت النحل آيت 99 پاره 14 صفحو 322_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(5) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سربروو داستان 1_13 صفحو 184, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(6) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت البقره آيت 21 پاره 1 صفحو 7_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(7) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 3/1 صفحو 236, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(8) شاهه جو رسالو جلد 8_9, ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان پهريون 9 صفحو 237_ علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(9) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت الزخرف آيت 64 پاره 25 صفحو 594_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(10) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 1_15 صفحو 195, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(11) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسر راڳ داستان 15/1 صفحو 195, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(12) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبہ آيت 162 پاره 11 صفحو 247۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(13) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپاڻتي داستان 18/1 صفحو 238، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(14) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الم نشرح آيت 7_8 پاره 30 صفحو 723۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(15) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 77 پاره 17 صفحو 411۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(16) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپاڻتي داستان 23/1 صفحو 238 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(17) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الصافات آيت 40_44 پاره 23 صفحو 539۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(18) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپاڻتي داستان 20/1 صفحو 238، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(19) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 31 پاره 3 صفحو 66۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(20) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپاڻتي داستان 1_19 صفحو 238، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(21) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت محمد آيت 28 پاره 26 صفحو 613۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(22) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آساد داستان 17/7 صفحو 470، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(23) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 198 پاره 4 صفحو 93۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 1/5 صفحو 485، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(25) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النازعات آيت 4_14 پاره 30 صفحو 708۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النازعات آيت 37_39 پاره 30 صفحو 708۔ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(27) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 10/2 صفحو 198، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(28) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪارايل داستان 10/2 صفحو 259 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(29) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 71_72 پاره 7 صفحو 165 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 9_11 پاره 18 صفحو 412_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(31) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آساد داستان 17/1 صفحو 455، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(32) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 163 پاره 8 صفحو 181_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبه آيت 108 پاره 11 صفحو 246_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آساد داستان 16/1 صفحو 455، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(35) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سور ت النساءِ آيت 103 پاره 5 صفحو 116_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 3_19 صفحو 141، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(37) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 20/3 صفحو 141، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(38) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 1_2 پاره 18 صفحو 412، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(39) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الماعون آيت 4_6 پاره 30 صفحو 730 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(40) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 3_18 صفحو 141، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(41) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 142 پاره 5 صفحو 123_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(42) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 17/1 صفحو 455 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(43) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 183 پاره 2 صفحو 35_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(44) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 10/5 صفحو 445 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(45) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 184 پاره 2 صفحو 35_ تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(46) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 1/5 صفحو 444, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(47) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت الاحزاب آيت 35 پاره 22 صفحو 509 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(48) شاه جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان پهريون 16 صفحو 265, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(49) شاه جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان پهريون 17 صفحو 265, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(50) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت الرعد آيت 26 پاره 13 صفحو 305 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(51) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 19/2 صفحو 265, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(52) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 20/2 صفحو 265 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(53) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت الاحزاب آيت 41_42 پاره 22 صفحو 510, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(54) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪوهياري داستان 10/1 صفحو 333, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(55) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪوهياري داستان پهريون 10 صفحو 333, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(56) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان پهريون 3 صفحو 193, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(57) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 13/1 صفحو 194, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(58) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت بني اسرائيل آيت 79 پاره 15 صفحو 350, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(59) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 2 وائي 1 صفحو 438, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(60) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت مزمل آيت 6 پاره 29 صفحو 695, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(61) شاه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 17/5 صفحو 446, علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(62) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت مزمل آيت 1_3 پاره 29 صفحو 694, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(63) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 22/2 صفحو 200 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(64) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الدهر آيت 26 پاره 29 صفحو 702، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(65) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 20/5 صفحو 446، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(66) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران 113 پاره 4 صفحو 79، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(67) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪوهياري داستان 1/1 صفحو 332 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(68) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت السجده آيت 16 پاره 21 صفحو 501، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(69) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر پرڀاتي داستان 3/1 صفحو 249 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(70) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرپرڀاتي داستان ½ صفحو 249، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(71) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت مزمل آيت 7_8 پاره 29 صفحو 695، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(72) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 4 وائي صفحو 441، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(73) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الذاريات آيت 71_18 پاره 26 صفحو 627، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(74) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪوهياري داستان 8/4 صفحو 337، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(75) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 64_65 پاره 19 صفحو 440، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(76) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 28/1، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(77) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسامونڊري داستان ڀهريون بيت 29 صفحو 212، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(78) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 1 بيت 12 صفحو 194 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(79) قرآن عظيمہ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت مريم آيت 60 پاره 16 صفحو 373، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(80) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 15/1 صفحو 195، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(81) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 70 پاره 19 صفحو 440، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(82) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سربرو و داستان 10/1 صفحو 183، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(83) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساء آيت 110 پاره 5 صفحو 117، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(84) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 2 وائي صفحو 201، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(85) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان ٽيون وائي 2 صفحو 204، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(86) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 54 پاره 24 صفحو 559، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(87) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 7 وائي صفحو 473، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(88) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 18 پاره 4 صفحو 98، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(89) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 14/8 صفحو 372، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(90) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 153 پاره 9 صفحو 204، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(91) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرپورب داستان 2 وائي 2 صفحو 427، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(92) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التحريم آيت 8 پاره 28 صفحو 677، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(93) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرراڻو داستان 20/8 صفحو 373، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(94) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 25 پاره 25 صفحو 585، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(95) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪوهياري داستان 6 وائي 1 صفحو 341، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(96) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبہ آيت 104 پاره 11 صفحو 246، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(97) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان ½ صفحو 193, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(98) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 44, پاره 15 صفحو 345, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(99) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 2 وائي صفحو 200 علامہ قاضي رسالو حقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(100) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف 205 پاره 9 صفحو 213, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(101) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 1/1 صفحو 474, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(102) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ 36 پاره 20 صفحو 603, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(103) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الجاثيہ آيت 37 پاره 25 صفحو 603, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(104) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 1 وائي 1 صفحو 511, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(105) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت لقمان آيت 26_27 پاره 21 صفحو 498, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(106) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 18 پاره 14 صفحو 324, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(107) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 3/1 صفحو 264, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(108) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 12 پاره 7 صفحو 174 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(109) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان ¼ صفحو 264, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(110) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحجر آيت 49 پاره 14 صفحو 319, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(111) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 5/1 صفحو 264, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع

(112) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 160 پاره 4 صفحو 78,تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(113) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 1/1 صفحو 264, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(114) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان ½ صفحو 264، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(115) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سوت آل عمران آيت 159، پاره 4 صفحو 87، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(116) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الطلاق آيت 3 پاره 28 صفحو 674، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(117) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 9/8 صفحو 494، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(118) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النمل آيت 62 پاره 20 صفحو 460، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(119) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 12/1 صفحو 531، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(120) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 1/12 صفحو 534، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(121) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 67 پاره 15 صفحو 348، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(122) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 10/3 صفحو 393، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(123) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرليلان داستان ٽيون بيت 11 صفحو 393، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(124) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 53 پاره 24 صفحو 559، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(125) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرليلان داستان 2/4 صفحو 393، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(126) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 14 پاره 13 صفحو 302، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(127) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاموڏ داستان 5/1 صفحو 396 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(128) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 15 پاره 22 صفحو 526، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(129) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 1/1 صفحو 193، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(130) قرآن عظيمہ_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 107 پاره 11 صفحو 266، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(131) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر بروو داستان 3/1 صفحو 183، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(132) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومن آيت 60 پاره 24 صفحو 570، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(133) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سريمن داستان 1/1 صفحو 152، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(134) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 56 پاره 15 صفحو 347، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(135) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 56 پاره 15 صفحو 347، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(136) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشعراء آيت 80 پاره 19 صفحو 446، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(137) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سورٺ داستان 7/1 صفحو 404، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(138) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 186 پاره 2 صفحو 36، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(139) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رپ داستان 1/3 صفحو 420، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(140) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 55_56 پاره 8 صفحو 191، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(141) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر پرڀاتي داستان 18/2 صفحو 284، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(142) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 197، پاره 9 صفحو 212، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(143) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 5 بيت 10/9 صفحو 149، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(144) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 166، پاره 2 صفحو 32، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(145) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 2/5 صفحو 148، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(146) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 1/4 صفحو 142، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(147) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 16/4 صفحو 144، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(148) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 5 بيت 39 صفحو 147, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(149) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت البقره آيت 207 پاره 2 صفحو 40 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(150) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 40/4 صفحو 147, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(151) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت النساءِ آيت 74 پاره 5 صفحو 109, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(152) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 4/5 صفحو 148, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(153) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت التوبه آيت 111 پاره 11 صفحو 247, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(154) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سريمن داستان 12/1 صفحو 153, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(155) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت آل عمران آيت 157 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(156) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سريمن داستان 7/1 صفحو 152, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(157) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت آل عمران آيت 169_170 پاره 4 صفحو 88, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(158) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر حسيني داستان 18/9 صفحو 359, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(159) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت التوبه آيت 20 پاره 10 صفحو 229, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(160) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 18/7 صفحو 468, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(161) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت التوبه آيت 88_89 پاره 10 صفحو 243, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(162) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 8/8 صفحو 381 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(163) قرآن عظيم_ مولانا تاج محمود امروٽي, سورت اليل آيت 18_21 پاره 30 صفحو 722, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(164) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 9/8 صفحو 381, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(165) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 92، پاره 4 صفحو 76، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(166) شاھ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 11/8 صفحو 372، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(167) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 274 پاره 3 صفحو 56، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(168) شاھ جو رسالو جلد 8۔9، ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 29/2 صفحو 436، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(169) شاھ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 26/2 صفحو 436، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(170) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 36 پاره 5 صفحو 102، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(171) شاھ جو رسالو جلد 8۔9 ڊاڪٽر بني بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 27/2، صفحو 436، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(172) قرآن عظيم۔ مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الروم آيت 38 پاره 21 صفحو 492، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار

## حُسنِ خُلق

اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار کي انساني معاشري ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. جو تہ اخلاق جي درستگيءَ ۾ ئي انسان ذات جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. انهيءَ ڪري سرتاج شُعراءَ ، بہ انسانن کي ادب ۽ اخلاق ۽ فضيلت کي اختيار ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

سِتْرون پڙهہ سَاجاءِ جون، ڪَنز قَدوري ڇڏ،
وانءُ تني جي سڏ، جني سانگ نہ ساهہ جو. [1]

هن بيت ۾ شاهہ سائين رحمة الله عليه، فقه جي ٻن اهم ڪتابن ڪنزالدقائق ۽ ڪتاب القدوري جي مقابلي ۾ ”سترون پڙهہ ساجاءِ جون“ جو جيڪو مشورو ڏنو آهي. ان مان ادب اخلاق ۽ فضيلت جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ انساني معاشري ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي ڪيڏي نہ اهميت آهي.

ساڳي وقت اسلامي معاشري ۾ تہ اخلاق ۽ ڪردار کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. الله تبارڪ وتعاليٰ پاران رسول الله جي زندگيءَ مبارڪ کي انسانن لاءِ ”اُسوه حُسنہ“ يعني زندگي گذارڻ جو بهترين طريقو قرار ڏنو ويو آهي. ان سلسلي ۾ قرآن ڪريم ۾ ارشاد مبارڪ آهي:

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُولِ اللَّهِ أُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِمَنْ كَانَ يَرْجُو اللَّهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ وَذَكَرَ اللَّهَ كَثِيرًا ﴿٢١﴾ [2]

ترجمو: بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر جي طريقي ۾ عمدي پيروي



www.sindhsalamat.com

انهيءَ لاءِ آهي جيڪو الله جي رضا جي اميد ۽ قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جي اميد رکندو هجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي.

يعني ايمان وارن لاءِ نبي ڪريم جي طريقي ۾ زندگي گذارڻ جو بهترين طريقو آهي. قرآن ڪريم ۾ حضور ﷺ جن جي زندگي مبارڪ جي وضاحت بعد سندس اخلاق ۽ ڪردار جي بلندين کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝ [3]

ترجمو: (اي محمّد ﷺ) ۽ بيشڪ تون وڏي خُلق تي آهين. يعني اخلاق جي تمام مٿاهين درجي تي فائز آهين.

مسلمان هئڻ جي حيثيت ۾ هر شخص جي اها ذميداري آهي ته رسول الله ﷺ جي سنت، سيرت ۽ اخلاق کي اختيار ڪري ۽ مٿين قرآني آيتن، پاڻ سڳورن جي زندگيءَ تي هلڻ کي فرض جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي.

شاهه رحمة الله عليه، اخلاقي صفات جو علمبردار هو. سندس ڪلام ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي حوالي سان اهڙا ته نڪتا بيان ٿيل آهن، جن تي عمل ڪري انسان نه رڳو پنهنجي زندگي پُرسڪون گذاري سگهي ٿو بلڪ هو پوري معاشري لاءِ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو ذريعو به بڻجي سگهي ٿو.

اسلامي معاشري ۾ سلام ڪرڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڇو ته سلام ۾ هڪ طرف دينِ اسلام جي شعائر جو پتو پوي ٿو ته ٻئي طرف سلام ۾ هڪ انسان طرفان ٻئي انسان لاءِ سلامتي جي دعا ۽ نيڪ تمنائن جو اظهار پڻ آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، به سلام کي عام ڪرڻ جو قائل آهي ۽ فرمائي ٿو ته تون محبوبن کي سلام لاءِ ڇو ٿو سڪين تون پاڻ ڇو نٿو وڃي سلام ڪرين:

سِڪين ڪُه سَلام کي، ڪَريين ڪه نه سلام،
ٻئا دَرَ تَنِ حَرام، هيءُ دَرُ جنين ڏِٺو. [4]

سلام کي عام ڪرڻ ۽ ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اجازت وٺڻ ۽ گهروارن کي سلامتي جي دعا (سلام) ڏيڻ لاءِ قرآن ڪريم مان پڻ رهنمائي ملي ٿي، جيئن هن ريت آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتًا غَيْرَ بُيُوْتِكُمْ حَتّٰى تَسْتَاْنِسُوْا وَتُسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَهْلِهَا ؕ



www.sindhsalamat.com

ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ (5)

ترجمو: اي ايمان وارؤ پنهنجن گهرن کان سواءِ ٻين ماڻهن جي گهرن ۾ (ايسين) نہ گهڙو جيسين (نہ) موڪلايو ۽ ان جي رهڻ وارن تي سلام (نہ) ڏيو اهو اوهان لاءِ چڱو آهي مَن اوهين نصيحت وٺو.

هن آيت مبارڪ مان سلام ڪرڻ جي اهميت جو پتو پوي ٿو ۽ ان عمل کي نصيحت وٺڻ لاءِ چڱو عمل پڻ قرار ڏنو ويو آهي.

رب ڪريم پاران قرآن ڪريم ۾ هڪ ٻئي هنڌ سلام ڪرڻ کي برڪت واري سٺي دعا بہ قرار ڏنو ويو آهي:

فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُيُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ تَحِيَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَيِّبَةً ۭ (6)

ترجمو: پوءِ جڏهن گهرن ۾ گهڙو تڏهن پنهنجن ماڻهن تي سلام ڏيو جو اها الله وٽان برڪت واري سٺي دعا آهي.

سلام جي انهن برڪتن سبب ئي شاهہ سائين ﷫، اها صلاح ڏيندي نظر اچي ٿو:

سِڪين ڪہ سلام کي، ڪرين ڪہ نہ سلام.

انساني اخلاق ۽ ڪردار جون بيشمار خوبيون آهن، جن جي باري ۾ شاهہ سائين انسانيت جي رهبري ۽ رهنمائيءَ جو حق ادا فرمايو آهي. برداشت ڪرڻ يا تحمل ۽ بردباري بہ اهم اخلاقي صفت آهي. شاهہ صاحب ﷫، ان سلسلي ۾ هدايت فرمائي آهي تہ جيڪڏهن ڪو ويڻ ڏئي يعني گهٽ وڌ ڳالهائي تہ ان کي اهي ويڻ ورائي نہ ڏجن بلڪ هاديءَ جي هدايت کي سامهون رکندي برداشت ۽ تحمل سان نفس ۽ من کي مارڻ گهرجي:

سُٽي ويڻ ڪنن سين، وارج ڪيم وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِيءَ ڳري،
جني ساهہ سَري، تَن ماريو نفس مَاٽ سِين. (7)

ڀٽائي ﷫، جيڪا برداشت ۽ تحمل جي سهڻي صلاح ڏني آهي ان جو تاڪيد اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿو:

وَالْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِ ۭ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣٤﴾ (8)

ترجمو: ۽ ڪاوڙ کي کائيندڙ ۽ ماڻهن (جي ڏوهہ) کان ٽارو ڪندڙ آهن



www.sindhsalamat.com

۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ انهن ڀانهن جي تعريف فرمائي وئي آهي، جيڪي شاهه سائين جي صلاح موجب ”سٽي ويڻ ڪنن سين وارج ڪيم وري“ تي عمل ڪندا آهن.

شاهه سائين ﷫، اڳتي هلي انسان کي چوندڙن جي چئي کي وساري معاف ڪري انئي ڀهر ادب ۽ اخلاق سان زندگي گذارڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ مفتي پاڻ ٿيءُ، ايئن نہ ٿئي جو توکي قاضيءَ جو ڪاٺيارو ٿيڻو پوي:

اُڻ چَوندن ڪين مَ چئہ، چَوندن ڇيو وسار،
اَنئي ڀهر آدب سِين پر اهائي پار،
پَايو مُنهن مُومنن ۾، غُربت سَاڻ گذارڻ،
مُفتي مَنجهہ وهار، تہ قاضي ڪاٺيارو نہ ٿئين. (9)

اهڙي قسم جي ساڳي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي جنهن ۾ معاف ڪرڻ جي عادت پيدا ڪرڻ، جاهلن کان ٽارو ڪرڻ ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي هدايت فرمايل آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ (10)

ترجمو: معافي ڏيڻ جي عادت ڪر ۽ چڱي ڪم ڪرڻ جو حڪم ۽ جاهلن کان منهن موڙ.

## سچائي

انساني معاشري ۾ سچائيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. معاشرتي زندگي ڪاروبار وڻج واپار ۽ ڏيتي ليتي هجي يا سماجي، سياسي ۽ مذهبي معاملا هجن هر معاملي ۾ سچائيءَ کان سواءِ ڪاميابي ناممڪن آهي. سچ اهڙو تہ اخلاقي گڻ آهي. جنهن کي اختيار ڪرڻ سان انسان نہ رڳو خود عزت احترام ۽ سڪون سان رهي سگهي ٿو بلڪ هو سماجي زندگيءَ ۾ بہ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com

اهوئي سبب آهي جو عارفن جو سرواڻ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، بہ سچ جهڙي سهڻيءَ صفت کي وڏي اهميت ڏئي ٿو سندس فڪر ۽ تعليم موجب جن هن دنيا ۾ پنهنجو وکر سچ سان وهايو انهن لاءِ خوشخبري آهي ۽ اهي ئي ڪاميابي ماڻيندا:

جنـــــي ســــــودي ســــــچ وکــــــر وهـــــايو
بَخِـــرولَهُمُ البُشـــريٰ جـــو اُنـــي لاءِ آيـــو
تن کي لالڻ لنگهايو ساندارو سموندڙ جو. (11)

شاهہ سائين ﷫، سچن لاءِ جنهن خوشخبريءَ جو اعلان فرمايو آهي، ان جي تصديق اسان کي ڪلام الاهيءَ مان هن ريت ملي ٿي تہ سچن لاءِ نہ رڳو بهشت ۽ ان جون نعمتون آهن. بلڪ ڪين الله تعاليٰ جي رضا بہ حاصل ٿيندي ۽ اها تہ سڀ کان وڏي مراد ماڻڻ آهي:

قَالَ اللّٰهُ هٰذَا يَوْمُ يَنْفَعُ الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ۭ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١٩﴾ (12)

ترجمو: الله تعاليٰ فرمائيندو تہ هيءَ اُهو ڏينهن آهي جو سچن کي سندين سچائي فائدو ڏيندي، انهن لاءِ اهي بهشت آهن جن هيٺان واهيون وهنديون آهن. منجهس اصلي سدا رهڻ وارا آهن. الله کائنئن راضي آهي ۽ اهي کائنس راضي آهن.

ڀٽائي ﷫، سچ سان سودو ڪندڙن لاءِ "لَهُمُ البُشريٰ" جي جنهن بشارت جو ذڪر فرمايو آهي اُها بشارت جنت ۽ الله جي رضا جو حاصل ڪرڻ آهي.

اخلاقيات جو علمبردار ڀٽائي ﷫، سچ ۽ سچائي جو قدر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ جن وٽ سچ جو قدر ۽ سڃاڻ نہ آهي تن سان ڪو لاڳاپو نہ رک ڇو تہ انهن کي سچ جهڙي قيمتي امل ماڻڪ جي ڪا پرک نہ آهي:

جـي نــہ سُـڃاڻن سَـچ کـي، ويهہ مَ تنـي وَٽ،
امـــل کـــي اڏ ڪـــري، پاڻـــان هڻنـــدا پـــٽ،
وڃي مَاڻڪ تن سان مَٽ، جي پارکو پاٿيٽ جا. (13)



www.sindhsalamat.com

ڀٽائي ﷫، جي سچن سان صحبت رکڻ واري صلاح قرآن ڪريم ۾ آيل ارشاد رباني جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي، جنهن سان گڏ رهڻ جو حڪم ڏنل آهي:

يَٰٓأَيُّهَا ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ ٱتَّقُوا۟ ٱللَّهَ وَكُونُوا۟ مَعَ ٱلصَّٰدِقِينَ ﴿١١٩﴾ (14)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ جو (گڏهجو).

شاھ سائين جو ”جي نہ سچاڻن سچ کي ويھ مَ تني وَٽ“ وارو اعلان هن آيت سڳوريءَ جي تفسير جو درجو رکي ٿو.

شاھ سائين ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ سچن جي شان کي بيان ڪندي فرمايو آهي تہ لعلون يعني هيرا، موتي ۽ جواهر اهي لهي سگهندا جن جو سودو سچ سان هوندو:

سمنڊر ڪين سُڪن، ڪوڙين جي ڳائو ٿئي،
پاڻيءَ سين پيڪ ڪئو تيلاھ و وڻجارن،
لعلون سي لَهن، جني سودو سچ سين. (15)

الله تبارڪ وتعاليٰ سچ سان سودو ڪندڙ ٻانهن لاءِ سندن آجر ۾ بدلو خود عطا فرمائڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

لِّيَجْزِىَ ٱللَّهُ ٱلصَّٰدِقِينَ بِصِدْقِهِمْ (16)

ترجمو: اهو هن ڪري تہ الله سچن کي سندن سچائيءَ جو بدلو ڏئي.

جن سچن لاءِ شاھ سائين ﷫، لعلن لهڻ جو اشارو ڏنو آهي. ان جي تصديق اسان کي حضور ﷺ جن جي حديث مان هن ريت ملي ٿي.

عَنْ عَبْدِاللهِ ابْنِ مَسْعُودٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ اِنَّ الصِّدْقَ يَهْدِي اِلَى الْبِرِّ وَاِنَّ الْبِرَّ يَهْدِيْ اِلَى الْجَنَّةِ (17)

ترجمو: حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ سچ ڀلائي ۽ نيڪو ڪاري ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ نيڪي ۽ ڀلائي (انسان کي) جنت جي رستي تي وٺي ويندي آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷫، سرسري راڳ جي هڪ وائيءَ ۾ اها وضاحت ٿو فرمائي تہ رب ڪريم کي صرف ۽ صرف سچ ٿو وڻي:

صاحب وڻي سچ سين تي دَانہ ديوانا!
جي تحقيق ٿئا تسليم سين، اُوءِ ڪئڻ آمانا. (18)



www.sindhsalamat.com

## همدردي ۽ صلہ رحمي

سماجي زندگي ۾ همدرديءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇو تہ انسان هن معاشري ۾ هڪٻئي جي همدردي مدد ۽ تعاون جو محتاج آهي. اڪيلي طور انسان لاءِ زندگي گذارڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ان ڪري هڪ ٻئي سان همدردي ۽ تعاون کي فروغ ڏيئي معاشري ۾ اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار کي عام ڪرڻ گهرجي.

سنڌ جو سداحيات شاعر ۽ مفڪر شاهه لطيف ﷺ، بہ ماڻهن مان همدردي، مدد، تعاون ۽ اخلاقي قدرن جي گهٽجڻ سبب فڪرمند آهي ۽ انسان کي خبردار ٿو ڪري تہ هن دنيا ۾ رڳو خوشبوءِ (واس) وڃي باقي رهندو. ان ڪري انسان کي گهرجي تہ لوڪ لباس يعني رياڪاري ۽ ڏيکاءَ کي ڇڏي انسانيت لاءِ اخلاص ۽ همدردي جا سچا جذبا پيدا ڪري:

آدمين اِخلاص، مِٺائي مانُو ڪيو
ڪونہ ڪائي ڪڍهين سندو ماڻهوءَ ماس،
دِلبر هِن دُنيا ۾، وَڃي رَهندو وَاس،
ٻِئو سَڀ لوڪ لِباس، ڪو هِڪدل هُوندو هيڪڙو. (19)

دين اسلام ۾ بہ همدردي ۽ تعاون کي وڏي اهميت حاصل آهي. قرآن ڪريم ۾ ايمان وارن جي اها نشاني بيان فرمائي وئي آهي تہ اهي خود ضرورتمند هجڻ جي باوجود ٻين سان همدردي ڪندا آهن، يعني ٻين کي پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن:

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ
فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۚ﴿۹﴾ (20)

ترجمو: ۽ ٻين کي پاڻ کان پسند ڪندا آهن جيتوڻيڪ کين کو احتياج هوندو آهي ۽ جن کي پنهنجي نفس (جيءَ) کي حرص کان بچايو ويو سي ئي ڇٽڻ وارا آهن.

هن آيت سڳوريءَ مان اها وضاحت ٿي تہ جيڪي اخلاق ۽ همدرديءَ



www.sindhsalamat.com

جي جذبي وارا هوندا، اهي ئي قيامت ڏينهن الله تعاليٰ جي عذاب کان ڇٽي سگهندا. پوءِ جيڪو چاهي ته ڪيس نفس جي حرص کان به بچايو وڃي ۽ آخرت ۾ به بخشش ۽ مغفرت جو طلبگار هجي ته پوءِ ان کي همدردي، مدد ۽ تعاون کي فروغ ڏيڻ گهرجي.

انساني معاشري ۾ همدردي سان گڏ صِلہ رحمي يعني رشتي ۽ ناتي وارن سان سهڻو سلوڪ روا رکڻ به هڪ وڏي اخلاقي صفت آهي. همدردي ۽ صلہ رحمي ۾ فرق صرف اهو آهي ته همدردي معاشري جي هر فرد سان ڪري سگهجي ٿي ۽ صلہ رحمي صرف مٽن مائٽن لاءِ مخصوص آهي. ته جيئن معاشرتي رشتن ۽ ناتن جو احترام رهي سگهي. سماجي معاشري ۾ ڏٺو ويو آهي ته مٽن مائٽن ۾ معمولي ۽ ننڍين ڳالهين تان اختلاف پيدا ٿين ٿا جن جي ڪري سالن تائين رشتي دارن عزيزن جا پاڻ ۾ رشتا ناتا ٽٽل رهن ٿا. بلڪ ڪڏهن ته ائين به ٿئي ٿو جو انسان مٽن مائٽن سان زندگي ڀر لاءِ ناتا ٽوڙي ڇڏي ٿو. جنهن ڪري معاشري ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدرن جو وجود ئي نٿو رهي.

ڀٽائي ﷫ به هن معاشري جي سيني خوبين ۽ خامين مان چڱيءَ طرح واقف هو، سو ان ڪري ٽوڙيندڙن سان به ڳنڍڻ جي صلاح تو ڏئي ۽ اوڳڻ ڪندڙن سان ڳڻ ڪري کين پنهنجي محبت ۽ اخلاق سان خريد ڪرڻ جي هدايت ٿو ڪري:

ڇِــنن تــوءِ مَ ڇِــن، ڀَــاءِ اُميــري اُن ســين،
جي اُوءِ اَوڳڻ ڪن ئي اَسئي، تہ تون ڳڻاني ڳَن،
ڀُنــي لڳــي ڀِــنُ، هِــن سُــونهاري سَــنگ ۾. (21)

هن بيت ۾ شاھ سائين ﷫ رشتي ناتي ۽ تعلق کي ڇنندڙن سان ڳنڍڻ جو جيڪو حڪم ڏنو آهي اهو رب ڪريم جي هن حڪم جي تشريح جو درجو ٿو رکي جنهن ۾ ان عمل کي الله تعاليٰ جو انجام قرار ڏنو ويو آهي:

الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللهِ وَلَا يُنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿٢٠﴾ وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوْٓءَ الْحِسَابِ ﴿٢١﴾ (22)

ترجمو: جيڪي الله جو انجام پاڙيندا آهن ۽ انجام نہ ڀڃيندا آهن ۽ الله جنهن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تنهن کي جيڪي ماڻهو ڳنڍيندا آهن ۽



www.sindhsalamat.com

پنهنجي رب کان ڊڄندا آهن ۽ حساب جي سختيءَ جو ڀؤ ڪندا آهن.

هن مبارڪ آيت ۾ ”ڇنن توءِ مَ ڇن“ يعني ڳنڍيندڙن جي تعريف بيان ڪيل آهي تہ اهي الله سان پنهنجو انجام پاڙيندي مٽن مائٽن سان رشتو ناتو ۽ تعلق ڳنڍيندا آهن ۽ الله تعاليٰ کان خوف رکندي قيامت جي ڏينهن جي سختيءَ جو ڀؤ رکندا آهن. اهڙن ٻانهن لاءِ الله جي پار کان عاقبت جي گهر جي خوشخبريءَ جو اعلان فرمايل آهي.

شاهہ سائينءَ جي هن بيت جي ٻي سٽ ۾ ”جي اُوءِ اوڳڻ ڪن ٿي اسئي“ اوڳڻ ڪندڙن رشتي ۽ ناتي کي ٽوڙيندڙن ڏانهن جيڪو اشارو ڪيو ويو آهي ان طبقي لاءِ اسان کي قرآن ڪريم ۾ الله جي لعنت ۽ آخرت ۾ بري گهر (جهنم) جي خبر پوي ٿي:

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ ﴿٢٥﴾ (23)

ترجمو: ۽ جيڪي الله جو انجام ان جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڇڇيندا آهن ۽ الله جن ڪمن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي سو ڇنندا آهن ۽ زمين ۾ فساد وجهندا آهن انهن تي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙو گهر آهي.

رشتي ناتي ۽ تعلق ڇنندڙن لاءِ الله جي پار کان سخت وعيد عذاب ۽ لعنت سبب ئي شاهہ سائين رحمة الله عليه، انسان کي ”پاءِ اُميري ان سين تہ تون ڳٽاني ڳن“ ۽ ”ڳٺي لڳي ڀِن هن سُونهاري سنگ ۾“ جهڙيون صلاحون ڏيئي انسان کي الله جي عذاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ڇو تہ شاهہ سائينءَ جي زندگيءَ جو مقصد انسانيت جي رهنمائي ۽ ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي.

## اتحاد ۽ اتفاق

اتحاد ۽ اتفاق مان مراد آهي پاڻ ۾ متحد ۽ متفق ٿيڻ. اتحاد اهو روح آهي جنهن سان قومون ترقي ۽ ڪاميابيءَ جون منزلون طئي ڪن ٿيون. قومن جي ترقيءَ ڪمال ۽ زوال جو دارومدار اتحاد تي ئي آهي.

ڀٽائي رحمة الله عليه، بہ جيئن تہ انساني ترقي ۽ خوشحاليءَ جو حامي هو ان



www.sindhsalamat.com

ڪري سندس ڪلام ۾ اتحاد ۽ اتفاق تي زور ڏنل آهي. ساڳي وقت اتحاد ۾ برڪت ۽ قوت پڻ آهي.

شاهہ سائين انسانن کي پاڻ ۾ اتحاد ۽ محبت قائم ڪرڻ لاءِ پکين کان سبق وٺڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

وَڳـر ڪِـئـو وَتَـن، پِـرت نـہ ڇـنـن پـاڻ ۾،
پَسـو پَکيئـڙن، مـاڻهنئون ميـٺ گهڻـو. (24)

يعني پکين ۾ بہ ايتري پريت آهي جو وڳر جي صورت ۾ رهن ٿا ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ ميٺ جو مظاهرو ڪن ٿا. ٻئي طرف انسان کي الله تعاليٰ عقل ۽ شعور جي دولت سان مالامال ڪيو آهي، ليڪن ايڏي وڏي نعمت ميسر هئڻ جي باوجود انسانن ۾ انتشتار ۽ نفاق آهي. ان ڪري انسان اجوڪي دور ۾ مادي لحاظ سان تہ ترقي حاصل ڪئي آهي پر اتحاد ۽ اخلاق جي لحاظ سان تنزلي طرف وڌي رهيو آهي. انسانيت کي جيتري اڄ اتحاد اتفاق ۽ اعليٰ اخلاقي قدرن جي ضرورت آهي ايتري اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ هئي، اتحاد ۽ اتفاق جي اها دولت دين اسلام جي تعليم مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. ڇو تہ اسلام اتحاد اتفاق ۽ انسانيت جي احترام جو مذهب آهي.

اهوئي سبب آهي جو رب ڪريم پاران بہ انسانن کي پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪري الله جي دين کي مضبوطي سان پڪڙڻ ۽ انتشار کان بچڻ لاءِ تاڪيد فرمايو ويو آهي:

وَاعْتَصِمُوْا بِحَبْلِ اللهِ جَمِيْعًا وَّلَا تَفَرَّقُوْا (25)

ترجمو: الله جي رسيءَ کي سيئي چنبڙي وٺو ۽ ڌار نہ ٿيو.

هن قرآني آيت مان مراد آهي تہ الله جي قرآن يعني دين اسلام کي سڀ انسان متحد ۽ متفق ٿي وٺو ۽ ٽولين ۾ ٽي تفرقي جو شڪار نہ ٿيو.

شاهہ سائين ﷫، انسانن کي اتحاد ۽ اتفاق واري لشڪر سان گڏ رهڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

ڇـج مَ قطـارا، سـات چڙهنـدو لَڪيـين،
مَڇـڻ ٿـئـين ڀُٽـا، وڳ وانُـئـڻ ئـي نـہ لَهـين. (26)

هن بيت ۾ شاهہ سائين ﷫، فرمايو آهي تہ اتحاد ۽ اتفاق واري قطار ۽



www.sindhsalamat.com

ٽولي ڪان ڇڄي ڌار نہ ٿيڻ گھرجي ڇو تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اھو اتحاد وارو قافلو اڳتي نڪري لڪن تي چڙھي توڪان غائب ٿي وڃي ۽ تون پوئتي رھجي سڌي رستي ڪان ڀُلجي گمراہ نہ ٿي وڃين.

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان اھا خبر پوي ٿي تہ پھريان سڀ ماڻھو ھڪ ٽولي ھئا پوءِ جڏھن انھن مان اتحاد ختم ٿيو تہ اختلاف ۾ پئجي ويا تہ پوءِ الله تعاليٰ نبين ۽ پيغمبرن کي موڪليو تہ جيئن اھي ماڻھن ۾ الله جي ڪلام ۽ دين ذريعي اتحاد پيدا ڪن:

كَانَ النَّاسُ أُمَّةً وَّاحِدَةً ۗ فَبَعَثَ اللهُ النَّبِيّٖنَ مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۗ وَاَنْزَلَ مَعَهُمُ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِيَحْكُمَ بَيْنَ النَّاسِ فِيْمَا اخْتَلَفُوْا فِيْهِ ۚ (27)

ترجمو: سڀ ماڻھو ھڪ ٽولي ھئا پوءِ ڦري اختلاف ۾ پيا تنھن ڪري الله پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو ۽ ساڻن سچ سان ڪتاب ھن لاءِ لاٿائين تہ اھو ڪتاب ماڻھن جي وچ ۾ جنھن ڳالھ بابت جھيڳڙو ڪندا آھن تنھن بابت نبيرو ڪري.

مقصد تہ دين اسلام ۽ شاھ سائين جي پيغام جو مفھوم اھو آھي تہ انسان دين جي سڌي رستي کي اتحاد ۽ اتفاق سان ورتيون ھلي تہ ھو ڪڏھن بہ گمراھ نہ ٿيندو ۽ نہ وري انساني معاشرو نفاق ۽ انتشار جو شڪار ٿيندو ڇو تہ اسلام ۾ امن محبت ۽ اتحاد جو راز سمايل آھي.

## درگذر

انساني زندگيءَ ۾ درگذر ڪرڻ، معاف ڪرڻ کي وڏي اھميت حاصل آھي. ڇو تہ اھا ھڪ اعليٰ اخلاقي صفت آھي، جيڪا انسان ذات ۽ معاشري لاءِ سُک سڪون ۽ امن جو سبب بنجي ٿي.

درگذر ڪرڻ جي رَوش سا ن معاشري ۾ محبت ۽ ڀائيچاري جا جذبا پيدا ٿين ٿا، جنھن ڪري ھر ڪو سُک جو ساھ کڻي ٿو. ڇو تہ حقيقي انساني معاشرو اھو آھي جنھن ۾ امن ۽ محبت قائم ھجي.

ڀلاري ڀٽائي ﷫، جو ڪلام عوام لاءِ نہ رڳو مادي سڪون ۽ راحت جو



www.sindhsalamat.com

سبب بڻيو بلڪ روحاني، اخلاقي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جي حل لاءِ به شاھ رحمة الله عليه سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪيو. هو هر وقت درگذر ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي ته اگر تون خوشي ماڻڻ چاهين ٿو ته ويڻ ورائي سامهان نه ڏج:

چُوندن ڪِيم چئيجُ، ويڻ ورائي سامُهان،
ڪامَتَ قيمت جهڙي، روز ڏمر کي ڏيجُ،
ويڻ مَ ورائيج، ته سڀ در سُهاڳي ٿئين. (28)

دين اسلام ۾ درگذر ڪرڻ يا ڪنهن کي معاف ڪرڻ کي وڏي اهميت حاصل آهي. ساڳي وقت اها الله تبارڪ وتعاليٰ جي صفت پڻ آهي ته هو پنهنجن ٻانهن جون غلطيون ۽ خطائون معاف به ڪندو آهي ۽ انهن کان درگذر به ڪرڻ فرمائيندو آهي. قرآن ڪريم ۾ انسان کي ان سهڻي صفت کي اختيار ڪرڻ جي صلاح هن ريت ڏني وئي آهي:

وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲﴾ (29)

ترجمو: ۽ جڳائي ته معاف ڪن ۽ ٽارو ڪن اوهين نه گهرندا آهيو ڇا ته الله اوهان کي بخشي؟ ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله رب العزت پنهنجن ٻانهن کي معاف ڪرڻ ۽ درگذر يعني ٽاري ڪرڻ جي حڪم سان گڏ اها به ترغيب ڏني آهي ته اگر اوهان چاهيو ٿا ته الله اوهان جا عيب گناھ ۽ خطائون معاف فرمائي ته پوءِ اوهان کي به اها خدائي صفت پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪرڻي پوندي. ائين ڪرڻ سان هڪ طرف الله جي حڪم جي اطاعت ٿيندي ته ٻئي طرف ويڻ مَ ورائڻ سبب معاشري ۾ امن ۽ رواداريءَ جو ماحول پيدا ٿي سگهندو.

جڏهن ته شاھ سائينءَ جو مقصد به اهو آهي ته انسان پنهنجي ڪنن سان نازيبا گفتا ويڻ ٻڌي جواب ۾ ڪجهه به نه چئي ٿو ته ائين ڪرڻ سان انسان سڀ در هر جاءِ "سهاڳي ٿئين" خوشي ۽ خوشحالي ماڻي سگهي ٿو انهيءَ سماجي رواداري ۽ امن لاءِ ئي شاھ رحمت الله عليه فرمايو:

چُوندن ڪيم چَئيج ويڻَ وَرائي سامُهان.



www.sindhsalamat.com

درگذر ڪرڻ جي باري ۾ شاهه سائين انسان جي رهبري ڪندي ڪيس ويڙهه نه ورائڻ ۽ پنهنجي من (نفس) کي ماري ميڻ ڪري صبر ڪرڻ جي تلقين هن ريت فرمائي ٿو:

هُـو چُـونئي تـون مَ چَئُـه واتـان واري ويـڙهه،
سـين سـين سـيڌُ ڇٽي، مَـن مـاري ڪـر مِـيڻ،
ڪانڌِ وڏوئي ڪيڻ، ڪِيني منجهان ڪِينَ ٿئي. (30)

واتان ويڙهه نه ورائيندڙن ۽ پنهنجي من يعني نفس کي ماري ميڻ ڪندڙن لاءِ خداوند عالم پاران محبت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَالْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ (31)

ترجمو: ۽ ماڻهن جي ڏوهه کان ٽارو ڪندڙ آهن ۽ الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.

هن سڳوريءَ آيت ۽ ان ڀٽائي ﷫ جي ”هو چونئي تون مَ چئه واتان واري ويڙهه“ واري صلاح تي عمل ڪندڙن لاءِ رب ڪريم جي بارگاهه مان به دوستيءَ جي خوشخبريءَ جو پتو پوي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن ڪو چاهي ته کيس الله جو قرب ۽ محبت نصيب ٿئي ته پوءِ ان کي ڀٽائي جي مٿين صلاح تي عمل ڪرڻ گهرجي.

# نيڪي

نيڪيءَ مان مراد نيڪ عمل ۽ سهڻي سيرت ۽ ڪردار جو مظاهرو ڪرڻ آهي. حقيقت ۾ نيڪي الله تعاليٰ ۽ سندس رسول الله ﷺ جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جو نالو آهي. انسان جيڪو به ڪم الله ۽ سندس رسول الله ﷺ جي رضا لاءِ سندن ڏنل تعليم مطابق ڪري ٿو ته ان کي نيڪيءَ جو ڪم يا عمل چئجي ٿو. انساني معاشري ۾ نيڪ عملن ۽ نيڪ نيتي کي بنيادي اهميت حاصل آهي. معاشرتي ترقيءَ جو دارومدار نيڪ نيتي سان ڪيل نيڪ عملن تي آهي. ساڳي وقت انسان جي آخرت واري زندگي ۾ ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو دارومدار به هن دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملن



www.sindhsalamat.com

ڪردار ۽ سيرت تي منحصر آهي.

ان ڪري شاهه سائين ﷫، به انسان کي دنيا واريءَ هن مختصر زندگيءَ ۾ نيڪين جي وکر وهائڻ جي صلاح ٿو ڏئي ته جيئن اڳتي هلي آخرت واري زندگي ۾ سرخرو ۽ ڪامياب ٿي سگهي:

وَکَر سو وِهاءِ، جو پئي پُراڻو نه ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نه ضاع،
سا ڪاهڻ هلاءِ، آڳه جنهن جي اُبهين. (32)

يعني لطيفي فڪر موجب اهڙو وکر هٿ ڪجي جيڪو پئي پراڻو به نه ٿئي ۽ ان مان ڪو ذرو ضايع به نه ٿئي ته پوءِ ان وکر واريءَ هڙ سبب انسان خداوند عالم جي بارگاهه ۾ سرخرو ٿي سگهي ٿو.

ان سلسلي ۾ اسان کي قرآن مجيد مان اها رهنمائي ملي ٿي ته جن ايمان وارن نيڪ عمل ڪيا ته انهن جي نيڪين مان هڪ ذرو به ضايع نه ٿيندو ۽ انهن کي نيڪين جي بدلي ۾ جنت عطا ڪئي ويندي:

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾ (33)

ترجمو: ۽ جيڪي ماڻهو مرد يا زال مؤمن ٿي چڱا (نيڪ) ڪم ڪندا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ تِر جيترو به ظلم نه ڪبن.

شاهه سائين ﷫، هن دنيا جي سمنڊ مان انهن پونجارن جي تعريف ٿو ڪري جن سمنڊ کي سيوئو ۽ ان مان قيمتي جواهر موتي ۽ نيڪيون هٿ ڪيون:

سي پونجيارا پُر ٿئا، سمنڊ سيوئو جن،
آندائون عميق مان، جهوتي جواهرن،
لَڌائون لطيفُ چئي، لَعلون مان لَهرن،
ڪانهي قيمت تن، مُل مهانگوان جو. (34)

هن دنيا مان نيڪ ۽ چڱن ڪمن جا جيڪي هيرا ۽ جواهر هٿ ڪندا انهن کي قيامت ڏينهن انهن جي بدلي جيڪي ڪجهه عطا ڪيو ويندو اهو



www.sindhsalamat.com

ايترو تہ قيمتي آهي جو ان جو ڪو ملهہ ئي ڪونهي.

اهڙي تصديق اسان کي الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام مان هن ريت ملي ٿي:

وَمَنْ يَّأْتِهٖ مُؤْمِنًا قَدْ عَمِلَ الصّٰلِحٰتِ فَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الدَّرَجٰتُ الْعُلٰى ۝ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ (35)

ترجمو: ۽ جيڪي مؤمن ٿي وٽس چڱا ڪم ڪري ايندا سي اهي آهن جن لاءِ وڏا مرتبا آهن. سدائين رهڻ جا باغ جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

هن دنيا ۾ انسان کي نيڪين ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي. ڇو تہ انساني نفس ۽ شيطان انسان کي هر وقت نيڪيءَ کان هٽائي برائي ۽ برن ڪمن ڏانهن مائل ڪندا رهن ٿا. ليڪن جيڪو ٻانهو الله ۽ سندس رسول الله ﷺ جي اطاعت ڪندي نيڪيءَ تي قائم رهندو تہ ان لاءِ وڏا انعام اڪرام رکيل آهن.

شاهہ هن جهان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ کي سمنڊ جي تهہ مان ماڻڪ ۽ موتي ميڙڻ سان تشبيهہ ڏيندي ارشاد فرمايو آهي:

اِيءَ گت غواصن، جيئن سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٽن سين. (36)

اهڙن غواصن لاءِ رب تعاليٰ پاران بہ نيڪ عملن جو پورو بدلو بلڪہ ان کان بہ وڌيڪ عطا ڪرڻ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدُهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ (37)

ترجمو: پوءِ جن ايمان آندو آهي ۽ چڱا ڪم ڪيا آهن، تن کي سندن اجر پورو ڏيندو ۽ پنهنجي فضل سان کين وڌيڪ ڏيندو.



www.sindhsalamat.com

# وطن جي محبت

ماڳ مڪان ۽ وطن سان محبت ۽ پيار جو جذبو هڪ فطري امر آهي، ان جذبي کي قائم رکڻ ۾ ئي انساني عظمت ۽ سلڇڻي سياءَ جو راز پوشيدو آهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر شاهه لطيف به پنهنجي ڪلام ۾ وطن جي محبت کي وضاحت سان بيان ڪيو آهي. سر مارئيءَ ۾ ته شاهه سائين ﷫، وطن جي ۽ ان جي عظمت کي بيان ڪندي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

شاهه صاحب ﷫، تمثيل لاءِ عمر ۽ مارئي جو قصو بيان ڪندي وطن جي محبت، اهميت ۽ وطن سا ن لاڳاپيل هر شيءِ سان پيار جو جيڪو منظر پيش ڪيو آهي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

ڀٽائي ﷫، سرمارئي ۾ ملير کي روحاني وطن، عالم ارواح ۽ عرش عظيم سان، عمر کي نفس سان، عمرڪوٽ کي هن دنيا سان ۽ مارئيءَ کي هڪ عقلمند عاشق سان تشبيهه ڏني آهي.

ڀٽائي ﷫، هن سر ۾ مختلف ڪردارن ذريعي انسان کي دنيا جي ٻاهرين ڏيک ويک تي نه ڀلجڻ پنهنجي مقصد تي اٽل ٻيهي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو مظاهرو ڪندي ظلم ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف آواز اٿارڻ ۽ پنهنجي ماڳ مٽيءَ ۽ وطن تان قربان ٿيڻ جو سبق ڏنو آهي.

شاهه سائين ﷫، حقيقي وطن عالم ارواح ۾ ڪيل مارئي ۽ ويڙيچن جي وچن کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

السـتُ بـربڪم، جـڏهن ڪـن پيـوم
قـالوا بلـيٰ قلـب سـين، تـڏهن تـت چيـوم،
تهـين ويـر ڪيـوم، وچـن ويـڙيچن سـين. (38)

لطيف سائين مارئي جي مارن سان وچن بعد اها به وضاحت فرمائي آهي ته اڃا ڪجهه به نه هو ان وقت کان وني مارن سان رشتو ڳنڍيل آهي:



www.sindhsalamat.com

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪو لڳ لحمر،
بنيو هو نہ بت ۾ اڃا ڪو آدمر،
مون ماروءَ سين سڱ، سوئي آهي سومرا.[39]

اَلست واري عهد دوران انسان جيڪو ”قالوا بلي“ جو وچن ڪيو آهي، ان مان مراد آهي تہ مالڪ ۽ خالق صرف هڪ الله آهي. جنهن تمام روحن کان اهو وچن ورتو هو عالمر ارواح ۾ روحن کان ورتل ان وچن جو تفصيل قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيو آهي:

وَاِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَاَشْهَدَهُمْ عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۭ قَالُوْا بَلٰي ۚ شَهِدْنَا ۚ اَنْ تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿١٧٢﴾ [40]

ترجمو: ۽ اي پيغمبر ياد ڪر جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان يعني پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين ۽ پڇيائين تہ آءٌ اوهانجو پالڻهار نہ آهيان ڇا؟ چيائون تہ هائو اسين گواهہ ٿيا آهيون اها گواهي هن لاءِ ورتي هئي تہ متان قيامت جي ڏينهن چئو تہ اسين هن ڳالهہ کان بي خبر هئاسون.

شاهہ صاحب ﷫، ٻئي بيت ۾ ”ڪُن فَيَڪُون“ واري جنهن قرآني آيت جو حوالو ڏنو آهي ان ۾ رب ڪريم جي اَمر ۽ حڪم جي اهميت کي واضح ڪيو ويو آهي جنهن جو تفصيل قرآنِ ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:

اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٨٢﴾ [41]

ترجمو: سندس حڪم هن کان سواءِ ٻيو ڪونہ آهي تہ جڏهن ڪا شيءِ بڻائڻ گهرندو آهي تڏهن ان لاءِ رڳو چوندو آهي تہ ٿيءُ تہ اها شيءِ ٿي پوندي آهي.

شاهہ ﷫، هتي هن دنيا ۾ اچي پنهنجي اصلي وطن سان محبت قائم رکي ٿو ۽ پکن جي پريت کي ماڙين سان نہ مٽائڻ جو اعلان هن ريت فرمائي ٿو:

ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙي سين نہ مٽيان.[42]

جڏهن تہ وطن سان محبت کي حضور ﷺ جن ”حُب الوَطَن مِن



www.sindhsalamat.com

الايمان“ (وطن جي محبت ايمان جو حصو آهي) قرار ڏنو آهي ان ڪري انسان کي گهرجي تہ هن دنيا ۾ اچي ڪچي رسم نہ ڪري.

شاهہ صاحب ﷫، پنهنجي مالڪ حقيقي ۽ اصلوڪي وطن سان محبت جو اظهار ڪندي الله تعاليٰ جي انسان سان قربت واري آيت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

قسمت قيد ڪياس، نات ڪيراچي هن ڪوٽ ۾،
”وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ“ وطن آءٌ ويندياس،
مَارن کي مِلندياس، ڪونيون ڇڏي ڪوٽ جون. (43)

شاهہ سائين ﷫، ڪوٽ ڇڏي محبوب حقيقي، جنهن ارواحن کان الست وارو انجام ورتو هو ان سان ملڻ چاهي ٿو جنهن جي انسان سان قربت جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايل آهي:

وَلَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ وَنَعۡلَمُ مَا تُوَسۡوِسُ بِهٖ نَفۡسُهٗ ۚۖ
وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ اِلَيۡهِ مِنۡ حَبۡلِ الۡوَرِيۡدِ ﴿۱۶﴾ (44)

ترجمو: ۽ بيشڪ ماڻهو کي پيدا ڪيوسون ۽ نفس ڪيس جيڪو وسوسو وجهندو آهي سو ڄاڻندا آهيون ۽ اسين ڏانهس (سندس) ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون.

ڀٽائي ﷫، هن دنيا ۾ مٽن مائٽن کان سواءِ ڏکن ۾ گذارڻ جو ذڪر ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ عربي زبان مان اکين جي رت روئڻ جو حوالو هن ريت ڏنو آهي:

گهنگر گهارڻ مون ٿئو رءِاعرابين اِتِ،
بَكَتَ الۡعَيۡنَيۡنِ فِى هَوَاكَ دَمًا • پُڇان ساڻ پِرت،
مون اکيون ٿَن تِتِ جتي جَنبُ جيڏيين. (45)

• هيءَ عربي زبان مان ورتل هڪ مشهور چوڻي آهي، جيڪا محبوب جي جدائيءَ لاءِ استعمال ٿيندي آهي. هن جي معنيٰ آهي تہ تنهنجي سڪ ۽ سوز ۾ اکيون رت روئن ٿيون. شاهہ سائين عربي ادب مان هيءَ چوڻي بيان فرمائي هڪ طرف وطن ۽ محبوب کي بيان فرمايو آهي تہ ٻئي طرف عربي زبان ۽ ادب مان پنهنجي مطالعي جو ثبوت پڻ ڏنو آهي.



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين ﷫، عمر ڪوٽ بجاءِ اصلوڪي وطن عرش عظيم کي ترجيح ڏيندي ماڙيون ساڙي ملير پسڻ جي تمنا ڪندي قرآن ڪريم جي هڪ آيت جو حوالو هن ريت ڏنو آهي:

هي هَنڌَ ’ڙيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين رِي،
كُلُ شَيءٍ يَرْجِعُ اِلىٰ اَصْلِهٖ، تي جَهجان جَهانگين ڪاڻ،
پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جو. (46)

هن بيت ۾ شاهہ سائين ﷫، جيڪا آيت بيان فرمائي آهي، ان جي معنيٰ تہ سڀ ڪا شيءِ پنهنجي اصليت ڏانهن موٽندي آهي.

لاڪيڻي لطيف ﷫، مارئي پاران وطن جي محبت کي اهڙي تہ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو مارئي مرڻ کان پوءِ بہ پنهنجو مڙهہ ملير موڪلڻ لاءِ ٻاڏائي ٿي:

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هت مُيَاس،
گور منهنجي سومرا ڪج پهنوارن پاس،
ساري ڏيہ سر تيون، منجهان ولين واس،
مُيائي جِياس، جي وڃي مَڙهہ ملير ڏي. (47)

مارئيءَ جي وطن سان والهانہ محبت مان اسان کي بہ وطن سان محبت ۽ عقيدت جو سبق ملي ٿو. وطن سان محبت هڪ طرف ايمان جو حصو آهي تہ ٻئي طرف هڪ فطري عمل بہ آهي.

اسلامي تاريخ جي مطالعي مان اسان کي پتو پوي ٿو تہ جڏهن مڪي جي قريشي سردارن حضور جن کي مديني هجرت ڪرڻ تي مجبور ڪيو تہ پاڻ سڳورن مڪي مڪرمہ کي مخاطب ڪندي فرمايو تہ ”تون مون کي ڏاڍو عزيز آهين. ليڪن مون کي هجرت تي مجبور ڪيو ويو آهي“ پاڻ سڳورن جي هن فرمان مان بہ اسان کي وطن سان محبت جو پتو پوي ٿو:

ماڳ ۽ مٽيءَ سان محبت جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان پتو پوي ٿو تہ رب ڪريم پنهنجي محبوب محمّد عربي ﷺ جي شهر مڪي مڪرمہ جو قسم کڻندي اها وضاحت فرمائي تہ ان شهر جو قسم ان ڪري



www.sindhsalamat.com

ڪٺان ٿو جو تون ان شهر ۾ رهندو آهين:

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ۙ (48)

ترجمو: هن شهر (مڪي) جو قسم ڪٺان ٿو ۽ تون هن شهر ۾ ته رهندڙ آهين.

اهڙيءَ طرح شاهه سائين ﷺ، به ملير جي ماڳ، مارن، ڍرتي، پوکن پکين ۽ هر شيءِ کي بيان ڪري وطن سان محبت ۽ ان جي عظمت کي بيان فرمايو آهي.

وطن جي محبت سان گڏ ڀٽائي عالمي امن ۽ محبت جو به قائل آهي، ان ڪري رب ڪريم کي تمام جهانن جي آبادي ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

سائين سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين. (49)

## آئي جو آڌرياءُ

انساني زندگي ۾ حسنِ خلق يعني سهڻي سيرت اخلاق ۽ ڪردار جو وڏو عمل دخل آهي. سماجي ۽ مذهبي لحاظ سان معاشري ۾ انسان کي اعليٰ اخلاقي صفتن جو پابند بنايو ويو آهي. اهو ان ڪري ته معاشري ۾ امن محبت رواداري ۽ همدرديءَ جو ماحول پيدا ٿي سگهي، ايئن ڪرڻ سان معاشري مان ظلم ناانصافي، بک، بدحالي کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ حقيقي معنيٰ ۾ فلاحي معاشرو قائم ٿي سگهندو.

ڀلاري ڀٽائي ﷺ، جيئن ته انساني زندگي سماج معاشري ۽ اخلاقي قدرن کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بنايو آهي، ان ڪري سندس ڪلام ۾ انساني زندگي ۽ اخلاقي قدرن کي وڏي اهميت حاصل آهي. اگهڻ تي ايندڙ جو آڌرياءُ ڪرڻ نه رڳو سنڌ جي ثقافت ۽ سماجي روايت جو حصو آهي. بلڪ اها سڀ کان وڏي اخلاقي صفت به آهي ان ڪري سنڌ جي سداحيات



www.sindhsalamat.com

شاعر پڻ پنهنجي ڪلام ۾ آئي جو آڌرياءُ ڪرڻ ان جي خدمت ۽ محبت کي تمام سهڻي انداز ۾ بيان فرمايو آهي:

اچين جي هيڪار مون ساريندي سُپرين،
وَنيون وِهاڻا ڪريان، هَنڌ وڇايان وار،
ساجن سڀ جمار گولي ٿي گذاريان. (50)

هن بيت ۾ شاھ سائين ﷫، سپرين جي استقبال لاءِ اکين جي ماڻڪين کي وهاڻا ڪرڻ ۽ وارن کي هنڌ ڪري وڇائڻ جو جيڪو خوبصورت اظهار فرمايو آهي، ان مان سندس محبت ۽ گهر يا در تي ايندڙ لاءِ عقيدت جو پتو پوي ٿو نہ رڳو ايترو ليڪن هن بيت جي آخر ۾ تہ شاھ سائين ساجن جي سڀ جمار گولي ٿي گذارڻ جو اعلان فرمائي ايندڙ جي آڌرياءَ ۽ ان سان محبت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. جڏهن تہ دين اسلام ۾ انسان جي اخلاق ۽ ڪردار تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. قرآن ڪريم ۾ حضرت لوط عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جي گهر ايندڙ اجنبي مهمانن جي عزت ۽ احترام مان بہ آئي جي آڌرياءَ جو سبق ملي ٿو. حضرت لوط عليه السلام وٽ جڏهن اڻ سڃاتل مهمان آيا تڏهن سندس قوم انهن مهمانن خلاف بدزباني ۽ بداخلاقيءَ جو مظاهرو ڪرڻ پئي چاهيو جنهن تي حضرت لوط عليه السلام کين هدايت ڪندي ارشاد فرمايو تہ:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ط (51)

ترجمو: پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجي مهمانن ۾ مون کي لڄي نہ ڪريو.

هن آيت ۾ حضرت لوط عليہ السلام پاران گهر آيلن جي احترام لاءِ فڪرمند هجڻ مان سبق ملي ٿو تہ آئي جي عزت، احترام ۽ آڌرياءُ ڪرڻ لازمي امر آهي.

ساڳي وقت ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد ﷺ پاران اهو اعلان تہ "سيني مان ڪامل ترين ايمان وارو اهو آهي جنهن جو اخلاقي رويو سيني سان سنو هجي." (52) هن حديث مبارڪ مان بہ انسان کي تمام انسانن سان سهڻي اخلاق ۽ ڪردار جي مظاهرو ڪرڻ جي ترغيب ملي ٿي. جڏهن تہ آئي جو آڌرياءُ بہ ان اخلاق ۽ ڪردار ۾ شامل آهي.



www.sindhsalamat.com

شاهه لطيف رحمة الله عليه، جو ڪلام هڪ ئي وقت پنهنجي اندر ڪيترين ئي معنائن ۽ مفهوم رکي ٿو جن ۾ ظاهري، باطني ۽ روحاني معنائون اچي وڃن ٿيون.

شاهه سائين پنهنجي پرين کي پرديس مان پنهنجي گهر ۽ در تي اچڻ لاءِ آتو آهي ۽ ڪانگل کي پرڏيهه مان پرين کي اڏائي اچڻ لاءِ هن ريت هدايت ٿو ڪري:

ڪانگل سيئي ڪوٺ، پرين جي پرڏيهه ۾،
جني رِءَ جَهان ۾، اکڙين اَروٺِ،
الله لڳ لطيف چئي، ڪج ڳاراجو ڳوٺ،
جي ڏمرتا ڪنهن ڏوٺ، سي اڏامي اچڻ پرين. (53)

ساڳي وقت اسان کي حضور صلي الله عليه وسلم جن جي هڪ حديث مبارڪ به ملي ٿي جنهن مان آئي جي آڌرياءَ ۽ احترام جو پتو پوي ٿو:

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ كَانَ يُؤمِنُ بِاللهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهُ (54)

ترجمو: حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ته جيڪو الله تعاليٰ ۽ آخرت تي ايمان رکندو آهي ان کي گهرجي ته پنهنجي مهمان جو احترام ڪري

هن حديث مبارڪ مان اسان کي آئي جي آڌرياءَ ڪرڻ جو سبق پڻ ملي ٿو.

## رحم ۽ ڪرم

ايمان واري هر انسان جو اهو يقين آهي ته رحم ڪرم ۽ ٻاجهه جا تمام خزانا الله تعاليٰ جي قبضي ۾ آهن. رحمان ۽ رحيم جهڙا پيارا نالا سندس مهرباني رحم ڪرم ۽ ٻاجهه جو چٽو دليل آهن. هن سموري جهان جو نظام سندس مهرباني ۽ ٻاجهه جو هڪ نمونو آهي. ڪائنات ۾ جيڪي پيلايون برڪتون ۽ خير نظر اچي ٿو سو سڀ سندس رحماني ۽ رحيمي صفتن جي بدولت آهي.

ڀلاري ڀٽائي رحمة الله عليه، جي نزديڪ به رحم ڪرم ۽ ٻاجهه جو مرڪز آرحم الراحمين رب ڪريم جي ذات بابرڪات آهي. ان ڪري هو بذات خود



www.sindhsalamat.com

بارگاهہ الاهيءَ ۾ هٿڙا کڻي ٻاجھہ لاءِ ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

جيڏو تنهنجو نان، ٻاجهہ ٻہ اوڏيائي منگان،
ري ٿنيين ري ٿوٽيين، تون ڇپر تون ڇان،
ڪجاڙو ڪهان، تو ڪي مَعَلُم سيڪا. (55)

شاهہ سائين ﷫، رب ڪريم جي پاڪ نالي جي عظمت سان سندس ٻاجھہ يعني رحم ۽ ڪرم کي تشبيهہ ڏني آهي. شاهہ سائين ﷺ، ٻاجهاري رب کان ٻاجھہ لاءِ ٻاڏائي انسان ذات جي بہ رهنمائي فرمائي آهي تہ ٻاجھہ رحم ۽ ڪرم لاءِ صرف ۽ صرف "ارحم الراحِمن" رب کي ٻاڏائڻ گهرجي.

بارگاهہ الاهيءَ مان بہ انسان کي ٻاجهہ لاءِ رب ڪريم کي ٻاڏائڻ جي رهنمائي ملي ٿي جيڪا هن ريت آهي:

رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنۡ لَّدُنۡكَ رَحۡمَةً وَّهَيِّئۡ لَنَا مِنۡ اَمۡرِنَا رَشَدًا ﴿۱۰﴾ (56)

ترجمو: اي اسان جا پالڻهار پاڻ وٽان اسان کي ٻاجهہ عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ چڱائي ڪر.

شاهہ سائين ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ حضرت آدم ؑ واري معافيءَ لاءِ ڪيل دعا کي سامهون رکندي انهيءَ انداز ۾ مِهر نہ لاهڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

وڏي سگهہ سندياءِ، ٻاجهن ڀريو آهيين،
مون تان مِهر مَ لاهہ، آئون تنهنجي آهيان. (57)

جڏهن تہ حضرت آدم ؑ پاران رحم ڪرم ۽ بخشش لاءِ گهريل دعا جا لفظ قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايل آهن:

رَبَّنَا ظَلَمۡنَاۤ اَنۡفُسَنَا ٚ وَاِنۡ لَّمۡ تَغۡفِرۡ لَنَا وَتَرۡحَمۡنَا لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۲۳﴾ (58)

ترجمو: اي اسان جا پالڻهار اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن (تون) اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي رحم نہ ڪندين تہ ضرور ڇيئي وارن مان ٿينداسين.

وَلين جو سرتاج حضرت لطيف بارگاهہ الاهيءَ ۾ اونهي پاڻيءَ ۽ دهشت واري درياءَ مان ٻاجهہ سان پار اُڪارڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

دَهشتَ دَم دَرياه ۾، جِت ڪُنن جو ڪَڙڪو
ڪونهي ڪاٺيارن جو تار بنا تڙڪو
آهم اونهين پار جو دل اَندر دَڙڪو
پيچي سڪ سيد چئي، سير سندو سڙڪو
وَالي ڪج وڙڪو تہ ٻار لنگهيان آءٌ ٻاجهہ سِين. (59)

ساڳي سُر ۾ ڀٽائي سهڻيءَ جي زباني سڀاجهي سائينءَ جي بارگاهہ ۾ ساهڙ ڪي سير لنگهائڻ. سنيار لهڻ ۽ آر اُڪارڻ لاءِ ٻاذائي ٿو چوَ تہ ڪيس خبر آهي تہ ٻاجهہ جي خزانن جو مالڪ الله رب العزت ئي آهي ۽ جڏهن هو پنهنجي ٻاجهہ يعني رحمت جا دروازا ڪوليندو آهي تہ پوءِ انهن کي بند ڪرڻ وارو ڪوبہ نہ آهي، رب ڪريم جي رحمت وارن انهن دروازن جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۭ
وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝ (60)

ترجمو: الله ماڻهن لاءِ ٻاجهہ (رحمت) مان جيڪي کوليندو آهي تنهن کي ڪو بند ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ جيڪي بند ڪندو تنهن کي ان کان پوءِ ڪو کولڻ وارو نہ آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

ڀٽائي ؒ، رب ڪريم جي ٻاجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ قرآني حوالي سان اها صلاح ٿو ڏئي تہ جن پنهنجين دلين ۾ الله تعاليٰ جو خوف پيدا ڪيو ۽ پنهنجي نفس کي نفساني خواهشن کان روڪيائون اهي ئي رب ڪريم جي ٻاجهہ سان تکي سير سلامتيءَ سان درياءُ پار ڪندا:

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
”وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ“ ايءُ لنگهائين لنگهہ،
سڪندين کي سيد چئي ڪين جهليندو جهنگ
رات جني جو رنگ، آران سي اُڪاريين. (61)

قرآن ڪريم جي خوف خدا واري آيت جيڪا شاهہ سائين هن بيت ۾ حوالي طور آندي آهي اها هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۴۱﴾ [62]

ترجمو: ۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي حضور ۾ روبرو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي سڌ کان جهليائين پوءِ تنهنجي جاءِ بيشڪ بهشت آهي.

## ڀائيچارو

الله وارن شاعرن اديبن ۽ عالمن انساني معاشري ۾ ڀائيچاري تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي. اهو ان ڪري جو معاشرتي ترقي ۽ امن جو دارومدار ڀائيچاري تي آهي. ڀائيچاري نہ هئڻ سبب معاشري ۾ نفرت، فساد، ڏاڍ، ڌهڪاءُ ۽ دشمنيون پيدا ٿين ٿيون، جنهن ڪري ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جو عمل رڪجي وڃي ٿو. ظلم ۽ ناانصافي وڌي وڃي ٿي عام انسان تہ پنهنجي جاءِ تي ليڪن ويجها عزيز مٽ مائٽ بہ هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پون ٿا ۽ معاشري مان ڀائيچارو ۽ محبت ختم ٿي وڃي ٿي.

شاھ سائين ﷫، پنهنجي ڪلام ذريعي انسان کي رواداريءَ جو سبق ڏنو آهي جو تہ ڀائيچاري جو بنياد محبت ۽ رواداريءَ تي آهي. ڀٽائي عقل ۽ شعور واري انسان مان جڏهن محبت ۽ اخوت کي ختم ٿيندو ڏسي ٿو تہ پوءِ ڪيس پکين مان پريت حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

وَڳــر ڪـئـــو وتـــن، پِـــرت نـــہ ڇـــنن پـــاڻ ۾،
ڏِســـو پکيئـــڙن، مـــاڻهنئون ميـــٺ گهڻـــو. [63]

شاھ سائين جنهن پِرت ۽ ميٺ جو ذڪر فرمايو آهي ان مان مراد محبت ۽ ڀائيچارو آهي. ان محبت کي الله تعاليٰ پنهنجي نعمت قرار ڏنو آهي ۽ انسانن کي هڪ ٻئي جي ڀائر بنائڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

وَاذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ كُنْتُمْ اَعْدَآءً فَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ بِنِعْمَتِهٖٓ اِخْوَانًا [64]

ترجمو: ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿيؤ.



www.sindhsalamat.com

هن ڀلاريءَ آيت مان ثابت ٿيو ته دلين جي محبت جي نعمت سبب سڀ انسان هڪٻئي جا ڀائر ٿيا آهن.

ڀٽائي ﷺ ڀائيچاري کي برقرار رکڻ لاءِ سڪ پريت ۽ محبت کي قائم رکڻ لاءِ ارشاد ٿو فرمائي ته آءٌ پنهنجي محبوب کي ڳوليندو رهان ۽ هو مون کي نه ملي، اهو ان ڪري ته مٿان محبوب جي ملڻ ڪري منهنجيءَ دل ۾ جيڪا ان جي محبت آهي سا ڪٿي ختم نه ٿي وڃي:

آءٌ ڍوريئين، شال مَ لَهئين، تڙ مَ ملين تون،
لَئون لئون منجهان مون، لوچ تنهنجي نه لهي. (65)

ايمان وارن کي به الله تعاليٰ ڀائيچاري واريءَ نعمت کي قائم رکڻ لاءِ قرآن ڪريم ۾ هن ريت تاڪيد فرمايو آهي:

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ فَاَصْلِحُوْا بَيْنَ اَخَوَيْكُمْ وَاتَّقُوا اللّٰهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۱۰﴾ (66)

ترجمو: مؤمن ته سڀ ڀائر آهن تنهن ڪري پنهنجي ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪريو ۽ الله کان ڊڄو ته من اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي.

ڀائيچاري کي قائم رکڻ لاءِ شاهه محبت سان گڏ تحمل برداشت ۽ بردباريءَ کي لازم قرار ڏنو آهي. سندس فڪر موجب جيڪڏهن ڪو محبت جي ناتي کي ٽوڙي انتشار يا فساد جو سبب بڻجڻ چاهي ته به عقلمند انسان کي محبت ۽ ڀائيچاري کي نه ڇڏڻ گهرجي.

جي هو تاڻين تند کي، ته تون هڏ مَ تاڻ،
اڳي ان اهڃاڻ، سالم تند سڄي رهي. (67)

قرآن ڪريم مان به اسان کي اها هدايت ملي ٿي ته پاڻ ۾ تڪرار يا فساد نه ڪرڻ گهرجي ڇو ته تڪرار سبب ڀائيچارو ختم ٿي ويندو ۽ نااتفاقي پيدا ٿي پوندي:

وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَاصْبِرُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۴۶﴾ (68)

ترجمو: ۽ پاڻ ۾ تڪرار نه ڪريو نه ته سست ٿيندؤ ۽ اوهان جي (اتفاق) بوءِ هلي ويندي ۽ صبر ڪريو بيشڪ الله صابرن سان گڏ آهي.

شاهه سائين ﷺ، جو ”جي هو تاڻين تند کي ته تون هڏ مَ تاڻ“ وارو اعلان هن خدائي فرمان جي روح جي عين مطابق آهي. جنهن مان ڀائيچاري



www.sindhsalamat.com

ڪي قائم ڪرڻ ۽ نفاق انتشار کي ختم ڪرڻ جو سبق ملي ٿو.

شاهه سائين ﷫، پنهنجي آفاقي ڪلام ذريعي انسانيت جي رهنمائيءَ جو حق ادا ڪرڻ ۾ سيني کان اڳيرو آهي ۽ جيهائي جوڙ مان پريت پسڻ جي صلاح ڏينديارشاد فرمائي ٿو:

رنـي نـاهي ريـت، ڦِهڻـي پاهـت نـاه ڪـو
پسـو منجهـه پريـت، جيهـائي جـوڙ وهـي. (69)

شاهه سائين ﷫، هن بيت ۾ رني ناهي ريت ڏانهن جيڪو اشارو فرمايو آهي ان مان مراد آهي ته رسڻ نفاق انتشار يا فساد ڪرڻ ڪا سٺي روش نه آهي. ساڳي وقت اسلامي تعليم ۽ قرآن ڪريم ۾ به رسڻ واري روش جي نفي ڪيل آهي. سورت انفال ۾ الله تعاليٰ پاران مؤمنن کي پاڻ ۾ محبت ۽ صلح ڪرڻ لاءِ حڪم هن ريت ڏنل آهي:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاَصۡلِحُوۡا ذَاتَ بَيۡنِكُمۡ (70)

ترجمو: پوءِ الله کان ڊڄو ۽ پاڻ ۾ نهراءُ ڪريو.

شاهه سائينءَ جو ”پسو منجهه پريت“ وارو حُڪم هن سڳوريءَ آيت جي تشريح جو درجو رکي ٿو جنهن ۾ محبت جي واٽ وٺي ڀائيچاري کي فروغ ڏيڻ جو راز سمايل آهي.

پريت پسڻ يعني دلين ۾ ميلاپ ۽ محبت جي اهميت جو پتو اسان کي قرآن ڪريم جي هڪ ٻيءَ مبارڪ آيت مان پڻ پوي ٿو. جنهن ۾ وضاحت فرمايل آهي ته هيءُ دلين جو ميلاپ يعني محبت ۽ پريت ايتري ته قيمتي آهي جو جيڪي ڪجهه زمين ۾ موجود آهي، اهو سڀ به خرچ ڪن ها ته به اها دلين جي ميلاپ ڀائيچاري واري نعمت حاصل نه ڪري سگهن ها. ليڪن اهو ميلاپ الله تعاليٰ کين پنهنجيءَ نعمت سان عطا فرمايو:

وَاَلَّفَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ لَوۡ اَنۡفَقۡتَ مَا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا مَّاۤ اَلَّفۡتَ بَيۡنَ قُلُوۡبِهِمۡ
وَلٰـكِنَّ اللّٰهَ اَلَّفَ بَيۡنَهُمۡ (71)

ترجمو: ۽ انهن (مؤمنن) جي دلين ۾ ميلاپ ڏنائين جيڪي زمين ۾ آهي سو مڙئي جيڪڏهن تون خرچين ها ته سندين دلين ۾ ميلاپ نه ڏئي سگهين ها پر الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڏنو.



www.sindhsalamat.com

# عاجزي ۽ انڪساري

عاجزي ۽ انڪساري انسانيت جي سونهن ۽ سينگار آهي. عاجزيءَ جو ضد تڪبر ۽ غرور آهي. انسان کي گهرجي تہ هميشہ عاجزيءَ جي واٽ وٺي ۽ تڪبر کان پاسو ڪندو رهي.

ڀٽائي ﷫، پنهنجي شاعري ذريعي سنڌ واسين ۽ پوريءَ انسانيت لاءِ مختلف ڪردارن جي اوٽ وٺندي جتي عشق، محبت، درد، فراق ۽ رسڻ پرچڻ جو ذڪر ڪيو آهي، اتي انسان کي پنهنجي زندگيءَ جي اعليٰ مقصد کان بہ باخبر ڪيو اٿس تہ جيئن هو ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي ماڻي سگهي.

ڀٽائي ﷫، جي ڪلام ۾ اڪثر طورتي عاجزي ۽ انڪساريءَ جو عڪس نظر اچي ٿو هو ڪٿي ڀنڀور ڪي پرچائڻ لاءِ سسئيءَ جي روپ ۾ صدائون ڪندو نظر اچي ٿو ڪٿي راڻي کي ريجهائڻ لاءِ مومل ٻنجي مهر مڱي اٿس، ڪٿي سمي ڄام کي سرچائڻ لاءِ نوري ٻنجي نياز ڪيو اٿس، ڪٿي ميهار سان پريت جو پيچ پائڻ لاءِ سهڻي ٻنجي سوال ڪيا اٿس تہ ڪٿي وري چنيسر ڄام جي چت راضي ڪرڻ لاءِ ليلا ٻنجي ليلايو اٿس.

شاهہ سائين ﷫، انسان کي اعليٰ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ عاجزي ۽ انڪساريءَ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

نـــابودي نيئـــي، عبـــد کـــي اعلـــيٰ ڪِئـــو
مــورت ۾ مخفـــي ٿِئـــا، صـــورت پـــڻ ســـيئي،
ڪبي ات ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي. (72)

يعني ٻانهو جڏهن پنهنجي هستي ۽ وجود کي فنا ڪري عاجزي، انڪساري ۽ نابودي اختيار ڪندو تہ پوءِ ان جي مقام مرتبي جي ڪهڙي ڳالهہ ڪبي. مقصد تہ اهو ٻانهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ماڻي سگهندو.

بارگاهہ الاهي مان بہ عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪندڙ ٻانهن لاءِ انعامِ الاهي (جنت) جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَأَخْبَتُوا إِلَىٰ رَبِّهِمْ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ



www.sindhsalamat.com

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۷۳﴾ (73)

ترجمو: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن نويا سي بهشتي آهن اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

شاهہ سائين ”ڪبي اتي ڪيهي ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي“ جو جيڪو اشارو فرمايو آهي. اهو اشارو ”اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ“ جنت وارن ڏانهن آهي. جنهن ۾ عاجزي ڪندڙ هميشہ لاءِ رهندا. انسان لاءِ ٻانهپ جو اهو سڀ کان مٿانهون مقام آهي جيڪو عبد کي اعليٰ مقام تي پهچائي ٿو.

ڀٽائي ﷫. پنهنجو پاڻ ڀانئڻ کان منع ڪندي ڳچيءَ ۾ پاند پائي عاجزي سان ارٿ سين اورڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

پيــرين ۽ پــانئيين، ائــين وڏوڻــو ڪانــڌ،
ويڻــي اور ارٿ ســين، ڳچــيءَ پــايو پانــد،
تـہ تنهنجـوئـي وڙانـد، ڪِتـو وتـو نـہ ٿـئـي. (74)

ساڳي عنوان تي ڀٽائي محبوب ماڻڻ لاءِ وري بہ عاجزي ۽ انڪساريءَ جي وات وٺڻ جي صلاح ڏيندي پاند ڳچي ۾ پائڻ ۽ حُج نہ هلائڻ جي هدايت هن ريت فرمائي آهي:

جي پانئين پرين مڙان، تان پاند ڳچيءَ پائيج،
ڪوهہ ۾ ڪج ڪي ڪيرتون، لَڪن ليلائيج،
حُج مَ هلائيج، تہ تڪيائي ڪنه تاءِ ٿئين. (75)

اسان کي رب ڪريم جي بارگاهہ مان بہ عاجزي ڪندڙ ٻانهن لاءِ سڌي وات ڏيکارڻ جي خوشخبري هن ريت ملي ٿي:

فَيُؤۡمِنُوۡا بِهٖ فَتُخۡبِتَ لَهٗ قُلُوۡبُهُمۡ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِلٰى صِرَاطٍ مُّسۡتَقِيۡمٍ ﴿۵۴﴾ (76)

ترجمو: پوءِ ان تي ايمان آڻين ۽ سندن دليون الله لاءِ عاجزي ڪن ۽ بيشڪ الله مؤمنن کي سڌي وات ڏانهن ضرور رستو ڏيکاريندڙ آهي.

پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ تڪبر جي نشاني آهي. ان ڪري شاهہ ﷫. پنهنجي هستي کي وڃائي عاجزي سان پنهنجي دل ۾ رب ڪريم جي ذڪر ڪرڻ ۽ ان جي در ليلائڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:



www.sindhsalamat.com

هيڪر هئڻ وڃاءِ تہ ويجهي ٿيئن وصال کي،
"وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِىْ نَفْسِكَ" ڀِـي اِيءُ پُڄاءِ،
لالڻ کي ليلاءِ، تہ پوي پاڄهہ پروچ کي. (77)

هن بيت ۾ شاهہ سائين محبوب جي وصال کي ويجهي ٿيڻ لاءِ عاجزي سان گڏ قرآن ڪريم جي ذڪر واري آيت جو حوالو ڏيندي پنهنجي رب کي دل ۾ ياد ڪرڻ جي صلاح بہ ڏني آهي. اها آيت مبارڪ هن ريت آهي:

وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِىْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿٢٠٥﴾ (78)

ترجمو: ۽ پالڻهار کي پنهنجيءَ دل ۾ عاجزي ۽ ڀو سان وڏي آواز ڌاران صبح ۽ سانجهيءَ جو ياد ڪر ۽ غافلن مان نہ هج.

سينو ساهي هلڻ بہ تڪبر جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. ڀٽائي پنهون پسڻ لاءِ سسئيءَ کي ضد ڪري سينو ساهي هلڻ کان منع ڪندي عاجزي سان هلڻ جي صلاح ڏيندي اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ حجت سان هوت هٿ اچڻ مشڪل آهي:

قَدُ ٻڌي ٿون ڪِين، پهچنديئن پُنهونءَ سِين،
جڏن سينو ساهيين سسئي، ٿيين ٿهارون تين نہ
مُني تيءَ مِسڪين، حجت هوت وڃائيو. (79)

هن بيت مان روحاني طورتي محبوب ماڻڻ لاءِ عاجزي انڪساري اختيار ڪرڻ سان گڏ ظاهري طورتي بہ تڪبر ڪري غرور سان هلڻ ۽ سينو ساهڻ کان بہ بچڻ جي رهنمائي ملي ٿي.

اهڙي قسم جي هدايت اسان کي رب ڪريم جي پار کان بہ ملي ٿي جنهن ۾ انسان کي زمين تي آڪڙ ڪري تڪبر ۽ غرور سان هلڻ کان منع فرمايو ويو آهي ۽ اهڙي قسم جي بڇڙائيءَ کي الله تعاليٰ پڻ ناپسند فرمايو آهي:

وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿٣٧﴾
كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ﴿٣٨﴾ (80)

ترجمو: ۽ زمين ۾ تون آڪڙ ڪري نہ گهم، ڇو تہ تون نڪي زمين کي



www.sindhsalamat.com

ڇيري سگهنديون ۽ نڪي ڏيگهه ۾ ڄبل (جي چوٽي) کي پهچي سگهنديون. انهن سڀني عادتن جي بچڙائي تنهنجي پالڻهار وٽ ناپسند آهي.

شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي عاجزي ۽ انڪساريءَ جي تعليم ڏيندي حُجِ ۽ حجت کي وڃائي عاجزيءَ سان زندگي گذارڻ جي صلاح ڏني آهي. سر پرڀاتيءَ ۾ عاجزي اختيار ڪندڙن لاءِ خوشخبري ڏيندي ارشاد فرمايو اٿس تہ ان در تي اهي ئي ڪامياب ٿيندا جن ۾ عاجزي ۽ انڪساري هوندي:

اِن دَر سيئي اگهيا، جن نہ ڀانيو پاڻ [81]

اهڙي خوشخبري اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ملي ٿي جنهن ۾ عاجزي ڪندڙن لاءِ "وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ" ۽ انهن عاجزي ڪندڙن کي خوشخبري ڏي جو اعلان فرمايل آهي. مقصد تہ لطيفي فڪر ۽ قرآني تعليم مان ثابت ٿيو تہ عاجزي ۽ انڪساريءَ ۾ ئي انسانيت جي ڪاميابيءَ جو راز لڪل آهي. ان ڪري هر شخص کي گهرجي تہ عاجزي اختيار ڪري ڪاميابي ماڻي.

## جدوجهد

انساني زندگي جهد مسلسل جو نالو آهي. جيڪي انسان دنيا ۾ محنت ۽ ڪوشش ڪن ٿا، اهي ڪاميابيءَ سان منزلون ماڻن ٿا ۽ جيڪي انسان محنت ۽ مشقت کان عاري آهن، انهن جو نالو نشان متجي وڃي ٿو. تاريخ صرف انهن قومن کي ياد رکيو آهي جن ۾ جدوجهد جو عنصر هو.

سنڌ جو سداحيات شاعر بذات خود محنت، مشقت ۽ جدوجهد جو قائل آهي، سندس ڪلام ۾ جابجا انسانيت لاءِ جدوجهد جو سبق ڏنل آهي. ڀٽائي ﷫، مختلف سرن ۾ جدا جدا ڪردارن جي اوٽ وٺندي انسانيت کي مشڪلاتن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻ جو سبق ڏئي ٿو. هو سسئيءَ جي جدوجهد کي بيان ڪندي سردي ۽ گرمي جي سانگي نہ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

ٽَٽِيءَ ٽَڏيءَ ڪاھ، ڪانهي ويلَ وِھڻَ جي،
ڦٽان ٽٽي اونداھ، پير نہ لهين پِرينءَ جو.[72]

الله رب العزت پاران بہ قرآن ڪريم ۾ انسان لاءِ اھا وضاحت فرمائي آھي تہ جيڪا ھو جدوجهد ڪندو ان جو ڪيس پورو بدلو ڏنو ويندو:

وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿٣٩﴾ وَاَنَّ سَعْيَهٗ سَوْفَ يُرٰى ﴿٤٠﴾
ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿٤١﴾[83]

ترجمو: ۽ تہ ماڻھوءَ کي رڳو اھا (ڪمائي) ملندي جيڪا ڪيائين ۽ تہ سندس ڪمائي جلد ڏٺي ويندي وري تمام پورو بدلو ڪمائيءَ موجب ڏنو ويندو.

شاھ سائين رحمة الله عليه، اڳتي ھلي انسان کي وڏيڪ وضاحت سان ارشاد ٿو فرمائي تہ جيتر جيئرو آھين تيتر جدوجهد جاري رک:

جان جِيين تان جَل، ڳانهي جاءِ جلڻ ري،
ٽَٽيءَ ٽَڏي هَلُ، ڪانهي ويل وھڻ جي.[84]

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اھا خبر پوي ٿي تہ انسان لاءِ ھن جهان ۾ ڏک ۽ ڏاکڙا آھن:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾[85]

ترجمو: تہ بيشڪ ماڻھوءَ کي ڏک ۾ پوڻ لاءِ خلقيو سون. يعني انساني زندگيءَ جو مقصد ئي ڏکن ڏاکڙن ۽ آزمائشن ۾ پوڻ آھي.

ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ جفاڪشي ۽ جدوجهد جو پيغام آھي. سندس فڪر موجب ڪاميابي انھن جا قدم چميندي آھي، جن ۾ جدوجهد جو جذبو ھوندو آھي. شاھ سائين سرآبري ۾ سسئيءَ کي ڪيچ پهچي محبوب ماڻڻ لاءِ پنيور جا سک ڇڏي جدوجهد ڪرڻ جي صلاح ھن ريت ڏئي ٿو:

ويھہ مَ منڊ پنيور ۾، ڪج ويچرڻ سين وَس،
ليڙن جو لطيف چئي ڏونگر ڏينديءِ ڏَسُ،
هلي پُنهون پَس، سِر پر رڙهي سَسئي.[86]

جڏھن تہ اسلامي فڪر موجب بہ اسان کي اھا تعليم ملي ٿي تہ ھر



www.sindhsalamat.com

مشڪل سان آساني هوندي آهي ان ڪري انسان کي مشڪلاتن ڏکن ۽ ڏاکڙن کان گهٻرائڻ نہ گهرجي بلڪ همت جرئت ۽ بهادريءَ سان انهن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ مشڪل سان گڏ آساني پڻ آهي:

فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝ إِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝ (87)

ترجمو: ڇو تہ بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.

شاهہ سائين ﷫، سسئيءَ کي پنهون ڄام پسڻ لاءِ جستجو ۽ جدوجهد جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

ويهہ مَ منڊ پنيور ۾، اٿي رائو ريل
هيڪر اٿي هوت لئي، ٻڌ ڇتائي ڇيل،
ٽڪيائي ٽون ٽيل، تہ پسين ڄام پنهونءَ کي. (88)

يعني ٿڪجڻ باوجود بہ نہ ويهہ ۽ پنهنجو پاڻ کي اڳتي هلائيندي رهہ ڇو تہ هلڻ سان ئي هوت پسي سگهندينءَ. اڳتي هلي شاهہ سائين سسئيءَ کي جبلن جي چوٽين تي چڙهي هوت پنهونءَ ڏي هلڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

ٽڪيائي ترٽيل، چڙهہ ڇڪيائي چوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، پَوَ مڙيئي پيل،
اٿي رائو ريل، وينين تان وارِي وَري. (89)

جڏهن تہ رب ڪريم پاران قرآن پاڪ ۾ جدوجهد ۽ محنت ڪندڙن لاءِ محنت جي اجر جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَمَنْ جَاهَدَ فَإِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهِ ۚ (90)

ترجمو: ۽ جيڪو ڪوشش ڪري سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ڪري ٿو.

ڀٽائي ﷫ جي ڪلام مان انسان ذات کي "جَفا وارين جَس، جَس جفا رءَ نہ ٿئي." جي رهنمائي ملي ٿي ساڳي وقت سسئي کي ڏکن ۽ پنيان سکن جي خوشخبري ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:



www.sindhsalamat.com

ڏکن پٺيان سک، سگھا ٿيندءِ سُئي،
پير مَ ڇڏج پرينءَ جو تـوڙي لکن لک،
ڏورج پاسي ڏک، تہ پوي ٻاجهہ ڀروچ کي. (91)

ڏکن پٺيان سک واري شاهہ سائين جي هيءَ خوشخبري ”اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا“ (بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي) واريءَ آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿي.

## صبر ۽ شڪر

معاشرتي زندگيءَ ۾ صبر کي وڏي اهميت حاصل آهي. هيءَ اهڙي تہ اخلاقي صفت آهي. جيڪا هر ڪنهن ۾ پيدا ٿيڻ مشڪل آهي. ان ڪري الله وارن عالمن ۽ شاعرن پاران صبر کي اختيار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو تاڪيد فرمايل آهي. انساني زندگي جي ڪاميابي جو دارومدار صبر سان گڏ شڪر تي بہ آهي شڪرگذاري نعمت، احسان يا مهرباني تي ٿورائتي هجڻ جو نالو آهي.

جيئن تہ ڀلاري ڀٽائي ﷫ جو ڪلام اخلاقي قدرن جو وڏو سرمايو آهي، ان ڪري سندس ڪلام ۾ صبر تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. سندس فڪر موجب انسان کي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ عاجزي ۽ صبر کي اختيار ڪرڻو پوندو:

نِمي کَمي نهار تون، ڏمر پاسو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنوارئا سمجهين. (92)

شاهہ سائين ساڃاءَ وارو ٿيڻ لاءِ صبر ۽ عاجزي واٽ وٺڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

نمي کمي نهار تون، ڏمر ڏولائو
ٿيين ساڃائو جي اپيين انهين پير تي. (93)

صبر ۽ ساڃاءَ واري رستي تي هلندڙن لاءِ شاهہ سائين ڪاميابيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:



www.sindhsalamat.com

ڪَـــم ڪَمنــــدنِ ڪنّيـــو هَـــارايو هـــوڙهن،
چڪيـو نـہ چوندن، هـو جـو سَـاءُ صـبر جـو. [94]

شاھ ﷫، صبر ڪندڙن لاءِ "ڪَم ڪمندن ڪنّيو" جو جيڪو اعلان فرمايو آهي، اهڙو ئي اعلان اسان کي ڪلام الاهي مان بہ ملي ٿو جنهن ۾ صبر اختيار ڪندڙن لاءِ تمام وڏي اجر جي خوشخبري هن ريت ڏنل آهي:

اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ [95]

ترجمو: پر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

جيئن تہ ڀلاري ڀٽائي ﷫، جو اهو دستور رهيو آهي تہ سندس ڪلام ۾ قرآني آيتن جا حوالا، انهن جو ترجمو نبي ڪريم جي حديثن جا حوالا، ولين ۽ عالمن جا اقوال اڪثر طورتي ملن ٿا. جن جي ڪري سندس ڪلام کي چار چنڊ لڳي ويا آهن. اهڙيءَ طرح صبر جي باري ۾ بہ شاھ ﷬، قرآن ڪريم جي صبر جي باري ۾ تاڪيد واري سورت (والعصر) مان آيتون آڻي صبر جي اهميت کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

عشــق جـــي اســباب ڪـــي پــرِ ۾ پچيـــائون،
دارون هــــن درد جــــو ڏاڍو ڏســــيائون،
"آخــــر وَالْعَـــصرْرِ" جـــو ايهـــين اُتـــائون،
تهــان پــوءِ آئـــون، ســڪان تـــي ســلام ڪـــي. [96]

يعني عشق واري درد جو دراون اهڙو تہ ڪارگر ۽ مفيد آهي جو ان جو ڪو مٽ ئي نہ آهي ۽ اهو دارون سورت والعصر جي آخري آيت ۾ آيل آهي. اڳتي هلي شاھ سائين ﷫، سورت والعصر جي آخري آيت کي هوبهو نقل ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

اَڄُ پـــرِ آڪـــڙين ســـين ڪـــوني ڪنـــائون،
ماهــ وڏي انگــڙا ڪــري، ڪرنگهــر چــڏيائون،
وَتَــوَاصَــوْابِـالْحَقِ وَتَــوَاصَــوْا بِـالصَّـبْرِ ايهــين اُتــائون،
مُــرڪـــي مـاريـــائون، ڪلـــي گهـــايو ســڄڻين. [97]



www.sindhsalamat.com

قرآن ڪريم ۾ سورت العصر جو جيڪو مضمون بيان فرمايو ويو آهي، ان ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ چئن قسمن جي انسانن کان سواءِ ٻيا سڀ نقصان ۾ آهن. يعني والعصر سورت ڪامياب انسانن جي تعارف تي مشتمل آهي. جيڪا هن ريت آهي:

وَالْعَصْرِ ﴿١﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ﴿٢﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿٣﴾ (98)

ترجمو: پوياڙيءَ جو قسم آهي تہ بيشڪ ماڻهو گهاٽي ۾ آهي. سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪٻئي کي سچ جي وصيت ڪيائون ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون.

هن سورت مطابق ڪامياب انسان لاءِ اهو لازمي شرط آهي، تہ هو نہ رڳو پاڻ صبر تي عمل ڪري بلڪ ٻين کي بہ صبر جي تلقين ڪندو رهي. سورت والعصر جي ان اهميت سبب شاھ ؒ، ان کي پنهنجي ڪلام جو حصو بڻايو آهي.

شاھ لطيف ؒ، صبر سان گڏ شڪر جي اهميت کي بہ واضح فرمايو آهي. سُريمن ۾ محبت جي گهايلن جي سورن کي بيان ڪندي سندن شڪر جي ڪيفيت جو هن ريت اظهار فرمايو اٿس:

ويچارا واڍوڙ سدا شاڪر سورتي،
تاڻن متي توڙ اوري ڪن نہ آسرو. (99)

شڪر جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان جيڪا رهبري ملي ٿي ان مان اهو پتو پوي ٿو تہ جيڪي ايمان وارا الله جو شڪر ڪندا تہ انهن لاءِ ڪوبہ عذاب نہ هوندو ڇو تہ رب ڪريم وڏو قدردان آهي:

مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ اِنْ شَكَرْتُمْ وَاٰمَنْتُمْ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿١٤٧﴾ (100)

ترجمو: جيڪڏهن سندس نعمتون ڄاڻي شڪر ڪندؤ ۽ ايمان آڻيندؤ تہ الله اوهان کي ڇا لاءِ عذاب ڪندو؟ ۽ الله تہ قدر سڃاڻيندڙ ڄاڻندڙ آهي.

هن آيت مان ثابت ٿيو تہ شڪر ڪرڻ وارن لاءِ الله وٽ قدر آهي.

تمام نعمتون رب ڪريم جي پار کان عطا ڪيل آهن. ان ڪري انهن تمام نعمتن ۽ احسانن لاءِ انسان کي الله تعاليٰ جو شڪرگذار رهڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائين سرسهڻي جي هڪ وائيءَ ۾ داتا جي شڪر ڪرڻ جي هدايت هن ريت فرمائي ٿو:

وَاڻءُ دَاتــا جـــي درتـــي، شُـــڪر جنـــہ سُــهَاءِ،
ڪـانهي حـد حـمـد جـي، تـہ ڪـريـان لالـڻ لاءِ،
ڳـڻيـو ڳـڻيـان ڪيتريـــون، وڏيـــون وڏايـــاءِ،
سومون هٿان نـہ ٿئي، جيڪـين تـو جڳـاءِ (101)

هن وائي ۾ شاهہ شڪر سان گڏ الله تعاليٰ جي حمد ۽ ثنا جو پڻ ذڪر فرمايو آهي.

جڏهن تہ رب ڪريم طرفان بہ ٻانهن لاءِ شڪر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ اها بہ وضاحت فرمائي وئي آهي تہ اگر ڪو شڪر ڪندو تہ پنهنجي ڀلائي لاءِ ئي ڪندو ڇو تہ الله تعاليٰ تہ بي نياز ۽ بي پرواهہ بادشاهہ آهي:

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ﴿١٢﴾ (102)

ترجمو: ۽ بيشڪ لقمان کي حڪمت ڏنو سون (چيوسون) تہ الله جو شڪر ڪر ۽ جيڪو شڪر ڪندو سو رڳو پنهنجي جيءَ (جي نفع) لاءِ شڪر ڪندو ۽ جيڪو بي شڪري ڪندو تہ بيشڪ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي.

ڀٽائي ﷫، سرسري راڳ جي هڪ وائي ۾ بہ ربِ ڪريم جي ڪروڙين احسانن لاءِ بيشمار شڪرانا ۽ سندس حمد ۽ ساراهہ کي ادا ڪرڻ لاءِ هن ريت حڪم فرمائي ٿو:

سَهسين شـــڪرانا، ڪـر سَهسـين شـــڪرانا،
ڪـــــوڙين پـــــال ڳـــــريم جـــــا،
ڇئـــو حمـــد حڪـــيم کـــي ظـــاهر زبانـــا.

ساڳي وائيءَ ۾ اڳتي هلي شاهہ سائين قرآني آيت جو حوالو ڏيندي ذڪر ۽ شڪر ڪرڻ ۽ ناشڪري کان بچڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:



www.sindhsalamat.com

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ، ڪهڻو قرآنا
وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، ڪڍ تون ڪفرانا.[103]

ذڪر ۽ شڪر واري آيت مبارڪ سان گڏ الله تبارڪ وتعاليٰ صبر ۽ نماز کان مدد وٺڻ ۽ صابرن کي پنهنجي ذات سان گڏ هجڻ جي خوشخبري هن ريت ڏني آهي:

فَاذْكُرُوْنِيْٓ اَذْكُرْكُمْ وَاشْكُرُوْا لِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ ﴿١٥٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿١٥٣﴾[104]

ترجمو: تنهن ڪري مون کي ياد ڪريو ته آءٌ اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ منهنجي بي شڪري نه ڪريو. اي مؤمنو صبر ۽ نماز سان مدد وٺو ڇو ته الله صابرن سان گڏ آهي.

شاھ جي ڪلام ۾ مٿين قرآني حوالن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته صبر ۽ شڪر جي انسان لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيڏي نه وڏي اهميت آهي.

## قناعت ۽ ڪفايت

انساني زندگي ۾ قناعت کي اهم مقام حاصل آهي، جنهن کي اختيار ڪرڻ سان انسان جي دل مان حرص ۽ لالچ جهڙيون برايون ختم ٿي وڃن ٿيون. قناعت پسندي اهڙي ته صفت آهي، جيڪا انسان کي هر حال ۾ صبر ۽ شڪر ڪرڻ جو سبق ڏئي ٿي. جڏهن ته حرص ۽ لالچ رکندڙ انسان صبر ۽ شڪر جي نعمت کان محروم رهي خدائي عذاب جو مستحق ٿئي ٿو.

شاھ لطيف رحمة الله عليه، انسان ذات جو سڀ کان وڏو همدرد ۽ خيرخواھ آهي. سندس زندگي جو مقصد انسانيت کي اعليٰ اخلاقي، انساني ۽ اسلامي قدرن کان آگاھ ڪري معاشري جو ڪارآمد فرد بڻائڻ آهي.

شاھ سائين قناعت ۽ ڪفايت پسند جوڳين جي تعريف ڪندي فرمائن ٿا ته انهن کي قناعت ايتري ته پسند اچي وئي آهي، جو انهن مان ڪاڏي پيتي طعام جي طمع به ختم ٿي وئي آهي:



www.sindhsalamat.com

قــوت ڪـڙايــا ڪــاپـڙي، طعــام نـــ ڪـمعــدار،
سين هنيائون سُڄ ۾، جوڳي ڪنـه نـ يار.(105)

جڏهن تہ الله ذوالجلال پاران انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ هر قسم جي رهنمائي فراهم ڪئي وئي آهي. قرآن ڪريم ۾ ايمان وارن جي خرچ ڪرڻ جي جيڪا ڪيفيت بيان فرمائي وئي آهي. ان مان اها خبر پوي ٿي تہ اهي جڏهن زندگي جي ضرورتن لاءِ خرچ ڪندا آهن تہ نڪي فضول خرچي ڪندا آهن ۽ نہ ئي بلڪل پنهنجو هٿ بند ڪري ڇڏيندا آهن. بلڪ وچ وارو رستو يعني قناعت ۽ اعتدال جي واٽ وٺندا آهن:

وَالَّذِيْنَ اِذَآ اَنْفَقُوْا لَمْ يُسْرِفُوْا وَلَمْ يَقْتُرُوْا وَكَانَ بَيْنَ ذٰلِكَ قَوَامًا ﴿۶۷﴾ (106)

ترجمو: ۽ اهي جڏهن خرچ ڪندا آهن (تڏهن) نڪي اجايو خرچيندا آهن ۽ نڪي تنگي ڪندا آهن ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ پورو هلندا آهن.

"هتي وچم ۾ پورو هلڻ" مان مراد اعتدال ۽ قناعت آهي.

لالچ جي نفي جو نالو قناعت ۽ ڪفايت آهي. شاهہ سائين رحمة الله عليه، اهڙن لالچي انسانن جو تعارف ڪرائيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ جيڪي ماني جا بکيا ۽ لالچي آهن، سي سچا نہ پر ڪوڙا جوڳي آهن. جيڪي پنهنجي پيٽ جي پوڄا ڪندا رهن ٿا:

گــولا جــي گــراه جــا، جوڻــا ســي جــوڳي،
قتــل ســي قــوڳي، جنــي شــڪم ســانڊيا.(107)

شاهہ سائينءَ ويسن وڳن ۽ مانيءَ جي لالچين جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ اهڙن لالچي سنياسين کان الله رب العزت اڃان ڪافي اڳتي آهي ڇو جو انهن ۾ صبر شڪر ۽ قناعت جي نعمت نہ آهي:

گنـــدي ۽ گـــراه، جـــن سنياســـين ســـانڊيو
انـــي ڪـــان الله، اڃـــان اڳـــاهون ٿيـــو.(108)

ان جي مقابلي ۾ اسان کي قناعت اختيار ڪندڙ لاءِ حضور صلي الله عليه وسلم جن جو هيءُ ارشاد ملي ٿو تہ:

"خوش نصيب آهي اهو جنهن دين اسلام کي مڃيو ضرورت مطابق رزق مليس ۽ ان رزق تي ان کي الله قناعت ڪرڻ وارو بنايو."(109)



www.sindhsalamat.com

# توڪل

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ هڪ ڪامل ولي شاعر ۽ مفڪر هئڻ سان گڏ انسانيت لاءِ رهبر ۽ رهنما پڻ هو. جيئن تہ تاريخ شاهد آهي، تہ دنيا ۾ جيڪي بہ رهبر، رهنما، مصلح ۽ پيغمبر آيا انهن سڀني سڀ کان پهريان انسانن آڏو پنهنجي پاڻ کي پيش ڪيو ۽ ان بعد ٻين انسانن کي پنهنجي پنهنجي مذهب، عقيدي ۽ فڪر جي دعوت ڏنائون.

حضرت محمد ﷺ جن جڏهن الله تعاليٰ جي حڪم سان مڪي وارن جي سامهون دين جي دعوت پيش ڪرڻ لڳا تہ انهن کان پڇيائون تہ اوهان جي منهنجي متعلق ڪهڙي راءِ آهي؟ مڪي وارن سڀني هڪ آواز تي چيو تہ اوهان سچار ۽ امانتدار (صادق ۽ امين) آهيو. ان کان پوءِ جڏهن پاڻ سڳورن ﷺ مڪي وارن جي آڏو دين اسلام پيش ڪيو تہ اهي سڀ ڦري سندن دشمن ٿي پيا.

ساڳيءَ طرح سنڌ جي رهبر بہ روحانيت جي مٿاهين منزل ماڻڻ بعد سنڌ واسين سامهون اعليٰ انساني ۽ اسلامي قدر پيش ڪيا. انهن قدرن ۾ توڪل علي الله يعني الله تعاليٰ جي ذات تي توڪل ۽ آسرو ڪرڻ بہ شامل آهي. ڀٽائي ﷫ سڀ کان پهريان انسان کي دنيا جي سڀني آسرن ۽ سهارن کي ترڪ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي الله جي رحمت ۾ اميد ۽ آسري رکڻ جي هدايت ٿو ڪري:

گهڙو ڀڳو تان گهورئو، آسر مَ لاهيج،
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰه، ترهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پسين مُنهہ ميهار جو. (110)

هن بيت ۾ شاهہ قرآن ڪريم جي جنهن مبارڪ آيت جو حوالو ڏنو آهي ان ۾ الله تعاليٰ جي ذات مان آسرو نہ لاهڻ ۽ ان تي توڪل ڪرڻ جو سبق هن ريت مليل ٿو:

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ



www.sindhsalamat.com

جَمِيْعًا ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝ (111)

ترجمو: (منهنجي طرفان ڪين) چئو تہ اي منهنجا اُهي ٻانهؤ جن پاڻ تي ظلم ڪيو (اوهين) الله جي ٻاجهہ کان نااميد نہ ٿيو ڇو تہ الله سڀ گناهہ بخشيندو آهي، بيشڪ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي.

سمنڊن ۽ دريائن مان پار پوڻ لاءِ بہ شاهہ سائين توڪل جي ٽُرهي ٻڌڻ سان گڏ سبحان جي سيوا ۽ توبہ جي تسبيح پڙهڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

سيوئو جن سبحان، ويہر نہ وڙهي تن سين،
ٻڌي توڪل ترهو آرلنگهئا آسان،
توبہ جي تسبيح سين تري وئا طوفان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو. (112)

ڀٽائي ﷫، سمنڊ جي وير مان صحيح سلامت پار پوڻ لاءِ الله رب العزت تي توڪل ڪرڻ جي صلاح ان ڪري ڏني آهي جو ڪيس خبر آهي تہ جنهن کي الله مدد ڏيندو ان تي ڪوبہ غالب نہ ٿي سگهندو ان سلسلي ۾ قرآني وضاحت هن ريت آهي:

اِنْ يَّنْصُرْكُمُ اللّٰهُ فَلَا غَالِبَ لَكُمْ ۚ وَاِنْ يَّخْذُلْكُمْ فَمَنْ ذَا الَّذِيْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ۭ وَعَلَي اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ۝ (113)

ترجمو: جيڪڏهن الله اوهان کي مدد ڏيندو تہ اوهان تي ڪو غالب (ٿيڻو) نہ آهي ۽ جيڪڏهن اوهان کي مدد نہ ڏيندو تہ ان کان پوءِ ڪير اوهان کي مدد ڏيندو ۽ مؤمنن کي جڳائي تہ الله تي ڀروسو ڪن يعني الله تعاليٰ تي توڪل ڪن.

شاهہ سائين ﷫، انسان کي سموري جهان وارن مان اميدون آسرا لاهي صرف الله تعاليٰ تي توڪل ۽ ڀروسي ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي:

الله جئن نالو تئن مون وڏو آسرو،
خالق تنهنجي ڪانڌ جو پرو پاند نہ ڪو
نالو رب سندو، رهيو آهي روح ۾. (114)



www.sindhsalamat.com

اسان کي قرآن ڪريم مان بہ جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان ۾ بہ اها وضاحت فرمايل آهي تہ توڪل ۽ آسرو صرف ۽ صرف الله جل شانه جي ذات تي هئڻ گهرجي:

اَللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۳﴾ (119)

ترجمو: الله (اهو آهي جو) ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نہ آهي. ۽ مؤمنن کي جڳائي تہ الله تي ئي (توڪل) ڀروسو ڪن.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَوَكِّلِيْنَ ﴿۱۵۹﴾ (120)

ترجمو: بيشڪ الله ڀروسي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي.

## حوالا


(1) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سريمن داستان 10/5 صفحو 163 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(2) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الاحزاب آيت 21 پاره 21 صفحو 506, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(3) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي, سورت القلم آيت 4 پاره 29 صفحو 682 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(4) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 11/5 صفحو 467, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(5) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت النور آيت 27 پاره 18 صفحو 425, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(6) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي, سورت النور آيت 61 پاره 18 صفحو 432 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(7) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 14/7 صفحو 472 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(8) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت آل عمران آيت 134 پاره 4 صفحو 82, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(9) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 16/7 صفحو 473, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(10) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الاعراف آيت 199 پاره 9 صفحو 213, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(11) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 16/1 صفحو 195 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(12) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المائده آيت 119 پاره 7 صفحو 155، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(13) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 10/4 صفحو 206، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(14) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبه آيت 119 پاره 11 صفحو 248، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(15) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ساموندي داستان 7/1 صفحو 209، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(16) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاحزاب آيت 24 پاره 21 صفحو 507، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(17) رياض الصالحين امام محي الدين، جلد 1 باب الصدق، حديث 54 صفحو 48 دارالاشاعت ڪراچي.
(18) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سري راڳ داستان 2 وائي صفحو 200، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(19) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر بروو داستان 2 بيت 2 صفحو 190، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(20) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحشر آيت 9 پاره 27 صفحو 658، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(21) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪوهياري داستان 12/6 صفحو 341 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(22) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 21 پاره 13 صفحو 304، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(23) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 45 پاره 13 صفحو 304، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 2/5 صفحو 275، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(25) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 102 پاره 4 صفحو 77، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر حسيني داستان 8 بيت 7 صفحو 375، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(27) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 213 پاره 2 صفحو 41، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(28) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 13/7 صفحو 472، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(29) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 22 پاره 18 صفحو 474، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 17/7 صفحو 473، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(31) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 134 پاره 4 صفحو 82، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(32) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 17/1 صفحو 195 علامہ قاضي تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(33) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 124 پاره 5 صفحو 119، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ 10/1 صفحو 194 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(35) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت طٰهٰ آيت 75_76 پاره 16 صفحو 381، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ساموندري داستان 12/1 صفحو 210 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد. 1999ع
(37) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت النساءِ آيت 173 پاره 6 صفحو 128 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 10/1 صفحو 475 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(39) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 1 بيت 12 صفحو 475 ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(40) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 172 پاره صفحو 209، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(41) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يٰس آيت 82 پاره 23 صفحو 536 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(42) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 11/9 صفحو 499، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(43) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 1 بيت 16 صفحو 476 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(44) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 16 پاره 26 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(45) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 20/1 صفحو 476، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حِيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(46) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان پنجون بيت 14 صفحو 486 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(47) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان پنجون بيت 14 صفحو 486 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(48) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البلد آيت 1_2 پاره 30 صفحو 720 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(49) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسارنگ داستان 23/4 صفحو 548 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(50) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سربروو داستان 1 بيت 16 صفحو 184، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(51) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت هود آيت 78 پاره 12 صفحو 278 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(52) منتخب احاديث، محمد يوسف ڪانڌلوي، حديث 60 صفحو 490 ڪتب خانہ فيضي لاهور.
(53) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سربروو داستان 3 بيت 9 صفحو 185 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(54) منتخب احاديث محمد يوسف ڪانڌلوي حديث 114 صفحو 518 ڪتب خانہ فيضي لاهور.
(55) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 3/1 صفحو 264، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(56) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ڪهف آيت 10 پاره 5 صفحو 355، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(57) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 6/1 صفحو 264، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(58) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 23 پاره 8 صفحو 185، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(59) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 8/3 صفحو 514، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(60) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 2 پاره 22 صفحو 523 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(61) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سهڻي داستان 14/1 صفحو 509 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدراباد 1999ع
(62) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النازعات آيت 40_41 پاره 30 صفحو 708، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(63) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 2/4 صفحو 275، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حِيدرآباد 1999ع
(64) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران 103 پاره 3 صفحو 77، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(65) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرآسا داستان 23/4 صفحو 466، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(66) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحجر آيت 10 پاره 26 صفحو 621، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(67) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 7/7 صفحو 472، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(68) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 46 پاره 10 صفحو 221 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(69) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 13/6 صفحو 468، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(70) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 1 پاره 9 صفحو 214، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(71) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 63، پاره 10 صفحو 223، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(72) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 23/4 صفحو 142، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(73) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت هود آيت 23 پاره 12 صفحو 270، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(74) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 14/1 صفحو 237، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(75) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرآبري داستان 51 صفحو 299، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(76) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 54 پاره 17 صفحو 408، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(77) شاهہ جو رسالو 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرآبري داستان 11/5 صفحو 288، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(78) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 205 پاره 9 صفحو 213، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(79) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرآبري داستان 15/7 صفحو 293، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(80) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 37 پاره 15 صفحو 344، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(81) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر پرڀاتي داستان 19/1 صفحو 251 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(82) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر معذور داستان 6/5 صفحو 310، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(83) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النجم آيت 39_41 پاره 27 صفحو 635، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(84) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرحسيني داستان 17/2 صفحو 344، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(85) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البلد آيت 4 صفحو 720، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(86) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري داستان 14/1 صفحو 279، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(87) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الم نشرح آيت 5_6 پاره 30 صفحو 723، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(88) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري داستان 16/1 صفحو 280 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(89) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري داستان اٺون بيت 14 صفحو 296، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(90) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العنڪبوب آيت 6 پاره 20 صفحو 478، تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(91) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرحسيني داستان 7/3 صفحو 345، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(92) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان ستون بيت 18 صفحو 473، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(93) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 19/7 صفحو 473، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(94) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان ستون 20 صفحو 473 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(95) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت هود آِت 11 پاره 12 صفحو 268 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(96) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 2/4 صفحو 142، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(97) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 15/4 صفحو 465, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(98) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العصر آيت 1_3 پاره 30 صفحو 728, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(99) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سريمن داستان 19/1 صفحو 154, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(100) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 147 پاره 5 صفحو 123, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(101) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سهڻي داستان 1 وائي صفحو 511 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(102) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت لقمان آيت 12 پاره 21 صفحو 496, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(103) شاهہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 2 وائي صفحو 201, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(104) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 152_153 پاره 2 صفحو 30 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(105) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 4/5 صفحو 444, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(106) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 67, پاره 19 صفحو 440, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(107) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 12/5 صفحو 445, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(108) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 11/5 صفحو 445, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(109) رياض الصالحين جلد 1, امام محي الدين حديث 512 صفحو 249 دارالاشاعت ڪراچي.
(110) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 7/2 صفحو 512, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(111) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 53 پاره 24 صفحو 559, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(112) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 12/1 صفحو 194, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(113) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 160 پاره 4 صفحو 87, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(114) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 1/1 صفحو 264 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(115) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڏهر داستان 2/2 صفحو 264, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(116) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 1/1 بيت صفحو 538, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(117) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي, سورت ابراهيم آيت 12 پاره 13 صفحو 310, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(118) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 7/9 صفحو 529, علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(119) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي, سورت التغابن آيت 13 پاره 28 صفحو 672, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(120) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي, سورت آل عمران آيت 159 پاره 4 صفحو 87, تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

باب ٻارھون

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ انساني معاملات

## حلال روزي ۽ مزدور جي عظمت

حضرت شاهہ ڀٽائي ﷫، انسان ذات لاءِ زندگيءَ گذارڻ جا اهڙا تہ رهنما اصول مقرر فرمايا آهن. جن تي عمل ڪرڻ سان انسان معاشري ۾ عزت ۽ احترام سان زندگي گذاري سگهي ٿو.

ڀٽائي ﷫، جي ڪلام ۾ محنت ڪش ۽ ماروئڙا، وڻجارا، ڪتيندڙ ۽ ٻيا تمام پورهيت طبقا موجود آهن. جن جي محنت، جفاڪشي ۽ جدوجهد کي شاهہ سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ ڳائي سندن محنت ۽ مقام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن.

ڀٽائي ﷫، جي ان عمل سان هڪ طرف معاشري ۾ انهيءَ پورهيت طبقي کي برابري، عزت ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏٺو ويو تہ ٻئي طرف احساس محرومي جي شڪار انهن طبقن کي بہ سماجي زندگيءَ ۾ پنهنجي ڪردار ادا ڪرڻ جو ڀرپور موقعو مليو.

شاهہ سائين ﷫، جي انسان دوستيءَ جي ان عمل سان سنڌي معاشري مان ذات، پات، قوم، قبيلي ۽ پيشي جي لحاظ کان فرق ڀڻ گهٽجڻ لڳو. سي پورهيت طبقا جن کي نيچ يا گهٽ سمجهيو ويندو هو انهن کي شاهہ سائينءَ جڻ تہ نئين زندگي عطا ڪئي.

شاهہ سائينءَ جا پورهيت نہ رڳو محنت ڪري رزق حلال ڪمائن ٿا بلڪ معاشي ترقي ۽ خوشحاليءَ ۾ بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي نظر اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com

ڀٽائي ﷫ ڏُت جي پورهئي ڪندڙن کي ٻيٽي وڪ وڏائي محنت ڪري رزق حلال حاصل ڪرڻ جي صلاح هن ريت ڏيندي نظر اچي ٿو:

ڪَڇِئا ڪَاهوڙيءِ، ڀِسي پورهَت ويسرا،
ڏوتيئڙا ڏوڙيءِ، وڪ ورايو پند جي. (13)

هتي ڏت جو پورهيو ڪندڙن کي وڪ وڏائڻ جي جيڪا صلاح ڏني وئي آهي ان مان مراد ٻيٽي محنت ۽ پورهيو ڪرڻ آهي.

شاهه سائين ﷫ اڳتي هلي ڏت ڏوريندڙن کي محنت ۽ مشقت جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي ته ڇپر سُتن کي سوکڙيون ڪونه ڏيندو:

جي ڪو ڏُت ڪري، ته ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو
ڇپر ڪونه ڏيءِ سوکڙيون سُتن کي. (14)

بارگاهه الاهيءَ مان به محنت ڪندڙ شخص لاءِ اها وضاحت فرمائي وئي آهي جيڪڏهن ڪو جدوجهد يا محنت ڪري ٿو ته اها پنهنجي لاءِ ئي ڪري ٿو:

وَمَنْ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۶﴾ (15)

ترجمو: ۽ جيڪو ڪوشش ڪري ٿو سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ڪري ٿو ڇو ته الله جهانن کان بي پرواهه آهي.

هاڻي اهو محنت ڪندڙ شخص تي منحصر آهي ته هو پورهيو ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو.

جڏهن ته رزق جا تمام خزانا الله رب العزت وٽ آهن ۽ اهو سڀني کان بهتر رزق عطا ڪندڙ آهي، جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۵۸﴾ (16)

ترجمو: ۽ الله چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

سرڪاپاٽتيءَ ۾ شاهه ﷫ سُستي ۽ ڪاهلي ڇڏي رڏيءَ ڪندڙ کي صلاح ٿو ڏئي ته اٿي محنت (ڪاپو) ڪر:



www.sindhsalamat.com

سـون سـاريڪا هٿـڙا، ڪـه نـہ ڪٽـيـن رڏا،
ويهي ڪنڌ ڪاپو ڪر، گهٽيين گوهيون ڇڏ،
تـہ صـرافاڻي سـڏ، مرڪـئـو هونـد مٽـائـيين. (17)

شاهہ سائين ﷫، هن بيت ۾ محنت ڪندڙ جي هٿن جي عظمت ڪي بيان ڪندي انهن کي سون جهڙا قرار ڏنو آهي. ان مان محنت ڪش جي محنت ۽ سندس مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اسان کي محنت ڪش جي انهن هٿن متعلق اسلامي تاريخ مان بہ هڪ روايت ملي ٿي تہ حضور ﷺ جن هڪ مزدور سان هٿ ملايو تہ ان جو هٿ غيرمعمولي طورتي سخت هو. حضور جن ان مزدور کان هٿ جي سخت هجڻ جو سبب پڇيو جنهن تي مزدور جواب ڏنو تہ محنت ۽ مشقت جي ڪري هٿ سخت ٿي ويا آهن، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ جن نہ رڳو ان مزدور جي هٿ کي چمي ڏني بلڪ ارشاد فرمايو تہ: "اَلْكَاسِبُ حَبِيْبُ اللهِ" پورهيت (مزدور) الله جل شانه جو دوست آهي. حضور جن جي ان طرز عمل مان رزق حلال لاءِ محنت ڪندڙ جي عزت ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ڀٽائي ﷫، محنت ڪندڙ پورهيت کي ايمانداريءَ سان الله تي توڪل ڪري پورهئي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

ڪتـي متـي آئيـون ڪـري ٽنـد تيـارُ
اُتـل اوڏاهـين ٿئـي جيڏانهـ پـرينءَ پـارُ
ڪاپـائتيءَ قـرار، پـورهيي مـان پرائيـو. (18)

شاهہ ﷫، ڪاپائتيءَ جي جنهن قرار جو ذڪر فرمايو آهي، اهو اسان کي قرآن ڪريم مان الله تي ڀروسو رکندڙن لاءِ هن ريت ملي ٿو تہ اهڙن ٻانهن کي الله اتان رزق عطا ڪندو جتان انهن کي وهم ۾ گمان ٿي نہ هوندو:

وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۝ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ؕ
وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ (19)

ترجمو: ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن جي نڪرڻ جي ڪا واهہ ڪندو ۽ کيس اتاهون رزق ڏيندو جتان گمان ٿي نہ هوندس ۽ جيڪو الله تي



www.sindhsalamat.com

ڀروسو ڪندو تنهن کي الله ڪافي آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ الله تعاليٰ جي خوف رکندڙ لاءِ نڪرڻ جي واهه پيدا ڪرڻ ۽ کيس رزق عطا ڪرڻ جو جيڪو به اعلان فرمايو ويو آهي. ان کي شاهه سائين تنبائي تاڪيد سين قرار ڏيندي سون برابر نفعي ڪمائڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

تُنبائي تَاڪيدِ سِين، جن پچايو پاءُ،
لَسي تند لطيف چئي، هلي تَن هٿاءُ،
مَلمل منجهان ماءُ، جي سِڪيون تن سون ڪئو.[20]

هتي شاهه سائين ڪتيندڙ جي محنت جي تعريف ڪندي ان جو اجر ۽ قيمت سون برابر قرار ڏنو آهي. ان مان مراد قيمتي نفعو ۽ رزق حلال به آهي جيڪو الله جي خوف ۽ توڪل سان حاصل ڪري سگهجي ٿو. رزق حلال جي باري ۾ قرآن پاڪ مان پڻ اسان کي رهنمائي ملي ٿي جنهن ۾ انسانن کي پاڪ ۽ حلال شين کائڻ جو حڪم هن ريت ڏنو ويو آهي:

يَاَيُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِى الْاَرْضِ حَلٰلًا طَيِّبًا[21]

ترجمو: اي ماڻهو جيڪي شيون زمين ۾ آهن تن مان پاڪ حلال کائو.

## خودشناسي

خودشناسي مان مراد پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ آهي، ليڪن پاڻ سڃاڻڻ لاءِ خوديءَ جو خاتمو ڪرڻ ضروري آهي. جنهن پنهنجي ذات ۽ وجود تي ويچار ڪري زندگيءَ جي حقيقي مقصد کي سڃاتو ۽ ان موجب زندگي گذاري ته اهو ڪامياب ٿي ويو.

حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته انسان ڪجهه به نه آهي. اگر ڪجهه آهي ته اهو سڀ مالڪ جي فضل ۽ ڪرم سان آهي. ان جو بندو ۽ ٻانهو آهي ان ڪري انسان جڏهن پنهنجي وجود تي غور ڪندو ته ان جي اندر عاجزي ۽ انڪساري جو جذبو پيدا ٿيندو ۽ اهو جذبو کيس ڪاميابي سان همڪنار



www.sindhsalamat.com

ڪندو. ٻي صورت ۾ انسان ۾ خودي، تڪبر ۽ رياڪاري واري شيطاني وصف پيدا ٿيندي جيڪا ڪيس ناڪامي ۽ ذلت سان همڪنار ڪندي.

شاهہ لطيف ﷫، پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ واري فلسفي جو قائل آهي. سندس ڪلام مان پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، خوديءَ جي خاتمي، عاجزي ۽ انڪساريءَ جو سبق ملي ٿو. شاهہ سائين انسان کي پنهنجي وجود ۽ هستيءَ جي متائڻ ۾ ئي عزت وارو مقام ۽ مرتبو حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

نابودي نيئي، عَبد کي اعليٰ ڪئو
مورت ۾ مخفي ٿئا، صورت پڻ سيئي،
ڪبي ات ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي (22)

جنهن نابوديءَ عبد کي اعليٰ ڪيو يعني جنهن انسان پاڻ سڃاڻي خوديءَ جو خاتمو ڪيو ان جي مقام ۽ مرتبي کي قرآن ڪريم هن ريت بيان فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ؀ (23)

ترجمو: بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن نوياسي بهشتي آهن اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

شاهہ سائين انسان کي خبردار ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ جيئن هڪ مياڻ ۾ ٻن تلوارن جي جاءِ نہ هوندي آهي تيئن هڪ من ۾ خوديءَ ۽ خداوند عالم ڪيئن گڏ رهي سگهندا، ان ڪري خودي ڪيڏي ٻاهر ڦٽي ڪرڻ گهرجي:

ڪيئن مائيندا من ۾، خُودي ۽ خدا،
ٻن ترارين جا، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾! (24)

ساڳي وقت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها شاهدي ملي ٿي تہ بندگي کان انڪار ۽ خوديءَ جو اظهار ڪندڙن لاءِ سزا جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِـيْمًا ڏ (25)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ جن (ڀانهي هجڻ ڪان) عار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو.

ڀلارو ڀٽائي ﷫، خوديءَ جو سخت مخالف آهي. سر رامڪلي ۾ انسان کي هدايت ٿو فرمائي تہ پنهنجي وجود ۽ هستيءَ کي ترڪ ڪر وڃاءِ ۽ خوديءَ کي ٻاهہ ڏيئي ساڙي ڇڏي

ترڪ ڪَر طلب سين، لاهوتي مَ لڄاءِ،
خودي ڪڻ مَ پاڻ سِين، جوڳين وَٽ جَلاءِ. (26)

شاهہ سائين خوديءَ کي جوڳين وٽ جلائڻ جي صلاح ان ڪري ٿو ڏئي تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ خوديءَ کي نہ ساڙيو ويو تہ پوءِ آخرت ۾ خوديءَ سبب خود باهہ ۾ سڙڻو پوندو:

فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٢٩﴾ (27)

ترجمو: پوءِ دوزخ جي دروازن مان گهڙو منجهس سدائين رهندڙ هجو پوءِ تڪبر ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي.

لطيف سائين ﷫، رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ انهن انسانن کي ڪامياب قرار ڏنو آهي جيڪي پاڻ کي ڪجهہ نہ ڀائيندا آهن:

ڄاڻي تون مَ ڄاڻ، هيءُ دَر اَبوجهن جو
اُن درسيئي اگهيا، جَنِ نہ ڀانيو پاڻ،
رونجهاٽي راڄاڻ، آهي اَبوجهن جو. (28)

اهڙي قسم جي ساڳئي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ هن ريت ملي ٿي.

"جيڪو هنيلو وڏائي ڪندو تنهن کي الله دوست نہ رکندو آهي." (29)

لطيف سائين ﷫، جي پيغام ۽ اسلامي تعليم مان ثابت ٿيو تہ انسان جي ڪاميابيءَ جو راز خودشناسي ۽ خوديءَ جي خاتمي ۾ سمايل آهي.



www.sindhsalamat.com

# چڱيءَ ۽ بُري سنگت

معاشرتي زندگيءَ ۾ انسان جو هڪٻئي سان ميل جول ۽ رابطو رهندو آهي. سماجي ماحول ۾ متن مائٽن ۽ دوستن جا حق مقرر ڪيل آهن. جن کي ادا ڪرڻ سان سماجي زندگي سڪون ۽ آرام سان گذرندي آهي. اهڙي طرح دوستن احبابن سان اٿڻ ويهڻ لاءِ اخلاقي قدر متعين ڪيل آهن، ڇو تہ انسان پنهنجي خاندان، ڪردار ۽ دوستن سان ئي سڃاتو ويندو آهي. ان ڪري انسان کي هميشہ پنهنجي خانداني مرتبي، اخلاق ۽ ڪردار سان گڏ چڱن دوستن جي چڱيءَ سنگت جو خيال بہ رکڻ گهرجي.

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهہ لطيف ﷫. بہ انسان کي چڱيءَ سنگت سان اٿڻ، ويهڻ، رابطي رکڻ ۽ برن دوستن جي بريءَ سنگت کان بچڻ جي هدايت تو فرمائي، ڇو تہ شاهہ سائينءَ جي زندگيءَ جو مقصد انسان ذات جي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني آهي.

ڀٽائي ﷫. انسان کي چڱن ماڻهن سان سنگت ۽ تعلق رکڻ جي صلاح ڏيندي هنجهہ ۽ ٻگ پکين جو مثال ڏيئي، هنجهہ کي ٻگهن کان الڳ ٿي ميري ۽ گندي پاڻيءَ بجاءِ صاف ۽ ستري پاڻيءَ سان لاڳاپي رکڻ جي هدايت ٿو ڪري:

هَارِئا هَنجهہ ٻگهن سين، ڪيهي ٻَڌيئي ٻيلَ،
ميـرو متــائيج تــون، اڇــي ڪــي اُڪيــل،
ڳـنگن سـاڻ ڪويـل، لَـلا جِـم لُـڙَ پيـين. (30)

هتي شاهہ سائين انسان کي سهڻي سيرت وارن انسانن (هنجهن) سان تعلق رکڻ ۽ خراب ڪردار وارن انسانن (ٻگهن) کان بچڻ جي صلاح ڏيندي "ميرو متائيج تو اڇي کي اڪيل" ميري کي پيئڻ کان منع فرمايو آهي. هتي شاهہ سائين سهڻي اخلاق ۽ ڪردار واري انسان کي موتي ميڙيندڙ "هنجهہ" برابر ۽ خراب ڪردار واري انسان کي (ٻگهن) برابر قرار ڏنو آهي.

شاهہ سائين هنجهہ کي ٻگن سان تعلق رکڻ کان منع فرمائي انسان کي



www.sindhsalamat.com

سهڻي سيرت ۽ اخلاق وارن انسانن سان تعلق ۽ سنگت جي نصيحت فرمائي آهي ڇو تہ ان سنگت ۽ تعلق ۾ سندس ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي.

جڏهن تہ اسلامي تعليم مان بہ اسان کي اها نصيحت ملي ٿي تہ تعلق يا سنگت صرف باڪردار ايمان وارن سان ٿي هئڻ گهرجي ان ڪري جو ايمان وارن جا سنگتي صرف ايمان وارا ٿي ٿي سگهن ٿا:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا بِطَانَةً مِّنْ دُوْنِكُمْ لَا يَأْلُوْنَكُمْ خَبَالًا[31]

ترجمو: اي ايمان وارؤ پنهنجن (مسلمانن) کان سواءِ ٻين (قومن) کي ڳجهو دوست ڪري نہ وٺو (جو اهي) اوهان جي خراب ڪرڻ ۾ گهٽتائي نہ ڪندا آهن.

شاهہ سائين ﷫ چڱيءَ ۽ بريءَ سنگت جي باري ۾ انسان کي هنجهہ ۽ ٻگهن جو مثال ڏيندي سمجهائي ٿو تہ جيڪڏهن تون ڳڻ ڪري هنجهہ جون عادتون ۽ فطرت ڏسين تہ وري ڪڏهن بہ ٻگهن سان ٻيل ياري دوستي يا سنگت نہ رکين ڇو تہ هنجهہ ۽ ٻگهن جي سيرت ۽ ڪردار ۾ وڏو فرق آهي:

هَنجهن سِين هيڪار، جي ڳُڻ ڪري نهاريين،
تہ ٻَگهن سِين ٻيهار، هوند ٻيل نہ ٻڌين ڪڏهين.[32]

هتي هنجهہ جي ڳُڻ مان مراد نيڪ ۽ چڱا عمل آهن. جن ڏي شاهہ سائينءَ اشارو فرمايو آهي. اهي چڱا ڳڻ ۽ چڱا دوست اسان کي قرآن ڪريم ۾ بہ نظر اچن ٿا. جنهن جي وضاحت هن ريت فرمايل آهي:

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ
وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿۵۵﴾[33]

ترجمو: (اي مؤمنو) الله ۽ سندس پيغمبر ۽ انهن مؤمنن کان سواءِ اوهان جو ڪو دوست نہ آهي جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوات ڏيندا آهن ۽ اهي رڪوع ڪندڙ آهن.

رب ڪريم پاران ايمان وارن کي جن سهڻين صفتن وارن مؤمنن پيغمبرن ۽ نيڪوڪارن سان دوستي هجڻ جي خوشخبري ڏني وئي آهي ان لاءِ شاهہ سائين الله تعاليٰ جي شڪر بجا آڻڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:



www.sindhsalamat.com

شڪر آڻ بجاءِ، آهين آهل الله سين،
گهوڙو هن گروهه ۾، حَمد ساڻ هلاءِ،
سُرَهي هن سلڪ سِين، پڄي ڪين پڇاءِ،
تيءَ تہ توڪ پرائيين، لاشڪ تني لاءِ. (34)

هن وائيءَ ۾ شاهہ سائين ﷫، شڪر ۽ حمد سان گڏوگڏ الله واري (سلڪ) جماعت سان گڏ رهي چڱا مقصد (توڪ پرائيين) ماڻڻ جي صلاح پڻ ڏني آهي. ساڳي وقت بارگاهہ ايزديءَ مان بہ اهڙي سنگت رکندڙن لاءِ خوشخبريءَ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَمَنْ يَّتَوَلَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فَاِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿٥٦﴾ (35)

ترجمو: ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمنن کي دوست ڪري وٺندو (سو الله جي ٽوليءَ مان ٿيندو) ڇو تہ الله جي ٽولي ئي غالب آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ جنهن ٽوليءَ جي ڪاميابيءَ جي خبر ڏني وئي آهي، شاهہ ﷫ ان ٽوليءَ سان گڏ گذارڻ جي هدايت ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:

وينـي جَنـي وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا. (36)

ڀلاري ڀٽائي ﷫، جن وٽ ويهڻ کي روح جي راحت ۽ ڏکن جي ڏور ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي. تن لاءِ الله سبحانه وتعاليٰ پاران دوستي ۽ ڪاميابي جو اعلان گذريل آيت کان بہ وڌيڪ وضاحت سان هن ريت ارشاد فرمايو ويو آهي:

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۙ يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۬ (37)

ترجمو: الله مؤمنن جو (دوست) سنڀاليندڙ (آهي) ڪين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪيندو آهي.

لطيف سائين ﷫، ان محفل مجلس ۽ دوستي کان بہ منع ٿو فرمائي جنهن مان انسان کي گمراهي نقصان ۽ ڏک پهچي:

وينـي جَنـِي وَٽ ڏُکندو ڏايو ٿئي،
سَا مَجلس ئي مَٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو. (38)



www.sindhsalamat.com

اهڙي مجلس ۾ دوستيءَ کان بچڻ ۽ ان مجلس وارن گمراهن جي ناڪامي ۽ سندن سزا جي خبر بہ اسان کي انساني زندگيءَ جي ضابطہ حيات قرآن مجيد مان هن ريت پوي ٿي:

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰۗـــُٔــهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى الظُّلُمٰتِ ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿257﴾ (39)

ترجمو: ۽ جيڪي ڪافر آهن تن جا مددگار (۽ دوست خدا کان سواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي شيطان) بت آهن ڪين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪيندا آهن. اهي دوزخي آهن. اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

## سيرت ۽ صورت ۾ فرق

سيرت ۽ صورت ۾ فرق انساني اخلاق ۽ ڪردار جو هڪ اهڙو پهلو آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ سان انسان محبت، ڀائيچاري، امن ۽ سڪون سان زندگي گذاري سگهي ٿو. اعليٰ انساني اخلاق ۽ ڪردار جي تقاضا اها آهي تہ انسان جهڙو ظاهري طورتي شڪل ۽ صورت ۾ نظر اچي ٿو تہ سندس سِيرت ۽ اندر جي ڪيفيت بہ اهڙي ئي هئڻ گهرجي. يعني جنهن ڳالهہ جو زبان سان اظهار ڪجي تہ دل ۾ بہ اهائي هئڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن دل ۽ زبان ۾ فرق آهي تہ پوءِ اها منافقت ۽ ٻيائي آهي. جنهن کان هر صورت ۾ بچڻ گهرجي ڇو تہ منافقت ۽ ٻيائي ۾ تباهي ۽ بربادي آهي.

پيارا ڀٽائي ؒ بہ پنهنجي ڪلام ۾ انسان کي سيرت ۽ صورت جي فرق کي مٽائي ختم ڪرڻ جو تاڪيد فرمايو آهي. ڇو تہ ان منافقانہ روش ۾ مڪر ۽ فريب سمايل هوندو آهي. جيڪو نہ رڳو فرد لاءِ بلڪ پوري معاشري لاءِ هاڃيڪار آهي.

شاهہ سائين ؒ انسان کي منافقت کان خبردار ڪندي ارشاد فرمايو تہ منهہ ۾ آرسي جهڙو صاف ۽ قلب ۾ ڪارو، زبان سان سهڻو ليڪن من ۾ منافقت رکندڙ ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿي سگهندو:



www.sindhsalamat.com

منـــه آهيريـــان اُجـــرو، قلـــب ۾ ڪـــارو
ڀهـــرانِ زيـــب زبـــان ســـين، دل ۾ هچـــارو
اِنَ پَـــرِ ويچـــارو، ويجهـــو نـــاهه وصـــال کـــي. (40)

الله سبحانه وتعاليٰ پاران بہ منافقن جي منافقت واري چال ۽ سندن قلب ۾ منافقت جي مرض جي هن ريت وضاحت فرمائي وئي آهي:

يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۝ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۢ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۝ (41)

ترجمو: (منافق) الله ۽ مومنن کي دلبو ڏيندا آهن ۽ حالانڪ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) دلبو نہ ڏيندا آهن ۽ نہ سمجهندا آهن. سندن دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي پوءِ الله سندين بيماري وڌائي ۽ انهيءَ ڪري جو (هو) ڪوڙ ڳالهائيندا آهن. انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

شاهه صاحب ﷫، انسان کي ظاهري طور پيغمبر موسيٰ عليہ السلام جهڙي فطرت رکندڙ کي منافقت ڪيڻ جي صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

مُنـــه تـــہ موســـيٰ جهـــڙو انـــدر ۾ ابلـــيس،
اهڙو خام خبيث، ڪيڏي ڪوه نہ چڏيين. (42)

ڀٽائي ﷫، منافق جي اندر ۾ ابليس (شيطان) واري صفت بعد ٻئي بيت ۾ شيطاني سيرت جو ذڪر ڪندي تباهي ۽ بربادي واري راند کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيڻ لاءِ هن ريت نصيحت فرمائي آهي:

منـــه تـــہ موســـيٰ جهـــڙو ســـيرت شـــيطاني،
بـــازي بيرانـــي، ڪـــيڏي ڪـــوهُ نـــہ چـــڏيين. (43)

جڏهن تہ الله ذوالجلال پاران بہ (منافقن) صورت ۽ سيرت ۾ فرق رکندڙن لاءِ دردناڪ عذاب جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِى الدَّرْكِ الْاَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ نَصِيْرًا ۝ (44)

ترجمو: بيشڪ منافق باهہ جي هيٺين طبقي ۾ هوندا ۽ انهن جو مددگار ڪوئي نہ لهندين. يعني سيرت ۽ صورت ۾ فرق رکندڙ منافقن لاءِ سخت ترين عذاب جو اعلان فرمايل آهي.



www.sindhsalamat.com

لطيف سائين ﷫، ڀيائي يعني منافقت جي نقصان ۽ فريب سبب ان جو سخت مخالف آهي. هو منافقي روش اختيار ڪندڙ منهن ۾ مسلماني ۽ حضرت ابراهيم ﷤ جهڙي سيرت رکندڙ منافق کي خبردار ٿو ڪري تہ تون اندر ۾ آذر جهڙو بُت پرست ۽ مشرڪ آهين. تنهنجي دل زنگ لڳل ڪٽيل آهي ۽ تون اڃا تائين منافقت جي مرض ۾ وڪوڙيل بيمار آهين:

وَجَـــہَ مَنجهـــہ خليـــل، انـــدر آذر آهـــين،
سـڌ مَرڪـر صِـحت جـي، اَڃـا تـون عَلِيـلُ،
مُنـــہ ۾ مُســـلمان تـــون، قلـــب تـــان ڪَلَيـــل،
ٿَـــالو ناهـــہ نِفـــاق جـــو، جتـــي رب جَلِيـــلُ،
وِتـــر جـــي وصـــال ۾، دوئـــي نـــاہ دليـــلُ.[45]

اسان کي منافقن جي انهن حرڪتن ۽ نفاق جي باري ۾ الله تعاليٰ پاران عذاب جو انجام هن ريت ملي ٿو:

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ هِىَ حَسْبُهُمْ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ ﴿۶۸﴾ [46]

ترجمو: الله منافقن ۽ منافقيائين ۽ ڪافرن کي دوزخ جي باهہ جو انجام ڏنو آهي، منجهس سدائين رهڻ وارا آهن اها ڪين بس آهي ۽ مٿن الله لعنت ڪئي آهي ۽ انهيءَ لاءِ هميشہ جو عذاب آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷫، سرديسي ۾ سسئيءَ کي پنهون پنيان وڃڻ واري منظر کي بيان ڪندي اها وضاحت ٿو فرمائي تہ تنهنجو نيه نفاق سان لڳل آهي سو توکي ڪيچي ڪيئن وٺي ويندا.

مـــڙي منـــڌ ڏي آئيـــون، ســـاهيڙيون ســـهجا،
"اَلسَـسفر قَطعَـــہ مِـــنَ النّـــار" هـــاري مـــوٽ هتـــا،
ســـگ "صـــراط مســـتقيم" اٿئـــي تـــان نـــہ اڳئـــا،
ڪيچي نيندءِ ڪئا، جيئن تنهنجو نيهہ نفاق سين.[47]

جن جو ناتو ۽ نيه نفاق سين آهي تن جو منزل مقصود تي پهچڻ ناممڪن آهي، جو تہ اهي گمراهہ آهن. سندن گمراهي جي تصديق قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

فَمَا رَبِحَتْ تِّجَارَتُهُمْ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿١٦﴾ (48)

ترجمو: اِهي اُهي آهن جن هدايت جي بدران گمراهي ڳڌي پوءِ سندن واپار ڪين فائدو نہ ڏنو ۽ نڪي اهي هدايت وارا ٿيا.

## ساموندي سفر ۽ تجارت

سمنڊ الله تعاليٰ جي نعمتن مان هڪ وڏي نعمت آهي، جنهن ۾ قدرت پاران انسان لاءِ رزق، معيشت ۽ تجارت جهڙا بيشمار فائدا رکيل آهن.

حضرت شاھ لطيف ﷫، پنهنجي ڪلام ۾ سمنڊ جي نعمتن سفر ۽ تجارت ڪي بيان فرمايو آهي. جنهن مان هڪ طرف الله ذوالجلال جي نعمتن تہ ٻئي طرف اعليٰ اخلاقي ۽ اسلامي قدرن جا سبق بہ ملن ٿا. ان سان گڏوگڏ اسان کي سونهاريءَ سنڌ جي تجارتي تاريخ، معاشي ترقي ۽ خوشحالي جو بہ پتو پوي ٿو. شاھ سائين، رسالي جي سُرن سري راڳ، ساموندريءَ ۽ گهاتو ۾ سمنڊ سان لاڳاپيل مسئلن ۽ نعمتن کي تفصيل سان بيان فرمايو آهي.

ساڳي وقت شاھ تمثيلي طورتي انسان کي هن جهان واري سمنڊ مان حياتي جي ٻيڙي کي براين ۽ بداعمالن جي لهرن ۽ لوڏن مان نيڪين ۽ ڀلاين جي وکر سان پار پهچائڻ جو پڻ سبق ڏنو آهي.

شاھ سائين ﷫، سمنڊ ۾ ٻيڙين جي هلڻ ۽ وڻجهارن پاران وکر وجهي الله تعاليٰ کان دعا گهرڻ واري منظر کي هن ريت بيان فرمائي ٿو:

ڪُوهـا ڪالهــ ڪٽــي، وڌائــون اُتــر آســري،
الله جهــري مَرَ اُن جــي، اولــي جــي اَڙِــي،
وَڻجــارن وٽــي، وَڪــر وِڌو ٻيــڙيين. (49)

شاھ سائين هڪ ٻئي هنڌ بہ ڏٽيءَ در ٻيڙيءَ جي سلامتيءَ لاءِ هن ريت اظهار فرمائي ٿو:

ٻيــڙي تنهنجــي ٻاجهــ، وکــر تنــہ وصــالَ جــو،
ڪوهــا اولا ان جــا، ســـپ سُــونهارا سَــاجُ،
مُعَلم جِت مَحتاجِ، اُت پُورڻ وارو پاڻ ڏٽي. (50)



www.sindhsalamat.com

ساڳي وقت اسان کي قرآن ڪريم مان بہ ٻيڙين جي هلڻ، الله جي فضل ۽ ٻاجهہ جو پتو هن ريت پوي ٿو:

رَبُّكُمُ الَّذِىۡ يُزۡجِىۡ لَـكُمُ الۡـفُلۡكَ فِى الۡبَحۡرِ لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمۡ رَحِيۡمًا ۝٦٦ [51]

ترجمو: اوهان جو پالڻهار اهو آهي جيڪو دريائن ۾ ٻيڙيون هن لاءِ هلائيندو آهي تہ سندس فضل ڳوليو ڇو تہ اهو اوهان تي ٻاجهارو آهي.

هن آيت سڳوريءَ مان اهو ثابت ٿيو تہ سمنڊ ۾ ٻيڙين جو هلڻ ۽ ان مان رزق جون نعمتون ڳولڻ جو اهو سڀ الله جو فضل ۽ ٻاجهہ آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷬، سمنڊ جي طوفانن ۽ لهرن لوڏن کان ٻيڙن جي حفاظت لاءِ بارگاهہ الاهيءَ ۾ هن ريت ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

لُڙ لهريون لس ليٽ، جتي آت نہ آب جو،
الله اُت مَ اَولين، ٻيڙا متي ٻيٽ،
جوڪو ٿيي مَ جڙ اوکي، ڦرهي اچي مَ ڦيٽ،
لڳي ڪام لپيٽ، غارِيبي غوراب کي. [52]

قرآن پاڪ مان بہ اسان کي سمنڊ ۾ طوفان واري منظر ۾ انسان جي ڪيفيت جو پتو هن ريت پوي ٿو تہ جڏهن انسان سمنڊ جي طوفان ۾ ڦاسندو آهي تہ مخلص ٿي الله کي مدد لاءِ سڏيندا ٿي آهن، ليڪن مشرڪ بہ شريڪن کي وساري خالص الله تعاليٰ کي سڏيندا آهن ۽ جڏهن طوفان مان بچي ڪناري تي پهچندا آهن تہ وري شرڪ ڪندا آهن:

وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِى الۡبَحۡرِ ضَلَّ مَنۡ تَدۡعُوۡنَ اِلَّاۤ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰٮكُمۡ اِلَى الۡبَـرِّ اَعۡرَضۡتُمۡ‌ ؕ وَكَانَ الۡاِنۡسَانُ كَفُوۡرًا ۝٦٧ [53]

ترجمو: ۽ جڏهن اوهان کي درياء ۾ ڪا اوکائي پهچندي آهي، تڏهن خاص ان الله کان سواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا آهيو سي وسري ويندا آهن، پوءِ جنهن مهل اوهان کي سُڪي ڏي بچائيندو آهي (تنهن مهل) منهن موڙيندا آهيو ۽ ماڻهو ڏاڍو بي شڪر آهي.

شاهہ سائينءَ ﷬، سمنڊ مان ٽوٻن جي موتين ميڙڻ واري محنت جو ذڪر ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com

آ ڇـــاڙا عَميـــق ڄَـــا، گَـــڏئا غواصَـــن،
جهڙيـون جهــاڳي آئيــا، ڪارونيــار ڪُـنن،
سـمنڊ سـو جهـي جـن، آڻـي آمَـل اولئـا.[54]

سمنڊ مان موتين حاصل ٿيڻ جو ذڪر اسان کي قرآن ڪريم مان به هن ريت ملي ٿو:

يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ﴿٢٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَاۤءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ [55]

ترجمو: انهن ٻنهي (درياءُن) مان موتي ۽ مرجان نڪرندا آهن. پوءِ (اي جنو ۽ ماڻهو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.

ڀٽائيءَ ﷫، سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙن ۽ جهازن جي سڙهن جو ذڪر ڪندي انهن کي ٻاجهه سان رکڻ لاءِ بارگاهه الاهيءَ ۾ ٻاڏائيندي نظر اچي ٿو:

سِـڙهه سَـنوان، لاڄـو نَـوان مَـتن مُهاڻـا مَـلَ،
جي اچن آب اُڇل، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سـين.[56]

ڀٽائيءَ جن ٻيڙن کي ٻاجهه سان رکڻ لاءِ ٻاجهاري الله کي ٻاڏايو آهي، تنهن پاران سمنڊ ۾ هلندڙ سڙهه ڪنيل (سڙهه سنوان) جهازن جي مالڪيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَئٰتُ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ [57]

ترجمو: ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز (سڙهه ڪنيل) جبلن وانگر اُچا الله جا آهن.

لطيف سائين ﷫، سمنڊ جي نعمتن جي باري ۾ سر مارئيءَ ۾ قرآن ڪريم جي هڪ آيت سڳوريءَ کي هوبهو نقل ڪندي انسان کي الله تعاليٰ جي بيشمار ۽ بي بها نعمتن جو احساس هن ريت ڏياريو آهي:

وَرِئـــو وَرَقَ وِصـــال جـــو موڪـــلَ جـــڙي مـــون،
لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْنَ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا تَنِ ۾ تـون هـين تـون،
مَـن مونجهـارا مـون، آهـي مَـارو ڄـام مَلِيـر جـو.[58]

هن بيت ۾ آندل آيت مبارڪ مان سمنڊ جي جن نعمتن جو پتو پوي ٿو جن جو تفصيل قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:



www.sindhsalamat.com

وَالْفُلْكِ الَّتِيْ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ (62)

ترجمو: ۽ ٻيڙيون جي انهيءَ (سامان) سان جو ماڻهن کي نفعو ڏيندو آهي درياءَ ۾ ترنديون آهن.

ڀٽائيءَ ﷫، سمنڊ جي لهرن خوف ۽ خطرن دوران صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺڻ جي صلاح ڏيندي قرآن ڪريم مان صبر ڪندڙن لاءِ اجر واري آيت هوبهو نقل ڪندي هن ريت ارشاد فرمايو آهي:

سيوا ڪر سمونڊ جي جتي لهر ڏڪاءَ،
"اِنَّمَا يُوَفَّى الصَّابِرُوْنَ" اِيءُ ٻيڙيءَ ٻنڌڻ پاءِ،
تہ سامُونڊي سنڌياءِ، ڳنين منڊي نہ سٽيان. (63)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي ساڳي عنوان تي سمنڊ ۾ هوا، جهازن جي هلڻ ۽ صبر ڪندڙن لاءِ نشانين جو ذڪر هن ريت ملي ٿو:

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿٣٢﴾ اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٣٣﴾ (64)

ترجمو: ۽ سندس نشانين مان درياءَ ۾ جبلن وانگر جهاز (هلندا) آهن. جيڪڏهن (خدا) گهري تہ وائن کي جهلي ڇوڙي ٻيڙا درياءَ جي پٺي تي (هلڻ کان) بيهي رهن، بيشڪ ان ۾ سڀ ڪنهن صبر ڪندڙ لاءِ نشانيون آهن.

ڀٽائيءَ ﷫، وڻجارن کي درياءَ ۽ سمنڊن ۾ تانگهي، پاڻيءَ ۾ ترهي کي ڇڪي ٻڌڻ جو صلاح ٿو ڏئي ۽ کين خبردار بہ ڪري ٿو تہ اونهي پاڻيءَ ۾ مدد لاءِ ڪوبہ ڪم نہ ايندو:

تانگهي ۾ تاڻي، ٻنڌ پنهنجو ترهو،
اونهين ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندءِ ڪوبئو. (65)

تانگهي ۾ ترهي کي تاڻي ٻڌڻ جي شاهہ جي صلاح جو مقصد اهو آهي تہ ترهو ٻڏڻ کان بچاءَ لاءِ هڪ سهارو آهي ۽ ٻوڙڻ ۽ چاڙهڻ (پار ڪرڻ) جو اختيار صرف رب ڪريم وٽ آهي. سندس ڀلارو نالو سڀ کان وڏو سهارو آهي. اهڙي شاهدي اسان کي ڪلام الاهيءَ مان هن ريت ملي ٿي:

وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ يُنْقَذُوْنَ ﴿٤٣﴾ (66)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ جيڪڏهن گهرون تہ ڪين (ٻيڙين وارن کي) ٻوڙي ڇڏيون پوءِ انهن لاءِ ڪو دانهن ورنائڻ وارو نہ ٿئي ۽ نڪي اهي ڇڏائبا پر پاڻ وٽان ٻاجهہ ڪئي سون ۽ هڪ وقت تائين (اهي) آسودا ڪياسون.

ان کان سواءِ بيشمار بيتن ۾ شاهہ سائينءَ سمنڊن، دريائن، وڻجارن، واپار ۽ جهازن متعلق تفصيلي بيان فرمائي دنيا ۽ آخرت جا راز سمجهايا آهن. جنهن مان سندس سمنڊن ۽ دريائن متعلق گهري مشاهدي جو بہ پتو پوي ٿو.

## موسمي حالت

موسمي حالتون ۽ ماحولياتي تبديليون معاشري سان گهرو تعلق رکن ٿيون، ان ڪري شاهہ لطيفؒ، بہ پنهنجي ڪلام ۾ موسمي حالتن ۽ ماحول کي تفصيل سان بيان فرمايو آهي.

سر سامونڊي ۾ شاهہ سائين سياري جي موسم جي باري ۾ اُتر جي واءَ جو حوالو هن ريت ڏنو آهي:

سَـــرَ نِســـرِئا پانـــدَ، اُتَـــر لڳـــا، آءُ پِـــرين!
مون تو ڪارڻ ڪانـدَا! سَهسين سُـڪائون ڪيـون. (67)

ساڳي سُر ۾ شاهہ سائين ؒ، سامونڊين جي سمنڊ ۾ سفر متعلق هن ريت وضاحت فرمائي آهي:

لڳـي اُتـرَ هِيـرَ، سَـامُونڊرين سِـڙَهہ سَـنباهيا،
تَنگـــر ڪڍـــي ٿاڪُـئـــا، ٿِـئـــا سـڻائيءَ سِـيرَ،
هِنيـڙي نـت اُڪيـر، ڪـاري ڪيـڙائن جـي. (68)

الله سبحانه وتعاليٰ پاران بہ قرآن عظيم ۾ هوائن جي هلائڻ ۽ سمنڊ ۾ ٻيڙين جي ترڻ جو ذڪر هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَمِنۡ اٰيٰتِهٖۤ اَنۡ يُّرۡسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرٰتٍ وَّلِيُذِيۡقَكُمۡ مِّنۡ رَّحۡمَتِهٖ وَلِتَجۡرِىَ الۡفُلۡكُ بِاَمۡرِهٖ وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۴۶﴾ (69)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ سندس نشانين مان هي آهي تہ خوشخبري ڏيندڙ هيرون گهلائيندو آهي ۽ تہ اوهان کي پنهنجي ٻاجهہ مان ڪجهہ چکائي ۽ تہ سندس حڪم سان ٻيڙيون ترن ۽ تہ سندس فضل مان روزي طلب ڪريو ۽ تہ مان اوهان شڪرانو ڪريو.

سُر سارنگ تہ سموروئي سانوڻ جي منداڻي مينهن جي پالوٽ، سنگهارن جي سڪ، گاهہ گلزار ڪڪرن، ڪنوڻ ۽ الله تعاليٰ جي رحمت جي ذڪر سان سينگاريل آهي. هن سُر جي پهرين داستان ۾ شاهہ سائين ﷬، مينهن کي الله تعاليٰ جي رحمت قرار ڏيندي ان جي فائدن کي هن ريت بيان فرمايو آهي:

لڳَـہَ ڀَـس لطيــف چَئــي، آڳــم ڪِـئـا الله،
پلـر جــي پــالوٽ ســين، ڀَــٽن جَهلـئـا پــاه،
واحــد وڏائــي ڪِـئــا، متــي گســن گاهـــ،
ســانگين وَريــا ســاه، انــن آب اگونــدرو. [70]

الله سبحانه وتعاليٰ جي پار ڪان بہ اسان کي مينهن جي رحمت ۽ زمين سرسبز شاداب ٿيڻ "ڀٽن جهلئا پاهہ" ۽ واحد وڏائي ڪئا متس گسن گاهہ جو پتو هن ريت پوي ٿو:

اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۡ فَتُصۡبِحُ الۡاَرۡضُ مُخۡضَرَّةً ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيۡفٌ خَبِيۡرٌ ۚ﴿۶۳﴾ [71]

ترجمو: نہ ڏٺو اٿئي ڇا تہ الله آسمان مان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ زمين ساول واري ٿيندي آهي ڇو تہ (الله) لطف ڪندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.

ڀلارو ڀٽائي رب ڪريم جي حضور ۾ مينهن لاءِ ٻاڏائيندي عرض تو ڪري تہ ماڻهن جي رزق ۽ سنگهارن کي ملائڻ لاءِ رحمت ڪر ڇو تہ اها سگهہ سچا ڏٽي صرف تنهنجي ذات کي ئي آهي:

رَحمــتَ پريــا راڄِيَــا، مــوليٰ مِينــه وَســاءِ،
مــاڻهو ڏِيــين مَــانِيين، ڏڻ ڍِيــين ســين گاهـــ،
ايـڏي ســگهہ ســچا ڏٽــي، تــوهي کــي جُڳــاءِ،
ميڙائي جـو ماءُ، ڪَانـگ لونـدو ڪـڌهين. [72]

ڪلام الاهيءَ مان بہ اسان کي الله تعاليٰ جي رحمت (مينهن) ۽ رزق جي



www.sindhsalamat.com

مڪي ڪان ٿي موٽيون، اُٺيون ٿي عَرفات،
روضي پاڪ رَسول جي، ريجهہ ڪيائون رَات،
وِڃڙيون پِريات، موٽي مِصر آئيون.[79]

شاهہ ﷫ الله تعاليٰ جي رحمت واري مينهن کي استنبول، چين، سمرقند، روم، قنڌار ڪابل، دهلي ۽ دنيا جي تمام ملڪن تي وسائڻ جو ذڪر ڪندي سنڌ ۾ سموري عالم جي آباديءَ لاءِ هن ريت دعا ڪري ٿو:

سائين سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.[80]

## حوالا


(1) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 7/1 صفحو 123علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(2) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 62 پارهہ 18 صفحو 432 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(3) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 20/1 صفحو 238 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(4) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 152 پاره 5 صفحو 124 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(5) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ساموندري داستان 7/1 صفحو 209 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(6) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي،، سورت آل عمرن آيت 139 پاره 4 صفحو 83 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(7) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 8 پاره 18 صفحو 412 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(8) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 10_11 پاره 18 صفحو 412 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(9) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 8/1 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(10) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان پهريون 9 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(11) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 42 پاره 1 صفحو 10 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع




www.sindhsalamat.com

(12) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 35 پاره 8 صفحو 187 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(13) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاهوڙي داستان 16/2 صفحو 232 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(14) شاهہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاهوڙي داستان 15/2 صفحو 232 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(15) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العنڪبوت آيت 6 پاره 20 صفحو 487 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(16) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 58 پاره 17 صفحو 408 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(17) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپائتي داستان 11/1 صفحو 237 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(18) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 9/2 صفحو 239 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(19) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الطلاق آيت 3 پاره 28 صفحو 674 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(20) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 23/1 صفحو 238 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(21) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 68 پاره2 صفحو 32 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(22) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 23/1 صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(23) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت هود آيت 23 پاره 12 صفحو 270 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 3/2 صفحو 140 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 199ع
(25) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ پاره 6 آيت 173 صفحو 128 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 7 وائي 2 صفحو 523 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(27) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النحل آيت 29 پاره 14 صفحو 325 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(28) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرپرڀاتي داستان 19/1 صفحو 251 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(29) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 36 پاره صفحو 103 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) شاھہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪارايل 11/2 صفحو 259 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(31) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 118 پاره 4 صفحو 80 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(32) شاھہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪارايل داستان 3/2 صفحو 258 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(33) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المائده 55 پاره 6 صفحو 143 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) شاھہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 7 وائي 2 صفحو 453 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(35) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المائده آيت 56 پاره 6 صفحو 143 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) شاھہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا 9/7 صفحو 472 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(37) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره 257 پاره 3 صفحو 53 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) شاھہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 8/7 صفحو 472 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(39) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 258 پاره 3 صفحو 53 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(40) شاھہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 15/3 صفحو 141 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(41) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 10 پاره 1 صفحو 5 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(42) شاھہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان 16/3 صفحو 141 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(43) شاھہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 17/3 صفحو 141 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(44) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 145 پاره 5 صفحو 123 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(45) شاھہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان 14 وائي صفحو 142 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(46) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبه آيت 68 پاره 10 صفحو 238 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(47) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرديسي داستان 4/2 صفحو 318 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(48) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 16 پاره 1 صفحو 6 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(49) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 1/1 صفحو 208علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(50) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 8/3 صفحو 202 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(51) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 66 پاره 15 صفحو 348 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(52) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 9/1 صفحو 209 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(53) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 67 پاره 15 صفحو 348 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(54) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 13/1 صفحو 210 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(55) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 23/22 پاره 27 صفحو 640 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(56) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 17/1 صفحو 210 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(57) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 24 پاره 27 صفحو 640 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(58) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسامونڊري داستان 33/1 صفحو 212 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(59) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 12 پاره 22 صفحو 525 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(60) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 33/1 صفحو 212 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(61) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 14/1 صفحو 194 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(62) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 164 پاره 2 صفحو 30 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

(63) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 9/1 صفحو 194 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(64) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 332 پاره 25 صفحو 586 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(65) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 1/2 صفحو 197 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(66) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يٰس آيت 43_44 پاره 23 صفحو 533 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(67) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 9/4 صفحو 221 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(68) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 3/1 صفحو 208 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(69) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الروم آيت 42 پاره 21 صفحو 493 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(70) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 1/1 صفحو 538 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(71) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 63 پاره 17 صفحو 409 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(72) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 16/2 صفحو 542 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(73) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 28 پاره 25 صفحو 585 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(74) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صفحو 623 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(75) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسارنگ داستان 1/4 صفحو 445 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(76) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرعد آيت 12 پاره 13 صفحو 302 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(77) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النور آيت 43 صفحو 429 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(78) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 2/4 صفحو 545 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(79) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 4/4 صفحو 545 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(80) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 23/4 صفحو 548 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق جي خامين جو ذڪر

## حسد ۽ ڪينو

حسد مان مراد انسان جو پنهنجي دل ۾ ڪنهن ٻئي انسان لاءِ بغض، ڪينو يا ساڙ رکڻ آهي. انساني اخلاق ۽ ڪردار جي سڀ کان وڏي خامي اهائي آهي. ان ڪري حسد، بغض ۽ ڪيني کان هر صورت ۾ بچڻ گهرجي.

انساني اخلاق ۽ ڪردار جي علمبردار حضرت شاهه لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات کي صبر، تحمل ۽ برداشت جي تلقين ڪندي ڪيني کان بچڻ جي صلاح ڏني آهي:

هُـو چُـونئي تـون مَ چَئُـ، واتـان ورائـي،
اڳ اڳرائـي جـو ڪـري، خطـا سـو ڪـائي،
پلئـ ۾ پـائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪين.(1)

ڪيني وارو پلئـ ۾ ڪجهه بـ نـ پائي ويو لطيف سائين جي هن اعلان جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان بـ ملي ٿي تـ الله سبحانه وتعاليٰ حضور صلي الله عليه وسلم جن کي حاسدن ۽ ڪيني وارن ڪافرن جي حسد کان محفوظ رهڻ لاءِ "الفلق" نالي هڪ سورت عطا فرمائي. جنهن ۾ حسد ڪندڙن ۽ ٻين پيدا ڪيل بڇڙاين کان پناهـ گهريل آهي. هن مبارڪ سورت جي برڪت سان الله تعاليٰ حضور صلي الله عليه وسلم جن کي ڪافرن جي ناپاڪ سازشن، حسد ۽ ڪيني کان پناهـ ۾ رکيو ۽ اڳرائي ڪندڙ خطا کائي خوار ٿي ويا. سندن پلئـ



www.sindhsalamat.com

دوزخ کان سواءِ ڪجھ بہ نہ پيو. سندن مقابلي ۾ نبي ڪريم ﷺ جن ۽ سندن جماعت هميشہ لاءِ ڪامياب ٿي وئي. اها سورت مبارڪ هن ريت آهي:

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ﴿١﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ﴿٢﴾ وَمِنْ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ﴿٣﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِی الْعُقَدِ ﴿٤﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿٥﴾ [2]

ترجمو: (اي پيغمبر) چئو تہ صبح جي پالڻهار جي پناھ گھران ٿو جيڪي پيدا ڪيو اٿس تنهن جي بڇڙائي ۽ اونداهي ڪندڙ رات جي بڇڙائيءَ کان جڏهن اها پکڙجي ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙين (عورتن) جي بڇڙائيءَ کان ۽ حَسَد (حسد ڪندڙ) جي بڇڙائيءَ کان جڏهن اهو مسهائي (يعني حسد) ڪري.

شاھ سائينءَ رحمة الله عليه. چوندن کي واتان ورائي ڪجھ نہ چوڻ جي صلاح ڏيندي مَن کي ماري ميڻ ڪرڻ ۽ ڪيني مان ڪجھ بہ نہ ڏيڻ جي رهنمائي هن ريت فرمائي آهي:

هو چُونئي تون مَ چَئُہ، وَاتان وَرائي ويڻ،
سين سين سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
کانڌ وڏوئي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي. [3]

اسان کي رب ڪريم جي بارگاھ مان بہ ڪينو ۽ حسد رکندڙن لاءِ الله جي ناراضگيءَ جو پتو هن ريت پوي ٿو:

اَمْ يَحْسُدُوْنَ النَّاسَ عَلٰى مَآ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ [4]

ترجمو: ويتر ماڻهن سان انهيءَ تي حسد ڪندا آهن، جيڪي الله پنهنجي فضل سان کين ڏنو آهي.

هن آيت سڳوريءَ ۾ حاسد جي ان ڪيفيت جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ اهو ٻئي انسان کان ان ڪري سڙندو آهي، جو الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان ان کي ڪا نعمت عطا ڪندو آهي. ان ئي سبب ڪري شاھ سائين انسان کي ڪيني منجهان ڪين ٿئي جي خبر ڏيندي خبردار ڪيو آهي تہ هو ڪيني کان پاڻ کي بچائي.

حسد جي باري ۾ اسان کي ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جن جي هڪ مبارڪ حديث بہ ملي ٿي جنهن ۾ سندن فرمان مبارڪ آهي:



www.sindhsalamat.com

عَنْ اَبِیْ هُرَیْرَهْ اَنَّ النَّبِیَّ ﷺ قَالَ اِیَّاکُمْ وَالْحَسَدَ فَاَنَّ الْحَسَدَ یَاکُلُ الْحَسَنَاتِ کَمَا تَاْکُلُ النَّارُ الْحَطَبَ۔ ◆

ترجمو: ڏسو توهان حسد کان بچندا رهو ڇو تہ حسد نيڪين کي ائين کائيندو آهي، جيئن باھ ڪاٺين کي ختم ڪندي آهي.

هن حديث مبارڪ مان حسد ۽ ڪيني جي سخت سزا مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو ڪيڏو نہ وڏو گناھ آهي، جو انسان جڏهن اهو گناھ ڪري ٿو تہ سندس نيڪيون سڙي وڃن ٿيون. ان ڪري شاھ هن حديث جي ترجماني ڪندي فرمايو آهي تہ پلئہ ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

## تڪبر

تڪبر اهڙي قسم جي برائي آهي، جيڪا انسان کي وڏائي ۽ غرور ۾ مبتلا ڪرڻ سان گڏ ٻين انسانن کي ڪجهہ بہ نہ سمجهڻ ۾ مبتلا ڪري ٿي. اخلاقيات ۽ انسانيت جي رهبرن، تڪبر ۽ غرور جي نفي ڪندي انسانيت جي ڪاميابي جو راز تڪبر جي نفي يعني عاجزي ۽ انڪساريءَ ۾ قرار ڏنو آهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر ۽ مفڪر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷬، جي ڪلام مان بہ اسان کي تڪبر جي نفيءَ جو سبق ملي ٿو:

جـئن پيـرين ۽ پـانئيين، ايڏانـہ هـڏمَ آءُ،
اِن سَـرڪِيءَ سـاءُ، آهـي عزازيـل کـي. (5)

هن بيت ۾ شاھ سائين ڪتڻ سان گڏ پاڻ پانئڻ کان منع فرمايو آهي، ڇو تہ ان سرڪيءَ ساءُ يعني تڪبر واري ڊڪ جو ذائقو عزازيل شيطان چکي چڪو آهي. شيطان جي تڪبر جي روش جو پتو اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت پوي ٿو تہ جڏهن الله تعاليٰ مڙني ملائڪن کي حضرت آدم ؑ کي

◆ راھ عمل، مولانا جليل احسن ندوي، حديث نمبر 285، اسلامڪ پبليڪيشنز لاهور 1998ع



www.sindhsalamat.com

سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ شيطان ڪان سواءِ سڀني سجدو ڪيو:

إِلَّآ إِبۡلِيسَ أَبَىٰ وَٱسۡتَكۡبَرَ وَكَانَ مِنَ ٱلۡكَٰفِرِينَ ۝٣٤ (6)

ترجمو: مگر ابليس (نہ سجدو ڪيو) هن وڏائي ڪئي ۽ ڪافرن مان ٿيو.

شاهہ سائين هن آيت جي مفهوم کي پنهنجي ڪلام ۾ پيش فرمائي انسانيت کي شيطان جي رستي تي هلڻ ڪان منع فرمايو آهي، ڇو تہ جيڪو تڪبر ڪندو يا پاڻ پائيندو اهو ڇڄ تہ شيطان جو ساٿاري آهي. ان ڪري شاهہ انسان کي اها صلاح ٿو ڏئي تہ پاڻپ ڇڏي ڏي نہ تہ تنهنجي محنت ڪيل (ڪتو وتو پورهيو) ڦٽو ڪري ڇڏيندءِ:

پيــــرين ۾ پــــائيين، پــــاڻپُ پَڇــــي ڇَــــڏ،
ڪتـــــو وِتـــــو پورهيــــو هــــوڏ وجهنــــديئي هَــــڏ،
هِـتِ ڏيـڍو مٿـين ڏڏ، جـت ڏڪـن ڏهسـئي واريـون. (7)

اسان کي ڪائنات جي سڀ ڪان پهرين پائيندڙ شيطان جي باري ۾ اهو پتو پوي ٿو تہ جڏهن هن حضرت آدم عليہ السلام کي سجدو نہ ڪيو تہ ڪائنس پڇيو ويو تہ توکي سجدي ڪان ڪهڙيءَ ڳالهہ جهليو؟ تہ هن جواب ڏنو:

قَالَ أَنَا۠ خَيۡرٞ مِّنۡهُ خَلَقۡتَنِي مِن نَّارٖ وَخَلَقۡتَهُۥ مِن طِينٖ ۝١٢ (8)

ترجمو: (ابليس) چيو تہ آءٌ ان ڪان ڀلو آهيان جو مون کي باهہ مان بڻايئي ۽ ان کي مٽيءَ مان بڻايئي.

شيطان جي هن جواب مان تڪبر يعني پاڻپ جي وضاحت ٿي وئي تہ جنهن پاڻ کي ڀلو سمجهيو ۽ فخر ڪيو اهو متڪبر آهي. شاهہ سائين ﷬، تڪبر جي هلت هلندڙن لاءِ سر سامونڊيءَ ۾ ناڪئن کي هدايت فرمائي آهي تہ جيڪو پاڻ پائيندو تن کي توائي نصيب ٿيندي:

سـامونڊري تـون سـنبهي، سـاڃو جهـل سـڪاڻ،
لڳـــي واءُ وڏانـــدرو منجهـــائي مهـــراڻ،
جَنـي پـانيو پـاڻ، ڪـري تـوائي تـن کـي. (9)

شاهہ جني پانيو پاڻ ڪري توائي تن کي جو جيڪو اعلان فرمايو آهي.



www.sindhsalamat.com

اهو شيطان کي بارگاهہ الاهيءَ مان ٻاهر تڙڻ واري خدائي فرمان جي تفسير جو درجو رکي ٿو جيڪو هن ريت آهي:

قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَإِنَّكَ رَجِيمٌ ﴿٣٤﴾ (10)

ترجمو: (الله شيطان کي) چيو تہ انهيءَ ڪري ان مان نڪر جو بيشڪ تون تڙيل آهين.

شاهہ سائينءَ ﷫، تڪبر جي واٽ وٺي هلندڙن لاءِ گمراهيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

ڳَرِيو تَڪبر تَڪِيا، حيلا ڪِئو هَلنِ،
موڙها تان نہ لهن، لمي راهہ لطيف چئي. (11)

رب ڪريم جي بارگاهہ مان بہ اسان کي شيطان جي واٽ تي نہ هلڻ جي رهنمائي هن ريت ملي ٿي:

وَلَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ مُبِينٌ ﴿١٦٨﴾ (12)

ترجمو: ۽ شيطان جي وکن تي نہ هلو ڇو جو اهو اوهان جو پڌرو ويري آهي.

ڀلارو ڀٽائيءَ ﷫، سر ليلان ۾ بہ انسان کي خبردار ٿو ڪري تہ ڪانڌ کي ڪنهن جو گيرب ۽ گاءُ يعني خودي ۽ غرور نہ وڻندو آهي، ان ڪري ان کان بچڻ گهرجي:

چنيسر سين چاءُ، متان ڳا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهہ جو نہ وڻي، گيرب ۽ گاءُ،
جي ٽڙي ٽورڙياءِ، تہ ٽوڙ ٽڙائي داسڙو. (13)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها شاهدي ملي ٿي تہ بارگاهہ ايزدي ۾ گيرب ۽ گاءُ يعني تڪبر ۽ غرور پسند نہ ايندو آهي:

إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِينَ ﴿٢٣﴾ (14)

ترجمو: بيشڪ اهو (الله) وڏائي ڪندڙن کي پيار نہ ڪندو آهي.

ڀلارو ڀٽائي ﷫، ان سهاڳ کي نظرانداز ٿو ڪري جنهن ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي ڪجهہ ڀانئي يا سمجهي:



www.sindhsalamat.com

ڏوري لهــ ڍهــاڳ، جنــهــ ڪــر لاهــو داســتڙو
گهورڻو سو سهاڳ، جنـهـ ۾ پسـين پـاڻ ڪـي. (15)

شاهہ سائين پاڻ کي پسڻ جي نفيءَ جو ان ڪري قائل آهي، جو ڪيس خبر آهي تہ تڪبر ۽ وڏائي ڪندڙن لاءِ الله تعاليٰ جو سخت ترين عذاب تيار آهي. جنهن جو پتو اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت پوي ٿو:

فَادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ فَلَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ ۝ (16)

ترجمو: پوءِ دوزخ جي دروازن مان گهڙو منجهس سدائين رهندڙ هجو پوءِ وڏائي (تڪبر) ڪندڙن جي جاءِ بڇڙي آهي.

## لالچ

انساني زندگيءَ جي ڪاميابي جو راز لالچ جي نفيءَ ۾ سمايل آهي، لالچ انساني اخلاق ۽ ڪردار جي اهڙي تہ خامي آهي، جو هن کي اختياري ڪرڻ سان معاشري ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي برايون پيدا ٿين ٿيون.
اهوئي سبب آهي جو انساني اخلاق ۽ ڪردار جي علمبردار حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ، بہ پنهنجي ڪلام ۾ لالچ ۽ حرص (طمع) جي نفي فرمائي آهي. هو انسانذات کي هن دنيا واري زندگيءَ ۾ لالچ کان منع ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

طَمــعَ جـــي تـــوارَ مَتـــان ڳـــرين مَڱڻــا،
ڏِڪـي ڪـنـدئي ڏار ماڻـڪ ڏيئـي مـٽ ۾. (17)

اهڙي ساڳي رهنمائي اسان کي ڪلام الاهيءَ مان بہ ملي ٿي جنهن ۾ الله سبحانه وتعاليٰ پاران دنيا ۾ لالچ ۽ طمع رکندڙ لاءِ ڪيس دنيا ۾ ئي سڀ ڪجهہ عطا ڪري ڏار ڪيو ويندو ۽ ان جو آخرت ۾ ڪوبہ حصو نہ هوندو ان سلسلي ۾ ارشاد رباني هن ريت آهي:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعَاجِلَةَ عَجَّلْنَا لَهٗ فِيْهَا مَا نَشَاۗءُ لِمَنْ نُّرِيْدُ ثُمَّ جَعَلْنَا لَهٗ جَهَنَّمَ
يَصْلٰىهَا مَذْمُوْمًا مَّدْحُوْرًا ۝ (18)



www.sindhsalamat.com

ترجمو: جيڪو دنيا (جي آسودگي) گهرندو آهي، تنهن کي ان هنڌ اهائي جلد ڏيندا آهيون جيڪي گهرندا آهيون (تنهن کي ڏيندا آهيون) وري ان لاءِ دوزخ مقرر ڪيوسون جنهن ۾ (هو) خوار (۽) تڙيل ٿي گهڙندو.

شاهه جو طمع جي توار متان ڪرين مڱڻا وارو بيت هن آيت جي تفسير جو درجو رکي ٿو.

لاکيڻو لطيف ﷫، لالچ حرص ۽ طمع جو سخت مخالف آهي، سر رامڪليءَ ۾ صوفي سالڪن کي مٿاهين منزل ماڻڻ لاءِ بہ طمع کي ترڪ ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،

صبر جي شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾. (19)

شاهه سائين اڳتي هلي طمع کي ترڪ ڪرڻ سان گڏ توبه تائب ٿيڻ ۽ پنهنجي هستيءَ کي ختم ڪرڻ جي صلاح بہ هن ريت ڏئي ٿو:

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڏي،
نانگا وڃي نات جي، تائب ٿيءُ تڏي،
ويراڳي وجود کي، لاشڪ ڇڏ لڏي،
جوا جهائون اڏي، پري پورب ان ڪان. (20)

قرآن ڪريم جي مطالعي مان بہ اسان کي اها خبر پوي ٿي تہ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ طمع کي ترڪ ڪرڻ ضروري آهي. ساڳي وقت ايمان وارن جي اها نشاني بہ بيان فرمائي وئي آهي تہ اهي ضرورت هوندي بہ لالچ نہ ڪندا آهن ۽ پاڻ تي ٻين کي ترجيح ڏيندا آهن:

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۗ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝ (21)

ترجمو: ۽ (ٻين کي) پاڻ کان پسند ڪندا آهن. توڙيڪ کين ڪو احتياج هوندو آهي ۽ جن کي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو ويو سي



www.sindhsalamat.com

ٿي چٽڻ وارا آهن.

شاهہ سائينءَ ﷺ، سر سورٺ ۾ رب جي حضور ۾ اهڙي ڏان ڏيارڻ لاءِ سوالي آهي جيڪو طمع کي ترڪ ڪري:

الله جـــي آس ڪـــري، ســـٽي آيـــس شـــانُ،
مڱـــان کهـــڙي مـــت ســـين، نســـورو نـــادانءُ،
سو ڪو ڏياريين ڏانُ، جو طمع کـي تـرڪ ڪري. (22)

ڀٽائي ﷺ، دنيا واري هن درياءَ ۾ ڪنهن ڪنهن کي تارو قرار ڏيندي لالچ ۽ لوڀ جي لهر ۽ آتشي هوس واري اوڙاهہ جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

دنيـا ســي درياهُ، ڪــو ڪــو تــارو تنــہ ۾،
هڪــڙي لهــر لــوڀ جــي، ٻئــو آتشــي اوڙاهہ،
طــالبن تــوڙاهہ، مــوڙي ڇــاڙهي مَڱــري. (23)

شاهہ سائين ﷺ، جنهن لهر لوڀ ۽ آتشي اوڙاهہ جو ذڪر فرمايو آهي، ان جي نفي قرآن ڪريم مان لالچ جي بري انجام جي صورت ۾ هن ريت بيان فرمائي وئي آهي:

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ۚ كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ ۖ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ۗ نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۙ (24)

ترجمو: جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اهو ڳڻي ڳڻي رکيائين، ڀائيندو آهي تہ سندس مال ڪيس سدائين رهندو هرگز ايئن نہ آهي، ضرور حطمہ ۾ اڇلائبس ۽ ڪنهن سمجهايئي تہ حطمہ ڇا آهي؟ (اها) الله جي ٻاريل (باهہ) آهي.

ڀٽائي ﷺ، هن حطمہ واري خدائي باهہ جو ترجمو لهر لوڀ ۽ آتشي اوڙاهہ جي صورت ۾ فرمائي هڪ طرف قرآن ڪريم جي ترجمانيءَ جو حق ادا ڪيو آهي، تہ ٻئي طرف لالچ جي هولناڪ سزا کان انسانيت کي خبردار فرمايو آهي.



www.sindhsalamat.com

# ظلم

سنڌڙيءَ جي سرتاج حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جو ڪلام خود سندن زندگي ۽ قلبي واردات لاءِ شاھد آهي. سندن رسالي جو اڪر اڪر انساني اخلاق ۽ ڪردار جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو شاھ صاحب جن پنهنجي زماني ۾ جڏهن ظلم ۽ زبردستيءَ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو ڏسن ٿا، ڪين ظالمن جي ظلم ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي ڏسڻ ۾ نٿي اچي ۽ ڪيترا مظلوم پنهنجي اندر جون آهون ۽ دانهون پاڻ سان گڏ ڪٽي هن ظلم جي وهڪري ۾ لڳاتار لڙهندا نظر اچن ٿا، تڏهن شاھ سائينءَ جي اندر مان بہ هڪ قسم جي آھ نڪري ٿي ۽ پاڻ فرمائين ٿا:

وَاهَڙ وهين مَرَ جَار سُڪي ٻيلاٽيون ٿيين،
پَسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٿا لُوٽ لَيَارَ
جئن تو سَبِ جَمَار آسائتيون ٻوڙيون.(25)

ڀلارو ڀٽائي ﷫، ڪيتري قدر نہ ظلم ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جي خلاف آهي، جو انسان تہ پنهنجيءَ جاءِ تي ليڪن هو واهڙ جي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ کي بہ برداشت نٿو ڪري.

ساڳي وقت اسان کي الله ذوالجلال پاران بہ انسانن تي ظلم ڪندڙن ۽ ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ فساد برپا ڪندڙن لاءِ سخت سزا جو پتو هن ريت پوي ٿو:

إِنَّمَا السَّبِيلُ عَلَى الَّذِينَ يَظْلِمُونَ النَّاسَ وَيَبْغُونَ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿٤٢﴾ (26)

ترجمو: ڏوراپي جي واٽ رڳو انهن تي آهي، جيڪي ماڻهن کي ايذائيندا (ظلم ڪندا) آهن ۽ ملڪ ۾ ناحق فساد وجهندا آهن انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

هن خدائي فرمان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ معاشري ۾ ظلم ڪندڙن ۽ فساد وجهندڙن لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪيو ويو آهي.

قرآن عظيم ۾ هڪ ٻئي هنڌ ظالم جي ان ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو



www.sindhsalamat.com

آهي تہ هو جڏهن الله جي عذاب کي ڏسندو تہ عذاب کان بچڻ لاءِ دنيا ۾ واپسيءَ جي ڪا واهہ پيو ڳوليندو آهي ۽ سوال ڪندو تہ دنيا ۾ واپس وڃڻ جو ڪو رستو آهي ڇا؟

وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿۴۴﴾ [27]

ترجمو: ۽ تون ظالمن کي ڏسندين تہ جڏهن (اهي) سزا ڏسندا (تڏهن) چوندا تہ (هاڻي دنيا ۾) ورڻ جي ڪا واهہ آهي ڇا؟

لاکيڻو سائين ﷺ، عدل، انصاف ۽ مساوات جو قائل آهي، ان ڪري ظلم ڏاڍ جي وسيلي انسان ذات جا حق غضب ڪرڻ وارن ۽ معاشري ۾ نا انصافي پيدا ڪندڙن کي الله ذوالجلال جي آڏو حاضر ٿي حساب ڏيڻ کان هن ريت خبردار ڪري ٿو:

وَاهــڙ ڀِريـــون مَ ڀَـــاءِ، تـــو پُـــڻ ليکـــو ڏيڻـــو
سَـــدا سَـــانوڻ ڏينهـــڙا، هيهـــين نَـــہ هُونـــداءِ،
وِهـــاڻي وينـــداءِ، اويـــر اُتاهـــان لَهـــي. [28]

اهڙي قسم جي ساڳي هدايت اسان کي رب ڪريم جي پاڪ ڪلام قرآن مجيد مان بہ ملي ٿي، جنهن ۾ ظالمن لاءِ الله تعاليٰ جي عذاب جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِيْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ ﴿۴۵﴾ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ اَوْلِيَآءَ يَنْصُرُوْنَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ [29]

ترجمو: خبردار بيشڪ ظالم هميشہ جي عذاب ۾ هوندا ۽ الله کان سواءِ انهن جا ڪي پرجهلا نہ هوندا جي کين مدد ڏين.

يعني جيڪو بہ ڏاڍ ڏهڪاءُ ۽ ظلم جي روش هلندو ان لاءِ دردناڪ عذاب جي خبر ڏنل آهي.

ان سان گڏوگڏ اسان کي آقاءِ نامدار پاران بہ ظلم جي بري انجام جو پتو هن ريت پوي ٿو:

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَلظُّلْمُ ظُلُمَاتٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ۔ [30]

پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ ظلم قيامت جي ڏينهن (ظالم لاءِ) اونداهين جو سبب، ثابت ٿيندو يعني ظالم ان ڏينهن گمراهي ۾ هوندو.



www.sindhsalamat.com

## گلا ۽ غيبت

گِلا يعني غيبت ڪي معاشري لاءِ جيڪڏھن ناسور چئجي تہ ڪو وڌاءُ ڪونہ ٿيندو ڇو تہ ھيءَ ھڪ اھڙي قسم جي برائي آھي جيڪا انساني زندگيءَ مان امن، سڪون محبت ۽ ڀائيچاري ڪي ختم ڪري ڇڏيندي آھي. جنھن ڪري نہ رڳو معاشري ۾ حسد، نفرت ۽ ڪيني جھڙيون اخلاقي برايون پيدا ٿينديون آھن، بلڪ پورو معاشرو فتني، فساد، نفرت ۽ دشمنيءَ جي تصوير پيش ڪندو آھي.

اھوئي سبب جو ڀلارو ڀٽائيءَ ﷫، انسان کي گلا ۽ غيبت جي ھاڃيڪاريءَ کان خبردار ڪندي بچڻ جي صلاح ھن ريت ڏئي ٿو تہ جيڪو ڪَرُ يعني بدخواھہ رقيب آھي سو ٻين لاءِ گلا غيبت ڪري ڪڏون ڪڍي ٿو، ليڪن اھو ان ۾ پاڻ ڪري نگھوسار ٿئي ٿو:

ڪَـرَ جـا ڪَـڏ ڪَنـئـي، پـوڻ ڪـارڻ ٻـرين جــي،
تنـــہ ۾ پـــاڻ پئـــي، غِيبتـــي غـــار ٿيـــو. (31)

ساڳي وقت اسان کي ھادي برحق ﷺ ڀاران انسانيت جي ھدايت ۽ رھنمائيءَ لاءِ لاٿل پاڪ ڪتاب مان بہ غيبت جي انتھائي ھاڃيڪار ھجڻ سان ٻين اخلاقي خامين جي باري ۾ رھنمائي ھن ريت ملي ٿي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ ۡ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ وَّ لَا تَجَسَّسُوْا وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ اَيُحِبُّ اَحَدُكُمْ اَنْ يَّاْكُلَ لَحْمَ اَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ تَوَّابٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲﴾ (32)

ترجمو: اي ايمان وارو گھڻو ڪري گمان کان بچو بيشڪ ڪي گمان گناھہ آھن ۽ نڪي جاسوسي ڪريو ۽ نہ ڪو اوھان مان ھڪ ٻئي جي گلا ڪري ڀلا اوھان مان ڪو ھڪڙو پنھنجي مئي ڀاءُ جو گوشت کائڻ پسند ڪندو آھي ڇا جنھن کان نفرت ڪندا آھيو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله توبه قبول ڪندڙ مھربان آھي.

ھن آيت سڳوريءَ ۾ گلا ڪرڻ کي پنھنجي مئل ڀاءُ جي گوشت کائڻ



www.sindhsalamat.com

برابر قرار ڏنو ويو آهي. گلا ڪرڻ جي سخت ترين سزا مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڪيڏو نہ وڏو ۽ سنگين اخلاقي جرم آهي.

ڀلاري ڀٽائيءَ ﷫ غيبت ڪندڙ لاءِ جيڪو "غيبتي غار ٿيو" جو اعلان فرمايو آهي اهو اسان کي قرآن ڪريم جي سورت همزه جي پهرين آيت جو تفسير نظر اچي ٿو جنهن ۾ گلا ڪندڙ لاءِ تباهي ۽ هلاڪت جو اعلان هن ريت فرمايو ويو آهي:

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةٍ ۝١ (33)

ترجمو: (انهي) سڀ ڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ ويل آهي.

## ڪوڙ

انساني اخلاق ۽ ڪردار ۾ غلط بياني يا ڪوڙ کي سڀ کان وڏي برائي تصور ڪيو وڃي ٿو. ڇو تہ سچ نہ رڳو ايمان جي نشاني آهي، بلڪ انساني زندگيءَ جي ڪاميابي جو دارومدار بہ سچ تي آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح ڪوڙ نہ رڳو دين ۽ ايمان کان دور ڪري ٿو بلڪہ معاشري ۾ فتني ۽ فساد جو سبب پڻ بنجي ٿو.

اهوئي سبب آهي جو انساني اخلاق ۽ ڪردار جو علمبردار حضرت شاهہ لطيف ﷫ انسانيت کي هن ڏينا واري درياءَ مان ڪوڙ کان پاسو ڪندي سچائي، عاجزي ۽ عبادت سان پار پوڻ جي صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

سُونهان سُڏيون ڏيـن، دويـاني دريـاءَ جيـون،
ڪوڙ وڏائـي ڪـين ڪـين، رڳـو سـچ سَـودين،
عجــز جــو اڌ رات ڪــي، وڻــج وهــائين،
سـاٿ نبـاهيو نـين، ثابـت انهـہ سـير مـان. (34)

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اڌ رات جو عجز سان وڻج وهائڻ وارن ۽ ڪوڙ کان پاسو ڪندي سچ سان زندگي گذاريندڙن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري هن ريت ملي ٿي تہ جيڪي الله تعاليٰ جو خوف رکندي سنئين سڌي يعني



www.sindhsalamat.com

سچي ۽ سڌي ڳالهه چوندا رهندا، ڪوڙ ڪپت ۽ دوکي واري ڳالهه کان پاڻ کي بچائيندا تہ انهن لاءِ الله تعاليٰ جي پار کان عملن جي سڌاري ۽ گناهن جي بخشش جي خوشخبري هن ريت ذڪر آهي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۝ يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ۝ [35]

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالهه چئو (تہ) اوهان جا عمل اوهان لاءِ سڌاري ۽ اوهان جا گناهه اوهان کي بخشي ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ وڏي مراد ماڻي.

لاڪيڻو لطيف ﷫، ڪوڙ کي ڪڍي سچ سان سودي ڪرڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

مَـــان پُڇنـــي سُــــپرين، ڇِــــت ۾ چيتـــاريج،
ڪُڙجُ ڪَائي ڪچ ڪي، ڪــوڙ مَ ڪمائيج،
وَٽــج وهــائيج، ســپ ســوداگر ســچ جــو. [36]

شاهه سائينءَ ڪوڙ مَ ڪمائيج جي جيڪا صلاح ڏني آهي، ان جي باري ۾ اسان کي الله سبحانه وتعاليٰ پاران اها هدايت ملي ٿي تہ ڪوڙ ڳالهائيندڙ کي الله تعاليٰ سڌي رستي کان محروم رکندو آهي:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ۝ [37]

ترجمو: بيشڪ الله انهيءَ کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو جيڪو ڪوڙو (۽) بي شڪر آهي.

ڀٽائي ﷫، انسان کي ڪاميابي ماڻڻ لاءِ قلب مان ڪوڙ کي ڪڍڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

مَـــانَ پُڇَنِـــي سُـــپَرِين، چتـــان لاهہ مَ چُـــورَ،
ڪَـڍِي ڇَـڏِ قلـب مَـان، مَـاري ڪُـوڙو ڪُـورَ،
تہ هُـنِ پِرِسَـندو هُـور، متـان تـو معـافُ ٿئـي. [38]

اسان کي خداوند عالم پاران قرآن ڪريم ۾ بہ ڪوڙن لاءِ خدا جي ڏمر ۽ ناراضگيءَ جو پتو هن ريت پوي ٿو:



www.sindhsalamat.com

أَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ إِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۝ [39]

ترجمو: جيڪڏهن ڪوڙن مان هوندو تہ مٿس الله جي لعنت هجي.

شاهہ سائينءَ ﷫، انسان کي ”ڪيڏي ڇڏ قلب مان ماري ڪوڙو ڪور“ جي صلاح ان ڪري ٿو ڏئي جو ڪيس خبر آهي، تہ ڪوڙ ڳالهائڻ سان قلب ۾ منافقت جي بيماري بہ پيدا ٿئي ٿي ۽ ڪوڙي لاءِ الله تعاليٰ پاران دردناڪ عذاب بہ تيار ڪيل آهي، جنهن جي تصديق قرآن ڪريم مان هن ريت ٿئي ٿي:

فِىْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۢ ۙ بِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ۝ [40]

ترجمو: سندين دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي پوءِ الله سندين بيماري وڌائي انهي ڪري جو هو ڪوڙ ڳالهائيندا آهن انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

شاهہ سائينءَ جي پيغام ۽ اسلامي تعليم مان ثابت ٿيو تہ ڪوڙ انسان لاءِ وڏي هاڃيڪار برائيءَ جي حيثيت رکي ٿو. ان ڪري ڪوڙ کان بچڻ ۽ سچ کي اختيار ڪرڻ ۾ انسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جو راز سمايل آهي. شاهہ انسان کي الله جي ذڪر ڪوڙ کان بچڻ ۽ دغا کي دل مان ڪڍي من ۾ محبت جي مچ ٻارڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ:

اُتـي اورِ الله سِـين، ڪُـوڙ ڪمـاءِ مَ ڪَـچُ،
ڪَـڍِ تـون دَغـا دل مـان، صـاحب وٽـي سَـچُ،
مَحَبـتَ سَـندو مـن ۾، ماٺـڪ ٻـارج مَـچُ،
اِنهـين پرتـون اچ، تـہ سـودو ٿيئـي سـڦرو. [41]

رب ڪريم پاران قرآن ڪريم مان بہ اسان کي اها رهنمائي ملي ٿي تہ سچ ۽ ڪوڙ نہ ملايو:

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝ [42]

ترجمو: ۽ سچ کي ڪوڙ سان نہ ملايو ۽ نڪي اوهين ڄاڻندي هوندي بہ سچ لڪايو.

ان سان گڏ اسان کي ”اتي اور الله سين صاحب وٽي سچ“ ۽ ”سودو ٿيئي سڦرو“ جهڙن نصيحت ڀرين نڪتن لاءِ بہ ڪلام الاهيءَ مان خوشخبري ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَالْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٥﴾ (43)

ترجمو: سچا (مرد) ۽ سچيون عورتون..... ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ ۽ ياد ڪندڙيون انهن سڀني لاءِ الله بخشش ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.

ڀٽائي ﷫، سوناري کي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي تہ صراف وانگر سچ جو پارکو ۽ واپاري ٿيءُ ۽ ڪوڙ ڪان پاڻ کي بچاءِ ڇو تہ ان ۾ تنهنجي لاءِ ڀلائي ۽ خير آهي:

سونارا صراف ٿيءُ، هڏ م ڪوڙ ڪماءِ،
متان توهٽاءِ، وڃي وڃا وِسري (44)

”هڏ م ڪوڙ ڪماءِ“ واري ساڳي هدايت اسان کي ڪلامِ رباني مان هن ريت ملي ٿي:

وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿٣٠﴾ (45)

ترجمو: ۽ ڪوڙي ڳالھ کان (بہ) پاسو ڪريو.

ساڳيءَ وقت اسان کي حضور ﷺ جن جي هڪ حديث مبارڪ مان پتو پوي ٿو تہ ڪوڙ ڳالهائڻ منافقت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي. (راھ عمل حديث نمبر 254، صفحو 208)

## ذخيري اندوزي

سنڌ جو سداحيات شاعر ۽ مفڪر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫، انسانذات جي خوشحالي ۽ ڪاميابيءَ لاءِ سموري زندگي سرگرم رهيو. سندس ڪلام انسانيت سان سندس محبت تي شاهد آهي. شاھ جي ڪلام جا ڪردار مسڪين ماروئڙا، ڪوري ۽ مهاڻا وغيره آهن. جيڪي حلال روزيءَ لاءِ ڏينهن رات محنت ۽ مشقت ڪري صبر ۽ شڪر سان زندگي گذارن ٿا.



www.sindhsalamat.com

شاهه سائينءَ مسڪينن ۾ محنت ڪشن جو همدرد ۽ هڏ ڏوکي آهي. ڪَبس ڏيهه ۾ ڏڪار وجهندڙن ۽ مهانگي وڪڻڻ لاءِ ذخيري اندوزي ڪندڙن خلاف سخت نفرت آهي ۽ ڪين پاراتا ڏيندي نظرا چي تو:

حُڪم تيو بادل کي، تہ سارنگ ساٿ ڪجن،
وِجون وَسڻ آئيون، تهہ مِينهَن تِمَن،
جِن مَهانگي ميڙيو سِي تا هَٿَ هَڻَنِ،
پَنجن مان پندرهن تِئا، ائين تا وَرَقَ وَرَنِ،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، موذي سَڀ مَرنِ.[46]

هن بيت ۾ شاهه سائين سرمائيدارن ۽ تاجرن جي ان روش کي واڪو ڪيو آهي، جنهن ۾ هو مهانگي وڪڻڻ لاءِ اناج ۽ ضرورت جون ٻيون شيون لڪائي ذخيري اندوزي ڪندا آهن. ساڳي وقت شاهه سائين الله جي رحمت واري مينهن ۽ ذخيري اندوزي ڪندڙن پاران هٿ هڻڻ جي وضاحت ڪندي ڪين پٽ ۾ پاراتو ڏيندي ارشاد فرمايو تہ:

ڏُڪاريا ڏِيهہ مان مُوذي سَڀ مَرن.

ڀٽائيءَ ؒ جهڙي انسان دوست شاعر ۽ ڪامل وليءَ پاران ايڏي سخت ترين پاراتي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ذخيري اندوزي ڪيڏي نہ ڪڏي روش آهي جو لطيف سائين جهڙو انسانيت جو علمبردار بہ ذخيري اندوزي ڪندڙ موذين جي مرڻ لاءِ بددعا ٿو ڪري.

شاهه سائين ؒ جي ذخيري اندوزي ڪندڙ لاءِ بددعا خدائي فرمان جي ترجماني نظر اچي ٿي، جنهن ۾ خداوند عالم ذخيري اندوزي ڪندڙ لاءِ سخت ترين عذاب جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

كَلَّا ۖ إِنَّهَا لَظَىٰ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوَىٰ ﴿١٦﴾ تَدْعُوا مَنْ أَدْبَرَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَأَوْعَىٰ ﴿١٨﴾ [47]

ترجمو: ايئن نہ آهي بيشڪ اها دوزخ لاٻن واري باهه آهي مٿي جي کل کي ڇڪيندڙ آهي. جيڪو خدا کان پٺيرو ٿيو ۽ منهن موڙيائين تنهن کي سڏي ٿي ۽ مال گڏ ڪيائين پوءِ سانڍيائين.

يعني مال گڏ ڪري ان کي سانڍي رکڻ مان مراد ذخيري اندوزي آهي ۽ ذخيري اندوزي ڪندڙ جي سزا دوزخ جي باهه آهي. قرآن ڪريم جي ٻين بہ



www.sindhsalamat.com

ڪيترين ئي آيتن ۾ مال گڏ ڪرڻ ۽ لالچ ڪرڻ جي نفي ڪئي وئي آهي.

حضور ﷺ جن بہ ذخيري اندوزي ڪندڙ لاءِ "لَا يَحْتَكِرُ اِلَّا خَاطِئٌ" [48] جو اعلان فرمائي کيس گنهگار قرار ڏنو آهي.

هڪ ٻئي هنڌ پاڻ سڳورن ذخيره اندوزي ڪندڙن لاءِ سخت ناراضگيءَ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

(اَلْجَالِبُ مَرْزُوْقٌ وَالْمُحْتَكِرُ مَلْعُوْنٌ) [49]

ترجمو: بازار ۾ آڻيندڙ کي رزق ڏنو ويندو آهي ۽ ذخيري اندوزي ڪرڻ واري تي لعنت ڪئي ويندي آهي.

## گناهہ

گناهہ بديءَ يا برائيءَ مان مراد اهڙا عمل آهن، جيڪي انسان شيطان جي رستي تي هلندي سرانجام ڏئي ٿو. انساني معاشرو جيڪو امن ۽ ڀائيچاري سان وجود ۾ اچي ٿو. اهو گناهن ۽ بداعمالن سبب معاشرتي ۽ اخلاقي طورتي ڪري پوي ٿو. ان ڪري اخلاقي ۽ اسلامي تعليم مان گناهن کان بچي پاڪ صاف زندگي گذارڻ جو سبق ملي ٿو ۽ اهڙي زندگيءَ ۾ ئي انسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آهي.

لطيف سائين ﷫ بہ زندگي جي ٻيڙيءَ ۾ گناهن ۽ براين جي بيحد بار چاڙهڻ جو ذڪر ڪندي بارگاهہ الاهي پار اُڪارڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

آَت ابتور آرُ منهنجي موج نہ سَهي مُڪري،
مَيڙي مناين جو بيحد چاڙهيم بَار،
چَوڻ چَارو نَاه ڪو بَديون بيشمار،
ڳپر ڳارونيار اُڪارئہ ۽ احسان سين. [50]

شاهہ سائينءَ جي گناهن، بدين ۽ مناين جي اعتراف ۽ احسان سان اڪارڻ واري دعا جي عنوان سان اسان کي قرآن ڪريم مان حضرت آدم عليہ السلام جي دعا ملي ٿي جنهن ۾ معافيءَ لاءِ هن ريت ٻاڏايو ويو آهي:



www.sindhsalamat.com

رَبَّنَا ظَلَمۡنَآ اَنۡفُسَنَا ۫ وَاِنۡ لَّمۡ تَغۡفِرۡ لَنَا وَتَرۡحَمۡنَا لَنَكُوۡنَنَّ مِنَ الۡخٰسِرِيۡنَ ﴿۲۳﴾ (51)

ترجمو: چيائون تہ اي اسان جا پالڻھار اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن تون اسان کي نہ بخشيندين ۽ اسان تي ٻاجھہ نہ ڪندين تہ ضرور ڇيئي وارن مان ٿينداسين.

شاهہ سائينءَ انسان جي پاران الله جا عهد ٽوڙڻ، ڪوڙ ڪمائڻ ۽ گناهن خطائن ڪرڻ جو اعتراف هن ريت ملي ٿو:

ٻڳـم عهـد الله جـا، ڳـڃ ڪمـائيم ڪُـوڙُ
پڇـرو جـو پـاپن جـو سـو چـوٽيءَ تـائين چـور،
معلوم آٿئي مور، ڳوڙهـوانهين ڳالهہ جـو. (52)

اسان کي قرآن ڪريم مان بہ الله جي عهد کي سچو سمجهڻ دنيا جي حياتي ۽ شيطان جي فريب کان بچڻ جي هدايت هن ريت ملي ٿي:

يَاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ وَاخۡشَوۡا يَوۡمًا لَّا يَجۡزِىۡ وَالِدٌ عَنۡ وَّلَدِهٖ ۡ وَلَا مَوۡلُوۡدٌ هُوَ جَازٍ عَنۡ وَّالِدِهٖ شَيۡـئًا ؕ اِنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الۡحَيٰوةُ الدُّنۡيَا ۫ وَلَا يَغُرَّنَّكُمۡ بِاللّٰهِ الۡغَرُوۡرُ ﴿۳۳﴾ (53)

ترجمو: اي ماڻهو بيشڪ الله جو انجام سچو آهي تنهن ڪري نڪي اوهان کي دنيا جي حياتي ٺڳي ۽ نڪي (نہ وري) فريبيندڙ شيطان الله بابت اوهان کي فريبي.

ڀٽائيءَ ﷫، انسان جي ڪوتاهين جو ذڪر ڪندي بارگاهہ الاهيءَ ۾ ٻاجھہ لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

ڪميڻـين هٿـاءَ ٿِـيَن مـورائين مَـديون،
تون ڪر پـاڻ وڙاءَ، موٽ سٻاجها سپرين. (54)

هڪ ٻئي هنڌ شاهہ ﷫، عيبن جو ذڪر ڪندي ڪين محبوب حقيقيءَ سان ملاقات لاءِ رڪاوٽ قرار ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

عَيبُ نہ اَچڻ ڏِيـن، مَـونکي مُـون پـرين ڏي،
اڳـئـان آڪـين سـامهان، اُيـائي آهـين،
اوڳڻ ٻاسي ٿين، تہ ٻولا ڪِنه ڏينگ ٿيان. (55)



www.sindhsalamat.com

قرآن ڪريم مان بہ اسان کي ظاهري ۽ باطني گناهن کان بچڻ جو حڪم هن ريت ملي ٿو:

وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿۱۲۰﴾ (56)

ترجمو: ۽ ظاهري گناهہ ۽ باطني گناهہ (سڀ طرح) ڇڏي ڏيو جيڪي گناهہ ڪندا آهن سي جيڪي ڪن ٿا تنهن سببان سزا سگهو ڏبن (ڏني ويندن.)

شاهہ سائينءَ ؒ، سرڪاموڏ ۾ سمي سرڪار جي خدمت ۾ عيبن جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو:

تـون سَـمو آءُ گنـدري، مـون ۾ عيـب اَپـار،
ڍڪـي لـيءُ لَغـار، مَتـان مـان ڳـر متيـين. (57)

ڀٽائي ؒ، سرمارئيءَ جي وائي ۾ گناهن ۽ عيبن جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

پـائي آيـس پانـد ۾، اوڳـڻ عَيـب اَپـار،
مـون مـورائين مـديون، آهـين سـيڻ سـتار. (58)

جڏهن تہ رب ڪريم جي بارگاهہ مان بہ اسان کي عيب ۽ گناهہ ڪندڙن لاءِ سخت سزا جو پتو هن ريت پوي ٿو:

بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْۤـــَٔتُهٗ فَاُولٰۤىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۸۱﴾ (59)

ترجمو: هائو جن مدائي ڪمائي ۽ سندن بچڙائي کين ويڙهي وئي سي دوزخي آهن، اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

لاکيڻو لطيف ؒ، گناهن سبب سونهن وڃائڻ ۽ منهن ميري ٿيڻ جي خبر هن ريت ڏئي ٿو:

سُـونهَ وڃـايم سـومرا، سَـڪر جهـڙي سُـونه،
دِل ۾ ڏکـي دونـہ، منهنجـو منـہ ميـرو ٿـئـو. (60)

شاهہ سائينءَ جو هيءُ بيت قرآن ڪريم جي هڪ آيت جو تفسير معلوم ٿئي ٿو جنهن ۾ گهنگارن جي منهن ميري ٿيڻ جو ذڪر هن ريت آيل



www.sindhsalamat.com

آهي:

وَالَّذِيْنَ كَسَبُوا السَّيِّاٰتِ جَزَآءُ سَيِّئَةٍۢ بِمِثْلِهَا ۙ وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۭ مَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ كَاَنَّمَآ اُغْشِيَتْ وُجُوْهُهُمْ قِطَعًا مِّنَ الَّيْلِ مُظْلِمًا [61]

ترجمو: جن بڇڙائي ڪمائي تن لاءِ ان جهڙي بڇڙائي ۽ ڪين خواري ڍڪيندي انهن کي الله (جي عذاب) کان ڪو بچائيندڙ نہ آهي ڄڻڪ سندن منهن کي اونداهي رات مان ذرو ڍڪايو ويو آهي.

لطيف سائينءَ ﷺ هن دنيا ۾ انسان هٿان ننڍين ۽ وڏن گناهن ٿيڻ تي بخشش لاءِ هن ريت پاڏائيندو نظر اچي ٿو:

رهـي منجهـہ مليـر، مـون تـان ڪوهـہ ڪئـو
مـــــون تـــــان ڪـــــين ڪئـــــو
مـون هٿـان منهنجـا ڏٽـي، سهسـين ٿئـا صـغير،
پکي منجهہ پهنوار جي، ڪوڙين ڪئـم ڪبيـر،
تـون ڏئـين مـون ڏٽـي، دلاسـو دلگيـر. [62]

ننڍين (صغير) ۽ وڏن (ڪبير) گناهن جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان رهنمائي هن ريت ملي ٿي:

اِنْ تَجْتَنِبُوْا كَبَآئِرَ مَا تُنْهَوْنَ عَنْهُ نُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَنُدْخِلْكُمْ مُّدْخَلًا كَرِيْمًا ۝ [63]

ترجمو: جيڪڏهن وڏن گناهن کان جن کان اوهان کي جهليو ويو پاسو ڪندا رهندؤ تہ اوهان جون هلڪيون مدايون اوهان کان ميٽيندا سين ۽ اوهان کي عزت واري جاءِ ۾ داخل ڪنداسين.

قرآني هدايت ۽ لطيفي فڪر مان ثابت ٿيو تہ گناهہ انسان لاءِ هن دنيا ۽ آخرت ۾ تباهيءَ جو سبب بنجي سگهن ٿا ان ڪري انسان کي گهرجي تہ گناهن ۽ برن عملن کان پاڻ کي بچائي ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿئي.

## حوالا


(1) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر آسا داستان 15/7 صفحو 473 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(2) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفلق آيت 1_5 پاره 30 صفحو 732 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع




www.sindhsalamat.com

(3) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 17/7 صفحو 473 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(4) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 54 پاره 5 صفحو 106 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(5) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر ڪاپائتي داستان 13/1 صفحو 237 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(6) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ص آيت 74 پاره 23 صفحو 550 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(7) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 15/1 صفحو 237 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(8) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ص آيت 76 پاره 23 صفحو 551 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(9) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ساموندري داستان 6/1 صفحو 208 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(10) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ص آيت 77 پاره 23 صفحو 551 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(11) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 38/2 صفحو 437 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(12) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 168 صفحو 23 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(13) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 2/3 صفحو 392 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(14) قرآن عظيمہ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت النحل آيت 23 پاره 14 صفحو 324 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(15) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 8/3 صفحو 393 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(16) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي سورت النحل آيت 29 پاره 14 صفحو 325 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(17) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر پرڀاتي داستان 14/1 صفحو 250 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(18) قرآن عظيمہ_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 18 پاره 15 صفحو 342 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(19) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 3/2 صفحو 433 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(20) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سررامڪلي داستان 6/2 صفحو 433 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(21) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحشر آيت 9 پاره 28 صفحو 658 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(22) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سورٺ داستان 5/1صفحو 404 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(23) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 27/2 صفحو 200 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(24) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الهمزه آيت 6/2 پاره 60 صفحو 729 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(25) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سهڻي داستان 18/4 صفحو 518 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(26) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 42 پاره 25 صفحو 587 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(27) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 44 پاره 25 صفحو 587 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(28) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسهڻي داستان 17/4 صفحو 518 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(29) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ 45_46 پاره 25 صفحو 587 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(30) معارف الحديث والفقہ سرور خان ظم صفحو 186 غضنفر اڪيڊمي لاهور.
(31) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 16/3 صفحو 462 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(32) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحجرات آيت 12 پاره 26 صفحو 621 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(33) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الهمزه آيت 1 پاره 30 صفحو 729 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 22/2 صفحو 200 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(35) قرآن عظيم _ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاحزاب آيت 70_71 پاره 22 صفحو 514 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(36) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊي داستان 36/4 صفحو 220 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(37) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 257 پاره 3



www.sindhsalamat.com

صفحو – تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(38) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سامونڊري داستان 37/4 صفحو 220 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(39) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 257 پاره 3 صفحو – تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(40) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 10 پاره صفحو 5 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(41) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 24/1 صفحو 196 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(42) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره 42 پاره 1 صفحو 10 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(43) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره 42 پاره 1 صفحو 10 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(44) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان سرسري راڳ داستان 3/4 صفحو 205 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(45) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 30 پاره 17 صفحو 404 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(46) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سارنگ داستان 15/3 صفحو 544 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(47) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المعارج آيت 15_18 پاره 29 صفحو 688 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(48) مطالعه حديث_ علي اصغر چشتي باب ذخيره اندوزي صفحو 20 دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد
(49) مطالعه حديث_ علي اصغر چشتي باب ذخيره اندوزي صفحو 21 دعوه اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد.
(50) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 14/2 صفحو 199 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(51) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 23 پاره 8 صفحو 185 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(52) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 5/1 صفحو 193 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(53) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت فاطر آيت 5 پاره 22 صفحو 524 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(54) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر حسيني داستان 5/11



www.sindhsalamat.com

صفحو 363 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(55) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 19/3 صفحو 329 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(56) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 121 پاره 8 صفحو 173 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(57) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاموڏ داستان 1/1 صفحو 396 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(58) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان پهريون وائي 1 صفحو 476 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(59) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 81 پاره 1 صفحو 16 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(60) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 2/4 صفحو 483 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(61) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يونس آيت 27 صفحو 455 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(62) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 5 وائي صفحو 488 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتّا حيدرآباد 1999ع
(63) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آت 31 پاره 5 صفحو 101 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫ جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت

## دنيا جي زندگيءَ جو مقصد

شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫، انسان کي دنيا واري زندگيءَ جو پڪو ۽ سچو مقصد ٻڌائيندي ارشاد فرمايو آهي تہ هيءَ دنيا امتحان ۽ آزمائش جي جاءِ آهي:

مُــون کــي مُــون، پــرين، ٻــڌي وڌو ٻــار ۾،
اُيــا ايــئن چــون، مڇــڻ، پانــد پســائين.◆

ساڳيءَ ريت قرآن ڪريم مان بہ اسان کي انساني زندگيءَ جو جيڪو مقصد معلوم ٿئي ٿو اهو بہ آزمائش ۽ امتحان آهي، جنهن جي وضاحت هن ريت آهي:

الَّذِىْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ط (1)

ترجمو: الله اهو آهي جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي (انهيءَ لاءِ) تہ اوهان کي پرکي تہ عمل جي ڪري تمام چڱو اوهان مان ڪير آهي.

اڳتي هلي شاهه سائينءَ ﷫، بارگاهه الاهيءَ ۾ خود عرض ٿو ڪري، اي منهنجا مولا جيڪو پاتار ۾ پيو يعني هن دنيا ۾ آيو تہ پوءِ اهو پسڻ کان ڪيئن پالهو رهي سگهندو؟

---

◆ ڊاڪٽر اي جي هاليپوٽو شاهه جي شاعري ۾ اسلامي قدر (مضمون) شاهه لطيف ثقافتي مرڪز حيدرآباد. 1967ع



www.sindhsalamat.com

ڀِيو جُو ڀاتار سُو ڪيئن پُسڻ ڪان پالهو رهي،
سالڪ مون سيڪار ڪو پهہ انهيءَ پاند جو. *

شاهہ سائين، سالڪ ڪان جنهن سبق سيکارڻ لاءِ دعا ڪئي آهي، ان دعا جو جواب اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو:

ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا (2)

ترجمو: وري اي پيغمبر توکي دين جي پڌريءَ واٽ تي ڪيوسون تنهن ڪري تون ان دين جي تابعداري ڪر.

يعني انسان دين اسلام جي واٽ تي هلڻ سان پاڻ کي پُسڻ ڪان پالهو رکي سگهي ٿو.

ڀٽائيءَ ﷺ، سالڪ واري سبق تي عمل ڪندي دنيا ۾ مال بجاءِ سڀ ڏينهن سپرين يعني محبوبِ حقيقيءَ جي تمنا جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو:

ماڻهن گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهہ گهران سُپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نام نهال، پسڻ تان پري ٿئو. (3)

شاهہ سائينءَ دنيا واري هن مختصر زندگيءَ ۾ ترهي کي ٽاٽي ٻڌڻ جي صلاح ڏيندي خبردار ٿو ڪري تہ اونهي ۾ ٻيو ڪوبہ ڪا مدد نہ ڪري سگهندءِ:

تانگهي ۾ تاٽي، ٻنڌ پنهنجو ترهو
اونهين ۾ آٽي، ڪو نہ ڏيندءُ ڪو ٻئو. (4)

پلارو ڀٽائيءَ دنيا واري زندگي جي مقصد جي وضاحت بعد انسان کي عمل ڪري ڪاميابي ماڻڻ جي هدايت هن ريت فرمائي ٿو تہ هن دنيا ۾ جي وحده وارو نفعو حاصل ڪر تہ توکي اڳتي يعني آخرت ۾ جنت جو جام نصيب ٿي سگهي:

---

* ڊاڪٽر اي جي هاليپوٽو شاهہ جي شاعري ۾ اسلامي قدر (مضمون) شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز حيدرآباد. 1967ع



www.sindhsalamat.com

وَحــــده لاشــــريڪ لـــه، اِيءُ وِهـــائج وِيءُ،
ڪتــين جــي هَــارائيين، هَنــڌ تنهنجــو هــيءُ،
پاٽــان چونــدءِ پــيءُ، پــري جــام جنــت جــو. (5)

دنيا جو هيءُ جهان دارالعمل يعني عمل جو گهر ۽ آخرت دارالجزا اجر جو گهر آهي. ان ڪري شاهه سائين ﷫، هن دنيا کي ڪتڻ ۽ هارائڻ جو هنڌ قرار ڏنو آهي. جنهن جي تصديق اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ﴿۷﴾ (6)

ترجمو: جيڪي زمين تي آهي سو اسان ان جي سينگار لاءِ هن ڪري ڪيو ته سندس آزمائش ونون ته انهن مان عملن ۾ ڏاڍو چڱو ڪير آهي.

اهڙي طرح شاهه سائينءَ جي ”پاٽان چوندءِ پيءُ پري جام جنت جو“ واري اعلان جي تصديق به اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿي:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا (7)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ (جنت) فردوس جا باغ مهماني (جي جاءِ) آهن. منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. يعني انهن لاءِ رڳو جنت جا جام نه بلڪ جنت جا باغ به تيار هوندا.

ڀلارو ڀٽائيءَ ﷫، ڪاپو ڪندڙ کي خبردار تو ڪري ته هيءُ وقت به چاڻ وڃو ان ڪري اٿي ڪتڻ جي ڪر:

جــان ڪتــين تــان ڪــت، هــيءَ هــڌ وهــاٽي،
ڪاپـــائتي ســـيڪا، ڪتـــي سِـــيباٽي،
چانتوجـن چـاٽي، تـن هٿـان پهـي نــ چـڏي. (8)

اڳتي هلي دنيا ۾ ويهي جواني جا ڏينهن وڃائيندڙ کي شاهه سائين ﷫، مخاطب ڪندي تنبيهه تو ڪري ته:

سي تو وهيءَ وڃائيا جـن ڪـتڻ سندا ڏيـنهن،
ارٽ اوڏيـائي نــ وڃـين، پـوري پـوري سـيئين،
تندُ پسنديـنءَ ڪيـئن، هاٽي تون وڏي ٿئين. (9)



www.sindhsalamat.com

اسان کي قرآن ڪريم مان بہ هن دنيا ۾ پنهنجي حياتي وڃائيندڙن جي باري ۾ اها خبر پوي ٿي تہ انهن لاءِ الله تعاليٰ دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي:

إِنَّ الَّذِينَ لَا يَرْجُونَ لِقَاءَنَا وَرَضُوا بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَاطْمَأَنُّوا بِهَا وَالَّذِينَ هُمْ عَنْ آيَاتِنَا غَافِلُونَ ۝ أُولَٰئِكَ مَأْوَاهُمُ النَّارُ (10)

ترجمو: بيشڪ جيڪي اسان جي ملڻ جو آسرو نٿا رکن ۽ دنيا جي حياتي سان ريجهي ويا ۽ انهيءَ سان آرامي ٿي رهيا ۽ اهي جيڪي اسان جي آيتن کان بيخبر رهيا انهن جو مڪان باهہ آهي.

## دنيا فاني

دنيا جو هيءُ نظام ۽ نظارا سڀ عارضي ۽ فاني آهن. ان ڪري شاهہ سائينءَ انسان کي خبردار ڪيو آهي تہ زندگي تي ناز نہ ڪر، ڇو جو توکي جنهن زندگيءَ تي ناز آهي ان جي حيثيت پاڻيءَ جي ڦوٽي وانگر آهي:

جَـرَ ۾ ڦوٽــو جئــين، لَهــرون لڳنــدي اڏ ٽٽــي،
ٿُـون پـڻ آهــين تيـئن، دُنيــا ۾ ڪــو ڏينهـڙو. (11)

ڀٽائيءَ ﷬، اڳتي هلي انسان کي جوانيءَ تي بہ ناز ڪرڻ کان منع فرمايو آهي ۽ ڪيس نصيحت فرمائي اٿس تہ هيءُ جوڀن بہ ٿي ڏينهڙا آهي، ان ڪري ان جو قدر ڪرڻ گهرجي:

وســاريج مَ ويــڻ، آهــي جــوڀن بــہ ٽــري ڏينهــڙا،
لونيون سَهن لوڪ جا، وهــاٽيءَ ٽيــون ويــڻ. (12)

دنيا ۽ ان جي نظام جي متعلق اسان کي ڪلام ربانيءَ مان بہ جيڪا رهنمائي ملي ٿي ان ۾ اها وضاحت فرمايل آهي تہ هن ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ آهي سو سڀ فنا ٿي ويندو ۽ الله تعاليٰ جو نالو باقي رهندو:

كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ ۝ وَيَبْقَىٰ وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلَالِ وَالْإِكْرَامِ ۝ (13)

ترجمو: جيڪو بہ زمين تي آهي سو سڀ ناس ٿيندو ۽ اي پيغمبر تنهنجي پالڻهار جي ذات باقي رهندي جو عزت وارو نعمتن وارو آهي.



www.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ ﷫، انسان کي دنيا جي حقيقت سمجهائڻ لاءِ مختلف مثال ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو تہ ڏکڻي مَنهين ۾ لانڍ تيار نہ ڪر، ڇو جو هيءَ دنيا واري زندگي ايتري تہ مختصر آهي، جو جنهن صبح جو لانڍي تيار ڪئي تہ اهو پوئين پهر شام جو گذاري ويو:

ڏکھـــي اڏ مَ مَنهـــين پَکـــو اڏ مَ لانـــڍي،
لَـڏئو تَـن وِرانـڍي، جَـن صـباحٽي اڏيـو. (14)

اڳتي هلي شاهہ سائينءَ ﷫، ننڊ جي شوقين انسان کي خبردار ڪندي ارشاد ٿو فرمائي تہ تو جنهن کي ساٽيهہ پانيو آهي، سو مانجهانديءَ جو ماڳ آهي يعني هن دنيا واري زندگيءَ مانجهاندي جي ماڳ وانگر تمام مختصر آهي:

ڪين سمهہ ڪين جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
ايءُ مانجهادي جو ماڳ، جو تو ساٽيهہ پانيو. (15)

اسان کي دنيا واري زندگيءَ متعلق قرآن ڪريم مان بہ اهڙي قسم جي ٿي رهنمائي ملي ٿي جنهن ۾ دنيا جي حياتيءَ کي مختصر قرار ڏنو ويو آهي:

اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ ۡ وَاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ الْقَرَارِ ﴿٣٩﴾ (16)

ترجمو: هيءَ دنيا جي حياتي (ٿوري) وٺ ڪان سواءِ (ٻيو) ڪين آهي ۽ بيشڪ آخرت ئي سدائين رهڻ جو هنڌ آهي:

لاڪيٽو لطيف ﷫، انسان کي دنيا جي زندگيءَ جي حقيقت سمجهائيندي ارشاد ٿو فرمائي:

جَـايُون پيـرين مـون، سَـا پُـون مَٽـي سَـڄڻين،
ڏگُ لَتبـــا ڏوڙ ۾، اُيـــي ڏِنـــا سُـــون،
ڏِينـہَ مِڙوئـي ڏون، اُتـي لَـوچ لَطِيـف چئـي. (17)

دنيا واري زندگي جنهن کي شاهہ سائين ﷬، "ڏينه مڙوئي ڏون" يعني صرف بہ ڏينهن کن قرار ڏنو آهي، ان جي باري ۾ قرآن ڪريم مان اسان کي الله تعاليٰ ۽ انسان جي وچ ۾ دنيا ۾ رهڻ جي عرصي متعلق جيڪا گفتگو ملي ٿي ان مان اها خبر پوي ٿي تہ دنيا ۾ رهڻ جو عرصو تمام مختصر آهي:



www.sindhsalamat.com

قُلَ كَمۡ لَبِثۡتُمۡ فِي الۡاَرۡضِ عَدَدَ سِنِيۡنَ ﴿۱۱۲﴾ قَالُوۡا لَبِثۡنَا يَوۡمًا اَوۡ بَعۡضَ يَوۡمٍ فَسۡـَٔلِ الۡعَآدِّيۡنَ ﴿۱۱۳﴾ (18)

ترجمو: (الله) فرمائيندو تہ زمين ۾ (اوهين) ڪيترا ورهہ رَهيؤ؟ چوندا تہ هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڀاڱو رهياسون پوءِ ڳڻيندڙن کان پڇا ڪر.

لطيفي فڪر، قرآني تعليم جي عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿو جنهن ۾ انسان کي هن دنيا جي زندگيءَ جي اصلي حقيقت ۽ حيثيت کان باخبر ڪيو ويو آهي.

## ڪراماً ڪاتبين

لاڪيٽي لطيف ﷺ، هن عمل واري دنيا ۾ انسان کي هر قدم قول ۽ فعل سوچي سمجهي کڻڻ ۽ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي کيس خبردار ڪيو آهي تہ تنهنجي بنهي ڪلهن تي بہ مقرب ملائڪ ڪراماً ڪاتبين ويٺا آهن. جيڪي تنهنجي هر عمل کي لکندا رهن ٿا ۽ اهو سمورو دفتر قيامت ڏينهن رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ ثبوت طور پيش ڪيو ويندو ۽ ان اعمال نامي جي بنياد تي ئي انسان جي ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو فيصلو ڪيو ويندو:

ڪاتب جو لکن، سو متان وِيڙ وساريئين،
جهڙي تهڙي ڳالهہ کي، جوڙيو جَمع ڪن،
حرف جي حساب جا، چيٽيو چِت رکن،
سڄي ڪِبي سر تي، لکڻ ڪاتبن،
ڪِراماً ڪاتِبين يعلمون مَا تَفعَلُون، نارا نورانين،
تون پاڙوسي تن، جني ويڙ نہ وسري. ♦

ڪِراما ڪاتبين جي باري ۾ شاهہ سائينءَ جن آيتن جو حوالو ڏنو آهي، انهن جو تفصيل قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:

وَاِنَّ عَلَيۡكُمۡ لَحٰفِظِيۡنَ ﴿۱۰﴾ كِرَامًا كَاتِبِيۡنَ ﴿۱۱﴾ (19)

♦ شاهہ جي ڪلام ۾ اسلامي قدر مضمون شيخ ابراهيم خليل، صفحہ 41 ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ بيشڪ اوهان تي نگهبان (مقرر ٿيل) آهن. سڳورا لکڻ وارا (ملائڪ) جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو ڄاڻندا آهن.

ڀٽائيءَ ﷫، ڪي جيڪڏهن عاشقِ قرآن سان گڏ شارح قرآن چئجي ته ڪو وڌاءُ ڪونه ٿيندو ڇو ته سندس ڪلام ان تي شاهد آهي ته منجهس ڪٿي هوبهو قرآني آيتون، ڪٿي حوالا، ڪٿي منظوم ترجمو ته ڪٿي وري مفهوم ۽ اشارا ڏنل آهن. هن بيت ۾ ڪِراماً ڪاتبين واري هوبهو آيت سان گڏ "حرف جي حساب جا چيٽيو چِٽ رکن، سڄي ڪٻي سر تي لکڻ ڪاتبن" وارو بيت هينئين آيت مبارڪ جي تفسير ۽ ترجمي جي حيثيت رکي ٿو:

اِذْ يَتَلَقَّى الْمُتَلَقِّيٰنِ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ قَعِيْدٌ ﴿۱۷﴾

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿۱۸﴾ [20]

ترجمو: جڏهن جو ٻه لکندڙ (هڪ) سڄي پاسي کان ۽ (هڪ ٻيو) کٻي پاسي کان ويهندڙ لکندا آهن. ڪا ڳالهه نه ڳالهائيندو آهي، جنهن جي لاءِ وٽس هڪ نگهبان موجود نه آهي.

## دنيا مؤمن لاءِ قيدخانو

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ﷫، جي فڪر موجب دنيا جو هيءُ جهان انسان لاءِ قيدخاني جي حيثيت رکي ٿو ڇو ته انسان تي سماجي اخلاقي ۽ اسلامي طور تي پابنديون عائد ڪيل آهن.

انسان آزاد ۽ خودمختيار هوندي به هر قدم کڻڻ کان اڳ ۾ انهن سماجي اخلاقي ۽ اسلامي قاعدن ۽ قدرن کي سامهون رکندو آهي ۽ پنهنجي نفس جي خواهش بجاءِ مليل رهنمائي ۽ قاعدي موجب عمل ڪندو آهي.

انسان جي ان ڪيفيت کي شاهه سائين ﷫، سر مارئيءَ ۾ هن ريت بيان فرمايو آهي:

سَــونه وِچــايم سُــومرا، عمــر تــيس آســير،
مَارو مَنجهه مَلير، مون سين هٿ هيئن ٿيو. [21]



www.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ هتي جنهن اسيريءَ جو ذڪر فرمايو آهي، اها هن دنيا جي اسيري آهي ۽ مارو منجهہ ملير مان مراد سندس اصلوڪو ۽ حقيقي وطن آهي.

ساڳيو مفهوم اسان کي ٻنهي جهانن جي سردارﷺ جي هڪ حديث مبارڪ ۾ رياض الصالحين جي جلد نمبر 1 حديث نمبر 470 ۾ هن ريت ملي ٿو:

اَلدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤمِنْ: ترجمو: دنيا مؤمن لاءِ قيدخانو آهي.

شاهہ سائينءَ رحمة الله عليه، هن دنيا ۾ گذاريل ڏينهن کي قيد ۾ ڪاٽيل ڏينهن قرار ڏيندي پنهنجي محبوب سان ملڻ ۽ نيهن جي ناتي کي اجاري اڇي ڪرڻ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

سَڪَرَ سيئي ڏينهہ، جي مون گهاريا بند ۾،
وَسايم وڏ ڦُڙا، متي ماڙيءَ مينهہ،
واجهائيس وصال کي، تيس توائي تينهہ،
نيرَ منهنجو نيهہ، اجاري اڇو ڪيو. (22)

اسان کي قرآن ڪريم مان بہ اها خبر پوي ٿي تہ ماڻهو کي ڏک (بند) ۾ پورڻ لاءِ خلقيو ويو آهي:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾ (23)

ترجمو: تہ بيشڪ ماڻهوءَ کي ڏک ۾ پورڻ لاءِ خلقيوسون يعني هن جهان ۾ انسان لاءِ ڏک ۽ ڏاڪڙا آهن ۽ آخرت ۾ جنت جون نعمتون آهن.

شاهہ سائينءَ رحمة الله عليه. اِڳتي هلي مارئيءَ ڀاران الله تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ اها دعا ٿو ڪري تہ مونکي موت بہ مارن وٽ (محبوب حقيقي وٽ) نصيب ٿئي ايئن نہ ٿئي جو آءٌ هت قيد بند ۾ مري وڃان:

الله! اِئين مَ هوءِ، جئن آن مران بند ۾،
جِيڙو جَنجيرن ۾ راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنم ڏِينهڙا. (24)

بارگاهہ الاهي مان بہ انسان کي دنيا ۾ رهڻ ۽ موت جي باري ۾ جيڪا هدايت ملي ٿي اها هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

يَاۤيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوۡتُنَّ اِلَّا وَاَنۡتُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ ﴿۱۰۲﴾ [25]

ترجمو: اي مؤمنو الله کان ايئن ڊڄو جيئن ڪائنس ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهين مسلمان هجڻ کان سواءِ نہ مرجو يعني موت اچي تہ ايمان جي حالت ۾ اچڻ گهرجي.

شاھ سائينءَ ﷫، دنيا کي نہ رڳو قيدخانو قرار ڏنو آهي، بلڪ اسلامي فڪر جو حوالو ڏيندي ان کي جيفو يعني ڍونڍ قرار ڏيندي ارشاد فرمايو آهي:

جوتن متان جُت تي، دني تنهنجي ڏار،
جيفو آهي حديث ۾ انڌيءَ اِيءَ اُچار. [26]

شاھ صاحب ﷫، هن بيت ۾ دنيا جي باري ۾ جيڪو حوالو ڏنو آهي اهو هن ريت آهي:

اَلدُّنۡيَا جِيۡفَةٌ وَ طَالِبُهَا كِلَابٌ - ترجمو: دنيا ڍونڍ وانگر آهي ۽ ان جا طالب ڪتن وانگر آهن.

اسان کي حضور ﷺ جن جي هڪ ٻي مبارڪ حديث بہ ملي ٿي جنهن ۾ دنيا جي محبت کي گمراهي قرار ڏنل آهي:

حُبُّ الدُّنۡيَا رَاسُ كُلِ خَطِيۡئَةٍ ترجمو: دنيا جي محبت ۾ گمراهيءَ جو بنياد آهي.

شاھ سائينءَ ﷫، دنيا جي باري ۾ (انڌيءَ اِيءَ اَچار) جو اعلان فرمائي هن حديث مبارڪ جي تشريح جو حق ادا فرمايو آهي.

## دنيا واري زندگيءَ جو خاتمو (موت)

جيئن تہ هي دنيا فاني آهي. ان ڪري انسان کي بہ موت سان فنا جو منهن ڏسڻو پوندو ۽ انسان (دارالفنا) فنا جي گهر مان بقا جي گهر (دارالبقا) ڏانهن روانو ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو موت هڪ اٽل حقيقت آهي. ان ڪري ان کان فرار يا انڪار ممڪن ئي نہ آهي.

سنڌ جو سداحيات شاعر شاھ لطيف ﷫، بہ انسان کي موت لاءِ تياريءَ ڪرڻ جو تاڪيد ٿو فرمائي، تہ واحد ڏي ورڻ جي تياري ڪيو ڇو تہ



www.sindhsalamat.com

موت مڙني لاءِ مقرر آهي ۽ اهو اجل اوچتي ايندو:

ڳـري نيـاز نڪـتـي، وَاحـد ڏي وَرجـي،
اَجـل ايـنـدو اوچتـو جـو سَـدا تـو سُـڄي،
آهي موت مڙن تي، گوڙيون ڪئو تو ڳجي. (27)

رب ڪريم جي بارگاھ مان بہ اسان کي موت جي باري ۾ رهنمائي هن ريت ملي ٿي تہ جيءُ (نفس) کي موت جو مزو چکڻو آهي:

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ۗ وَنَبْلُوْكُمْ بِالشَّرِّ وَالْخَيْرِ فِتْنَةً ۗ وَاِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ﴿٣٥﴾ (28)

ترجمو: سڀ ڪو جيءُ موت جو مزو چکڻ وارو آهي، وري اسان ڏي موٽائبو.

ڀٽائيءَ ﷫، قرآن ڪريم سان پنهنجي دلي لڳاءَ ۽ عقيدت جو ثبوت ڏيندي انسان کي موت جي باري ۾ آيل قرآني آيت کي هوبهو نقل ڪندي انسان کي موت جي اهميت کان هن ريت آگاھ فرمائي ٿو.

”كُـلُّ نَفْـسٍ ذَآئِقَـةُ الْمَـوْتِ“ سَـچيءَ اِيءَ سـنيار،
شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهہ شڪار. (29)

”كُـلُّ نَفْـسٍ ذَآئِقَـةُ الْمَـوْتِ“ سـچي ايءَ صـدا،
ڳلمـي سـاڻ لـڏائين، هـادي هـن هنـڌا. (30)

لَچينـدو تـو لاهيـان، ڪينـي منجهـہ ڪَپـار،
مَچُـڻ مـوتي ڪـا ڪـريين ڳـلا جـي ڳفتـار،
”كُـلُّ نَفْـسٍ ذَآئِقَـةُ الْمَـوْتِ“ پـروڙ اِي پَچـار. (31)

شاھ سائين ﷫، انسان ذات کي مرڻ کان اڳ توبهہ ڪرڻ جي صلاح تو ڏئي چو تہ موت جي وقت توبهہ قبول نہ ٿيندي آهي:

مـوت منـد نـہ آهـي، تائـب ٿيـو تڪـڙا،
”عَجِلُوا بِالتَّوْبَةِ قَبْلَ المُوت“ ويهہ تون ويرم لاهي. (32)

ڀلاري ڀٽائيءَ ﷫، انسان کي موت کان اڳ توبه ڪرڻ جيڪا هدايت



www.sindhsalamat.com

فرمائي اها قرآن ڪريم جي هن آيت سڳوريءَ جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿي:

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ حَتّٰٓى اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّىْ تُبْتُ الْـٰٔنَ وَلَا الَّذِيْنَ يَمُوْتُوْنَ وَهُمْ كُفَّارٌ اُولٰٓـئِكَ اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿۱۸﴾ (33)

ترجمو: ۽ انهن جي توبه قبول ٿيڻي نہ آهي جيڪي بڇڙايون ڪندا رهندا آهن ۽ نہ ڏجندا آهن تان جو جنهن مهل انهن مان ڪنهن کي موت پهچي تنهن مهل ڏجي چوي تہ هاڻي آءٌ توبه ڪريان ٿو ۽ نڪي انهن جي (توبه قبول آهي) جيڪي ڪافر ٿي مرندا آهن. انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿئون.

شاهہ سائين ﷫، موت جي فرشتي عزرائيل ؑ جي اچڻ ۽ ان جي اڳيان ڪنهن بہ ڳالهہ يا حُجت جي نہ هلڻ جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

آءٌ نـــ گـــڏي پـــرينءَ ڪـــي، آيـــو عزرائيـــل،
جـو راڻـي سـين جيـڏيون، نڪـو قـالُ نـہ قِيـل،
آيـــو مـــوت دليـــلُ، مارينـــدو مـــراد ڪـــان. (34)

اچـــي عزرائيـــل، سُـــتي جاڳـــائي سَـــــئي،
تـي دوڙائي ڏَليل، تہ پنهونءَ ماڙهو موڪليو. (35)

موت جي فرشتي جي مقرري ۽ روح قبض ڪرڻ جي باري ۾ قرآن ڪريم ۾ هن ريت وضاحت فرمايل آهي:

قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِىْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱﴾ (36)

ترجمو: (اي پيغمبر کين) چئو تہ جيڪو موت جو فرشتو اوهان تي مقرر ڪيل آهي، سو اوهان جو روح ڪيندو وري پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽائبو.

شاهہ سائينءَ ﷫، جي نزديڪ موت ۾ ئي حيات جو راز سمايل آهي ۽ مرڻ مشاهدو ماڻڻ آهي. ان ڪري شاهہ مري جانب جي جمال ماڻڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

مَـرِي جِـيءَ تـي مَـاڻيين، جانـب جـو جمـال،
تيين هُوندَ حَـلالُ، جي پَنـدِ اِهـائي پـاريين. (37)



www.sindhsalamat.com

لاکيڻو لطيف ﷫، انسان کي مرڻ کان اڳ ۾ مرڻ جي صلاح ٿو ڏئي، يعني عشقِ الاهيءَ ۾ پنهنجي هستي ۽ وجود هن دنيا ۾ ئي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ان بعد رب ڪريم جي ذات جي بقا ۽ دوام جو اعلان هن ريت فرمائي ٿو:

"مُوْتُوا قَبْلَ اَنْ تَمُوْتُوا" مرڻ ان مارين،
"فَهُوَ حَيٌّ لَايَمُوْتُ" مارئو جيارين.[38]

رب ڪريم جي بقا واريءَ صفت جو اعلان جيڪو شاهه سائينءَ هن بيت ۾ فرمايو آهي اهو چوٿين ڪلمي ۾ هن ريت بيان فرمايل آهي:

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ لَهُ الْمُلْكُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَا يَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا[39]

ترجمو: الله کان سواءِ ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ نه آهي. ان جي بادشاهي آهي ۽ ان لاءِ تمام تعريف آهي، اهو جياريندو ۽ ماريندو آهي ۽ هو هميشه هميشه زنده رهندو ان کي ڪڏهن به موت نه ايندو.

لطيف سائينءَ ﷫، انسان کي دنيا جي زندگيءَ متعلق واريءَ جي ڪوٽ جو مثال ڏيئي اها حقيقت هن ريت سمجهائي ٿو:

ڪڏهن مَڙهه مقام ۾، ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ،
سندو واريءَ ڪوٽ، اڏئو اڏيندين ڪيترو.[40]

دنيا واري زندگيءَ جي عارضي ۽ مختصر هئڻ جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان به جيڪا رهنمائي ملي ٿي، اها هن ريت آهي ته قيامت ڏينهن گنهگار چوندا ته اسان دنيا ۾ هڪ گهڙي پل رهيا آهيون:

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ۭ كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ﴿۵۵﴾[41]

ترجمو: ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (تنهن ڏينهن) قسم کڻندا ته (دنيا ۾) هڪ گهڙيءَ کان سواءِ (وڌيڪ) نه رهيا هئاسون اهڙيءَ طرح رستي کان ڦيرايا ويندا هئا.

عيش ۽ آرام ۾ پلجي جيڪي غفلت جي ننڊ ۾ پيا آهن، تن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ شاهه سائينءَ ﷫، سڪرات جي گهڙي ياد ڏيارين ٿا، جنهن جي ياد عقلمند انسان جي دنياوي لذتن کي بد مزي ڪندڙ آهي. ان



www.sindhsalamat.com

سان گڏ شاھ ھن دنيا مان ڪلمي سان خاتمي ۽ سڪرات سولي ڪرڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ کي شفاعت لاءِ ھن ريت سڏي ٿو:

ڳلمي ساڻ لڏائيين، ھادي ھن ھنڌا،
سهڪي سڪرات ڪرين، والي ويرو دا،
اهڪيءَ ويرا اچيج تون، اتي احمدا،
متان ڇڏين مڱڻو مهندان مُرشدا. (42)

قرآني تعليم موجب سڪرات جي گهڙي هر ڪنهن کي پيش اچڻي آهي، جنهن جي وضاحت هن ريت فرمايل آهي:

وَجَآءَتْ سَكْرَةُ الْمَوْتِ بِالْحَقِّ ۗ ذٰلِكَ مَا كُنْتَ مِنْهُ تَحِيْدُ ﴿۱۹﴾ (43)

ترجمو: ۽ موت جي سختي سڪرات سچ پچ ايندي (چئبو تہ) اها اُها شيءِ آهي جنهن کان پاسو ڪندو هئين.

پوءِ موت کي اکين سان ڏسي انسان سڪرات جي خوف کان جيڪا سڏ ڪندو ان کي قرآن ڪريم هن ريت بيان فرمايو آهي:

رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۱۰﴾ (44)

ترجمو: اي منهنجا پالڻهار جيڪر مون کي هڪ ٿوري مدت تائين مهلت ڏين ها تہ خيرات ڪريان ها ۽ صالحن مان ٿيان ها.

ليڪن رب ڪريم وٽان سڪرات مهل مهلت نہ ملڻ جو اعلان ٿيندو تہ:

وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۗ (45)

ترجمو: ۽ جڏهن ڪنهن جيءَ جو اجل ايندو آهي (تڏهن) ان کي الله ڪڏهن مهلت نہ ڏيندو آهي.

اهوئي سبب آهي جو شاھ سائين ﷫، انسان کي خبردار ڪندي ارشاد فرمايو آهي:

آجل ايندو اوچتو جو سدا تو سُجي،
آهي موت مٿن تي گوڙيون ڪئو تو ڳجي. (46)



www.sindhsalamat.com

# قبر

انسان جي مرڻ بعد اسلامي معاشري ۾ مُردي کي قبر ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ۽ قيامت تائين انسان قبر ۾ رهندو آهي.

انسانيت جو خيرخواه ۽ ٻنهي جهانن ۾ سندس ڪاميابيءَ تي حريص حضرت شاهه سائينءَ ﷬، ڪيس هن دنيا ۾ قبر جي تياري لاءِ هن ريت خبردار ڪيو آهي:

ڏڙ لَٽيندي ڏوڙ مٿان ڏاڪين ڏيئي،
کھڙيون ڪبيون ڳالھڙيون، اُت پرينجوءَ ويھي،
ايندئي مَلڪ موت جا، ڳالھ ڪندين تون ڪيھي (47)

شاهه سائين جي "ڏڙ لٽيندئي ڏوڙ ۾" يعني قبر ۾ دفن ڪرڻ واري فڪر جي تصديق قرآنِ ڪريم مان هن ريت ٿئي ٿي:

ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ﴿۲۱﴾ ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ﴿۲۲﴾ (48)

ترجمو: وري ماريائينس پوءِ قبر ۾ رکايائينس.

لطيف سائين ﷬، انسان کي سڌي وات وٺڻ جي صلاح ڏيندي خبردار ڪري ٿو تہ اڄ يا صبحاڻي موت ايندءِ پوءِ (نيئي ڏريندئي ڏوڙ ۾) يعني توکي قبر ۾ دفن ڪيو ويندو:

وَٺُو وَڄ رَاهہ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
اَڄُ ڪِ سَنجهہ صباح، نيئي ڏريندئي ڏوڙ ۾. (49)

هن دنيا جي زندگيءَ کي شاهه سائينءَ ﷬، مختصر قرار ڏيندي قبر ۾ تمام گهڻيون راتيون اڪيلي گذارڻ جي خبر هن ريت ڏني آهي:

هي تان ٿورڙيون، جي تو پورا پانئيون،
راتيون ٻيون گهڻيون، جي تو اينديون هيڪلي (50)

اسان کي قرآن ڪريم مان بہ عالم برزخ يعني قبر ۾ رهڻ ۽ وري قيامت ڏينهن اٿڻ بابت جيڪا رهنمائي ملي ٿي اها هن ريت ملي ٿي:



www.sindhsalamat.com

وَمِن وَّرَآئِهِم بَرْزَخٌ إِلَىٰ يَوْمِ يُبْعَثُونَ ﴿١٠٠﴾ [51]

ترجمو: ۽ سندن اڳيان هڪ پردو (عالم قبر) انهيءَ ڏينهن تائين رهندو جنهن ڏينهن قيامت ۾ اٿاريا ويندا.

شاهه سائينءَ ؒ، انسان ذات کي قبر واري اونداهيءَ لاءِ ٿمر ساڻ ڪڻڻ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي:

اڳئان اونداهيءَ جو ٿمر ساڻ ڪڻجي،
تان ڪِين قوت قبر جو ڳوريون آن ڳرجي. [52]

الله سبحانه وتعاليٰ جي پار کان بہ انسان کي قيامت ۽ قبرن بابت هن ريت خبردار ڪيو ويو آهي:

وَّ أَنَّ السَّاعَةَ آتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيهَا وَأَنَّ اللَّهَ يَبْعَثُ مَن فِي الْقُبُورِ ﴿٧﴾ [53]

ترجمو: ۽ تہ قيامت اچڻي آهي منجهس ڪو شڪ نہ آهي ۽ تہ جيڪي قبرن ۾ هوندا تن کي الله اٿاريندو.

اڳيان قبر واري اونداهيءَ لاءِ شاهه سائينءَ ؒ، سچي ڌڻيءَ جي بارگاهه ۾ سٽائي ڪرڻ لاءِ هن ريت ٻاڏائيندو نظر اچي ٿو:

سَولي ڪَرين سَچا ڌَڻي، اڳيان اُونداهي،
آهي ايساڳ ان کي، جَنِي وَاٽ وِڃائي،
رِءَ فضل رَب جي، مُوران ماڙ نہ ڪائي. [54]

قبر جي سختي ۽ هولناڪيءَ جي باري ۾ اسان کي حضور ﷺ جن جي هڪ حديث مبارڪ هن ريت ملي ٿي:

قَالَ إِنَّ الْقَبْرَ أَوَّلَ مَنَازِلِ الْآخِرَةِ فَإِنْ نَجَا مِنْهُ فَمَا بَعْدَهُ أَيْسَرُ مِنْهُ وَإِنْ لَمْ يَنْجُ مِنْهُ فَمَا بَعْدَهُ أَشَدَّ مِنْهُ قَالَ وَقَالَ رَسُولُ ﷺ مَا رَأَيْتُ مَنْظَرًا قَطُّ إِلَّا وَالْقَبْرُ أَفْظَعُ مِنْهُ [55]

ترجمو: حضور ﷺ جن فرمايو تہ قبر آخرت جي منزل مان پهرين منزل آهي. جيڪڏهن انسان ان منزل مان نجات حاصل ڪئي تہ پوءِ ان کان بعد واريون منزلون زياده آسان ٿي وينديون ۽ جيڪڏهن پهرين منزل مان نجات حاصل نہ ڪيائين تہ پوءِ ان کان بعد واريون منزلون زياده سخت هونديون. حضور ﷺ جن فرمايو تہ مون ايتري ڪا بہ هولناڪ شيءِ نہ ڏٺي آهي جيتري قبر هولناڪ آهي.



www.sindhsalamat.com

سر آبري ۾ شاھ سائينءَ ﷫، قبر ۾ منڪر نڪير ملائڪن جي اچڻ ۽ انھن ڪان سسئيءَ جو پنھونءَ متعلق پڇڻ واري منظر کي ھن ريت بيان فرمايو آھي. جنھن مان سسئيءَ جي محبوبِ حقيقيءَ پنھونءَ سان سچيءَ محبت جو پتو پوي ٿو:

مُنڪــر ۽ نَڪيــر ڪـي جـڏھن ڏنـائين،
اڳيـان اٿـي ان ڪـي پنھـون پڇيـائين،
ادا اٿـائين، ڪـو لنگھيـو سـاٿ سـجڻ جـو. [56]

منڪر ۽ نڪير اھي ملائڪ آھن، جيڪي قبر ۾ سوال ۽ جواب ڪندا آھن، جن جي باري ۾ حضور ﷺ جو ارشاد مبارڪ آھي ته جڏھن ميت کان قبر ۾ (منڪر نڪير ملائڪ) پڇندا آھن ته تنھنجو رب ڪير آھي؟ ته ھو جواب ڏيندو ته:

فَيَقُوْلُ رَبِّيَ اللّٰهُ وَنَبِيِّ مُحَمَّدٌ فَذَالِكَ قَوْلُهٗ- يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ [57]

ترجمو: ھو جواب ۾ چوندو ته منھنجو رب الله آھي ۽ منھنجو نبي حضرت محمد ﷺ آھي ۽ جيڪا "يثبت الله الذين" واري آيت آھي، ان مان اھائي مراد آھي: ته جن ايمان آندو تن کي الله دنيا جي حياتيءَ ۾ به ثابت قدم ۽ محڪم رکندو ۽ آخرت ۾ به (محڪم رکندو) [58]

## قيامت

الله سبحانه وتعاليٰ ھڪ ڏينھن ھن دنيا جي نظام کي فنا ڪري قيامت جو ڏينھن قائم فرمائيندو. لطيف سائينءَ ﷫، انسان کي ان قيامت جي ڏينھن لاءِ تياريءَ جي صلاح ڏيندي ارشاد ٿو فرمائي ته قيامت جو ڏينھن اوچتو ئي ايندو ان ڪري ان لاءِ اڳ ۾ ئي تياري ڪر:

ھِيءَ ھَڏ وِھاڻي، جان ڪَتنديءَ تان ڪَت،
ڪو پنھنجي عيد کي، پيري ڪج پَرت،
مَتان رُوئين رَتُ، صُباح وِچ سرتيين. [59]



www.sindhsalamat.com

شاهہ سائينءَ ﷫، قيامت ڏينهن انسان جي ڪيفيت ڪي هن ريت تہ بيان فرمائي تہ هو قيامت لاءِ ڪابہ تياري نہ ڪري آيو آهي ۽ هاڻي يعني قيامت ڏينهن ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿو:

اَڄُ پُڻ آڄهڻ ڪي مرين، نڪين ڪتوءِ ڳال،
اَرٿ اوڏيائي نہ وهين، محڪم ونءِ مال،
پوري توسين پالُ، ڳانڊ ڳريندو ڪيترا. (60)

بارگاهہ الاهيءَ مان بہ اسان کي قيامت لاءِ تياريءَ ڪرڻ جو حڪم هن ريت مليو ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۸﴾ (61)

ترجمو: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ جڳائي تہ سيڪو شخص سوچي تہ صبحاڻي قيامت لاءِ اڳي ڇا موڪليو اٿس ۽ الله کان ڊڄندا رهو ڇو تہ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن بابت الله خبر رکندڙ آهي.

ڀٽائي ﷫، هڪ ٻئي هنڌ قيامت ۾ سپرين سان ملڻ جي تمنا ڪندي ارشاد فرمايو آهي تہ وصال جون واڌايون اجا پري آهن:

جي قيام مٿن، تہ ڪر اوڏا سپرين،
تهان پري سُڄن، واڌايون وصال جيون. (62)

قيامت جي هولناڪيءَ واري منظر ۾ رشتا، ناتا ۽ پيارا ڪم نہ ايندا اتي صرف انسان جو پنهنجو عمل ئي ڪم ايندو جنهن جي وضاحت قرآن ڪريم ۾ هن ريت فرمايل آهي:

لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۳﴾ (63)

ترجمو: ڪڏهن نہ اوهان کي اوهان جا مائٽ ۽ نڪي اوهان جو اولاد قيامت جي ڏينهن ڪو فائدو ڏيندو اوهان جي وچ ۾ الله فيصلو ڪندو ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

هن دنيا ۾ جواني ۽ ڪتڻ وار اڏينهن وڃائيندڙ کي شاهہ سائينءَ ﷫،



www.sindhsalamat.com

هن ريت تنبيھ فرمائي ٿو:

سي تو وَھيءَ وِڃائيا، جي ڳَڻَ سَندا ڏينھن،
آرت اوڏيائي نہ ويچين، پوري پوري سيئن،
تند پسنديءَ ڪيئن، هاٿي تون وڏي تئين. (64)

خداوند ذوالجلال جي پار ڪان بہ اهڙي شخص جي ڪيفيت جو پتو ڏنو ويو آهي تہ جيڪو هن دنيا ۾ تہ آرت اوڏو نہ ويو هوندو ليڪن قيامت ڏينھن فرمانبرداريءَ لاءِ مهلت گھرندو:

وَاَنۡذِرِ النَّاسَ يَوۡمَ يَاۡتِيۡهِمُ الۡعَذَابُ فَيَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡا رَبَّنَاۤ اَخِّرۡنَاۤ اِلٰۤى اَجَلٍ قَرِيۡبٍ ۙ نُّجِبۡ دَعۡوَتَكَ وَنَـتَّبِعِ الرُّسُلَ ؕ اَوَلَمۡ تَكُوۡنُوۡۤا اَقۡسَمۡتُمۡ مِّنۡ قَبۡلُ مَا لَـكُمۡ مِّنۡ زَوَالٍ ۙ‏ (65)

ترجمو: اي پيغمبر ماڻھن کي ان ڏينھن کان ڊيڄار جنھن ڏينھن ڪين عذاب پھچندو پوءِ ظالم چوندا تہ اي اسان جا پالڻھار اسان کي ويجھي مدت توڻي مهلت ڏي تہ تنھنجي سڏڻ کي قبول ڪريون ۽ پيغمبرن جي فرمانبرداري ڪريون (چيو ويندن تہ) هن کان اڳ اوهين قسم نہ کڻندا هيئہ چا تہ اوهان کي ڪو (بہ) زوال نہ ٿيندو.

قرآني پيغام ۽ لطيفي فڪر مان ثابت ٿيو تہ قيامت هڪ اٽل حقيقت آهي.

## حشر جو ميدان

قيامت جي ڏينھن جنھن وقت رب ڪائنات انسانن کي حشر جي ميدان ۾ گڏ فرمائي حساب ۽ ڪتاب ڪندو ان وقت انسانن جي جيڪا ڪيفيت هوندي ان جي هڪ جھلڪ قرآن عظيم هن ريت ڏيکاري ٿو:

يَوۡمَ يَفِرُّ الۡمَرۡءُ مِنۡ اَخِيۡهِ ۙ‏ ﴿٣٤﴾ وَاُمِّهٖ وَاَبِيۡهِ ۙ‏ ﴿٣٥﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيۡهِ ؕ‏ ﴿٣٦﴾ (66)

ترجمو: انھيءَ ڏينھن (قيامت ۾) ماڻھو پنھنجي ڀاءُ کان ڀڄندو ۽ پڻ پنھنجي ماءُ کان ۽ پنھنجي پيءُ کان ۽ پنھنجي گھرواريءَ کان ۽ پنھنجن پٽن کان ڀڄندو.



www.sindhsalamat.com

لاڪيٽو لطيف انسان کي نرت ۽ نيهن سان حشر جي ميدان کي سامهون رکندي هلڻ جي صلاح هن ريت ڏئي ٿو:

سَگُ ڪري سِيَن سِنھ، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪيڏهين،
رمــج راتــي ڀُــٽ ۾، نِرتئــون منجهــان نيــھ،
ائين مَ وَسج عام تي، جيئن موملَ وسن مينھ،
سَندي حَشر ڏِينھ، سودو سَارينديۡ گهٽو. (67)

قرآن ڪريم مان بہ اها شاهدي ملي ٿي تہ ان ڏينهن الله تعاليٰ تمام انسانن کي گڏ ڪندو ۽ سڀ صفون ڪري پيش ڪيا ويندا:

وَيَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى الْأَرْضَ بَارِزَةً وَحَشَرْنَاهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ أَحَدًا ﴿٤٧﴾ وَعُرِضُوا عَلَىٰ رَبِّكَ صَفًّا (68)

ترجمو: ۽ ياد ڪر جنهن ڏينهن جبلن کي هلائيندا سون ۽ زمين کي صفا پٽي ڏسندين ۽ ماڻهن کي گڏ ڪنداسون پوءِ منجهانئن ڪنهن هڪ کي نہ ڇڏيندا سون ۽ اهي تنهنجي پالڻهار وٽ صفون ڪري پيش ڪيا ويندا.

شاهہ سائينۡ ﷫، حشر ۾ الله تعاليٰ جي واعدن ۽ وعيد يعني عذاب جي اعلانن کي سامهون رکندي نبي سائينۡ کي الله تعاليٰ جو واسطو ڏيئي مدد لاءِ هن ريت ٻاڏائي ٿو:

جتــي ٿينــدا پــڌرا، وَعــدا ۽ وَعيــد،
سَــٽج سَــڏ سَــعيد، الله لــڳ لطيــف چئــي. (69)

اسان کي ميدان حشر ۾ پيغمبرن کان امت جي باري ۾ الله تعاليٰ جي سوالن جو پتو بہ پوي ٿو جنهن ۾ تبليغ جي دعوت جي باري ۾ امت جي رويي متعلق پڇيو ويندو. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين سعادت واري رسول کي ميدان حشر ۾ ”سٽج سڏ سعيد، الله لڳ لطيف چئي“ جو اعلان ڪري پڪاري ٿو:

يَوْمَ يَجْمَعُ اللَّهُ الرُّسُلَ فَيَقُولُ مَاذَا أُجِبْتُمْ ۖ (70)

ترجمو: (ياد ڪر) جنهن ڏينهن الله سيني پيغمبرن کي گڏ ڪندو (تنهن ڏينهن) چوندو تہ اوهان کي (امت پاران دعوت جو) ڇا جواب ڏنو ويو.



www.sindhsalamat.com

ڀٽائيءَ ﷺ. ميدان حشر ۾ مارئيءَ پاران سونهن وجائي ميري منهن ٿيڻ جو اظهار هن ريت فرمائي ٿو:

سُونه وِڃايم سُومرا، مِيرو مُنه ٿِئوم،
وڃڻ تت پئوم، جِت هلڻ ناهه حسن ري (71)

هتي سونهن وڃائڻ ۽ ميري منهن ٿيڻ مان مراد گناهن ۽ براين سبب ايمان واري سونهن ۽ نورانيت جو ميراڻ ۾ مٽجڻ آهي. جنهن جو ثبوت قرآن ڪريم مان پڻ هن ريت ملي ٿو:

وَ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ۝ تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ۝ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ۝ (72)

ترجمو: ۽ ڪيترائي منهن (هوندا) جن کي ڪارنهن ويڙهي رئي پيل هوندي جن کي ڪارنهن ويڙهي ويندي اهي ئي منڪر بدڪار آهن.

شاهه جو "سُونه وڃايم سومرا ميرو منه ٿئوم" وارو بيت هن آيت سڳوريءَ جو منظوم ترجمو آهي.

ڀٽائي ميري منهن بعد موچاري منهن جو ذڪر ڪندي ملير کي تن جو ماڳ قرار ڏنو آهي:

مُنه مُوچارا مارُوئين، مَلير جني ماڳ،
ناقص نوازي گهڻا، سندو تن سياڳ
اکر مون اياڳ، حُسن تي هئين ٿئو. (73)

هتي منهن موچارا مان مراد سهڻا ۽ روشن منهن آهن. جيڪي نيڪ عملن سبب ملير ۾ چمڪندڙ هوندا. يعني ميرا منهن گنهگارن لاءِ ۽ موچارا منهن نيڪوڪارن لاءِ ڪتب آندل آهن. ڀٽائيءَ جو ميرا منهن ۽ سونهن وڃائڻ وارو فڪر جيئن تہ قرآن ڪريم مان ورتل آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح موچارا منهن وارو سندس فڪر بہ ڪلام الاهيءَ جي هيٺين مبارڪ آيتن مان اخذ ڪيل معلوم ٿئي ٿو:

لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَىِٕذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ۝ وُجُوْهٌ يَّوْمَىِٕذٍ مُّسْفِرَةٌ ۝
ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ۝ (74)

ترجمو: انهن مان سڀ ڪنهن مڙس لاءِ ان ڏينهن اهڙي حالت هوندي جو ڪيس بس هوندي ڪيترائي منهن ان ڏينهن روشن هوندا کلندڙ ۽ (تمام)



www.sindhsalamat.com

سرھا ھوندا.

اھڙيءَ طرح حشر جي ميدان ۾ نيڪو ڪار ۽ بدڪار پنھنجن منھن مان پري ڪان پڌرا ھوندا.

## عملن جي تور ۽ اعمال نامون

حشر جي ميدان جو ٻيو اھم مرحلو عملن جي تور ۽ **اعمال نامو** آھي. رب ڪريم پاران ھر ھڪ انسان جي عملن لاءِ ميزان (تارازيءَ) ۾ **عمل توريا** ويندا ۽ ان تور مطابق ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو فيصلو ٿيندو.

لطيف سائينءَ ﷫، جيئن تہ انسان جي رھنمائيءَ لاءِ دنيا ۽ آخرت جو ڪوبہ شعبو نہ ڇڏيو آھي بلڪل اھڙيءَ طرح عملن جي تور ۽ **اعمال نامي** لاءِ بہ سندس ڪلام ۾ رھنمائي موجود آھي. ھو دنيا ۾ سونارن کي تور جي گھٽ وڌائي ڪرڻ کان خبردار ڪندي حشر جي ميدان ۾ رب ڪريم واري تور ڏانھن ھن ريت متوجھہ فرمائي ٿو:

سونارا صراف سين، پڄي ڇڏ بازي،
چانديءَ ڪٽو چلائيين، رپو روازي،
جت ٿيندو رب قاضي، ات توريندءِ تجويز سين.[75]

رب ڪريم پاران انسان کي دنيا ۾ انصاف ساڻ تورڻ يعني بازي پڄي ڇڏڻ جو حڪم ھن ريت ڏنو ويو آھي:

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ﴿٧﴾ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ﴿٨﴾
وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ﴿٩﴾[76]

ترجمو: ۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ انصاف جي تارازي رکيائين، ھن لاءِ تہ تور ۾ حد کان نہ لنگھو ۽ انصاف سان پورو توريندا رھو ۽ تور ۾ ڪوٽ نہ ڪريو.

جڏھن تہ شاھہ جي "جت ٿيندو رب قاضي ات توريندءِ تجويز سين" واري اعلان جي تصديق ھن آيت مبارڪ مان ٿئي ٿي:

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۚ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۚ[78]



www.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ ان ڏينهن (عملن جي) تور سچ آهي انهيءَ ڏينهن سڀ ڪو ماڻهو جيڪو چڱو ڪم ڪيائين ۽ جيڪو بڇڙو ڪم ڪيائين تنهن کي آڏو لهندو.

لطيف سائينءَ اڳتي هلي سوناري جي اوٽ ونندي ڪيس خبردار ٿو ڪري ته صبحاڻي ترِ به ترندا ان ڪري اي انسان ان تور لاءِ تيار ٿيءُ:

سونارا، صراف سين بازي پيچي ڇڏ،
جو چاندي ڪئو چلاٽيين، سو مچڻ پوئي هَڏ،
صرافاڻي سَڏ، تُرندا تِر ميزان ۾. (79)

هتي تِرن جي تُرڻ مان مراد آهي ته هر ذرو پرزو يعني هر ننڍي ۾ ننڍي نيڪي ۽ گناهہ الله جي عدل واري ميزان ۾ توريو ويندو.

ڀٽائيءَ ﷫، جو هيءُ بيت به هن آيت سڳوريءَ جي ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو جنهن ۾ رائي جي داڻي برابر به هر عمل جي تور جو ذڪر فرمايل آهي. جنهن کي شاهہ سائين (ترندا تِر ميزان ۾) جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي:

وَنَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ فَلَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا ؕ وَاِنْ كَانَ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ اَتَيْنَا بِهَا ؕ وَكَفٰى بِنَا حٰسِبِيْنَ ﴿۴۷﴾ (80)

ترجمو: ۽ قيامت جي ڏينهن عدل جي تارازي رکنداسون پوءِ ڪنهن جيءَ تي ڪجهہ ظلم نه ڪبو ۽ جيڪڏهن عمل اهر جي داڻي جي تور هوندو ته به ان کي آڻينداسون ۽ اسين حساب ڪندڙ بس آهيون.

عملن جي انصاف واري تور بعد، جڏهن انسان هر ننڍي ۾ ننڍي نيڪي ۽ بديءَ کي اعمال نامي ۾ ڏسندو ته پوءِ جيڪا سندس ڪيفيت هوندي انکي شاهہ سائينءَ هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڪِين سَاڱا هيم سُپرين، جاڙون ڪيم جت،
سِيئي سوداتِ، موتي منهہ ۾ آئيون،
ڪين ساڱا هيم سپرين، جاڙون ڪيم جي،
سودا مون ڪي سي، موتي آيون منهہ ۾. (81)



www.sindhsalamat.com

انسان جي انهن گناهن ۽ عملن جي باري ۾ جيڪي ڪيس قيامت ڏينهن موٽي منهن ۾ ايندا انهن جي باري ۾ قرآن ڪريم مان هن ريت رهنمائي ملي ٿي:

وَقُلِ اعْمَلُوا فَسَيَرَى اللّٰهُ عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ۭ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ (82)

ترجمو: ۽ چئو تہ عمل ڪريو پوءِ الله ۽ سندس پيغمبر ۽ مؤمن اوهان جا عمل ڏسندا ۽ ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ (الله) ڏانهن سگهو موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو.

لطيف سائينءَ ﷫ قيامت ڏينهن حشر جي ميدان ۾ انسان جي بي حيائي وارين هلتن ۽ نڪ نرجاين تي سندس شرمندگيءَ جو اظهار هن ريت فرمايو آهي:

پَسـي عَيـب اڳيان، سـوڍا شـرمائيون،
نَـڪ نِرجَـائيون، مـوٽي آيـن منـهـ ۾. (83)

حشر ۾ نڪ نرجاين ۽ عيبن تي شرمندگيءَ جي اظهار جو ثبوت اسان کي قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو تہ ان ڏينهن اهي گنهگار ۽ عيبدار ڪهڙيءَ طرح افسوس ڪندا:

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِي اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿۲۷﴾ (84)
يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿۲۴﴾ (85)

ترجمو: ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا ٻئي هٿ چٻيندو چوندو تہ هئي ارمان (جيڪر) پيغمبر سان گڏ (هجان ها) واٽ وٺان (تہ چڱو هو).

چوندو تہ هاءِ ارمان جيڪر پنهنجي (هن هميشہ جي) حياتيءَ لاءِ ڪجهہ اڳي موڪليان ها.

هن دنيا ۾ ڪيل تمام عملن کي جڏهن اعمال نامي جي صورت ۾ انسان حوالي ڪيو ويندو تہ پوءِ جيڪا سندس ڪيفيت هوندي ان کي شاهہ هن ريت بيان فرمايو آهي:

ڪين ساڳا هيم سپرين، جاڙون ڪيم جال،
سيئي سوڍا ڪال، موٽي آيم منهہ ۾. (86)



www.sindhsalamat.com

يعني جڏهن مداين جو دفتر اعمال نامو کيس ملندو تہ ان ۾ هر ننڍو ۽ وڏو عمل لکيل هوندو پوءِ چوندو تہ "جاڙون کيم جال موٽي آيم منهہ ۾" انسان جي ان ڪيفيت کي قرآن ڪريم ۾ هن ريت بيان فرمايو ويو آهي:

وَكُلَّ اِنْسَانٍ اَلْزَمْنٰهُ طٰٓئِرَهٗ فِيْ عُنُقِهٖ ۭ وَنُخْرِجُ لَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلْقٰىهُ مَنْشُوْرًا ۝
اِقْرَاْ كِتٰبَكَ ۭ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا ۝ (87)

ترجمو: ۽ سڀ ڪنهن ماڻهو جي ڳچيءَ ۾ سندس عمل نامو ٻڌوسون ۽ قيامت جي ڏينهن ڪتاب انهيءَ لاءِ ڪيدنداسون جو ان کي کليل ڏسندؤ (چيو ويندو تہ) پنهنجو ڪتاب پڙهہ اڄ تنهنجو نفس توتي حساب وٺندڙ (ڪافي) بس آهي.

شاهہ سائينءَ ﷫ جي فڪر موجب انسان کي گهرجي تہ هن دنيا ۾ اهڙا بدعمل نہ ڪري يعني جاڙون ۽ نڪ نرڄايون نہ ڪري جو کيس صبحاڻي شرمندگيءَ جو منهن ڏسڻو پوي. سندس خواهش آهي تہ انسان جهڙو پاڪ ۽ صاف آيو آهي اهڙوئي واپس وڃي، ليڪن هو هن دنيا ۾ گناهن جو شڪار تي بارگاهہ الاهيءَ ۾ شرم کان ڪنڌ کڻڻ جهڙو بہ نٿو رهي:

جهڙي آيس جيئن، تهڙي وڃان تن ڏي،
لالائيءَ جا لطيف چئي، ڪر مُندن انا مينهن،
ماڙيءَ لڳم ميهڻو سڀ ڄمانڊر سيئن،
تيس ڪاٺياري ڪانڌ جي، هتي اڃي هيئن،
ڪنڌ ڪڻنديس ڪيئن، منهن ماروئڙن جي. (88)

هتي بہ شاهہ سائين ﷫، ڪانڌ جي ڪاٺياري تيڻ ۽ "ڪنڌ ڪڻنديس ڪيئن" جو جيڪو ذڪر فرمايو آهي اهو برن عملن واري اعمال نامي ڏانهن اشارو آهي جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت آيل آهي:

وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ڏ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ۝
وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ۝ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ۝ (89)

ترجمو: ۽ جنهن کي سندس اعمال نامون کٻي هٿ ۾ ڏنو ويو، سو چوندو ارمان جيڪر منهنجو اعمال نامون مون کي نہ ملي ها نہ ڄاڻان ها تہ منهنجو حساب ڇا آهي؟ هاءِ ارمان جيڪر موت نبيرينڌڙ هجي ها.



www.sindhsalamat.com

ليڪن ان وقت انسان ڪي ارمان ڪرڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو ڇو تہ هيءُ دنيا دارالعمل آهي. ان ڪري هن دنيا ۾ جيڪي بہ عمل ڪيا هوندائين اهي ڪيس حشر جي ميدان ۾ اعمال نامي جي صورت ۾ نيڪ عمل سڄي هٿ ۾ ۽ بد عملن وارو اعمال نامون کٻي هٿ ۾ ملندو.

## حشر جي ميدان ۾ عضون جي شاهدي

حشر جي ميدان ۾ الله رب العزت پاران حجت پوري ڪرڻ لاءِ سمورن انسانن جي عملن جي تور ۽ اعمال نامن سان گڏ ڪجهہ شاهد بہ پيش ڪيا ويندا. جيڪي هر هڪ انسان جي هر عمل متعلق بارگاهہ الاهيءَ ۾ شاهدي ڏيندا. ڀلاري ڀٽائي ﷫ بہ انسان ڪي حشر جي ميدان ۾ انهيءَ شاهدي ڪان خبردار ڪندي ارشاد فرمايو تہ توحيد جو پيغام ڪن ڪولي ٻڌا ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو توکي حشر جي ميدان ۾ ڳوڙها ڳاڙڻا پون:

وَحـــده لا شـــريڪ لـــہ، ٻُـــڌءِ نـــہ ٻـــوڙا،
ڪـہ تـو ڪـنـين نـہ سُـئا، گهـٽ انـدر گهـوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شـاهد ٿيـنـدءِ سـامُهان. (90)

شاهہ سائينءَ ﷫، جن شاهدن جي شاهديءَ ڪان انسان ڪي ڊيڄاريو آهي، انهن جو تفصيل قرآن ڪريم مان هن ريت ملي ٿو تہ سڀ ڪان پهرين شاهدي پيغمبر عليہ الصلوات والسلام اُمت تي ڏيندو. جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ هن ريت آهي:

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ وَيَكُوْنَ الرَّسُوْلُ عَلَيْكُمْ شَهِيْدًا ؕ (91)

ترجمو: اهڙيءَ طرح اوهان کي ڀلي (امت) ٺولي ڪئي سون تہ ماڻهن تي شاهد هجو ۽ پيغمبر (محمّد ﷺ) اوهان تي شاهد هجي.

انسان تي حشر جي ميدان ۾ ٻي شاهدي الله سبحانہ وتعاليٰ جا مقرب ملائڪ ڏيندا جنهن جو تفصيل هن ريت آهي:

وَ جَآءَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّعَهَا سَآئِقٌ وَّ شَهِيْدٌ ﴿۲۱﴾ لَقَدْ كُنْتَ فِيْ غَفْلَةٍ مِّنْ هٰذَا فَكَشَفْنَا عَنْكَ



www.sindhsalamat.com

غِطَآءَكَ فَبَصَرُكَ الْيَوْمَ حَدِيْدٌ ﴿٢٢﴾ وَقَالَ قَرِيْنُهٗ هٰذَا مَا لَدَيَّ عَتِيْدٌ ﴿٢٣﴾ (92)

ترجمو: ۽ سڀ ڪو جيءُ ايندو جو ساڻس هڪ هڪليندڙ ۽ هڪ شاهد هوندو (چئبو تہ) بيشڪ هن ڏينهن کان بي خبريءَ ۾ هئين هاڻي توکان تنهنجو پردو کوليوسون، تنهن ڪري اڄ تنهنجي نگاهہ تکي آهي ۽ سندس ملائڪ سنگتي چوندو تہ جيڪي مون وٽ (لکيل دفتر اعمال نامون) موجود هو سوهيءُ آهي يعني ملائڪ شاهدي بہ ڏيندا ۽ اعمال نامون پيش ڪندا.

انهن ملائڪن جي باري ۾ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد مبارڪ آهي:

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ ﴿١٨﴾ (93)

ترجمو: جڏهن جو بہ لکندڙ (هڪ) سڄي پاسي کان ۽ ٻيو کٻي پاسي کان وهندڙ لکندا آهن.

ميدان حشر ۾ انسان خلاف ٽئين شاهدي زمين پاران پيش ڪئي ويندي جنهن کي قرآن ڪريم هن ريت بيان فرمايو آهي:

يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ﴿٤﴾ بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ﴿٥﴾ (94)

ترجمو: ان ڏينهن (اها زمين) پنهنجون سڀ خبرون بيان ڪندي هن ڪري جو تنهنجي پالڻهار ڏانهس حڪم ڪيو. يعني ماڻهو هن ڌرتيءَ تي جيڪا بہ ذري جيتري نيڪي ۽ برائي ڪندو اها بہ ڏسندو.

بارگاهہ الاهيءَ ۾ چوٿين شاهدي انسان جا پنهنجا عضوا سندس عملن بابت ڏيندا جنهن جي تصديق قرآن ڪريم مان هن ريت ٿئي ٿي:

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَا اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٦٥﴾ (95)

ترجمو: اڄ سندن واتن تي مهر هڻنداسون ۽ جيڪي ڪندا هئا تنهن بابت سندن هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا.

هٿن ۽ پيرن جي شاهديءَ بعد اسان کي ٻين انساني عضون جي شاهديءَ جو پتو هن ريت پوي ٿو تہ جڏهن نافرمان الله جا دشمن دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا تہ ان وقت بہ سندن ڪن، اکيون ۽ کلون هن ريت شاهدي ڏينديون:

حَتّٰٓى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢٠﴾
وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ۭ قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ (96)

ترجمو: تانجو جڏهن اهي مڙيئي ان دوزخ وٽ ايندا (تنهن مهل) سندن



www.sindhsalamat.com

ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندن ڪلون جيڪي اهي (دنيا ۾) ڪندا هئا تنهن جي مٿان شاهدي ڏينديون.

ڀٽائيءَ ﷫، انهن شاهدن جي شاهدين ڏانهن اشارو ڪندي انسان کي خبردار ڪيو آهي تہ:

ڳاڙيندين ڳوڙها جت شاهد ٿيندءِ سامهان.

## بخشش ۽ مغفرت

بخشش ۽ مغفرت جا سڀ جا سڀ خزانا الله سبحانه وتعاليٰ جي قبضي ۾ آهن ۽ اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ انسان عبادت ۽ عملن جي بنياد تي الله تعاليٰ جي بخشش جو حقدار ٿي سگهي. ڇو تہ انسان تي الله تعاليٰ جا ايترا تہ حق ۽ احسان آهن جو انهن جو حق ادا ڪرڻ ناممڪن آهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ ﷫، ان حقيقت کي صحيح طور تي سڃاتو هو ۽ وڏي واڪي اعلان ڪيائين تہ عدل ۽ انصاف سان ڇوٽڪارو ناممڪن آهي، ڇوٽڪارو جيڪڏهن ٿيو تہ اهو صرف ۽ صرف الله جل شانه جي فضل ڪرم ۽ احسان سان ئي ٿي سگهي ٿو:

جيڪين منجھ جهان، سوتاريءَ تڳي تنهنجي،
لُطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانہ،
عدل ڇٽان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.(97)

شاھ سائينءَ ﷫، جو "جيڪي منجھ جهان سوتاريءَ تڳي تنهنجي" وارو اعلان قرآن ڪريم جي هن آيت مان اخذ ڪيل لڳي ٿو:

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۡ وَهُوَعَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ ۝ (98)

ترجمو: اهو (الله) وڏيءَ برڪت وارو آهي جنهن جي هٿ ۾ (ساري ملڪ جي) بادشاهي آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

جڏهن تہ "لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمي ڪانہ" وارو اعلان هن آيت جي تشريح جو درجو رکي ٿو:



www.sindhsalamat.com

لِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمۡ رَحِيۡمًا ﴿٦٦﴾ (99)

ترجمو: تہ سندس فضل ڳوليو ڇو تہ اهو اوهان تي ٻاجهارو آهي.

شاهہ سائينءَ ﷫، رب ڪريم جي بارگاهہ ۾ عيبن جو اعتراف ڪندي ٻاجهہ لاءِ ٻاڏائڻ جو سبق هن ريت ڏئي ٿو:

اوڳــــڻ ڪــــري اَپــــار، تــــو در آيــــس داســـــڙا،
جٿن تون رسڻ سنديون روح ۾ تہ مون پيٽي ناهہ پتار
سـائينءَ لـڳ سـتار، ميـت مـدايون مُنهجيـون. (100)

هتــي ۾ هُتــي تــون، آهــين ســونهون ســاٿ جــو
اي گناهہ نہ بخشين مون، جٿن ڏٽي آهينم داسڙا. (101)

اوڳــــڻ عَيــــب مَنــــائون، ڍولا ڍڪ ســـيئي،
تــــو در اچـــي داســــڙا، آر ڪرينسدس ڪيهـــي،
الاهي عبداللطيف چئي، ڪرمديون معاف مڙيئي. (102)

اهڙي رهنمائي اسان کي قرآن ڪريم مان پڻ ملي ٿي جنهن ۾ خوف ۽ اميد رکي الله تعاليٰ کان رحمت لاءِ ٻاڏائڻ جو سبق هن ريت ملي ٿو:

وَادۡعُوۡهُ خَوۡفًا وَّطَمَعًا ؕ اِنَّ رَحۡمَتَ اللّٰهِ قَرِيۡبٌ مِّنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿٥٦﴾ (104)

ترجمو: ۽ ان الله کي ڊڄي ۽ طمع رکي سڏيو بيشڪ الله جي ٻاجهہ ڀلارن کي ويجهي آهي.

شاهہ سائينءَ ﷫، انسان جي عيبن کي لوهہ ۽ الله جي رحمت کي پارس سان تشبيهہ ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

تــون سَـبَڙَ آئُ، سـيڪڙو تــون ڏاتــار آئُ ڏوهــہ،
تون پارس آئُ لوهہ، جي سڃين تہ سون ٿيان. (104)

ساڳي وقت انسان لاءِ رب ڪريم جي پار کان قرآن ڪريم ۾ رحمت جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

كَتَبَ رَبُّكُمۡ عَلٰى نَفۡسِهِ الرَّحۡمَةَ ۙ (105)

ترجمو: اوهان جي پالڻهار پاڻ تي ٻاجهہ لازم ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com

لطيف سائينءَ ﷫، وڏڄاري ڀاران لهرن مان لطف سان لنگهڻ لاءِ هن ريت ڀاڱائي ٿو:

هــيءَ جــو ســودو ســڦرو ســو مــون ڀَلئِــ ڀــاءِ،
وَس ويچــاري ناهــ ڪــو، آڳــا عَــرض اونــاءِ،
رءَ همراهـــيءَ هـــاديءَ جـــي، مــور نـــ مِـــڙي مــاءِ،
لطـف ســاڻ لنگهــاءِ، لهــرو لهــرين وچ مــان. [106]

اسان کي قرآن مجيد مان رب سائينءَ جي لطف ۽ ڪرم جي تصديق هن ريت ملي ٿي:

اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿١٩﴾ [107]

ترجمو: الله پنهنجن ٻانهن تي مهربان آهي جنهن کي گهري تنهن کي روزي ڏيندو آهي ۽ اهو سگهارو غالب آهي.

ڀٽائيءَ ﷫، بارگاهہ خداونديءَ ۾ سندس شاهہ مطابق خطائن جي بخشش لاءِ هن ريت ڀاڱائيندو نظر اچي ٿو:

جـي مـان مـوڙهي مَـت، تـہ تـون ڀـاڻ سـڄاڻج سـپرين،
اصـــل اوائـــن جـــا، عَيـــب ڍڪـــين تـــون اُت،
اِي پرين تنهنجي پت، جئن ولهيون ڍڪـين ولها. [108]

الله سبحانه وتعاليٰ جي بارگاهہ مان بہ بخشش جي خوشخبريءَ جو اعلان هن ريت ٿئي ٿو:

اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًۢا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٥٤﴾ [109]

ترجمو: تہ اوهان مان جيڪو بي علميءَ سان ڪا بڇڙائي ڪندو وري ان کان پوءِ توبهہ ڪيائين ۽ سڌريو تہ (الله) بخشڻهار مهربان آهي.

شاهہ سائينءَ ﷫، سرڪوهياريءَ ۾ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ بخشش واريءَ آيت جو حوالو ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

مـون کـي نينـدا سـاڻ، ٻاروچا ٻاجهہ پئي الـو الـو!
لاتقنطـوا مـــن رحمتـــ الله، پـــرين چيـــو ڀـــاڻ،
ان الله يغفــر الـــذنوب جميعـــا، ســچو اي پريـــاڻ،



www.sindhsalamat.com

ڏينـــدا وٺـــا ڏکـــيءَ کـــي، الله لــڳ اُهيـــاڻ.(110)

شاهه سائينءَ ﷫، رب ڪريم پاران ٻانهن لاءِ بخشش واريءَ جنهن آيت مبارڪ جو حوالو ڏنو آهي اها هن ريت آهي:

قُلۡ يٰعِبَادِيَ الَّذِيۡنَ اَسۡرَفُوۡا عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۵۳﴾ (111)

ترجمو: (اي پيغمبر منهنجي طرفان انهن کي) چئو ته اي منهنجا اهي ٻانها جن پاڻ تي ظلم ڪيو اوهين الله جي ٻاجهه کان نااميد نه ٿيو ڇو ته الله سڀ گناهه بخشيندو آهي بيشڪ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي.

شاهه سائينءَ ﷫، اڳتي هلي الله جي فضل کان سواءِ ٻي ڪنهن واٽ جي نه هجڻ جو اعلان هن ريت فرمايو آهي:

آهـــي ايـــاڳ ان کـــي، جنـــي واٽ وڃـــائي،
رءَ فضـــل رب جـــي، مـــوران مـــاڙ نـــه ڪـــائي.(112)

جڏهن ته رب ڪريم جي پار کان سندس فضل ۽ ڪرم جو اعلان هن ريت فرمايل آهي:

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ ذُوۡ فَضۡلٍ عَلَى الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۵۱﴾ (113)

ترجمو: پر الله جهان وارن تي فضل ۽ ڀلائي ڪرڻ وارو آهي.

## جنت ۽ دوزخ

لاڪيڻو لطيف ﷫، عبادت ۽ بندگيءَ جو قائل ته ضرور آهي، ليڪن سندس عبادت جو مقصد جنت حاصل ڪرڻ ۽ جهنم کان بچڻ نه آهي. هو جيڪا به ٻانهپ ڪري ٿو سا الله جي محبت ۽ اطاعت جي جذبي سان ڪري ٿو ساڳي وقت انسانيت جي رهنمائي جو حق ادا ڪندي انسان کي الله جي اطاعت ۽ بندگي سان گڏ سندس ٻاجهه، فضل، رحم ۽ ڪرم لاءِ ٻاڏائڻ جو سبق ڏئي ٿو. اهڙو اظهار سر رامڪليءَ ۾ هن ريت فرمايو اٿس:



www.sindhsalamat.com

ڪيھـــي ڪـــام ڪـــاپڙي، ايھـــي روش رَون،
نڪـــا دل دوزَخ ڏي، نَڪـــين ڀِھشـــت گھـــرن،
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪـــا مسلماني مـن،
ايا ايئن چون، تہ پرين ڪجا هـون پـانھنجو. (114)

قرآن ڪريم ۾ بہ جنت کي الله تعاليٰ جو فضل قرار ڏنو ويو آهي جنھن کي شاهہ پرين ڪجا هون پانھنجو جي صورت ۾ بيان فرمايو آهي:
سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖ ؕ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ یُؤْتِیْهِ مَنْ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِیْمِ ﴿۲۱﴾ (115)
ترجمو: پنھنجي پالڻھار جي بخشش ۽ انھيءَ بھشت ڏانھن اڳرائي ڪريو جنھن جي ويڪرائي آسمان ۽ زمين جي ويڪرائيءَ وانگر آهي جنھن کي وٽيس تنھن کي ڏيندو آهي.
ڀٽائيءَ ﷫، هن دنيا ۾ توحيد باري تعاليٰ جي اقرار ڪندڙن لاءِ جنت جي جام پيئڻ جي خوشخبري هن ريت ڏني آهي:

وحـــده لاشـــريڪ لـــہ،اِيءُ وهـــائج ويءُ،
ڪنـين جـي هـارائيين، هنـدَ تُنھنجـو هـيءُ،
پاٽـان چونـدءِ پـيءُ، پـري جـام جنـت جـو. (116)

جنت جي جنھن جام ڏانھن شاهہ سائينءَ اشارو فرمايو آهي، ان جي باري ۾ اسان کي قرآن ڪريم مان رهنمائي هن ريت ملي ٿي تہ ان ۾ کير شراب ۽ ماکيءَ جون نھرون هونديون ۽ انھن مان جنت وارا پيئندا رهندا:
مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِیْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ؕ فِیْهَاۤ اَنْهٰرٌ مِّنْ مَّآءٍ غَیْرِ اٰسِنٍ ۚ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ لَّبَنٍ لَّمْ یَتَغَیَّرْ طَعْمُهٗ ۚ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ خَمْرٍ لَّذَّةٍ لِّلشّٰرِبِیْنَ ۚ۬ وَ اَنْهٰرٌ مِّنْ عَسَلٍ مُّصَفًّى ؕ وَ لَهُمْ فِیْهَا مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ وَ مَغْفِرَةٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ ؕ (117)
ترجمو: جنھن بھشت جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي تنھن جي وصف هيءَ آهي جو ان ۾ اهڙي پاڻي جون واهيون آهن. (جو انھن جو پاڻي) نہ سينواريو آهي، اهڙي کير جون نھرون آهن، جنھن جو مزو نہ مٽيو آهي ۽ پيئندڙن کي لذت ڏيندڙ شراب جون واهيون آهن ۽ صفا ڪيل ماکيءَ جون بہ واهيون آهن ۽ انھن لاءِ منجھس هر جنس جا ميوا ۽ سندن رب وٽان



www.sindhsalamat.com

بخشش آهي.

جنت وارن جي جام بعد گنهگارن کي بہ شاهہ نہ وساريو آهي ۽ دوزخين جي لاءِ نبي ﷺ جي شفاعت جو اميدوار آهي:

طنبـــو آڻـــي تـــار ۾، عاصـــين وٽ اڏينـــدو
داتـــا دوزخـــين کـــي، لينگهـــو لهرائينـــدو. (118)

اسان کي قرآن مان بہ نبي ڪريم ﷺ جي ذات مبارڪ متعلق اها خوشخبري ملي ٿي تہ پاڻ سڀورا تمام انسانن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليل آهن. ان ڪري سندن شفاعت دوزخين لاءِ خوشخبري جو درجو رکي ٿي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَاۗفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝۲۸ (119)

ترجمو: اي پيغمبر توکي تہ مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو سون پر گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن.

اڳتي هلي ڀٽائي ﷫، قرآني آيت جو حوالو ڏيندي اهلِ جنت جو ذڪر هن ريت فرمايو آهي:

زُمـــر، زُخـــرف، ســـومرا، مـــارو مُـــون مُهنـــدار
اولائڪ اصحاب الجنتہ، مـــاڳ ســندن موچـــار
وسقاهم ربهم شراب طهورا، پيـن پـوج پهنـوار
ويـــرو تـــار وجـــود ۾، پـــرين جـــي پچـــار
ســـباجها ســـتار مـــون کـــي مـــارن مِيـــڙيين. (120)

ڀٽائيءَ ﷫، هن بيت ۾ قرآن ڪريم جي ٻن (2) سورتن جي نالن سان گڏ جنتين متعلق ٻن آيتن مان حوالا بہ ڏنا آهن، جيڪي هن ريت آهن:

اُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ جَزَاۗءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝۱۴ (121)

ترجمو: اهي بهشتي آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن (هي) جيڪي عمل ڪندا هئا تنهن جو بدلو آهي.

شاهہ سائينءَ جنهن ٻي آيت مان حوالو آندو آهي اها بہ جنتين جي لباس، پاڪ شراب ۽ عملن متعلق هن ريت آهي:



www.sindhsalamat.com

عٰلِيَهُمْ ثِيَابُ سُنْدُسٍ خُضْرٌ وَّاِسْتَبْرَقٌ ۡ وَحُلُّوْٓا اَسَاوِرَ مِنْ فِضَّةٍ ۚ وَسَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا
طَهُوْرًا ﴿٢١﴾ اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمْ جَزَآءً وَّكَانَ سَعْيُكُمْ مَّشْكُوْرًا ﴿٢٢﴾ (122)

ترجمو: (جنتين کي) مٿانئن سنهي سائي پٽ ۽ ٿُلهي پٽ جا ڪپڙا هوندا ۽ چانديءَ جا ڪنگڻ کين پارايا ويندا ۽ سندن پالڻهار کين تمام پاڪ شراب پياريندو. بيشڪ اهو اوهان (جي عملن) جو بدلو آهي ۽ اوهانجو سعيو قبول ڪيل آهي.

## حوالا


(1) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الملڪ آيت 2 پاره 29 صفحو 678 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(2) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الجاثيہ آيت 18 پاره 25 صفحو 601 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(3) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر بروو داستان 9/4 صفحو 191 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(4) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان ½ صفحو 197 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(5) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان پهريون 2 صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(6) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الڪهف آيت 7 پاره 15 صفحو 354 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(7) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت الڪهف آيت 107_108 پاره 16 صفحو 367 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(8) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپائتي داستان 3/1 صفحو 236 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(9) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپائتي داستان 9/1 صفحو 237 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(10) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي. سورت يونس آيت 7 صفحو 252 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(11) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 18/3 صفحو 203 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(12) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر يمن داستان 6 وائي صفحو 171 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع




www.sindhsalamat.com

(13) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 26_27 پاره 27 صفحو 640 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(14) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 100/1 صفحو 264 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(15) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان پهريون17 صفحو 265 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(16) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومن آيت 39 پاره 24 صفحو 567 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(17) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 13/1 صفحو 386 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(18) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 112_113 پاره 30 صفحو 712 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(19) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانفال آيت 12_10 پاره 30 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(20) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 17_18 پاره 26 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(21) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 8/4 صفحو 483 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(22) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 5/5 صفحو 475 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(23) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البلد آيت 4 پاره 30 صفحو 720 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(24) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 6/5 صفحو 485 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(25) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 102 پاره 4 صفحو 77 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(26) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 3 وائي 1 صفحو 204 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(27) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 4 وائي صفحو 206 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع
(28) قرآن عظيم- ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت العنڪبوت آِت 57 پاره 21 صفحو 485 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(29) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 3 وائي 1 صفحو 204 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(30) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 2 وائي 1 صفحو 369 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(31) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سورٺ داستان 3 وائي 1 صفحو 410 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(32) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا داستان 7 وائي صفحو 473 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(33) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت النساءِ آيت 18 پاره 4 صفحو 98 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(34) شاهه جو رسالو جلد 8_9ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر معذور داستان 9/7 صفحو 314 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(35) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري داستان 7/7 صفحو 295 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(36) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت السجده آيت 11 پاره 21 صفحو 500 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(37) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر معذور داستان 1/4 صفحو 307 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(38) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر يمن داستان 4 وائي 1 صفحو 160 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(39) تحفه سفر_ مولانا محمد يوسف اسلام جا بنيادي عقيدا ڪلمو توحيد صفحو 15 پرل فيبرڪس ڪراچي.
(40) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 11/1 صفحو 265 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(41) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الروم آيت 55 پاره 21 صفحو 494 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(42) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 2 وائي صفحو 369 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع
(43) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 19 پاره 26 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(44) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المنافقون آيت 10 پاره 28 صفحو 670 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(45) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المنافقون آيت 10 پاره 28 صفحو 670 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع
(46) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 4 وائي 1 صفحو 206 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع



www.sindhsalamat.com

(47) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 10 وائي صفحو 387 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(48) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت عبس آيت 21_22 پاره 30 صفحو 709 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع .

(49) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 3/4 صفحو 373 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(50) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 1 بيت 18 صفحو 265 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(51) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المومنون آيت 100 پاره 18 صفحو 420 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(52) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 4 وائي 1 صفحو 207 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(53) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحج آيت 7 پاره 17 صفحو 401 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(54) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪوهياري داستان 5 وائي 2 صفحو 338 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(55) ابن ماجہ حافظ ابي عبدالله باب 3 باب الزهد حديث 4267 صفحو 392 مڪتبہ العلم لاهور

(56) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آبري داستان 9/8 صفحو 295 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(57) ابن ماجه حافظ ابي عبدالله جلد 3 حديث 4269 صفحو 393 مڪتبہ العلم لاهور.

(58) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ابراهيم آيت 27 صفحو 312 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(59) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپائتي داستان 7/1 صفحو 237 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(60) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪاپائتي داستان 7/1 صفحو 237 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(61) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحشر آيت 18 پاره 28 صفحو 660 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(62) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سهڻي داستان 11/12 صفحو 530 علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا حيدرآباد 1999ع

(63) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الممتحنه آيت 3 پاره 28 صفحو 662 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(64) شاهه جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪاپائتي داستان 9/1



www.sindhsalamat.com

صفحو 237 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(65) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ابراهيم آيت 44 پاره 13 صفحو 710 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(66) قرآن عظيم ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت عبس آيت 36/34 پاره 30 صفحو 710 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(67) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 1/4 صفحو 273 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(68) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ڪهف آيت 47_48 پاره 15 صفحو 360 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(69) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڏهر داستان 15/1 صفحو 265 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(70) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت المائده آيت 109 پاره 7 صفحو 152 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(71) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 3/4 صفحو 483 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(72) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت عبس 40_42 پاره 30 صفحو 710 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(73) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 10/4 صفحو 483 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(74) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت عبس آيت 39_37 پاره 30 صفحو 710 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(75) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرسري راڳ داستان 5/4 صفحو 205 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(76) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الرحمان آيت 7_9 پاره 27 صفحو 639 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(77) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 8 پاره 8 صفحو 183 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(78) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت آل عمران آيت 30 پاره 3 صفحو 66 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(79) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 6/4 صفحو 206 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رتنا حيدرآباد 1999ع

(80) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانبياءَ آيت 47 پاره 18 صفحو 393 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(81) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 9 بيت 3/2



www.sindhsalamat.com

صفحو 383 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(82) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت التوبہ آيت 105 پاره 11 صفحو 246 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(83) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 22/10 صفحو 385 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(84) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفرقان آيت 27 پاره 19 صفحو 436 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(85) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الفجر آيت 24 پاره 30 صفحو 720 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(86) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر راڻو داستان 2/9 صفحو 383 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(87) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 14_13 پاره 15 صفحو 341 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(88) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر مارئي داستان 1/5 صفحو 485 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(89) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحاقہ آيت 27_25 پاره 29 صفحو 686 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(90) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪلياڻ داستان ¼ صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(91) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 143 پاره 2 صفحو 28 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(92) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 21_23 پاره 26 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(93) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت ق آيت 17 پاره 26 صفحو 624 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(94) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزلزال آيت 4_5 پاره 30 صفحو 726 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(95) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت يس آيت 65 پاره 23 صفحو 535 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(96) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت حم سجده آيت 20_21 پاره 24 صفحو 576 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(97) شاھ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 1/1 صفحو 193 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(98) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الملڪ آيت 1 پاره 29



www.sindhsalamat.com

صفحو 678 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(99) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت بني اسرائيل آيت 66 پاره 15 صفحو 348 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(100) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 1/4 صفحو 393 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(101) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 4 بيت 6 صفحو 394 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(102) شاهہ جو سالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 4 وائي صفحو 395 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(103) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاعراف آيت 56 صفحو 191 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(104) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر پرڀاتي داستان 17/2 صفحو 253 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(105) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 54 پاره 8 صفحو 163 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(106) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر سري راڳ داستان 19/3 صفحو 204 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(107) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الشوريٰ آيت 19 پاره 25 صفحو 584 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(108) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ليلان داستان 10/4 صفحو 294 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(109) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الانعام آيت 54 پاره 7 صفحو 163 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(110) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪوهياري داستان 4 وائي 336 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(111) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الزمر آيت 53 پاره 44 صفحو 551 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(112) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر ڪوهياري داستان 5 وائي2 صفحو 338 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(113) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت البقره آيت 251 پاره 2 صفحو 51 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(114) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر رامڪلي داستان 14/3 صفحو 440 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(115) قرآن عظيم۔ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الحديد آيت 21 صفحو 650



www.sindhsalamat.com

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ اسلامي قدر
تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(116) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرڪلياڻ داستان ½
صفحو 133 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(117) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت محمد آيت 15 پاره 26
صفحو 611 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(118) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سربلاول داستان 3 وائي
صفحو 248 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(119) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت سبا آيت 28 پاره 22صفحو
519 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(120) شاهہ جو رسالو جلد 8_9 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سرمارئي داستان 6/10
صفحو 502 علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٽا حيدرآباد 1999ع

(121) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الاحقاف آيت 14 پاره 26
صفحو 606 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع

(122) قرآن عظيم_ ترجمو مولانا تاج محمود امروٽي، سورت الدهر آيت 21_22 پاره 29
صفحو 702 تاج ڪمپني ڪراچي 1999ع



www.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


(1) آغا تاج محمد ـ قرآن ڪريم جي انگريزي ترجمي ۾ شاهه جا بيت جلد 1 کان 5 جاويد بلاڪس ڪراچي 1986ع

(2) آغا تاج محمد ـ عڪس لطيف ـ سنڌ يونيورسٽي پريس ڄامشورو 1951ع

(3) آفتاب ابڙو ـ شاهه جي ٻولي ـ سنڌي ڪتاب گهر ڪراچي 1990ع

(4) آڏواڻي ڀيرومل مهر چند ـ لطيفي سئر، شاهه لطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1989ع

(5) آڏواڻي ڀيرومل مهر چند ـ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ـ سنڌي ادبي بورڊ 2004ع

(6) آڏواڻي ڪلياڻ ايم ـ اي شاهه جو رسالو مڪتبه برهان ڪراچي 1976ع

(7) الانا غلام علي ڊاڪٽر ـ سنڌي ٻولي جو اڀياس، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

(8) الانا غلام علي ڊاڪٽر ـ سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ٻيو ڇاپو 1983ع

(9) الانا غلام علي ڊاڪٽر ـ لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ ـ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي 1977ع

(10) الانا غلام علي ڊاڪٽر ـ ثقافتي ورثو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1999ع

(11) اميرالدين مهر ـ املهه هيرا، دعوه اڪيڊمي اسلام آباد 1991ع

(12) امير احمد مخدوم ـ تاريخ معصومي، سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

(13) بشير احمد شاد ڊاڪٽر ـ فڪرِ لطيف، تنظيم فڪر و نظر سکر 1985ع

(14) بشير احمد شاد ڊاڪٽر ـ عرفان لطيف ـ مهراڻ اڪيڊمي 1998ع

(15) بشير احمد شاد ڊاڪٽر ـ ڀٽ جو گهوٽ ـ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 1998ع

(16) بشير احمد شاد ڊاڪٽر ـ ڀلارو ڀٽ ڌڻي ـ مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 1999ع

(17) بيدل فقير قادر بخش ـ پنج گنج، شاهه لطيف مرڪز حيدرآباد 1976ع

(18) ڀنيرو عطا محمد ـ ڀٽ جو شاهه (ايڇ ٽي سورلي جي ڪتاب Shah Latif of Bhit جو سنڌي ترجمو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1992ع

(19) تنوير عباسي ڊاڪٽر ـ شاهه لطيف جي شاعري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1995ع

(20) تاج جويو ـ مرتب سُرِ پ جو مطالعو ـ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد 2002ع




www.sindhsalamat.com

(21) تاج جويو- مرتب سُر حسيني جو مطالعو- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 2004ع
(22) تاج جويو- مرتب سُر ديسي جو مطالعو ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 2005ع
(23) تاج جويو- مرتب سر حسيني جو مطالعو- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 2005ع
(24) پروين موسيٰ ميمڻ- سنڌي ادب جو جائزو ۽ لطيفيات، روشني پبليڪيشن 2004ع
(25) جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر- ڪنز اللطيف، ابراھيم پريس حيدرآباد 1961ع
(26) جوڻيجو عبدالجبار ۽ قاسم ٻگهيو- نرتي نياز سين (مقالن جو مجموعو) سنڌي ادبي بورڊ 1988ع
(27) رسول بخش ڏيرو- شرح لطيف سرڪلياڻ، مهراڻ اڪيڊمي 1976ع
(28) رسول بخش ڏيرو- شرح لطيف سر يمن ڪلياڻ، مهراڻ اڪيڊمي 1976ع
(29) رسول بخش ڏيرو- نئين شرح لطيف سُر آسا، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1994ع
(30) راشدي حسام الدين سيد- ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، انجمن تاريخ سنڌ 1981ع
(31) سڏايو غلام نبي ڊاڪٽر- شاھ جي رسالي ۾ علامت نگاري- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪزي 1992ع
(32) سنڌي حميد- سُر ڪاموڏ، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1988ع
(33) سنڌي حميد- سُر مارئي ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1990ع
(34) سنڌي حميد- سُر رامڪلي- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1993ع
(35) سنڌي حميد- سُر ڪاپائتي- ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1991ع
(36) سنڌي حميد- سُر گهاتو ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد 1987ع
(37) شاهنواز سودر ڊاڪٽر- سنڌي ثقافت ۽ شاھ لطيف، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪزي حيدرآباد 1999ع
(38) شاهنواز سودر ڊاڪٽر- اُوجاڳي اُجاريا، لطيف ساجاھ پبليڪيشن لاڙڪاڻو 1200ع
(39) ايس پي چبلاڻي ڊاڪٽر- سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ترجمو سراج) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1968ع
(40) صبغت الله ڀٽو- چونڊ حديثون، مهراڻ اڪيڊمي ڪراچي 1989ع
(41) علامہ آءِ آءِ قاضي- شاھ جو رسالو سنڌي ادبي بورڊ 1993ع
(42) علامہ آءِ آءِ قاضي- شاھ عبداللطيف دنيا جو بي مثال شاعر، مهراڻ اڪيڊمي نئون ڇاپو 1993ع
(43) عبدالمجيد ميمڻ سنڌي ڊاڪٽر- لطيف جو پيغام، مهراڻ اڪيڊمي 1989ع
(44) عبدالمجيد ميمڻ سنڌي ڊاڪٽر- سنڌي ثقافت تي اسلامي اثر، مهراڻ اڪيڊمي 1989ع
(45) عبدالمجيد ميمڻ سنڌي ڊاڪٽر- لطيفي لاٽ ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جو اڀياس، مهراڻ اڪيڊمي 1991ع



www.sindhsalamat.com

(46) عبدالمجيد ميمڻ سنڌي ڊاڪٽر_ سنڌ سياحن جي نظر ۾، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2001ع

(47) عبيدالله سنڌي مولانا_ انسان ۽ قرآن، علمي مجلس ڪراچي 1992ع

(48) عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر_ تحقيقي لغات سنڌي 1980ع

(49) عبدالحسين سانگي مير_ لطائف لطيفي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1986ع

(50) عبدالرسول قادري مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، سنڌي ادبي بورڊ 1988ع

(51) عمر بن محمد دائود پوٽو علامه_ مضمون ۽ مقالا، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1986ع

(52) غلام مصطفيٰ شاهه سيد_ املهه اڻ توريا، لطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي 1985ع

(53) غلام محمد شاهواڻي_ مثنوي رومي سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 1999ع

(54) غلام محمد لاکو سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو، مارئي سماجي سنگت ڪراچي 1997ع

(55) غلام حيدر چنا، شاهه جي دور جون سياسي سماجي ۽ معاشي حالتون، ٿيسز جو مسودو، ڪراچي يونيورسٽي 1955ع

(56) غلام عباس سريوال_ شاهه قرآن جي روشني ۾، نعيم بوڪ ڊيپو حيدرآباد 1986ع

(57) قليچ بيگ مرزا_ احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1987ع

(58) قادري اياز حسين ڊاڪٽر_ مون مطالع سپرين، شاهه لطيف ڪلچرل سينٽر 1995ع

(59) گرامي غلام محمد_ عرفان لطيف، مڪتبه لطيفي حيدرآباد 1949ع

(60) گل محمد شاهه بخاري_ درس حديث مهراڻ اڪيڊمي پهريون ڇاپو 1990ع

(61) گربخشاڻي هوتچند مولچند_ شاهه جو رسالو نيرون بڪس ڪراچي 1993ع

(62) مولانا دين محمد وفائي_ لطف اللطيف وفائي، پرنٽنگ هائوس پيو ڇاپو 1993ع

(63) مولانا دين محمد وفائي_ تذڪره مشاهير سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ 1985ع

(64) مولانا دين محمد وفائي_ شاهه جي رسالي جو مطالعو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1991ع

(65) محمد منظور نعماني مولانا_ معارف الحديث، جلد 1 کان 4 دعوه اڪيڊمي اسلام آباد 1995ع

(66) محمد اويس ندوي_ قرآني نصيحتون، ترجمو سليم الله سومرو، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2001ع

(67) محمد ادريس صديقي_ سنڌو ماٿر جي سڀيتا، سنڌي ادبي بورڊ 1997ع

(68) محمد حسين ڪاشف_ لطيفي فڪر ۽ سُرن جي ساڃاهه ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪزي 2005ع

(69) محمد معين ٺٽوي مخدوم_ رساله اويسيه، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪزي 2005ع

(70) مير علي شير قانع ٺٽوي_ تحفته الڪرام سنڌي ادبي بورڊ 1989ع

(71) مولائي رحيمداد خان شيدائي_ تاريخ تمدن سنڌ، سنڌي يونيورسٽي پريس 1959ع




www.sindhsalamat.com

(72) مولائي رحيمداد خان شِيدائي۔ جنت السنڌ. سنڌيڪا اڪيڊمي 2000ع
(73) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ شاھ جو رسالو جلد 1 ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪزي 1989ع
(74) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ شاھ جو رسالو جلد 8۔9 علامہ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد 1999ع
(75) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. زيب ادبي مرڪزي حيدرآباد 1980ع
(76) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ شاھ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اسلامي قدر ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز 1967ع
(77) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ مرتب شاھ جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار شاھ لطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪزي 1967ع
(78) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر۔ شاھ جي سوانح رسالي ۽ راڳ بابت تحقيقي مضمون، مهران اڪيڊمي 1990ع
(79) نواز علي شوق ڊاڪٽر۔ سُر ڏهر. ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز 1989ع
(80) نعيم تقوي۔ سي آيتون آهين. حيدرآباد 1974ع

## اردو کتب

(1) ابوالفدا اسماعیل بن خطیب- تفسیر ابن کثیر- کارخانہ نور محمد کراچی 1958ع
(2) ابوالکلام آزاد- ترجمان القرآن- مکتبہ تعلیمات اسلامی لاہور 1960ع
(3) ابوالاعلیٰ مودودی- تفہیم القرآن- ادارہ ترجمان القرآن- لاہور 1959ع
(4) اشرف علی تھانوی- بیان القرآن- درالاشاعت کراچی 1969ع
(5) احمد رضاخان بریلوی- کنزالایمان- ضیاءالقرآن پبلشرز لاہور 1978ع
(6) احمد رضا بریلوی (ترجمہ قرآن منظوم چند آیات) ضیاءالقرآن پبلشرز لاہور 1979ع
(7) امام محمد غزالی- کیمیائے سعادت- دارالاشاعت کراچی 1979ع
(8) ابونصر سراج طوسی- کتاب اللمع فی التصوف- ادارہ تحقیقات اسلامی اسلام آباد 1996ع
(9) امام محی الدین ابی زکریا شرف نووی- ریاض الصالحین دارالاشاعت کراچی 2002ع
(10) ابی عبداللہ محمد بن زید- سنن ابن ماجہ- مکتبہ العلم لاہور 1985ع
(11) امام محمد بن اسماعیل بخاری- تجرید بخاری دارالاشاعت کراچی 1401ع
(12) اللہ یار خان- دلائل السلوک- ادارہ تالیفات اسلامی میانوالی 1992ع
(13) اسماعیل خواجہ- تحفہ لطیف- محکمہ اطلاعات حکومت مغربی پاکستان
(14) اطہر مبارک پوری قاضی- اسلامی ہند کی عظمت رفتہ- فیس بکس لاہور 1989ع
(15) اطہر مبارک پوری قاضی- ہندوستان میں عربوں کی حکومتیں- پروگریسیو بوکس لاہور 1989ع



www.sindhsalamat.com

(16) اطہر مبارک پوری قاضی-خلافت راشدہ-اسلامک پبلشنگ لاہور 1975ع
(17) اطہر مبارک پوری قاضی-خلافت اُمویہ ہندوستان میں-اسلامک پبلشنگ لاہور 1975ع
(18) اکبر شاہ نجیب آبادی-آئینہ حقیقت نما-نفیس اکیڈمی کراچی 1980ع
(19) خالد مسعود-حیات رسول اُمی دارالنذیر لاہور 2003ع
(20) زاہد ملک-مضامین قرآن-مطبوعات حرمت اسلام آباد 2003ع
(21) زبیر احمد ڈاکٹر-عربی ادبیات مین پاک وہند کا حصہ-ادارہ ثقافت اسلامیہ لاہور 1973ع
(22) سلیمان ندوی سید-تاریخ ارض القرآان کامل دارالاشاعت کراچی 1336ھ
(23) سلیمان ندوی سید-سیرت النبیؐ جلد 7-دارالاشاعت کراچی 1985ع
(24) سلیمان ندوی سید-عرب وہند کے تعلقات-اردو اکیڈمی سندھ 1987ع
(25) سلیمان ندوی سید-خطبات مدراس-ادارہ اسلامیات کراچی 1983ع
(26) فیوض الرحمان حافظ قاری-جواہر الحدیث-ادارہ القرآن کراچی 1980ع
(27) فیصل مسعود بٹ-آئینہ قرآن-اسلامک پبلشرز لاہور 1986ع
(28) قاسم محمود سید-انسائیکوپیڈیا آف اسلام-شاہکار بوک فائونڈیشن لاہور
(29) قاضی جاوید-افکار شاہ ولی اللہ-ادارہ ثقافت پاکستان لاہور 1977ع
(30) محمد زکریا شیخ الحدیث-فضائل صدقات حصہ 1-کتب خانہ فیضی لاہور
(31) محمد عاصم الحداد-فقہ السنتہ-جلد 1 ادارہ معارف اسلامی لاہور
(32) محمد عاشق الٰہی-اصحاب صفہ-مکتبہ دارالعلوم لاہور 1466ھ
(33) محمد یوسف کاندھلوی-منتخب احادیث کتب خانہ فیضی لاہور 1970ع
(34) محمد یوسف اصلاحی-قرآنی تعلیمات جلد 1-اسلامک پبلیکشز لاہور 1986ع
(35) محمد مطیع اللہ سید-برہان پور کے سندھی اولیا-سندھی ادبی بورڈ حیدرآباد 1987ع
(36) محمد مسعود احمد ڈاکٹر-روح اسلام ادارہ مسعودیہ کراچی 1987ع
(37) محمد منظور نعمانی مولانا-تصوف کیا ہے-ادارہ اسلامیات لاہور 1981ع
(38) محمد اسحاق ڈاکٹر-علم حدیث میں پاک وہند کا حصہ، ادارہ ثقافت اسلامی لاہور 1976ع
(39) محمد سعید ڈاکٹر-تاریخ سہروردیہ انجمن سہروردیہ کراچی 2000ع
(40) مبارک علی ڈاکٹر-تاریخ سندھ مغل دور حکومت میں آگہی پبلیکیشن حیدرآباد 1985ع
(41) ممتاز مرزا-فکر لطیف-بھٹ شاہ ثقافتی مرکز حیدرآباد 1991ع
(42) میر ولی الدین ڈاکٹر-قرآن اور تصوف-سٹی بوک پوائنٹ کراچی 2000ع
(43) مظفر احمد ضیا سید-اسلامی تصوف اہل مغرب کی نظر میں، ایجوکیشنل پریس کراچی 1992ع
(44) ملک عبدالحکیم-منشور قرآن، اسلامک ریسرچ فاوءنڈیشن مظفر گڑھ 1996ع
(45) مولانا عبدالرزاق کانپوری-البرامکہ-نفیس اکیڈمی کراچی 1987ع



www.sindhsalamat.com

(46) مولانا اشرف علی تھانوی- اصول تصوف، ادارہ اسلامیات لاہور1980ع
(47) نذر محمد چودھری- احکام القرآن، شیخ غلام علی اینڈ سنز کراچی 1983ع
(48) نذیر احمد دہلوی ڈپٹی- الحقوق والفرائض، فضلی سنز کراچی1986ع
(49) نعیم الدین مولانا- تصوف اور صوفیا کرام، صفہ ٹرسٹ لاہور2004ع
(50) ولی حسن ٹونکی- تذکرہ اولیاء پاک وہند، ادارہ اسلامیات لاہور1999ع
(51) ہجویری علی بن عثمان- شرف کشف المحجوب- الفیصل ناشران کتب لاہور1999ع

## بهار لطيف، يادگار لطيف، سالگره مخزن ۽ رسالا

(1) بهار لطيف ـ غلام حسين جلباڻي، شاهه جي ڪلام ۾ تصوف ـ اطلاعات کاتو مغربي پاڪستان
(2) بهار لطيف ـ غلام محمد گرامي ـ وحدت الوجود ۽ مدارج توحيد، اطلاعات کاتو مغربي پاڪستان
(3) بهار لطيف ـ مولائي رحيمداد شيدائي ـ شاهه جي عبادت، اطلاعات کاتو مغربي پاڪستان
(4) يادگار لطيف ـ مولوي محمد نوزنگ زاده، شاهه جي ڪلام ۾ حج جو فلسفو لطيف يادگار ڪميٽي 1953ع
(5) يادگار لطيف ـ لغاري عبدالڪريم، جي تيبيت يانيا سي آيتون آهين اطلاعات کاتو مغربي پاڪستان
(6) يادگار لطيف ـ پروفيسر پير سعيد حسن، سُر مومل راڻي جو راز لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(7) يادگار لطيف ـ مخدوم امير احمد، شاهه جي ڪلام ۾ عشق، لطيف يادگار ڪائوسنل 1960ع
(8) انتخاب يادگار لطيف ـ آغا تاج محمد نمبر، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(9) انتخاب يادگار لطيف ـ آغا تاج محمد نمبر، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ شاهه عنايت ۽ شاهه لطيف، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(10) انتخاب يادگار لطيف ـ حبيب الله ڀٽو شاهه جا همعصر، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(11) يادگار لطيف ـ آغا تاج محمد نمبر ـ محمد حسين ترڪ، شاهه جي دور ۾ سنڌ جي اقتصادي حالت، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(12) يادگار لطيف ـ آغا شهاب الدين، شاهه جي وطن دوستي، لطيف يادگار ڪائوسنل 1960ع



www.sindhsalamat.com

(13) يادگار لطيف_ آغا تاج محمد نمبر _ ڊاڪٽر ابراهيم خليل، شاهه ۽ تصوف، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(14) يادگار لطيف_ آغا تاج محمد نمبر _ ڏٽي بخش صوفي، شاهه وحدت الوجود جي روشني ۾ 1960ع
(15) لطيف سالگره مخزن_ محمد سليمان شيخ، شاهه جي راه هڪ مؤحد لاءِ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1960ع
(16) يادگار لطيف_ مخدوم امير احمد_ شاهه انسانيت جو علمبردار، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ي
(17) يادگار لطيف_ آغا تاج محمد_ شاهه جي نظر ۾ خالق ۽ مخلوق، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(18) يادگار لطيف_ حافظ محمد احسن، محبوب جي طالبن لاءِ شاهه جو نظريو، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(19) يادگار لطيف_ شاهنواز عارف المولي، لطيف جو درس خودي، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(20) يادگار لطيف_ مبارڪ علي، شاهه لطيف اور نظريه عشق (حصه اردو) لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(21) لطيف سالگره مخزن_ مولوي محمد ابراهيم، شاهه جو آيتون، شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد
(22) يادگار لطيف_ ڊاڪٽر اينمري شمل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ترجمه حفيظ هوشيارپوري حصه اردو 1960ع
(23) يادگار لطيف_ شاهه مبلغ قرآن جي حيثيت ۾_ مخدوم امير احمد (259 ورسي) لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(24) شاهه جون تمثيلون_ جمال الدين مومن، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1964ع
(25) لطيف سالگره مخزن_ شاهه جو نظريه حيات، ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1967ع
(26) يادگار لطيف_ شاهه ۽ سندس حڪمت ڀريو ڪلام، محمد شفيع عمرالدين، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع
(27) يادگار لطيف_ شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي قدرن جي اهميت، عبدالرحيم ڏيٿو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪزي 1978ع
(28) يادگار لطيف_ شاهه اسلامي اقدار جو مبلغ، محمد علي حداد، لطيف يادگار ڪائونسل 1960ع



www.sindhsalamat.com

(29) يادگار لطيف ـ حبيب شاهه جي حويلي ۽ شاهه لطيف جو ننڍپڻ، ولي محمد طاهر زاده، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1968ع

(30) لطيف سالگره مخزن ـ ڳاڙهيندين ڳوڙها، مولوي رحيم بخش قمر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1969ع

(31) يادگار لطيف ـ علامه آءِ آءِ قاضي ـ شاهه جو عالمي شاعرن ۾ مقام، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1969ع

(32) لطيف سالگره مخزن ـ گل هالائي، شاهه عالم فطرت، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1969ع

(33) لطيف سالگره مخزن ـ بيگم امينه خميساڻي، شاهه جي شاعري تي هڪ نظر، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1969ع

(34) لطيف سالگره مخزن ـ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ـ شاهه جو پيغام هر دور لاءِ، 1971ع

(35) لطيف سالگره مخزن ـ فقير غلام الله ڀٽي، وحده لاشريڪ له، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1969ع

(36) لطيف سالگره مخزن ـ الهه بخش ايم نظاماڻي، شاهه جي ڪلام ۾ اخوت ۽ برادري جو پيغام، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1971ع

(37) لطيف سالگره مخزن ـ سُر سِري راڳ جو مطالعو سر سري راڳ جون تلميحون، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1973ع

(38) لطيف شالگره مخزن ـ علي بخش بلوچ، سري راڳ ۾ روحاني رمز ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1973ع

(39) لطيف سالگره مخزن ـ اي ڪي بروهي، شاهه لطيف جو پيغام، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1973ع

(40) لطيف سالگره مخزن ـ سردار علي شاهه عاصي، نياز ۽ نوڙت شاهه جر نظر ۾، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1975ع

(41) نئين زندگي ـ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو انسانِ ڪامل شاهه جي نظر ۾ مارچ حيدرآباد 1950ع

(42) نئين زندگي ـ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوو، جبر ۽ اختيار تقدير ۽ تدبير جو مسئلو شاهه جي نظر ۾، حيدرآباد مارچ 1954ع

(43) نئين زندگي ـ علامه عمر بن محمد دائود پوٽو شاهه جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو حيدرآباد سيپٽمبر 1956ع

(44) ڪلاچي ـ تحقيقي جرنل، ڪلثوم مجيد، شاهه جي نظر ۾ پورهيو شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي مارچ 1999ع



www.sindhsalamat.com

ببليوگرافي

(45) ڪلاچي- تحقيقي جرنل، خورشيد نصير سومرو، شاهه ۽ انساني حق، شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي جون 2000ع

(46) ڪلاچي- تحقيقي جرنل- ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، لطيف جي شاعري ۾ قرآني آيتن ۽ حديثن جو استعمال، شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي مارچ 2003ع

(47) مهراڻ- لطيف الله بدوي، اسلامي تصوف جي سنڌ ۾ ابتدا، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1966ع

(48) مقالا نمبر- سدا رنگاڻي خادم، شاهه جي شعر تي عربي اثر، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1974ع

(49) مهراڻ- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهه حبيب جي وفات جلد 4 سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1987ع

(50) پيغام- ميمڻ عبدالمجيد سنڌي- لطيف کان اڳ ۽ سندس زماني ۾ سنڌ جون اقتصادي ۽ سياسي حالتون، اطلاعات کاتو ڪراچي ورسو 257.

## English Books

1. Agha Muhammad Yaqoob, "The Holy Quran" Text. Translation & Tafseer Vol: No. 1 to V, Javed Blocks Pakistan Chowk, Karachi 1988.
2. Gul Raj J.P., "Sindh and Its Sufi", Sang-e-Meel Publication, Urdu Bazar, Lahore
3. Jatwani Motilal, "Shah Latif his Life and Work", University of Dehl9i, 1975
4. Jatwani Motilal, "Sufis of Sindh", Ministry of Information Govt. of Sindh.
5. Lal Wani Lilaram Watenmal, "The Life, Religion and Poetry of Shah Latif
6. Mirza Qallech Baig, "Life of Shah Latif Bhittai", Hyderabad. 1887



www.sindhsalamat.com